



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پوري زندگي
# اڻپوري جدوجهد

## آتم ڪٿا

ڀاڱو پهريون: (1995ع تائين)

عبدالخالق جوڻيجو

نئون نياپو اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پوري زندگي اڻپوري جدوجهد

## آتم ڪٿا

ڀاڱو پهريون: (1995ع تائين)


تعداد: هڪ هزار

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2016

پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
C_4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ
Ph # 021_32624153, 34690389
Cell # 0333_2311582

مُلهه: 500=



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# انتساب

**هاشم کوسو :**

مثالي سياسي ڪارڪن، بي مثال دوست

**امر جوڻيجو :**

ڪتابي انسان ۽ ڪميٽيڊ قومي ڪارڪن؛ جنهن جي-ايم-سيد جي روايتن جي پوئواري ڪندي پنهنجي دل ۽ گهر جا دروازا قومي ڪارڪنن لاءِ چوويهه ئي ڪلاڪ کليل رکيا.

**ياسين سنڌي :**

هر شيءِ ۾ سنڌ ڏسندڙ هر ڳالهه ۾ سنڌ ڳولهيندڙ ۽ مونکي سنڌيت جو سبق ڏيندڙ.

زندگيءَ جي تمام مشڪل مرحلن تي، سياسي معاملن ۾ ۽ ذاتي مسئلن ۾، انهن دوستن جهڙي طرح منهنجو ساٿ ڏنو ڪڏهن نه وساري سگهندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سنڌاءُ


- مهاڳ: "اڌوري جدوجهد جي پوري ڪهاڻي" نصير ميمڻ/7
- ليکڪ جو نوٽ: عبدالخالق جوڻيجو/20

1. ننڍپڻ ۽ پرائمري تعليم/26
2. سيڪنڊري تعليم ۽ زندگيءَ جون دلچسپيون/61
3. سياست جي سمجهه/118
4. ڄامشورو شعور ۽ اتساهه/156
5. انقلابن جو دور/235
6. جيئي سنڌ محاذ/251
7. مان، عبدالواحد آريسر ۽ الله بخش سومرو/294
8. عالمي سياست، مان ۽ ڏکي جنگ/310
9. ايم. آر. ڊي/331
10. اتحادن جو دور/346
11. مهاجر مسئلو/368
12. سنڌي ناري تحريڪ/388
13. سيد جو خطبو ۽ رياست جو تشدد/394
14. سالگرهه ۽ پاڪستان ٽوڙڻ: ڪنهن چا چيو/406
15. پارٽيءَ جي جدوجهد ۽ پارٽيءَ ۾ جدوجهد/413
16. تاريخ ساز دور جي پڇاڙي/444
17. منهنجو خاندان/448


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مهاڳ

## اڻپوري جدوجهد جي پوري ڪهاڻي

**خالق** جوڻيجي سان ڪڏهن ۽ ڪٿي ملاقات ۽ واقفيت ٿي اهو تہ ياد نہ اٿم پر يونيورسٽيءَ واري زماني ۾ قومپرست هلچل جا جيڪي نالا چڱن حوالن سان ذڪر هيٺ ايندا هئا، انهن ۾ خالق جو نالو بہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. هي اهو زمانو هو جڏهن قومپرست تحريڪ اندر شنگورا، ٻينڊڙا، ڪتابي ۽ ڏنڊائي، اقراري ۽ انڪاري ۽ ڪڙتالي گروپن جا حوالا عام هوندا هئا. شاگرد سياست ۾ ڳلا ڪولي، سينا تاڻي ۽ هٿ چنبي هلڻ وڏي سورهيائيءَ جي علامت هوندي هئي ۽ هٿيارن جي نمائش مڙس ماڻهپ جي نشاني هوندي هئي. ان دور ۾ جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻن لاءِ ڪتابي، ياڙيا ۽ حوالي جهڙا اصطلاح شاگرد ڪچهرين ۾ عام هوندا هئا. اڄ ٽي ڏهاڪا گذرڻ کان پوءِ پنيان مڙي نهاريان ٿو تہ ان دور جي مڙس ماڻهن مان ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مهانڊو بہ ميدان تي نظر نہ ٿو اچي جڏهن تہ "ڪتابي ياڙيو" خالق جوڻيجو وري بہ پنهنجي حال آهر بہ وکون کڻندي نظر اچي ٿو.

سندس آتم ڪٿا "پوري زندگي، اڻپوري جدوجهد" سنڌ جي قومپرست سياست جي تاريخ جو هڪ اهم دستاويز آهي. هونءَ تہ سٺ جي ڏهاڪي ۾ قومپرست سياست جي اوچائيءَ تي پهچندڙ ڪيترن ئي اڳواڻن آتم ڪٿائون، جيل ڊائريون، خط پٽ ۽ ٻيون لکڻيون لکيون آهن. پر جنهن انداز ۾ خالق جوڻيجي قومپرست هلچل جي اکين ڏٺي مشاهدي ۽ پنهنجي ذاتي تجربن کي سهيڙيو آهي، اهڙيون لکڻيون گهٽ نظر مان گذريون آهن. هن نهايت سادي انداز ۾ پنهنجون يادون اهڙي طرح قلمبند ڪيون آهن جو پڙهندڙ هڪ دور جي پوري سياسي تاريخ کي ڪنهن ڪهاڻيءَ جيان پڙهي وڃي ٿو. خالق ورهاڱي کان پوءِ واري سياسي لحاظ کان سنڌ جي سڀ کان زرخيز دور يعني ون يونٽ واري دور ۾ هڪ ڪارڪن طور سياسي سفر شروع ڪيو آهي. هن سنڌي قومپرستيءَ جي عروج واري ان دور ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

قومپرست سياست جي انهن قدآور شخصيتن کي رڳو ويجهي کان ڏٺو ٿي ناهي پر انهن سان هڪ جاکوڙي ورڪر جي حيثيت ۾ گڏجي سنڌ جي قومي سجاڳيءَ ۽ وجود واري ان ويڙهاند جي عملي طور حصو رهيو آهي. ان دور جي ڪاميابين، ناڪامين ۽ ڪوتاهين جو ايڏو گهرو مشاهدو ڪندڙ ماڻهن کي جيترو نئين نسل کي پنهنجي لکڻين وسيلي ڄاڻ جو ذخيرو فراهم ڪرڻ گهرجي ها، اهو نہ ٿي سگهيو آهي. پر خالق ان ٿهيءَ جي ٿورن ماڻهن مان آهي جن سياسي ورڪ سان گڏ لکڻ وارو ڪم بہ لڳاتار ڪيو آهي. اڄا بہ ٻهراڙيءَ ۾ عوامي ميڙاڪن، ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ترقي پسند خيالن وارن غير سنڌين جي گڏجاڻين ٽي وي پروگرامن ۽ اخبارن جي صفحن ۾ خالق جو نالو ۽ مهانڊو لڳاتار نظر ايندو رهي ٿو. سنڌس ڪيترا ئي همعصر جيڪي ڪنهن دور ۾ نئين نسل لاءِ اتساهہ جو ذريعو سمجهيا ويندا هئا سي ماٺ جي چادر ويڙهي ويهي رهيا آهن. هڪڙا تہ نوجوانن جي رت کي گرمائيندي گرمائيندي پنهنجو رت نيلام ڪري ويٺا تہ ٻيا ورچي نہ ويٺي، جا ورد ڪندي ڪندي پاڻ ئي اهڙا پاسيرا ٿي ويهي رهيا، جڻ ڪي هُيا ئي ڪونہ. اهي سڄڻ بہ جيڪڏهن پيو ڪجهہ نہ ڪن تہ رڳو پنهنجي دور جون سچائيون ايمانداريءَ سان قلمبند ڪري وڃن تڏهن بہ سنڌ جي اجوڪي نسل جي رهنمائي ٿي سگهي ٿي. اهو ڪيڏو نہ الميو آهي تہ ڏهاڪن تائين سنڌ واسين کي سنڌ جي قومي آجپي جون واٽون ڏسڻ لاءِ اوکا پنڌ ڪندڙ ۽ ڪٺن مرحلن واري جاکوڙ ڪندڙ نسل جي سچائيءَ پرئي پورهئي جي نتيجي ۾ قوم ڪٺي ٿي بيٺي ۽ پنهنجي سجاڳيءَ، حقن ۽ وجود جي حقيقتن کي پروڙي اڳتي وڌڻ لاءِ اٿي بيٺي تہ ان دور ۾ اهي سمورا اڳواڻ يا تہ منظر نامي تان گم ٿي ويا يا وري بي اثر بڻجي ڪنڊن ۾ ويهي رهيا. سنڌي قومپرستي هاڻي پنهنجي عملي اظهار لاءِ واٽون تلاش ڪري رهي آهي ۽ سنڌس راهن جا سونهان گم آهن. ان الميي جي پٺيان ڪهڙا فيڪٽر آهن، انهن جي ڇنڊ ڇاڻ هڪ گهڙي ريسرچ جي گهر ڇائو آهي. خالق جوڻيجو انهن ٿورن ماڻهن مان آهي جيڪو ان اڻ ڏرئي تجزئي ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. سنڌس همعصرن مان جيڪي ٿورا گهڻا ماڻهو سياسي يا علمي ادبي طور سرگرم آهن، انهن مان ڪي تہ گهمي ڦري وڃي اقتداري سياسي ڌرين جو حصو بڻيا آهن، ڪي ٿورا پنهنجي حال آهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دور ۾ رڳو هڪ پمفليٽ ڇاپڻ ۽ ورهائڻ ڪيڏو نہ وڏي جوکم وارو ڪم هو. سياسي ڪارڪن ڪيئن نہ هڪ پنو پهچائڻ لاءِ پنهنجون جانيون جوکي ۾ وجهندا هئا. ان جي ابتڙ اڄ اظهار جي آزادي ۽ خيالن جي ڦهلاءَ جا ذريعا هڪ وڏي انقلاب مان گذري چڪا آهن ۽ جاڻ جي پکيڙ تي اڳ جهڙين بندشن جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. ايترين آسانين ۽ سهولتن کي قومي هلچل ڪارائتي نموني استعمال ڪرڻ کان وانجهي آهي. جيڪا وڏي بدقسمتيءَ جي ڳالهہ آهي. سچ تہ ڪوڙن، ڦتڪن، گمشدگين، جيلن ۽ عتابن جي ان دور ۾ سنڌ جي قومپرست هلچل سنڌ ۾ جيڪا جدوجهد ڪئي، اجوڪي نسل کي مليل آزاديون ۽ ترقيءَ جا موقعا ان جو ئي ثمر آهي. اڄ ان دور جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ ڏاهن سان ڪيترن معاملن تي پلي ڪيترائي اختلاف رکان پر انهن سيني جي دل و جان سان عزت ڪريان ٿو جن اڄ اسان کي هر مسئلي تي عملي طرح ڳالهائڻ، لکڻ ۽ هن ملڪ اندر پنهنجو اپرو سپرو حصو حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي. جيڪي ماڻهو اڄ انٽرنيٽ جي دور ۾ انگريزي جا چار اکر پڙهي پنهنجي ماضيءَ جي محسنن کي حقارت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا، ان دور جي شاندار وطن دوست عوامي جدوجهد کان انڪار ڪن ٿا، جنهن جو اڄ هو پاڻ ۽ اسان ڦل ڪائي رهيا آهيون. مثال طور تازو هڪ ريسرچ ڪندي مون ڪٿي پڙهيو تہ ون يونٽ جي 15 سالن دوران سنڌ (جيڪا ان وقت اولهہ پاڪستان سان جڪڙي وئي هئي) ۾ ڪو هڪ بہ ڪمشنر سنڌي نہ ٿيو ۽ ان عرصي دوران رڳو هڪ سنڌي سيڪريٽري جي عهدي تي پهتو اهو بہ سن 1970ع ۾ جڏهن ون يونٽ پوين پساهن ۾ هو. ان دور ۾ سنڌين جي وفاقي حڪومت جي اعليٰ عهدن ۾ نمائندگي اٽي ۾ لوڻ برابر هئي. چارليس ايڇ ڪينيڊي جي پيپر Managing Ethnic Conflict: The case of Pakistan ۾ ڄاڻايل آهي تہ وفاقي حڪومت ۾ سال 1974ع ۾ آفيسر سطح جي گزيٽيڊ پوسٽن تي رڳو 3.6 سيڪڙو سنڌي مقرر ٿيل هئا. ان سنڌ کي اجوڪي سنڌ سان ڀيٽجي ٿو تہ سنڌين جي نمائندگيءَ ۾ هڪ غير معمولي ڇال آيل آهي. هن وقت سنڌ ۾ ذري گهٽ سمورا ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر ۽ سيڪريٽري سنڌي آهن. اها بہ ڳالهہ آهي تہ سنڌ سان جيڪو ناحق سنڌي حڪمرانن ۽ ڪامورن ڪيو آهي، اهڙو شايد ڌارين بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي قومپرست سياست جي وڏن نالن جي سياسي ڪردار ۽ روين بابت خيالن جو اظهار ڪندي هو ڪٿي به ڪنهن تعصب جو شڪار نظر نہ ٿو اچي جو تہ هن انهن ڪردارن جي سياسي عمل يا ڪردار تي تنقيد وقت سندن چڱاين ڪي بہ دل کولي واکاڻيو آهي ۽ بيو تہ متن ڪي سطحي ذهنيت جا ذاتي حملا ڪرڻ بجاءِ سندن سياسي ڪردار تي ئي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي اٿائين. مثال طور عبدالواحد آريسر جي ذات تي اصولي حوالي سان ڪيل تنقيد وقت خالق سندس ذات جي خوبين کي ڳڻائڻ ۾ ڪنهن بہ ڪنجوسيءَ کان ڪم نہ ورتو آهي. ساڳي طرح هن تڏهوڪي ۽ اڄوڪي دور جي وڏن قومپرست اڳواڻن بابت پنهنجو نقطئہ نظر لکڻ وقت سندن شخصيتن جي قد ڪاٺ ۽ مقبوليت کي اڳيان رکندي ڪنهن رک رکاءَ کان بہ ڪم نہ ورتو آهي ۽ سندن سياسي عملن تي ڪليل لفظن ۾ تنقيد ڪئي اٿائين.

سنڌ جي قومپرست تحريڪ سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن پاران وقت بوقت ڏنل اعترافي بيان ۽ لکڻين مان اها حقيقت هاڻي عام تي چڪي آهي تہ کهڙي طرح سنڌ جي ڪيترن وڏن قومپرست اڳواڻن سنڌ سان ويساهہ گهاتيون ڪيون ۽ مخلص ڪارڪنن جي عقيدت ۽ محبت جي لتاڙ ڪئي. انهن سيني ڪيترين ئي غلطيون ڄاڻي ٻجهي ۽ سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ ڪيون تہ ڪٿي وري پنهنجي اياڻپ ۾ ان وقت جي سمجهہ آهر سنڌ دوستيءَ ۾ بہ ڪيون هونديون. ڪارڻ ۽ نيت ڪجهہ بہ هئي پر انهن غلط عملن ۽ موقعي پرستين سنڌ جي قومي جدوجهد کي ڪاپاري ڌڪ هنيو ۽ سنڌ ۾ قومپرست تنظيمن ۽ اڳواڻن جو هڪ حوالو ڪرائيم بڻجي پيو. ڪنهن بہ سياسي هلچل، خاص طور تي قومپرست تحريڪ جي اهم ترين سگهہ عوام جو ويساهہ هوندي آهي. جڏهن اها سگهہ برقرار نہ رهي تہ پوءِ اهڙي ڪا بہ هلچل پنهنجو وجود سلامت نہ رکي سگهندي بس اهائي وارتا سنڌ جي قومپرست هلچل سان ٿي آهي. پر اها ڳالهہ بہ نظر انداز ڪرڻ نا انصافي ٿيندي تہ جتي ڪن اڳواڻن پنهنجي خسيس مفادن ۽ سياسي اياڻپ جي ڪري قومپرست هلچل جو اميج خراب ڪيو اتي ڪارڪنن جو هڪ وڏو انگ نيڪ نيت، سچو سنڌ پرست ۽ عوام جو هڏ ڏوکي هو. انهن سچار ۽ ايماندار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪارڪنن جي جدوجهد اڄ سنڌ کي ان منزل تي پهچايو آهي، جتي ملڪ جا واڳ ڌڻي سنڌين کي ڍور ڍڳو سمجهي ساڻن اڳ جهڙيون مسخريون نه ٿا ڪري سگهن.

سنڌ سان اڄ به انيڪ مسئلا آهن، پر 60_70ع ۽ 80ع جي ڏهاڪي جي پيٽ ۾ سنڌ گهڻي اڳتي وڌي چڪي آهي. جنهن سنڌ ڪارن ڏهاڪن ۾ پنهنجو وجود بچائي ورتو ان ۾ ايتري توانائي ۽ صلاحيت موجود آهي جو اچوڪي دور جي چئلينجز کي منهن ڏئي سگهي. بدترين حالتن ۾ سنڌ جي اجتماعي سياسي شعور آڻ نه مڃي آهي ۽ سنڌي عوام هر ڏکئي چئلينج واري وقت شيهي جي ديوار بڻجي سنڌ جي حفاظت ڪئي آهي. قومن جي زندگيءَ ۾ اهڙا چئلينجز ڪا غير معمولي ڳالهه ناهن. چين ۽ جاپان اڄ ڪلهه دنيا جي ٻين ۽ ٽين وڏي معيشت آهن. رڳو مني صدي اڳ تائين انهن ملڪن کي اهڙيون شرمناڪ شڪستون مليون جو انهن جا تفصيل پڙهي يقين نه ٿو اچي ته انهن پنهنجو وجود ڪيئن بچايو هوندو. مشڪلاتون ته ڇا شڪستون به قومن جي تقدير جو آخري فيصلو نه ٿيون ڪن. تنهن ڪري مون کي سنڌين جي هڪ شاندار آئينده ۾ ڪو به شڪ ناهي. تاريخ جي هڪ ادنيٰ شاگرد طور مان سمجهان ٿو ته سنڌ واسين کي ڪنهن به مايوسيءَ جو شڪار ٿيڻ جي ضرورت ناهي. ان پسمنظر ۾ سنڌ جي قومپرست جدوجهد به نوان رخ اختيار ڪندي. ممڪن آهي ته ماضيءَ جون تنظيمون، ادارا ۽ اڳواڻ گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهن. جدوجهد جا طريقا، تنظيمون، طور طريقا، نعرا ۽ حڪمت عمليون سڀ بدلجي وينداءِ بدلجڻ به گهرجن. جيڪڏهن ڪنهن جو خيال آهي ته 70ع جي ڏهاڪي وارا نعرا، جدوجهد جا طريقا، رويا ۽ حڪمت عمليون ايڪيهين صديءَ جي هن دور ۾ به نتيجا ڏيندا ته اهي بنهه ڀليل آهن.

هن وقت سنڌ جي نوجوانن جو هڪ نسل زرعي سماج واري دور مان نڪري نيم شهري، ڪاروباري ۽ نيم صنعتي دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. ممڪن آهي ته سندس آس پاس ۾ پيداواري وسيلا ۽ سرشتو جمود جو شڪار هجن پر انفرميشن سپر هاءِ وي تي هلندڙ فور جي (4_G) مواصلاتي سرشتي سان سلهاڙجڻ سبب هو ذهني طور اسان جي قومپرست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڳواٽن کان ڪيئي ڏهاڪا اڳتي نڪري ويو آهي. سوشل ميڊيا ۽ پرڏيهہ ۾ نڪرڻ جا موقعا ملڻ کان پوءِ ان جي سوچ جو ڪينواس ايترو تہ پکڙجي چڪو آهي. جو ستر جو ڏهاڪو هن لاءِ چار ڏهاڪا نہ پر هڪ صدي پٺتي رهجي ويو آهي. ملڪي توڙي غير ملڪي سياست، معيشت ۽ سماجي ڪاروهنوار بابت سندس ڄاڻ انهن تنظيمن جي اڳواٽن کان گهڻي اڳتي نڪري وئي آهي. اهو نسل سنڌ جي قومي وجود، سڃاڻپ ۽ مستقبل بابت ڪي نوان دليل ۽ جدوجهد جي نون طريقن جي تقاضا ڪري ٿو. سنڌي ٻولي جي مستقبل کي هو رڳو دڪانن جي سائن بورڊز بجاءِ ڪمپيوٽر ۽ موبائيل فون جي اسڪرين تي ڏسي ٿو. سنڌين جي نمائندگيءَ کي هو ڪوٽا سسٽم جي سرڪاري نوڪرين بجاءِ چتا پيٽيءَ واري خانگي شعبي ۾ اهليت جي آڌار تي حاصل ڪرڻ گهري ٿو. هن کي مدي خارج تعليمي نظام بجاءِ جديد دور جي تعليمي ڍانچي ۽ ادارن جي تلاش آهي. هن لاءِ سنڌ جي حقن جي منزل ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرڻ ۾ نہ پر جديد يونيورسٽيون قائم ڪرڻ ۾ آهي. هن کي شعرن، هڪلن ۽ دانهن وارين ڪوڪلين تقريرن بجاءِ ٺوس حڪمت عملين جي خواهش آهي. جيڪا سندس آئيندي جون راهون روشن ڪري. ڪيس پلاٽن تي قبضن، دڪانن تان منٿليون اوڳاڙيندڙ ۽ ڪامورن کان پتا وٺندڙ اڳواٽن کان بيزار ٿي اچي. ايڪيهين صديءَ ۾ ڄاڻ ۽ عقل بجاءِ هٿيارن ۽ دٻدٻي واري سياست کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هو جديد دور جي سفارتي لهہ وچڙ ۽ دنيا سان ڏيٺ ويٺ رکڻ بجاءِ کوهہ جو ڏيڏر بڻيل قيادتن سان ذهني هم آهنگي پيدا نہ پيو ڪري سگهي. تعلقات ۽ صلاحيتن جي اها وٿي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي.

اڄوڪي اڪثر قومپرست قيادت نئين دور جي انهن تقاضائن کي سمجهڻ ۽ انهن آهر پاڻ کي بدلائڻ لاءِ تيار ناهي تنهن ڪري اهي ادارا ۽ قيادتون وقت سان گڏ محدود دائرن ۾ بند ٿي رهيا آهن. نين حقيقتن ۽ تقاضائن سان هم آهنگ نہ ٿيڻ سنڌ جي قومپرست جدوجهد جو هڪ وڏو الميو آهي. پر جيئن تہ سماج هڪ وهندڙ درياهہ وانگر آهي تنهن ڪري اهو پاڻ نہ بدلائيندڙ فردن توڙي ادارن کي لوڙهي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجون راهون هموار ڪندو آهي. نئين دور جي نين تقاضائن جي پورائي لاءِ يا تہ پراڻن فردن ۽ ادارن کي پاڻ مٽائڻو پوندو يا سندن جاءِ نوان ادارا والاريندا. ان عرصي ۾ جيڪو وچ وارو وقت (Transition) آهي ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دوران هڪ قدرتي خال پيدا ٿيو آهي جيڪو ماڻهن کي مايوس ڪري ٿو. سماجي سائنس ٻڌائي ٿي ته اهو خال گهڻو وقت برقرار نه رهندو. سماجي تبديلي جو اهو عمل تڪليف ڏيندڙ آهي جنهن مان سنڌ گذري رهي آهي پر ان کان گهٻرائڻ نه گهرجي. ساڃاهه وند ماڻهن کي ان خال کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. جن ادارن ۽ فردن ماضيءَ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو انهن جي ڪاميابين ۽ ناڪامين مان سکندي اڄوڪي دور جي حقيقتن سان ٺهڪندڙ حڪمت عمليون جوڙڻ جي گهرج آهي. سنڌ کي هاڻي هڪ نئين انداز واري قومپرست ۽ مزاحمت جي ضرورت آهي اها مزاحمت جاڻ معيشت، ٽيڪنالاجي ۽ چٽا ڀيٽيءَ جي بنياد تي ٿيندي واپس اچون ٿا.

خالق جوڻيجي جي ڪتاب ڏانهن. ممڪن آهي ته ڪير سنڌس خيالن کي سندس سياسي طور ڊر هجڻ جي بنياد تي ٻنهه رد ڪري پر ذوالفقار علي ڀٽي جي سياسي ڪردار ۽ سندس حڪمرانيءَ واري دور بابت سندس خيالن تلخ سچاين تي ٻڌل آهن.

ڀٽو جنهن هڪ شاهاڻي زندگي گذاري هئي ان هڪ آمر طرفان مليل جيل جي سختين کي جنهن همٿ ۽ حوصلي سان برداشت ڪيو ۽ جهڙي طرح هڪ فراڊ ڪيس ۾ هڪ متعصب عدليه ذريعي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو ان سان هو سنڌين جو هيرو بڻجي ويو.

ڀٽو جيئن ته هڪ آمر سان اکين ۾ اکيون ملائي جرئت سان موت کي ڀاڪي لڳائي نه رڳو سنڌ پر ٻين قومن جي ماڻهن جو به هيرو بڻجي ويو تنهن ڪري سنڌ واسين جو ساڻس رشتو سياسي بنياد تي نه پر ذاتي عقيدت جي بنياد تي جڙيل آهي. سندس ڪردار جي پڇاڙيءَ واري اڏولتا ۽ آڻ مڃڻ بجاءِ موت قبولڻ تاريخ ۾ سندس تعارف ئي مٽائي ڇڏيو نه ته ڀٽو سياسي لحاظ کان ايترو واکاڻ جوڳو ڪردار نه هجي ها. بنگلا ديش آپريشن ۾ سندس ڪردار، اقتدار اچڻ کان پوءِ بلوچن خلاف آپريشن، ترقي پسند ۽ عوام جي چونڊيل نعپ جي حڪومت کي غير جمهوري طور ختم ڪرڻ، مذهبي جنونيت کي آئين ۾ تحفظ ڏيڻ ۽ پنهنجي سياسي مخالفن سان آمرن جهڙو انتقامي ورتاءُ ڪرڻ سميت سندس کاتي ۾ ڪيئي سياسي گناهه شامل آهن. خالق سميت جن ڀٽي کي آخري سالن جي جرئت ۽ شاناڻي موت قبولڻ کان اڳ حڪمراني ڪندي ڏٺو اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سپ پٺي جي سياسي ڪردار بابت اهڙا ئي تلخ رايا رکن ٿا جهڙا خالق جوڻيجي جي ڪتاب ۾ ملن ٿا. اسان وٽ جيئن ته تاريخ ناڪاري توڙي هاڪاري تعصب جي بنياد تي لکي ويجي ٿي، تنهن ڪري پٺي جهڙن ڪردارن بابت لکڻ وقت اسان ڪنهن هڪ انتها تي بيٺل هوندا آهيون.

خالق جوڻيجي پٺي جي ذات ۽ سياسي ڪردار جي ناڪاري پاسن کي دليلن وسيلي ثابت ڪيو آهي، اتي هن پٺي جي دور جي ڪجهه چڱاين کي وڏي حد تائين نظر انداز به ڪيو آهي. مثال طور پٺي جي دور ۾ سنڌ اندر اعليٰ تعليمي ادارن، ميڊيڪل ڪاليجن، انجنيئرنگ ۽ زرعي يونيورسٽين کلڻ سبب ٻهراڙين جي نوجوانن کي اڳتي نڪرڻ جو موقعو مليو. ساڳي طرح رخمان گل واري شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي ڪوٽا کي 1973ع جي آئين وسيلي ڪنهن حد تائين تحفظ ڏيارڻ سان سنڌ جي ٻهراڙين جي پٺتي پيل علائقن کي ترقي جي راهه ۾ پير رکڻ جو موقعو مليو. ون يونٽ جي دور ۾ اهم انتظامي عهدن تي سنڌي ڳوليندي نه ليندا هئا. اتي ڪوٽا سسٽم جي نتيجي ۾ وقت سان گڏ اهم سرڪاري عهدن تي سنڌين جي پهچ ممڪن ٿي سگهي ۽ هينئر گهٽ ۾ گهٽ سنڌ اندر اهم انتظامي عهدن تي سنڌي ڪامورا مقرر ٿيندا رهن ٿا. اها الڳ ڳالهه آهي ته انهن مان ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڇڏي باقي ٻين سنڌ جو رت پيتو آهي. پر گهٽ ۾ گهٽ 70ع جي ڏهاڪي واري صورتحال ناهي جتي سنڌي رڳو هيٺين سطح جي ڪلارڪي ۽ پٽيواليءَ تي مس پهچندا هئا. اهڙي طرح پٺي سنڌي سماج جي سينواريل تلاءَ ۾ تبديليءَ جا پهريان پٿر ضرور اڇليا هئا جنهن کي مڃڻ گهرجي. باقي پٺي جي شخصيت بابت جيڪا انڌي عقيدت واري بي انتها آهي، ان کي خالق حوالن ۽ مثالن سان وائکو ڪيو آهي. پٺي وٽ 1971ع کان پوءِ هڪ نئون ۽ مختلف پاڪستان قائم ڪرڻ جو شاندار موقعو هو. ان وقت اسٽيبلشمينٽ جو تڪبر چيهون چيهون ٿي چڪو هو ۽ پاءُ صديءَ جي تجربن مان سکندي پٺو هڪ اهڙو ملڪ اڏي پئي سگهيو جنهن ۾ عوام سچي معنيٰ ۾ طاقت جو سر چشمو هجي ها. بد قسمتيءَ سان پٺي عوام ۽ جمهوريت کي سگهارو ڪرڻ بجاءِ هڪ شڪست خورده اسٽيبلشمنٽ کي نئون جيئدان ڏئي تاريخ جو هڪ شاندار موقعو وڃائي ڇڏيو. پٺو 1970ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ عوامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ليگ کي جمهوري طور ملڪل اڪثريت جو احترام ڪندي حڪومت بنگالين کي ڏيڻ تي راضي ٿئي ها تہ هن ملڪ جي تاريخ ئي مختلف هجي ها. اڄ پنجاب جي اسٽيبلشمنٽ ملڪ مٿان جنهن قسم جو قبضي قائم ڪري ويٺي آهي، اهو شايد ممڪن نہ هجي ها. پڻ جمهوريتن جي سمورن قدرن جي لتاڙ ڪندي بنگلاديش ۾ آپريشن جي حمايت ڪئي ۽ اسٽيبلشمينٽ جو ساٿاري بڻيو. وري جڏهن ملڪ ٻہ اڌ ٿي ويو تہ باقي بچيل ملڪ ۾ جمهوري قدرن کي سگهارو ڪرڻ بجاءِ هن جمهوري طور چونڊيل نعپ جي حڪومت کي ختم ڪري ملڪ اندر ترقي پسند ۽ اسٽيبلشمنٽ مخالف ڌرين کي چيڀاٽي انهن قوتن کي سگهارو ڪيو جن پنهنجي پيرن تي بيهڻ کان پوءِ پڻ جي پيرن هيٺان تختو ڇڪي ورتو. جيڪڏهن پڻو ٻنهي موقعن مان ڪنهن هڪ کي ڏاهپ سان استعمال ڪري ها تہ ملڪ جو مستقبل گهڻو مختلف هجي ها.

خالق جي هڪ ٻي خوبي اها آهي تہ هو رڳو مقامي اخبارن ۽ رسالن تائين محدود ناهي پر هو بين الاقوامي سياست جي ڄاڻ جي ذريعن تي بہ نظر رکي ٿو. بي بي سي جي خبرن ۽ ڊان اخبار جي پراڻي پڙهندڙ جو ذڪر سندس ڪتاب ۾ موجود آهي. پر ان کان سواءِ هو انگريزي ڪتابن ۽ رسالن جو بہ لڳاتار مطالعو ڪندو رهي ٿو. سنڌ جي سياسي اڳواڻن ۾ اڄ ڪلهہ مطالعي جو لاڙو زوال جو شڪار آهي. اڳوڻا سياسي اڳواڻ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي معاملي ۾ گهڻا اڳيرا هئا. سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، ذوالفقار علي ڀٽو تہ ڀرين جوڙ جي سياسي اڳواڻن مان هئا، جيڪي مطالعي جي ميدان ۾ تمام گهڻا اڳيرا هئا. پر ٻيا بہ ڪيترائي سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن ڏيهہ ۽ پرڏيهہ ۾ ڇپجندڙ انگريزي ڪتابن جو مطالعو ڪندا رهن ٿا. اهڙا نالا ڪيترا ٻيا بہ هوندا جن کان مان اڻواقف آهيان، البتہ خالق جوڻيجي ۽ امان الله شيخ کي معياري انگريزي ڪتابن جو مطالعو ڪندي ڏسندو آهيان. سچ تہ هن وقت بين الاقوامي سياست، معيشت، ٽيڪنالاجي سميت سمورن اهم موضوعن تي انگريزيءَ ۾ هڪ کان هڪ وڌيڪ شاهڪار ڪتاب ڇپجن ٿا. ان اعليٰ معيار جي ڪتابن کان سواءِ انٽرنيٽ تي ايترو تہ ذخيرو موجود آهي. جو چويهہ ڪلاڪ ويهي پڙهجي تڏهن بہ پورو نہ پئجي سگهجي. پاڪستان ٽوڙي جڳ جهان بابت ڄاڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ان اونهي ۾ ڪشادي جهان ڪان اسان جا اڪثر سياسي اڳواڻ، ڪارڪن، صحافي ۾ ليکڪ اڻ چاڻ آهن. ان جا ڪارڻ ڪيئي آهن. چاڻ جي اڄ نہ هجڻ، ڪتابن جو مهانگو هجڻ، انگريزي ٻوليءَ جي رنڊڪ ۾ ان ڪان وڌيڪ ٽي وي چئليلز ۾ سوشل ميڊيا يا واري چسڪي ۾ وقت وڃائڻ ان رويي جا بنيادي ڪارڻ آهن. 60_70 ع واري ڏهاڪي ۾ سياسي اڳواڻ عالمي انقلاب ۾ قومي آزادي/ خود مختياريءَ جي هلندڙ جدوجهدن بابت مواد کي پڙهندا ۾ ترجمن وسيلي ڪارڪنن تائين پهچائيندا هئا. ڪجھ تنظيمون ڪارڪنن کي سکيا لاءِ باقاعدي ڪلاس بہ هلائينديون هيون. انهن ۾ جيئي سنڌ محاذ، عوامي تحريڪ ۾ ڪميونسٽ پارٽي اڳيريون هيون. نظرياتي اختلاف هڪ پاسي پر جماعت اسلامي وارا بہ ڪارڪنن کي پنهنجي نظرئيي وارو مواد جام پڙهائيندا هئا. وقت گذرڻ سان جيئن جيئن قومي تنظيمن جي قيادت پڙهڻ وارو ڪم ڇڏي ڏنو تہ سياسي پارٽين اندر پڙهڻ لکڻ وارو ڪم بہ ڪمزور ٿي ويو. چاڻ کي طلاق ڏيڻ سان سياسي ڪارڪنن جي بنيادي نظرياتي تعليم وارو ڪم ختم ٿي ويو ۾ تنظيمن اندر صحتمند تنقيد وارو ڪلچر بہ ختم ٿي ويو. نظرياتي ڏيوالپڻي جو نتيجو آهي جو هاڻي سياسي ڪارڪن ايڏا تہ ڪنفيوزڊ آهن جو هڪ ئي وقت ترقي پسندءَ جون ڳالهيون بہ ڪن ٿا تہ مذهبي ۾ فرقيوار ڌرين جي پروگرامن ۾ بہ شريڪ ٿين ٿا. سياست مان ساڃي ۾ ڪابي ڌر وارو نظرياتي سنڌو بہ ميسارجي ويو آهي تہ ڪارڪن پنهنجي سياسي بنيادن ڪان بہ ٽٽي ويا آهن. اهي ڪارڪن هڪ ئي وقت پاڪستان جي وجود جي مخالفت بہ ڪن ٿا تہ وري عام چونڊن ۾ وڏيرن جي ورڪ بہ ڪندا ٿا وتن. اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي نظرياتي مونجهارا آهن. جيڪي قومپرست سياست کي ڳڙڪائي رهيا آهن. ٻيو تہ ان رويي جي ڪري پڙهيل لکيل نوجوان انهن سياسي تنظيمن ڪان پاسيرا ٿيڻ لڳا آهن. ان نتيجي ۾ سماج اندر هڪ سياسي خال پيدا ٿي رهيو آهي جيڪو پرڻ ۾ سياسي قيادتون ناڪام ٿي رهيون آهن.

ان تلخ حقيقت جي باوجود هڪ حقيقت نهايت همٿائيندڙ بہ آهي تہ جڏهن سنڌ جي اجتماعي مفادن خلاف ڪابہ اڳيرائي ٿئي ٿي تہ سنڌي مڙي مٺ ٿي پون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ووٽن جي لحاظ ڪان سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي مقبول ترين پارٽي جڏهن ٻئو مڪاني نظام متعارف ڪرايو ته سنڌ
ڪين اهڙو ڪارو قانون واپس وٺڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ساڳي طرح سنڌ
اندر وڌندڙ مذهبي انتها پسندي، ڌاري آبادڪاري، سنڌوءَ تي ڊيم ٺاهڻ
جهڙن معاملن تي سنڌ اڄ به هڪ آواز تي بيٺي آهي. قومپرستن ڪي يونين
ڪائونسل جي سيٽ نه کٽي سگهڻ جا مهڻا ڏيندڙ ڌريون سنڌ جي
قومپرست هلچل جي ان غير معمولي ڪاميابيءَ کان انڪار نه ٿا ڪري
سگهن. قومپرست تحريڪ ۾ کٽي ڪيترين به ڪمزورين ۽ خرابيون
هيون پر ان هلچل سنڌ جي قومي سڃاڻپ ۽ اجتماعي حقن واري سوال تي
سنڌ اندر ايڏي ته غير معمولي ٻڌي پيدا ڪري ڇڏي آهي جو قومپرست
تنظيمن جي ڪمزور ٿيڻ جي باوجود انهن سوالن تي سنڌ سمورا ويڇا
وساري هڪ تي بيٺي آهي. خود پارلياماني سياست ڪندڙ ڌريون به انهن
بنيادي سوالن تي قومپرستن جي ڏنل لائين کان هٽي سياست نه ٿيون
ڪري سگهن. خالق جوڻيجي جو ڪتاب انهن سمورين ڪاميابين ۽
ناڪامين جي تاريخ جو مختصر پر نهايت ڪارائتو جائزو مهيا ڪري ٿو.
ڪير سندس خيالن سان اتفاق ڪري يا اختلاف پر خالق هڪ سياسي
ڪارڪن جي حيثيت ۾ تاريخ جي هڪ دور کي پنهنجي قلم وسيلي
محفوظ ڪري ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جو نهايت ڪارائتو ڪم ڪيو
آهي. مون کي اميد آهي ته خالق جو هي ڪتاب سندس ٻين همعصر
سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي به پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا قلمبند ڪرڻ
لاءِ اتساهيندو ته ساڳي وقت اڄوڪي ۽ ايندڙ دور جي سياسي ڪارڪنن
۽ ساڃاهه وندن کي سنڌ جي تاريخ جو تجزيو ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثابت
ٿيندو. سندس ڪتاب وسيلي سنڌ جي ڪالهه ڪي پرکي ان جي اڄ ۽
سڀاڻي کي بهتر رخ ڏيڻ جي جاکوڙ ۾ ملهائتي واهر ملندي.

**نصير ميمڻ**

اسلام آباد
13 آڪٽوبر 2016



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ليکڪ جو نوٽ

**اڳي** آتم ڪٿا ڪو ڪو ماڻهون لکندو هئو۔ اهو جنهن زندگيءَ ۾ ڪونہ ڪو غير معمولي ۽ غير روايتي ڪم ڪيو هوندو هئو. اهڙي آتم ڪٿا جڏهن ڇپجي ايندي هئي تہ اها هڪڙي خبر هوندي هئي ۽ مطالعي جا شوقين هڪ ٻئي سان ان جو ۽ ان ۾ ڇپيل مواد جو ذڪر ڪندا رهندا هئا. ويجهي ماضيءَ ۾ خاص ڪري سنڌ ۾، آتم ڪٿا لکڻ هڪ معمول جو معاملو بڻجي ويو آهي ۽ هر ڪو ماڻهون لکي ٿو ۽ ڇپرائي ٿو (ٿي سگهي ٿو ان جا ڪي فائدا بہ هجن). نتيجي طور هاڻي آتم ڪٿا ڇپجڻ خبر نہ رهي آهي ۽ نہ ئي انهن بابت ڪو گهڻو ذڪر ٿئي ٿو.

منهنجي فطرت ڪجھ اهڙي آهي تہ جيڪا ڳالھ رسمي ۽ روايتي حيثيت اختيار ڪري وڃي ۽ معمول جو معاملو بڻجي وڃي ان کان الڳ رهڻ چاهيندو آهيان. اردو وانگر تہ ڇهوڙديتي هين جو رستہ عام هو جائي. ٻئي طرف وري مان پاڻ کي ڪو غير معمولي ماڻهون بہ ڪونہ سمجهندو آهيان. ان ڪري آتم ڪٿا لکڻ جو بہ ڪو خاص خيال ڪونہ هئو. ڪجھ دوست يار چوندا رهيا تہ "سيکو پنهنجي زندگيءَ جو احوال لکي ٿو تون بہ پنهنجي زندگي قلمبند ڪر." منهنجو جواب هوندو هئو تہ "پاڻ ڪو وڏو ڪارنامو تہ سرانجام ڏنو ڪونهي تہ پوءِ ڇا لکون." منهنجو پيارو دوست ۽ ويجهو ساٿي هاشم کوسو چوندو آهي تہ "اسان دليل جي آڌو ياڙي آهيون." آتم ڪٿا لکڻ جي حوالي سان منهنجي آڏو بہ هڪڙو دليل آيو. ڪجھ دوستن چيو تہ "ذري گهٽ اڌ صدي سنڌ جي قومي جدوجهد سان وابستہ رهيو آهين. وهيو واپريو ڏنو وائنو لکندين تہ تاريخي رڪارڊ درست ٿي ويندو." اهو دليل مونکي "ياڙي" ڪرڻ لاءِ ڪافي هئو.

منهنجي ذات جي ڪيترين خامين ڪوتاهين مان هڪڙي اها بہ آهي تہ مان "Slow Mover" آهيان. پنهنجي سوچ کي حتمي حد تائين پهچائڻ ۽ ان کي عملي شڪل ڏيڻ ۾ ڪجھ وقت وٺندو آهيان. بهرحال ان طريقي جا مونکي زندگيءَ ۾ فائدا بہ ٿيا آهن تہ نقصان بہ. پر پوءِ هر ڳالھ هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شيءِ کي بہ پاسا هوندا آهن. سو دوستن جي دليل کي وزن ڏيندي، هلندي گهمندي مان قلم ڪاغذ کڻڻ بابت سوچيندو رهيس. سوچ کي عمل ۾ بدلائڻ خاطر منهنجي سستيءَ تي فيصلائتو وار امريڪا ۾ رهندڙ اسانجي نوجوان دوست ۽ ساٿي فرحان سومري ڪيو. نومبر 2013 ۾ هو سنڌ آيو تہ اسانجي گهر ۾ بہ ترسيو. ڪچهري ڪندي چيائين تہ "هاڻي توهان بہ لکڻ شروع ڪيو." ۽ پوءِ مون پڪو پهہ ڪيو تہ پهرين جنوريءَ کان لازمي لکڻ شروع ڪندس. سال 2014 جي شروع ٿيڻ سان مون شروعات تہ ڪئي پر ٻارهن مهينن ۾ چوويهہ کن صفحا لکي سگهيس. ان ۾ رڳو منهنجي سستي ڪارڻ نہ سمجهي وڃي. ان ۾ وري هڪ ٻئي دليل جو بہ دخل هئو. سينئر ساٿي ياسين جوڻيجو چوندو آهي تہ "لکڻ بہ چڱو ڪم آهي پر تون بنيادي طور سياسي ڪارڪن آهين. تنهنڪري اهميت ۽ اوليت ان ڪم کي ملڻ گهرجي."

اهڙي طرح ڪجهہ ذاتي سستي، ڪجهہ اجتماعي سياسي ڪم جي مصروفيت جي ڪري آتم ڪٿا لکڻ وارو ڪم هوريان ڏاڍيان هلندو رهيو. 2016 ايندي مون پنهنجو پاڻ کي چيو تہ "هن سال جي اندر ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچڻ کپي". ۽ پوءِ نئون نياپو جي جاکوڙي جوان سنڌي انعام جي مدد سان 2016 ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪاغذ ڪتاب جي شڪل اختيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

آتم ڪٿائون، سفرناما، جيل ڊائريون يا ان قسم جون ٻيون لکڻيون گهڻو ڪري ٻن قسمن جون هونديون آهن. هڪڙي اهي جيڪي ليکڪ جي ذات جي چوڌاري ڦرنديون آهن. ليکڪ پنهنجي تعريف پاڻ ڪندو/ ڪندي آهي ۽ پڙهندڙ کي پنهنجي شخصيت ۽ ڪارنامن سان متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو/ڪندي آهي. ان جو سنڌيءَ ۾ بهترين مثال شيخ اياز جون لکڻيون آهن جيڪي "مان" کان شروع ٿينديون آهن ۽ "مان" تي ختم ٿينديون آهن. ٻيون لکڻيون اهي هونديون آهن جن ۾ ليکڪ پنهنجي وقت جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي اپٽار ڪندو/ ڪندي آهي ۽ پنهنجي چوڌاري ٿيندڙ چرپر، جنم وٺندڙ واقعن ۽ انهن جي ڪارڻن ۽ پاڻ ڪانسواءِ ٻين سماج جي متحرڪ ڪردارن کان پڙهندڙن کي باخبر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو/ ڪندي آهي. مختصر ۾ اها پنهنجي وقت جي ۽ پنهنجي خطي جي تاريخ هوندي آهي. سنڌ ۾ ان ڏس ۾ سائين جي. ايم. سيد جي قلم اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. ان کان علاوه اسانجي آسپاس ۾ جواهر لال نهرو شورش ڪاشميري ۽ ٻين جون آتم ڪٿائون بہ اسانجي علم ۽ معلومات ۾ واڌارو ڪرڻ جا وسيلا آهن. مون بہ انهن ماڻهن کان متاثر ٿي لکڻ شروع ڪيو تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري آتم ڪٿا ۾ بہ انهن وارو طريقو اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ان ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان ان جو فيصلو تہ پڙهندڙئي ڪندا.

زندگيءَ جي ڪنهن بہ شعبي ۾، ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ۽ ڪنهن بہ ڪم ۾ توازن (Balance) رکڻ ڏکيو ڪم هوندو آهي. اها ڏکيائي ڪيترا دفعا وڌيڪ ٿيو وڃي جڏهن معاملو هڪ ئي وقت ذاتي ۽ اجتماعي (Personal and Public) تعلقات جي تقاضائن کي نڀائڻ جو هجي. سنڌ جي قومي تحريڪ جي حوالي سان سائين جي ايم سيد جي گهر کان پوءِ ٻئي نمبر تي منهنجو گهر سرگرمين جو مرڪز رهيو آهي. خاص ڪري 1975_95 واري دور ۾ هڪ اڌ کي ڇڏي تحريڪ جا لڳ ڀڳ سڀئي مکيہ ۽ متحرڪ ماڻهون مون وٽ ايندا رهيا آهن (ٻيا روشن خيال ۽ ترقي پسند سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن، اديب، دانشور، صحافي، هاري ۽ مزدور اڳواڻ ان کان علاوه آهن). انهن مان ڪي ڏينهن، ڪي رات، ڪي هفتا ۽ ڪي تہ مهينا بہ ترسيا. اهي سلسلا ڪجهہ سالن کان وٺي ڪيترن سالن تائين محيط رهيا. سياسي ۽ اجتماعي ڪم ۾ گڏ هلندي هلندي ڪيترن سان ويجها ذاتي واسطا بہ قائم ٿي ويا. جڏهن آتم ڪٿا جي حوالي سان انهن جو ذڪر آيو تہ ذاتي تعلق ۽ اجتماعي ذميواريءَ وچ ۾ توازن رکڻ جو مشڪل مامرو آڏو آيو. اخلاقي قدرن ۽ سياسي/ قومي مفادن جي تقاضائن سان نڀائڻ جو ڏکيو چئلينج سامهون آيو. هر انسان جي ڪردار ۾ سٺا ۽ ڪسا، مثبت ۽ منفي پاسا هوندا آهن ۽ هر فرد جي شخصيت ۾ ڪميون ۽ ڪوتاهيون هونديون آهن. جيترو گهڻو هڪ ٻئي کي ويجهو رهبو آهي اوترو وڌيڪ هڪ ٻئي جي شخصيت جي خبر پوندي آهي.

جڏهن هي پنا لکندي انهن دوستن جو ذڪر آيو تہ منهنجي لاءِ مشڪل اها هئي تہ جيڪڏهن ويجهو رهڻ جي ڪري حاصل ٿيل معلومات جي بنياد تي ڪنهن دوست جي ذاتي رجحانن ۽ خامين خوبين جي اپٽار ٿي وڃي تہ اها اخلاقي قدرن جي لتاڙ هوندي پر جيڪڏهن ذاتي ناتا نڀائڻ جي ڪوشش ۾ اجتماعي طور سنڌ جي قومي مفادن ۽ سماج جي ڀلائيءَ سان واسطو رکندڙ معاملن جي پرده پوشي ڪجي تہ اها وري قومي فرض ۾ ڪوتاهي ۽ سياسي موقعي پرستي ٿيندي. مون پنهنجي صلاحيتن آڏار ۽ وِت وَس آهر انهن ٻنهي معيارن ۾ توازن رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻنهي جي وچ ۾ موجود سنهي لڪير جو لحاظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. پر پوءِ بہ جيڪڏهن ڪٿي ان لڪير تي پير اچي ويڻ ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهن دوست جي دل آزاري ٿئي ته اڳواٽ معافي. هونءَ مون ڪوشش پوري ڪئي آهي ته رڳو انهن ڳالهين جو ذڪر ڪريان جن جي مونکان علاوه ٻين کي به خبر هجي ۽ اهڙا واقعا بيان ڪريان جن جا مونکان علاوه به ڪيترا شاهد هجن.

منهنجي پنهنجي هڪڙي ئي خامي اها آهي ته ڳالهيون، واقعا ۽ تاريخون لکندو گهٽ آهيان. ڊائري ته بلڪل به گهٽ لکندو آهيان. جيڪي ڪجھ لکيم يا لکيل گڏ ڪيم اهو به ترتيب سان ۽ هر وقت تيار ڪونه ملندو. ان ڪري زندگيءَ جو هي حوال لکندي گهڻو ڪري يادگيريءَ تي ڀاڙيو اٿم. ڪجھ سياسي ڪم جي مصروفيت ۽ ڪجھ ذاتي معاملن جي ڪري به لکيل مواد تائين پهچ ۾ ڏکيائي ٿي آهي. پر پوءِ به اهو ته ٿي سگهي ٿو ته ڪي ڪم جون ۽ ضروري ڳالهيون رهجي ويون هجن پر ان جو امڪان بلڪل گهٽ آهي ته ڪي واقعاتي طور غلط ڳالهيون لکجي ويون هجن. جن ڳالهين، واقعن، تاريخن يا ماڻهن جي نالن بابت پڪ نه هئي ته مون ان وقت جي لاڳاپيل دوستن کان انهن جي تصديق يا رهيل معلومات خاطر مدد ورتي. سڀ کان وڌيڪ جنهن دوست کي مون تڪليف ڏني اهو سنڌ جو مشهور ليکڪ ۽ ڪنهن وقت جو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو جنرل سيڪريٽري مدد علي سنڌي آهي. ٻين جن دوستن ۽ ساٿين منهنجي يادگيرين کي پڪو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي انهن ۾ علي نواز ٻٽ، هاشم کوسو خان محمد پيو سرور سهتو تاج جويو امر جوڻيجو آصف بالادي، عاجز منگي، انور ميمڻ، علي مستوئي، ياسين سنڌي، امداد چاچڙ، عطاءُ الله انڙ، برڪت جتوئي، اياز هڪڙو آزاد سمون، مهرو مل ۽ ٻيا شامل آهن. انهن سڀني جي مهرباني- ان کان علاوه مان پنهنجي ماسي شهزاديءَ جو به ٿورائتو آهيان جنهن مونکي پنهنجي وڏن جي تاريخ کان واقف ڪرايو. باقي ”نئون نياپو“ جي سنڌي انعام جا ته جيترا به ٿورا مڃجن اهي ٿورا ٿيندا.

**عبدالخالق جوڻيجو**

آڪٽوبر 2016



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

# پوري زندگي

# اڻپوري جدوجهد

## آتم ڪٿا

---

ڀاڱو پهريون: (1995ع تائين)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ننڍپڻ ۽ پرائمري تعليم

**انساني** سماج جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ انساني تهذيبن درياهن جي ڪناري تي جنم ورتو آهي. ميسوپوٽيما (عراق) جي تهذيب دجلہ ۽ فرات ڪناري، مصري تهذيب نيل ڪناري، چيني تهذيب ييلو نديءَ ڪناري ۽ سنڌي تهذيب سنڌو درياهہ جي ڪنارن تي پرورش حاصل ڪئي. تاريخ اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ دنيا جي انهن چئن قديم ترين تهذيبن مان هڪ سنڌي تهذيب جي علامت ۽ ان جو مرڪز موهن جو دڙو دنيا جو سڀ کان پهريون ترقي يافتہ شهر آهي. (اها بہ ڪيڏي وقت جي ستم ظريفي چئبي يا تاريخ جي ناانصافي يا وري اسان جي نااهلي تہ ان ايڏي شاندار ۽ ترقي يافتہ شهري تهذيب جي وارثن جي سڃاڻپ "ٻهراڙي" واري بڻجي ويئي آهي).

موهن جي دڙي جهڙي شاندار شهر جي سرجيندڙ سنڌوندي‌ءَ جي ڪناري تي ڪيترين صديون پوءِ "واهڻ" نالي هڪ ڳوٺ وجود ورتو. هاڻوڪي لاڙڪاڻي ضلعي جي ان وقت جي لب درياهہ (هاڻوڪي ڏوڪري) تعلقي جي ديهہ سوئي جي ان ڳوٺ ۾ جوڻيجا ذات جا ماڻهو بہ چڱي تعداد ۾ رهندا هئا. درياهہ جي لب (ڪپ) تي هجڻ ڪري ۽ سوئي پتڻ جي لڳ هجڻ سبب هي ڳوٺ ڪافي متحرڪ ۽ ترقي ڪندڙ هو. هندو ۽ مسلمان، ٻنهي مذهبن جا مڃيندڙ هن ڳوٺ ۾ رهندا هئا ۽ وڏي تعداد ۾ هندو واپارين ۽ دڪاندارن جو هجڻ ئي هن ڳوٺ جي شهر وارو ڏيک ڏيڻ جو مکيہ ڪارڻ هو.

جوڻيجا ذات جي هڪ خاندان جو سربراهہ محمد پريل نالي هڪ شخص هو. ان جا ٽي پُٽ هئا. آخوند محمد اسماعيل، خداداد ۽ فقير محمد ـ محمد اسماعيل مولوي هو جڏهن تہ باقي ٻئي پائر مزدوري ڪندڙ هئا. اڻويهين صديءَ جا آخري سال واهڻ جا بہ آخري سال ثابت ٿيا. 1895ع ڌاري سنڌوءَ جي مستي وڌي ويئي ۽ هن شهر نما ڳوٺ کي پائڻ لڳو. تڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اتي جي رهاڪن هڪ ٻئي کان ۽ پراڻن ڪکن کان ڏڪندي موڪلايو.
محمد پريل جوڻيجي جو خاندان اتان لڏي پاسي ۾ ٺئي ڳوٺ گهلپور ۾ اچي رهيو پر ٿوري ئي وقت ۾ مختلف سببن ڪري انهن اتان به ٽپڙ کنيا ۽ ٽي، چار ڪلوميٽر اتر اولهه طرف "دڙي" تي اچي لڏو لاٿائون.
دڙو ننڍڙي ڳوٺ جو نالو به هو ۽ طبعي طور به اهو دڙو هو. شايد طبعي طور دڙو يعني مٿانهون هجڻ ڪري ئي ڳوٺ تي به اهو نالو پيو هجي. جوڻيجن جي اتي اچڻ کان اڳ ۾ ڪاندڙا ذات جا ماڻهون اتي رهندا هئا. اُهي ڪٿان ۽ ڪڏهن آيا، ان جي ڪا خاص خبر ڪانهي. ڪجهه زباني حال احوال مان اندازو ٿيندو آهي ته ڪاندڙا به ٿورو ئي وقت اڳ ۾ اتي آيل هئا البته ڳوٺ جي اوبر ۾ به مُقام آهن جيڪي تمام گهڻو پراڻا لڳندا آهن. قبرن تي لڳل سِرن جي بناوت، رنگ، ڪاريگري ۽ مضبوطي ٻڌائي ٿي ته انهن کي ٺاهيندڙ ڪاريگر به ڪمال جا هوندا ۽ انهن قبرن ۾ پورجندڙ ۽ پوريندڙ ماڻهو به معياري هوندا. سِرن جو رنگ اڇا ٿائين ريتو ڳاڙهو هئڻ ڪري اُهي سڀئي ئي ڳاڙهيون قبرون آهن. اهي گهرن کان ٽي، چار سئو ميٽر پري آهن جڏهن ته ٻيو مُقام بلڪل گهرن سان مليل آهي. اهو سڀ ته ڪاندڙن جو مُقام آهي پر منهنجو اندازو آهي ته اهو وڌيڪ پراڻو آهي. سوچيندو آهيان ڪڏهن بدر ابڙي يا اشتياق انصاري جهڙن دوستن مان ڪنهن کي وٺي وڃي اهي هنڌ ڏيکاريان.
محمد پريل جوڻيجي جا جيڪي ٽي پٽ دڙي تي اچي ويٺا انهن مان وڏو محمد اسماعيل مولوي هو جنهن کي چار پٽ ٿيا، محمد ابراهيم، محمد سليمان جيڪو بعد ۾ حج ڪرڻ کان پوءِ حاجي سليمان سڏجڻ لڳو، ٻلي رکيو جيڪو قرآن حفظ ڪرڻ جي ڪري حافظ ٻلي رکيو سڏبو هو ۽ محمد پريل. خداداد کي صرف هڪ نياڻيءَ جو اولاد هو ۽ فقير محمد کي وري هڪ پٽ جو اولاد ٿيو جنهن جو نالو غلام محمد رکيو ويو. غلام محمد (منهنجو ڏاڏو) جي ڄمڻ کان اڳ ۾ ئي سندس والد وفات ڪري ويو تنهن ڪري هو ياءُ ۽ پيءَ جي نعمت کان محروم رهيو. وڏو ٿي هُن ديني تعليم حاصل ڪئي ۽ اجا ڪجهه وڏو ٿيڻ کان پوءِ ديني تعليم پڙهائڻ لڳو. سندس شاگردن ۾ نه رڳو پنهنجي ڳوٺ دڙي جا پر پرپاسي جي ڳوٺن جا ماڻهون به شامل هئا. ديني تعليم سان وابسته هئڻ ڪري سندس نالو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مولوي غلام محمد مشهور ٿيو. ڪي ماڻهون ته صرف مولوي صاحب چوڻ به ڪافي سمجهندا هئا. ڪي وري ڪيس استاد چوندا هئا. ڪي ماڻهون ته اهڙا به هئا جيڪي ڏاڏي وٽ پڙهيا هئا اُهي بابي کي ته استاد واري عزت ڏيندا ئي هئا پر ٻار هئڻ باوجود منهنجي پڻ اهڙي ئي عزت ڪندا هئا.

ان دور ۾ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليم بلڪل گهٽ هوندي هئي. اسان وارو ڳوٺ ته نه رڳو ننڍڙو هو پر تمام ڏورانهون پڻ. آسپاس ۾ به اهڙائي ننڍا ڳوٺ هئا. سو اسان جي تر ۾ تعليم نه هجڻ جي برابر هئي. اسان جي وڏن ۾ جيئن ته ٿوري گهڻي تعليم هئي ۽ وري خاص ڪري ديني تعليم. ان ڪري آسپاس جا ماڻهون انهن وٽ ڪچهري ڪرڻ يا مختلف معاملن بابت مشورا ڪرڻ ايندا هئا. اهڙي طرح دڙي جا جوڻيجا قاضي سڏجڻ لڳا. منهنجو ڏاڏو غلام محمد جيڪو والدين جو اڪيلو اولاد هو ان ديني درس تدريس کي جاري رکيو جڏهن ته سندس سوٽ چئن ڀائرن مزدوري ۽ هارپور ڪندي ڪندي زمينداريءَ ڏانهن به پير وڌايا. پهرين سرڪاري زمين ڪنيائون ۽ بعد ۾ ورهاڱي جي لڏپلاڻ وقت ڪجهه زمين هندن کان به ورتائون. اهڙي طرح اُهي زميندار به ٿي ويا تنهن ڪري سندن قاضيءَ وارو لقب پڪو ٿي ويو. ٿر جا ماڻهون به انهن کي قاضي سڏيندا رهيا ۽ خط پٽ ۾ به اهي پاڻ کي قاضي سڏرائيندا رهيا البته انهن جي اولاد پاڻ کي نصابي لکا پڙهيءَ ۾ جوڻيجو ئي لکرايو ۽ سڏرايو. منهنجي ڏاڏي جي نالي سان قاضيءَ بجاءِ مولوي ڳنڍيل هوندو هو جڏهن ته منهنجي والد سدائين پاڻ کي جوڻيجو سڏايو. بعد ۾ استاد جو پيشو اختيار ڪرڻ سبب ڪي ماڻهو ڪيس استاد ۽ ڪي "ماستر" سڏيندا هئا. اهڙي طرح ننڍي ڀاءُ فقير محمد جو اولاد جوڻيجو ئي رهيو جڏهن ته وڏي ڀاءُ محمد اسماعيل جو اولاد قاضي ٿيو. ۽ جيئن ته اُهي پڙهيل به هئا ۽ زميندار به ٿيا. نتيجي ۾ "چڱا مڙس" به ٿيا سو پوءِ ڳوٺ جو نالو دڙي مان قاضي دڙو ٿي ويو.

قاضي دڙو ڳوٺ سنڌو درياهه کان 3_4 ڪلوميٽر اولهه طرف واقع آهي. انگريز سرڪار درياهي ٻوڏ کي روڪڻ لاءِ بند تعمير ڪرايو جنهن کي لاڙڪاڻو سيوهڻ يا L_S بند چيو ويندو آهي. اهو بند اسان جي ڳوٺ جي اتر_ اوير کان اچي ڏکڻ_ اولهه ڏانهن ويندو آهي. درياهه ۽ بند جي وچ وارو علائقو ڪچو سڏبو آهي جڏهن ته بند کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻاهر "پڪو" سڏيو ويندو آهي. اهڙي طرح قاضي دڙو ڪچي جو هڪڙو ننڍڙو ڳوٺ آهي. ان جي سامهون اڀرندي طرف يعني سنڌو درياهه جي ڪاهي ڪناري تي ضلعو نوشهروفيروز (اڳوڻو ضلعو نواب شاهه) آهي. اسان جي ڳوٺ جي بلڪل سامهون قريب ترين نمايان ڳوٺ بڪري آهي جيڪو ڪنڊياري تعلقي ۾ آهي. ڏکڻ طرف اٽڪل ساڳئي ئي مفاصلي يعني 3 کان 4 ڪلوميٽر تي دادو ضلعي جي حد شروع ٿئي ٿي.

قاضي دڙي جي مختصر ڳوٺ ۾ ڪانڌڙن ۽ جوٽيجن کان علاوه لاشاري ۽ ڪوري ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن. چاليهه سال اڳ ۾ هن ڳوٺ جي آدمشماري اٽڪل 125 ۽ 150 جي وچ ۾ ٿئي ها جڏهن ته هينئر 100 کان گهٽ ماڻهو اتي رهن ٿا. سبب اها ئي فطري لڏپلاڻ جيئن هر هنڌ ٿيندو آهي ته روزگار ۽ بهتر زندگيءَ جي تلاش ۾ ماڻهون ڳوٺ ڇڏي شهرن جو رخ ڪندا آهن. سڀ کان وڌيڪ گهر جوٽيجن (قاضين) جا خالي ٿيا آهن ڇاڪاڻ ته انهن ۾ تعليم ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هئي تنهن ڪري انهن کي شهرن ڏانهن لڏڻ جي ضرورت ۽ موقعا ٻئي وڌيڪ هئا. قريب ترين ڳوٺ جن سان دڙي وارن جو لڳ ڀڳ اهڙو ئي تعلق رهيو جهڙو ڳوٺائن سان هوندو آهي سي هي آهن: اٽڪل هڪ ڪلوميٽر اولهه ۾ ڳوٺ الهيار راڄپر، ان کان اڌ ڪلوميٽر وڌيڪ اولهه راحب جوٽيجو ۽ ان جي سامهون ڳوٺ دادو ماڇي. انهن ڳوٺن جا ماڻهون يا ته هاري آهن يا وري مال چاريندا آهن يا ڪي چند مزدوري ڪندا آهن.

اسان جي ڳوٺ جي نزديڪ ترين اسڪول ٻه هئا. هڪ ڳوٺ سوئي (چنا) جيڪو درياهه جو پتڻ به هو ۽ ٻيو ڳوٺ ناڙي لاشاريءَ ۾. اسان جي وڏن جڏهن تعليم جي شروعات ڪئي ته پهريان سوئيءَ جي اسڪول ۾ ويڻ لڳا پر بعد ۾ ناڙي لاشاريءَ ڏانهن منتقل ٿيا جتان منهنجي والد محمد مبارڪ به تعليم حاصل ڪئي. ٻڌايو ويجي ٿو ته ان اسڪول جا هندو استاد وڏا هوشيار ۽ تمام گهڻا محنتي هوندا هئا. ناڙي لاشاريءَ ۾ ڪاروباري ماڻهون به هندو هوندا هئا. ڪن جا ڳوٺ ۾ دڪان هوندا هئا ته ڪي وري گهوڙيا تي پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ سامان وڪڻڻ ويندا هئا. اُهي اسان جي ڳوٺ ۾ به ايندا هئا. نه رڳو ڳوٺ ۾ پر اسان جي ويڙهي ۾ گهرن جي اندر به ايندا هئا ۽ اسان جون عورتون جيڪي هونءَ ٻاهر جي ماڻهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي منهن نہ پونديون هيون سي انهن هندو واپارين کان سدي طرح شيون خريد ڪنديون هيون. اهي هندو (ننيا) واپاري لڳ ڀڳ سڀ پڙهيل هوندا هئا.

اتي بہ سماجي حقيقتون سامهون اچن ٿيون. هڪ تہ پڙهيل ماڻهون گهڻو ڪري ڌنڌي واپار ڏانهن ڌيان ڏئي ٿو جڏهن تہ اڻ پڙهيل اڪثر ڪري زراعت سان واسطو رکن ٿا. ٻي ڳالهہ جيڪا شايد فڪري طور اسان مان گهڻن ڪي سُٺي نہ لڳي پر آهي زميني حقيقت. سا اها آهي تہ سنڌي سماج ۾ هندو مذهب سان تعلق رکندڙ ماڻهون پڙهيل ۽ واپاري هجن ٿا جڏهن تہ مسلمانن جي اڪثريت يا تہ اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيل ۽ زراعت جي شعبي سان واڳيل آهي. سوال تو اُٿي تہ ائين ڇو آهي؟ ساڳي ڌرتي، ساڳي قوم جا ماڻهون ائين ڌنڌي جي حوالي سان مذهب جي بنياد تي ورهايل ڇو ۽ ڪيئن

آهن. خاص ڪري ان صورت ۾ تہ سنڌي ماڻهون مذهبي طور شدت پسند ۽ تفريق ڪندڙ بہ ناهن؟ ان سوال جي جواب تي اسان جي تاريخدانن، دانشورن يا سماجي ماهرن تمام گهٽ ڌيان ڏنو آهي. هڪ سياسي ڪارڪن طور مان ان جو هڪڙو مکيہ سبب اهو ٿو سمجهان تہ جڏهن عربن سنڌ تي حملو ڪيو تہ ان وقت جيڪي ماڻهون مسلمان ٿيا انهن ۾ تمام وڏي اڪثريت سماجي طور پوئتي پيل، ڏتڙيل ۽ مسڪين ماڻهن جي هئي جن جو گذر سفر گهڻو ڪري ٻني ٻاري سان هئو. ان وقت جو سنڌ جو حڪمران راجا ڏاهر اسان جو قومي هيرو آهي جنهن ڌارين حملي آورن جو نهايت بهادريءَ سان مقابلو ڪيو پر بهرحال هو هڪ بادشاهہ هئو سو بہ اڄ کان چوڏهن سئو سال اڳ ۾. ان کان اٽڪل هڪ هزار سال بعد ۾ بہ يورپ جا بادشاهہ پنهنجي طبقي ۽ پنهنجي فرقي جي ماڻهن ڪي ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سهوليتون، رعايتون ۽ فائدا ڏيندا رهيا آهن.

اسان جي خاندان مان جنهن شخص تعليم جو هڪڙو متعين مرحلو مڪمل ڪيو ۽ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو اُهو حافظ پلي رکيي جو ننيو پٽ واحد بخش هو. هُن ان وقت جو مشهور ۽ اهم "سنڌي فائينل" جو امتحان پاس ڪيو. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ۽ گهٽ وسيلن وارن ماڻهن لاءِ ان دور ۾ سنڌي فائينل جهڙوڪ هڪ ڊگري هوندي هئي جنهن بنياد تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اُهي استاد تپيدار ۽ ٻيون اهڙيون ننڍيون نوڪريون حاصل ڪري سگهندا هئا. بهرحال واحد بخش جوڻيجو (جنهن جو فرزند غلام ياسين جوڻيجو هن وقت جيئي سنڌ محاذ جو ماليات سيڪريٽري آهي). سنڌي فائينل پاس ڪري پرائمري استاد (جنهن کي عام طور "سنڌي ماستر" چيو ويندو هو) مقرر ٿيو. اڳتي هلي اهو پيشو سندس سڄاٽپ بڻجي ويو ۽ خاندان، ڳوٺ ۽ ٿر جا اڪثر ماڻهو کيس "سائين وڏو" ڪري سڏيندا هئا. گهڻن ننڍن ٻارن ۽ ڪجهه وڏن کي ته سندس نالي جي خبر ڪا نه هئي. بس هو سندن لاءِ سائين وڏو هئو.

منهنجي ڏاڏي غلام محمد وانگر منهنجو والد محمد مبارڪ به اڪيلو اولاد ئي رهيو جو هو اڃا چند مهينن جو ٿس هئو ته سندس والد وفات ڪري ويو. اهڙي طرح سندس پرورش جو گهڻو بار خاندان جي عورتن تي پيو جن ۾ سندس والده سان گڏ خاص ڪري منهنجي وڏي ڏاڏيءَ جو مکيه ڪردار هو جنهن کي پنهنجو اولاد ڪو نه هو. بهرحال سندس پرورش ۽ تربيت غربت ۾ ۽ انتهائي ڏکين حالتن ۾ ٿي. "سائين وڏي" جي فائينل پاس ڪرڻ ۽ استاد ٿيڻ کان پوءِ خاندان ۾ ان رستي تي هلڻ جو رجحان پيو. خاندان جي هڪ ٻئي فرد محمد احسان کان پوءِ والد محمد مبارڪ به پرائمري استاد ٿيو. ناڙي لاشاريءَ جي اسڪول مان تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڏوڪريءَ مان (جيڪو لب درياهه تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر هو ۽ بعد ۾ ان ئي نالي سان تعلقو ٿيو) فائينل پاس ڪيائين.

بابي جي فائينل پاس ڪرڻ تائين پاڪستان ٺهي چڪو هو ۽ سوئي ڳوٺ کي درياهه پائي چڪو هو. ٻئي طرف اسان جي خاندان مان محمد اسماعيل جو چوٿون ۽ سڀ کان ننڍو پٽ محمد پريل جيتوڻيڪ پاڻ پڙهيل ڪو نه هو پر کيس تعليم سان خاص طور ۽ خاندان جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ سان عام طور گهڻي دلچسپي هئي. سو سندس ڪوشش سان سوئيءَ وارو اسڪول منتقل (Transfer) ٿي دڙي تي آيو ۽ ان جو پهريون استاد بابو محمد مبارڪ ٿيو.

مولوي غلام محمد جي فرزند محمد مبارڪ جي شادي محمد پريل جي فرزند غلام قادر جي نياڻي فاطمه سان ٿي ۽ پوءِ اهي منهنجا والدين ٿيا. انهن کي اسان چار اولاد ٿياسين، جنت، رضيه، عبدالخالق ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

عبدالهادي عبدالهادي جمڻ جي ٿوري ئي وقت ڪانپوءِ گذاري ويو. اهڙي طرح ڏاڏي ۽ بابي وانگر مان بہ اڪيلو ڀاءُ ئي رهيس پر انهن جي ڀيٽ ۾ مان وڌيڪ خوش قسمت ٿيس جو ٻہ ڀينر بہ ٿيون. ۽ شايد دنيا جي هر ڀاءُ جون ڀينر اهڙيون ئي هجن پر مان پختي يقين سان چوان ٿو تہ منهنجون ڀينر انتهائي سڀاجهيون، ساديون، غريب ۽ محبت ڪرڻ واريون آهن. اُهي مون کان عمر ۾ وڏيون آهن پر ننڍي هوندي جي مون کي ڪا بہ ياد ناهي تہ اُهي ڪڏهن مون سان راند ۾ بہ وڙهيون هجن يا ڪاوڙ ۾ مون کي ماريو هجين جيئن اڄ ڏينهن تائين سڄي عمر دوران مان پنهنجي آسپاس ٿيندو ڏسندو ٿو رهان. اهو ان جي باوجود تہ ننڍپڻ ۾ منهنجو انهن سان ورتاءُ ۽ رويو ايترو سٺو نہ هوندو هو. اڄ جڏهن مان ان صورتحال بابت سوچيان ٿو تہ شرمندگي بہ ٿئي ٿي پر ان سان گڏ ان جا سبب بہ سمجهہ ۾ اچن ٿا جن مان سڀ کان مکيہ اهو ئي "مردانو" سماج ۽ ان جا قدر آهن جن مطابق مرد کي (اهڙي طرح نرينى اولاد کي) هروڀرو بہ "معتبر" سمجهيو ويندو آهي. ننڍي ڀاءُ جي جمڻ ۽ فوت ٿيڻ جي مون کي بلڪل ميرانجهڙي ياد آهي.

ڪو ماڻهون ڪيڏو بہ غير معمولي طور ذهين هجي ۽ ڪيترو بہ يادگيريءَ جو پڪو هجي پر اهو پڪ سان نہ چئي سگهندو تہ فلاڻي تاريخ کان وٺي مون کي پنهنجي زندگي ۽ زندگيءَ جا واقعا ياد آهن. زندگيءَ وانگر ۽ زندگيءَ سان گڏوگڏ ياد ڪرڻ جي صلاحيت بہ وڌي ٿي ۽ پوءِ وري هڪڙي مرحلي کان پوءِ جيئن ۽ جهڙي طرح زندگي موٽ کائي ٿي تيئن ياد رکڻ جي صلاحيت بہ گهٽجڻ لڳي ٿي. سو مان بہ پنهنجي زندگيءَ جي يادگيرين جي شروعات ڪنهن خاص ڏينهن يا تاريخ کان تہ نٿو ڪري سگهان بس ايترو چئي سگهان ٿو تہ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيڻ وارن ڏينهن کان وٺي ڳالهيون ذهن ۾ ڪجهہ چڱي نموني محفوظ آهن ۽ پنهنجي آسپاس ٿيندڙ واقعن ۽ ماحول کي ياد ڪري سگهان ٿو.

مان انساني سماج جي ارتقا جي اصولن ۾ يقين رکان ٿو ۽ سماجي ارتقا بابت مارڪسي نقط نگاھ کان گهڻو متاثر آهيان. ان مطابق انساني سماج هميشہ حرڪت ۾ رهي ٿو ۽ ان جي اها چرپر سدائين اڳتي ۽ بهتريءَ جي طرف هجي ٿي. ان ڪري مان ان سوچ سان اتفاق نہ ڪندو آهيان جيڪا اسان جي ماحول ۾ اڪثر ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ايندي آهي تہ "يارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner



لطيف آفيسرس ويلفيئر ائسوسيئيشن ڪي. ڊي اي جي عهديدارن سان



سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ هم ڪلاسي ۽ هم روم عبدالحليم جوڻيجي سان
اسٽيڊي ٽوئر دوران مريءَ ۾ ڪيايل فوٽو


Scanned with CamScanner




لطيف آفيسرس ويلفيئر ائسوسيئيشن جي اجلاس ۾ تقرير ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner




سنڌي ادبي سنگت ڪوئيٽا طرفان ڪرايل "شاهه لطيف جو ڏينهن"
ساڄي کان: اختر ڪاڪيپوٽو، بلوچستان يونيورسٽيءَ جو پروفيسر، ادل سومرو، پروفيسر محمد علي شاهه، ناصر ٻگهيو،
عبدالخالق جوڻيجو، مولا بخش لغاري
2003ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پياري دوست ۽ ڪميٽيڊ قومي ڪارڪن اختر ڪاڪيپوٽي سان سنڌي سمنڊ ڪناري (ڪراچي)



اختر ڪاڪيپوٽي سان سنڌي سمنڊ تي



Scanned with CamScanner



استاد ۽ شاگرد



عزيز آباد (ڪراچي) واري گهر جي پڙهڻ واري ڪمري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



عبدالواحد آريسر ۽ هاشم ڪوسي سان ڪوئٽا جي بازار ۾



ساڄي کان: شاهنواز شيخ، اختر ڪاڪيپوٽو ۽ هاشم ڪوسو
عزيز آباد واري گهر ۾ سنوٽ عبدالغنيءَ جي ڪمري ۾ جنهن جي تصوير پويان نظر اچي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عيش و آرام جي زندگي گذارڻ ۾. اڳي استاد جو ٻين استادن سان مقابلو اهليت ۽ قابليت تي هوندو هو انهن وچ ۾ چٽاپيٽي علم حاصل ڪرڻ ۽ علم ڏيڻ بابت هوندي هئي. هڪ استاد ڪي سڀ کان وڌيڪ فڪر ۽ ڳڻتي ان ڳالهه جي هوندي هئي ته سندس اسڪول جا شاگرد وڌ کان وڌ علم ۽ شعور حاصل ڪن ۽ ٻين اسڪولن جي شاگردن کان وڌيڪ هوشيار ۽ سلڇڻا ثابت ٿين.

مان جڏهن پنهنجي ڳوٺ يعني قاضي دڙي جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس ته اسڪول جو هيڊ ماستر "سائين وڏو" يعني استاد واحد بخش جوڻيجو هو پر اموگهٽو ٽٽو اسڪول جا انتظامي معاملا ڏسندو هو. صبح جو حاضري وٺندو هو جيڪو ٻار بغير ڪنهن جائز ۽ معقول سبب جي غير حاضر رهندو هو يا ڪا سنگين شرارت ڪندو هو ته اُن کي چڱي خاصي مار ڏيندو هو. ان لاءِ سڀ کان پهرين اسڪول جي پر واري جهنگ مان، جنهن جو مالڪ نيڪ محمد ڪانڌڙو هئڻ سبب نيڪي جو واڙو سڏيو ويندو هو. ڪنهن سٽي شاگرد هٿان ٻه لٺيءَ جا لڪڻ ڇيرائي ميز تي رکندو هو ۽ پوءِ لڪڻ جي استعمال جو دارومدار شاگردن جي ڏوهه سان گڏ سائين وڏي جي موڊ تي به هوندو هو. ڪڏهن علامتي طور هڪڙو هڪڙو لڪڻ هڻندو هو ته ڪڏهن ٻئي لڪڻ ڀڃي پرزا پرزا ٿي ويندا هئا ته ڪڏهن وري اُهي جيئن جو تيئن صحيح سلامت ميز تي پيا هوندا هئا. اسڪولي ٻارن لاءِ ڪتاب، قلم ۽ سليٽ جو بندوبست ڪرڻ به سائين وڏي جي ذمي هوندو هو جيڪو تعليم کاتي جي ملازمن جي تعاون سان هو ڪندو هو. ان کان علاوه اسڪولن جا انسپيڪٽر جن کي عام طرح "صاحب" سڏيو ويندو هو انهن جي دورن جو انتظام پڻ ڪندو هو. اُهي "صاحب" ڪڏهن ته ڪلاڪ اڌ جو چڪر هڻي واپس هليا ويندا هئا ۽ ڪڏهن وري استاد واحد بخش جي ميزبانيءَ جو مزو وٺڻ لاءِ رات به ترسندا هئا. ميزبانيءَ ۾ ڪڪڙ جا ٻوڙ ته هوندا ئي هئا پر ڪڏهن ڪڏهن جي "صاحب" جي ٽيم وڏي هوندي هئي ته ڇيلو به ڪُسندو هو. ان کان علاوه گرميءَ جي مند هوندي هئي ته ٽاڏل پڻ گهوٽبي هئي پوءِ اها ٽاڏل ڪڏهن سفيد (يعني ڪسڪس جي) هوندي هئي ته ڪڏهن سائي (يعني ڀنگ جي) صاحب جي ٽيم جنهن ۾ ٻاڙي جي اسڪولن جا استاد به هوندا هئا انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي رات جي تفريح لاءِ راڳ جو بندوبست بہ ڪيو ويندو هو جنهن ۾ اڪثر ڪري تر جي ڪا ڳائڻي عورت ايندي هئي جيڪا نچندي بہ هئي ۽ راڳ بہ ڳائيندي هئي. اهڙي عورت لاءِ عام طور "رنڊي" يا "ڪنجري" جا لفظ استعمال ڪيا ويندا هئا. اهي لفظ لکندي مون کي تمام گھڻو شرم ٿو اچي پر حقيقت بيان ڪرڻ بہ ضروري آهي. زرعي سماج جي هين ڪيترين برائين سان گڏ اها بہ هڪ برائي هئي/ آهي. ان مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ اسان سنڌين جون سڀئي روايتون يا سمورا رويا سٺا ڪونهن. اڄڪلهہ سنڌي سماج جي ڪيترين برائين ۽ ڪيترن خراب ڪمن کي "سنڌ جي روايت" چئي جائز قرار ڏنو وڃي ٿو جيئن ڪوڙي غيرت جي نالي ۾ عورت کي قتل ڪرڻ پوءِ اُها عورت ماءُ هجي، ڀيڻ هجي، ڌيءُ هجي يا زال هجي، صرف ان ڪري تہ عورت جسماني طور ڪمزور آهي. يا ڪنهن ننڍي وڏي مسئلي تي يا سڪٽي ڦوشر ۾ ڪنهن پاڙيسريءَ کي قتل ڪرڻ ۽ وري قتل جي بدلي ۾ قتل ڪرڻ. انهن سڀني کي سنڌ جي روايت يا اڃا بہ وڌيڪ سنڌ جو ڪلچر چئي درست قرار ڏنو ويندو آهي. وڌيڪ افسوس بلڪ شرم جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪيترا چڱا ڀلا، ڏسٽا وائسٽا قومپرست سڏائيندڙ قلمڪار ۽ سياسي ليڊر بہ برائيءَ کي چڱائي ڪري پيش ڪرڻ واري ان برائيءَ جو شڪار ٿيندا آهن.

اسڪول جو هيڊ استاد يا ائين چئجي تہ نائب استاد بہ اسان جي ئي خاندان سان واسطو رکندڙ محمد حسن جوڻيجو هو. پڙهائڻ جو لڳ ڀڳ سڄو ڪم سائين محمد حسن ڪندو هو. پنجن ئي درجن جي ٻارن کي انهن جا سڀئي سبجيڪٽ پڙهائڻ ڪو آسان ڪم نہ هو پر اهو سڀ استاد محمد حسن احسن طريقي سان ڪندو هو. بلڪ حقيقت اِها آهي تہ ان دور جا اڪثر استاد ائين ڪندا هئا. سنڌي نصاب، تاريخ، جاگرافي، حساب وغيره سڀ هڪ استاد پڙهائيندو هو. حسابن ۾ وري بہ حصا، سليٽي حساب ۽ زباني حساب يعني هڪڙا اُهي جيڪي سليٽ تي لکي ڪبا هئا ۽ ٻيا بغير سليٽ قلم جي ٻار پنهنجي ذهن ۾ ڀيي جواب ٻڌائيندو هو. ان جو مقصد اهو هوندو هو تہ ٻار جي ذهني ورزش ٿئي ۽ هن جي شين کي سمجھڻ ۽ انهن جا نفيس نقطا ڳولهڻ ۽ تجزيو ڪرڻ جي صلاحيت وڌي. ان کان علاوه درجي جي حساب سان ٻڪي کان وٺي ويهي تائين ڪوڙا ياد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪرايا ويندا هئا. انهن سيني ڳالهن جو فائدو اهو ٿيندو هئو ته اڪثر ننڍو وڏو ليکو چوکو ۽ ڏي وٺ ماڻهون اُتي جو اُتي موقعي تي ۽ يادگيريءَ تي ڪندا هئا. ڪاغذ قلم جي لکپڙهه رڳو وڏن ۽ انتهائي اهم معاملن بابت ڪئي ويندي هئي. اڄ جا ٻار (۽ وڏا ٻ) هر ڳالهه هر ڪم لاءِ ڪلڪيوليٽر يا ڪمپيوٽر تي ٽا ڀاڙين. ضرب، ونڊ، واڌو ڪاٽو اهو سڀ ڪجهه مشين تي ڪري، ٻارن کي ته اها خبر به ناهي ته ضرب، ونڊ، واڌو ڪاٽو لفظ آهن ڇا ۽ انهن جو مطلب ڇا هي. جيڪڏهن ٻار کي ڇئبو ته ڪوڙا ٻڌاءِ ته هو سوال ڪندو ته اهي ڪوڙا ڇا ٿيندا آهن.

سائنس جي ايجاد ڪيل مشينن مان فائدو ضرور حاصل ڪرڻ گهرجي پر اهو سوچجي ته اهي مشينون، اهي ايجادون انساني دماغ جي پيداوار آهن. انساني دماغ کي مشين جو محتاج بڻائڻ ڪيترو صحيح آهي. اعليٰ دماغ انسانن جو چوڻ آهي ته انساني دماغ اهڙي مشين آهي جنهن کي جيترو استعمال ڪبو اوترو ان جي صلاحيت ۽ ڪارڪردگي وڌندي. انسان روبوٽ ته تيار ڪيو آهي پر انسان کي روبوٽ ته نه بڻائجي. اڄڪلهه جيئن آمريڪا ۽ يورپ جي اثر هيٺ هر شيءِ کي خانگي (Private) بڻائڻ جو رواج، يا ائين چئجي ته فيشن تي ويو آهي، بلڪ پرائيويٽ هجڻ ڪنهن به شيءِ جي بهتر هجڻ جو معيار مقرر ڪيو ويو آهي پوءِ اهو ڪارخانو هجي، بئنڪ هجي يا اسپتال هجي، ائين ئي تعليم به خانگي ڌنڌو يعني ڪاروبار تي ويو آهي ۽ اهي خانگي اسڪول روبوٽ وانگر اڪيون ھوتي يورپ ۽ خاص ڪري آمريڪا جو نقل ڪندي لفظ به لفظ ساڳيو نصاب پڙهائين ٿا. نتيجو اهو آهي ته وڏيون ڳريون فيون ونندڙ اسڪولن جي ٻارن کان هڪ لفظ به ڪتاب کان ٻاهر پڇبو ته اهي چپ ٿي ويندا. اهڙي صورتحال بابت ڊاڪٽر شاهد صديقي صحيح لکيو آهي ته "اڄڪلهه تعليم جو مرڪز استاد نه پر اسڪول جي انتظاميه هجي ٿي. انهن جون مقرر ۽ طئي ڪيل ڳالهيون "استاد" رڳو ٽپاليءَ وانگر ٻارن تائين پهچائين ٿا جنهن ڪري سڀ استاد سيني ٻارن کي سڀ ساڳيون ڳالهيون ٻڌائيندا ۽ ورجائيندا ٿا رهن".

اهڙي تعليمي ماحول سبب اسان نه ته ڪي سٺا سائنسدان پيدا ٿا ڪريون، نه ڪامياب صنعتڪار ۽ واپاري، نه اعليٰ مرتبي جا عالم ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دانشور، نہ معياري استاد ۽ نہ مدبر سياستدان (Statesmen). ايتري تائين جو اسان وٽ ايماندار، وفادار، بااخلاق ۽ باڪردار انسانن جو بہ ڏڪار ٿيندو پيو وڃي. اتي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ جن ملڪن جي تعليم جو هتي نقل ڪيو ٿو وڃي انهن وٽ ڪيئن وڏا سياستدان، ماهر استاد، عالم ۽ بزنيس مين پيدا ٿا ٿين. مان انهن ملڪن جي تعليمي نظام مان گهٽ واقف تہ ناهيان پر ڪجهہ عام فهم (Common Sense) ڳالهيون ضرور ذهن ۾ اچن ٿيون.

سڀ ڪان پهرين، سڀ ڪان اهم ۽ سڀ ڪان وڌيڪ عام فهم ڳالهہ تہ اها آهي تہ هر ملڪ جون پنهنجون تاريخي ۽ سماجي حالتون هونديون آهن. اهو ضروري ناهي تہ جيڪا ڳالهہ هڪڙي ملڪ جي ماڻهن لاءِ درست هجي اُها جيئن جو تيئن ٻئي خطي وارن لاءِ بہ صحيح ۽ فائديمند هجي. ٻين ملڪن ۽ ٻين ماڻهن جي تجربن مان فائدو ضرور وٺڻ گهرجي پر پنهنجي حالتن مطابق. مقامي حالتن ۽ مقامي ماحول جي اهميت ايتري آهي جو انهن ئي ترقي يافتہ ملڪن جا ماهر وري وري زور ڏيئي چوندا تا رهن تہ ٻار کي شروعاتي تعليم مادري زبان ۾ ڏيڻ گهرجي. اهو ٻيو اهم نقطو آهي. هِتي اسان وٽ سڄو زور انگريزيءَ تي آهي. انگريزي ميڊيم اسڪول ۾ ٻار کي داخل ڪرائڻ اڪثر مائٽ فخر جي ڳالهہ ۽ ترقيءَ جي ضمانت سمجهندا آهن جيتوڻيڪ ڏٺو ويو آهي تہ ڪيترن اهڙن ٻارن کي انگريزي ڳالهائڻ تہ سُٺي ايندي آهي پر ٻين مضمونن (Subjects) جي ڄاڻ پوري ساري هوندي اٿن. خانگي ادارن جي انتظاميہ توڙي سرڪاري عملدار سيني جو زور ان تي هوندو آهي تہ انگريزي ترقيءَ جي زبان آهي تنهن ڪري پهرئين درجي کان ٻار کي انگريزيءَ ۾ تعليم ڏيڻ کپي. دراصل ان سوچ جي پويان هڪڙو عنصر غلاميءَ جو يا ائين چئجي تہ غلاماڻي ذهنيت جو بہ آهي. اسان جيئن تہ انگريز جا غلام رهيا آهيون ۽ اڄ جي سامراجي طاقت آمريڪا جي زبان بہ انگريزي آهي ۽ جهڙي طرح عالمي بالادستيءَ وارو ڪردار انگريزن کان آمريڪا ڏانهن منتقل ٿيو آهي تہ اسان جهڙن ملڪن جي غلاماڻي ذهنيت وارن ماڻهن بہ اڪيون ٻوٽي ۽ هٿ ٻڌي پنهنجي "اطاعت ۽ وفاداري" اوڏانهن منتقل ڪئي آهي. ان ڪري انهن کي دنيا ۾ انگريز- آمريڪا ۽ انهن جي ٻوليءَ کان سواءِ ڪجهہ نظر نٿو اچي. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(ڪائونسل) ان وقت (مغربي) پاڪستان جي مکيه اپوزيشن پارٽي هئي جنهن جو سربراهه پنجاب جو سياستدان ممتاز دولتانه هو جڏهن ته سنڌ ۾ مکيه اڳواڻ دولتانه جو رشتيدار ۽ لاڙڪاڻي جو مشهور سياستدان محمد ايوب کهڙو هو. اليڪشن ۾ روايت مطابق ۽ توقع مطابق حڪمران پارٽي جو پير بخش ڀٽو کٽي ويو. ان کان اڳ ۾ صوبائي (مغربي پاڪستان اسيمبلي) جي چونڊ لاءِ موسيٰ خان ڀگهيو به جيپ تي چڙهي اسان جي ڳوٺ آيو هو پر ان جو گهڻو غوغاءُ ڪو نه ٿيو هو. هونءَ اسان جي ڏوڪري تعلقي جو سڀ کان مشهور زميندار ۽ سياستدان موسيٰ خان ڀگهيو ئي هو.

❊❊❊

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سيڪنڊري تعليم
## ۽ زندگيءَ جون دلچسپيون

**ڳوٺ** جي پرائمري اسڪول ۾ پنج درجا پورا ڪرڻ کان پوءِ سيڪنڊري تعليم لاءِ والد صاحب مون کي لاڙڪاڻي پڙهائڻ جو فيصلو ڪيو. جيتوڻيڪ ويجها هاءِ اسڪول پيا به هئا جهڙوڪ راڌڻ يا ڏوڪري وغيره پر پاڻ محنتي استاد هئڻ ڪري بابي جو خيال هو تہ سندس اولاد ممڪن بهتر تعليم حاصل ڪري سوچهين ڪلاس لاءِ مون ڊسٽرڪٽ ڪائونسل (ڊي سي) هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي. اتي داخلا وٺڻ جو هڪڙو واڌ سبب اهو به هو تہ ان اسڪول کي پنهنجي گڏوگڏ هاسٽل بہ هئي جتي رهندڙ شاگردن لاءِ بورڊنگ فري هوندي هئي. مون سان گڏ بابي جي سئوٽ چاچي عبيدالله جي ٻن پٽن عبدالڪريم ۽ عبدالغنيءَ بہ داخلا ورتي. عبدالغني ۽ مان ٻهرئين ڪان وٺي پنجين درجي تائين هڪ بئنچ تي ويهي گڏ پڙهيا سين جڏهن تہ عبدالڪريم اسان کان اڳ ۾ پرائمري تعليم پوري ڪئي هئي پر سيڪنڊريءَ ۾ گڏ داخل ٿياسين.

سال 1963، اپريل جي مهيني جي ڪا تاريخ هئي جو اسان ٿيئي جٽا لاڙڪاڻي وياسين. ان وقت سواريءَ جو عام ذريعو ريل ئي هوندي هئي. ڪوٽڙيءَ کان سکر ويندڙ پئسينجر ٽرين جيڪا سڀ کان پهرين صبح جو راڌڻ اسٽيشن تي ايندي هئي ان جو ٽائيم 8 وڳا مقرر هو. ان حوالي سان اها آسپاس جي ماڻهن ۾ ائين واري گاڏي جي نالي سان مشهور هئي. اُن گاڏيءَ ۾ چڙهڻ خاطر اسان ڳوٺ کان آسُر ويل (صبح تمام سوير) روانا ٿياسين ان ڪري تہ قاضي دڙي کان راڌڻ جو مفاصلو 6 ميل (10 ڪلوميٽر) هو ۽ اهو اسان کي پيدل طئي ڪرڻو هو. اسان مان هر هڪ کي هڪ مختصر بسترو ۽ ڪپڙن جي ننڍي بئگ هئي. مون سان گڏ بابا هو جڏهن تہ عبدالڪريم وارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محمد خالتي اڳتي هلي ڪي ايم سي ۾ انجنيئر ٿيو ۽ جڏهن مان ڪي بي اي ۾ انجنيئر پرتي ٿيس تہ ويجهڙائي ٿي ۽ پوءِ دوستي ٿي وئي. غلام حسين جا حال پڙهائيءَ ۾ پورا هوندا هئا جڏهن تہ نثار انڙ بہ مڙيئي ٺيڪ هو البتہ وڏيرڪو ٻار هئڻ ڪري اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ چُست هو. نثار جو وڏو ڀاءُ غلام حسين بہ ساڳئي اسڪول ۾ پڙهندو ۽ ساڳي هاسٽل ۾ رهندو هو. اهوئي غلام حسين اڳتي هلي ايم پي اي ٿيو ۽ پهرين بينظير ڀٽو جي مڙس آصف علي زرداريءَ سان دوستي ۽ بعد ۾ ان سان ئي دشمنيءَ جي ڪري گهڻو مشهور ٿيو ۽ مٿس 60 ڪان مٿي ڪيس داخل ٿيا ۽ ٿاڻن ۽ جيلن جا ڊگها چڪر ڪاٽڻ کان پوءِ ٻاهر اچڻ جي ٿوري ئي عرصي بعد وفات ڪري ويو. اتي مان اهو ذڪر ضرور ڪرڻ چاهيندس تہ وڏيرو غلام عمر انڙ "ڏاڏي مڙس" طور مشهور هو پر پنهنجي اسڪولي ڏينهن دوران سندس پٽ نثار کا بہ "ڏاڏ مڙسي" ڪا نہ ڪئي. ان جو بنيادي سبب اسڪول جي بئنچ هئي. ان وقت پهرئين درجي کان وٺي ڪاليج يونيورسٽيءَ تائين سڀ ٻار/ شاگرد هڪ ئي بئنچ تي ويهندا هئا. استاد هڪ جهڙو سبق ڏيندو هو ۽ هڪ جهڙو ورتاءُ ڪندو هو. ان ڪري "برتر" ۽ "ڪم تر" وارو احساس ۽ ماحول پيدا نہ ٿيندو هو. بعد ۾ مون ٻڌو تہ نثار وڪيل ٿيو پر وڪيل کان وڌيڪ "ڏاڏو مڙس" ٿيو ۽ ماڻهن سان تمام گهڻيون ڏاڍايون ڪندو هو ۽ قبائلي جهيڙن جي نتيجي ۾ قتل ٿي ويو. ڪجهہ عرصي جي لاءِ هڪڙو ٻيو دوست نورنبي نالي بہ اسان جي ڪمري ۾ اچي رهيو هو.

لاڙڪاڻي هاسٽل ۾ مان ٻن سالن کان ٿورو وڌيڪ عرصو رهيس. ان وقت تہ اهو معمول جو عمل محسوس پئي ٿيو پر اڄ جي حالتن ۾ جڏهن اڌ صدي پوئتي نظر وجهان ٿو تہ اها صورتحال بلڪل غير معمولي ٿي لڳي. ڇهين ۽ ستين ڪلاس جو ٻار گهر/ ڳوٺ کان 60_65 ڪلوميٽر پري لاڙڪاڻي جيڏي وڏي شهر ۾ اڪيلو رهي، سو بہ غريب جو ٻار جنهن جا وسيلا انتهائي محدود هجن. اِهو هو تہ ماني هاسٽل طرفان ملندي هئي باقي روزاني ريزڪي خرچي بہ آنا (هڪ رپئي ۾ سورنهن آنا هوندا هئا) ملندي هئي. بابو سراسري طور مهيني ۾ هڪڙو چڪر ڏيندو هو ۽ ريزڪي خرچ لاءِ پئسا (جيڪي يقيني طور ڏهن رپين جي اندر هوندا هئا) ڏئي هليو ويندو هو جڏهن تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان ٻن يا ٽن مهينن کان پوءِ گوٺ ويندو هئس. ان وچ ۾ زندگيءَ جا سڀ معاملا پاڻ کي سنڀالڻا هوندا هئا ۽ پنهنجي وسيلن آهر حساب ڪتاب سان هلڻو پوندو هو ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ڪا گهٽ وڌائي ٿي ويئي ته ڪير سنڀال وارو ڪو نه هو. ٽيليفون جو ته ان وقت تصور ئي ڪو نه هو.

اڄڪلهه مئٽرڪ (ڏهين ڪلاس) تائين جي ٻارن جي هر ڳالهه ۽ هر ننڍي وڏي مسئلي جي ذميواري مائٽن جي آهي. صبح کان وٺي رات تائين ۽ پهرين تاريخ کان وٺي ٽيهين/ ايڪٽيهين تائين هر وقت هر گهڙي مائٽن کي ٻار جي سنڀال ڪرڻي پوي ٿي ۽ ان تي نظر رکڻي پوي ٿي ۽ ان جي ضرورتن ۽ فرمائشن جو خيال رکڻو پوي. اسان جي وقت ۾ مائٽن کان فرمائش ڪرڻ جو ته تصور ئي ڪو نه هو ڇاڪاڻ ته اها خبر هوندي هئي ۽ اهو احساس هوندو هو ته مائٽن لاءِ اسان جي فرمائش پوري ڪرڻ مشڪل ٿيندي

ايتري ننڍي عمر ۾ ايتري ذميواريءَ واري ۽ مشڪل زندگي گذارڻ جو فائدو اهو ٿيو ته آئنده جي زندگي آسان ٿي پئي. اڄوڪين حالتن جي ماضيءَ سان ڀيٽ ڪرڻ مان ملڪ جي مجموعي صورتحال جو پڻ اندازو ٿئي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته پراڻي دور ۾ امن امان جي صورتحال اڄ جي ڀيٽ ۾ ڪيتري اطمينان بخش هئي ۽ استادن ۾ توڙي عام ماڻهن ۾ ايتري نفضيلت ۽ ذميواري هئي جو والدين پنهنجي 10_12 سالن جي ٻارن کي اعتماد سان ايتري عرصي لاءِ ايترو پري ڇڏي ايندا هئا جڏهن ته اڄ ٿوري دير لاءِ به ٻار اکين کان پري ٿئي ٿو ته مالڪ پريشان ٿي ٿا وڃن. ٻار ته ڇا وڏو ماڻهون به جيڪڏهن مقرر يا ٻڌايل وقت کان ڪجهه ڪلاڪ به وڌيڪ ٻاهر رهي ٿو ته خطري جا گهنڊ وڄڻ شروع ٿا ٿين. رڳو امن امان ئي نه تعليم جي لحاظ کان به اڄ مائٽن کي روزاني جي بنياد تي ۽ ڪلاڪن جي حساب سان ٻار تي نظر رکڻي پوي ٿي بلڪ اڻين ڇوڙ غلط نه ٿيندو ته ٻار کان وڌيڪ ٻار جي والدين جو امتحان هجي ٿو.

مان سوچيندو آهيان ته ائين ڇو آهي جڏهن ته اصولي طور ۽ سماج جي فطري اوسر مطابق وقت گذرڻ سان حالتون بهتر ۽ زندگي نسبتي طور آسان ٿيڻ گهرجي. ۽ سڌريل ملڪن ۾ ائين ئي ٿئي ٿو. پاڪستان ۾ ابتي گنگا وهڻ جا ڪجهه مکيه سبب مون کي هي سمجهه ۾ ٿا اچن. هڪ ته هي ملڪ غير فطري ۽ هٺرادو طريقي سان ٺاهيل آهي ۽ هِن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تي لڳاتار فوج، جاگيردارن ۽ مُلن جي حاڪميت ۽ بالادستي رهي آهي.
اِهي سڀ طبقا ۽ گروهه انساني سماج جي ترقيءَ کي روڪڻ لاءِ ڪوشان
هوندا آهن جيئن انسانن جي اڪثريت انهن جي عملي طرح غلام رهي.
پاڪستان ٺهڻ جي شروع وارن سالن ۾ حالتون ڪجهه بهتر هجڻ جو
ڪارڻ اهو آهي ته ان وقت تائين اڃا گڏيل هندستاني سماج ۽ انگريزن
جي نظامِ حڪومت جا اثر هلندڙ هئا.

انگريز سامراجي هئا، انهن هتي ناجائز قبضو ڪيو ڏيس واسين
جي شديد قرلت ڪئي ۽ ان قرلت خاطر مقامي ماڻهن جو قتلام ڪيو اهي
سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي درست آهن پر پنهنجي ئي مفادن خاطر انهن
ملڪ ۾ هڪڙو يڪسان قسم جو سرشتو قائم ڪيو جنهن لاءِ امن امان جو
قيام بنيادي عنصر هو. ان ڪان علاوه انهن (هندستانين لاءِ) قانون جي
حڪمراني قائم ڪئي. ساڳئي وقت هندستان جي مقامي آباديءَ ۾ هڪ چڱو
خاصو انگريزي پڙهيل واپاري مدل ڪلاس پيدا ٿي چڪو هو ته امن امان،
ادارا ۽ قانون جي حڪمراني ان جي به ضرورت هئي. سو 1947ع ڪان پوءِ
به ڪجهه عرصي تائين انهن عنصرن جو گڏيل اثر پاڪستاني رياست
توڙي معاشري تي رهيو. پر جيئن جيئن هِتي فوج، بيورو ڪريسي، ملا ۽
جاگيردار پير ڪوڙيندا ويا تيئن تيئن افراتفري وڌندي ويئي، ادارن جي اهميت
گهٽبي ويئي ۽ قانون بندوق جي تابع ٿيندو ويو. نتيجو اڄ جي صورتحال آهي
جنهن ۾ هار ڪان هيڏي تائين ڪنهن جي به زندگي محفوظ ناهي، سماج ۾ پيچ ڏاهه
آهي، مستقبل غير يقيني آهي، انارڪيءَ جا امڪان وڌندڙ آهن جيڪا خانه
جنگيءَ جي شڪل اختيار ڪري سگهي ٿي.

هاسٽل ۾ رات جو موٽي اچڻ لاءِ وقت مقرر هوندو هو. ان ڪان پوءِ
چوڪيدار دروازو بند ڪري ڇڏيندو هو. اسان گهٽو رُلڻ پنڻ جا شوقين
ڪو نه هئاسين تنهن ڪري وقت سِر هاسٽل ۾ اچي ويندا هئاسين. اسان
(ٽيئي سئوٽ) جي وڌ ۾ وڌ تفريح اها هوندي هئي ته شام جي وقت هاسٽل
جي ويجهو رائل سينيما تي ويندا هئاسين. ڪجهه دير فلمن جا پوسٽر
ڏسي ۽ شو ڪان اڳ ۾ وڄندڙ رڪارڊ ٻڌي واپس ايندا هئاسين. يا وري
ڪڏهن ڪڏهن ٽورو پري مڇي مارڪيٽ جي پرسان غريب مقام سان لڳ
ميدان تي ٿيندڙ والي بال راند ڏسڻ ويندا هئاسين. بس ڪڏهن ڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فلم ڏسڻ ويندا هئاسين تہ پوءِ واپسيءَ ۾ دير ٿي ويندي هئي تہ پوءِ يا تہ گيٽ کولڻ لاءِ چوڪيدار جي خوشامد ڪرڻي پوندي هئي يا وري چوريءَ گيٽ جي مٿان ٽپڻو پوندو هو.

هاسٽل ۾ ہي پابندي نماز جي هوندي هئي. نماز لاءِ الڳ مانيٽر مقرر هوندو هو. مون کي نماز (ڇهين ڪلاس تائين) ايندي ڪا نہ هئي. مانيٽر جي چوڻ تي ننڍڙي بندي وٺي آيس. شروع ۾ هر نئين ڳالهہ ۾ دلچسپي هوندي آهي. مانيٽر پنجني وقتن ۾ رڪعتن جا تفصيل لکي ڏنا. مون چيومانس تہ مون کي تہ رڪعت جي بہ خبر ناهي. پوءِ اها بہ سمجهايائين. ڪجهہ وقت دلچسپيءَ سان نماز پڙهڻ کان پوءِ آهستي آهستي گسائڻ شروع ڪيم. نماز مانيٽر خدا بخش سانگي شريف ماڻهون هوندو هو تنهن ڪري هرويرو شڪايت ڪو نہ ڪندو هو البتہ اهو خدشو رهندو هو تہ ڪڏهن هائوس ماسٽر صاحب پاڻ نہ اچي وڃي. رمضان جون ويهہ رڪعتون الاهي مشڪل ۽ ٿڪائيندڙ بہ هونديون هيون تہ وري انهن تي سختي بہ گهٽي هوندي هئي. ذري گهٽ سڀ شاگرد پڙهندا هئا تنهن ڪري اٺ ـ ڏهہ صفون ٿينديون هيون. مان ۽ ڪجهہ بيا همراهہ آخري صف ۾ بيهندا هئاسين. مولوي صاحب (پيش امام) الله اڪبر چئي پهرين رڪعت شروع ڪندو هو تہ اسان ٻاهر نڪري ويندا هئاسين. وري اندازو ڪري آخري (چوٿين) رڪعت ۾ صف ۾ اچي بيهندا هئاسين جيئن سلام ورائڻ وقت ڪير ڏسي تہ اسان موجود آهيون. اهڙي طرح باقي جيڪو عرصو هاسٽل ۾ رهيس تہ نماز اڌوري پڙهيم ۽ سا بہ هيڊماسٽر جي ڀوَ کان ـ اها بہ حقيت آهي تہ مون پنهنجي تعليمي زندگيءَ ۾ جيڪي بہ زوراٽيون مارون کاڌيون انهن مان هڪڙي سخت سرديءَ ۾ صبح جي نماز نہ پڙهڻ تي ان ئي هيڊماسٽر سائين غلام رسول ڪلهوڙي جي هٿان کاڌي

نصابي پڙهائيءَ ۾ مان پرائمري کان وٺي صحيح هئس. ان سان گڏ غير نصابي سرگرمين ۾ بہ فطري طور دلچسپي هوندي هئي جهڙوڪ فلمر رانديون ۽ غير معمولي ماڻهن جا ڪارناما. اتي مان اهو چوڻ ضروري سمجهندس تہ روايتي والدين جي ابتڙ منهنجي والد جي نصابي سان گڏ غير نصابي سرگرمين ۾ بہ همٿ افزائي حاصل هوندي هئي. حقيقت ۾ زندگيءَ ۾ پهرين فلم والد صاحب پاڻ سان گڏ مون کي ڏيکاري جڏهن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چوٿين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس.

بابو پاڻ به جيترو پنهنجي پيشي يعني استادي ڪم کي دلچسپيءَ سان ڪندو هو اوترو ئي ٻين زندگيءَ جي دلچسپيءَ وارين شين ۽ ڳالهين ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو هو ان جي باوجود ته سندس آمدني محدود هوندي هئي. اسان جي خاندان ۾ جيڪي 7_8 گهر هئا انهن ۾ ٻيا سڀ زميندار هئا جڏهن ته بابي سائين جي آمدنيءَ جو واحد ذريعو سندس پگهار هئي پر پوءِ به سڀني کان وڌيڪ متحرڪ ۽ مختلف زندگي گذاريائين. سنڌي ۽ اردو ۾ مختلف موضوعن تي ڪتاب، رسالا يا مخزنون اسان جي ڳوٺ ۾ اُن آڻڻ شروع ڪيا. ڳوٺ ۾ پهرين واچ اُن ورتي، پهريون ريڊيو اُن آندو پهرين سلائي مشين ۽ (ٽانڊن تي هلندڙ) استري ان آندي راندين ۾ به دلچسپي هوندي هئس. پنهنجي عمر ڪجهه پختي هئڻ جي باوجود خاندان جي نوجوانن جهڙوڪ غلام ياسين، حاجي سليمان ۽ ٻين کي همٿائي ڳوٺ ۾ والي بال راند شروع ڪرايائين جيڪا پاڻ به کيڏندو هو ۽ جنهن کان متاثر ٿي بعد ۾ مون ۽ منهنجي نسل وارن ٻين نوجوانن به والي بال شوق سان کيڏڻ شروع ڪئي. فلمن جو ته باقاعدي شوقين هوندو هو خاص ڪري عيد تي لاڙڪاڻي ۾ نيون فلمون لڳنديون هيون ۽ مجموعي طور به عيد جي موقعي تي شهر جون رونقون وڌي وينديون هيون. سو هر عيد جي ٻئي ڏينهن تي بابو لاڙڪاڻي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي به گڏ وٺي ويندو هو. اڪثر والدين غير نصابي سرگرمين کي ٻارن جي تعليم توڙي ڪردار لاءِ هاڃيڪار سمجهندي انهن کان منع ڪندا آهن پر مون کي ان جي ابتڙ همٿ افزائي ملي. نتيجي طور مان فلمن، راندين ۽ ٻين اهڙين دلچسپين ۽ سرگرمين سان گڏ پڙهائيءَ ۾ به صحيح رهيس. اسان جي خاندان توڙي آسپاس جي ڳوٺن ۾ مان پهريون شاگرد هئس جيڪو پروفيشنل (انجنيئرنگ) ڪاليج ۾ داخل ٿيس. ويجهي ۾ ويجهو ڳوٺ ويهڙ هو (5_6 ڪلوميٽر) جتان جو هڪ نوجوان نظر محمد پيرزادو انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا وٺي سگهيو هو پر اهو به انٽرميڊيٽ جي بجاءِ بي ايس سي ڪرڻ کان پوءِ.

اهڙي طرح غير نصابي سرگرمين سان فطري دلچسپي ۽ خانداني همٿ افزائيءَ سبب ننڍي عمر يعني اسڪول جي ڏينهن ۾ سياست جا جلوا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏسڻ جو موقعو مليو. جنرل ايوب خان جي مارشل لا لڳڻ سان اوڀر بنگال کي ڇڏي باقي پاڪستان ۾ سياسي سرگرميون نه هجڻ جي برابر وڃي رهيون هيون. عوام دوست ۽ جمهوريت پسند سياستدان جهڙوڪ سائين جي ايم سيد، عبدالصمد خان اڇڪزئي، مير غوث بخش بزنجو ۽ ٻيا جيلن ۾ هئا جڏهن ته اڪثر سياستدان يا ته ايوب خان جا سلامي وڃي ٿيا يا ماٺ ڪري ويهي رهيا. جمهوريت جو چيمپيئن سڏائيندڙ ذوالفقار علي ڀٽي ته پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات ئي ايوبي آمريت سان ڪئي. دراصل هڪڙن سياستدانن جي جيل وڃڻ ۽ ٻين جي خاموش ويهڻ کي هن همراهه غنيمت جو موقعو سمجهندي ان مان ڀرپور فائدو ورتو.

ان وقت "مغربي پاڪستان" ۾ ايوب خان جي آمراڻي ۽ جابراڻي حڪومت کي صرف شاگرد چئلينج ڪري رهيا هئا. ڪراچي انهيءَ شاگرد تحريڪ جو وڏو مرڪز هئي. ان جا اثر سنڌ جي ٻين شهرن تي به لازمي طور پيا. لاڙڪاڻو جيئن ته تاريخي طور وڏيڪ متحرڪ رهندڙ شهر رهيو آهي تنهن ڪري ان تي اِهي اثر وڌيڪ پيا. هفتي ٻئي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جا شاگرد ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري جلوس ڪيندا هُئا، پوءِ اهي شهر جي هاءِ اسڪولن ۾ وڃي اتي به ڪلاس بند ڪرائيندا هئا. اڪثر ڪري اسان جي اسڪول جا شاگرد موڪل جو موقعو سمجهي خوش ٿي گهر هليا ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن چند شاگرد جلوس ۾ شامل ٿيندا هئا انهن ۾ مان به هوندو هئس. مون کي ڪاليج جي شاگرد اڳواڻن جا نعرا وڻندا هئا ۽ تقريرون متاثر ڪنديون هيون. هڪڙو به دفعو سرڪار تعليمي ادارا بند ڪري ڇڏيا ته اسان به ڳوٺ هليا وياسين.

انهن ڏينهن ۾ سياست سان منهنجو بس ايترو واسطو رهيو البته تحريڪ جي اڳواڻي ڪندڙ شاگرد اڳواڻن جا جيڪي نالا ورتا ويندا هئا انهن مان مون کي خبر ناهي ڪهڙن سببن جي ڪري علي مختار رضويءَ جو نالو وڌيڪ متاثر ڪن لڳندو هو ۽ ياد به رهيو. هڪ دفعي تحريڪ جي ڪري اسڪول بند ٿيو ته اسان ڳوٺ وڃڻ لاءِ راڌڻ شهر پهتاسين. اتي هڪ بزرگ علي محمد جوُڻيجي جو ڪپڙي جو دڪان هوندو هو. ان سان اسان جي خاندان جي وڏن جي سلام دعا هوندي هئي تنهن ڪري ڳوٺ ويندي اسان سندس دڪان تي ڪڏهن ڪڏهن ساهه پٽڻ ۽ پاڻي پيئڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويندا هئاسين. ان دفعي هن بزرگ پڇيو تہ اسڪول ڇو ڇڏي آيا آهيو؟ تہ مون شاگرد تحريڪ بابت ٻڌايس. شايد منهنجو امتحان وٺڻ لاءِ پڇيائين تہ توهان جو اڳواڻ ڪير آهي تہ مون ترت چيو تہ علي مختار رضوي جيتوڻيڪ مون کي صحيح خبر ڪو نہ هئي تہ ان تحريڪ جو باقاعده ليڊر ڪير آهي. علي محمد جوڻيجي صاحب جا پوٽا اعجاز ۽ فهيم هن وقت جيئي سنڌ محاذ جا ڪارڪن آهن.

وقت ۽ حالتن جو فيصلو چئجي يا زندگيءَ جو خوبصورت اتفاق تہ اٽڪل ويهارو سالن کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ جيئي سنڌ محاذ لاءِ ڪم ڪندي سائين جي ايم سيد جي واسطي سان علي مختار رضوي سان ملاقات ٿي جيڪا جلد ئي قربت ۾ تبديل ٿي ويئي. علي مختار رضوي جنهن جي علمي صلاحيتن ۽ گفتگوءَ جي فصاحت ۽ بلاغت ۽ تقرير جي فن سبب کيس علامہ سڏيو ويندو هو ان جو تفصيلي حوال اڳتي ايندو بهرحال اهو منهنجي لاءِ زندگيءَ جو هڪ وڏو اعزاز هوءِ آهي تہ اڳتي هلي جڏهن مان جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين ٿيس تہ علامہ علي مختار ان جو ميمبر هو.

مون زندگيءَ جي پهرين فلم بہ بابي سان گڏ ميهڙ ۾ ڏٺي جڏهن مان چوٿين درجي ۾ پڙهندو هئس. اِها اُن وقت جي مشهور جوڙي صبيحہ ۽ سنتوش جي فلم دربار هئي جيڪا ميهڙ جي اوپن ايئر سينيما ۾ ڏٺيسون. يعني ان سينيما کي ڇت ڪا نہ هوندي هئي، ان ڪري ان ۾ فلم صرف سج لٿي کان پوءِ هلندي هئي. ان وقت جي اڪثريتي ماڻهن لاءِ سڀ کان بهترين ۽ سڀ کان وڏيڪ پُرڪشش تفريح فلم ڏسڻ ئي هوندي هئي. جيڪڏهن اُها چوٿين درجي جي ننڍي عمر (ان وقت جي حساب سان) ۾ حاصل ٿئي ۽ سا بہ والد سان گڏ تہ پوءِ چئي کٽي بس ڪجي. ان جو مطلب ٿيو تہ مون کي والد جي طرفان فلم ڏسڻ جي اجازت ملي ويئي. ان ڪري اسڪول ۽ ڪاليج جي ڏينهن ۾ مون کي فلمن جو تمام گهڻو شوق هيو پر ڏسندو صرف منتخب (Selected) فلمون هئس ان ڪري تہ وڌيڪ جي اجازت ڪيسو نہ ڏيندو هو ڇاڪاڻ تہ والد جيڪو مون تي اعتماد ڪيو هو ان کي مون ٽوڙڻ نہ پئي چاهيو ۽ نہ ئي ڪڏهن مون ان اعتماد کي ٽوڙيو سڄي زندگيءَ ۾. ائين تہ ڪو نہ چوندس تہ مان سندس اعتماد تي سئو سيڪڙو پورو لٿس پر ايترو پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ

اعتماد جي وچڙي سطح کان ڪڏهن به هيٺ نه ڪِرِيُس. سو تمام گهڻو شوق هئڻ جي باوجود فلمن ڏسڻ لاءِ ڪڏهن به ڪوڙ ڳالهائي بابي کان پئسا نه ورتم چاڪاڻ ته مون کي سندس محدود آمدني جي خبر ۽ ان جو احساس هوندو هو. نه ئي ورِي ڪڏهن فلم جو شوق پورو ڪرڻ لاءِ مون ڪنهن کان قرض ڪنيو. دراصل بابي سان ويجهو رهڻ ڪري مون اهو سِکي ورتو هو ته محدود ۽ مقرر پئسن منجهان پنهنجون ضرورتون ۽ پنهنجا شوق عزت پرئي طريقي سان ڪيئن پورا ڪجن. سو ڪجهه فلمون سينيما ۾ اندر وڃي ڏسندو هئس ۽ ڪجهه جا وري سينيما هال جي ٻاهران شيشي جي اندر لڳل فوٽو ڏسي ٻاڙ پوري ڪندو هئس.

منهنجي زندگيءَ جي پهرين نمبر شوق واري فلمن جي حيثيت کي پهريون ڌڪ راندين لڳايو خاص طور تي والي بال ۽ ڪرڪيٽ. والي بال تمام گهڻي شوق سان کيڏي هيٺين درجي جي ٽيمن سان انفرادي ميچون به کيڏيون ته ٽورنامنٽن ۾ به حصو ورتو (پنهنجي ڳوٺ قاضي دڙي ۾ به اسان هڪڙي ٽورنامينٽ ڪرائي) ۽ پهرئين درجي وارين ٽيمن جون ٽورنامنٽون ڏسڻ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ به ويندو هئس. ڪرڪيٽ مون کيڏي تمام گهٽ پر ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو تمام گهڻو شوق هو جيڪو اڄا تائين آهي. سمجهڻ ان ڪري ته ڪرڪيٽ تمام ڏکي ۽ گهڻ پاسائين راند آهي. ان جا قاعدا ۽ قانون به تمام گهڻا ۽ تمام ڏکيا آهن. ايتري تائين جو هيٺين سطح تي راند کيڏندڙن مان به ڪن کي سمورا قانون ڪو نه ايندا آهن. بيون لڳ ڀڳ سموريون رانديون هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ آهن جڏهن ته ڪرڪيٽ مڪمل طرح مختلف آهي. بيون سڀ رانديون ڏيڍ ٻه ڪلاڪ يا وڌ ۾ وڌ ٽن چئن ڪلاڪن ۾ پوريون ٿي وڃن پر هيءَ پنج ڏينهن هلي پر دلچسپ ايتري ته ڏسڻ وارا پنج ئي ڏينهن دلچسپيءَ سان ڏسن. البته دلچسپي انهن جي رهندي جيڪي هن راند جي گهڻ پاساوَن ۽ باريڪ ڳُرن کي سمجهندا. بين راندين ۾ ٻئي ٽيمون بال سان کيڏن جڏهن ته ڪرڪيٽ ۾ هڪڙي ڌِر جي هٿ ۾ بال ته ٻئي جي هٿ ۾ ڏنڊي جهڙي بئٽ. آهي نه دلچسپ ۽ منفرد ڳالهه ته هڪ وقت ۾ هڪڙي ٽيم جا يارهن رانديگر ميدان ۾ هجن ٿا جڏهن ته ٻيءَ جا صرف ٻه. بئٽ استعمال ڪرڻ جو هنر پنهنجو ۽ بال استعمال ڪرڻ جو ڏانءُ وري پنهنجو. بال وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪڙا تيز اڇلائن تہ ٻيا وري ڦِرڻو (Spin). تيز بال اڇلائڻ جا طريقا بہ تمام گهڻا تہ وري ڦرڻو بال اڇلائڻ جون اٽڪلون بہ بيشمار. رانديگر جي آئوٽ ٿيڻ جا پنج ڇهہ تہ عام طريقا آهن پر ايتراڻي وري ٻيا بہ غير معروف طريقا آهن جيڪي ڏيڍ سئو سالن ۾ رڳو ٻہ يا ٽي ڀيرا استعمال ٿيا آهن. بهرحال هيءَ هڪ اهڙي راند آهي جو جيڪو هن جي گهراين ۽ نفاستن کي سمجهندو ان لاءِ انتهائي دلچسپ آهي ۽ جيڪو مٿاڇرو ڏسندو ان لاءِ نهايت بور ڪندڙ.

فلمن سان پنهنجي شوق جي انتها جا بہ واقعا ٻڌائڻ مناسب سمجهان ٿو. نائين يا شايد ڏهين ڪلاس ۾ ميهڙ ۾ پڙهندو هئس. اتان فلمن ڏسڻ لاءِ لاڙڪاڻي ويس. اتي بہ سينيمائون نگار ۽ ايمپائر هڪ ٻئي جي لڳو لڳ هيون. مون ميٽني شو (3 کان 6) ايمپائر ۾ فلم عيد مبارڪ ڏٺي، اتان نڪري فرسٽ شو (6 کان 9) نگار ۾ هزار داستان ڏٺي ۽ اتان نڪري وري آخري شو (9 کان 12) عيد مبارڪ ڏٺي. ٻئي دفعي فرسٽ ييئر ۾ لاڙڪاڻي پڙهندو هئس تہ ڪجهہ سال پراڻي فلم شهيد ٻيو پيرو لڳي. اها فلم مون هفتي جا ڇهہ ڏينهن لڳاتار ڏٺي. جيئن اڳ ۾ ٻڌايم تہ فلمن جي شوق کي ڏڪ راندين جي شوق هنيو تہ فلمن ۽ راندين ٻنهي جي شوق تي وري قومپرست سياست جو جذبو غالب اچي ويو خاص ڪري جڏهن انجنيئرنگ پڙهڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ داخل ٿيس. فلمن جو شوق تہ صفا گهٽ ٿي ويو البتہ راندين سان دلچسپي اڃا بہ آهي پر انهن لاءِ وقت بلڪل ڪونہ ٿو ڪڍي سگهان. ڪنهن وقت ٽيليويزن تي پنج پنج ڏينهن ويهي ٽيسٽ ميچ ڏسندو هئس، هاڻي تہ ٽن ڪلاڪن واري T20 مئچ بہ چڱي طرح ڏسي ڪونہ سگهندو آهيان. مذهبي ڳالهين سان تہ دلچسپي فطري طور ئي گهٽ هئي، جيڪا ۽ جيتري هئي ان کي بہ قومي جدوجهد جي ڪشش ۽ اثر اڃا بہ گهٽائي ڇڏيو. تڏهن ئي شايد ڪنهن چيو تہ ”مذهب خاطر انسان سڀ ڪجهہ ڇڏي سگهي ٿو پر قوميت ۽ انقلاب لاءِ مذهب کي بہ ڇڏي سگهي ٿو“.

فلمن ۾ سڀ کان وڌيڪ هيرو طور وحيد مراد پسند هوندو هو جڏهن تہ محمد علي پڻ سٺو اداڪار هو. هيروئنن ۾ ٻهريان زيبا وڻندي هئي پر پوءِ جڏهن اداڪاريءَ جي خبر پوڻ لڳي تہ پوءِ راڻي گهڻو متاثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪندي هئي. هوءَ هر رول ۾ فٽ هوندي هئي، هر رول بهترين نڀائيندي هئي، جيڪڏهن سگهجي ٿو تہ هوءَ پاڪستان جي ورسٽائل اداڪاره هئي، خاص ڪري ٽريجڊيءَ ۾ تہ سندس جواب نہ هو. منهنجو خيال آهي تہ هوءَ جيڪڏهن هندستاني فلم انڊسٽريءَ ۾ هجي ها تہ شايد تمام وڏو نالو ڪمائي ها ۽ شايد عورتن ۾ اُها حيثيت هجيس ها جيڪا مردن ۾ دليپ ڪمار جي هئي. هندستاني فلمن ۾ (جيڪي بعد ۾ وي سي آر تي ڏٺيون) اهڙي ئي متاثر ڪندڙ ۽ حقيقت کي قريب تر اداڪاري مون کي سميتا پاٽل جي لڳندي هئي. جيتوڻيڪ شڪل ۾ اُها ٻين پارٽي اداڪارائن جيتري سهڻي ڪو نہ هئي پر اداڪاريءَ ۾ جواب نہ هئس. هونءَ هندستان ۾ تہ هڪ کان مٿي هڪ اداڪاره هئي جهڙوڪ مڌو بالا، نرگس ۽ مينا ڪماري وغيره. مردن ۾ تہ يقيني طور دليپ ڪمار اداڪاريءَ جو هڪڙو حوالو يا معيار آهي جنهن تي ٻين هيرن کي پرکيو ويندو آهي. ايڏي وڏي انڊين انڊسٽريءَ ۾ ٻئي جيڪڏهن ڪنهن اداڪار مون کي متاثر ڪيو تہ اهو نصرالدين شاهہ آهي. باقي ٻيا تہ ڊانس ۽ نوٽنڪي بازي سکي هيرا تي ويا. هندستاني فلمون مون ڏٺيون ٿوريون ۽ سينيما ۾ تہ بلڪل بہ چند ڏٺم جو پوءِ جلد ئي 1965 واري جنگ جي ڪري پاڪستان ۾ انهن تي بندش پئجي وئي. هاڻي وري نئين طرح اچڻ شروع ٿيون آهن پر هاڻي اسان کي نڪو شوق آهي نڪو وقت.

فلمي موسيقيءَ ۾ نورجهان يقيني طور وڏي فنڪاره هئي پر مون کي نسيم بيگم جا گانا وڌيڪ وڻندا هئا ۽ آهن جيتوڻيڪ انهن جو تعداد تمام ٿورو آهي. مردن ۾ سليم رضا، مهدي حسن، احمد رشدي، مسعود رانا اهي سڀ ٺيڪ لڳندا هئا. هندستان جي پاسي محمد رفيع جو تہ بس نالو وٺي ڪٿي بس ڪجي. ان جي فن تي تہ ڪو سنو فنڪار ئي ڳالهائي سگهي ٿو باقي منهنجي خيال ۾ سڄي ننڍي کنڊ ۾ شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهون هجي جيڪو فلمي موسيقيءَ جو شوقين هجي ۽ محمد رفيع کي پسند نہ ڪندو هجي. مان رڳو ايترو چئي سگهان ٿو تہ هو هر فن مولا هو ۽ هر گاني کي ان جي صورتحال ۽ پس منظر مطابق رنگ ڍنگ ۾ ڳائيندو هو. اهڙي طرح جو ٻڌندڙ کي فلمي سين اکين آڏو ڦرندي محسوس ٿيندي هئي. مون کي ننڍي هوندي کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جيڪي چند گانا سڀ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي جنهن ۾ لتا جو بہ گهر آهي ۽ هڪ ٻئي سان سلام دعا بہ اٿن سو ملاقات ٿي ويندي 2005 ۾ دهليءَ ۾ پاڪ انڊيا پيپلز فورم جي اجلاس ۾ شرڪت ڪانپوءِ ممبئي ويس پر نِنديتا ٻڌايو تہ سنڌس دوست جو لتا سان جهيڙو ٿي پيو آهي تنهن ڪري هاڻي ملاقات نہ ٿي سگهندي ان سان ڳڌ نِنديتا مون کي اهو بہ چيو تہ "دادا، لتا منگيشڪر تہ شِوسينا جي حامي آهي، پوءِ توکي ان سان ملڻ مان ڪهڙو فائدو". مون چيس تہ تنهنجي ان ڳالهہ جو منهنجي دماغ تي ضرور اثر ٿيو آهي ۽ مون وٽ هن جون مارڪون ڪجهہ گهٽ بہ ٿيون آهن پر هيترن سالن تائين هُن پنهنجي آواز سان منهنجي دل ۽ منهنجي روح کي جيڪو سرور ۽ جيڪا تازگي بخشي آهي ان لاءِ تہ مان سنڌس ٿورائتو آهيان ۽ رهندس نہ.

ڪي ڊي اي ۾ نوڪريءَ دوران هڪ ڏينهن آفيس ۾ گپ شپ ٿي رهي هئي، زندگيءَ جي ڏک ۽ سک جو ۽ مثبت ۽ منفي پاسن جو ذڪر ٿي رهيو هو. اتي هڪڙي اردو ڳالهائيندڙ سب انجنيئر مون کي مخاطب ٿيندي چيو تہ "جونيجو صاحب! کيا يہ هماري خوشقسمتي نهين هي کہ هم لتا منگيشڪر کي دور مين پيدا هوئي". بهرحال مون پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ سوچيو هو تہ جڏهن لتا سان ملاقات ٿيندي تہ کيس چوندس تہ تاريخ ۾ سنڌ کي ممبئيءَ سان ٻن ڏرين ڳنڍيو. انگريزن بندوق جي زور تي ۽ تو پنهنجي آواز ۽ سُر سان. ۽ پوءِ کيس ٻڌايان ها تہ سنڌي ڪيئن سُر تي سِر ڏيندا آهن. پر هاڻي لڳي ٿو تہ اهي ڳالهيون پيٽ ورن ۾ ئي شايد رهجي وڃن تنهن ڪري ٻاهر ڪڍي ٿو ڇڏيان. جيستائين لتا اڃا زنده آهي پر ڀارت ۽ پاڪستان ۾ جهڙا حڪمران آهن تہ اها ملاقات ممڪن ڪا نہ ٿي لڳي ڇاڪاڻ تہ اهي حڪمران رڳو بندوق جي ٻولي ڳالهائيندا ۽ سمجهندا آهن، انهن وٽ سِڪ جي سڳي ۽ روح جي رشتي جي ڪا اهميت ڪانهي. ڪاش انهن تائين ڪا راءِ ڏياچ جي رت جي خوشبو پهچي ها.

لاڙڪاڻي جو ڊي سي هاءِ اسڪول جنهن روڊ جي ڪناري تي هو (رائل سينيما ۽ جناح باغ کان قائم شاهہ ڏانهن) ان روڊ جي بلڪل ٻئي ڪناري تي گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول هو. اسان اٺين درجي ۾ پهتاسين تہ اعلان ٿيو تہ لاڙڪاڻي ۾ گرلس ڊگري ڪاليج قائم ٿيندو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي. اڄڪلهه جيڪڏهن ڪٿي نيت ۾ ڏل نظر به اچي ٿي ته اتي "هُڏڙي" راند ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي جيڪا اڳي ننڍڙا ٻار ڪيڏندا هئا.

ٻئي طرف ڪرڪيٽ بين الاقوامي راند آهي، ان ڪي حڪومتن جي سرپرستي ته هميشه کان ئي هئي پر هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ جيئن زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ گهڻ قومي ڪاروباري ڪمپنين جي بالادستي وڌندي پئي وڃي تيئن ڪرڪيٽ به انهن جي وَر چڙهندي ٿي وڃي. ۽ پوءِ سرمائيداريءَ جي فطرت واريون سڀ ڳالهيون ان ۾ به ايندي ويندي ٿيون وڃن. هڪ پاسي عام ماڻهن جي ڇڙواڳ ڦرلٽ مان آيل دولت ذريعي رانديگرن ۽ منتظمن کي تمام گهڻو پئسو ٿو ملي جيڪي ڪروڙ پتي (۽ شايد ارب پتي) ٿيندا پيا وڃن ته ٻئي طرف ڪرپشن، جوا، بي ايماني ۽ ٺڳي به پنهنجي عروج تي آهن. نتيجو اهو آهي ته اڳي ڪرڪيٽ کي شريفن جي (gentlemen's) راند چيو ويندو هو پر هاڻي سڀ کان وڌيڪ ٺڳين ۽ ڪرپشن جا اسڪينڊل ان راند ۾ پيا اُڀري اچن. اهو سڀ ڪجهه "پروفيشنلزم" جي نالي ۾ ٿئي پيو. سرمائيداري (capitalism) سسٽم بيٺل ئي اقليت طرفان اڪثريت جي ڦرلٽ تي آهي. ان جي راندين ۾ حصي جو صرف هڪڙو مثال ڏجي ٿو. انڊيا غربت جي حساب سان دنيا ۾ چوٿين تي آهي. غربت، بک، بيماري ۽ بيروزگاريءَ سبب سڀ کان وڌيڪ ماڻهون ڀارت ۾ مرن ٿا پر ٻين شاهوڪار سرمائيدار ملڪن سان ڪلهو هڻڻ جي ڪوشش ۾ ڪار ريسنگ جو ميدان تيار ڪرڻ تي پنجويهه ارب رپيا خرچ ڪيا ويا.

ڪرڪيٽ کي بين الاقوامي راند ته چئي سگهجي ٿو پر اها عالمي راند ناهي ڇاڪاڻ ته اها صرف انهن ملڪن منجهان ڪجهه ۾ کيڏي وڃي ٿي جيڪي انگريزن جا غلام رهيا هئا. هن وقت تائين صرف ڏهه ملڪ اهڙا آهن جيڪي راند جي اعليٰ ترين سطح (ٽيسٽ مئچ) تائين تسليم ٿيل آهن جن مان چار رڳو ننڍي کنڊ جا آهن. اٽڪل ڏيڍ سئو سالن جي بين الاقوامي مقابلن ذريعي هن راند تمام گهڻا تمام وڏا ۽ ناليوارا رانديگر پيدا ڪيا آهن پر اسان جي دور جا رانديگر جن جي راند اسان ڏسي سگهيا آهيون انهن مان اهي بئٽسمين جن جي راند مون کي سڀني کان وڌيڪ وڻندي هئي سي سنيل گواسڪر ۽ وويَن رچرڊس آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دلچسپ ڳالھ اِھا آھي تہ ٻنھي جي بيٽنگ جو انداز نہ رڳو ھڪ ٻئي کان مختلف پر متضاد ھو. گواسڪر بلڪل ڪتابي (Copy book) راند کيڏندو ھو جڏھن تہ رچرڊس بلڪل غير روايتي راند کيڏندو ھو. گواسڪر اُھي شاٽس کيڏندو ھو جيڪي (ڪجھ جهڙي ريت) ڪتاب ۾ لکيل ھئا ۽ رچرڊس وري ڪيترا اھڙا اسٽروڪس کيڏندو ھو جن جي ڪتابي ٻوليءَ ۾ تشريح ڪرڻ مشڪل ھوندي ھئي. اسان جي دور جا ٻيا وڏا بيٽسمين گريگ چئپل ۽ رڪي پونٽنگ (آسٽريليا)، ڊيوڊ گاور (انگلينڊ)، سچن تنڊولڪر (انڊيا) ۽ برائن لارا (ويسٽ انڊيز) ھئا. تيز بالنگ ڪندڙن ۾ آسٽريليا جا ڊينس لِلي ۽ گلين مڪگرا مثالي ھئا باقي ويسٽ انڊيز وٽ تہ جڻ نيڪٽري ھئي. اينڊي رابرٽس، مائيڪل ھولڊنگ، جوئل گارنر، ڪولن ڪرافٽ، ميلڪم مارشل، سلويسٽر ڪلارڪ، ڪرٽلي ايمبروز ڪورٽني والش اھي سڀ ھڪ کان ھڪ مٿي ھئا. ويسٽ انڊيز وارن لاءِ مسئلو اھو نہ ھوندو ھو تہ ڪنھن کي کيڏائين پر مسئلو اھو ھوندو ھو تہ ڪنھن کي نہ کيڏائين ۽ جيڪڏھن ڪو نئون بيٽسمين پنھنجي ڪيريئر جي شروعات انھن بالرن جي سامھون ڪندو ھو تہ ڪمينٽيٽر ان کي بدقسمت قرار ڏيندا ھئا. اھو بہ دنيا ۾ مڃيل آھي تہ ڪرڪيٽ راند کي ھڪ مقبول فن جو درجو ويسٽ انڊيز وارن ڏنو. اُنھن ڏينھن کان وٺي منھنجي پسنديده ٽيم ويسٽ انڊيز آھي جيتوڻيڪ گذريل 15_16 سالن کان اھي اڪثر ميچون ھارائيندا ٿا اچن پر سنڌ جي روايت آھي تہ جنھن سان ھڪ دفعو سنگت رکبي تہ پوءِ ھر حال ۾ ساٿ ڏبو. اِسپن (ڦرٽي) بالنگ جي شعبي ۾ نہ رڳو اسان جو دور پر منھنجي خيال ۾ ڪرڪيٽ جي تاريخ جو وڏو بالر آسٽريليا جو شين وارن آھي جيتوڻيڪ سري لنڪا جو مُتيا مرليڌرن بہ عظيم بالر ھو ۽ ان جي ورتل وڪيٽن جو تعداد وارن کان وڌيڪ آھي. ڪرڪيٽ راند کي خوبصورت بڻائيندڙ گھٽن عنصرن مان ھڪڙو بالر جو انداز (Action) بہ ھوندو آھي. ان لحاظ کان منھنجي نظر ۾ اِسپن بالنگ ۾ سڀ کان سٺو ۽ آسان انداز ڀارت جي بشن سنگھ بيدي جو ھو جڏھن تہ فاسٽ بالرن ۾ ويسٽ انڊيز جو مائيڪل ھولڊنگ بھترين ھو. ڪرڪيٽ ان لحاظ کان بہ ٻين سمورين راندين کان مختلف آھي تہ ھن ۾ ڪپتان جو رول غير معمولي ھجي ٿو بلڪ ڪيترين حالتن ۾ تہ اھو رول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فيصلائتو هوندو آهي. ڪئپٽن جا ڪيل فيصلا ڪنهن ٽيم جي کٽڻ ۽ هارائڻ جا سبب بڻجي ويندا آهن. ائين ئي ڪنهن به راند ۾ ناهي ٿيندو. 1970ع کان پوءِ جي عالمي ڪرڪيٽ جا بهترين ڪپتان آسٽريليا جا ائين چيپل ۽ اسٽيووا، ويسٽ انڊيز جو ڪلائيو لائيڊ، انگلينڊ جو مائيڪ بريئرلي ۽ پاڪستان جو مشتاق محمد هئا.

لاڙڪاڻو ڇڏي جڏهن مان ميهڙ جي گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول ۾ داخل ٿيس ته ان وقت اسڪول جي هاسٽل تيار ڪو نه هئي تنهن ڪري وڏن جي چاڻ سڃاڻ واري محمد هاشم جوکيي وارن وٽ رهائش اختيار ڪئي... سندن گهر ميهڙ شهر جي ڏاکڻين طرف بلڪل آخر ۾ هو. ان کان پوءِ کو به گهر ڪو نه هو ميندي ۽ جي فصل واريون پنيون هيون. ميندي ۽ جي حوالي سان ميهڙ سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. شادين وغيره جي موقعن تي عورتون جيڪي سهرا/ لاڏا چونديون آهن انهن ۾ ميهڙ جي ميندي ۽ جو ذڪر اڪثر هوندو آهي. ميهڙ سان "ميم" حرف جي وابستگي ڪجهه خاص تي لڳي ڇاڪاڻ ته ميهڙ ميندي ۽ کان علاوه مائي جي ڪري به گهڻو مشهور آهي.

ميهڙ هاءِ اسڪول ان ئر جو ڪافي پراڻو ۽ پڙهائي ۽ جي لحاظ کان ڪافي نالو رکندڙ ادارو هو. نه رڳو لاڙڪاڻي کان پوءِ هن خطي جو بهترين اسڪول آهي پر سڄي سنڌ ۾ تعلقي سطح جا هن جي معيار جا ٿورا اسڪول هوندا. پاڪستان کان اڳ ۾ قائم ٿيل هن اسڪول مان تعليم حاصل ڪندڙن ۾ ايم ايچ (محمد حسين) پنهور جهڙا نالا آهن جيڪو اڳتي هلي "سنڌيات" جو وڏو ماهر بڻيو. هونءَ ميهڙ شهر ايترو وڏو نه هئڻ جي باوجود تعليم، علم ادب ۽ سياست جي لحاظ کان الاهي اهم رهيو آهي. مولانا غلام محمد گرامي ۽ شمس الدين بلبل جهڙين شخصيتن جو تعلق هن ئي شهر سان هو البته مون کي اها پڪ ناهي ته انهن هن اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي يا نه. پاڪستان ٺهڻ وارن ڏينهن جو مسلم ليگ سنڌ جو هڪ اهم اڳواڻ سيد علي اڪبر شاهه به ميهڙ جو ئي هو ۽ پڌايو وڃي ٿو ته جواهر لال نهرو به هتي آيو هو.

مان جڏهن ان اسڪول ۾ داخل ٿيس ته ان وقت ان جو هيڊ ماستر سيد علي اڪبر شاهه جو ننڍو ڀاءُ سيد علي اصغر شاهه هو. واهه جو ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ٻئي سيڪشن جو ڪلاس ٽيچر محمد نواز صاحب هوندو هو جيڪو اسان کي سوشل اسٽڊيز پڙهائيندو هو. اهو تمام پلو استاد هو هوشيار به هو ۽ شخصيت به متاثر ڪندڙ هئڻ سان گڏ سمجهاڻي به سٺي هوندي هئس.

ان وقت ائين درجي تائين ساليانو امتحان اسڪول ۾ ئي ورتو ويندو هو جڏهن ته نائين کان مٿي تعليمي بورڊ وٺندو هو. پر ائين ڪلاس ۾ ئي هڪڙو اسڪالر شپ جو امتحان ٿيندو هو جيڪو ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن وارا وٺندا هئا. جيڪو شاگرد ان ۾ ڪامياب ٿيندو هو ان کي ايندڙ به سال يعني مئٽرڪ تائين اسڪالر شپ ملندي هئي. اها اسڪالر شپ ٻارنهن رپيا مهينو هوندي هئي جڏهن ته هاسٽل ۾ رهندڙ شاگرد لاءِ اها ٽيهه رپيا هوندي هئي. ان امتحان ۾ پاس اسان چار ڄڻا ٿياسين. هڪڙو صغير (مهاجر) ٻيو ارجنداس، ٽيون بهادر سولنگي، چوٿون مان. هو ٽيئي ڄڻا ته پنهنجي گهرن ۾ رهندا هئا تنهن ڪري انهن لاءِ اسڪالر شپ ٻارنهن رپيا مهينو جڏهن ته منهنجي لاءِ ٽيهه رپيا مهينو منظور ٿي. جيڪڏهن اڄ وارو تعليمي ۽ سماجي ماحول هجي ها ته ماستر اڌ پئسا وٺڻ جي شرط تي سيني جو هاسٽل وارو فارم ڀري ڇڏين ها پر ان وقت اڃا ايمانداري هئي تنهن ڪري جنهن جي جيڪا صورتحال هئي ان مطابق فارم ڀريا ويا. نه شاگردن ئي ٺڳيءَ جو سوچيو نه وري استادن جي ذهن ۾ ڪو بي ايمانيءَ جو تصور هو.

1960ع جي ڏهاڪي ۾ هڪ اسڪولي شاگرد لاءِ ٻارهن رپين جو وظيفو بلڪل ڪافي هو. انهن ڏينهن ۾ مزدور جي ڏهاڙي 2 کان 3 رپيا هوندي هئي. ان کان علاوه ان وقت زندگي مجموعي طرح سادي هئي. ان دور ۾ اڄوڪن ٻارن وارا نخرا ۽ فرمائشون ڪو نه هونديون هيون. اڄڪلهه جي ڪنزيومر (صارف) سوسائٽيءَ جي چمڪ دمڪ ٻارن کي ايترو متاثر ٿي ڪري جو ان جي وڌندڙ فرمائشن جو بار غريب مائٽن جي چيلهه ڀڃي ڪري ٿو وجهي. هڪ طرف مهانگائي ٻئي طرف ڦرلٽ جي نتيجي ۾ وڌندڙ غربت صورتحال کي اتي پهچايو آهي ته 2 کان 3 سئو تائين ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور گهر ڀاتين کي ٽن وقتن جي ماني ۽ به ڪپڙا مهيا نٿو ڪري سگهي پوءِ اُهو فرمائشون ڪٿان پوريون ڪري سگهندو. اهڙين حالتن ۾ ڪيترا غريب ويچارا خودڪشي ڪريو ٿا ڇڏين. بهرحال ان وقت اهڙي صورتحال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نه هئي. غربت ته هئي پر گذارو ٿي ويندو هو. ٻيو ته ان وقت غريب توڙي امير جا ٻار هڪ ئي اسڪول ۾ هڪ ئي بئنچ تي ويهندا هئا ۽ لڳ ڀڳ هڪ جهڙي زندگي گذاريندا هئا تنهن ڪري سڀئي اسڪولي ٻار گهڻي حد تائين خوش ۽ مطمئن هوندا هئا. اهڙي صورتحال ۾ اسڪول جي شاگرد لاءِ ٻارنهن رپيا مهينو ڪوڙ هئا جڏهن ته هاسٽل واري جي لاءِ ٻه پنجيهه رپيا مناسب هئا.

رزلٽ اچڻ ڪانپوءِ جيستائين اسڪالر شپ منظور ٿي ۽ وري جيستائين پئسا آيا تيستائين مان نائين ڪلاس ۾ اچي ويو هئس بلڪ ڪجهه مهينا گذري به چڪا هئا. اهڙي طرح 6_7 مهينن جي گڏيل اسڪالر شپ ملي جيڪا لڳ ڀڳ ٻه سئو رپيا هئي ته مان تمام گهڻو خوش ٿيس. بابو ۽ ٻيا گهر وارا به خوش ٿيا. منهنجي لاءِ اهو خوشيءَ سان گڏ اطمينان ۽ اعتماد جو موقعو به هو. پهريون دفعو هو ته گهر وارن خاص ڪري والد جي ڪيل اعتماد جو مون ڦل سامهون آندو ۽ پنهنجو پاڻ تي به اعتماد وڌيو ته مان ڪجهه ڪري سگهان ٿو ۽ اهو به احساس ٿيو ته والد جي ڪلهن تي پيل وڏي بار ۾ ٿڪو پئسو گهٽتائي ٿي. ائين چئي سگهجي ٿو ته پنهنجو پاڻ تي پاڙڻ واري عملي زندگيءَ لاءِ اهو پهريون ڏاڪو هو. انهن گڏ ٿي مليل پئسن مان مون جيڪا مکيه شيءِ خريد ڪئي سا واچ هئي. جيڪو وينڊو آهي ته ماڻهوءَ کي پهرين پگهار جو ملڻ ۽ ان جو استعمال سڄي عمر ياد رهندو آهي. منهنجي پهرين آمدني اهي اسڪالر شپ جا پئسا هئا. اهڙي طرح پهريون دفعو مون کي اڪثريت ڪان مختلف ٿيڻ جو احساس ٿيو جنهن اڳتي زندگيءَ ۾ مختلف ڪم ڪرڻ ۽ مختلف ٿيڻ جي سوچ ۽ جستجوءَ ۾ مدد ڏني.

جيئن اسڪولن ۾ ٿيندو آهي ته ڪلاس جا هوشيار شاگرد اڳين بئنچن تي ويهندا آهن سو اسان جي ڪلاس ۾ صغير، ارجن ۽ بهادر وارا پهرين صف ۾ ويهندا هئا جڏهن ته مان ٻي صف ۾ هوندو هئس. ائين درجي ۾ سٺي ڪارڪردگيءَ ڪري نائين ڪلاس ۾ اچڻ سان مان به پهرين صف ۾ اچي ويس. هاڻي صغير ۽ ارجن هڪ بئنچ تي گڏ ويهڻ لڳا ۽ بهادر سولنگي ۽ مان ٻي بئنچ تي. اهو سلسلو ڏهين ڪلاس تائين جاري رهيو. اهڙي طرح گڏ ويهندي، گڏ پڙهندي بهادر سولنگي ميهڙ ۾ منهنجو بهترين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دوست بڻجي ويو بلڪ ائين چئجي ته منهنجي اسڪولي زندگيءَ جو پهريون دوست چاڪاڻ ته لاڙڪاڻي واري عرصي دوران مان ڪو به ويجهو دوست نه ٺاهي سگهيو هئس. ارجن سان به چڱي دوستي هئي. ان ئي مون کي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هڪ اردو ناول پڙهڻ لاءِ ڏنو جيڪو ڪافي وڏو هئڻ باوجود مون سڄو پڙهي پوءِ واپس ڪيو. مانس جيتوڻيڪ مان ناولن پڙهڻ جو شوقين نه ٿي سگهيس ۽ سڄي زندگيءَ ۾ ڪُل 4_5 ناول پڙهيا هوندا.

اسڪول کان ٻاهر دوستي، جتي مان رهندو هئس محمد هاشم جوکيي وٽ ان جي پٽ پير بخش سان ٿي جنهن کي عام طور پيرل سڏيو ويندو هو. هاشم صاحب کي ٽي پٽ هئا جن مان پير بخش ٻيو نمبر هو ۽ لڳ ڀڳ منهنجو هم عمر هو. وڏو الهورايو هو جيڪو ويٽرنري کاتي ۾ ملازم هو جڏهن ته سڀ کان ننڍو شمس الدين هو جيڪو بعد ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان تعليم حاصل ڪري ڊاڪٽر ٿيو. سرڪاري نوڪري ورتائين پر سرڪاري اسپتال ۾ ويندو گهٽ هو پنهنجي ذاتي ڪلينڪ کي گهڻو وقت ڏيندو هو. ائين ڪرڻ وارو هي همراهه اڪيلو ڪو نه هو بيا به اهڙا ڪافي ڊاڪٽر هئڻ ۽ ڏسڻ ۾ ايندا هئا جيڪي سرڪاري نوڪري استيئنس يا مرتبي لاءِ ڪندا هئا (ان سان گڏ سٺي پگهار ته هوندي ئي هئي). ان وقت کان شروع ٿيندڙ اهو رواج سنڌ ۾ وڌندو رهيو آهي ۽ هاڻي ته شايد اڪثريت ڊاڪٽرن جي اهڙي هجي جيڪي گهر ويٺي پگهار کڻن ٿا. اهي خانگي ڪاروبار (ڪلينڪ/ اسپتال) مان ڪمايل پئسن جي زور تي پنهنجي خاندان وارن جو ته خانگي، سٺين اسپتالن مان علاج ڪرائين ٿا پر اڪثريت مسڪين ماڻهن جو سرڪاري اسپتال ۾ علاج ڪرڻ لاءِ وٽن وقت ڪونهي. اُهي ماڻهون جن جي علاج جا ڪين پئسا ٿا ملن ۽ جن ماڻهن جي ڪمائي ۽ محنت مزدوريءَ مان ڪين پگهار ملي ٿي.

پير بخش سان وڌيڪ دوستيءَ جو هممعمر هئڻ سان گڏ هڪڙو ٻيو سبب اهو به هو ته هو به فلمن جو شوقين هو بلڪ مون کان تمام گهڻو وڌيڪ شوقين هو. ڏينهن جو محنت مزدوري ڪرڻ کان پوءِ سانجهيءَ جو لڳ ڀڳ روزانو هو سينيما تي ويندو هو. اِهائي هُن جي تفريح هوندي هئي. هلندي هلندي سينيما اسٽاف سان هن جا گهاٽا لاڳاپا ٿي ويا. اهڙي طرح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ميهڙ ۾ اينڊرڙ ذري گهٽ سڀ فلمون سنڌس ڊٺل هونديون ٿيون [illegible] جي اسڪولي دوست بهادر جي والد جي ميهڙ جي مشهور گهنٽا گهر چوڪ جي پرسان بيڙين جي ماندي هوندي هئي جيڪا شام جي وقت ڪجهه دير لاءِ بهادر به هلائيندو هو۔ ان وقت تي ڪڏهن ڪڏهن مان به وڃي بئنچ تي ويهندو هئس پوءِ هو پنهنجو ڪاروبار به پيو هلائيندو هو۔ اسان ڪچهري به پيا ڪندا هئاسين. اڄ هلندي منهنجي هن جي والد سان ۽ هُن جي منهنجي والد سان سُٺي سلام دعا ٿي ويئي. اڳتي هلي هُو پيپلز پارٽيءَ جو ميهڙ تعلقي جو ليڊر به ٿيو پر پوءِ افسوس ته جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو.

نائين ڪلاس ۾ آياسين ته اسان جو ڪلاس ٽيچر سائين غلام سرور ابڙو/ سانگي ٿيو. ان خاندان جا ڪجهه ماڻهون سانگي سڏائيندا آهن ته ڪجهه وري ابڙا. (سنڌ جو مشهور اديب جمال ابڙو به انهن جي خاندان سان تعلق رکندڙ هو.) ان جو سبب ڪهڙو آهي، ان جي نه مون کي خبر آهي ۽ نه ئي خبر رکڻ جي ڪوشش ڪيم ڇاڪاڻ ته لطيف جي "ڪو نه پڇي ٿو ذات" وانگر منهنجي لاءِ ماڻهون سڀ معتبر آهن. جيڪڏهن انهن ۾ ڪو فرق آهي ته اُهو صرف ۽ صرف انهن جي ڪردار جي حوالي سان آهي. سائين غلام سرور جو شمار اسڪول جي هوشيار استادن ۾ ٿيندو هو. انگريزيءَ جي هينڊ رائيٽنگ به تمام سٺي هوندي هئس شايد ان ڪري ته هو ڪاپڙيل هو. هوشيار شاگردن جو قدر ڪرڻ سان گڏ انهن جي همٿ افزائي به ڪندو هو. ماهياني ٽيسٽ ۾ هڪ دفعو حسابن جي پيپر ۾ مون سوَ مان سئو مارڪون ڪنيون. غلام سرور صاحب منهنجي ڪاپي پٽيوالي کي ڏيئي موڪليو ته "وڃ، سمورن ڪلاسن ۾ وڃي ڪاپي ڏيکار ۽ ٻڌاءِ ته اسان جي ڪلاس جي هن شاگرد سئو مارڪون ڪنيون آهن."

شاگرديءَ جي دور دوران مون به مارون کاڌيون جيڪي بئي غير نصابي عملن جي ڪري مليون. هڪڙيءَ جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي جيڪا نماز نه پڙهڻ تان لاڙڪاڻي جي هاسٽل ۾ سائين غلام رسول ڪلهوڙي هٿان کاڌي هئي جڏهن ته ٻي مار استاد غلام سرور سانگيءَ کان ملي. ٿيو ائين ته روايت مطابق ماهياني امتحان ۾ پهريون نمبر اچڻ ڪري مان هڪ مهيني لاءِ ڪلاس جو مانيٽر ٿيس. ڪلاس ٽيچر هئڻ ڪري غلام سرور صاحب جو پهريون پيرڊ هوندو هو. هڪ ڏينهن سائينءَ کي اچڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

۾ ٿوري دير ٿي تہ اسان شاگرد پوڳ چرچن ۾ شروع ٿي وياسين ۽ زور سان ٺهڪ ڏيڻ لڳاسين. ايتري ۾ استاد اچي ويو ۽ بغير ڪجهہ پڇڻ يا ڇوڻ جي سيني کي هڪ هڪ ڪري سڏيندو ويو ۽ ٻنهي هٿن تي هڪ هڪ لڪڻ پوري طاقت سان هڻندو ويو. سندس هٿ ۾ جيڪو هوان کي لڪڻ بجاءِ ڏنڊو چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ڇاڪاڻ تہ اهو اٽڪل مُنوانچ ٿلهو هو. جنوريءَ جو مهينو صبح جو ٽائيم ۽ اُتر جي سردي. بس پوءِ ڇا ٿو ڇئي سگهجي. ڪافي دير تائين ڪلاس جي سيني شاگردن جا ٻئي هٿ بغلن جي وچ ۾ هئا.

ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ راندين جو بہ سٺو انتظام هوندو هو پر گهڻو ڪري بہ راندين هاڪي ۽ ڪرڪيٽ ٿينديون هيون جيڪي مان ڏسندو تہ هئس پر کيڏندو ڪو نہ هئس. مون کي والي بال ڪجهہ ڇگيرڙي کيڏڻ ايندي هئي پر اُها ڪا نہ کيڏائي ويندي هئي. ڏهين ڪلاس ۾ آياسين تہ سائين غلام سرور کي بہ ترقي ڏيئي ڏهين درجي جو ڪلاس ٽيچر مقرر ڪيو ويو. اهڙي طرح سائينءَ سان پيدا ٿيل ويجهڙائپ ۽ سمجهہ (understanding) جاري رهي. البتہ اسڪول جو سائنس ٽيچر هوندو هو سيد مهر شاهہ اهو بيڪار ماڻهون هو هلڪڙو ۽ سطحي۔ هڪ استاد وارو نہ معيار هئس نہ اخلاق. شاگردن سان بداخلاقيءَ سان پيش ايندو هو بلڪ ڪجهہ شاگردن بابت پڌڻ ۾ آيو تہ انهن سان "بدتميزي" ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪيائين. ان پس منظر ۾ هڪ مرحلي تي مون محسوس ڪيو تہ شايد مون سان بہ غير معياري رويو اختيار ڪري تنهن ڪري مون اڳ ۾ ئي بابي کي چيو تہ مون کي ڪنهن ٻئي اسڪول ۾ داخل ڪرايو.

ڪجهہ سوچ ويچار ۽ صلاح مشوري ڪانپوءِ بابي مون کي ڊي سي هاءِ اسڪول بادهہ ۾ داخلا وٺي ڏني. اهڙي طرح ڏهين ڪلاس يعني مئٽرڪ جو پورو اڌ مون بادهہ ۾ پڙهيو. ميهڙ جو اسڪول ڇڏڻ هڪ لحاظ کان منهنجي لاءِ "زحمت پويان رحمت" يعني (Blessing in disguise) ثابت ٿيو ڇاڪاڻ تہ بادهہ هاءِ اسڪول ۾ جيڪي استاد مليا ۽ اسڪول توڙي هاسٽل ۾ جيڪو ماحول مليو اهو بلڪل دوستاڻو يا اچا بہ ائين چئجي تہ گهر جهڙو هو. هاسٽل جو انچارج سائين مولا بخش جوڻيجو جيڪو ئي منهنجي بادهہ ۾ داخلا وٺڻ جو مکيہ سبب ۽ ذريعو هو سو نہ رڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جو ويجهو مائٽ هو پر انتهائي شريف ۽ سادو انسان. هاسٽل نئين هوندي هئي پر ان ۾ اسان بلڪل گهر وانگر رهندا هئاسين. مون کان علاوه سائين مولابخش جو پٽ عمرالدين، جيڪو اڳتي هلي قومي تحريڪ جو مشهور نالو آمر جوٽيجو بڻيو ۽ سائينءَ جو ڀائٽيو عبدالاحد جيڪو بعد ۾ آزاد قاضي سڏجڻ لڳو اهي ٻئي به هاسٽل ۾ رهندا هئا. ان وقت اهي ڇهين درجي ۾ پڙهندا هئا. ان کان علاوه ٻه ڳاڙهي ڀائر محمد خان ۽ صديق به رهندا هئا. صديق سادو ۽ محمد خان تيز هوندو هو. ڪافي عرصو بعد ۾ 90ع جي ڏهائي دوران ٻڌڻ ۾ آيو ته انهن جو ٽيون ڀاءُ سراج تر جو وڏو "مڙس ماڻهون" يا "ڏاڍو مڙس" ٿيو يا سولي سنڌيءَ ۾ ڌاڙيل. صديق جي خبر ڪانهي باقي محمد خان هيڪڙ ٻيڪڙ ملندو رهندو آهي.

اسان جو ڪلاس ٽيچر سائين محمد عمر جوٽيجو هو جيڪو خود بلڪل نوجوان هو ۽ توروئي وقت اڳ ۾ بي ايس سي پاس ڪري آيو هو. قد جو به هلڪو هو تنهن ڪري ڏسڻ ۾ به مئٽرڪ جي شاگردن جو ممعمر لڳندو هو ۽ ورتاءُ ۾ به ڪلاس وارن سان بلڪل دوستن وانگر هوندو هو. جوٽيجو هجڻ ڪري وري مون کي ڪجهه وڌيڪ ڀائيندو هو. سنڌس ڳوٺ باڊهه جي پر سان ڏڙا هو. ٻيو استاد ٻلهڙيجيءَ جو لال بخش پيرزادو هو جيڪو به تمام ڀلو ماڻهون هو. اهو وري پير ڀائي (لُواريءَ واري پير جو مريد) هجڻ جي ناتي مون کي وڌيڪ ويجهو هو. ان کان علاوه استاد بهادر علي چنو استاد لال بخش سولنگي يا اسڪول جو هيڊ ماستر جناب خدا بخش سانگي، اهي سڀ به نهايت شريف ۽ اعليٰ انسان هئا. پر سڀ کان وڌيڪ جنهن شخص مون کي متاثر ڪيو ۽ جنهن سان هجت جهڙي پنهنجائپ ٿي ويئي سو سائين محمد صادق ڪانڌڙو هو. قد ۾ هلڪو پر ڪردار ۾ ڳورو ٻيهڪ ۾ ننڍو پر شخصيت ۾ وڏو. مئٿميٽڪس جهڙو مشڪل سبجيڪٽ پڙهائيندڙ پر (پنهنجي قرب ۽ ڏانءَ سان) شاگردن لاءِ پڙهائيءَ کي آسان بڻائيندڙ. هر وقت چهري تي مسڪراهٽ ۽ هر وقت هر ڪنهن سان کِل ڀوڳ. سو به انتهائي معياري. هو سڀ ڪنهن سان، ننڍي وڏي سان ائين هوندو هو پر مون کي وڌيڪ ڀائيندو هو. يا شايد مان ائين محسوس ڪندو هئس.

باڊهه هاءِ اسڪول جا استاد نه رڳو شاگردن سان سٺو ورتاءُ ڪندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئا پر پاڻ ۾ بہ سيئي دوستن وانگر هوندا هئا. اڪثر هنڌن وانگر گروہ بندي ۽ هڪ ٻئي جي گلا خوري يا سازشي رويا ڪو نہ هوندا هئا. ان ڪري سڄو ماحول ڏاڍو نرم ۽ پرسڪون (Relaxed) لڳو پيو هوندو هو. راندين ۾ بہ هتي والي بال کي وڏيڪ اهميت هوندي هئي جيڪا نہ رڳو منهنجي پسنديده راند هئي پر چڱي موچاري ڪيڏڻ بہ ايندي هئي. اسڪول جي ٽيم ۾ استاد ۽ شاگرد گڏ ڪيڏندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ٻي ٽيم سان مئچ بہ ٿيندي هئي. منهنجي وڃڻ کان پوءِ هڪ نئين روايت بہ پئي، استادن ۽ شاگردن جي ٽيم جي وچ ۾ بہ وقفي وقفي سان مئچون ٿيڻ لڳيون. ان نواڻ جي پويان بہ سائين ڪانڌڙي ۽ منهنجو تعلق هو. هڪ ڏينهن دوستي ۽ پوڳ واري هجائتي ماحول ۾ مون چيس تہ سائين توهان (استادن) ۽ اسان (شاگرد) جي وچ ۾ مئچ ٿي وڃي؟، چيائين تہ "ها، پر شرط لڳندي" مون پڇيو ڪهڙي تہ وراڻيائين "سِر سِر جي شرط لڳندي" معنيٰ اسان مان جنهن جي ٽيم هارائيندي اهو وري ٻي مئچ تائين ٻئي جي اختيار ۾ هوندو. اتفاق سان پهرين مئچ اسان کٽي ۽ ٻي استادن. ائين مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ تائين اها پيار محبت، عزت ۽ احترام، خلوص ۽ پنهنجائپ واري مقابلي بازي هلندي رهي.

چوندا آهن تہ ٻوٽي (وڻ) جي اوسر ۽ صحيح واڌ ويجهہ لاءِ چوڌاري کليل ماحول ضروري آهي. باڍهہ هاءِ اسڪول جي کليل ۽ دوستاڻي ماحول ۾ منهنجي اندر جي صلاحيتن کي نِسرڻ جو پهريون دفعو موقعو مليو. جيتوڻيڪ نصابي تعليم جي ميدان ۾ لاڙڪاڻي ۽ ميهڙ ۾ بہ منهنجي ڪارڪردگي صحيح هئي پر غير نصابي ۽ سماجي طرح مان محسوس ڪريان ٿو تہ اتي مان پوئتي رهيس. اهو سبب آهي تہ لاڙڪاڻي ۽ ميهڙ جي ساڍن ڇئن سالن ۾ مان ايترا دوست نہ ٺاهي سگهيس جيترا باڍهہ ۾ ڇهن مهينن ۾ ٺهيا. محمد خان چنو سڪندر چنو قمرالدين ساريو نور محمد ساريو عبدالحليم جوڻيجو خير محمد ڪولاچي، محمد خان پٽي، سڪندر هلايو (مهاجر) اهي سڀ ڪلاس ۾ منهنجا سٺا دوست ٿي ويا جڏهن تہ باقي ٻين هم ڪلاسين سان بہ سٺو تعلق هو. ان کان علاوه هڪ درجو هيٺ يعني نائين ڪلاس ۾ پڙهندڙ مولا بخش جوڻيجي جهڙن ساٿين سان بہ چڱي سلام دعا رهي.

اڄ جڏهن مان غور ڪريان ٿو تہ نظر اچي ٿو تہ فطري طور بہ منهنجو مزاج مانيٽو هو پر وڏيڪ اهو تہ مان هڪ ننڍڙي ۽ ڏورانهين ڳوٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي پرائمري اسڪول مان نڪري ڇهين ڪلاس جيتري ننڍي عمر ۾ لاڙڪاڻي جهڙي وڏي شهر جي وڏي هاءِ اسڪول ۾ ويس جتي هڪ اڌ استاد کان سواءِ عمومي طور ماحول ڳرو هئو ان ڪري مان ڪافي سارو محتاط رهيس انهن جيئن ڪنهن ٻوٽي جي مٿان وڏو گهاٽو وڻ بيٺو هجي ته ان جي واڌ ويجهه ۾ پڪيڙ متاثر ٿيندي ميهڙ ۾ به وچٿري صورتحال رهي. اهو ته ڪو نه ٿو چوان ته ٻاڍهه اچي مون اصلي آسمان ڪيري وڌو پر ايترو ٿيو ته مون سماج ۾ متحرڪ رول ادا ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ ۾ اها سوچ ۽ اهو اعتماد پيدا ٿيڻ لڳو ته مان به هن دنيا ۾، هن سماج ۾ ڪجهه ڪري سگهان ٿو ۽ اهو جذبو پيدا ٿيو ته ڪجهه ڪرڻ کپي.

جيڪڏهن ٻاڍهه جي ٿوري وقت ۾ ٿاهيل گهٽ دوستن مان ڪنهن هڪ جو نالو وٺڻو پوي جنهن سان سڀ کان وڌيڪ ويجهڙائپ، محبت ۽ اعتماد هو ته اهو محمد خان چنو هو. جيتوڻيڪ خانداني سياست کي جاري رکندي هو اڳتي هلي منهنجي سوچن جي مخالف جماعت پيپلزپارٽيءَ جو مقامي ليڊر ٿيو پر اسان جي دوستي ان کان متاثر نه ٿي. سڪندر چنو به سٺو خوش مزاج دوست هو پر افسوس ته اهو جلد ئي وفات ڪري ويو. عبدالحليم جوڻيجو وري اڳتي هلي وڌيڪ ويجهو ٿيو.

ماحول جو اثر انسان تي ڪيترو ٿئي ٿو ان جو اندازو ان ڳالهه مان بہ ٿئي ٿو ته نصابي تعليم ۾ به منهنجي ڪارڪردگي ميهڙ جي ڀيٽ ۾ ٻاڍهه ۾ بهتر رهي باوجود ان جي ته اڪيڊمڪ لحاظ کان ميهڙ هاءِ اسڪول جا استاد مجموعي طور ٻاڍهه جي استادن کان وڌيڪ پڙهيل هئا. نائين ڪلاس ۾ منهنجون مارڪون 64 سيڪڙو هيون جڏهن ته مئٽرڪ جون مجموعي طور (نائون ڏهون گڏائي) 67 سيڪڙو بيٺيون. ان جو مطلب ٿيو ته ڏهين ڪلاس ۾ مون 70 سيڪڙو مارڪون ڪنيون. ياد رهي ته اڄ جي گريڊن جي جاءِ تي ان وقت امتحانن ۾ ڪلاس ٿيندا هئا، فرسٽ، سيڪنڊ ۽ ٿرڊ. فرسٽ ڪلاس 60 سيڪڙو مارڪن کان شروع ٿيندو هو ۽ تمام ٿورا شاگرد فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيندا هئا. جيڪڏهن 70 سيڪڙو کان مٿي ڪو شاگرد مارڪون کڻندو هو ته اها غير معمولي ڳالهه چئي ويندي هئي جڏهن ته اڄ هر ٻيو ٻار 90 کان مٿي ٿو مارڪون کڻي.

اڳتي وڌڻ کان اڳ ۾ هڪڙي پوئتي جي ڳالهه ڪجي. گهٽو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري اٿين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس جو هڪڙي ڏينهن گهر ۾ صبح جو ننڊ مان اٿيس ته آسپاس جو ماحول ڪجهه مختلف محسوس ٿيو. اسان جو خاندان جيڪو 7_8 گهرن تي مشتمل هو اهو هڪ ويڙهي جي شڪل ۾ رهندو هو جتي سيني جي گهرن جا اڳڻ هڪ ٻئي سان گڏيل هوندا هئا. سو خاندان جي مختلف عورتن کي ڪجهه خاص نموني پاڻ ۾ ڳالهائيندي ۽ مون ڏانهن ڏسندي ڏٺم. گهڻو ته ڪو نه پر ڪجهه حيران ٿيس. ٿوري دير کان پوءِ خبر پئي ته گذريل رات منهنجو مڱڻو طئي ڪري ڇڏيو اٿن. دراصل مان پنهنجي معمول مطابق ۽ ٻهراڙيءَ جي شيڊول تحت سوير رات جي ماني کائي سمهي پيو هئس. بعد ۾ اسان جي خاندان جا وڏا گڏجي ويٺا ۽ سڱ (رشتو) طئي ڪري ڇڏين. رشتو نه بلڪ رشتا ڇاڪاڻ ته ان رات مون سميت خاندان جا ٽي رشتا مقرر ٿيا. مون کان علاوه منهنجي ڀيڻ جو ۽ منهنجي ٽيڻ واري سالي جو. ان وقت زندگين جا فيصلا ڪيئن ٿيندا هئا ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته نه رڳو مون سان مشورو ڪو نه ڪيو ويو پر مون کي خبر به بعد ۾ پئي ۽ ان رات به مان بلڪل معمول وانگر پنهنجي ٽائيم تي سمهيس ۽ ٽائيم تي اٿيس.

اڳ ۾ ڪجهه ذڪر ٿي چڪو ته منهنجو والد پنهنجي وقت ۽ علائقي جي حساب سان ڪافي روشن خيال، اڳتي ڏسندڙ ۽ غير روايتي انسان هو پر هتي اهو به روايتي طريقي سان هليو. ان مان ڪو سندس شخصيت جو تضاد ظاهر ڪو نه ٿو ٿئي پر اهو معلوم ٿو ٿئي ته انساني سماج ڪو بجليءَ جي بلب وانگر ناهي جو بٽڻ هيٺ ڪجي ته ٻري ۽ بٽڻ مٿي ڪجي ته وسامي وڃي. گهڻ طرفن مسئلن، مونجهارن، اڻ برابرين ۽ ناانصافين سان پريل هي سماج هڪ گهڻ طرفي ۽ ڊگهي، لڳاتار ۽ اڻٿڪ جدوجهد سان سڌرندو. سچا سچا نسل جاکوڙ ڪندا ته ڪجهه برايون ختم ٿينديون، اتان وري ٻيا نسل اچي اڳتي وڌائيندا. وڏا پيغمبر، مصلح ۽ انقلابي آيا جن سماج مان الاهي خرابين ۽ نااانصافين کي ختم ڪري ان کي ڪافي حد تائين درست ڪيو پر پوءِ به الاهي سارا مسئلا موجود رهجي ويا جن جي خلاف انسانن جي جنگ جاري آهي. سو ننڍپڻ ۾ شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ سان مون کي زندگيءَ ۾ يقيني طور ڪجهه مسئلا پيش آيا پر ان لاءِ مان بابي سائينءَ کي نه پر سماج کي ذميوار سمجهان ٿو. ان جي ابتڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مان سنڌس ٿورائتو آهيان جوان جي روشن خيالي ۽ ڪيترن غير روايتي ۽ همٿ وارن فيصلن ۽ روين جي ڪري ئي مان زندگيءَ ۾ ايترو اڳتي وڌي سگهيس ۽ زندگي ۾ درپيش اينڊڙ مسئلن کي بهتر نموني منهن ڏيئي سگهيس.

ڏهين ڪلاس جي شروع ۾ جڏهن منهنجي عمر جا اڃا پندرهن سال پورا نه ٿيا هئا ته منهنجي شادي ڳوٺ جي اسڪول جي هيڊ ماستر "سائين وڏي" واحد بخش جوڻيجي جي اڪيلي ڌيءَ ارباب سان ٿي. جيترو مون کي ياد ٿو پوي ته ٻه ٽي ڏينهن گهر رهڻ کان پوءِ مان وري اسڪول هليو ويس ۽ زندگي ٿوري گهڻي فرق سان پنهنجي معمول مطابق هلڻ لڳي. اهو ٿيو ته ڪجهه عرصي جي لاءِ مان هفتيوار موڪل تي ڳوٺ لازمي اچڻ لڳس جڏهن ته اڳ ۾ ٻه ٽي هفتا يا ڪڏهن ته مهينو ٻه ٽي ويندو هو. اها خبر ناهي ته منهنجي واڌو (پلس) پوائنٽ هئي يا ڪاٽو (مائينس) جو شاديءَ جي واقعي کي مون گهڻو زندگيءَ کي متاثر ڪرڻ ڪو نه ڏنو باقي ظاهر آهي ڪجهه ته اثر ٿيا ٻه جن مان ڪجهه ان وقت ئي ڏسڻ ۾ آيا ته ڀيا وري آئنده جي زندگيءَ ۾ ظاهر ٿيا بلڪ ڪي ته وقت تي محسوس ٿيا ۽ ڪي خود مون کي وقت گذري وڃڻ کان پوءِ محسوس ٿيا. خاص ڪري منهنجي پڙهائي لڳ ڀڳ ساڳي طرح جاري رهي جنهن جي نتيجي ۾ مان سخت مقابلي باوجود ميرٽ تي بنا ڪنهن سفارش جي (حقيقت اها آهي ته ان وقت نڪو سفارش هلندي هئي ۽ نه ئي مون وٽ ڪا سفارش هئي ٻه) پروفيشنل (انجنيئرنگ) ڪاليج ۾ داخلا وٺي سگهيس ۽ سٺي نموني ڊگري وٺي نڪتس. هونءَ گهڻو ڪري ڏٺو ويو آهي ته جن ماڻهن جي ايتري ننڍي عمر ۾ شادي ٿيندي آهي ته انهن جي تعليم سان گڏ مجموعي طور ٻه زندگي متاثر ٿيندي آهي. ان ۾ ٻه مان سمجهان ٿو ته ڪجهه منهنجي صلاحيتن ۽ محنت سان گڏ گهڻو ڪردار والد صاحب جو آهي ڇاڪاڻ ته هُن جيڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان ننڍپڻ ۾ منهنجي شادي ڪرائي ته پوءِ وري ان جي مڪمل طور ذميواري ٻه ڪنيائين ۽ نڀايائين ٻه جيستائين مان نوڪريءَ تي چڙهيس بلڪ ڪجهه وقت ان کان پوءِ ٻه گهرجي سيني مسئلن کي هو پاڻ منهن ڏيندو رهيو ۽ مون کي ڪجهه ٻه محسوس ٿيڻ نه ڏنائين.

جيئن اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته شروع ۾ تعليم عمومي يعني جنرل هوندي آهي، پوءِ جيئن جيئن ماڻهون اڳتي وڌندو ويندو آهي ته تعليم ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خصوصيت (Specialization) ايندي ويندي آهي ۽ ان سان گڏ زندگيءَ ۾ ٻه سوائين درجي تائين گڏيل ڪورس هو. نائين ڪان سائنس ۽ آرٽس جا ڪورس الڳ الڳ ٿيا جنهن ۾ مون سائنس جو رستو ورتو. هائي ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ وقت ان ۾ وڌيڪ خصوصيت اچڻي هئي، يعني پري انجنيئرنگ ۽ پري ميڊيڪل. ان وقت سائنس جي شاگردن لاءِ اڳتي وڌڻ جي سلسلي ۾ اهي ئي ٻه مکيه ميدان هوندا هئا. هاڻي ته الاهي رستا کليل پيا آهن. رڳو ڪير ٿوري محنت ڪري ڪاليج ۾ داخلا وارو وقت ان ڪري ٻه اهم هوندو آهي ته ان مرحلي تي ماڻهوءَ جي آئنده جي زندگيءَ جو رخ اتان متعين ٿيندو آهي. بابي سائينءَ جو خيال ۽ خواهش اها هئي ته مان ڊاڪٽر ٿيان پر منهنجي دلچسپي ان ۾ گهٽ هئي. ان وقت ڪچي عمر ۾ مون وٽ ان جا ٻه سبب هئا، هڪ ته منهنجي دل ۽ دماغ ۾ آيو پئي ته مان انسانن جي وڍ ٽُڪ (آپريشن) نه ڪري سگهندس ۽ ٻيو ته صحيح، ايماندار ۽ انسان دوست ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ چوويهه ئي ڪلاڪ ڊيوٽيءَ تي رهڻو پوندو جڏهن ته مان پنهنجي مزاج، طبيعت، خواهشن ۽ دلچسپين مطابق سمجهي رهيو هئس ته مون کي غير نصابي سرگرمين (Extra Curriealar activities) لاءِ ٻه وقت گهربل هو. جڏهن مون بابي سان پري انجنيئرنگ ۾ داخلا وٺڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ته هُن ڪا به مزاحمت ڪا نه ڪئي ۽ ميڊيڪل جي حق ۾ ڪنهن قسم جي وڪالت ڪرڻ کان بغير منهنجي خواهش جي حمايت ڪيائين. اها سندس هڪ ٻي وڏائي ۽ روشن خياليءَ جو هڪڙو ٻيو ثبوت هو.

مئٽرڪ مون 1968ع ۾ پاس ڪئي. يادگيريءَ مطابق امتحان مارچ جي مهيني ۾ ٿيو ۽ رزلٽ مئي ۾ ظاهر ٿي جڏهن ته ڪاليج ۾ داخلا سيپٽمبر ڌاري ٿي. وچ واري واندڪائيءَ جي وقت دوران منهنجا ڏينهن ڪيئن گذريا. ان عرصي دوران والي بال سان منهنجو شوق عروج تي هو تنهن ڪري گهڻو وقت ان راند سان لاڳاپيل گذرندو هو. گهر ۾ ٻارڻ لاءِ جهنگ مان ڪاٺيون ٻه ڪرڻ ويندو هئس. ڪڏهن خاندان جي ٻين نوجوانن سان گڏ ته ڪڏهن والد صاحب سان. والد سان گڏجي ڪڏهن لوڙهي لاءِ ٻنگهر وڍڻ ٻه ويندو هئس. اسان جو جيڪو ويڙهو هو ان ۾ گهر ته ڪچين سرن جا ٺهيل هوندا هئا پر ٻاهران پناهه ڪنڊيءَ جي ٻنگهرن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لوڙهي جي شڪل ۾ هوندي هئي. اسان جا ابا ڏاڏا ماڻهن جيئن تہ زميندار هئا تنهن ڪري لوڙهي جي جڙڻ بہ ضرورت پوندي هئي تہ هارين کان ونگار وهرائيندا هئا پر بابو پاڻ پنهنجو لوڙهو هٿندو هو جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مان بہ هٿ ونڊرائيندو هئس. شروع ۾ تہ پناهہ رڳو لوڙهي جي هوندي پر پوءِ آهستي آهستي هر هڪ گهر واري پنهنجي پاسي کان "اوڏڪي" پٽ کٽائي ۽ ان جي ٻاهران تحفظ لاءِ لوڙهو لڳل هوندو هو.

اوڏڪي پٽ ان ڪي ان ڪري چئبو آهي جو ان کي اوڏ ناهيندا آهن. اوڏ سنڌ جو هڪ لاڏائو قبيلو رهيو آهي، انهن جو مذهب گهڻو ڪري هندو هوندو آهي. اڄ ويهہ ۽ ورتاءُ ۾ نهايت نرم سڀاجها ۽ فضيلت وارا. هاڻي تہ ڪافي عرصي کان انهن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين تائين تعليم وٺڻ شروع ڪئي آهي، تنهن ڪري شهرن ۾ مستقل طور آباد آهن. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اسان جو هڪڙو نوجوان استاد هوندو هو رامچند اوڏ صاحب، بهترين استاد ۽ بهترين انسان. پڙهائيءَ جي آخري سال دوران پاڪستان جوريل ذريعي "اسٽڊي ٽوئر" ٿيو تہ محترم اقبال ترڪ ۽ رامچند اوڏ صاحب اسان جا نگران هئا. لڳ ڀڳ مهيني جي ان ٽوئر دوران انهن سان ڪافي ويجهڙائپ ٿي خاص ڪري اوڏ صاحب سان. ان ڪري جو انجنيئرنگ ۾ هوشيار هجڻ سان گڏ ڪيس عام مطالعي جو بہ شوق هوندو هئو ۽ جيئن تہ مون کي بہ ڪتاب پڙهڻ سان ڪجهہ دلچسپي هئي تنهن ڪري هڪ ٻئي جا دوست بڻجي وياسين. دوري دوران مون وٽ بہ ٽي ڪتاب هئا جن ۾ هڪڙو شيخ اياز جو لکيل "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" بہ هو جيڪو مون کان وٺي هنهي استادن پڙهيو. ٿوري عرصي کان پوءِ رامچند صاحب آمريڪا هليو ويو ۽ وري اڄ ڏينهن تائين مان ان جي ملاقات کان محروم آهيان. اوڏ صاحب وارا پنج، ڇهہ ڀائر هئاسي سڀ اعليٰ تعليم يافتہ هئا. سندن اصلي ضلعو گهڻو ڪري نواب شاهہ (هاڻوڪو نوشهرو فيروز) هو.

ٻيو. منهنجو ويجهو دوست سيتل اوڏ آهي. اهو بہ ذهين آهي، هاءِ اسڪول ۾ سائنس ٽيچر آهي ۽ اسڪول ۾ سٺن استادن ۾ شمار ٿيندو آهي اصل مجيد ڪيري ڳوٺ جو آهي پر سڪرنڊ هاءِ اسڪول ۾ نوڪري هجڻ ڪري هاڻي مستقل سڪرنڊ شهر ۾ رهندو آهي. ان سان تعلق جيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌ محاذ جي ڪري ٿيو. سلو ورڪر هئو هڪ دفعو سينٽرل ڪميٽيءَ جو ميمبر بہ رهيو هئو ڪجهہ عرصي کان تنظيمي طور پاسيرو آهي.

اوڏڪي پٽ هڪ مخصوص تعمير هوندي آهي جنهن جو ڏانءُ صرف اوڏن وٽ هوندو آهي. ڳوٺ جي ٻاهران چيڪي مٽي منتخب ڪندا آهن پوءِ ان کي ڳوهي، ڳڌهن تي ڪٺي اچي گهرن ۾ يا گهرن جي ٻاهران پٽ ٺاهيندا آهن. اوڏڪي پٽ جي هڪڙي خاصيت اها بہ هوندي آهي تہ پراڻي زماني ۾ ڳوٺن ۾ چور گهرن کي "ڪاٽ" هڻندا هئا، پوءِ سِرُن جي پٽ هئڻ جي صورت ۾ انهن لاءِ آساني اها هوندي هئي تہ هڪڙي سر رنبن سان کوٽي ڪيڻ ڪانپوءِ باقي بيون سرون سولائيءَ سان نڪري ويندون هيون جڏهن تہ اوڏڪي پٽ جي مٽي چيڪي ۽ سٺي نموني ڳوهيل هوندي هئي ۽ سجي پٽ (سوين فوٽن واري) هڪ ٽڪرو هوندي هئي. ان ڪري چور کي ڪاٽ هڻڻ مهل پٽ جي هڪ هڪ ڪري ذري (پِترا) کي ٽوڙڻ لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوندي هئي. ان ۾ وقت بہ گهڻو لڳندو هو ۽ پٽ پيچڻ جي آواز تي گهر ڌڻيءَ جي جاڳي پوڻ جو بہ امڪان هوندو هو.

"اوڏڪي" پٽ چوڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ شاهوڪاريءَ جو اندازو ٿئي ٿو. اوڏ ذات يا قبيلي جو نالو آهي، ان جي پويان "ڪي" لڳائڻ سان هڪ نئون لفظ ٺهي پيو جنهن جي معنيٰ تي اوڏن جي ٺاهيل يا اوڏن واري ـ ساڳي طرح ثورو اڳ ۾ ذڪر ڪيل اصطلاح "ڪاٺيون ڪرڻ" يا "لوڙهو هڻڻ" آهن. جهنگ مان ڪاٺيون تہ رومزره زندگيءَ جي مختلف ڪمن لاءِ آڻبيون هيون پر گهر جو چلهو ٻارڻ لاءِ جيڪي ڪاٺيون آڻبيون هيون انهن کي ڪاٺيون ڪرڻ چئبو هو. جڏهن بہ ڪو ماڻهون چوندو تہ "ڪاٺيون ڪرڻ" ٿو وڃان تہ ننڍو وڏو سمجهي ويندو تہ چلهي ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون. ساڳي طرح "لوڙهو هڻڻ" بہ هڪ مخصوص مفهوم رکي ٿو. جهنگ مان ڳنڍيءَ (يا ڪڌهن ٻيُر) جا دنگهر ڪپي ڪٺي اچي هڪ ٻئي جي مٿان هڪ مخصوص طريقي ۽ ترتيب سان رکڻ سان لوڙهو وجود ۾ ايندو آهي پر ان عمل کي لوڙهو ٺاهڻ يا تعمير ڪرڻ يا تيار ڪرڻ ڪو نہ چئبو پر لوڙهو هڻڻ چئبو.

مون کي انهن غير سنڌين جي تعصب تي ڪاوڙ ۽ سنڌين جي احساسِ ڪمتريءَ تي افسوس ۽ وري ٻنهي جي اڻڄاڻائيءَ تي انهن سان همدردي ٿيندي آهي جيڪي چوندا آهن تہ سنڌي غير ترقي يافتہ ٻولي آهي. ان جو هڪڙو تازو مثال ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ ڌسڻ ۾ آيو. 26 مارچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

2015 تي شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي سياسيات جي شعبي طرفان 1940 واري لاهور قرارداد بابت سيمينار ڪرايو ويو (ان شعبي جو سربراهه پروفيسر امير چانديو آهي جيڪو اسان جو پراڻو دوست ۽ ساٿي آهي). جنهن سيشن ۾ منهنجي تقرير هئي ان ۾ سياسي ڪارڪن ۽ ليڪ جڳديش آهوجا ۽ يونيورسٽيءَ جو پروفيسر يوسف خشڪ به هئا. جڳديش پنهنجي گفتگوءَ ۾ سنڌيءَ جي قومي ٻوليءَ واري حيثيت جو ذڪر ڪيو. ان تي رجعت پسند سوچ رکندڙ پرمتڙيي پروفيسر خشڪ چيو ته "پهرين توهان پنهنجي ٻوليءَ کي ان جي اهل ته بڻايو جو قومي ٻولي تي سگهي". مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ دل ۾ آيو ته اتي ئي ست سُريون ٻڌايانس پر هڪ وڏي اهم اداري جو اهم موضوع تي سيمينار هو جنهن ۾ ڊاڪٽر جعفر احمد جهڙا دانشور ماڻهون ڪراچيءَ کان ڪهي آيل هئا ان ڪري پروگرام ۾ بدمزدگي ڪرڻ کان ته پاسو ڪيم پر مهذب طريقي جو احتجاج ضرور ڪيم ۽ اسٽيج تان لهي اچي هيٺ ٻڌندڙن سان ويٺس جنهن تي پروفيسر امير چانديي چيو ته "مان سمجهي ويس ته تون ٻوليءَ واري نقطي تي احتجاج ڪري رهيو آهين".

ان واندڪائيءَ جي عرصي دوران ٻي دلچسپيءَ جي جڳهه "اوطاق" هوندي هئي. اسان جا مائٽ جيڪي زميندار هئا انهن جي اسڪول جي پرسان ٺهرايل چن جي اوطاق هوندي هئي، وڏي هئڻ ڪري ان کي لانڍي به چئبو هو. ايندڙ وقت جي سنڌي نوجوانن کي شايد "چن" يا "لانڍي" جا لفظ اوپرا لڳن تنهن ڪري انهن جو ٿورڙو تفصيل. "اوطاق" چئي سگهجي ٿو ته اڄ جي ڊرائينگ روم جي ڪالهوڪي شڪل هئي پر اهو آهي ته اڄڪلهه جي اوطاق يعني ڊرائينگ روم ڪڏهن ڪڏهن کلندي آهي ۽ ان ۾ گهر ڌڻيءَ جا ويجها دوست يا مائٽ ئي اچي ويهندا آهن جڏهن ته پراڻي دور جي اوطاق هر وقت کليل هوندي هئي ۽ ان ۾ هر ڪوئي هر وقت ۽ ڪنهن وقت به اچي سگهندو هو. ڳوٺ جي ماڻهن جي ته جڻ اها گڏيل ملڪيت هوندي هئي پر اوسي پاسي جي ڳوٺن جا ماڻهون به اتي اچي ويهندا ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. نه رڳو واقفڪار پر اڻڄاتل ماڻهون ۽ رستي ويندي مسافر به اوطاق تي ايندا هئا ۽ انهن سيني جي مناسب آجيان ٿيندي هئي. ڪو اڻڄاتل ماڻهون يا راهگير به اچي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ته ان وقت اوطاق ۾ ڳوٺ جو جيڪو به ماڻهون موجود هوندو هو ان کان حال احوال وٺندو ۽ ان کي ماني کارائيندو ۽ جيڪڏهن رات ترسندو ته بسترو به آڻي ڏيندس. هونءَ اڪثر ڪري مهمانن يا مسافرن جي ميزباني ڳوٺ جو چڱو مڙس ڪندو هو پر وقت تي ان جي غير موجودگيءَ ۾ ڳوٺ جو هر غريب غربو پاڻ کي ميزبان سمجهندو هو.

ڇن جي بناوٽ ائين هوندي هئي ته ڪچين يا پڪين سِرُن جا ٿلهه ڪڍي انهن تي ڪنڌيءَ يا ٻير جون ٿلهيون ڪاٺيون. جن کي وَرو ڇٻبو هو اهي رکبيون هيون. ان جي مٿان عام طور لئي جون سنهيون ڪاٺيون، جن کي پنجر ڇٻبو هو اهي رکبا هئا ۽ انهن جي مٿان سَر جي ککن کي مخصوص طريقي سان سبيو ويندو هو. ڇن جو وچ مٽي ۽ پاسا هيٺ هوندا هئا ته جيئن گهڻو مينهن پوي ته ان جو پاڻي سولائيءَ سان لهي وڃي چو ته ڇن سڌي هجڻ جي صورت ۾ مينهن جو پاڻي بيهي رهندو هو ۽ پوءِ ککن مان هيٺ ٽمڻ لڳندو هو. يورپ جا اهي خطا جتي مينهن تمام گهڻا پوندا آهن اتي گهر ان ئي طريقي سان ٺهيل هوندا آهن. جيڪڏهن ڇن ڏگهي ڇاهٽي هوندي هئي ته پوءِ به ورا رکڻا پوندا هئا پر انهن کي بيهارڻ لاءِ وچ تي هڪ وڏيڪ ٿلهه ٺاهڻو پوندو هو ۽ پوءِ اُهو ماڻهن جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻبو هو تنهن ڪري ان مان جان ڇڏائڻ لاءِ ڇن کي هڪ ڏگهو هال بڻائڻ لاءِ وري "لاٽڻ" جو استعمال ڪيو ويندو هو. لاٽڻ هڪ مخصوص ۽ نرالي قسم جي ڪاٺي هوندي هئي جيڪا اڌ گول وانگر هوندي هئي. ان جا ڇيڙا پاسن ۾ ٿلهن تي رکبا هئا اڌ گول جي سپ کان مٿانهين جاءِ يعني وچ تي هڪ ڪِلو هٽي ان تي به وَرا رکبا هئا. اهڙي طرح هڪ کان وڏيڪ وَرن تي ٺهيل ڏگهي ڇن کي لانڍي ڇٻبو هو. لاٽڻ جي ڪاٺي پنهنجي مخصوص بناوٽ سبب ناياب قسم جي هوندي هئي جنهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ وڏي ڳولها ڪرڻي پوندي هئي. هاڻي ته ورا، پنجر ۽ کک به ڪو نه ٿا ملن جيڪي پراڻي وقت ۾ عام جام ۽ مفت هوندا هئا. هاڻي ته جهنگ ئي ڪونهي. يا ته بکين وڏيرن قبضو ڪري پنهنجون ٻنيون ٺاهي ڇڏيون آهن يا وري "بيروزگار" ماڻهن باهيون ڏيئي، ساڙي ۽ ڪاٺ کي ڏاک ڪري وڪڻي ڇڏيو.

اسان جي خاندان جو ۽ ڳوٺ جو چڱو مڙس "سائين وڏي" واحد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بخش جو وڏو پاءُ قاضي امان الله هوندو هو جنهن کي عام طور ماڻهون ميان امان الله ۽ اسان چاچو امان الله چوندا هئاسين. اوطاق جي عمومي طور رکوالي اهو ڪندو هو. ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ ٻاهران ايندڙ حجم، ڏکڻ يا ٻين اهڙي قسم جي فردن جي هنڌ بستري، ڪٽ ۽ ماني وغيره جو ذمو ان جو هوندو هو. هو پاڻ به چئي سگهجي ٿو ته اوطاق جي وسهن به هئو ته سونهن به. گفتگوءَ جو پڪو نهايت جهانديده انسان ۽ تمام خوش طبع. گفتگو ۾ حوالا ۽ مثال ڏيئي ڳالهه کي دلچسپ بڻائڻ جو ڏانءُ هئس. زندگيءَ جي پوئين حصي ۾ هڪ مخصوص قسم جي بيماري ٿي پئي هئس جنهن ڪري گهڻو پوڙهو نه هئڻ جي باوجود به لڪڻ جي ٽيڪ تي هلندو هو. "اندر ٻاهر" وڃڻ نه هجڻ جي برابر رهجي ويو هئس پر هڪ متحرڪ ۽ چست ماڻهون هجڻ ڪري هو گهر ۾ ويهڻ بجاءِ اوطاق کي گهڻو وقت ڏيندو هو ان ڪري سڄو ڏينهن محفل متل هوندي هئي. هونءَ عمومي طور به اهو اوطاقن جي آباد رهڻ وارو دور هو هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ هڪ اوطاق ضرور هوندي هئي. وڏن ڳوٺن ۾ ته هڪ کان وڌيڪ به هونديون هيون. ان ڏس ۾ جيستائين منهنجي ڄاڻ آهي ته سڄيءَ سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد جي ڳوٺ سن جيتريون اوطاقون ڪٿي نه هونديون (انهن جو وڌيڪ احوال تڏهن جڏهن سن پهچون). خود اسان جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ به ٻه اوطاقون هونديون هيون پر ہي اوطاق گهڻو ڪري "لنواري شريف" جي مريدن لاءِ استعمال ٿيندي هئي البته ڪڏهن ڪي خاص مهمان يا تعداد ۾ گهڻا مهمان اُتي به ترسندا هئا ڇاڪاڻ ته اها گهڻي وڏي اوطاق هئي.

اهو چوڻ بلڪل درست آهي ته اوطاق سنڌ جي ٻهراڙين جو هڪڙو مستقل ۽ متحرڪ ادارو هوندو هو. اتي ڪچهرين ۽ آرام ڪرڻ کان علاوه ماڻهون هڪ ٻئي سان حال احوال ڪندا هئا، سور سليندا هئا ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئا. هڪ ٻئي جي ۽ پڻ ڳوٺ جي معاملن مسئلن تي گفتگو ٿيندي هئي ۽ ننڍن ننڍن مسئلن، اختلافن يا جهيڙن جا فيصلا به ٿي ويندا هئا ۽ فيصلا به اڄ وانگر نه ته هڪڙا خاص ۽ "معتبر" ڏنڊوڙي وڏيرا آهن جن جو فيصلا ڪرڻ ڪاروبار بڻجي ويو آهي، صرف اهي ئي فيصلا ڪن جيڪي اڪثر چورن، ٺڳن ۽ هٿ ٺوڪين ڌاڙيلن مڙسن جي فائدي ۾ هوندا آهن. اڳي ڳوٺ، پاڙي جا ماڻهون پاڻ ۾ ئي ويهي ڳالهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري ننڍيا وڏا مسئلا نبيري ڇڏيندا هئا. ان ڪان علاوه جيئن ته اوس پاس جي ڳوٺن جا ماڻهون به اڪثر ڪري ۽ ڪڏهن ڪڏهن پري جا مهمان يا مسافر به اوطاق تي ايندا هئا ته انهن ذريعي زماني جا حال احوال به ملندا رهندا هئا. ڪچهرين دوران ڪڏهن سياسي ۽ ملڪي معاملن تي به ڳالهيون ٿينديون هيون. اسان جي ڳوٺ مان ٽر / تعلقي جي سياسي ماڻهن سان لڳ لاڳاپا يا اٿ ويهه چاچي امان الله جي ٿي هوندي هئي جيڪو پاڻ (شايد به دفعا) بي ڊي (Basic Democracy) جو ميمبر به رهيو. جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿيو ته ڳوٺ ۾ پهريون ريڊيو بابي سائين ورتو هو ته اهو به اوطاق ۾ ڪڏهن ڪڏهن وڄندو هو خاص ڪري 1965ع واري هند- پاڪ جنگ جون خبرون.

سو اسڪول ۽ ڪاليج جي وچ وارو وقت اڪثر ڪري مان به اوطاق ۾ گذاريندو هئس. ڳوٺ ۾ دير سان ٿيندڙ نيرن ڪري (اها به سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيت ته منجهند ۽ رات جي ويلن کي ته "ماني کائڻ" چيو ويندو آهي پر صبح واري کاڌي کي ماني کائڻ بجاءِ "نيرن ڪرڻ" چئبو آهي) اوطاق ۾ ويندو هئس. چاچو امان الله گهڻو ڪري موجود هوندو هو ڪو هڪ اڌ ٻيو ماڻهون به هوندو هو. پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو هو ته ماڻهون ايندا ويندا هئا ۽ ميلو مچندو ويندو هو خاص ڪري هاري ماڻهون مُند آهر روزاني جو ٻنيءَ جو ڪم ڪري ان ٽائيم تي واپس ايندا هئا. اهي سخت گرميءَ جا ڏينهن هجڻ ڪري منجهند جو ته اوطاق بلڪل پرجي ويندي هئي. اتي پيل 7-8 کٽن تي جاءِ نه بچندي هئي. ڪي ماڻهون ڪچهري ڪندا هئا ته ڪي آرام. سڀ کان وڌيڪ دلچسپي تاس (Cards) راند ۾ هوندي هئي. ڪڏهن هڪ چوڪڙي ته ڪڏهن ٻه هلنديون هيون. ڪڏهن وري ائين به ٿيندو هو ته گهڻن ماڻهن کي موقعو ڏيڻ خاطر اهو اصول طئي ڪيو ويندو هو ته جنهن به جوڙيءَ تي سلام اچي (يعني هڪ راند هارائي) ته اها اٿي وڃي ۽ ان جي جاءِ تي ٻي ويهي ته ٻه جڻا ويهن. تاس راند جي حوالي سان آهتي حجم، اوستو (استاد) غلام محمد اهم ڪردار هوندو هو. راند به سٺي کيڏندو هو پر ٻيا هلائيندي هو جيڪي دلچسپ جملا چوندو ۽ مزيدار تبصرا ڪندو هو ان سان نه رڳو کيڏندڙن پر پرسان ويٺلن جي به دلچسپي وڌي ويندي هئي. منهنجي به ان دوران تاس ۾ دلچسپي ڪافي وڌي ويئي جيتوڻيڪ راند کيڏڻ مون کي وچٿري ايندي

هئي، بيا ڪيڏاري به مون کان ٿورو گهٽ يا ٿورو وڏيڪ ڄاڻندا هئا باقي اسان جي سڄي ٿر ۾ تاس راند جو غير معمولي ماهر رانديگر رئيس علڻ خان لاشاري هو جيڪو اسان جي دوست ۽ تنظيمي ساٿي عبدالحميد لاشاريءَ جو والد هو. مان ان جي خلاف هڪ به دفعو ئي راند ڪيڏيس پر هن جو بلڪل جواب نه هو. اهو اصطلاح هن تي فٽ پيو اچي ته هو جادوگر رانديگر هو. جيتري دير به ڪيڏياسين ته اسان جي جوڙي انهن کان هڪ راند به نه کٽي سگهي. هو ائين ڪيڏندو هو جڻ ته ڪيس پين سيني رانديگرن جي خبر آهي ته ڪنهن وٽ ڪهڙا پتا آهن. شايد لاڙڪاڻي جي جناح باغ وارا ڪيڏاري سندس مقابلو ڪري سگهن ها.

مون پنهنجي زندگيءَ جي ڀرپور ڀنگ ان عرصي دوران پيتي ۽ ان جو سبب اهو ئي اوستو غلام محمد ـ هو جيترا ڏينهن به (ٽي يا چار) پنهنجي ڏنڊي جي حوالي سان اسان جي ڳوٺ ۾ هوندو هو ته روزانو پوءِ ڪڏهن اڪيلو ته ڪڏهن سائين واحد بخش يا ڪنهن ٻئي "موالي" سان گڏجي ڀنگ ضرور پيئندو هو. هڪ ڏينهن اڪيلي پئي پيتائين، اسان به ٽي "زوالي" ويٺا هئاسين سو اڌ اڌ گلاس اسان کي به ڏنائين. اهي اونهاري جا ڏينهن هئا ۽ گرمين ۾ نوجوان گهٽو ڪري رات جو ڪوٺي جي ڇت تي سمهندا هئا. سو مان به ڀنگ پي مٿي پيل کٽ تي وڃي سمهيس. ٿوري دير ۾ مٿي کي چڪر اچڻ لڳا ۽ مٿي ڏسڻ سان ائين محسوس ٿي رهيو هو ته آسمان ۾ تارا ڦري رهيا آهن. سُستي ۽ ساٽائي ايتري جو سُتل مان رڳو کٽ تي ئي اُٿي ويهڻ وڏو مسئلو پيو محسوس ٿئي. شايد رات جي ماني به کا نه کاڌم. ان کان پوءِ زندگيءَ ۾ ٽي يا چار دفعا ڀنگ پيتي هوندي پر اها جيئن ته اسان پاڻ سنگت ۾ گڏجي گهوٽيندا هئاسين ته ڀنگ کي ٿورو نرم ڪرڻ ۽ ان جو ذائقو بهتر ڪرڻ خاطر ان ۾ ڪسڪس، بادام ۽ ڦوٽا وجهندا هئاسين.

جڏهن ڪاليج ۾ داخلا جو مرحلو آيو ته بنا ڪنهن هڪ جي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي جي چونڊ تي ڇاڪاڻ ته لاڙڪاڻي شهر سان اسان جو واسطو به اڳ ۾ ئي ڪافي هو ۽ لاڙڪاڻي جو ڪاليج به علائقي جو سڀ کان سٺو ۽ وڏو ڪاليج هو. لاڙڪاڻي مان ڪپڙي جي خريداريءَ جي حوالي سان شاهي بازار ۾ ڪپڙي جي هڪڙي وڏي دڪاندار شيخ صاحب سان بابي جي دوستي ٿي ويئي هئي، ان جو پاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪاليج جو پرنسپال آصف جاه ڪاروائي (A.J. karwani) هو. انتظامي معاملن ۾ سخت هوندو هو ان سان گڏ محنتي بہ هو. صبح جو سوير ڪاليج ٽائيم شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ تيار ٿي ڪاليج ۾ هر طرف چڪر لڳائيندو هو جڏهن تہ پيرڊ شروع ٿيڻ کان پوءِ بہ سڄو وقت آفيس ۾ نہ ويهندو هو پر ڪڏهن ڪهڙن، ڪڏهن ڪهڙن ڪلاسن جو چڪر هڻندو هو. ان ڪري ڪيس ڪاليج جي سيني معاملن جي خبر هوندي هئي ۽ اسٽاف، استادن ۽ شاگردن جي روين ۽ ڪردار جي بہ ڄاڻ رکندو هو. ظاهر آهي اهي ڳالهيون اسان شاگردن توڙي استادن ۽ اسٽاف جي اڪثريت کي ڏکيون لڳنديون هيون. ان سان گڏ اهو بہ هو تہ ڪاروائي صاحب طبيعت جو ڏاڍو بخيل هوندو هو ان ڪري بہ گهٽائي ڪائنس خفا رهندي هئي. ٻيو تہ هو اردو ڳالهائيندڙ هو ۽ ان وقت سنڌ ۾ اردو سنڌي ڇڪتاڻ شروع ٿي چڪي هئي. پر حقيقت اها آهي تہ (گهٽ ۾ گهٽ ان وقت) لاڙڪاڻي ۾، خاص ڪري ڪاليج ۾ زبان ايڏو مسئلو نہ هئي باقي سنڌي ماڻهون وڏي اڪثريت ۾ هئڻ ڪري اصل ۾ پرنسپال جي انتظامي سختي ۽ طبيعت جي بخيليءَ کان بيزار هوندا هئاسين پوءِ زبان واري عنصر کي هُن جي خلاف پروپئگنڊا ۾ استعمال ڪندا هئاسين.

اسان جي ڪلاس ۾ مهرومل، منظور شيخ ۽ هڪ اڌ ٻيا هوشيار شاگردن ۾ شمار ٿيندا هئا تنهن ڪري اُهي ويهندا بہ پهرين قطار ۾ هئا. بابهہ کان گڏ مئٽرڪ پاس ڪري ايندڙ خير محمد ڪولاچي بہ سٺو هوشيار هو. بابهہ جو ٻئي عبدالحليم جوٽيجو ۽ مان بہ سراسري شاگردن کان هوشيار سمجهيا ويندا هئاسين. اسان ٻئي اڪثر هڪ بئنچ تي ٻي يا ٽين قطار ۾ ويهندا هئاسين. مان دراصل ٻين ذڪر ڪيل دوستن جي ڀيٽ ۾ نصابي تعليم کي گهٽ وقت ڏيندو هئس. راند جو تہ اڳي ئي شوقين هئس، ڪاليج ۾ اچڻ کان پوءِ ٻين غير نصابي سرگرمين ۾ بہ وڌيڪ دلچسپي ۽ وقت ڏيڻ لڳس. فطري طور محتاط طبيعت هجڻ ۽ هڪ ننڍڙي ڏورانهين ڳوٺ جو پس منظر هئڻ سبب هاءِ اسڪول جي ڏينهن ۾ مون ڪا گهڻي سرگرم زندگي نہ گذاري پر پوءِ جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو تہ ڏهين ڪلاس دوران بابهہ اچڻ کان پوءِ منهن جي ورتاءُ ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي هئي سو ڪاليج ۾ اچڻ کان پوءِ ان تبديليءَ جي رفتار ۾ اڃا اضافو ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

والي بال ڪيڏڻ ۾ ڏسڻ جو شوق اچا وڏيو فلمن جو شوق به جاري رهيو ۽ ان سان گڏ ڪاليج جي سياسي سرگرمين کان علاوه ملڪي سياست ۾ به وڏيڪ دلچسپي ۾ حصو وٺڻ لڳس. انهن سيني غير نصابي سرگرمين ڪري منهنجي دوستن جو حلقو به وڌڻ لڳو ۽ مان هڪ وڌيڪ متحرڪ زندگي گذارڻ لڳس. پر ٻئي طرف ان جو منهنجي نصابي تعليم تي اثر پيو جنهن ڪري مان ڪلاس جي هوشيار ترين شاگردن ۾ شمار نه پيو ٿيان. هاسٽل ۾ رهندڙ ته لڳ ڀڳ سيئي هڪ ٻئي جا دوست هوندا هئاسين ڇاڪاڻ ته هاسٽل مختصر هئي، اندازي موجب ڪو چاليهارو ڪن شاگرد ٿين ها. هاسٽل جي ويجهن دوستن ۾ شمس جوڻيجو ۽ منظور جوڻيجو (اهي ٻئي ان ڪري به ويجها هئا جو اهي لنواري شريف جا مريد هئا) علي گوهر جوڻيجو غلام حسين تنيو شمس الدين شيخ، انهن کان علاوه خدا بخش پيچوهو محمد علي پيچوهو غلام قادر ڪهيري ضياءالدين جيڪو ڪمري ۾ گڏ رهندو هو ۽ انور ڪوريجو شامل هئا. هاسٽل ۾ والي بال کيڏڻ جي حوالي سان الطاف قادريءَ سان به سنگت ٿي جيڪو ساڳئي سال ۾ پر پري ميڊيڪل ۾ پڙهندو هو. ان سان پوءِ وڌيڪ دوستي وري 1980 واري ڏهاڪي ۾ جيئي سنڌ محاذ ۾ گڏ ڪم ڪرڻ دوران ٿي ۽ پارٽي اندر هلندي خيالن ۾ ويڇهڙائيءَ ڪري صفا گهاٽي دوستي ٿي وئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين ائين هلندي اچي ته "جن ڇڏي پوت ڇڏي، مان نه ڇڏيندوسانءِ".

جڏهن مان ڪاليج ۾ داخل ٿيس ته اهي سال 1968 جا پويان مهينا هئا ۽ ان وقت ايوب خان جي خلاف تحريڪ پنهنجي عروج تي هئي. ان آمريت مخالف تحريڪ ۾ سياسي جماعتن سان گڏوگڏ مزدورن ۽ شاگردن جو به نهايت اهم ڪردار هو. سڄي ملڪ ۾ شاگرد هڙتالون ۽ بڪ هڙتالون ڪندا ۽ جلوس ڪيندا رهندا هئا. ڪراچي ان وقت مرڪز جي قبضي ۾ هئڻ ڪري سنڌ جو حصو نه ليکبي هئي پر هونءَ شاگردن جي جدوجهد جو سڀ کان وڏو ۽ متحرڪ مرڪز ڪراچي هئي. باقي سنڌ ۾ به شاگردن جي تحريڪ سرگرم هئي پر ان تي سنڌيت جو رنگ وڌيڪ چڙهيل هوندو هو ڇاڪاڻ ته جمهوريت جي حوالي سان باقي ملڪ جي ماڻهن سان خيالن ۾ مفادن جي هڪجهڙائي هئڻ سان گڏوگڏ سنڌ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجا سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي مسئلا بہ هئا جن جي لاءِ سنڌ ۾ هڪ وسيع تحريڪ هلندڙ هئي. تنهن ڪري سنڌي شاگرد جتي سڄي پاڪستان جي شاگرد برادريءَ سان لاڳاپيل هئا اتي اهي سنڌ جي قومي حقن جي تحريڪ جو بہ حصو هئا. جمهوريت ۽ سنڌيت جي گڏيل مسئلن ۽ مطالبن جي حوالي سان لاڙڪاڻي ڊگري ڪاليج ۾ بہ سرگرميون زورن تي هيون. ڪڏهن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ٿيندو هو ڪڏهن ڪاليج ۾ ئي جنرل باڊي ۽ تقريرون ٿينديون هيون ۽ ڪڏهن وري ڪاليج کان وچ شهر تائين جلوس ڪڍيو ويندو هو. جيڪي شاگرد ليڊر جلوسن جي اڳواڻي ڪندا هئا انهن ۾ امان الله شيخ نمايان هوندو هو. نعرا بہ زور سان هڻائيندو هو ۽ تقرير بہ سٺي ڪندو هو. سندس واسطو سائين جي ايم سيد جي فڪر سان هو البتہ سندس تنظيمي حيثيت جي مون کي خبر ڪا نہ هئي، بهرحال اڳتي هلي خبر پئي تہ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (قومپرست گروپ) جو اڳواڻ هو. بعد ۾ جڏهن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ٺهي تہ ان جو باني ۽ مرڪزي اڳواڻ ٿيو. ان ئي حيثيت ۾ منهنجي ساڻس ويجهڙائي تي جيڪا سياسي ۽ ذاتي دوستيءَ جي صورت ۾ اڄ تائين برقرار آهي جيتوڻيڪ ان ڊگهي عرصي دوران اسان جا سياسي رستا پري ۽ ويجها ٿيندا رهيا آهن. هن وقت هو هڪ سينيئر وڪيل ليکڪ ۽ سياسي دانشور آهي. *

ٻيو شاگرد ليڊر اسدالله شيخ هوندو هو. سندس تعلق جماعت اسلاميءَ جي شاگرد وِنگ اسلامي جمعيت طلبہ سان هوندو هو پر ان سان منهنجي سڌي واقفيت ڪا نہ هئي. ڪافي سالن کان پوءِ معلوم ٿيو تہ هن جي سوچ ۾ 180 ڊگرين جو فرق اچي ويو آهي ۽ هو هڪ سخت سنڌي قومپرست ٿي ويو آهي. منهنجي بہ ساڻس سٺي سلام دعا ٿي وئي ۽ ڪجهہ عرصو ڪراچي گلشن اقبال جي عنبرين اپارٽمينٽ ۾ گڏ بہ رهياسين. ان وقت سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ پيپلزپارٽيءَ جو يا ائين چئجي تہ ذوالفقار علي ڀٽي جو ڪو گهڻو اثر ڪو نہ هو. لاڙڪاڻي سطح تي سندس حمايتي هڪڙو غلام اڪبر ڀٽو هو جيڪو پاڻ کي G.A Bhutto سڏائيندو هو ۽ شام واري ڪامرس ڪاليج ۾ پڙهندو هو. ان سان ئي گڏجي شاگردن جي هڪ گروپ سان مون ذوالفقار علي ڀٽي سان

---

* تازو عوامي جمهوري پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي پٽن کي انجنيئرنگ ۾ داخلا وٺرائيندا هئا. ڊاڪٽر افغان انهن تي سختي ڪندو هو. داخلا فارمن ۾ داخلا جي عمل تي پاڻ نظر رکندو هو ۽ جن ۾ شڪ پوندو هئس انهن اميدوارن کي ذاتي انٽرويو لاءِ گهرائيندو هو ۽ انهن کي اهي لفظ اچارڻ لاءِ چوندو هو جيڪي رڳو سنڌيءَ ۾ هوندا هئا جهڙوڪ ڳ، ڀ، ڄ، ڃ، ڻ وغيره. جيڪي انهيءَ ٽيسٽ ۾ فيل ٿيندا هئا انهن کي داخلا نه ڏيندو هو. سندس ان ڪردار سبب رياستي ڪارندا ڪائنس ناراض هئا ۽ پوءِ بلڊنگ جي ناقص تعمير جي الزام هيٺ کيس گرفتار ڪيو ويو. سندس گرفتاريءَ خلاف سڄي سنڌ ۾ تحريڪ هلي جنهن ۾ جلسا، جلوس، هڙتالون ۽ بک هڙتالون شامل هيون. نه رڳو يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جا پر اسڪولن جا شاگرد به ان تحريڪ ۾ حصو وٺندا هئا جن کي چڱي نموني خبر به نه هوندي هئي ته ڊاڪٽر افغان کير آهي ۽ کيس ڇو گرفتار ڪيو ويو آهي. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هڪڙو واقعو مشهور ٿيو ته اسڪول جا ٻار جلوس ڪڍي ڊاڪٽر افغان جي حق ۾ نعرا هڻي رهيا هئا ته پوليس انهن کي روڪيو. پوليس واري هڪ شاگرد کي ٻانهن کان جهلي پڇيو ته "ڈاکٹر افغان تمہارا کیا لگتا ہے" ته ڇوڪري ورائيو "ہمارا باپ لگتا ہے" هُن پڇيس ته "وہ کیا کرتا ہے" ته شاگرد جواب ڏنو ته "ایجیٹیشن لگاتا ہے."

منهنجي لاءِ ان عرصي جو سياسي لحاظ کان اهم واقعو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو جيل مان آزاد ٿي اچڻ هو. جيئن ته اسان جي هاسٽل ريلوي اسٽيشن جي پرسان هئي، سو هڪ ڏينهن ڪنهن چيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي آزاد ٿي ريل ذريعي اچي رهيو آهي. مان ڪجهه دوستن سان گڏ (نالا ياد ناهن) ريلوي اسٽيشن تي ويس جتان ڪامريڊ سان گڏ جلوس ۾ شهر جو چڪر هنيوسين ۽ آخر ۾ (گهٽو ڪري) پاڪستان چوڪ تي ڪامريڊ مختصر تقرير ڪئي. ان ڏينهن جي يادگيريءَ جي حوالي سان هميشه مون ۾ خوشي ۽ اطمينان، ۽ افسوس جا گڏيل احساس پيدا ٿيندا آهن. خوشي ان ڳالهه جي ته ويهين صديءَ جي سنڌ جي هن عظيم انسان کي پهريون دفعو نه رڳو ڏسڻ جو موقعو مليو پر ان جي ڏکهي ۽ اٽانگي سياسي سفر ۾ ڪجهه وکون ساڻس گڏ هلڻ جو اعزاز به حاصل ٿيو. اطمينان ان ڳالهه تي ٿئي ٿو ته تمام سٺو ٿيو جو ان ڏينهن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ريلوي اسٽيشن تي ويس ڇاڪاڻ ته هن محبِ وطن ۽ سوشلسٽ شخص سان منهنجي اها پهرين ملاقات ئي آخري ثابت ٿي. وڏي عمر، وري جيل، سو به بدنامِ زمانه مڇ جيل جتي نه صرف موسم صحت ڪش هوندي آهي پر جيل انتظاميه جو قيدين سان رويو ۽ ورتاءُ به انسانيت ڪش هوندو آهي. ۽ وري ڪامريڊ جو معاملو رڳو جيل انتظاميه تائين به ڪو نه هو هن جي ته رياست ئي دشمن هئي. سو جيل مان نڪرڻ وقت سندس صحت انتهائي خراب هئي جنهن ڪري ٻاهر اچڻ کان پوءِ هو ڪا سرگرمي ڪري نه سگهيو ۽ پوءِ نيٺ 21 مئي 1970ع تي وفات ڪري ويو. افسوس ان ڳالهه جو ته رڳو هڪڙي ملاقات ٿي.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي يقيني طور ويهين صدي سنڌ جي عظيم شخصيتن مان هڪ ۽ جديد قومي تحريڪ جي معمارن ۾ شمار ٿيندڙ هو. سنڌ جي هارين جي طبقاتي حقن لاءِ سندس جدوجهد ته هن جي زندگيءَ جو مقصد ۽ هڪ بي مثال ڪارنامو آهي پر سنڌ جي قومي شناخت، وجود، بقا ۽ ترقي لاءِ سندس سوچ ۽ سندس ڪردار به مثالي آهي جنهن جو نچوڙ مختلف لفظن ۾ ائين ڪڍي سگهجي ٿو ته سنڌ جي نجات ۾ ئي سنڌ جي هاريءَ جي نجات ۽ سنڌ جي هارين جي هٿان ئي سنڌ جي حقيقي نجات ٿي سگهي ٿي. سنڌ جي وجود تي وار ڪندڙ ون يونٽ منصوبي جي خلاف حيدر بخش جتوئيءَ جي قلمي ۽ سياسي جدوجهد نه رڳو حڪمرانن جي حوصلن کي پست ڪيو پر سنڌ جي هارين سان گڏ شاگردن، نوجوانن ۽ اديبن جي هڪ وڏي تعداد کي پڻ متاثر ۽ متحرڪ ڪيو. ان دور ۾ ڪامريڊ جا لکيل پمفليٽ ۽ ڇپيل شعر هڪ قومي سرمايو آهن. سندس طويل نظم "جيئي سنڌ جيئي سنڌ، جامِ محبت پيئي سنڌ" بابت مان ڇا چئي ڇا چوان، ڇا لکي ڇا لکان. اهو شعر خود پاڻ پنهنجي تعريف آهي، پاڻ پنهنجي تشريح آهي ۽ پنهنجي تاريخ آهي. اهو شعر مادرِ وطن سنڌ کي دعا به آهي ته محبِ وطن سنڌين کي اڳتي وڌڻ جو سڏ به آهي ته سنڌ دشمن قوتن لاءِ للڪار به آهي. انهيءَ ئي شعر کان متاثر ٿي سائين جي ايم سيد ۽ ان جي ساٿين (جن ۾ مان به شامل هئس) سنڌ جي قومي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ پارٽيءَ جو نالو جيئي سنڌ محاذ رکيو. 1960 واري ڏهاڪي جي آخر ۽ 1970 واري ڏهاڪي جي شروعات ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خاص ڪري ٻہ شعر اهڙا هئا جيڪي جڏهن ڳايا ويندا هئا تہ قومي ڪارڪنن جو خون سانوڻيءَ جي سنڌوءَ وانگر ڇولين هڻڻ لڳندو هو هڪڙو فقير عبدالغفور جي آواز ۾ شيخ اياز جو:

”سنڌڙيءَ تي سِر ڪير نہ ڏيندو سهندو ڪير ميارا“ ۽ ٻيو زرينہ بلوچ جي آواز ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جو: جيئي سنڌ جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ.“ منهنجي ذاتي زندگي ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جي اثر هيٺ آهي ۽ هميشہ ان جي شخصيت جي سائي هيٺ رهندي مان مسڪين ماڻهون هئس ۽ آهيان. منهنجي گذر سفر جو ۽ خاندان کي پالڻ جو واحد ذريعو منهنجي انجنيئر واري نوڪري هئي جنهن لاءِ مون بہ محنت ڪئي هئي ۽ منهنجي والد بہ وڏي جدوجهد ڪئي هئي. سنڌ جي قومي تحريڪ جي هڪ انتهائي اهم ۽ فيصلہ ڪن مرحلي تي تاريخ جي سڏ ۽ وقت جي تقاضا کي مهت ڏيندي مان اها نوڪري ڇڏي ڪل وقتي قومي ڪارڪن بڻيس تہ ان جي پٺيان جتي سائين جي ايم سيد جي نظرياتي تربيت جو هٿ هئو تہ اتي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي شخصي ڪردار کان ملندڙ همٿ ۽ اتساهہ جو بہ دخل هو جو ڪامريڊ پاڻ بہ ڊپٽي ڪليڪٽر جهڙي اهم نوڪري ڇڏي سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيو هو. عبدالواحد آريسر جي پارٽي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ جڏهن کان جيئي سنڌ محاذ کي اسان ڪارڪنن سنڀاليو آهي تڏهن کان پارٽيءَ جي قومي ڪانگريس جي پنڊال ۾ جديد قومي تحريڪ جي باني طور ٽن شخصيتن، شهيد الله بخش سومري، سائين جي ايم سيد ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جون تصويرون لڳل هونديون آهن. ڪامريڊ جيڪا جدوجهد ڪئي اها ايندڙ ڪيترن نسلن جي مستقبل جي جدوجهد هئي ۽ اها نسلن تي محيط هئي/ آهي. ان جا نتيجا ڏينهن ۾ ڪو نہ ايندا، ان جون ڪاميابيون اسڪول، ڪاليج جي رزلٽ وانگر نظر ڪو نہ اينديون. اها جدوجهد جاري رهڻ ئي ان جي ڪاميابي آهي. البتہ سندس اڻٿڪ ۽ گهڻ طرفي جاکوڙ جي هڪڙي مقصد ۾ ڪاميابي ڪيس زندگيءَ ۾ ئي حاصل ٿي - پر افسوس تہ اڌوري پاڪستان جي فوجي صدر جنرل يحيٰ خان پنهنجي روايتي چار ماهي ريڊيو- ٽي وي تقرير ۾ 28 نومبر 1969 تي ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو جيڪو ڪامريڊ بيماريءَ جي بستري تي ٻڌو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن ته عملي طور ون يونٽ پهرين جولاءِ 1970 تي ٽٽو جيڪو هي عظيم انسان پنهنجي اکين سان ڏسي نه سگهيو جوان تاريخ کان چاليهه ڏينهن اڳ سنڌس اکيون هميشه لاءِ آرامي ٿي ويون.

هاسٽل کان ڪاليج وڃڻ لاءِ هڪڙو ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۽ ڪليڪٽريءَ جي وچ وارو رستو وٺندا هئاسين. اهو روڊ سنوپر ٿورو پنڌ سوايو هوندو هو. ٻيو وري ريلوي اسٽيشن جي پاسي کان پٽڙيون ٽپي ٿورو Short Cut ڪري ويندا هئاسين. ان رستي تي اسٽيشن جي الهندي پاسي روڊن جي صفائي ڪندڙن (جن کي ماڻهو جمعدار به چوندا آهن) جا گهر هوندا هئا. انهن جي هڪڙي نوجوان ڇوڪري چڱي خوبصورت هوندي هئي. اسان جو دوست غلام حسين ٽنيو ان تي مست هوندو هو تنهن ڪري اڪثر زور ڀريندو هو ته ڪاليج اچڻ وڃڻ لاءِ اهو رستو وٺون. غلام حسين ٽنيو هو زبردست ماڻهون. خوش مزاج. ٻوڙائي، ٻوڙ ڪندو گهٽ سهندو وڌيڪ هو. ڪڏهن ڪنهن سان جهيڙو نه ڪيائين. چڙ، ڪاوڙ به ورلي ايندي هئس. فلمن جو به وڏو شوق هئس، نه رڳو ڏسڻ جو پر اداڪارن جو نقل ڪرڻ جو به خاص ڪري وحيد مراد جي اسٽائيل اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. گانا به ان جي انداز ۾ ڳائيندو هو. پر مون وانگر هو غريب تنهن ڪري گهڻا شوق پورا ڪري نه سگهندو هو. هڪ دفعي هاسٽل جي ڪجهه شاگردن گڏجي صلاح ڪري چيس ته اگهاڙو ته ٿي ڏيکار ته هن شريف همراهه به هڪ ئي نه ڪئي الف اگهاڙو ٿي بيهي رهيو.

غير نصابي دلچسپين ۽ سرگرمين جي ڪري مان اڪثر شاگردن جي ڀيٽ ۾ نصاب پڙهڻ کي گهٽ وقت ڏيندو هئس پر پوءِ به زبردست ته نه پر سٺين مارڪن سان امتحان پاس ڪندو هئس. ان جو سبب اهو هو ته مون کي مطالعي ڪرڻ جو ڪجهه ڏانءُ مڙيئي فطري طور مليل هو. مان سڄا ڪتاب ۽ سڀ ڳالهيون تفصيل سان نه پڙهندو هئس. ڪورس مان ڪجهه اهم شين جي چونڊ ڪندو هئس ۽ اها چونڊ ڪافي حد تائين ڪارائتي ثابت ٿيندي هئي. ٻيو اهو ته مثال طور جيئن فزڪس يا مئٿميٽڪس جا سبجيڪٽ هئا ته مان انهن جي هر هڪ حساب کي ذهن ۾ ويهارڻ بجاءِ انهن جي فارمولن ۽ اصولن کي سمجهڻ جي وڌيڪ ڪوشش ڪندو هئس ۽ پوءِ انهن جي روشنيءَ ۾ جيڪو سوال ايندو هو ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪي حل ڪندو هئس.

بهرحال ڪجهه نصابي سرگرمين ۽ ڪجهه غير نصابي دلچسپين ۾ وقت گذاريندي ڪاليج جو پهريون سال پورو ٿي ويو. ٻئي سال ۾ آياسين ته ڪاليج جي ٺئي پرسان هاسٽل جي نئين عمارت ٺهي تيار ٿي چڪي هئي. ڪاليج انتظاميه چونڊ جو موقعو (Option) ڏنو ته جيڪو نئين هاسٽل ۾ وڃي. ان هاسٽل ۾ فائدو اهو هو ته هڪ ته نئين عمارت هئي ٻيو ڪاليج سان لڳو لڳ هئي ۽ ٽيون آسپاس ۾ ڪليل ميدان ۽ وڻ ٻوٽا به جام هئا جڏهن ته نقصان اهو هئو ته شهر کان پري هئي. پوءِ شهر جا شوقين همراهه پراڻي هاسٽل ۾ ئي رهيا ۽ اسان ڪجهه دوست نئين عمارت ۾ رهڻ لڳاسين. پراڻي هاسٽل جي ننڍن ڪمرن ۾ ٻه ٻه ڄڻا رهندا هئاسين، نئين ۾ جا ڪمرا جيئن ته وڏا هئا تنهن ڪري چار ڄڻا هڪ ڪمري ۾ رهندا هئا. منهنجا ٻئي سئوٽ عبدالڪريم ۽ عبدالغني به ٻئي سال يعني انٽر ۾ داخلا ڪاليج مان سرٽيفڪيٽ وٺي لاڙڪاڻي اچي ويا هئا. سو ٽي ڄڻا اسان ۽ چوٿون باڊهه کان منهنجو هم ڪلاسي خير محمد ڪولاچي گڏ هڪ ڪمري ۾ رهڻ لڳاسين.

فوجي صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل يحيىٰ خان 28 نومبر 1969ع واري تقرير ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ کان علاوه ٻيا به اهم اعلان ڪيا. هُن پهرين جنوري 1970ع کان سياسي سرگرمين تان پابنديون هٽائڻ ۽ 5 آڪٽوبر 1970 تي پاڪستان جي تاريخ جون بالغ راءِ دهي جي بنياد تي پهريون عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. بظاهر ڏسجي ته هڪ ماڻهون هڪ ووٽ ۾ ڪهڙي اهم ڳالهه آهي! اهو ته هڪڙو عام اصول آهي جيڪو دنيا جي هر جمهوري ملڪ ۾ جاري آهي. پر اسان کي نه وسارڻ کپي ته پاڪستان هڪ منفرد ملڪ آهي، پنهنجي ٺهڻ کان وٺي. اسرائيل ۽ پاڪستان سڄي دنيا ۾ رڳو ٻه ملڪ آهن جيڪي مذهب جي نالي تي ڪنهن موجود ملڪ کي ورهائي ٺاهيا ويا ۽ ان ۾ به ڪو شڪ شبهه ناهي ته ٻنهي جي ٺاهڻ ۾ ٻي عالمي جنگ دوران ڍهندڙ سامراج برطانيه ۽ ابرندڙ سامراج آمريڪا جو هٿ هو ۽ ٻنهي کي ايجاد ڪرڻ ۾ انهن سامراجي ملڪن جا سياسي، اقتصادي ۽ اسٽريٽيجڪ مفاد هئا. پر يهودين ته وري به اسرائيل ٺاهڻ لاءِ انهن ظلمن کي بهانو بڻايو جيڪي انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي يورپ جي مختلف ملڪن ۾ ٿيا هئا. هتي تہ اجا ابتو معاملو هو. هتي تہ ٻاهران آيل اچي تمام ننڍي اقليت ۾ هجڻ باوجود مسلمانن نہ رڳو اٺ سئو سالن تائين هندستان تي حڪومت ڪئي پر ڌرتي ڌڻين تي بدترين ظلم ڪيا. انهن جو قتلام ڪيو انهن جي مذهبي جاين کي مسمار ڪيو ۽ مذهبي عقيدن ۽ ڪلچر جي توهين ڪئي ۽ انهن جي وسيلن جي ڦرلٽ ڪئي. ۽ پوءِ فرضي ۽ من گهڙت (مستقبل جي) امڪاني خطرن کي سبب بڻائي الڳ ملڪ ٺاهيو ويو. ۽ ائين هوائي خبرن تي ملڪ ان ڪري ٺهي ويو جو عالمي سامراجي طاقتن جا ان ۾ مفاد هئا. ۽ پهرئين ڏينهن کان وٺي اڄ (2015) تائين ثابت ٿي ويو آهي تہ ڪيئن اهو مسلمانن جي نالي تي ٺهيل ملڪ عالمي طاقتن جي مفادن لاءِ استعمال ٿيندو ۽ انهن جي حڪمت عملين جو حصو بڻبو رهيو آهي.

سو ڳالهہ پئي ڪيئسين پاڪستان جي انفراديت جي- هر اها ڳالهہ جيڪا ٻين ملڪن ۾ ناممڪن هوندي آهي اُها پاڪستان ۾ ممڪن هوندي آهي ۽ جيڪا ڳالهہ ٻين ملڪن ۾ انساني زندگيءَ جو معمول هوندي آهي سا هِن ملڪ ۾ وڏو غير معمولي ڪارنامو ليکي ويندي آهي. ائين ئي هڪ ماڻهون هڪ ووٽ جو اصول هڪ معمول جي ڳالهہ آهي ۽ ان کي سمجهڻ ۽ مڃڻ لاءِ ڪنهن وڏي عالم يا دانشور جي ضرورت ناهي، هڪ عام فهم (Common sense) وارو ماڻهون بہ ان جي وڪالت ڪندو. پاڪستان جي رياستي معاملن ۾ ان جي غير معمولي هجڻ جو هڪڙو خاص پس منظر آهي (ان جي ٺهڻ وانگر).

چوڻ ڪاڻ تہ هي ملڪ اسلام جي سربلنديءَ لاءِ ٺهيو پر اصل ۾ عالمي سامراج سان گڏ ان جي مقامي اتحادين پنجاب ۽ مهاجرن جي مستقل مفاد جو تحفظ ان جو مقصد هو. پر صورتحال اها هئي تہ اوڀر بنگال آباديءَ جي لحاظ کان باقي سڄي ملڪ کان وڌيڪ هو جڏهن تہ ساسي شعور جي لحاظ کان بنگالي ننڍي کنڊ جي سڀ کان اڳتي وڌيل قوم هئا ۽ وري سنڌي، بلوچ ۽ ڪنهن حد تائين پٺاڻ بہ انهن جو ساٿ ڏيئي رهيا هئا. ان ڪري پنجاب کي توڙي ان جي سرپرست عالمي سامراجين کي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي هئي. سو انهن هڪ وقت بہ ڪم ڪيا. هڪ طرف سنڌ، بلوچستان، پختونخوا کي پنجاب سان ملائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هتر ادو مغربي پاڪستان جو صوبو بڻايائون، جنهن کي ون يونٽ چيو ويو جڏهن ته اوڀر بنگال جو نالو مشرقي پاڪستان رکيو ويو. اهڙي طرح ملڪ ۾ ٻه صوبا ٺهي ويا. ٻيو پوءِ ٿيو اهم "ڪارنامو" پنجابي اسٽيبلشمينٽ اهو ڪيو ته رياستي معاملن ۾ مغربي ۽ مشرقي پاڪستان کي برابر نمائندگي ڏني ڏيئي (جنهن کي Parity جو اصول چيو ويندو آهي) ان جي باوجود ته "اوڀر پاڪستان" جي آبادي 54 سيڪڙو ۽ "اولهه پاڪستان" جي 46 سيڪڙو هئي. سو ٻه برابري رڳو سياسي اختيارن جي ميدان ۾ رکي ويئي باقي اقتصادي وسيلا ته بنگال سميت سڄي ملڪ جا پنجاب (۽ ڪنهن حد تائين مهاجرن) جي ڪنٽرول ۾ رهيا. انهن بنيادن تي 1956ع ۾ پاڪستان جو پهريون آئين ٺاهيو ۽ لاڳو ڪيو ويو. اهو پاڪستاني رياست جي ان حقيقت جو بهترين (يا بدترين) مثال هو ته "سمورا فيصلا پنجاب جي مفاد ۾ ۽ پنجاب جي مرضيءَ سان ڪيا ٿا وڃن". جنرل يحيٰ خان 28 نومبر 1969ع تي انهن ٻنهي ڪمن کي رد ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو يعني ون يونٽ کي ٽوڙي سنڌ، بلوچستان، پختونخوا ۽ پنجاب جي صوبائي حيثيت جي بحالي ۽ برابري (Parity) جي اصول کي ختم ڪري هڪ ماڻهون هڪ ووٽ جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ. انهن مقصدن جي حصول لاءِ بنگالي، سنڌي، بلوچ ۽ پختون محبِ وطن ماڻهن تمام وڏي جدوجهد ڪئي هئي پر پوءِ به انهن مثبت قدمن جو وزن (Credit) جنرل يحيٰ جي پاسي وڃي ٿو باوجود ٻين سمورين ڪوتاهين، غلطين ۽ نااهلين جي، ۽ پڻ 1970ع ۾ پاڪستان جي تاريخ جي واحد آزاد ۽ غيرجانبدار اليڪشن ڪرائڻ جو.

ان صورتحال مان انهن ماڻهن لاءِ سبق ملي ٿو جن جو چوڻ هوندو آهي ته پاڪستان جهڙي گهڻ قومي ملڪ ۾ قومي سوال نه پر جمهوري سوال ئي سڀ ڪجهه آهي ۽ جمهوريت سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. چيو ويندو آهي ته زميني حقيقتون ماڻهن جي خيالن ۽ خواهشن کان وڌيڪ طاقتور هونديون آهن، سو هتي به زميني حقيقتون جمهوريت جي انهن خيالي شيدائين جي دعوائن کي رد ڪن ٿيون. حقيقت اها آهي ته هزارين سالن جو تاريخي وجود رکندڙ سنڌي، بلوچ ۽ پختون قومن جي وجود کان انڪار ڪندڙ ۽ دنيا جي سموري مئٿميٽڪس جي منهن تي دانگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪرڻ لاءِ نوان حيلا ۽ حوالا ڳولهڻ جي ڪوشش تي مجبور آهن.

اپالو جهاز جي چنڊ تي لهڻ وارن ڏينهن ۾ منهنجو پهريون پٽ فدا حسين ڄائو هو جڏهن ته پهرين اولاد نياڻي منيره گذريل سال منهنجي مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ کان جلدي پوءِ ڄائي هئي. جيئن شادي تيئن انساني زندگيءَ جو هڪڙو اهم مرحلو هجي ٿو ته ائين ئي وري اولاد جو ٿيڻ خاص طور تي پهرئين اولاد جو به هڪ زندگي تبديل ڪندڙ عمل ٿئي ٿو. پر شاديءَ وانگر اولاد جي ٿيڻ سان به منهنجي زندگيءَ ۾ ڪا وڏي هلچل ڪا نه ٿي، ان ڪري ته هڪ ته مون سميت، گهر جي سمورن معاملن جي ذميواري بابي جي هئي (جيڪا هو محدود وسيلن باوجود بهترين نموني سان نڀائي رهيو هو) ۽ ٻيو ته مون کي شادي توڙي اولاد جي حقيقي حيثيت، اصلي اهميت ۽ صحيح ذميواريءَ جي چڱي طرح نه ته خبر هئي ۽ نه ئي احساس ڇاڪاڻ ته ان عمر (15_16 سال) ۾ انسان جسماني طور ته بالغ ٿي وڃي ٿو پر ذهني طور اڃا اُهو نابالغ هوندو آهي. وري خاص ڪري ٻهراڙيءَ جي هڪڙي ننڍڙي ۽ ڏورانهين ڳوٺ ۾ ۽ ذري گهٽ اڌ صدي اڳ ۾ صورتحال ڇا هوندي ان جو اندازو لڳائڻ گهڻو مشڪل نه هوندو. ذهني بلوغت ۾ عمر سان گڏ ماحول ۽ سماج جو به حصو هوندو آهي. اڄ ايڪوهين صديءَ ۾ نه رڳو آسپاس پر سڄي دنيا جي خبر چار ٻار کي گهر ويٺي پئجي ٿي وڃي. مواصلات جي انقلاب واقعي به انساني زندگين ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. انقلاب جي معنيٰ اها هوندي آهي ته اهو عام حالتن ۾ تبديليءَ لاءِ گهربل تمام ڊگهي عرصي کي هڪ وڏي ٽپ/ٽانگهه (Jump) ذريعي پار ڪري مختصر وقت ۾ سماج کي ڪيئي ڏاڪا اڳتي وٺي ويندو آهي. ٽيليويزن، ڪمپيوٽر، موبائيل فون ۽ خاص ڪري انٽرنيٽ سڄي دنيا کي هڪ گهر ۾ پهچائي ڇڏيو آهي. اڄ ٻار کي اسڪول جي عمر کان اڳ ۾ ئي خبر پوڻ شروع ٿي وڃي ٿي ته دنيا ۾ ڪهڙا رجحان غالب آهن، ڪهڙيون سوچون سرجي رهيون آهن ۽ زندگي مجموعي طور ڪهڙو رخ اختيار ڪري رهي آهي. پلي ٻار انهن ڳالهين جو اظهار انهن لفظن ۾ ۽ اهڙي انداز سان نه ڪري جيئن هڪڙو ذهني طور بالغ ۽ باشعور ماڻهون ڪري سگهي ٿو پر سڀ ڳالهيون ٻار جي ذهن ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهينديون ٿيون وڃن ۽ سندس سوچ ۽ ڪردار جي پالنا ڪنديون ٿيون رهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون اخبار پڙهڻ شروع تڏهن ڪئي جڏهن ڪاليج ۾ داخل ٿيس، ٽيليفون ۽ ٽيليويزن جو استعمال مون تڏهن ڪيو جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پهتس. ريڊيو بہ شروع جي ڪجھ سالن دوران مکيہ طور موسيقي ٻڌڻ لاءِ ڪم آڻبو هو. اڄ جو ٻار ويهڻ جي لائق ٿئي ٿو تہ T.V ڏسڻ شروع ٿو ڪري، پنڌ ڪرڻ جهڙو ٿئي ٿو تہ فون ڪن تي ٿو رکي ۽ پرائمري اسڪول ۾ پهچي ٿو تہ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ استعمال ٿو ڪري ان ڪري دنيا، ماحول ۽ سماج بابت ڪيس گهٽي ۾ تڪڙي معلومات ملندي رهي ٿي ۽ اهڙي طرح سندس ذهني نشو و نما بہ تڪڙي ٿيندي ٿي رهي.

سو مون وٽ بہ ان وقت دنيا جهان جي معلومات نہ هجڻ سبب مون تي سڀ کان گهڻو اثر پنهنجي خاندان، پنهنجي ڳوٺ ۽ پنهنجي پسگردائيءَ جي ماحول جو هو. ۽ اسان جي ڀرارڙيءَ جي، يا ائين چئجي تہ زرعي، ماحول ۾ خاندان ۽ خانداني تعلقات بابت عمومي طور جيڪي رويا هوندا آهن انهن تي گهڻو ڳالهائڻ لکڻ جي ضرورت ڪانهي. اُتي شادي ڪوايڏو غير معمولي ۽ زندگي تبديل ڪندڙ معاملو ڪو نہ سمجهيو ويندو آهي. بس زندگيءَ جي ٻين معمولات کان ٿورو وڌيڪ اهم. مائٽ پنهنجي سماجي تعلقات، مالي مسئلن ۽ خانداني روايتن کي آڏو رکندي اولاد جون شاديون ڪرائيندا آهن. جيتوڻيڪ منهنجو والد روايتي ماحول کان ڪافي مختلف ۽ زراعت سان وابستہ نہ هجڻ ڪري زرعي سماج جي قدامت پسندي ۽ روايت پرستيءَ کان گهڻي حد تائين بچيل هو پر پوءِ بہ ڪجھ اثر تہ پوڻ تا ڇاڪاڻ تہ سماج کان ڪٽجي تہ انسان زندگي گذاري نٿو سگهي.

زرعي سماج جي قدرن ۽ اثرن کان گهڻي حد تائين بابي جي آجي هجڻ جو مثال اهو آهي تہ خاندان جي سمورن ماڻهن جي پيٽ ۾ مالي طور غريب هئڻ جي باوجود هُن جي زندگيءَ جي سڀ کان اولين ترجيح مون کي ممڪن حد تائين اعليٰ ۽ بهتر تعليم ڏيارڻ هو. زرعي سماج جي هڪڙي ٻي خاصيت اها هوندي آهي تہ گهر جو عمر ۾ سڀ کان وڏو مرد نہ رڳو گهر جو پر گهر جي سڀني ڀاتين جو "مالڪ" سمجهيو ويندو آهي. پيءُ آهي تہ پيءُ، نہ تہ وڏو ڀاءُ جيئن چوي ٻين گهرڀاتين کي ائين ڪرڻو آهي. ڪنهن کي نہ ان جي ڳالھ ٽارڻي آهي ۽ نہ ئي ان سان ڪا دليل بازي ڪرڻي آهي. جيڪڏهن ڪير ائين ڪندو تہ سڀ ان کي وڻي ويندا تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اڙي تون پيءُ/ وڏي ياءُ آڏو وات ٿو کولين". پلي ڪٿي نئيو يونيورسٽيءَ مان پڙهي آيو هجي ۽ وڏو اٽپڙهيل هجي تڏهن به وڏي جي ڳالهه کي اهميت ملندي. گهرن ۾ ٿيندڙ ٽڪراءَ جو هڪڙو سبب اهو به هوندو آهي ڇاڪاڻ ته تعليم واري ماڻهوءَ وٽ صحيح ۽ غلط، سٺي ۽ خراب بابت تصور ۽ معيار تبديلي ٿي ويندا آهن جن جو صديون پراڻن معيارن سان ٽڪراءُ ٿيندو آهي. ڪيترن گهرن ۾ ته ائين به ٿيو آهي ته ڏاڏو پوٽن ۽ پوٽين جي زندگين بابت فيصلا ڪندو آهي.

اسان جي گهر ۾ ائين بلڪل نه هو. بابي ڪڏهن به پنهنجي مرضي ڪنهن به گهرياتيءَ تي نه مڙهي ۽ نه ئي مون کان يا منهنجي ڀينرن کان ذري ذري تي پڇندو هو ته هي ڇو ڪريو يا هو ڇو نه ڪريو. پنهنجي عمل سان هو انسان جي رهنمائي ڪندو هو يا وڌ ۾ وڌ صلاح جي صورت ۾ يا اصولي طور چوندو ته فلاڻي ڳالهه صحيح آهي فلاڻي غلط. مان نه رڳو ڪائنس سوال ڪندو هئس پر ڪن ڳالهين تي بحث به ڪندو هئس ان ڪري هو پنهنجي گهٽتائي نه سمجهندو هو. اهو ته اڳ ۾ ئي ذڪر ٿي چڪو آهي ته اسڪول جي عمر ۾ هوندي به مون کي پاڻ سان گڏ ميلن ملاڪڙن ۾، شهر گهمڻ ۽ فلم ڏسڻ لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. هاءِ اسڪول يا ڪاليج ۾ وڃڻ کان پوءِ اهي ڪم مان پاڻ هرتو ڪندو هئس تڏهن به منع ڪو نه ڪندو هو.

جيستائين منهنجو ذاتي تعلق آهي ته مون کي شاديءَ جو نه ته شوق هو ۽ نه ئي وري ان تي اعتراض. جيڪڏهن ٿئي ٿي ته نيڪ آ. استاد بخاريءَ چواڻي ته "جي تون ملندين ته من وهواه. جي نه ملندي ته به وهواه". بس اها ئي صورتحال هئي. پر بهرحال ايڏي اهميت واري معاملي (اسان ڪٿي قدامت پسنديءَ سبب ان کي ايترو اهم نه سمجهون) جا واسطيدار ماڻهن تي ڪجهه ته اثر پوڻا هئا. هڪ ايڏي ذميواري جنهن کي کڻڻ/ نڀائڻ لاءِ نه ته گهربل وسيلا مون وٽ هئا ۽ نه ان وقت ايتري سمجهه ۽ صلاحيت. منهنجي ذاتي زندگيءَ تي ڪي سڌا ۽ واضح گهڻا اثر ته نه پيا پر اڻ سڌا ۽ نه نظر ايندڙ اثر ته ضرور پيا پر منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڌيڪ منفي يا نقصان وارو پهلو اهو هو ته منهنجو پنهنجي گهرواريءَ سان ۽ پڻ اولاد سان اهو اهڙو ۽ ايترو محبت، قربت ۽ هم آهنگي (Understanding) وارو تعلق پيدا نه ٿي سگهيو جهڙو ٿيڻ گهرجي جيتوڻيڪ اڳتي هلي جيئن زماني جي جاڻ وڌندي ويئي ۽ سوچ

۾ بلوغت (maturity) ايندي ويئي تہ پوءِ مون شعوري طور ڪوشش ڪئي تہ انهن لاڳاپن کي بهتر ڪجي. انهن ڪوششن سان بهتري ضرور آئي پر 10_15 سالن ۾ جيڪي شيون مستحڪم ٿي ويون انهن کي مڪمل طور تبديل ڪرڻ انساني پهچ کان ٻاهر آهي. البتہ ڪجھ منهنجون پنهنجون ڪوششون، ڪجھ مطالعي جي ڪري ۽ ڪجھ سٺن ۽ ڏاهن ماڻهن جي صحبت مان سکڻ جي گڏيل اثر هيٺ مون انهن رشتن کي مناسب نموني نڀايو آهي بلڪ جيڪڏهن زرعي سماج جي پس منظر ۾ ۽ ان جي معيار مطابق ڏسجي تہ پوءِ تہ مان ان معاملي ۾ اڪثريت کان بهتر آهيان. زال هجي يا ٻار (اولاد) انهن لاءِ عزت ۽ احترام کي ڪڏهن ڪرڻ نہ ڏنو. سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن کي ڪو گھٽو لفظ نہ چيو هوندو ها باقي لهجي ۾ تلخي اچي ويندي آهي. اهو منهنجو پيدائشي نقص (Manufacturing Fault) آهي تہ ڪاوڙ ضرورت کان وڌيڪ ايندي آهي.

سال 1969ع جي پڇاڙي مون پنهنجي سڀ کان وڏي شوق جي پورائي سان ڪئي. شوق يعني رانديون. 1960 ۽ 70 وارن ڏهاڪن دوران سنڌ ۾ والي بال راند عروج تي هئي. هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ والي بال جي ننڍي وڏي ٽيم هوندي هئي. شام جي وقت جنهن بہ شهر يا ڳوٺ جي ميدان پرسان لنگھبو تہ نيٽ ٽنگيل ضرور نظر ايندي پاڻ ۾ راند کيڏڻ کان علاوه پسگردائيءَ جي ٽيمن سان مقابلي جون مئچون بہ ٿينديون هيون. راند جي سڀ کان مٿانهين سطح ٽورنامينٽ هوندي هئي. وقفي وقفي سان ڪٿي نہ ڪٿي ٽورنامينٽ ٿيندي رهندي هئي. جتي وڏن شهرن ۾ پهرئين جوڙ جي ٽيمن وچ ۾ مقابلا ٿيندا هئا تہ وري ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ننڍيون ٽيمون آمهون سامهون ٿينديون هيون. قاضي دڙي ۾ اسان جي ٽيم "شاهين" (اهو نالو اسان دادوءَ جي مشهور ٽيم کان متاثر ٿي رکيو هو) جي ميزبانيءَ هيٺ آسپاس جي ڳوٺن جي ٽيمن جي وچ ۾ ٽورنامينٽ ٿي. ٽورنامينٽ ڪرائڻ ۾ ۽ ان جي تيارين ۾ سڀ کان وڌيڪ شوق، پيش قدمي ۽ محنت منهنجي هئي باقي فنڊ سميت مختلف معاملن ۾ ساٿ تہ سڄي ٽيم جو هو.

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سياست جي سمجهه

**1970ع** واري سال جي شروعات پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هڪ بلڪل نئين ۽ مختلف انداز سان ٿي. جنرل يحيٰ خان پنهنجي تاريخي تقرير ۾ 5 آڪٽوبر 1970 تي پاڪستان جي تاريخ جون پهريون عام چوندون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو. ان لاءِ انتخابي مهم جي شروعات پهرين جنوري کان ٿي. ان تاريخ کان ملڪ ۾ پهريون دفعو مڪمل سياسي سرگرميون بحال ڪيون ويون ۽ سمورين ننڍين وڏن پارٽين کي عوام سان رابطو ڪرڻ ۽ پنهنجي پروگرام ۽ منشور جي تشهير ڪرڻ جي آزادي ڏني ويئي. پاڪستان ۾، خاص ڪري ان جي مغربي حصي ۾ عوام جي سياسي عمل ۾ ڀرپور شرڪت جو اهو پهريون موقعو هئو ۽ ان ۾ جنرل يحيٰ جي حصي ۽ ڪردار کان انڪار ڪرڻ حقيقت پسنديءَ جي خلاف ٿيندو. اهو جيڪو چيو ويندو آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو پهريون ماڻهون هو جيڪو سياست کي عوام وٽ کڻي ويو اها مڪمل طور غلط بياني نہ تڏهن بہ گهٽ وڌاءُ ضرور آهي. اهڙي ڳالهہ ڪندڙ ماڻهون يا تہ پاڪستان جي سياسي تاريخ کان بلڪل اڻڄاڻ آهن يا وري مفاد پرست ۽ اسٽيبلشمينٽ جا وفادار.

حقيقت اها آهي تہ (مشرقي) بنگال ۾ عوامي سياست جي شروعات تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي ٿي چڪي هئي. جنهن کي تحريڪ پاڪستان چيو ٿو وڃي اها عوامي سطح تي هئي ئي بنگال ۾. ۽ ان جا مکيہ ڪردار جهڙوڪ حسين شهيد سهروردي، مولانا عبدالحميد ڀاشاني ۽ شيخ مجيب الرحمان (بطور شاگرد اڳواڻ) ئي اڳتي هلي پاڪستان ۾ بنگالين جي قومي حقن واري تحريڪ جا اڳواڻ ٿيا. بحيثيت پارٽي عوامي ليگ ۽ بحيثيت ليڊر شيخ مجيب الرحمان جو جيڪو زميني سطح تي عوام سان رابطو ۽ لاڳاپو هو ان جو ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ان جا حمايتي تصور بہ نٿا ڪري سگهن. عوامي ليگ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو 24 ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جدوجهد جو آهي. باقي ان ۾ ڪجهه حصو جنرل يحيٰ جو به آهي، شايد هو تاريخ ۾ پنهنجو نالو لکرائڻ جو خواهشمند هو. اڳتي هلي اقتدار جي لالچ يا شخصي ڪمزورين جي ڪري هو پنهنجون خواهشون پوريون نه ڪري سگهيو اها ٻي ڳالهه آهي.

منهنجي به سياسي عمل سان باقاعدي نموني ۽ سنجيدگيءَ سان وابستگي ان مرحلي کان ٿي. اتان کان وٺي مون ڪم ڪندڙ مختلف پارٽين ۽ ليڊرن بابت وڌ کان وڌ معلومات حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي پروگرامن ۽ منشورن کي سمجهڻ جي شعوري ڪوشش شروع ڪئي. اتان کان ئي مون پاڻ کي شعوري طور سياسي عمل ۾ حصيدار سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ شروع ڪيو. ان کان اڳ ۾ ائين چئجي ته مان سياسي عمل ۾ دلچسپي ته وٺندو هئس پر سياسي عمل جي صحيح يا غلط رخ بابت گهڻو خيال ڪونه هوندو هو بلڪ ائين چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته مان اها پنهنجي ذميواري محسوس نه ڪندو هئس. سڀ کان پهرين مون ٿلهي ليکي ترقي پسند ۽ رجعت پرست جي بنياد تي تفريق ڪئي. ان لحاظ کان منهنجي همدردي عوامي ليگ، پيپلزپارٽي، سنڌ متحده محاذ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ٻنهي گروپن (ڀاشاني ۽ ولي خان) سان هئي جڏهن ته ٻئي پاسي جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ اسلام، جمعيت علماءِ پاڪستان، مسلم ليگ (ڪائونسل)، مسلم ليگ (قيوم) ۽ ٻيون رائيٽسٽ پارٽيون هيون. جيئن ته عوامي ليگ جو سڄو زور مشرقي پاڪستان ۾ هو ۽ سنڌ متحده محاذ به وڏيرن جي ڇڏي وڃڻ ڪري صرف سائين جي ايم سيد واري حلقي تائين محدود هو، تنهن ڪري انتخابي معرڪي ۾ منهنجي دلچسپي پيپلزپارٽيءَ سان هئي. مون پنهنجي ڳوٺ واري گهر جي پوياڙيءَ ۾ بيٺل لئي جي وڻ ۾ پ پ جو جهنڊو به لڳايو هو. اسان جي ڳوٺ جي چڱي مڙس چاچي امان الله جو واسطو جيئن ته (ڳڏ واري وڏيري موسيٰ خان ٻگهيي جي تعلق سان) مسلم ليگ سان هو پر هو تمام خوش مزاج ماڻهون هو تنهن ڪري موڪل وارن ڏينهن ۾ ان سان بحث به ٿيندا هئا.

پاڪستان جا حڪمران وڏا اعلان ڪندا رهندا آهن ته "ملڪ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيو آهي". ڪڏهن ان کي جپان سان ڀيٽ ڏيندا آهن ته ڪڏهن ترڪيءَ سان ته ڪڏهن وري ايشين ٽائيگرز (ڏکڻ ڪوريا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تيستائين مون سان گڏ رهجانءِ"

پاڪستان جون عام چونڊون 5 آڪٽوبر تي رکيل هيون پر سيپٽمبر مهيني ۾ مشرقي پاڪستان ۾ خطرناڪ قسم جو سامونڊي طوفان آيو جنهن جي نتيجي ۾ لکين ماڻهون مارجي ويا ۽ بيشمار زخمي ۽ گهر ٽيا، گهر ۽ ڪاروبار تباهه ٿي ويا. ان ڪري چونڊن جي تاريخ ملتوي ڪري 7 ڊسمبر مقرر ڪئي ويئي. هميشه وانگر هن مصيبت وقت به راولپنڊي، اسلام آباد ۾ ويٺل پنجاب جي بالادستيءَ واري اسٽيبلشمينٽ جو بنگالين ڏانهن رويو ظلم جي حد تائين لاپرواهيءَ وارو هو. هيڏي وڏي تباهيءَ تي رڳو افسوس ۽ همدرديءَ جا بيان جاري ڪرڻ کان علاوه حڪمرانن ڪي خاص قدم ڪو نه کنيا. سرڪاري عملدارن کان اڳ ۾ عوامي ليگ جا ليڊر ۽ ڪارڪن متاثر ماڻهن تائين پهتا ۽ عام ماڻهن جي مدد سان متاثرين جي سهائتا ڪئي.

جڏهن بنگال جا ماڻهو قيامت مان گذري رهيا هئا ته هزار ميل پري ويٺل حڪمران، جنرل، ڪامورا ۽ جاگيردار، سرمائيدار پنهنجي روايتي عيش آرام جي زندگي گذاري رهيا هئا. اهڙي ورتاءَ جو اهو ڪو پهريون مثال ڪو نه هو. 1965 واري جنگ دوران به پاڪستان جي حڪمرانن پاڪستان مغربي پاڪستان کي ئي سمجهيو. سموريون حڪمت عمليون مغربي پاڪستان کي مدِنظر رکي ٺاهيون ويون ۽ سمورا انساني، مالي ۽ فوجي وسيلا مغربي پاڪستان جي بچاءَ تي لڳايا ويا جڏهن ته مشرقي پاڪستان کي ڀارت جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو. اهو ته اتفاق هو يا ڪجهه ٻيو ته مشرقي پاڪستان تي حملو ڀارت جي جنگ حڪمت عمليءَ جو حصو نه هو.

پاڪستان جي حڪمرانن جو پهرئين ڏينهن کان لڳاتار بنگالين (پڻ سنڌين، بلوچن ۽ پختونن) سان جيڪو تعصب ۽ تفريق تي ٻڌل رويو هو ۽ انهن جو جيڪو سامراجي، پرماريت ۽ بالادستيءَ وارو ڪردار هو ان لازمي ۽ منطقي طور برصغير جي باشعور قوم بنگالين ۾ حڪمرانن لاءِ شديد نفرت ۽ ڪاوڙ پيدا ڪئي هئي. 1970ع ۾ آيل طوفان وقت پاڪستاني حڪمرانن جي رويي ۽ ڪردار ان نفرت ۽ ڪاوڙ کي عروج تي پهچائي ڇڏيو. ۽ پنهنجي ان اجتماعي نفرت ۽ ڪاوڙ جو ڀرپور اظهار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

7 ڊسمبر تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ ڪيو. پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ بنگالين طرفان غدار قرار ڏنل شيخ مجيب الرحمان جي قيادت ۾ عوامي ليگ کي انهن ايڏي وڏي اڪثريت ڏياري جو حڪمرانن جون "هينئيون هيٺ مٿيون مٿي" رهجي ويون.

اها ته لڳ ڀڳ هر باشعور ماڻهوءَ جي راءِ هئي ته اليڪشن ۾ عوامي ليگ سڀ کان وڌيڪ سيٽون کٽندي ان سان گڏوگڏ اها به توقع هئي ته ٻئي نمبر تي پيپلزپارٽي ايندي. مون جهڙي ان وقت سيڪڙات سياسي ڪارڪن به جيڪا اليڪشن نتيجن جي حوالي سان پارٽين جي لسٽ ٺاهي هئي ان ۾ عوامي ليگ پهرئين ۽ پ پ ٻئي نمبر تي هيون. پر جيڪي نتيجا آيا اهي ڪنهن جي خواب ۾ به ڪو نه هئا. نه رڳو پاڪستان پر دنيا جا تمام سينيئر صحافي ۽ وڏا وڏا تجزيي نگار به حيران ٿي ويا. عوامي ليگ جي ڪاميابيءَ جا ته سچي دنيا ۾ ڪي وِرلي مثال ملندا پر پيپلزپارٽيءَ به توقع کان وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪئي، ٻيو ته ٺهيو خود ذوالفقار علي ڀٽي جي توقع کان به وڌيڪ. اليڪشن مهم دوران پ پ چيئرمين چيو هو ته "جيڪڏهن منهنجي پارٽيءَ 60 کان گهٽ سيٽون کٽيون ته مان سياست ڇڏي ڏيندس". پر پوءِ حتمي نتيجن مطابق سندس پارٽيءَ کي 82 سيٽون مليون (62 پنجاب مان، 19 سنڌ مان ۽ هڪ صوبي سرحد مان). ياد رهي ته پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جون ڪُل جنرل سيٽون 300 هيون جن مان آباديءَ جي حساب سان اوڀر پاڪستان جون 162 جڏهن ته مغربي حصي جي چئن صوبن ۽ قبائلي علائقن جون گڏيل طور 138 هيون (پنجاب 82، سنڌ 27، سرحد 18، بلوچستان 4 ۽ قبائلي 7).

ذوالفقار علي ڀٽي جي اهڙي بيان ۽ اليڪشن بابت توقع ۽ تجزيي جو بعد ۾ پيدا ٿيندڙ بنگال جي صورتحال سان خاص لاڳاپو آهي. دراصل عمومي تجزيو ۽ توقع اها هئي ته عوامي ليگ 90 کان 100 تائين سيٽون کٽندي ۽ پيپلزپارٽيءَ کي 60_65 سيٽون ملنديون. ان حوالي سان جناب ڀٽي کي توقع هئي ته عوامي ليگ ۽ پيپلزپارٽي گڏيل طور اڪثريت حاصل ڪنديون ۽ پوءِ گڏيل حڪومت ٺاهينديون. اهڙي قسم جو هڪڙو بيان به هو صاحب ڏيئي چڪو هو. پر جڏهن نتيجا آيا ۽ عوامي ليگ اڪيلي سر واضح اڪثريت سان ڪٽي آئي ته ذوالفقار علي ڀٽي کي اقتدار ۾ اچڻ وارا پنهنجا سپنن جا محل ڍهندي نظر آيا ۽ پوءِ هُن اهو رستو اختيار ڪيو جنهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نتيجي ۾ پاڪستان ٽٽي ويو ۽ بنگلاديش وجود ۾ آيو ۽ پڻ رهيل پاڪستان اڄ تائين ان جا خطرناڪ نتيجا ڀوڳي رهيو آهي.

6 ڊسمبر تي مان خيرپور هئس جو منهنجو سئوٽ ۽ سالو غلام ياسين (جيڪو بعد ۾ جيئي سنڌ محاذ جو ڪارڪن ۽ اڳواڻ ٿيو) جيڪو اتي نوڪري ڪندو هو ان جي اليڪشن ۾ ڊيوٽي شهر کان ٻاهر لڳي هئي ۽ گهر ۾ ننڍڙا ٻار هجڻ ڪري مون کي سندس گهر ۾ ترسڻو هو. رات جو خبر پئجي ويئي ته ڪيس ڊيوٽيءَ کان استثنيٰ ملي ويئي آهي ان ڪري هو گهر ۾ ئي رهيو ۽ مان صبح جو سوير خيرپور مان روانو ٿيس ته جيئن ڳوٺ پهچي اليڪشن جي ماحول جو مزو وٺجي. ماڻهن جي وڏي جدوجهد ۽ قربانين کان پوءِ ملڪ ۾ پهرين جمهوري اليڪشن ۽ ان لاءِ هلايل هڪ سال جي انتخابي مهم، سا به نظرياتي بنيادن تي، ان سان سڄو ماحول جوش، جذبي ۽ اميدن وارو بڻجي ويو هو. مان به ذهني، جسماني ۽ دلي طور سڄي ماحول ۾ ملوث هئڻ ڪري پرجوش هئس. خيرپور ته بس مجبوريءَ ۾ ويو هئس، سو جيئن ئي موقعو مليو ته نڪري پيس. اسان جي ڳوٺ جي پولنگ اسٽيشن 3_4 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ ناڙي لاشاري ۾ هئي. صبح سوير جو خيرپور مان نڪرڻ باوجود رستن ۽ ٽرانسپورٽ جي خراب صورتحال سبب اٽڪل ٽپهري ڌاري پولنگ اسٽيشن پهتس. جيتوڻيڪ منهنجو ووٽ عمر جي گهٽتائي سبب داخل ڪو نه هو پر پوءِ به پولنگ جي عمل جو نه سهي پولنگ جي ماحول جو ته حصو بڻيس.

هتي اهو به ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته اسان جي پولنگ ان ئي تڪ لاڙڪاڻو_I ۾ هئي جتان جناب ذوالفقار علي ڀٽو اميدوار هو. شايد پولنگ ۾ وڌيڪ دلچسپيءَ جو هڪڙو اهو به سبب هو. ان تڪ تي جناب ڀٽي سان مقابلي ۾ سنڌ جو سينيئر سياستدان محمد ايوب کهڙو ڪونسل مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي بيٺل هو جڏهن ته مشوري وارو پير صاحب جمعيت علماءِ پاڪستان جي پليٽ فارم تان اليڪشن وڙهي رهيو هو. توقع مطابق ذوالفقار علي ڀٽو 70 هزار ووٽ کٽي، ڪامياب ٿيو جڏهن ته محمد ايوب کهڙي کي 40 هزار ووٽ مليا. ان تڪ ۽ سائين جي ايم سيد واري تڪ جي نتيجن کي ملائي هڪ اردو اخبار (گهڻو ڪري جنگ) ۾ هڪ دلچسپ پر اهم تبصرو شايع ٿيو هو. ان ۾ چيو ويو هو ته ”سنڌ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماڻهن جنهن شخص کي "سنڌ جو غدار" سڏيو ان کي تہ 40 هزار ووٽ ڏنا پر جنهن کي قومي ليڊر جو درجو ڏنو ان کي 10 هزار ووٽ ڏنا". ياد رهي تہ دادو II تڪ تان پيپلزپارٽيءَ جي ملڪ سڪندر جي مقابلي ۾ سائين جي ايم سيد کي 10 هزار ۽ ڪجهہ سوَ ووٽ مليا هئا. اردو اخبار جو اهو طنزيہ تبصرو بهرحال اسان سنڌين لاءِ هڪ آئيني جي حيثيت ضرور رکي ٿو.

پولنگ جو نتيجو جنهن موجب پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان کٽيو اچڻ کان پوءِ مان ڳوٺ آيس. تيستائين سج لهي چڪو هو ۽ ريڊيو جي اليڪشن جي حوالي سان لائيو ٽرانسميشن تي ملڪ جي مختلف پولنگ اسٽيشن تان ابتدائي نتيجا اچڻ شروع ٿي چڪا هئا. بابو اڳ ۾ ئي ريڊيو کوليو ويٺو هو مان بہ ساڻس نتيجا ٻڌڻ ۾ شريڪ ٿي ويس. اها سڄي رات اسان جو ريڊيو کليل رهيو ۽ ٺيٺ سرديءَ جي اها ڊگهي رات اسان ٻئي ريڊيو جي ڀرسان ويٺا رهياسين. ڪڏهن ٻئي گڏ جاڳون پيا ۽ ڪڏهن هڪ کي ننڊ ايندي هئي. ڪڏهن ٻئي ڪي ننڊ جو جهٽڪو اچي پيو وڃي ۽ پوءِ جڏهن اهو جاڳي پيو تہ اڳ ۾ جاڳندڙ ان کي تازه ترين صورتحال ٻڌائي پيو ۽ پوءِ وري اسان گڏجي ان صورتحال تي تبصرو ۽ بحث ڪريون پيا.

نتيجن ۾ عوامي ليگ ۽ پيپلزپارٽي ٻين سيني کان اڳتي هيون. ۽ منهنجي ٻنهي سان همدردي هئي تنهن ڪري نتيجن اچڻ سان مون کي خوشي بہ ٿي پئي ۽ وقت گذرڻ سان نتيجن ۾ دلچسپي بہ وڌندي پئي وڃي. اها منهنجي سياسي نا تجربيڪاري ۽ سياسي معاملن جي گهٽ ڄاڻ هئي جو مان هڪ ئي وقت عوامي ليگ ۽ پيپلزپارٽيءَ کي پسند ڪري رهيو هئس. اڳتي هلي خبر پئي تہ پاڪستان جي سياسي پسمنظر ۾ اهي ٻئي جماعتون تہ اوير ۽ اولهہ هيون يا جيئن چوٽي آهي تہ " اٹھا مینھاں دا کیھا میلاء، او چڑن جھنگ اور چڑن بیلہ." وقت گذرڻ سان عوامي ليگ جي ڪاميابي وڌندي ويئي. اوير پاڪستان مان ايندڙ نتيجن ۾ لڳ ڀڳ هر سيٽ تي عوامي ليگ اڳتي هئي. ايتري تائين جو هڪڙي مرحلي تي ريڊيو پاڪستان تي نتيجا ٻڌائڻ ۽ تبصرو ڪرڻ وارن کي چوڻو پيو تہ "هاڻي سوال اهو ناهي تہ عوامي ليگ ڪٽي کٽي ٿي، پر سوال اهو آهي تہ عوامي ليگ ڪٽي هارائي بہ ٿي؟"

پاڪستان جي تاريخ جي ان پهرين "هڪ ماڻهون هڪ ووٽ" جي بنياد تي ٿيل جنرل اليڪشن جي حتمي نتيجن دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ رڳو تجزيا ۽ تبصرا ڪندڙن کي پر خود اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ ڪيترين پارٽين کي پڻ انهن نتيجن حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو. مثال طور جماعت اسلامي ملڪ جي هڪ وڏي ۽ منظم پارٽي سمجهي ويندي هئي. ان جو سربراهہ مولانا مودودي ملڪ جو تمام وڏو عالم هو ۽ اها جماعت ملڪ ۾ "اسلامي" نقطہ نگاهہ جي ڪسوٽي تصور ڪئي ويندي هئي. ترقي پسند قوتن جو ٽڪر (خاص ڪري شهرن ۾) ان ئي پارٽيءَ سان ٿيندو هو. ان جا ڪارڪن نظرياتي طور تربيت يافتہ هوندا هئا ۽ اها ملڪ جي واحد جماعت هئي جنهن جو ملڪ جي سيني صوبن ۾ چڱو خاصو اثر نظر ايندو هو. مون پنهنجي متوقع نتيجن جي حوالي سان پارٽين جي ٺاهيل لسٽ ۾ جماعت اسلاميءَ کي چوٿين نمبر تي رکيو هو. پر جڏهن نتيجا آيا تہ ڪل 300 سيٽن مان جماعت کي صرف چار سيٽون مليون. ٻہ سنڌ مان (ٻئي ڪراچيءَ مان) هڪ پنجاب مان ۽ هڪ سرحد (پختونخوا) مان.

ٻئي طرف عوامي ليگ اوڀر پاڪستان جي 162 سيٽن مان 160 تي ڪاميابي حاصل ڪئي، صرف پراڻو سياستدان نورالامين ۽ قبائلي سردار راجا تري ديو راءِ پنهنجون سيٽون کٽي سگهيا. دلچسپ ڳالهہ تہ جڏهن نتيجا تسليم نہ ڪرڻ ڪان پوءِ پاڪستاني رياست بنگال ۾ فوجي ڪارروائي ڪئي ۽ بنگلاديش جي آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿي تہ اهي ٻئي همراهہ پنهنجي ڌرتيءَ سان غداري ڪندي راولپنڊي- اسلام آباد آيا ۽ آزاديءَ جي جنگ دوران حملي آورن جو ساٿ ڏنو. غداريءَ جي انعام طور کين "نئين پاڪستان" ۾ عهدا ڏنا ويا. نورالامين ملڪ جو نائب صدر ۽ تري ديو سياحت جو وزير ٿيو.

ٻيون پارٽيون جن کي اسيمبليءَ ۾ نمائندگي حاصل ٿي انهن ۾ ٽئين نمبر تي مسلم ليگ (قيوم) آئي جنهن جو سربراهہ خان عبدالقيوم خان هو. اها واحد جماعت هئي جنهن اعلانيہ طور "مضبوط مرڪز" جي پروگرام ۽ نعري تي اليڪشن ۾ حصو ورتو. ان کي ڪُل 9 سيٽون مليون، 7 سرحد مان، هڪ پنجاب مان ۽ هڪ سانگهڙ مان پير پاڳاري جو ماڻهون عطا محمد مري. هن اليڪشن ۾ پير پاڳاري جي سياست جي هڪڙي حقيقت کلي سامهون آئي. اليڪشن مهم جي شروعات ۾ پير صاحب عوامي ليگ ۾ شامل هو جنهن بابت سڄي دنيا ڄاڻي ٿي تہ سڀ کان وڏيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مرڪز کي ڪمزور ڪنڌڙ ۽ صوبن کي مضبوط ڪنڌڙ ڇهہ نڪاتي پروگرام ان پارٽيءَ جو هو. اليڪشن مهم هلندي جڏهن ظاهر ٿيو تہ اسٽيبلشمنٽ پيپلزپارٽي ۽ مسلم ليگ (قيوم) جي حمايتي آهي تہ پير صاحب عوامي ليگ کي ڇڏي مصبوط مرڪز واري قيوم ليگ ۾ شامل ٿيو.

قيوم خان ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي سان بہ هڪڙي دلچسپ صورتحال ٿي. اليڪشن مهم دوران جناب ڀٽو خان قيوم خان تي تنقيد ڪندي کيس "ڊبل بيرل خان" (بہ دفعا خان) چوندو هو. پوءِ جڏهن پ پ اقتدار ۾ آئي تہ توقع مطابق قيوم مسلم ليگ ٿي سندن اتحادي بڻي ۽ قيوم خان وزير داخلا ٿيو. (چاڪاڻ تہ ٻنهي جا واڳ ڏٽي سا ڳيا هئا). هڪ دفعي صحافين پيپلزپارٽيءَ جي ليڊر کان پڇيو تہ "توهان قيوم خان کي ڊبل بيرل خان چئي ننديندا هئا ۽ هاڻي وري اهو توهان سان حڪومت ۾ گڏ ويٺو آهي" تہ جواب ڏنائين تہ "سنگل بيرل خان (عبدالولي خان ڏانهن اشارو) کان ڊبل بيرل خان بهتر آهي".

ٻي اهم جماعت عبدالولي خان جي قيادت ۾ نيشنل عوامي پارٽي هئي جنهن صوبائي خودمختياريءَ جي بينر هيٺ اليڪشن ۾ حصو ورتو. صوبي سرحد ۾ هن جماعت کي توقع کان گهٽ 18 مان 3 سيٽون حاصل ٿي سگهيون جڏهن تہ بلوچستان ۾ ان کي وڏي ڪاميابي ملي. بلوچستان جي قومي اسيمبليءَ جي 4 مان 3 سيٽون نعپ کٽيون جن ۾ هڪڙو ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ هو جيڪو بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو ليڊر هو ۽ تازو ئي ڊو ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس جي امتحان مان فارغ ٿيو هو. وڏيڪ اهم ڳالهہ اها هئي تہ هُن قلات واري علائقي مان خان آف قلات جي پٽ کي شڪست ڏني. نعپ جو ٻيو ميمبر سينيئر بلوچ قومپرست اڳواڻ مير غوث بخش بزنجو چونڊيو جيڪو ان وقت نعپ بلوچستان جو صدر هو. هو لسبيلي کان گوادر تائين واري ساحلي علائقي مان منتخب ٿيو جڏهن تہ ٽيون ميمبر نواب خير بخش مري چونڊيو ويو جنهن جو تڪ مري - بگٽي علائقي کان وٺي ڪوئيٽا تائين هو. بلوچستان جي چوٿين سيٽ ڪوئيٽا کان مٿي فورٽ سنڊيمئن (زوب) واري پٺاڻن جي علائقي مان جمعيت علماءِ اسلام حاصل ڪئي جنهن جو ليڊر (سيڪريٽري جنرل) مولانا مفتي محمود هو. بلوچستان سان مليل سرحد صوبي جي ڏاکڻين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ماڻ ڏئي تہ هن صاحب شرط رکيو تہ "ڏيک وارا پهرين مون کي صدارتي اميدوار تسليم ڪن".

سو جڏهن عوامي ليگ جي واضح اڪثريت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ مخلوط (گڏيل) حڪومت ٺاهڻ جو امڪان ختم ٿيو (جنهن ۾ شامل ٿيڻ جي جناب ڀٽي کي اميد هئي) تہ هن صاحب رَنگ ئي ٻيا اختيار ڪرڻ شروع ڪيا. اڳ ۾ چوندو هو تہ "طاقت جو سرچشمو عوام آهي" جيڪو سنڌس پارٽيءَ جو هڪڙو نقطو ۽ نعرو بہ آهي. پر اليڪشن جا نتيجا اچڻ ڪان پوءِ بيان ڏنائين تہ "پاڪستان ۾ طاقت جا سرچشما ٽي آهن. عوامي ليگ، پيپلزپارٽي ۽ فوج". هڪ نج سياسي معاملي ۾ ۽ ملڪ جي جمهوري عمل جي ابتدا ۾ئي فوج کي ملوث ڪرڻ جي ذوالفقار علي ڀٽي جي اها پهرين وڏي ڪوشش هئي يا شايد اهو عمل طئي ٿيل اسڪرپٽ جو حصو هو.

دراصل اقتدار جو مرحلو اچڻ ڪان اڳ ۾ هڪ ٻيو ۽ وڏيڪ اهم معاملو پاڪستان لاءِ آئين ٺاهڻ جو هو. جنرل يحيٰ خان جو جاري ڪيل ايل ايف او (Legal Frame work Order) جنهن هيٺ اهي چونڊون ٿيون هيون ان ۾ چيو ويو هو تہ نئين چونڊجي آيل اسيمبليءَ جو پهريون ڪم ملڪ لاءِ آئين تيار ڪرڻ هوندو جيڪو ان کي پنهنجي پهرئين اجلاس ڪان 120 ڏينهن ۾ مڪمل ڪرڻو پوندو ٻي صورت ۾ اسيمبلي خود بخود تحليل ٿي ويندي. ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو جمهوري عمل جي شروعات ۽ آڏو هڪ گهڻ قومي ۽ گهڻ مذهبي ملڪ جو آئين ٺاهڻ وارو انتهائي اهم مشڪل ۽ نازڪ مرحلو ان ڪري مختلف پارٽين، تنظيمن ۽ گروپن وچ ۾ صلاح مشوري جو عمل شروع ٿيو. ۽ جمهوري روايتن مطابق ننڍين/ اقليتي پارٽين جا اڳواڻ اڪثريتي پارٽيءَ جي ليڊر شيخ مجيب الرحمان سان ملڻ لاءِ ڍاڪا وڃڻ لڳا. جيئن جيئن ملاقاتن جو اهو سلسلو وڌندو ويو تيئن تيئن جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي فرسٽريشن (Frustration) ۽ مايوسي وڌندي ويئي. ڪيس ملڪي سياسي عمل ۾ پنهنجي اڪيلائي وڌندي محسوس ٿي. نتيجي ۾ هُن اهڙا عمل ڪرڻ ۽ اهڙا بيان ڏيڻ شروع ڪيا جيڪي ڪيس جمهوري قدرن، معيارن ۽ روايتن ڪان پري ۽ اسٽيبلشمينٽ جي قريب ڪندا ويا.

سڀ ڪان پهرين تہ محترم ڀٽي شيخ مجيب الرحمان کي اوير پاڪستان جو ۽ پاڻ کي "اولهہ پاڪستان" جو ليڊر ڪري پيش ڪرڻ شروع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيو. اها ڳالهه نه رڳو غير حقيقي ۽ غير سياسي پر غير آئيني به هئي ڇاڪاڻ ته پهرين جولاءِ 1970ع کان پوءِ اولهه پاڪستان نالي ڪو وجود (Entity) نه رهيو هو. هاڻي پاڪستان پنجن صوبن اوپر پاڪستان پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان تي مشتمل هو. جيڪڏهن صوبن جي حوالي سان شين کي ڏسجي ته تڏهن به ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي پارٽي پنجن مان ٻن صوبن سنڌ ۽ پنجاب جي نمائندگي ڪري رهي هئي بلوچستان جي عوام نيشنل عوامي پارٽيءَ کي اڪثريت ڏياري جڏهن ته سرحد ۾ مسلم ليگ، نعپ ۽ جمعيت علماءِ اسلام وچ ۾ مينڊيٽ ورهايل هو. پر اتي به صوبائي اسيمبليءَ ۾ نعپ سڀ کان وڏي پارٽي هئي. پر اهو سوال ته ان وقت لاڳاپيل (Relevant) ٿئي ٿو جڏهن معاملو صوبائي اسيمبلي ۽ صوبائي حڪومت جو هجي. ۽ جيڪڏهن صوبن جي حوالي سان صورتحال کي ڏسجي ته پوءِ ته پيپلزپارٽيءَ کي صرف هڪ صوبي پنجاب ۾ اڪثريت ملي هئي ڇاڪاڻ ته سنڌ اسيمبليءَ جي 60 سيٽن مان پ پ کي صرف 28 سيٽون مليون هيون.

باقي جيڪڏهن ڳالهه ملڪي سطح جي ڪبي ۽ معاملو قومي اسيمبلي ۽ مرڪزي حڪومت جو هوندو ته پوءِ ته ملڪ جي مجموعي اڪثريت ڳڻبي، اتي صوبائي يا هٽرادو جوڙيل علائقائي نمائندگيءَ جي دعوي ڪرڻ جمهوريت جي پهرين سبق جي خلاف ورزي ٿيندي 1977ع ۾ انديا ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ يو پي سميت اتر انديا جي رياستن ۾ جنتا پارٽي اليڪشن کٽي مجموعي اڪثريت حاصل ڪري ورتي جڏهن ته ڏاکڻين رياستن ۾ اندرا گانڌيءَ جي قيادت ۾ ڪانگريس کي ڪاميابي ملي پر اها ملڪي سطح تي اقليت ۾ رهي. تنهن ڪري مرڪز ۾ جنتا پارٽيءَ حڪومت ناهي. ان تي اندرا گانڌيءَ اهو ڪو نه چيو ته جنتا پارٽي اتر جي ۽ ڪانگريس ڏکڻ جي نمائندگي ڪري ٿي تنهن ڪري مرڪز ۾ حڪومت ناهڻ يا قانون سازي ڪرڻ ۾ منهنجو حصو ضرور هجڻ کپي جيئن هتي مسٽر ذوالفقار ڀٽو چئي ۽ ڪري رهيو هو.

مسلم ليگ (قيوم) ۽ جماعت اسلامي کي ڇڏي باقي ڇهون پارليماني پارٽيون جهڙوڪ نيشنل عوامي پارٽي، جمعيت علماءِ اسلام، جمعيت علماءِ پاڪستان ۽ ڪونسل مسلم ليگ عوامي ليگ جي سڏي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چني وڏا ۽ هو سمورا سياسي ۽ جمهوري قدر لتاڙيندي پروپيگنڊا جي هيٺين سطح تائين لهي آيو. هو اها ئي ٻولي ڳالهائڻ لڳو جيڪا سندس استاد (Mentor) ايوب خان بنگالين بابت ۽ خودمختياريءَ جي مسئلي بابت استعمال ڪندو رهيو هو. مثال طور اهڙي قسم جا بيان ته ”عوامي ليگ جا ڇهه نڪتا ملڪ ٽوڙڻ جي سازش آهي“ ۽ ”جيڪو ان سازش ۾ شريڪ ٿيندو اهو ملڪ جو غدار هوندو“ يا اهو ته ”هڪ صوبي يا هڪ جماعت جي بالادستي قائم ٿيڻ نه ڏينداسين“ وغيره. ان سان گڏوگڏ هُن فوجي جنرلن سان پنهنجي انهن تعلقات کي به استعمال ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي هُن مارشل لا حڪومت جو وزير هئڻ دوران قائم ڪيا هئا.

ان صورتحال ۾ جناب ڀٽي يحيٰ خان ۽ ان جي ساٿين جي لاڙڪاڻي دعوت ڪئي ۽ شهر کان ڪجهه مفاصلي تي ڊرگهه ڍنڍ ۾ پيڙين تي شڪار جو بندوبست ڪيو. هي اها ئي ڍنڍ هئي جتي اڳ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان کي هر سال شڪار ڪرائيندو هو. چيو وڃي ٿو ته اتي ئي فوجي جنرلن ۽ ذوالفقار ڀٽي وچ ۾ منصوبو طئي ڪيو ويو ته اقتدار عوامي ليگ کي ڪنهن به صورت ۾ ناهي ڏيڻو. ان خيال کي تقويت اُن ڳالهه مان به ملي ٿي ته جمعيت علماءِ پاڪستان جو چونڊيل ايم پي اي ظهورالحسن ڀوپالي، جيڪو هڪ صحافي به هو اهو مولانا شاهه احمد نورانيءَ سان گڏ شيخ مجيب الرحمان سان ملڻ ڍاڪا ويو هو. بنگلاديش جي جنگ ۽ ان جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ٽٽڻ کان پوءِ هُن پنهنجون يادگيريون جنگ اخبار ۾ قسطوار شايع ڪرايون. ان ۾ جناب ڀوپاليءَ لکيو ته ملاقات دوران مولانا نوراني پاڪستان ۾ نئين جمهوري عمل، آئين جي تشڪيل ۽ اقتدار جي پرامن منتقليءَ جهڙن معاملن تي ڳالهائيندو رهيو ۽ شيخ مجيب صوفي تي ٽيڪ ڏيو آرام سان ٻڌندو رهيو. هڪ مرحلي تي اوچتو شيخ صاحب سڌو ٿي ويٺو ۽ مولانا نورانيءَ کي مخاطب ٿيندي چوڻ لڳو ته ”مولانا صاحب! پاڪستان جي فوجي جرنيلن ۽ ”مغربي پاڪستان“ جي هڪڙي سياستدان جي وچ ۾ اهو طئي ٿي چڪو آهي ته اقتدار عوامي ليگ کي ناهي ڏيڻو“.

۽ پوءِ جلد ئي لاڙڪاڻي ۾ وچايل سازشن جي چار ذريعي ٿيل شڪار سامهون اچڻ لڳا. ان جو مکيه شڪار پاڪستان جي حدن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي قسمت جو معاملو. پيو سبب ڊگهي اجلاس هلڻ جو اهو هو تہ عوامي ليگ وچولي طبقي جي هڪ جمهوري پارٽي هئي جنهن وٽ گڏيل قيادت جو اصول رائج هو ۽ جنهن جي گڏيل قيادت جي فردن وچ ۾ رڳو "ويهين اوڻويهين" جو فرق هو. تاج الدين احمد, سيد نذر الاسلام, اي ايڇ ايم قمر الزمان ۽ ڪئپٽن منصور احمد اهڙا اڳواڻ هئا جيڪي ڪنهن بہ پارٽيءَ لاءِ فخر جو باعث ٿي پئي سگهيا. شيخ مجيب الرحمان بلاشڪ سڀني کان مٿانهون هجڻ سبب قيادت ڪري رهيو هو پر عوامي ليگ جا سمورا فيصلا ان جي ادارن ۾ ٿيندا هئا. جاگيرداراڻي ڪلچر واري پيپلزپارٽي واري صورتحال نہ هئي جنهن جو ليڊر اهم ترين فيصلا بہ جلسي عام جي تقريرن يا پريس ڪانفرنس ذريعي ڪندو هو جن جي خبر پارٽيءَ جي سينيئر ليڊرن کي بہ اخبارن ذريعي پوندي هئي.

ڊگهي بحث مباحثي کانپوءِ اجلاس رات جو دير سان ختم ٿيو ۽ پئي ڏينهن تاريخي جلسو هو جنهن جو رڳو بنگال يا رڳو پاڪستان نہ پر سڄي دنيا کي انتظار هو. انتظار ڪندڙن جي وڏي اڪثريت جو اندازو اهو هو تہ اڄ بنگلاديش جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو ويندو. جلسي جي ماحول ۽ امڪاني صورتحال بابت مشهور ليکڪ ۽ پاڪستاني فوج جي اطلاعات واري کاتي ISPR جي صوبائي انچارج ڪرنل صديق سالڪ جي ان احوال ۽ تجزيي کان بهتر شايد ئي ڳالھ نہ ٿي سگهي جيڪو هن "میں نے ڈھاکا ڈوبتے دیکھا" ۾ ڏنو آهي. هو لکي ٿو: "اس دن ہم سب جی ایچ کیو ڈھاکا میں سہمے ہوئے بیٹھے تھے اور سوچ رہے تھے کہ آج ڈھاکا کی اینٹ سے اینٹ بج جائے گی لیکن ہم سب حیران رہ گئے کہ جلسہ میں شیخ مجیب الرحمان کی تقریر سننے کے بعد سب لوگ سر جھکائے اپنے اپنے گھروں کو جا رہے تھے۔"

ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ڪروڙين ڪارڪنن ۽ همدردن جي دٻاءَ ۽ مطالبي کي منهن ڏيندي ۽ دوستن دشمنن جي توقعات جي خلاف شيخ مجيب آزاديءَ جو اعلان نہ ڪيو. ان جي پيٽ ۾ هُن دنيا جي جمهوري قدرن جي مطابق ڪجھ مطالبا پيش ڪيا جهڙوڪ اهو تہ اقتدار فوري طور عوام جي چونڊيل نمائندن کي منتقل ڪيو وڃي, فوج واپس بيرڪن ۾ وڃي ۽ سمورا سياسي قيدي آزاد ڪيا وڃن. ان سان گڏ هُن بنگالي قوم کي اپيل ڪئي تہ جيستائين اهي مطالبا تسليم نہ ٿين تيستائين حڪومت سان عدم تعاون (Non Co Operation) ڪيو وڃي, عوام ڪا بہ ٽيڪس نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ذهن ۾ حڪومت جو ڪو بہ حڪم نہ مڃيون. ان سان عوامي ليگ جي قيادت جي سياسي بلوغت، سنجيدگي، ذميواري ۽ دوراانديشيءَ جو پتو پوي ٿو. ان مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ بنگال جي قيادت آخري گهڙيءَ تائين بحران جو سياسي حل ڪڍڻ ۽ ملڪ ۾ جمهوري عمل کي جاري رکڻ لاءِ ڪوشان هئي. ٻئي طرف پيپلزپارٽي، يا ائين چئجي تہ ذوالفقار علي ڀٽو (چاڪاڻ تہ ذوالفقار ڀٽوئي اصل ۾ پيپلزپارٽي هو ۽ ان جون تقريرون ۽ بيان ئي پارٽيءَ جا فيصلا هوندا هئا) ڪيترو وقت اڳ ۾ ئي بنگال کي علحدگيءَ جي رستي تي ڌڪڻ واري حڪمت عمليءَ تي هلي رهيو هو چاڪاڻ تہ ڪيس پتو هو تہ گڏيل ملڪ ۾ ڪيس فوري طور اقتدار نہ ملي سگهندو ۽ اقتدار کانسواءِ هو رهي نہ پيو سگهي.

7 مارچ جي جلسي ۾ ان کان پوءِ واري صورتحال بابت صديق سالڪ جي لکت مان اها بہ ڳالھ آڏو اچي ٿي تہ نہ رڳو قيادت پر بنگالي عوام بہ ڪيترو ميچوئر، سنجيده ۽ ڊسيپلين وارا هئا جو جڏهن قيادت سندن خواهشن جي برخلاف فيصلو ڪيو تڏهن بہ انهن ان کي تسليم ڪيو

۽ واپس گهر ويندي انهن هڪڙو پٿر بہ نہ اڇلايو جنهن تي انهن جا دشمن بہ حيران ۽ پريشان هئا. ان مان اسان جهڙن سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي سبق ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي. ان ڪري ئي مان چوندو آهيان تہ روس، چين، ويتنام، ڪيوبا، الجزائر، گهانا، ڪانگو، گني بسائو ۽ دنيا جي ٻين انقلابن مان بہ ضرور اتساه ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي پر پنهنجي عملي جدوجهد کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ خاص ڪري عوامي ليگ جي تنظيمي جوڙجڪ ۽ جدوجهد جي طريقن مان سکڻ گهرجي چاڪاڻ تہ عملي صورتحال جي حساب سان اهي ئي اسان کي قريب ترين آهن.

مختلف ذريعن جي خبرن مطابق عوامي ليگ جي ان جلسي ۾ اٽڪل ٻارهن لک ماڻهن شرڪت ڪئي جيڪو دنيا جي سياسي جلسن ۾ هڪ رڪارڊ هو. هوڏانهن پاڪستان سرڪار ٻٽو رويو اختيار ڪيو. هڪ طرف ڳالهين جو سلسلو شروع ڪيو تہ ٻئي پاسي وڏي پئماني تي هٿيار ۽ فوجي راولپنڊيءَ کان ڍاڪا پهچائيندا رهيا. عوامي ليگ جي باخبر قيادت چاتو ٿي تہ فوجي آپريشن جون تياريون آهن پر پوءِ بہ انهن ڳالهين کان انڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ ڪيو. بنگالي قيادت جي اهڙي وسيع نظري جا اثر ان وقت محسوس ٿيڻ لڳا
جڏهن بعد ۾ فوجي چڙهائي دوران دنيا جي ماڻهن جي تمام وڏي اڪثريت جون
همدرديون بنگالين سان گڏ رهيون. ٿي سگهي ٿو تہ جنرل يحيٰ ذاتي طور واقعي
بہ ڳالهيون چاهيندو هجي ڇاڪاڻ تہ ڪيس مستقبل جي سيٽ اپ (انتظام) ۾
آئيني صدر رهڻ جي اميد هئي. پر فوج جي پنجابي جنرلن ۽ ذوالفقار علي ڀٽي
جي وچ ۾ اهو طئي ٿي چڪو هو تہ اقتدار بنگالين کي نہ ڏبو ۽ انهن جي آزاديءَ
جي جذبي کي طاقت جي زور تي ختم ڪبو.

15 مارچ تي عوامي ليگ جي قيادت سان ڳالهين لاءِ يحيٰ خان ڍاڪا پهتو جڏهن تہ ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي ٽيم سميت 20 تاريخ پهتو. هڪ دفعي عثمان بلوچ ۽ مون سان ڪچهريءَ ۾ معراج محمد خان ٻڌايو تہ "جڏهن ڀٽي مون کي ڍاڪا هلڻ لاءِ چيو تہ مون اهو چئي وڃڻ کان انڪار ڪيو تہ فوجي آپريشن جو فيصلو تہ ٿي چڪو آهي باقي ڍاڪا هلي ڇا ڪبو". بهرحال بين واقعن ۽ ڳالهين مان لڳي ٿو تہ نيٺ راضي ٿي معراج محمد خان ڍاڪا ويو هو. ڳالهين جا ٽہ ڌريا (حڪومت، عوامي ليگ ۽ پ پ) دور هليا تہ سهي پر نيٺ آخر اهوئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو يعني 25 مارچ تي رات جو پاڪستاني فوج آپريشن شروع ڪري ڏنو. سڀ کان پهرين چڙهائي بنگالي قومي تحريڪ جي مرڪز ڍاڪا يونيورسٽيءَ تي ڪئي ويئي جنهن ۾ شاگردن سان گڏ پروفيسرن کي بہ قتل ڪيو ويو. ٻنهي پارٽين جا اڳواڻ ان ئي رات مغربي پاڪستان پهچي ويا. شيخ مجيب پاڪستاني فوج جو قيدي بڻجي ۽ ذوالفقار علي ڀٽو "فاتح" بڻجي. پنهنجي فتح جو اظهار هُن ڪراچي ايئرپورٽ پهچڻ وقت پنهنجي ان جڳ مشهور جملي سان ڪيو تہ "خدا کا شکر ہے کہ پاکستان بچ گیا". هو خوش ان ڪري هو تہ سندس اقتدار جي منزل ويجهي ٿي ويئي هئي. هُن ڄاتو ٿي تہ جيڪڏهن فوجي بندوقون عوامي ليگ کي ۽ بنگالين جي آزاديءَ واري جذبي کي ڪچلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون تہ ان صورت ۾ بہ هو اقتدار ۾ ضرور حصيدار هوندو پر جيڪڏهن بنگالي ڪامياب ٿيا ۽ بنگلاديش ٺهي ويو تہ باقي بچيل پاڪستان جو اقتدار کيس ملندو.

جيستائين شيخ مجيب جي اعلانيل عدم تعاون واري تحريڪ جو تعلق آهي تہ ان جو مثال دنيا ۾ ملڻ محال آهي. مان يقين سان چوان ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نيشنل عوامي پارٽي ۽ ٻيون تنظيمون شامل هيون جڏهن تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي تہ اڳ ۾ ئي بندش پيل هئي. مغربي حصي جون اڪثر قومپرست ۽ کاٻي ڌر جون تنظيمون فوجي آپريشن جون مخالف هيون سواءِ انهن جي جيڪي چين جون حمايتي هيون ڇاڪاڻ تہ چين ان جهيڙي ۾ بنگالي عوام جي قومي آزاديءَ لاءِ جنگ جي بجاءِ حملي آور پاڪستاني فوج جي حمايت ڪري رهيو هو. البتہ فوجي ڪارروائيءَ جي مخالفت ڪندڙ پارٽين/ تنظيمن جي ڪا وڏي عوامي سگهہ ڪا نہ هئي سواءِ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي. باقي ان وقت پاڪستان جو "وفادار" ميڊيا حسبِ عادت ان کي "اسلام ۽ ڪفر" جي جنگ طور پيش ڪري رهيو هو اهڙي جنگ جنهن ۾ 99 سيڪڙو بنگالي ڀارت جا ايجنٽ هئا. عوامي سطح تي بلوچستان، سرحد ۽ (پيپلزپارٽيءَ جي پارليماني ڪاميابيءَ جي باوجود) سنڌ ۾ بنگال تي فوجي چڙهائيءَ جي خلاف ڪاوڙ موجود هئي جڏهن تہ پنجاب ۾ ڪجهہ فردن کي ڇڏي عمومي طور آپريشن جي حمايت هئي، ايتري تائين تہ اُتي ماڻهن پنهنجي ڇمنڊڙ ٻارن جا نالا ٽڪا خان رکڻ شروع ڪيا. ٻيو تہ ٺهيو لينن ايوارڊ يافتہ انقلابي شاعر فيض احمد فيض بہ اهو بيان ڏنو تہ "جيڪڏهن سوويت يونين بنگال جي علحدگي پسند تحريڪ جي حمايت بند نہ ڪئي تہ هو لينن ايوارڊ واپس ڪري ڇڏيندو". مخالفت ڪندڙ فردن ۾ اهم نالو ملڪ غلام جيلانيءَ جو هو جنهن جون ڌيئر (عاصمہ جهانگير ۽ حنا جيلاني آهن). ان کان علاوه ليڪ احمد سليم ۽ ڪجهہ ٻيا بہ شامل هئا.

بنگال جي قومي تحريڪ جو سنڌ جي قومي تحريڪ تي ڪافي اثر هو ۽ هُتان وانگر هِتي بہ سنڌ يونيورسٽي ان جو مرڪز هئي ۽ ان ۾ محبِ وطن ۽ روشن خيال پروفيسرن جو بہ هٿ هو. ان ڪري بنگال آپريشن کان پوءِ مغربي حصي ۾ جيڪا وٺ پڪڙ ۽ ٻڌ ڇوڙ شروع ٿي ان ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جا ڪجهہ پروفيسر بہ گرفتار ڪيا ويا جن ۾ پروفيسر عمر ميمڻ، جي اي الانہ حميد سنڌي، ارجن لال ۽ اشوڪ ڪمار شامل هئا. ان کان علاوه ڪجهہ شاگرد اڳواڻ پڻ گرفتار ٿيا جن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جا يوسف ٽالپر ۽ شاهہ محمد شاهہ ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو نند ڪمار شامل هئا. بعد ۾ الانہ صاحب پنهنجي قيد جو احوال "لنگي ڪوڪ قلب مان" جي عنوان سان لکيو. سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مان مخالفت ڪندڙ اهم شخصيت سائين جي ايم سيد کي نظربند ڪيو ويو هو جڏهن ته جام ساقي (ڪميونسٽ پارٽيءَ جوا ڳواڻ) انڊر گرائونڊ هو.
عوامي ليگ تي بندش وجهڻ کان پوءِ پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ چونڊيل 167 نمائندن (7 عورتون) مان 80 کي غدار قرار ڏيئي پارٽيءَ جي انهن جون سيٽون خالي قرار ڏنيون. ضمني چونڊ جو اعلان ته ڪيائون پر عملي طور ڪرائڻ جي همت نه ڪري سگهيا ۽ پوءِ اهي سيٽون پنهنجي وفادار پارٽين، جماعت اسلامي، مسلم ليگ ۽ پيپلزپارٽي وغيره، کي ورهائي ڏنائون. جڏهن جنگ زور ورتو ۽ ڀارتي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ جي ڪامياب سفارتڪاريءَ جي نتيجي ۾ پاڪستاني حڪومت تي عالمي دٻاءُ وڌڻ لڳو ته جنرل يحيٰ مارشل لا هوندي سويلين حڪومت ناهڻ جو اعلان ڪيو. دنيا کي ڏوکو ڏيڻ جي ڪوشش ۾ جنرلن بنگالي ليڊر نورالامين کي نالي ماتر وزيراعظم ناهيو جڏهن ته پ پ ليڊر جناب ذوالفقار علي ڀٽو ان حڪومت ۾ نائب وزيراعظم ۽ وزيرِ خارجه مقرر ٿيو. اِهو اُهو ليڊر آ جنهن کي پاڪستان ۾ جمهوريت جو چيمپيئن ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي ۽ اِها اُها پارٽي آ جيڪا هر وقت عوامي مئنڊيٽ جي ڳالهه ڪندي ٿي رهي. عوام جي اڪثريت جي واضح مئنڊيٽ واري پارٽيءَ تي بندش وجهي، چونڊيل ميمبرن کي نااهل قرار ڏيئي، هزارين ڪارڪنن کي جيلن ۾ وجهي لکين انسانن جو رت وهائي، بيشمار عورتن جي عزت لٽي، فوجي جنرلن جي بندوقن جي هيٺان حڪومت ۾ شامل ٿيڻ- اِها آهي ان پارٽيءَ جي جمهوريت ۽ اِها آهي ان ليڊر جي "عوام دوستي".

1970ع واري اليڪشن مهم دوران ائين نظر ايندو ۽ محسوس ٿيندو هو ته پيپلزپارٽي ۽ جماعت اسلامي هڪ ٻئي جون وڏيون ۽ اصلي حريف آهن. مارشل لا حڪومت ۾ اطلاعات ۽ نشريات جو وزير هوندو هو نوابزادو شير علي، اهو هندستان جي مشهور ڪرڪيٽ ڪئپٽن ۽ مشهور ڀارتي فلمي اداڪاره شرميلا ٽيگور جي مڙس نواب منصور علي خان پٽوڊي جو چاچو هو. نواب پٽوڊي شريف ماڻهون هو تنهن ڪري اهو ته اُتي ئي رهي پيو جڏهن ته سندس ڀاءُ "نوابزادو" پاڪستان لڏي آيو. اهو وزير صاحب واضح طور تي پرو جماعت اسلامي هوندو هو. ذوالفقار علي ڀٽو صاحب فوج کي ته ڪجهه ڪو نه چوندو هو باقي پاڻ کي وڏو بهادر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حڪومت مخالف اڳواڻ ثابت ڪرڻ خاطر جلسن ۾ بيهي ان وزير کي "للڪاريندو" هو. چوندو هو "نوابزاده شير علي، تون پاڻ کي ڇا ٿو سمجهين، جيڪڏهن تون شير علي آهين ته مان به ذوالفقار علي آهيان".

بهرحال پوءِ ڏاهن جي ڏس واري فيصلي جي گهڙي اچي ويئي. جڏهن پاڪستاني فوج بنگالين جو ۽ انهن سان گڏ جمهوريت جو ۽ انسانيت جو قتلام ڪري رهي هئي ۽ جماعت اسلاميءَ جي ڪارڪنن تي مشتمل الشمس ۽ البدر جي غنڊن جا ٽولا فوج لاءِ جاسوسي ڪرڻ کان علاوه بنگال جي جنگِ آزاديءَ جي مجاهدن جي گهرن ۾ گهڙي انهن جي معصوم ٻارن کي قتل ۽ عورتن جي بيحرمتي ڪندا هئا، ان وقت جناب ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي انگريزيءَ جا "جوهر" ڏيکاريندي ۽ پنهنجي سفارتڪاريءَ جي "مهارت" جو مظاهرو ڪندي انهن جو گڏيل ڪيس اقوامِ متحده ۾ وڙهي رهيو هو.

پر جيڪڏهن گهرائيءَ سان ڏسجي ته اهو معاملو رڳو ڪنهن هڪ فرد جي موقعي پرستي يا ڪن جماعتن جي ڪردار تائين محدود ناهي پر اهو هڪ تاريخي عمل جو نتيجو آهي ۽ تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي (خاص ڪري جيڪڏهن ان کي مارڪسي نقط نگاهه کان پڙهيو وڃي) ته فوج مذهبي بنياد پرستن ۽ جاگيردارن جا مستقل مفاد انهن کي هڪ ٻئي جو اتحادي بڻائيندا آهن. يورپ جي تاريخ جو جيڪو اونداهون دور (پنجين کان پندرهين صدي عيسوي تائين) سڏجي ٿو اهو ان ڪري آهي ته ان وقت يورپ تي انهن ٽنهي قوتن (Troika) جي گڏيل بالادستي هئي. پاڪستان ۾ فوج ته بالادست آهي ئي آهي، اُن وقت (1970) مذهبي بنياد پرستيءَ جي نمائندگي جماعت اسلامي ڪري رهي هئي جڏهن ته پيپلزپارٽي ملڪ جي جاگيردارن جي سڀ کان وڏي پارٽي هئي. ان ڪري انهن جو هڪ ٻئي سان اتحاد هڪ فطري عمل به هو. اهو اتحاد موجود ته اڳ ۾ ئي هو پر ان کي عام ماڻهن اڳيان ننگو ۽ نروار بنگال جي بحران ڪيو.

تاريخ جو علم ۽ تاريخ جو عمل، اهو به ٻڌائي ٿو ته جاگيرداري ۽ جمهوريت گڏ نه ٿيون هلي سگهن. جمهوريت جي تصور تقويت ورتي ئي تڏهن جڏهن بورجوازي/ مڊل ڪلاس جي هٿان جاگيرداريءَ کي شڪست آئي. اسان پنهنجي آسپاس به ڏسون ته سنڌ ۽ سرائيڪي وسيب ۾ جاگيردار ۽ بلوچستان ۾ سردار ماڻهن کي پنهنجي برابر ڪرسي يا کٽ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويهڻ ئي نٿو ڏئي ته اتي جمهوريت ڪيئن ايندي سو منهنجي خيال ۾ پاڪستان ۾ جمهوريت جو امڪان 1970 وارين چونڊن سان پيدا ٿيو هو ۽ انهن جا نتيجا رد ڪرڻ سان ختم ٿي ويو. عوامي ليگ ملڪ جي واحد مکيه جماعت هئي جيڪا وچولي طبقي تي مشتمل هئي ۽ ان کي واپارين، صنعتڪارن ۽ ڪاروباري ماڻهن سان گڏوگڏ ملڪ جي ننڍين ننڍين روشن خيال ۽ ترقي پسند پارٽين، تنظيمن ۽ فردن جي به حمايت حاصل هئي جڏهن ته ٻيون سڀ پارٽيون يا ته مُلن جون هيون يا جاگيردارن جون جن جي نطرت ۾ ئي جمهوريت ناهي. ائين چئي سگهجي ٿو ته 1970_71 دوران جمهوريت دوست ۽ جمهوريت دشمن قوتن جي وچ ۾ لڪير بلڪل واضح ٿي چڪي هئي. عوامي ليگ جي قيادت ۾ جمهوريت جو "خطرو" ايندو ڏسي سمورا جمهوريت دشمن ائين گڏ ٿي ويا جيئن ٻوڏ اچڻ جي صورت ۾ ڪتا ۽ گدڙ نور ۽ نانگ، شينهن ۽ بگهڙ مطلب ته هڪ ٻئي جا دشمن به وڏي خطري جي صورت ۾ هڪ هنڌ گڏ ٿي ويندا آهن.

ان ڪري پاڪستان ۾ جمهوريت دوست ڪير آ ۽ جمهوريت دشمن ڪير ان جو دارومدار ان تي آهي ته جمهوريت جي حقيقي ويڙهه جي ان نيصلائتي مرحلي (1971) دوران ڪير ليڪ جي ڪهڙي پاسي بيٺو هو. مان پوري وثوق سان چئي ٿو سگهان ته جنرل ضياءَ جي مارشل لا، مذهبي انتهاپسنديءَ جو وڌڻ، جاگيرداريءَ جي لعنت ۾ واڌارو ۽ وري وري عسڪري قوتن جو ڪاهي پوڻ، اهي سڀ مصيبتون عوامي ليگ جي مئنڊيٽ کي تسليم نه ڪرڻ جو سڌو نتيجو آهي ڇاڪاڻ ته عوامي ليگ سيڪيولر جماعت هئي، اها جاگيرداريءَ جي خلاف هئي ۽ اها فوج جي سويلين معاملن ۾ مداخلت ۽ بالادستيءَ جي خلاف هئي.

پاڪستان جا خود ساخته "پڪا مسلمان" ۽ "سچا محب وطن" بنگالين سان گڏ انهن جي حمايت ڪندڙن کي به پنهنجو دشمن سمجهندا هئا جن ۾ سوويت يونين جو نالو سڀ کان مٿانهون هو. پر اها به حقيقت آهي ته پاڪستاني حڪمرانن جي افعالن سبب ٽٽندڙ پاڪستان کي بچائڻ جي آخري ڪوشش به سوويت يونين ئي ڪئي. ڊسمبر جي مهيني ۾ جڏهن هندستاني فوجن جي اچڻ کان پوءِ جنگ فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي هئي ۽ پاڪستاني فوج جي شڪست يقيني نظر اچي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئي ان وقت سوويت يونين ڪميونسٽ بلاڪ جي پنهنجي هڪ ساٿي ۽ وارسا معاهدي جي ميمبر ملڪ پولينڊ هٿان جنگبنديءَ جي قرارداد اقوام متحده ۾ پيش ڪرائي. نه رڳو قرارداد پيش ڪئي پر ان لاءِ سفارتڪاري به ڪئي ۽ گهڻو امڪان هو ته اها قرارداد پاس ٿي وڃي ها. جڏهن واسطيدار ذر طور پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي مائيڪ ڏني ويئي ته هُن اهڙي تقرير ڪئي ۽ اهڙو رويو اختيار ڪيو جهڙو دنيا جي قومن جي اعليٰ اداري ۾ نه پر لاهور جي موچي گيٽ ۾ تقرير ڪري رهيو هجي سندس اها تقرير وري وري ملڪي ۽ عالمي نشرياتي ادارن تي هلندي رهندي آهي جيڪا سولائيءَ سان ٻڌي ۽ ڏسي سگهجي ٿي. عالمي سطح جي ليڊرن ۽ اعليٰ ترين سفارتڪارن جي آڏو ڳالهائيندي هو چئي رهيو هو "مان هتي ويهي پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڇو ڪريان.... منهنجو ملڪ مون کي سڏي رهيو آهي.... ههڙي قرارداد منظور ڪرڻ جي بجاءِ اسان ميدان ۾ وڙهنداسين..... مان وڃي رهيو آهيان" اهو چوندي هن پنهي هٿن سان قرارداد جي مسودي کي ڦاڙي ذرا ذرا ڪري گول دائري ۾ ويٺل سفارتڪارن جي اڳيان اڇلايو ۽ پاڻ هال کان ٻاهر هليو ويو.

۽ پوءِ ڇا ٿيو؟ پوءِ اهوئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو. جنگبنديءَ جي قرارداد پاس ڪا نه ٿي ۽ جنگ جاري رهي جيستائين پاڪستاني فوج ڀارتي فوج جي اڳيان هٿيار نه ڦٽي ڪيا. ٻئي طرف "وطن جا سڏورنائينڊز" ۽ ميدان ۾ وڙهڻ جون ڳالهيون ڪندڙ جناب ذوالفقار علي ڀٽو آمريڪا کان يورپ آيو ۽ اٽليءَ جي دارالحڪومت روم جي هڪ اعليٰ هوٽل جي هڪ ڪمري ۾ آرام ڪندو رهيو جيستائين جنگ ختم نه ٿي. ڪيترن ماڻهن جو چوڻ آهي ته هُن پولينڊ جي قرارداد ڦاڙي ئي ان ڪري ته جيئن جنگ بند نه ٿئي ۽ بنگال پاڪستان کان الڳ ٿي وڃي ته جيئن اقتدار تائين پهچڻ جو سندس رستو صاف ٿي وڃي.

پاڪستان جي فوج لاءِ بنگال جي جنگي ميدان ۾ ڏکيائيون وڌائڻ ۽ جنگ جي منطقي انجام ڏانهن وڌڻ واري عمل کي تيز ڪرڻ ۾ هڪڙي ٻئي واقعي جو به اهم رول آهي. جنگ هلندي اوچتو هڪ ڏينهن هڪڙا ٻه نوجوان انڊين ايئر لائينز جي هڪ جهاز "گنگا" کي اندروني پرواز تي ڪشمير کان دهلي ويندي اغوا ڪري پاڪستان کڻي آيا. پاڪستاني حڪومت اڃا انهن اغوا ڪارن جي باري ۾ ڪو فيصلو نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيو هو ته پيپلزپارٽيءَ جو ليبر فوري طور اتي پهچي ويو ۽ انهن نوجوانن مان هٿ ملائيندي انهن کي ڪشمير جي آزاديءَ واري جنگ جو هيرو قرار ڏيئي پنهنجي ڀرپور حمايت جو يقين ڏياريائين. ظاهر آهي اهڙي صورتحال ۾ حڪومت لاءِ فوري طور جهاز واپس ڪرڻ يا اغواڪارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. ٻئي طرف ڀارتي حڪومت ان واقعي کي بنياد بڻائي هندستان جي مٿان پاڪستاني جهازن جي اڏام تي بندش وجهي ڇڏي جنهن ڪري پاڪستاني حڪومت کي پنهنجي رسد "اوڀر پاڪستان" تائين پهچائڻ لاءِ سامونڊي رستو اختيار ڪرڻو پيو. نتيجي طور ڪلاڪن وارو سفر هفتن ۾ ٿيڻ لڳو. بعد ۾ انهن ٻنهي اغواڪارن خلاف پاڪستان ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ مزي جي ڳالهه ته ان ڪيس جو فيصلو ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت واري دور ۾ آيو جنهن ۾ چيو ويو ته ٻئي همراهه ڀارت جا ايجنٽ هئا ۽ هڪ سازش تحت جهاز "اغوا" ڪري آيا هئا ته جيئن هندستاني حڪومت کي جهازن جي پرواز تي بندش وجهڻ جو جواز ملي سگهي. هاڻي جناب ڀٽي جي حوالي سان ان معاملي مان ٻه ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. يا ته هن کي جهاز اغوا جي پويان موجود ڀارتي سازش جي خبر هئي يا ڪا نه هئي. جيڪڏهن خبر ڪا نه هئي ته پوءِ تڪڙ ۾ اغوا ڪندڙن کي مجاهد قرار ڏيڻ مان سندس عالمي ليبر ۽ ڏاهي وارين صلاحيتن بابت سندس حامين جي دعوائن تي وڏو سوال ضرور لڳي ٿو. پر جيڪڏهن پنهنجي ذهانت ۽ عالمي سياست جي ڄاڻ جي بنياد تي ڪيس سازش جو علم هو ته پوءِ ان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته هُن پاڻ چاهيو پئي ته اهو سڀ ڪجهه ٿئي جيڪو ٿيو.

بهرحال بنگالين جي بي مثال جذبه حب الوطني، عوامي ليگ جي ليڊرن ۽ ڪارڪنن جي محنت ۽ قربانين، پاڪستاني حڪمرانن جي نااهلين، مفاد پرستين ۽ بدڪردارين ۽ ڀارت جي ڪامياب حڪمت عملين جي گڏيل نتيجي ۾ 16 ڊسمبر 1971ع تي پاڪستاني فوج جي مشرقي ڪمان جي ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل امير عبدالله خان نيازيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ سندس ٽي هم ڪلاسي جنرل اروڙا جي آڏو ڍاڪا جي پلٽڻ ميدان ۾ هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ اهڙي طرح بنگلاديش جو نئون ملڪ دنيا جي نقشي تي وجود ۾ آيو. اِهو اُهو ئي جنرل نيازي هو جيڪو پاڻ کي ٽائيگر نيازي سڏائيندو هو ۽ جنهن صرف ڪجهه ڏينهن اڳ ڍاڪا جي وچ شهر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بيهي عالمي ميڊيا جي موجودگيءَ ۾ اعلان ڪيو هو تہ "پارٽي فوج منهنجي لاش تان گذري پوءِ ئي ڍاڪا ۾ داخل ٿي سگهندي" پر پوءِ سڄي دنيا ڏٺو تہ ان ئي نيازيءَ پارٽي فوج اڳيان پيش پوڻ واري دستاويز تي صحيح ڪئي انهن ڏينهن ۾ هڪڙو ٽوٽڪو تمام گهڻو مشهور ٿيو تہ "مارجي وڃي تہ شهيد، زنده رهي تہ غازي، پر جي پيش پوي تہ نيازي".

بنگالين هڪ دفعو وري تاريخ ۾ ثابت ڪيو تہ اُهي ننڍي کنڊ جي سڀ کان وڌيڪ هوشيار سجاڳ، محبِ وطن، محنتي ۽ قرباني ڏيندڙ قوم آهن. انگريزن جڏهن واپاريءَ واري حيثيت کان اڳتي وڌي هندستان تي قبضي ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي تہ انهن جو سڀ کان پهرين مقابلو بنگالين سان ٿيو. وري جڏهن انگريزن جي خلاف آزاديءَ جي جنگ شروع ٿي تہ ان ۾ بہ بنگالي سيني کان اڳرا هئا ۽ اهو بہ ٻنهي ميدانن ۾ هٿياربند ويڙهہ ۾ بہ تہ عدم تشدد واري جدوجهد ۾ بہ ۽ جڏهن مسلمانن لاءِ الڳ ملڪ (پاڪستان) جي تحريڪ هلي تہ ان ۾ بہ بنگالين جو سڀ کان وڌيڪ حصو هو. 1940 واري لاهور قرارداد، جنهن کي پاڪستان قرارداد چيو ٿو وڃي، بہ "شيرِ بنگال" مولوي فضل حق پيش ڪئي هئي ۽ اها قرارداد حقيقت ۾ بنگالين جي قومن لاءِ وسيع خودمختياريءَ واري پروگرام ۽ يوپي، سي پي وارن جي اسلامي ملڪ واري مهم جي وچ ۾ هڪ ڪمپرومائيز فارمولا هئي. ان ڪري ئي ان قرارداد ۾ مسلمانن جي جدا حيثيت جو ذڪر آهي تہ قومي/ ملڪ ٺاهيندڙ وحدتن جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت جي بہ ڳالهہ ڪيل آهي.

بنگالين جي قومي جدوجهد جي ڪاميابي ۽ بنگلا ديش جي آزاديءَ اسان سنڌين لاءِ بہ طرفي صورتحال پيدا ڪئي. هڪ طرف سنڌ ۾ اهو جذبو ۽ اتساهہ پيدا ٿيو تہ اسان بہ بنگالين وانگر جدوجهد ڪري پنهنجي لاءِ آزاد ۽ خودمختيار حيثيت حاصل ڪري سگهون ٿا. ٻيو پاسو صورتحال جو اهو ٿيو تہ بنگال جي جدا ٿي وڃڻ کان پوءِ پنجاب جي مفادن لاءِ ڪم ڪندڙ پاڪستاني رياست جي ڦرلٽ لاءِ باقي صرف سنڌ ۽ بلوچستان رهجي ويا (پٺاڻن سان مفاهمت واري پاليسي اختيار ڪئي ويئي آهي) ان ڪري اسان جي استحصال ۽ ڦرلٽ ۾ اڳي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شدت اچي ويئي ۽ ان لاءِ لازمي ۽ منطقي طور اسان جي خلاف ڏاڍ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي جناب ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستان جي صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جو عهدو سنڀاليو.

ذوالفقار علي ڀٽي جي اقتدار سنڀالڻ جي حوالي سان ٻه واقعا دلچسپ ۽ اهم آهن. انهن مان هڪڙي جو ذڪر هُن پاڻ ڪيو جڏهن ته ٻئي بابت ان وقت جي فوج جي اطلاعات کاتي ISPR جي سربراهه برگيڊيئر اي آر صديقيءَ لکيو آهي. ڀٽي صاحب اقتدار ملڻ کان پوءِ هڪ عام جلسي ۾ تقرير ڪندي چيو ته "..... مان ملڪ کان ٻاهر هئس. مون کي فون ڪئي ويئي ته اچ اچي اقتدار سنڀال. مون چيو ترسو مان سوچيندس پوءِ مون سوچيو. پورا پنج منٽ سوچيو. پوءِ چيم هلو ڏيو ڪٽي". برگيڊيئر (ر) صديقيءَ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو ته "ڍاڪا جي فال (شڪست تي ته مان پنهنجي عهدي وارو فرض نڀائيندي اطلاع ڏيڻ خاطر چيف آف جنرل اسٽاف ليفٽيننٽ جنرل گل حسن جي آفيس ۾ ويس. گهبراهٽ ۾ در کڙڪائڻ بجاءِ در کوليم. ڏٺم ته ٽي چار سينيئر جنرل ويٺا هئا. مان ڏٺڪجي در تي بيهي رهيس ته جنرل گل حسن چيو ته اچي ويو آهين ته اڳتي اچي ويهه. ڍاڪا واري صورتحال جي انهن کي اڳ ۾ ئي خبر پئجي ويئي هئي ۽ هو ان تي ئي ويچار ڪري رهيا هئا. جنرل گل حسن چيو ته "هاڻي ڀٽي کي گهرائي اقتدار ان جي حوالي ڪيو وڃي". ان تي ٻئي جنرل (جنهن جو نالو مونکي هن وقت ياد ناهي) چيس ته "توکي خبر آهي ته ڀٽو اقتدار ۾ آيو ته سڀ کان پهرين توکي ٻاهر ڪندو". گل حسن وراڻيو ته "مان اها ڳالهه چڱي طرح ڄاڻان ٿو پر هن وقت ان مسخري کي اقتدار ڏيڻ کانسواءِ اسان وٽ ڪو ٻيو چارو ناهي". ۽ پوءِ بلڪل ائين ٿيو. چيف آف جنرل اسٽاف جنرل گل حسن ۽ ايئر مارشل رحيم، جن ڀٽي کي اقتدار ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن اقتدار ۾ اچڻ شرط انهن ٻنهي کي عهدن تان هٽائي سفير ڪري ملڪ کان ٻاهر موڪلي ڇڏيو. اهو عمل ميڪاوليءَ جي تعليم جي عين مطابق هو جنهن جو چوڻ هو ته جيڪي ماڻهون توهان کي اقتدار تي ويهارڻ ۾ مدد ڪن، انهن جو صفايو ڪري ڇڏيو ڇو ته جيڪي توهان کي اقتدار ۾ آڻي سگهن ٿا اهي ڪنهن ٻئي کي به آڻي سگهن ٿا. ۽ دنيا کي خبر آهي ته جناب ڀٽو ميڪاولي کان متاثر هو.

انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جي خاندان ۾ هڪ دکدائڪ واقعو ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيڪو منهنجي لاءِ ذاتي طور به هڪ صدمي کان گهٽ نه هو. منهنجي والده جي ماروٽ مامي غلام مرتضيٰ جو اڪيلو نوجوان پٽ محمد لائق جيڪو منهنجو بهترين دوست هو سو گذاري ويو. وڏيڪ ڏک ان ڪري به ٿئي پيو ته ان کي ڪا وڏي بيماري ڪا نه هئي. بس شروع ۾ بخار ٽيس پر پوءِ جيئن اڪثر ٻهراڙين ۾ ٿيندو آ مقامي سطح تي ٽڪي ٽوٽڪي وارو علاج ڪرايو ويو. وڌ ۾ وڌ راڻ جو ڪمپائونڊر لوڪرام ڏسڻ آيو. دراصل اسان جي ڳوٺ ۾ خاندان جي علاج جو مکيه ذريعو اهو "ڊاڪٽر" لوڪرام ئي هوندو هو. "هندو" هئڻ سبب اسان جي خاندان جون عورتون جيڪي هونءَ پردو ڪنديون هيون سي به ڪلئي منهن سندس پرسان ويهي علاج ڪرائڻ ۾ ڪو عار نه سمجهنديون هيون. پيو راڻ جوئي ڊاڪٽر عبدالڪريم لاشاري هوندو هو جنهن کان پڻ ڪڏهن علاج ڪرايو ويندو هو. اهو جيتوڻيڪ ايم بي بي ايس پاس هو پر ماڻهن جو لوڪرام تي ويساهه وڌيڪ هوندو هو. ڪي وڌيڪ غريب ماڻهون هڪ "حڪيم" حسين شاهه کان به دوا وٺندا هئا. اهو اسان جي پاڙي واري هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو. ڪو به ڪورس ڪيل ڪو نه هئس. بس پنهنجي طور ماڻهن تي تجربا ڪندو ڳوٺ ڳوٺ ۾ هلندو وتندو هو. ان جي ڳُل اسپتال ۾ ميڊيڪل اسٽور هڪ ننڍو ٿيلهو هوندو هو جيڪو هر وقت ڪلهي ۾ هوندو هئس. 15_20 قسمن جا "ڪڪ" هوندا هئس انهن مان ئي هر مرض جي دوا ڪندو هو.

جيئن اسان ڄاڻون ٿا ته بخار (Temperature) پنهنجي طور تي ڪا بيماري ناهي هوندو پر ٻي ڪنهن بيماريءَ جو اظهار هوندو آهي، سو ڳوٺ ۾ رڳو بخار جو علاج ڪرائڻ سان اصل بيماريءَ جي خبر ڪا نه پئي ۽ محمد لائق جي طبيعت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وئي. آخر طبيعت گهڻي خراب ٿيڻ کان پوءِ راڻ ڪٺائي ويا پر ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ خبر آئي ته محمد لائق گذاري ويو. ڳالهه جو وڌيڪ دکدائڪ پاسو اهو آهي ته ٿوروئي وقت اڳ ۾ سندس شادي ٿي هئي. هو 24_25 سالن جو نوجوان هو سندس زال ته اڃا به ڪجهه ننڍي هئي. ان جو پهاڙ جيڏي زندگي گذارڻ به پنهنجي جاءِ تي وڏو الميو هو.

❋❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ڄامشورو، شعور ۽ اتساهه

اهي منهنجي انجنيئرنگ جي پهرئين سال جا آخري ڏينهن هئا. جيئن ئي اقتدار جي منتقلي ٿي ته يونيورسٽي کلي ويئي ۽ مان ڄامشوري روانو ٿيس. پهرئين سال ۾ انجنيئرنگ جنرل ۽ گڏيل هوندي هئي، معنيٰ ٽيڪنالاجين جي ورهاست ڪا نه ٿيل هوندي هئي. هون ۽ ان وقت سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ٽي ٽيڪنالاجيون، سول، اليڪٽريڪل ۽ مڪينيڪل پڙهايون وينديون هيون جڏهن ته اسان جي ٻئي سال ۾ اچڻ وقت چوٿين ٽيڪنالاجي ڪيميڪل به شروع ڪئي ويئي. پهرئين سال ۾ اٽڪل اڍائي سئو شاگرد هئا جن کي ٽن ڪلاسن B,A ۽ C ۾ ورهايو ويو. اسان جي A ڪلاس ۾ 85 ڇوڪرا هئا. انهن ۾ منهنجا ٻاڊهه کان هم ڪلاسي عبدالحليم جوٽيجو ۽ خير محمد ڪولاچي به هئا ۽ لاڙڪاڻي ڪاليج ۾ گڏ پڙهندڙ شمس الدين شيخ، سڪندر عباسي، مير حسن رند، عبدالجبار عباسي، مختيار جانوري ۽ ڪجهه ٻيا به هئا جڏهن ته ڊگري ڪاليج جو هڪڙو دوست مهرومل ٻئي هڪ ساٿي منظور شيخ سان گڏ اين اي ڊي ڪاليج ڪراچي ۾ پڙهڻ ويو هو.

هاسٽل ۾ جڳهه جي تنگي هجڻ ڪري شروع جا ڪجهه ڏينهن عبدالحليم جوٽيجو ۽ مان نظر محمد پيرزادي جي ڪمري ۾ شاهه لطيف هاسٽل ۾ رهياسين. هو پاڻ ۽ سندس پارٽنر مشتاق ميمڻ ڪمري جي پاسن کان کٽن تي سمهندا هئا جڏهن ته اسان ٻئي وچ ۾ پٽ تي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حليم جوٽيجو سر سيد هاسٽل هليو ويو ۽ مان نئين ٺهيل سچل هاسٽل ۾. ٿيو ائين ته مشتاق ميمڻ سان ٿوري وقت ۾ منهنجي گهاٽي ويجهڙائي ٿي ويئي. ڪجهه طبيعتن ۾ به هڪجهڙائي هيو ڪرڪيٽ راند جنهن جا اسان ٻئي شوقين هئاسين. مشتاق جو دوست حامد راڄپر جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو ۽ سچل جي ڪمري ۾ اڪيلو رهندو هو ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سان مان رهڻ لڳس. سچل هاسٽل مان مجبوريءَ ۾ ئي بي دليو ويس. ان ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد رهندا هئا جن سان منهنجي ڪا واقفيت ڪا نه هئي. انجنيئرنگ ڪاليج لاءِ سر سيد ۽ شاهه لطيف هاسٽلون مختص هيون. اتي دوست ۽ واقفڪار ٽوٽي هم ڪلاسي رهندا هئا. ڊي سي هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي وارو شفيع محمد حالتي به آخري سال ۾ پڙهندڙ ۽ نظر محمد جي پاسي واري ڪمري ۾ رهندو هو. حامد راڄپر صاحب به بلڪل هڪ مخصوص ۽ محدود طبيعت وارو ماڻهون هو ان ڪري ئي اڪيلو رهندو هو. سنگت (مشتاق) جي ڪري گڏ رهاياٽين پر اسان هڪ ٻئي سان ڳري ٽي نه سگهياسين. ان ماحول ۾ مان رڳو سمهڻ لاءِ سچل ويندو هئس باقي گهڻو وقت لطيف ۾ گذرندو هو.

دلچسپ ڳالهه ته اهڙي صورتحال جي باوجود جڏهن ٻئي سال ۾ شاهه لطيف هاسٽل ۾ ڪمرو مليو ته سچل کي ڇڏڻ ڏکيو پئي محسوس ٿيو. اها صورتحال جڏهن به مون کي ياد ايندي آ ته 1947 ياد ايندو آهي ۽ انهن سنڌين جو ڏک محسوس ٿيڻ لڳندو آ جن کي نه رڳو گهر پر وطن به ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. مان سوچيندو آهيان ته هاسٽل جو ڪمرو جنهن ۾ مان صرف 7_8 مهينا رهيس (يا چئجي ته سمهيس) سو به مجبوريءَ ۾ ۽ وري پارٽنر سان به ڪا گهڻي دوستي ڪا نه ٿي پوءِ به اهو ڪمرو ڇڏڻ ڏکيو پيو لڳي ته پوءِ جيڪي ماڻهو هزارين سالن ڪان هن ڌرتيءَ تي رهندا هئا ۽ الائي ڪيترن نسلن ڪان ان مخصوص چوديواريءَ ۾ گذاريندا هوندا. انهن کي جڏهن مرضيءَ جي خلاف ڌڪي ٻاهر ڪڍيو ويندو هوندو ته انهن جي حالت ڇا هوندي، انهن جو اندر اڌ ڪيئن نه ٿيو هوندو.

سچل هاسٽل جي ڪمري ۾ رهندي منهنجي حامد راڄپر صاحب سان ته سنگت ڪا نه ٿي سگهي پر ان جي ننڍي ڀاءُ نور احمد سان جلد ئي دوستي ٿي وئي. نور احمد ايل ايم سي ۾ ميڊيڪل جي پهرئين سال ۾ پڙهندو هو ان حساب سان پڙهائيءَ جي لحاظ کان ساڳئي سال ۾ به هئاسين ۽ قومپرستيءَ جي حوالي سان به خيال ملندا هئا ۽ هو گهڻو خوش مزاج ۽ گهڻو ڳالهائيندڙ هو سو انهن ٻنهي ڳالهين ڪري اسان ٿوري وقت ۾ گهاٽا دوست ٿي وياسين. طبيعتن جي لحاظ کان Blow hot blow cold واري صورتحال آهي، ڪن ڳالهين ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي هئي ته ٻين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳالهين ۾ وري صفا متضاد هئاسين. بهرحال ذاتي حوالي (سندس پاءُ) سان واقفيت ٿي. پوءِ قومرپستيءَ جي ڪري ويجهڙائي ٿي ۽ پوءِ هلندي هلندي ذاتي دوستي، پوءِ خانداني دوستي ۾ اڳتي هلي هڪ ٻئي جي گهر جا فرد ٿي وياسين. نور احمد راڄپر اڳتي هلي ڊاڪٽر نور راڄپر طور مشهور ٿيو ۽ آهي.

شاهه لطيف هاسٽل ۾ مان ڪمري نمبر 32 ۾ اچي رهيس جيڪو شفيع محمد حالتيءَ خالي ڪيو هو. حليم جوڻيجو به سر سيد ڇڏي لطيف ۾ مون سان اچي رهيو. نظر محمد پيرزادي جو ڪمرو 29 هو.

يونيورسٽيءَ جي پهرئين سال دوران مان شاگرد سياست جي سرگرمين ۾ هڪ شرڪت ڪندڙ طور ته حصو وٺندو هئس پر ڪنهن تنظيم سان واڳيل ڪو نه هئس البت جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي ويجهو ضرور هئس. سنڌ جي شاگرد سياست شروع ۾ ته رڳو سنڌيت جي بنياد تي هئي پر پوءِ، جيئن ٿيندو آ، وقت گذرڻ سان اها نظرياتي بنيادن تي منظم ٿيندي وئي. سنڌي شاگردن جي هڪڙي چڱي خاصي جماعت سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) هئي جنهن جو سربراهه جام ساقي هو جڏهن ته ان جا ٻيا مک ليڊر مهر حسين شاهه، شاهه محمد شاهه ۽ ٻيا هئا. ان تنظيم جي ويجهڙائي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان هئي. قومي سوال تي ان ۾ اختلاف ٿيا ۽ سائين جي ايم سيد جي فڪر وارن نوجوانن الڳ ٿي ايس اين ايس ايف (قومپرست گروپ) ٺاهي جنهن جي مکيه اڳواڻن ۾ اقبال ميمڻ، عبدالحئي پليجو شاهه محمد شاهه، مدد علي سنڌي، امان الله شيخ، سڪندر پنگوار، عزيز پنگوار ۽ ٻيا شامل هئا. پهرين جولاءِ 1970 تي ون يونٽ ٽٽڻ ۽ سنڌ بحال ٿيڻ تي لاڙڪاڻي ۾ جلسو ان تنظيم جي پليٽ فارم تان ڪيو ويو هو. يوسف ٽالپر ۽ اقبال ترين جي اڳواڻيءَ ۾ هڪڙي ٻي تنظيم هئي جيئي سنڌ نوجوان محاذ. اها به قومپرست خيالن جي هئي. سنڌ جي قومپرست جماعت سنڌ متحده محاذ 1970 وارين چونڊن کان اڳ ۾ ئي ڪمزور ٿي چڪي هئي جو ان ۾ شامل اڪثر وڏيرا اقتدار جي بوءِ سنگهندي پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿيندا ويا. ايتري تائين جو اليڪشن کان ٿورو اڳ ۾ محاذ جو جنرل سيڪريٽري آغا غلام نبي پٺاڻ به پ پ ۾ شامل ٿي ويو. ۽ پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي موقعي پرستيءَ واري سياست جو ڪارنامو جو 7 ڊسمبر تي پ پ پنهنجي ٽڪيٽ يافته قاضي حفيظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جذبو ايتري سوچ ۽ ڪمٽمنٽ هوندي هئي جو ٿوري ئي دير ۾ لان پرجي ويندو هو. مان به شرڪت ڪندڙن ۾ هڪڙو هوندو هئس.

جنوري- فيبروري 1972 ۾ انجنيئرنگ جي پهرئين سال جو امتحان ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن جي موڪل ڳوٺ گذاري پوءِ واپس اچي ٻئي سال ۾ داخلا ورتي ۽ پڙهائي شروع ٿي. ٻئي سال ۾ ٽيڪنالاجيون الڳ ٿينديون هيون ۽ شاگردن کي پنهنجي دلچسپيءَ واري ٽيڪنالاجي چونڊڻي هوندي هئي. ان وقت ايترو گهڻو مقابلو ڪونه هو تنهن ڪري گهڻو ڪري شاگردن کي پنهنجي پسند جي ٽيڪنالاجي ملي ويندي هئي. ٻئي سال ۾ سِول علحده پڙهائي ويندي هئي جڏهن ته اليڪٽريڪل ۽ مڪينيڪل گڏ هونديون هيون. انهن کي وري ٽئين سال ۾ ڌار ڪيو ويندو هو. مون ۽ منهنجي روم پارٽنر حليم جوٽيجي، ٻنهي سِول ۾ داخلا ورتي.

1972 جو سال اينڊي "نئين پاڪستان" جو اعلان ٿي چڪو هو. طاقت جو سرچشمو عوام کي چوندڙ جناب ذوالفقار علي ڀٽو مارشل لا آرڊيننسن ذريعي حڪومت ڪري رهيو هو. اقتدار سنڀالڻ شرط چئني صوبن ۾ هُن پنهنجا گورنر مقرر ڪيا. پنجاب ۾ غلام مصطفيٰ کر، سرحد ۾ حيات محمد خان شيرپائو بلوچستان ۾ غوث بخش رئيساڻي ۽ سنڌ ۾ عام توقع جي خلاف ممتاز علي ڀٽو جنهن کي هُن پنهنجي تقرير ۾ Talented Cousin ڪري سڏيو. عام توقع اها هئي ته سنڌ ۾ مير رسول بخش ٽالپر کي گورنر ڪيو ويندو ڇاڪاڻ ته ان سنڌ ۾ پيپلزپارٽيءَ کي منظم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ اهو ئي پ پ سنڌ جو صدر هو. ملڪ ۾ مارشل لا هئڻ سبب اهي گورنر مارشل لا ايڊمنسٽريٽر به هئا.

اهو به دنيا جي سياسي تاريخ جو انوکو واقعو هو ته هڪڙو سويلين چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيو. سو به اهو ليڊر جيڪو صبح شام عوام ۽ جمهوريت جو ورد ڪندو هجي. نه رڳو ايترو پر هُن ٻين جمهوريت جو مطالبو ۽ جمهوريت لاءِ ڪوشش ڪندڙ ليڊرن سان سوديبازيءَ لاءِ مارشل لا کي استعمال ڪيو. اقتدار جي منتقليءَ کان پوءِ ملڪ جي سياسي ۽ جمهوري ڌرين طرفان مطالبو ٿيڻ لڳو ته مارشل لا کي جلد کان جلد هٽايو وڃي. ان لاءِ طئي ٿيو ته جلدي ۾ هڪڙو عبوري آئين ٺاهي لاڳو ڪيو وڃي جيستائين مستقل آئين نهي. عبوري آئين جو خاڪو جيڪو ذوالفقار علي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پٽي تيار ڪرايو اهو عجيب قسم جو هو. مرڪز ۾ صدارتي نظام ۽ صوبن ۾ پارلياماني سرشتو. ۽ مرڪز ۾ سمورا اختيار صدر کي ڏنا ويا هئا جن تي ڪو چيڪ ۽ بئلينس ئي ڪو نہ هو. ان تي نيشنل عوامي پارٽيءَ سميت ملڪ جي جمهوري پارٽين ۽ گروپن سخت اعتراض ڪيو جنهن جو جواب پيپلزپارٽيءَ جي ليڊر طرفان اهو آيو تہ "جيڪڏهن اهو آئين قبول نہ ڪندو تہ مان مارشل لا نہ هٽائيندس". ان تي ملڪ ۾ هڪ قسم جي تعطل واري صورتحال پيدا ٿي ويئي. ان مرحلي تي سائين جي ايم سيد نعپ جي نيادت سان رابطو ڪيو ۽ پنهنجي ذاتي لاڳاپن کي استعمال ڪندي انهن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ موجود حالتن ۾ اهي گس ڪائيندي آئين کي تسليم ڪن. سائينءَ جو مکيہ دليل اهو هو تہ جهڙو تهڙو آئين آئي سويلين اختيار قائم ڪجي ۽ پٽي کي بہ مڪمل طور فوج جي جهوليءَ ۾ وڃڻ کان بچائجي. اهڙي طرح اقتدار سنڀالڻ شرط بہ سائينءَ "صدر پٽي جي خدمت ۾ عرضداشت" جي نالي سان هڪ ڪليل خط لکيو هو جنهن ۾ ماضيءَ کي درگذر ڪندي مستقبل ۾ فوجي بالادستي ختم ڪري جمهوري ادارن کي مضبوط بڻائڻ واري عمل جي حمايت جو اظهار ڪيل هو. ٻئي طرف پٽي ڪيئن فوج سان گڏجي سياسي پارٽين ۽ جمهوري ادارن کي ڪمزور ڪيو اهو بہ تاريخ جو حصو آهي. پوءِ بہ سنڌ جا ڪجھ صحافي ليکڪ ۽ "دانشور" اها گوهر افشاني ڪندا رهندا آهن تہ "جي ايم سيد اسٽيبلشمنٽ جو همدرد ۽ پٽو اسٽيبلشمنٽ جو مخالف". هتي ان ڳالھ جي چڱي طرح وضاحت ڪندو هلان تہ جيڪي ماڻهون چوندا ۽ لکندا آهن تہ سائينءَ 1973 واري آئين جي حمايت لاءِ نعپ نيادت سان رابطو ڪيو اهو بلڪل غلط ۽ حقيقتن جي خلاف آهي. اها وضاحت مان ڪيترا پيرا اخباري مضمونن ذريعي ڪري چڪو آهيان پر پوءِ بہ ڪجھ همراھ ساڳي غلطي ورجائيندا رهندا آهن. يا تہ اهي همراھ صفا اڻڄاڻ آهن يا وري بدنيت.

بهرحال ڪجھ ڏي وٺ کان پوءِ پهرين اپريل 1972 کان اهو عبوري آئين لاڳو ٿيو ۽ مارشل لا ختم ڪيو ويو. ان وچ ۾ ڪيترن ئي سياسي ليڊرن ۽ ڪارڪنن ۽ مزدور اڳواڻن کي، جيڪي جناب پٽي جي مرضيءَ تي نہ پيا هلن، مارشل لا قانونن هيٺ سزائون ڏنيون ويون. انهن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سپ کان نمايان نالو مختار رانا جو آهي جيڪو لائلپور (فيصل آباد) جو سينيئر ۽ مشهور مزدور ليڊر هجڻ سان گڏوگڏ پيپلزپارٽيءَ جو اهم اڳواڻ به هو ۽ 1970 واري اليڪشن پ پ ٽڪيٽ تي وڙهيو هو. پر ڪنهن ڳالهه تي پارٽيءَ جي "سپريم ليڊر" سان اختلاف ڪرڻ جي پاداش ۾ جيل جي سزا ڪاٽي ويو.

عبوري آئين تحت مرڪز ۾ تہ جناب ذوالفقار علي ڀٽو ڪُل اختيارن جو مالڪ صدر رهيو جڏهن تہ صوبن ۾ وزيراعليٰ کي بااختيار بڻايو ويو تنهن ڪري ڀٽي صاحب جي پسنديده ماڻهن يعني پنجاب ۾ غلام مصطفيٰ کر ۽ سنڌ ۾ ممتاز علي ڀٽي کي وڏو وزير بڻايو ويو. بي اختيار گورنر جي سيٽ تي سنڌ ۾ مير رسول بخش ٽالپر کي ويهاريو ويو. بلوچستان ۽ صوبي سرحد (پختونخوا) ۾ جيئن تہ نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام کي اڪثريت حاصل هئي تنهن ڪري انهن صوبن ۾ انهن جي گڏيل حڪومت قائم ٿي. بلوچستان ۾ مير غوث بخش بزنجو گورنر ۽ سردار عطاءالله مينگل وزيراعليٰ ٿيو جڏهن تہ سرحد ۾ ارباب سڪندر خان خليل گورنر ۽ مفتي محمود وزيراعليٰ بڻيو. بزنجو صاحب ۽ ارباب سڪندر نعپ جا صوبائي صدر هئا پر دنيا جي مڃيل جمهوري روايتن جي پاسخاطري ڪندي گورنر ٿيڻ شرط انهن پارٽي عهدا ڇڏي ڏنا. بلوچستان نعپ جو صدر سردار خير بخش مري کي ۽ سرحد جو (شايد) محمد افضل خان کي مقرر ڪيو ويو.

سرحد جو وڏو وزير ٿيڻ سان مفتي محمود هڪڙو اهم ڪم اهو ڪيو تہ هڪ ڊگهي عرصي کان جلال آباد (افغانستان) ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاريندڙ سرخپوش رهنما خان عبدالغفار خان کي واپس اچڻ تي راضي ڪيو ۽ هڪ وڏي جلوس جي اڳواڻي ڪندي طورخم جي سرحد تي سندس استقبال ڪيو. جيئن تہ ملڪ ۾ پهريون دفعو جمهوري حڪومتون قائم ٿيون هيون ۽ انهن جي وجود ۾ اچڻ لاءِ ماڻهن هڪ تمام ڊگهي جدوجهد ڪئي هئي ۽ وڏيون قربانيون ڏنيون هيون تنهن ڪري هاڻي ماڻهون انهن حڪومتن مان پنهنجي ديرينہ مسئلن جي حل لاءِ قدم کڻڻ جي اميد ڪري رهيا هئا. جيتوڻيڪ انهن حڪومتن جي جمهوري هجڻ بلڪ خود آئيني هجڻ بابت تمام وڏا سوال هئا خاص ڪري مرڪزي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حڪومت لاءِ چاڪاڻ تہ جيڪا اسيمبلي 7 ڊسمبر تي جنرل يحيٰ خان جي ڏنل ليگ فريم ورڪ آرڊر تحت چونڊبي وئي هئي ان جي ميمبرن جي اڪثريت (313 مان 167) بنگال سان تعلق هجڻ سبب الڳ ٿي چڪي هئي. اهڙي صورت ۾ عملي طور اها اسيمبلي پنهنجو وجود وڃائي ويٺي هئي. جيڪڏهن ان اعتراض/ خاميءَ کي پاسي تي رکي اڳتي وڌجي تہ ايل ايف او ۾ اهو شرط رکيل هو تہ چونڊيل اسيمبلي پنهنجي پهرئين اجلاس کان 120 ڏينهن جي اندر ملڪ لاءِ مستقل آئين تيار ڪندي ٻي صورت ۾ اها خودبخود ختم ٿي ويندي. وڌو اڌ ڪٽيل "معذور" اسيمبليءَ پنهنجي پهرئين اجلاس کان اٽڪل هڪ سال کان پوءِ مستقل آئين تيار ڪيو. ايل ايف او ۾ ڪنهن بہ عبوري آئين جو ذڪر هوءِ نہ ئي ان جي گنجائش.

جڏهن پيپلزپارٽيءَ جي ليڊرن کان پڇاڻو ٿيندو آهي تہ توهان جي ليڊر مارشل لا هيٺ حڪومت ڇو ڪئي تہ چوندا آهن تہ "سائين ڇا ڪجي، مجبوري هئي جو ان مهل ملڪ ۾ رائج قانون اهو ئي هو". پر اهو ڪڏهن نہ چوندا يا مڃيندا آهن تہ جنهن مارشل لا جي قانون تحت اسيمبليون چونڊبيون ويون هيون. ان مطابق تہ 16 ڊسمبر کان پوءِ انهن جو (خاص ڪري قومي اسيمبليءَ جو) وجودءِ ڪيل ڪم غير آئيني ۽ غيرقانوني هئا.

ملڪ جي جمهوري سياسي پارٽين جي اڳواڻن، وڪيلن ۽ دانشورن کي انهن آئيني ۽ قانوني مسئلن جي چڱيءَ ريت خبر هئي. جيڪڏهن انهن مان ڪير بہ انهن نقطن کي اٿاري ها تہ ملڪ ۾ وڏو بحران اچي وڃي ها ۽ پوءِ شايد ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ حڪومت ڪرڻ ممڪن نہ رهي ها. پر انهن جمهوريت پسند ماڻهن گڏريل وڏي بحران کي نظر ۾ رکندي ملڪ کي ٻئي ڪنهن بحران ۾ وجهڻ کان پاسو ڪيو ۽ جناب ڀٽي جي "غيرقانوني" حڪومت کي بہ قانوني تسليم ڪيو. پر پوءِ ان ئي ڀٽي پير ڪوڙڻ شرط بلوچستان جي قانوني حڪومت کي فوج جي مدد سان ختم ڪيو (جنهن جو وڌيڪ احوال اڳتي ايندو). ان صورتحال مان هڪ ٻئي اهم نقطي بابت بہ وضاحت ٿئي ٿي. اهو جيڪو چيو ويندو آهي تہ ملڪ ٽٽڻ کان پوءِ ذوالفقار ڀٽي متفقہ آئين ڏنو ۽ ملڪ کي متفقہ طريقي سان هلايو سا ڳالهہ بلڪل غلط ۽ زميني حقيقتن جي ابتڙ آهي. گهڻي دير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تائين تہ اتفاق هلي بہ نہ سگهيو پر جيترو هلي سگهيو اهو مخالف ڌر جي پارٽين ۽ ليڊرن جي جمهوريت پسندي بردباري ۽ قربانين جي ڪري ممڪن ٿي سگهيو. جناب ڀٽي تہ اقتدار ۾ اچڻ شرط اختلافي عمل گيا جهڙوڪ ماڻهن کي مارشل لا تحت سزائون ۽ جمهوري قدرن کي پٺي ڏيندي پنهنجي ذاتي پسند جا گورنر مقرر ڪرڻ.

1972 ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريسن جو پهريون ڪنوينشن نوابشاهہ ۾ ٿيو جنهن ۾ نئين قيادت آڏو آئي جنهن مطابق شاهہ محمد شاهہ صدر، مدد علي سنڌي جنرل سيڪريٽري، امان الله شيخ نائب صدر ۽ عزيز پنگوار جوائنٽ سيڪريٽري ٿيا. انهن ڏينهن ۾ فيڊريشن جي ميمبر شپ وڌائڻ ۽ نئين آرگنائيزيشن ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تہ جساف جو سٺو اثر هو (جوان جي لڳ ڀڳ سموري قيادت اتان جي هئي) پر انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڪا گهڻي ميمبر شپ ڪا نہ هئي. مرڪزي قيادت ٽئين سال ۾ پڙهندڙ عبدالعزيز چنو جنهن کي عزيز سنڌي بہ سڏبو هوان کي انجنيئرنگ ڪاليج جو آرگنائيزر مقرر ڪيو. ان مون کي ميمبر ڪيو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ ميمبر شپ جي منهنجي رسيد عزيز چني جي صحيح سان ڪٽيل آهي. ڪجھ وقت کان پوءِ مرڪزي صدر شاهہ محمد شاهہ جي نگرانيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج يونٽ جي باڊي ٺاهي ويئي جنهن ۾ شاهہ مراد ٽالاٽي صدر ۽ مان جنرل سيڪريٽري ٿياسين. ٽالاٽي جيتوڻيڪ پڙهائيءَ ۾ مون کان هڪ سال جونيئر هو ۽ سياسي سرگرمي بہ گهڻي ڪو نہ ڪندو هو پر اڳ ۾ هو فيڊريشن جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري رهي چڪو هو تنهن ڪري ان ڳالھ جو لحاظ ڪندي ڪيس صدر بڻايو ويو. هونءَ بہ ان وقت عهدا ايترو مسئلو ڪو نہ هوندا هئا، هر ڪو پنهنجي ذهن، ضمير ۽ جذبي تحت ڪم ڪندو هو.

ڄامشوري جا اعليٰ تعليمي ادارا (يونيورسٽي، انجنيئرنگ ڪاليج، لياقت ميڊيڪل ڪاليج) هونءَ تہ تعليم جي لحاظ کان ۽ قومي تحريڪ جي حوالي سان سنڌ ۾ وڏي عزت ۽ احترام سان سڃاتا ۽ ياد ڪيا ويندا هئا پر انهن ۾ هڪڙي خراب رسم هوندي هئي خاص ڪري پروفيشنل ڪاليجن ۾. سينيئر شاگرد پهرئين سال ۾ ايندڙ ۽ هاسٽل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رهندڙ شاگردن سان fooling ڪندا هئا. مطلب تہ انهن سان بداخلاقي ۽ نازيبا حرڪتون ڪري انهن کي تنگ ڪندا هئا. وري جيڪڏهن ڪي ڇوڪرا شڪل جا سهڻا هوندا هئا تہ انهن سان وڌيڪ زيادتيون ڪندا هئا. اهو ڪم گهڻو ڪري ٻئي سال وارا ڪندا هئا پر ڪي ڪي "پروفيشنل دادا" ٽئين چوٿين سال ۾ اچڻ کان پوءِ بہ اهڙيون حرڪتون ڪندا هئا. انجنيئرنگ ڪاليج جو اسان کان ہہ سال سينيئر هڪڙو همراهہ سائين بخش لغاري ۽ ان جو ٽولو خاص طور مشهور هو. منهنجا جيئن تہ ٻئي، ٽئين ۽ چوٿين سال ۾ دوست هوندا هئا ۽ سياسي معاملن ۾ بہ شريڪ هوندو هئس ان ڪري ڪجهہ ٻين پهرئين سال وارن وانگر مون سان بہ ڪنهن ڪنئينس ڪا نہ ڪئي. ٻئي سال ۾ اچڻ تائين مون پنهنجي بئچ جي دوستن ۾ اهو هوم ورڪ ڪيو تہ اسان کي قومي جدوجهد جي ضرورت آهي ۽ ان ۾ اخلاق جي وڏي اهميت آهي تنهن ڪري اهو فولنگ جو سلسلو ختم ٿيڻ کپي. اهڙي طرح اسان جڏهن ٻئي سال ۾ آياسين تہ پهرئين سال وارن کي ڪنهن ڪجهہ نہ چيو. ان سال کان وٺي پوءِ انجنيئرنگ ڪاليج مان بيوقوفيءَ ۽ بداخلاقيءَ جي ان عمل جو خاتمو ٿي ويو. اڳتي هلي ايل ايم سي مان بہ ختم ٿي ويو.

بنگلاديش جي ٺهي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي قومي تحريڪ جي حوالي سان پهرين سرگرمي سائين جي ايم سيد جي سالگره هئي جيڪا سن ۾ ملهائي ويئي. پر پهريون ڀرپور سياسي جلسو 4 مارچ جي حوالي سان حيدرآباد ۾ ٿيو. بسنت هال ۾ منعقد ڪيل اهو جلسو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي گڏيل ميزبانيءَ هيٺ ٿيو. ان جلسي ۾ سائين جي ايم سيد کان علاوه سردار عطاءالله مينگل ۽ ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ بہ شريڪ ٿيا. قومي تحريڪ جي تاريخي پس منظر ۾ جلسو بسنت هال جي اندر رکيو ويو. جلسو شروع تہ اتي ٿيو پر ماڻهون ايترا گهڻا اچي ويا جو هال جي اندر پروگرام جاري رکڻ ممڪن نہ رهيو. شاباس هجي ٻنهي تنظيمن جي ليڊرن کي جو انهن نهايت مختصر وقت ۾ متبادل بندوبست ڪري ورتو ۽ پوءِ باقي جلسو بسنت هال ۽ پوسٽ آفيس جي وچ واري روڊ تي ٿيو. سائين جي ايم سيد جي جيئن تہ روايت هوندي هئي تہ هو پنهنجي صدارتي تقرير لکت ۾ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري وڏيڪ ويجھڙائي هئي، سو ان سان گڏجي مقرر تاريخ ۽ ٽائيم تي حيدر منزل تي پهتس. اها جون مهيني جي ارڙهين تاريخ هئي ۽ ان ڏينهن حيدر منزل مون پهريون پيرو ڏٺي. اها ئي ڳالهه آهي ته بعد ۾ سائين جي ايم سيد جي سرپرستي، شفقت، محبت، پيار ۽ پنهنجائپ جي ڪري حيدر منزل پنهنجي گهر وانگر محسوس ٿيندو هو ۽ جڏهن سائين سن کان ڪراچيءَ اچي رهندو هو ته مهينو ٻه مهينا مطلب ته جيترو به وقت اتي هوندو هو مان لڳ ڀڳ روزانو ساڻس ملڻ لاءِ حيدر منزل تي ويندو هئس، ائين ٿي جيئن روز ماڻهون پنهنجي گهر ويندو آهي.

اٽڪل ڏهين وڳي ڌاري اسان حيدر منزل تي پهتاسين. ڪجهه دير کان پوءِ آڳر تي لڳل تنبوءَ ۾ اجلاس شروع ٿيو. ماڻهن جو ڪو وڏو تعداد ڪو نه هو ڇاڪاڻ ته هڪڙا ماڻهون پيپلزپارٽيءَ ۾ وڃي چڪا هئا، ٻيا وري اقتدار ملڻ ڪري ان ۾ وڃڻ ۽ فائدا وٺڻ جي آسري ۾ هئا ۽ ان کان علاوه بنگلا ديش ٺهڻ جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ٽٽڻ ۽ "نئين پاڪستان" جي اعلانن سبب هڪ قسم جي غير يقينيءَ واري صورتحال هئي. اهڙي ماحول ۾ اليڪشن ۾ شڪست کاڌل، حڪومت ۽ رياست جي مخالف جي ايم سيد سان گڏ ويهڻ آسان ڪم نه هو ۽ نه ئي هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه. صحيح انگ ته ياد ناهي پر منهنجي اندازي مطابق 50 کان وڌيڪ ماڻهون موجود نه هئا. مان سڀني کي ته ڪو نه ٿو سڃاڻان پر جيڪي مُک ماڻهون هئا انهن ۾ سائينءَ کان علاوه رئيس غلام مصطفيٰ ٻرڙي، علڻ خان ٽيهو، امير علي شاهه (لياريءَ وارو)، اقبال ترين، شاهه محمد شاهه، امان الله شيخ، مدد علي سنڌي جا نالا اچن ٿا.

سياسي صورتحال تي گفتگو ٿي جنهن ۾ مون ڪو خاص حصو ڪو نه ورتو البته ڌيان سان نهايت غور ۽ ڌيان سان. ان کان پوءِ نئين صورتحال مطابق نئين جماعت ٺاهڻ جو فيصلو ٿيو. اهو مون کي ياد آهي ته جماعت جي نالي تي چڱو خاصو بحث ٿيو هو. 1970ع واري اليڪشن سائينءَ سنڌ متحده محاذ جي پليٽ فارم تان وڙهي هئي. ٻئي طرف ون يونٽ مخالف تحريڪ دوران ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو جيئي سنڌ جي عنوان وارو شعر انتهائي مشهور ٿيو هو ۽ ان تحريڪ جي سڀ کان اهم ۽ مقبول نعري جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي. ان کان متاثر ٿي جيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ٺهي چڪي هئي، سو هتي بہ جيئي سنڌ جي نالي واري پارٽيءَ تي زور ڏنو ويو. هڪڙي تجويز آئي تہ جيئي سنڌ متحده محاذ نالو رکيو وڃي پر اڪثريت جو خيال هو تہ جيترو ٿي سگهي اوترو نالو ننڍو ۽ اچارڻ ۾ آسان هجي. اهڙي طرح نئين ٺهندڙ پارٽيءَ جو نالو جيئي سنڌ محاذ منتخب ڪيو ويو. ان جي پروگرام جو پهريون، اهم ۽ بنيادي نقطو "سنڌ جي سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي آزادي" مقرر ڪيو ويو.

پارٽيءَ جو پهريون صدر سائين جي ايم سيد ۽ جنرل سيڪريٽري رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي مقرر ٿيا. سائينءَ جي تقرير جو هڪڙو جملو مون کي چڱي طرح ياد آهي. چيائين تہ "اڪثر چيو ويندو آهي تہ نوجوانن کي موقعو نٿو ڏنو وڃي، اڄ هِن اجلاس ۾ رڳو اسان بہ ڄڻا، مان ۽ رئيس (پرڳڙي)، وڏي عمر وارا آهيون. باقي توهان سڀ نوجوان آهيو. هاڻي جيڪي فيصلا ڪريو".

اجلاس جي پڄاڻيءَ تي سائين جي ايم سيد جي ميزبانيءَ جو مزو وٺڻ کان پوءِ امان الله ۽ مان واپس ڄامشوري لاءِ روانا ٿياسين. تاثير کي ڏسندي امان الله چيو تہ ڇو نہ فلم جو ميٽني شو ڏسجي. منهنجي بہ دل وٽان ڳالهہ هئي، سو اسان گڏجي نئين ٺهيل ڪيپري سينيما ۾ مشهور فلم Blow Hot Blow Cold ڏٺي سين ۽ پوءِ سومهڻيءَ ڌاري ڄامشوري پهتاسين.

انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ٻولي بل جو غوغاءُ هو. دراصل ون يونٽ مخالف تحريڪ جو هڪڙو اهم مطالبو سنڌيءَ کي پاڪستان جي قومي ۽ سنڌ جي سرڪاري زبان بڻائڻ لاءِ هو ۽ ظاهر آهي سنڌ اسيمبلي ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ جي نتيجي ۾ ئي وجود ۾ آئي هئي تنهن ڪري ان تي ٻوليءَ واري مسئلي جو وڏو سياسي ۽ اخلاقي دٻاءُ هو. اهو ان ڪري بہ هو تہ انگريزن جي غلاميءَ واري دور ۾ بہ سنڌي سنڌ جي سرڪاري زبان هوندي هئي ۽ انگريزن سميت ڪهڙو بہ ملازم سنڌ ۾ مقرر ٿيندو هو تہ ان لاءِ ڇهن مهينن ۾ سنڌي زبان سکڻ لازمي هوندي هئي.

سنڌيءَ کي سنڌ جي سرڪاري زبان بڻائڻ جو بل پهرين سيد ظفر علي شاهہ جمع ڪرايو. شاهہ صاحب آزاد اميدوار طور نواب شاهہ (هاڻوڪي نوشهروفيروز) ضلعي جي ڪنڊياري تعلقي مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو هو. پاڻ قومپرست خيالن جو هو ۽ سائين جي ايم سيد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خانداني لحاظ کان ويجهڙائي هئس. پر بل پاس ته صرف ان صورت مان ٿي سگهيو جڏهن پيپلزپارٽي ان جي حمايت ڪري. وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽو به پيپلزپارٽيءَ ۾ هوندي سنڌيت جون ڳالهيون ڪندو هو. ان شاهه صاحب کي تجويز موڪلي ته بل ڳڏيل صلاح سان پيش ڪجي. اهڙي طرح ٿوري ترميم سان (ڪجهه نرم ڪري) بل پيش ڪيو ويو ۽ 7 جولاءِ 1972 تي جڏهن ووٽنگ ٿي ته (ٻن عورتن سميت) 62 ميمبرن منجهان 51 ڄڻن جي حمايت سان بل پاس ٿي ويو. پيپلزپارٽيءَ جي ڪراچي شهر مان چونڊيل ٻن اردو ڳالهائيندڙ ميمبرن عبدالوحيد عرشي ۽ سيد سعيد حسن به بل جي حمايت ۾ ووٽ نه ڏنو. مخالفت ڪندڙن ۾ مهاجر پنجابي پٺاڻن متحده محاذ جو نواب مظفر ۽ جمعيت علماءِ پاڪستان ۽ جماعت اسلامي جا ميمبر شامل هئا.

ٻئي ڏينهن اردو اخبارن بل پاس ٿيڻ جي خبر کي منفي انداز ۾ ۽ اشتعال انگيز تبصرن سان شايع ڪيو خاص ڪري جنگ جيڪا اردوءَ جي سڀ کان وڏي اخبار هئي ۽ جنهن جا مالڪ دهليءَ جا پنجابي آهن ان تعصب، نفرت ۽ منافقت جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. اخبار جي سيني صفحن جي چوڌير ماتمي ڪاري پٽي ڏيئي ان تي رئيس امروهويءَ جي شعر جي سٽ "اردو کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے" ڇاپي. شاعر جو پنهنجو چوڻ هو ته مون اهو شعر ڪيترا سال اڳ ۾ ڪنهن ٻئي تناظر ۾ لکيو هو. بهرحال جنگ اخبار جيڪا سدائين سنڌ دشمن، عوام دشمن، متعصب ۽ پرو اسٽيبلشمنٽ ڪردار ادا ڪندي رهي هئي ان ماڻهن جي ذهن ۾ باهه ڀرڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي اها گهڻي حد تائين ڪامياب ويئي جو 8 جولاءِ جو سج مٿي چڙهندي ڪراچيءَ جي روڊن رستن ۽ گهٽين ۾ جنسي باهيون ٻرڻ لڳيون. نه رڳو سرڪاري ۽ نجي ملڪيتون ساڙيون ويون پر ٻوليءَ جي بنياد تي قتل ڪيا ويا. خدا بخش گبول، رشيد جدگال ۽ ٻيا نوجوان رڳو سنڌي هجڻ ڪري سنڌ جي گاديءَ واري شهر ۾ ماريا ويا. ان کان علاوه ٽنڊي ڄام ۾ بشير هاليپوٽي کي قتل ڪيو ويو. رد عمل ۾ لاڙڪاڻي، دادو ۽ ڪجهه ٻين شهرن ۾ ننڍا وڏا واقعا ٿيا.

ائين چئجي ته لياقت علي خان، هاشم رضا ۽ آءِ ايڇ حليم جهڙن متعصب ماڻهن نفرت جي جيڪا باهه ٻاري هئي ۽ جنهن تي نواب مظفر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهر تہ خالي هئا، ڪنهن ڪنهن ۾ ماڻهون موجود هئا. جيتوڻيڪ ان عمل کي مان غلط سمجهان ٿو ۽ پاڻ کي شرمسار بہ محسوس ڪريان ٿو پر ايترو ضرور آهي تہ ان "بري" عمل ۾ بہ سنڌين جي نسبتي چڱائي ظاهر ٿي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي قتل نہ ڪيو ويو نہ ئي ڪو شديد زخمي ٿيو. لڳ ڀڳ سمورا شاگرد هٽين خالي هئا، اتان گهر مان ئي ڪنهن لٽ ڪنئي ڪنهن تہ ڪنهن شيخ. منهنجي هٿ ۾ بہ هڪڙي شيخ هئي. هڪ گهر ۾ سوٽي تہ ماڻهون نظر آيو. مون اچا شيخ مٿي ورائي تہ پرسان ئي هڪ ٻئي ماڻهوءَ کي مون سان گڏ آيل هڪ شاگرد ڪاٺ جي ننڍي (سائيڊ) ٽيبل ايترو زور سان هنئي جو ٽيبل ڀڃي پئي ۽ ان ماڻهوءَ جي مٿي مان رت وهڻ لڳو. بس اُتي ئي مون هٿ روڪي ڇڏيو. مون سان گڏ ٻيا بہ ٽي دوست بہ ڏڪ هڻڻ واري کي جهلڻ ۾ ڏڪ کائڻ واري سان همدردي ڪرڻ لڳا. ڪجهہ دير کان پوءِ هاسٽلن تي موٽي آياسين.

جڏهن ملڪ ٺهڻ جي 25 سالن تائين عام راءِ دهي تحت چونڊون نہ ٿين ۽ هڪ ٻئي پٺيان فوجي آمريتون رهيون هجن تہ پاڪستان جهڙي گهڻ قومي ملڪ ۾ سنگين ۽ انتهائي اهم مسئلا پيدا ٿيڻ تہ فطري عمل هو. ماڻهن جي ووٽ سان چونڊيل سِول حڪومت کي اهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هجڻ کپي. پر نظر اچي پيو تہ پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت مشڪل مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ نہ تيار هئي ۽ نہ ئي ان وٽ ڪو پلان ۽ حڪمت عملي هئي. بس پارٽيءَ جي ليڊر جي نظر اقتدار تي هئي تنهن ڪري هر ايرندڙ مسئلو اُن کي ڪيس اقتدار تان هٽائڻ جي سازش نظر ايندو هوءِ وٽس هر مسئلي جو حل يا تہ ڏنڊو ۽ گولي هويا وري ميڙمنٽ ذريعي راضي ڪرڻ. سو سنڌ ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي بہ هن ائين ئي ڪيو. 80 سيڪڙو جي حمايت سان اسيمبليءَ مان قانون پاس ٿيڻ ڪانپوءِ ڪجهہ وڳوڙين طرفان بہ چار ڏينهن هنگاما ڪرڻ تي همراهہ پريشان ٿي ويو ۽ يڪدم سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ اديبن ۽ دانشورن کي راولپنڊي/ اسلام آباد گهرائي ورتائين. اردو وارن جي اڳواڻي رئيس امروهوي ۽ جميل الدين عالي ڪري رهيا هئا جڏهن تہ سنڌين ۾ قاضي فيض محمد، شيخ اياز ۽ ٻيا شامل هئا. اجلاس ۾ تہ الائي ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ صدرِ پاڪستان جناب ذوالفقار علي ڀٽي هڪ آرڊيننس جاري ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جنهن تحت سنڌ کي ٻن زبانن (سنڌي ۽ اردو) وارو صوبو قرار ڏنو ويو. سنڌي ٻارن لاءِ اردو ۽ غير سنڌين لاءِ سنڌي پڙهڻ لازمي قرار ڏني وئي. اردو کي ته اڳي ئي رياستي سرپرستي حاصل هئي، ان کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو. نتيجو اهو آهي ته سنڌي ٻار ته اردو پڙهن ٿا پر غير سنڌي سنڌي ڪو نه ٿا پڙهن.

پاڪستان جي "آزاد" ملڪ ۾ هڪ "سنڌي" صدر جي هٿان اهڙو قانون لاڳو ڪيو ويو جنهن سان سنڌين جي وطن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اها حيثيت به نه رهي جيڪا انگريز "سامراج" جي "غلاميءَ" واري دور ۾ هئي. سنڌ ۾ اردو کي سنڌيءَ جي برابر حيثيت ڏيڻ سان گڏ ٻي زباني طور اها ڳالهه طئي ڪئي وئي ته سنڌ ۾ آئنده گورنر ۽ وزيراعليٰ مان هڪڙو سنڌي ۽ هڪڙو مهاجر هوندو. ان معاهدي تحت پيپلزپارٽي جي سينيئر رهنما مير رسول بخش ٽالپر کي گورنر جي عهدي تان هٽائي ان جي جاءِ تي رانا لياقت علي خان کي رکيو ويو. هن ملڪ ۾ لکيل ۽ اسيمبلين جي پاس ڪيل قانونن تي ته عمل ڪو نه ٿو ٿئي پر ان "روايت" تي پوري "ايمانداريءَ" سان اڄ ڏينهن تائين عمل ٿيندو ٿو رهي.

پيپلزپارٽيءَ جي انهن ڪارنامن سنڌ ۾ مهاجرن جي الڳ حيثيت واري سوچ ۽ سازش کي عملي ۽ قانوني جواز مهيا ڪيا. تڏهن کان وٺي اهو سلسلو هلندو ۽ وڌندو رهيو آهي. 1988 ۾ وري خطرناڪ قسم جا سنڌي مهاجرا جهيڙا ٿيا. جيتوڻيڪ ڪجهه سنڌي "جوڌا" به قومپرستيءَ جي نالي ۾ نسل پرستيءَ وارن انهن فسادن ۾ حصيدار هئا پر ايم ڪيو ايم باقاعده منظم نموني انهن کي وڌايو. فوري پوءِ ٿيندڙ اليڪشن جي نتيجي ۾ پيپلزپارٽي اقتدار ۾ آئي ته ان جي ليڊر بينظير ڀٽو ايم ڪيو ايم جي مرڪز 90 تي وڃي حاضري ڀري ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ واضح اڪثريت هئڻ باوجود ان پارٽيءَ کي حڪومت ۾ حصو ڏنو. 2008 جي اليڪشن کان پوءِ به "مفاهمتي" پاليسيءَ تحت پ پ ۽ ايم ڪيو ايم اتحادي حڪومت ۾ گڏ رهيون. باوجود ان جي ته ان عرصي دوران ڪيترا دفعا ايم ڪيو ايم مختلف فورمن تي ۽ مختلف جواز ڄاڻائي سنڌ جي ورهاست ۽ الڳ مهاجر صوبي جا مطالبا ڪندي رهي. جيڪڏهن ڪو صحافي پ پ ليڊرن کان ان بابت پڇا ڪندو هو ته چوندا هئا ته "اسان بينظير ڀٽو جي مفاهمتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاليسيءَ تي عمل ڪري رهيا آهيون" ۽ اهو به ته "اسان ۾ متحده وارا هڪ گهر جا ڀاتي آهيون. دشمن اسان ۾ وٿي پيدا ڪرڻ ٿا چاهين". گويا بينظير جو نالو سنڌ جي مفادن کان وڌيڪ اهم هو ۽ پ پ ليڊرن جي خيال ۾ بينظير ڀٽو جي ذات تي دنيا دنگ هئي. بس ان جو نالو وٺي جيڪا وٽي سا سنڌ جي پيننگ ڪري ڇڏجي.

ان ڪري ئي ڏاها ماڻهون چوندا آهن ته پيپلزپارٽي اقتدار جي پارٽي آهي، اقتدار حاصل ڪرڻ يا ان کي بچائڻ خاطر اها ڪجهه به ڪري سگهي ٿي. ان جا ليڊر سنڌ جي مفادن تي سنڌ جي قومي دشمنن سان سمجهوتو ڪري سگهن ٿا ۽ جمهوريت جون پاڙون پٽڻ لاءِ اسٽيبلشمنٽ جا ساٿاري ٿي سگهن ٿا. ۽ حقيقت ۾ اهڙن مثالن سان ان پارٽيءَ جي تاريخ ۽ ان جي ليڊرن جو ڪردار ڀريو پيو آهي. اڄ سنڌ ۾ جيڪا نسلي ۽ لساني تفريق عروج تي پهتل آهي ۽ سنڌ جي قومي وجود کي خطرا وڌندا پيا وڃن ان ۾ پيپلزپارٽيءَ جي ٻولي بل کان وٺي زرداري حڪومت تائين جي پاليسين جو وڏو حصو آهي.

ٻولي بل ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن بابت سنڌي عوام سان سڌو رابطو ڪرڻ خاطر سائين جي ايم سيد سنڌ جي دوري تي روانو ٿيو. سائين جي ايم سيد بابت ٻين ڪيترن ڪوڙين ڳالهين، غلط بيانين، بهتان بازين ۽ ڪردار ڪشيءَ جي مهم سان گڏ هڪ پروپيگنڊا اها به ڪئي ويندي آهي ته "سيد عوام ۾ يقين ئي نه رکندو آهي" يا "عوام کي اهميت ئي نه ڏيندو آهي" جڏهن ته حقيقت ان جي صفا ابتڙ آهي. ان جو سڀ کان وڏو ثبوت ته اهو آهي ته جڏهن به سائينءَ کان پڇيو ويندو هو ته "توهان جي قومي آزاديءَ واري جدوجهد ڪڏهن ڪامياب ٿيندي" ته سندس ٺهه پهه جواب هوندو هو ته "جڏهن سنڌي عوام جي اڪثريت اسان جو ساٿ ڏيندي". دنيا ڄاڻي ٿي ته پاڪستان ۾ گذاريل پنهنجي 48 سالن جي زندگيءَ جا اٽڪل 30 سال سيد قيد ۾ گذاريا پر جڏهن به کيس آزاد ڪيو ويندو هو ته هو سنڌي ماڻهن سان ملڻ لاءِ نڪري پوندو هو. جنرل ايوب جي حڪومت ۾ 8 سال قيد ڪاٽڻ کان پوءِ جيئن ئي آزاد ٿيو ته بزمِ صوفياءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان سڄي سنڌ ۾ ڪانفرنسون ڪرايائين جيڪي مختلف درگاهن جي ميلن تي منعقد ڪيون ويون ۽ انهن ۾ سمورا عام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماٺهون شريڪ ٿيندا هئا.

ذوالفقار علي ڀٽي ۽ جنرل ضياءالحق جي گڏيل 14 سالہ قيد ختم ٿيڻ شرط سائين عوامي رابطي جي مهم تي نڪري پيو جنهن دوران لاڙڪاڻي مان گرفتاريءَ بعد وري قيد ڪيو ويو. ان مان جيئن ئي رهائي مليس تہ وري عوامي رابطي کي اتان ئي شروع ڪيائين جتي ٽٽو هو. تڏهن وري سنڌ پنجاب سرحد تان بينظير ڀٽو حڪومت ڪيس گرفتار ڪري حيدر منزل ڪراچيءَ ۾ نظربند ڪيو.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ پاڪستان جا سمورا حڪمران محمد علي جناح کان وٺي ذوالفقار علي ڀٽي تائين وارا "جناح، ۽ ايوب خان کان وٺي ضياءالحق تائين جا سڀئي "ڊڪٽيٽر" جي ايم سيد جي آزادي ۽ عوامي رابطي کان ايڏو خوفزده ڇو هئا؟ اصل ۾ انهن ڄاتو ٿي تہ سيد وٽ ئي حقيقي تبديلي ۽ سنڌ جي نجات جو پروگرام آهي، جيڪڏهن اهو پروگرام سنڌي عوام تائين پهچي ويو تہ پوءِ سنڌن سمورا نگيءَ جا ٺاهہ پورا ٿي ويندا ۽ سنڌن ڪوڙ تي بيٺل ڪاڪ محل ڍهي اچي پٽ پوندا.

سو پنهنجي روايت کي برقرار رکندي سائين ڪراچيءَ کان دورو شروع ڪيو. ٺٽي کان ٿيندو حيدرآباد پهتو تہ مسلم ڪاليج جي ميدان تي ٿيل جلسي ۾ مٿس بم سان حملو ڪيو ويو جنهن ۾ سندس قريبي ساٿي دوست محمد پراچا شهيد ٿي ويو ۽ هڪ ٻيو ساٿي عمر شورو جنگهہ کان معذور ٿي ويو. ان دوري دوران سائينءَ حڪومت جي پاليسين تي تہ تنقيد ڪئي پئي پر ذاتي طور ڀٽو خاندان جي اخلاقي حمايت پئي ڪيائين. ٻيو ائين تہ سنڌي ٻولي بل خلاف جيڪي هنگاما ڪيا ويا انهن ۾ مجموعي طور سنڌي ماڻهن خلاف بدتميزيءَ تي ٻڌل نعرا هڻڻ ۽ پٽين تي لکڻ کان علاوه صدر ذوالفقار علي ڀٽ جي گهرواري نصرت ڀٽو ۽ ڌيءَ بينظير ڀٽو خلاف ذاتي طور گندي زبان استعمال ڪئي ويئي ۽ انهن جون نازيبا تصويرون پٽين تي ناهيون ويون. پنهنجي تقريرن ۾ سائين جي ايم سيد ٻولي بل ۽ ٻين معاملن بابت حڪومتي ڪردار تي تنقيد ڪرڻ سان گڏ اهو بہ چيو تہ "ڀٽي جي نياڻي اسان جي نياڻي آهي ۽ ڀٽي جي زال اسان جي عزت آهي".

بهرحال جيئن سائينءَ پنهنجي روايت کي جاري رکيو تيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حڪمرانن بہ پنهنجي ريت کي برقرار رکيو. حڪمران ايوب ۽ يحيٰ جهڙا فوجي ڊڪٽيٽر هجن يا ڀٽي جهڙا سويلين مارشل لا ايڊمنسٽريٽر واڊو قائدِ عوام هجن اهي رڳو طاقت جي ٻولي ڳالهائيندا ۽ سمجهندا آهن ۽ انهن جي بنيادي وفاداري رياستي ادارن سان هوندي آهي. جي ايم سيد جيئن تہ رياستي ادارن جي جوڙجڪ ۽ انهن جي ڪردار ۾ بنيادي تبديلين جو طلبگار هو تنهن ڪري ان جي خلاف سيني جو رويو ساڳيو هو. جيئن ئي سائين سکر پهتو تہ سندس طبيعت خراب ٿي پيئي جنهن ڪري وڏيڪ دورو جاري رکڻ مشڪل ٿي پيو. دورو ختم ڪري جيئن ئي واپس پهتو تہ کيس سن ۾ نظربند ڪيو ويو.

اتي هڪڙي دلچسپ صورتحال سامهون اچي ٿي. "عوامي ليڊر" ۽ "جمهوريت جو چيمپيئن" چوائيندڙ ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت سنڌي ٻوليءَ جي مخالفت ۾ هنگاما ڪندڙن، بسن، ڪارڪن، آفيسن، گهرن ۽ بين ملڪيتن کي باهيون ڏيندڙن، ٻوليءَ جي بنياد تي انسانن کي تتل ڪندڙن سان ۽ سندس زال ۽ ڌيءُ کي گاريون ڏيندڙن سان تہ ڳالهيون ڪري انهن سان معاهدا ڪيا پر سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم جي جائز حقن لاءِ پرامن طريقي سان آواز اٿاريندڙ ۽ "ڀٽو عورتن" جي بحيثيت سنڌي عورتن جي عزت ۽ وقار جو دفاع ڪندڙ جي ايم سيد کي قيد ڪيو.

ٻولي بل جي حوالي سان پيدا ٿيندڙ صورتحال جو هڪڙو پيو بہ ذڪر لائق تصو آهي. بل اسيمبليءَ ۾ پيش ۽ پاس ٿيڻ دوران وڏي وزير ممتاز علي ڀٽي پنهنجو ڏيکاءُ (Posture) قومپرست وارو رکيو ۽ بل پاس ٿيڻ سان سنڌ ۾ سندس مقبوليت ۾ بہ واڌارو ٿيو. اها صورتحال (مختلف سببن جي ڪري) مهاجرن ۽ سندس سئوٽ ۽ ليڊر ذوالفقار علي ڀٽي ٻنهي کي پسند ڪا نہ آئي. سو پنهنجي ليڊر جي دٻاءَ تي ممتاز ڀٽي صاحب لالو کيت (لياقت آباد) ۾ جلسو ڪيو ۽ اتي مهاجرن کان ٻانهون ٻڌي معافي ورتي. جنگ اخبار ٻئي ڏينهن تي ٻانهون ٻڌل ممتاز علي ڀٽي جا ٽي چار پوز فرنٽ پيج تي ڇاپي ڇڏيا. سنڌ جو قومپرست ليکڪ (ان وقت جو بعد جو ليڊر) عبدالواحد آريسر ڪتابي سلسلو پيغام ڪيندو هو ان ممتاز صاحب جي جنگ اخبار ۾ ڇپيل تصويرن مان هڪڙي پنهنجي پرچي جي بئڪ پيج (پوئين صفحي) تي هنن لفظن سان ڇاپي "س۔ م۔ لاهوتي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏهيسر". دراصل پيپلزپارٽي جي نمائنده اخبار هلال پاڪستان جوان وقت ايڊيٽر جناب سراج الحق ميمڻ هو جيڪو اخبار ۾ مضمون س۔ م۔ لاهوتي جي نالي سان لکندو هو۽ هلال پاڪستان اخبار ۾ ممتاز علي ڀٽي کي سنڌ جو ڏهيسر ڪري لکيو ويندو هو. جنگ اخبار کي ته ڪجهه ڪو نه ٿيو البته عبدالواحد آريسر تي ممتاز صاحب ڏمرجي پيو ۽ مٿس ڪيس داخل ڪري گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا ويا. گرفتاريءَ کان بچڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجو هليو تبديل ڪرڻ خاطر هُن ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏي جيڪا وري ڪڏهن نه رکيائين. اهڙي طرح مولوي عبدالواحد آهه جو دور پورو ٿيو ۽ هڪ ترقي پسند قومپرست اڳواڻ عبدالواحد آريسر جو دور شروع ٿيو. شايد ان لاءِ اسان کي ممتاز ڀٽي جو ٿورائتو ٿيڻ کپي.

سال 1972 جو هڪ ٻيو اهم واقعو شملا معاهدو هو. ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ٿيندڙ ان معاهدي جا سنڌ تي ٻه الاهي گهاٽا ۽ نهايت منفي اثر ٿيا. اوڀر بنگال جي عوام جي فيصلي کي رد ڪرڻ کان پوءِ انهن جي قومي جذبي کي بندوق سان شڪست ڏيڻ جي خواهش ۽ ڪوشش ۾ پاڪستاني فوج جيڪا 25 مارچ 1971 تي ڪارروائي شروع ڪئي هئي ان جو انت 16 ڊسمبر 1971 تي ٿيو جڏهن ڍاڪا جي پلٽن ميدان ۾ ان فوج ڀارتي فوج جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ بنگلاديش وجود ۾ آيو. 90 هزار کان مٿي پاڪستاني فوجي جنگي قيدي بڻجي ويا. مقامي ۽ عالمي سطح تي اهو خدشو محسوس ڪيو پئي ويو ته بنگالي ماڻهون ردِ عمل ۾ اشتعال ۾ اچي انهن فوجين کي ڪو نقصان نه پهچائين تنهن ڪري فوري طور انهن کي هندستان جي جيلن ۾ منتقل ڪيو ويو.

1971 تائين پاڪستان جي جنگي حڪمت عمليءَ جو "سونهري" اصول اهو هوندو هو ته "اوڀر جو دفاع اولهه ۾". سو جڏهن اوڀر بنگال ۾ هندستاني فوج حملو ڪيو ته پاڪستاني فوج اولهندي سرحد کان حملو ڪيو. پر 16 ڊسمبر کانپوءِ جڏهن آمريڪا ۽ سوويت يونين جي مدد سان جنگبندي ٿي ته پاڪستان جي قبضي ۾ آيل ڀارتي علائقي جي ڀيٽ ۾ هندستان جي قبضي ۾ آيل پاڪستاني علائقو (سنڌ ۽ پنجاب ۾) ائوڻ ڏهوڻ وڌيڪ هو.

سو ان پس منظر ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو (جنگي جنون ۽ ڀارت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دشمنيءَ جي بنياد تي مليل) پنجابي ماڻهن جي ووٽ ۽ فوجي اسٽيبلشمنٽ جي مدد سان اقتدار ۾ آيو ته مٿس پارٽ جي قيد ۾ فوجين کي ڇڏرائڻ ۽ ان جي قبضي ۾ آيل پاڪستاني علائقو واپس وٺڻ لاءِ سخت دٻاءُ هو. ان ڪري هُن انڊيا وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اهو سوچيندي ته جي ايم سيد جا انڊين نيشنل ڪانگريس سان پراڻا لاڳاپا هئا پٽو سائينءَ سان مليو ۽ گڏجي هلڻ لاءِ چيائينس. . سائين جواب ۾ چيو ته "مان وفد ۾ ڪو نه هلندس، جي ويندس ته اڪيلو ويندس". ان معاملي جو تفصيلي احوال جناب پٽي جي ويجهي صلاحڪار رفيع رضا پنهنجي حياتيءَ جي احوال ۾ ڏنو آهي. سندس موجب ته صدر پاڪستان جي چوڻ تي پاسپورٽ ۽ ويزا خاطر ڪجهه ڪاغذ هُن سيد کان ورتا. هو لکي ٿو ته "ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن مون پٽي صاحب کي سيد بابت ياد ڏياريو ته هن چيو ته "ان کي وساري ڇڏ" (Forget about it) پيپلزپارٽيءَ جا ڪجهه اڳواڻ ان عمل کي ذوالفقار علي پٽي جي هوشياري ۽ چالاڪي چوندا آهن.

بهرحال هو پارٽ ويو ۽ هماچل پرديش جي مشهور تفريحي شهر شملا ۾ پارتي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ سان ڳالهين ڪان پوءِ هڪڙو معاهدو ڪيائين جنهن کي شملا معاهدو چيو ويو. اهي ڳالهيون ڪيئن ٿيون، ڪنهن جو ڪهڙو ڪردار هو ۽ ذوالفقار علي پٽي ڪيئن اندرا گانڌيءَ کي منٿون ڪيون ان بابت ڪيترا ليکڪ مختلف ٻولين جي ڪتابن ۾ ذڪر ڪري چڪا آهن. ان معاهدي مطابق پنهنجا جنگي قيدي ۽ زميني علائقا واپس وٺڻ جي بدلي ۾ پاڪستان راضي ٿيو ته ڪشمير مسئلي کي ٻه طرفن ڳالهين ذريعي حل ڪيو ويندو ۽ بنگلاديش ۾ رهندڙ (۽ پاڪستاني فوج جو ساٿ ڏيندڙ) اڍائي لک بهارين کي پاڪستان ۾ آڻي آباد ڪيو ويندو. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "نانگ جو ڏنگيو نوڙيءَ کان ڏڄي". پيو پهاڪو اهو به آهي ته "اُٺ تڏهن ٿي رڙيا جڏهن ٻورا ٿي سبيا". سو معاهدي جي خبر اچڻ شرط سنڌ جي ماڻهن جا ڪن کڙا ٿيا ۽ پاڪستاني رياست جي ڪردار ۽ سنڌ سان کيل ورتاءَ جي تاريخ جي روشنيءَ ۾ محب وطن ماڻهن سمجهي ورتو ته اهي جيڪي به بهاري پاڪستان ايندا اُهي سنڌ ۾ ئي آباد ٿيندا.

بهارين کي آڻڻ جي اعلان جو سنڌ ۾ فوري ۽ شديد ردِعمل ٿيو. پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انهن ڏينهن ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن شاگردن جي سڀ کان مقبول تنظيم هئي. ٻي ڪاهي ڌر جي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن هئي جڏهن ته پيپلزپارٽي حڪومتي مشينريءَ جي زور تي پنهنجي نئين ٺهرايل سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي زور وٺرائڻ لاءِ نهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهي هئي. هتي هڪ ڳالهه جي نشاندهي ضروري آهي، خاص ڪري انهن ماڻهن لاءِ جيڪي پنجاب مان ڏکڻ کان پوءِ پيپلزپارٽيءَ کي سنڌ ۾ سنڌين جي جماعت ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن يا سپاف جي ڪم جو دائرو حيدرآباد ۽ سکر ڊويزنن تائين محدود هو. تنظيمي طور انهن کي ڪراچيءَ ۾ پير پائڻ جي اجازت نه هئي ڇاڪاڻ ته ڪراچيءَ لاءِ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي نالي سان الڳ تنظيم هئي جنهن جو سڌو سنئون واسطو مرڪز سان هو. ساڳيءَ ريت پيپلزپارٽيءَ جي ڪراچي شاخ به سڌي طرح مرڪز سان لاڳاپيل هئي. اهو سڀ ڪجهه هڪ زبردست تحريڪ جي نتيجي ۾ ون يونٽ جي ٽٽڻ ۽ ڪراچيءَ جي واپس سنڌ جي گادي ٻڻجڻ کانپوءِ تي رهيو هو.

1973 جو سال ايندي ايندي سپاف ۽ جساف جي وچ ۾ ۽ مجموعي طور پيپلزپارٽي ۽ قومي تحرڪي جي وچ ۾ محاذ آرائي زور وٺندي ويئي. سائين جي ايم سيد ٻولي معاملن کان وٺي گهر ۾ نظربند هو ان ڪري سندس سالگرهه جو روايتي پروگرام 17 جنوريءَ تي نندي پئماني تي سن ۾ ٿيو جڏهن ته سالگرهه جو ڀرپور جلسو هفتو پوءِ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان حيدرآباد ۾ غلام مصطفيٰ پرڳڙي صاحب جي بنگلي جي ميدان تي ٿيو. ان جاءِ تي هاڻي پرڳڙي فليٽ ٺهيل آهن. جلسي هلندي ۾ اُتي خبر آئي ته سائين جي ايم سيد جي نظربندي ختم ڪئي ويئي آهي. ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ سان منهنجي پهرين ملاقات اتي ٿي. جلسي ۾ هڪڙو ننڍو ناخوشگوار واقعو به ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جو پروفيسر، سائين جي ايم سيد جو دوست ۽ پراڻو ڪانگريسي قاضي مرتضيٰ اردوءَ ۾ تقرير ڪري رهيو هو ته شهدادپور سان واسطو رکندڙ جذباتي ڪارڪن محمد صديق دائود پوٽو (جيڪو اڳتي هلي منهنجو دوست ٿي ويو) اٿي بيٺو ۽ زور سان چوڻ لڳو ته "بند ڪرايو اردوءَ ۾ تقرير"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻ ۾ اهليت ۽ صلاحيت پيدا ڪن ۽ پنهنجو اخلاق ۽ ڪردار بهتر بڻائين. ايندڙ وقت ۾ "نوجوانن" سائينءَ جي ان نصيحت تي ڪيترو عمل ڪيو اها هڪ الڳ ۽ مڪمل ڪهاڻي آهي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "ڏکن جا شاهد ڦٽ هوندا آهن". ايتروپڪ سان چئي ٿو سگهجي ته اڪثريت نصيحت جي ابتڙ عمل ڪيو ۽ پوءِ نتيجي طور اڄ قومي تحريڪ جي عمومي طور ڪهڙي صورتحال آهي تنهن کي دنيا ڄاڻي ٿي. قومي ڪارڪن جو ڪردار اهو هجڻ کپي ته پنهنجا ذاتي مفاد اجتماعي مفادن تي قربان ڪري پر هتي قومي تحريڪ کي ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ ۽ دولت گڏ ڪرڻ جو ذريعو بڻايو ويو. ڳالهه ايستائين پهتي آهي ته جنهن همراهه ۾ زندگيءَ جو ڪو به ڪم ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي صلاحيت ناهي اهو "قومي ڪارڪن" ۽ پوءِ ترقي ڪري ليڊر بڻجيو وڃي. قومي ڪارڪن عوام جو دوست، همدرد، همراز ۽ هڏڏوکي هوندو آهي. هتي اهي وڏيرن وانگر عام سنڌي ماڻهوءَ کي پنهنجو هاري ڪڙمي ٿا سمجهن. قومي ڪارڪن جو ڪردار اهڙو هجڻ کپي جو عوام ان سان محبت ڪري جڏهن ته اڄ جي سنڌ جو ماڻهون ان کان خوف ٿو کائي ۽ ڪن حالتن ۾ ته نفرت ٿو ڪري. هجڻ ائين کپي ته رياستي ادارن جي ناانصافين، ڌاڙين ۽ بدمعاشين کان بچاءَ لاءِ عام ماڻهون قومي ڪارڪنن ڏانهن ڏسي پر هتي صورتحال بلڪل ابتڙ آهي. پاڪستان جا رياستي ادارا جيڪي پنهنجي بدڪردارين، بد اعمالين ۽ ڪرپشن جي ڪري دنيا ۾ مشهور آهن اهي جڏهن سياسي / قومي ڪارڪنن خلاف وٺ پڪڙ ڪن ٿا (2014_15) ته عام ماڻهون خاموش رهن ٿا ۽ ڪن حالتن ۾ ته خوش ٿين ٿا جڏهن ته 60 ۽ 70 جي ڏهاڪن دوران جيڪڏهن ڪو ڪارڪن گرفتار ٿيندو هو ته غير سرڪاري ميڊيا بڙي هجڻ باوجود سڄي سنڌ ۾ احتجاج ٿيندو هو. علم ۽ شعور جي حساب سان سياسي ڪارڪن اڪثريت ماڻهن کان اڳتي وڌيل هجي پر هتي ته اڪثر ڪارڪنن کي، ۽ ڪيترن ليڊرن کي پنهنجو نالو به لکڻ نٿو اچي. سوچ جي لحاظ کان سياسي ڪارڪن ۾ اها صلاحيت هجي ته سماج کي ترقيءَ جي رستي تي اڳتي وٺي هلي سگهي پر هتي ته ان جي پنهنجي سوچ توڙي عملي رويو رجعت پسند ۽ بدبودار جاگيرداراڻي سماج وارو آهي. مختصر ۾ چئجي ته قومي / سياسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي قومي تحريڪ کان سِکندا ۽ اتساهہ حاصل ڪندا هئاسين. هاڻي توهان کي چا ٿي ويو آهي". سو سائين جي ايم سيد جي مسلم ڪاليج ۾ ڪيل نصيحت تي اسان اجهو اهو ۽ اهڙو عمل ڪيو آهي. جلسي کان پوءِ سائين پرڳڙي صاحب جي بنگلي تي پهتو جتي رات ترسڻي هيس. سنڌس ڪجهہ دوست ۽ ڪارڪن بہ اتي پهتا جن ۾ مان بہ هئس. اهو پهريون دفعو هو جو مان سائين جي ايم سيد جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيس جيتوڻيڪ اها هئي بلڪل مختصر- ڪجهہ دوستن سائينءَ سان فوٽا ٿي ڪڍرايا سو مون بہ هڪڙو ڪڍرايو جنهن ۾ مدد علي سنڌي، ناز سنائي ۽ ٻيا ڪجهہ دوست شامل آهن. اڄڪلهہ اهو فوٽو انٽرنيٽ تي ڪافي نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ بعد ۾ سائينءَ سان تمام گهڻي ويجهڙائي ۽ نيازمندي رهي پر مون کي فوٽو ڪڍرائڻ جو گهڻو شوق نہ هوندو آهي ان ڪري تمام ٿورن فوٽن منجهان اهو بہ منهنجي لاءِ يادگار آهي.

جيئن اڳ ۾ بہ ذڪر ٿيو تہ سنڌ يونيورسٽي ان وقت قومي تحريڪ جو مرڪز هئي تنهن ڪري قومي تحريڪ جي رهنما سائين جي ايم سيد جو بہ ان وقت ان سان خاص تعلق هو. قومپرست ۽ ٻين ترقي پسند شاگردن جا ٽولا تہ سائينءَ سان سيڙجي ڪچهريون ڪرڻ لاءِ سن ويندا هئا پر سائين پاڻ بہ ڪڏهن ڪڏهن شاگردن سان ملڻ لاءِ يونيورسٽي ايندو هو. ائين ئي هڪ دفعي ڪراچيءَ ويندي سائين انٽرنيشنل هاسٽل ۾ شاهہ محمد شاهہ وارن جي ڪمري تي آيو. خبر پوڻ تي مان بہ شاهہ لطيف هاسٽل مان اوڏانهن ويس پر بس رڳو سائينءَ سان ملاقات ٿي سگهي ڪچهري ڪا نہ ٿي جو هوان مهل روانو ٿيڻ وارو هو. ان پسمنظر ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سائين جي ايم سيد جي مان ۾ سنڌي شام جو پروگرام رکيو ويو. دراصل ان سال يونيورسٽيءَ جي شاگرد يونين ۾ جساف جو سڄو پئنل کٽي آيو هو جنهن ۾ صدر يوسف جکراڻي، جنرل سيڪريٽري عزيز ڀنگوار ۽ جوائنٽ سيڪريٽري نظر محمد جوڻيجو چونڊيا هئا. ان يونين جي طرفان اهو پهريون وڏو پروگرام هو. پروگرام تمام وڏو ۽ نهايت شاندار ٿيو. اهو وقت اچڻ تائين ذوالفقار علي ڀٽي جا اصلي رنگ ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا ۽ سائين جي ايم سيد جهڙن ماڻهن پاڪستان ۾ جمهوريت اچڻ جي حوالي سان هن همراهہ ۾ جيڪي ٿوريون گهڻيون اميدون رکيون هيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اهي ختم ٿي چڪيون هيون. تنهن ڪري سنڌي شام جي ان پروگرام ۾ سائين جي ايم سيد پنهنجي روايتي طور لکيل تقريرِ ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ سنڌو ديش جو پروگرام ڏنو.

سال 1973 جي ابتدائي ڏينهن ۾ پاڪستان جو نئون آئين ٺهڻ جي آخري مرحلن ۾ هو. شروع ۾ آئين ٺاهڻ واري پارلياماني ڪميٽيءَ جو سربراهه ميان محمود علي قصوري هو پر هو هڪ جهونو ۽ سنجيدو سياسي اڳواڻ هو جنهن زندگيءَ جو ڪافي حصو نيشنل عوامي پارٽيءَ جهڙي اصول پرست پارٽيءَ ۾ گذاريو هو سو هو ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصي حاڪميت ۽ ان جي آمراڻن ۽ فسطائي طريقن سان حڪومت ۾ گڏ هلي نه سگهيو ۽ ڇڏي ويو جنهن کان پوءِ آئيني ڪميٽيءَ جو چڱو مڙس عبدالحفيظ پيرزادي کي مقرر ڪيو ويو. جيئن مسودو تيار ٿيو ته ان تي بحث شروع ٿي ويو. آئين ڇا هئو وفاق جي نالي ۾ "نئين پاڪستان" کي انتهائي مرڪزيت پسند رياست بڻايو ويو هو. سنڌي، بلوچ، پنجابي ۽ پختون قومن جي وجود کان انڪار ڪيو ويو هو ۽ انهن جي قدرتي وسيلن، ساحلن ۽ آمدنيءَ جي ٻين اهم ذريعن کي مرڪز جي ملڪيت قرار ڏنو ويو هو. اردوءَ کي قومي ٻولي ۽ اسلام کي رياست جو سرڪاري مذهب بڻايو ويو هو. مختصر ۾ ائين چئجي ته هن وقت تائين پنجاب جي بالادستيءَ واري مرڪز طرفان ملڪ ٺاهيندڙ وحدتن جي جيڪا ڦرلٽ غيرقانوني طور ٿيندي هئي هن نئين آئين ذريعي ان کي قانوني بڻايو ويو.

سنڌ جي قومي رهنما سائين جي ايم سيد ۽ ان جي رهنمائيءَ ۾ ڪم ڪندڙ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان ان کي قومن جو قاتل آئين چئي رد ڪيو ويو ۽ ان جي خلاف سڄي سنڌ ۾ مهم هلائي ويئي. فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽري مدد علي سنڌيءَ جي ادارت ۾ هلندڙ ڪتابي سلسلي اڳتي قدم جو "نئون آئين نه کپي" جي عنوان سان خاص شمارو ڪڍيو ويو جڏهن ته جناب عبدالواحد آريسر جي پرچي پيغام ۾ پڻ ان آئين بابت ڪافي مواد ڇپيو هو.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه کي پ پ حڪومت حسن علي عبدالرحمان جي جاءِ تي مقرر ڪيو هو. اهو ثورو لاهڻ ۽/ يا ڀٽي کي راضي ڪرڻ خاطر هُن آئين ٺاهڻ تي حفيظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پيرزادي کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيڻ جو پروگرام رٿيو. ان مقصد لاءِ هن سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڪنووڪيشن 28 اپريل 1973 تي گهرايو جنهن جي خاص مهمان بيگم نصرت ڀٽو کي بڻايو ويو. غلام مصطفيٰ شاهه جنهن کي ڪافي ماڻهون قومپرستيءَ جي ڪاتي ۾ وجهندا آهن ان طرفان اهو پيپلزپارٽيءَ قومي تحريڪ کي آمهون سامهون بيهارڻ وارو عمل هو. قومي تحريڪ جي هڪ مرڪز سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قوم دشمن آئين کي مڃتا ڏيڻ هڪ اهڙو عمل هو جنهن جي خلاف احتجاج ڪرڻ قومپرستن رڳو نه رڳو ضروري هو پر اها انهن جي مجبوري هئي.

جيئن ذڪر تي چڪو ته جيئي سنڌ محاذ اڃا تازو ئي ٺهيو هو ۽ سائين جي ايم سيد جي مسلسل نظربنديءَ رئيس پرڳڙي جي بيماري سبب منظم ۽ متحرڪ ٿي نه سگهيو هو تنهن ڪري جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ئي ان وقت قومي تحريڪ جو مکيه مورچو هئي. فيڊريشن جي قيادت 28 تاريخ تي احتجاج جو فيصلو ڪيو. فيڊريشن جو صدر شاهه محمد شاهه هو ان ۾ شين کي متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ جي سٺي صلاحيت هئي. مان جساف ۾ ايترو سينيئر ڪو نه هئس جو صلاح مشوري ۾ شامل ڪيو وڃان بس اهو اطلاع هو ته ڪنووڪيشن ۾ احتجاج ڪبو البته ڪنووڪيشن کان اڳ واري رات اتحادي تنظيم سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اڳواڻ احمد خان جمالي، جيڪو انجنيئرنگ ڪاليج ۾ مون کان هڪ سال سينيئر هو سو منهنجي ڪمري تي آيو ۽ صبح تي ٿيندڙ ڪنووڪيشن ۾ متوقع احتجاج جي ضرورت ۽ اهميت بابت ڪچهري ڪيائين.

ڪنووڪيشن فزڪس ڊپارٽمنٽ جي ٽلهي تي رکيو ويو هو. صبح جو اوڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتاسين ته يونيورسٽيءَ جو ماحول عجيب نظر آيو. ائين پئي محسوس ٿيو ته جڻ پيپلزپارٽيءَ وارا ڄامشوري تي قبضو ڪرڻ نڪتا آهن. جنهن پاسي نظر ڪر ته پ پ جي جهنڊن سان ليس بسون، ٽرڪون، وينون، ڪارون ۽ ٻيون گاڏيون هيون. مختلف قافلن جي قيادت مختلف وزير، ايم اين اي ۽ ايم پي اي ڪري رهيا هئا. ائين سمجهه ۾ پئي آيو ته شاگردن ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ کان پوءِ حڪمران جماعت اهڙي نموني پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاهيو. اهو سڀ ڪجهه ان حڪومت ۾ ٿي رهيو هو جنهن جو وزيراعظم (ذوالفقار علي ڀٽو) ۽ وزيراعليٰ (ممتاز علي ڀٽو) ولايت جي يونيورسٽين مان پڙهي آيا هئا. ڪير انهن کان پڇي ها تہ ڇا يورپ ۽ آمريڪا ۾ يونيورسٽين سان اهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو آهي؟ پر ان ڳالهہ ۽ ان ڳجهارت کي اهي ماڻهون بهتر سمجهن ٿا جن مارڪسي علم پڙهيو آهي. ان موجب جاگيردار هر شيءِ کي پنهنجي جاگير ۽ سيني ماڻهن کي پنهنجو هاري سمجهندو آهي ۽ ان ۾ ذرو بہ شڪ ناهي تہ پيٽا ڀائر (سئوت) يورپ ۽ آمريڪا مان ڊگريون وٺڻ جي باوجود پنهنجي سوچ، عمل ۽ ڪردار ۾ مڪمل ۽ مثالي جاگيردار هئا.

پروگرام شروع ٿيڻ کان ٿورو اڳ ۾ اسان هوريان هوريان ٿي پنڊال جي ٻاهران گڏ ٿياسين شاهہ محمد شاهہ جي اڳواڻيءَ ۾. جن ٻين دوستن جا نالا ۽ چهرا مون کي ياد آهن انهن ۾ مدد علي سنڌي، امان الله شيخ، مولا بخش لغاري، يوسف جکراڻي، عزيز ڀنگوار، سڪندر ڀنگوار، قمر راڄپر ۽ قربان ميمڻ نمايان آهن. وائيس چانسلر جي آجياڻي تقرير کان پوءِ خاص مهمان بيگم نصرت ڀٽو پنهنجي لکيل تقرير پڙهڻ شروع ڪئي (جنهن لاءِ گهڻن ماڻهن جو خيال ۽ ڪافي ماڻهن جو چوڻ هو تہ اها وزيراعظم جي صلاحڪار پير علي محمد راشديءَ جي لکيل هئي). جيئن تقرير شروع ٿي تہ اسان نعرا هڻڻ شروع ڪيا تہ "نئون آئين نہ کپي" ۽ "قومن جو قاتل آئين نہ کپي". نعرا هڻندي اسان آهستي آهستي اسٽيج جي طرف بہ وڌڻ لڳاسين. مون ڏٺو تہ ڪجهہ سينيئر دوستن جي هٿن يا وَرن ۾ نُونٽ جيترا ڊگها ۽ ڏنڊڻ جهڙا ٿلها لڪڻ هئا. باقي ٻيو ڪو هٿيار ڪو نہ هو. لڪڻن جي پويان ڪهڙي حڪمت عملي هئي سا مون کي خبر ناهي.

هُل هنگامي سبب جلسي مان ماڻهون اٿي وڃڻ لڳا ۽ اسان جا ساٿي بہ ڪجهہ گهٽجڻ لڳا. بهرحال جيئن تيئن ڪري نصرت ڀٽو صاحبہ پنهنجي تقرير پوري ڪئي، تيستائين اسان بہ اسٽيج وٽ وڃي پهتاسين. پروگرام هلندي پاڪستان جي پهرئين، متعصب ۽ سنڌ دشمن وزيراعظم لياقت علي خان جي زال ۽ ٻوليءَ واري مسئلي تي ذوالفقار ڀٽي جي ڪيل سوديبازيءَ جي نتيجي ۾ مهاجرن جي نمائنده طور مقرر ڪيل سنڌ جي گورنر رعنا لياقت علي خان بہ پنڊال ۾ پهتي جنهن سان ماحول وڌيڪ گرم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ چڪتاڻ وارو ٻڌجي ويو. صورتحال کي ڏسندي انتظاميہ حفيظ پيرزادي کي ڊگري ڏيڻ جو پروگرام ختم ڪيو ۽ ڪنووڪيشن کي پڻ وقت کان اڳ ۾ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. مايوسي ۾ ڪاوڙ ۾ پريل وزيرِ قانون جيئن اسٽيج کان هيٺ لٿو تہ نعرا هٽنڊرسنڊس منهن ۾ هئا. سيني کان آڏو اسماعيل وساڻ نعرا هٽائي رهيو هو تہ "نئون آئين" ۾ پويان اسان جواب ڏيئي رهيا هئاسين تہ "نہ کپي". موٽ ۾ بئريسٽري پڙهيل پيرزادي هڪ جاهل جهنگلي ۽ وانگر اسماعيل کي ڪچي گار ڏيندي چيو تہ "... بڪواس بند ڪر". ان جي موٽ ۾ ڇهہ فوٽي پهلوان جهڙي اسماعيل وساڻ نڪاءِ چماٽ منهن تي ڪرايس. پوءِ تہ جناب پيرزادو صفا آپي کان ٻاهر نڪري ويو ۽ هڪ ڪار جي ڇت تي چڙهي گاريون ڏيندي قانون نافذ ڪندڙن کي چوندو رهيو تہ "حرامي ۽ کي وٺوس، نہ ڇڏيوس". پوليس وارا اسماعيل تي ٽٽي پيا پر شاباس آهي ان جي جذبي، همٿ ۽ جسماني طاقت کي جو انهن کي منهن ڏنائين. صورتحال جو ڪجهہ اندازو ان فوٽوءَ مان تي سگهيو پئي جيڪو پوليس جي گرفت ۾ اسماعيل جو ٻئي ڏينهن جي اخبارن ۾ ڇپيو. تشدد ڪندڙ پوليس اسماعيل کي ڪٽي ويئي. شام جو اسٽوڊنٽس ويلفيئر آفيسر پير مظهرالحق، مولا بخش لغاري ۽ جي ڪمري تي اسان جي سينيئر دوستن سان ملڻ آيو ۽ چيائين تہ وائيس چانسلر وٽ هلو تہ صورتحال تي ڳالھہ ٻولھہ ڪجي. اتي وڃڻ سان ڳالهين واري ٽيم مان سڪندر پنگوار، عزيز پنگوار ۽ قمر راڄپر کي گرفتار ڪيو ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ قمر راڄپر کي ڇڏيو ويو باقي پنگوار برادرز ڪافي عرصي تائين قيد ۾ رهيا.

فوري طور تي يونيورسٽي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ شاگردن کي هاسٽلون خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. ان ئي ڏينهن شام جو سائين جي ايم سيد کي هڪ دفعو وري گهر ۾ نظربند ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا. بهرحال ان "مختصر پر اهم معرڪي" ۾ پيپلزپارٽي ۽ سڄي رياستي مشينري، وڏيرن ۽ "جيالن" جي لشڪر ۽ پنهنجي ليڊر جي "ذهانت" جي باوجود پنهنجي مقصد ۾ ناڪام تي ۽ هٿين خالي نوجوانن جي هڪ مختصر گروپ جي ٻل تي قومي تحريڪ هڪ اهم ڪاميابي حاصل ڪئي. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت "هڪ پٿر سان بہ پڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مارڻ" پئي چاهيا. هڪ ته دنيا کي ڏيکارڻ پئي چاهيو ته سنڌ ۾ قومي تحريڪ جي مرڪز سنڌ يونيورسٽي ۾ 1973 واري آئين کي نه رڳو قبول ڪيو آهي پر ان جي ڀرپور آجيان ڪئي آهي ۽ ان سان گڏ انهن قومي تحريڪ جي ان "قلعي کي فتح ڪرڻ" پئي چاهيو. پر نتيجو وري اهو ٿيو ته جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ مجموعي طور قومي تحريڪ جي مقبوليت ۾ زبردست اضافو ٿيو جڏهن ته 1973 واري مرڪزيت پسند ۽ قوم دشمن آئين خلاف هڪ اختلافي ۽ احتجاجي آواز نه رڳو رڪارڊ تي آيو پر هڪ ڪنٽرولڊ ۽ محدود ميڊيا جي دور ۾ به سڄي دنيا تائين پهتو خاص ڪري ماسڪو ريڊيو ۽ آل انڊيا ريڊيو جي لهرن ان آواز کي ڦهلائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. اڄ جڏهن 73 واري آئين جي "تحفن" ڌاري آبادڪاري، قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ جهڙن سنڌ جي قومي تشخص کي خطرن ۾ وجهندڙ مسئلن جو ذڪر ٿئي ٿو ته اها ڳالهه به آڏو اچي ٿي ته اسان شروع ۾ ئي ان جي خلاف آواز اٿاريو هو. سنڌي چوڻيءَ مطابق ته "اُٺ تڏهن ٿي رڙيا جڏهن هوراٽي سبيا."

ان معرڪي مان هڪ دفعو وري پٽي ۽ سيد جي سوچن، روين ۽ ڪردار جو فرق سامهون آيو ۽ هڪ دفعو وري ثابت ٿيو ته پيپلزپارٽي مضبوط مرڪز جي صورت ۾ پنجاب جي حاڪميت ۽ بالادستيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ جماعت آهي، جڏهن ته جيئي سنڌ هلچل سنڌ جي قومي حقن جي تحفظ لاءِ وڙهندڙ سڀ کان اهم ۽ نمايان ڌر آهي.

پ پ جي مرڪزيت پسند هجڻ جي بيشمار ثبوتن منجهان هڪڙو اهو به آهي ته "نئين پاڪستان" ۾ مسٽر ڀٽي قيوم خان سان اتحاد ڪيو جنهن 1970 واري اليڪشن وڙهي ئي مضبوط مرڪز جي نعري تي هئي ۽ جنهن کي پ پ اڳواڻ ڊبل بيرل خان چوندو هو. نه رڳو ايترو پر صوبائي خودمختياريءَ جي پروگرام تحت اليڪشن کٽندڙ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي چونڊيل بلوچستان جي جمهوري حڪومت کي ڊسمس ڪيو ۽ صوبي سرحد جي حڪومت کي استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو. ذوالفقار علي ڀٽي جي آمراڻي، فاشسٽ ۽ ميڪاولين سوچ جو ان مان چٽو ثبوت ملي ٿو ته هڪ طرف هو جمهوريت جي نالي ۾ نعپ سميت مخالف پارٽين کان 73 واري آئين لاءِ حمايت گهري رهيو هو ته ساڳئي وقت فوج سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لوبي هجن اتي ٺوڳي بک نہ مرن“. اها اقتدار جي ٽڪٽ ۽ بي روڪ لالچ ئي هئي جيڪا محترمہ پيئي کي ان ساڳيءَ پنجابي اسٽيبلشمنٽ هٿان ڦاهيءَ جي ڦندي تائين وٺي ويئي. اقتدار جي خواهش ۾ هُن نہ رڳو ملڪ جي جمهوري سياسي قوتن کي ڪمزور ۽ فوجي اسٽيبلشمنٽ کي مضبوط ڪيو پر پنهنجي پارٽيءَ مان بہ ايماندار وفادار جدوجهد ڪندڙ ۽ قرباني ڏيندڙ ليڊرن ۽ ڪارڪنن (جي اي رحيم، حنيف رامي، معراج محمد خان، مير علي احمد ٽالپر، مير رسول بخش ٽالپر، مختار رانا، ميان محمود علي قصوري عبدالحميد جتوئي وغيره) کي نيڪالي ڏيئي انهن جي جاءِ تي موقعي پرست، مفاد پرست ۽ اقتدار جي وفادارن کي ڀرتي ڪيو جيڪي ايوب ۽ يحيٰ سميت هر حڪمران جا ساٿاري رهيا هئا.

پهرين اپريل 1972 تي قائم ٿيل بلوچستان جي جمهوري حڪومت کي چوڏهن فيبروري 1973 تي ختم ڪيو ويو. ڏاهن سچ چيو آهي تہ ”سياڻو ڪانءُ بہ ٽنگو ڦاسندو آهي“. ڀٽي سمجهيو تہ مخالف ڌر کي ميدان تان هٽائي ۽ فوج کي راضي ڪري هو ڊگهي عرصي لاءِ پنهنجي اقتدار کي پڪو ڪري رهيو هو پر حقيقت ۾ اتان ئي سندس اقتدار جي خاتمي جي شروعات (Beginning of the end) ٿي. ان عمل سان فوج کي اهو پيغام ويو تہ ”سياستدان انهن کان سواءِ حڪومتي ڪار وهنوار نٿا هلائي سگهن.“ وري جڏهن 1977 ۾ پاڪستان قومي اتحاد (PNA) ڀٽو حڪومت خلاف تحريڪ هلائي تہ تحريڪ جي مرڪزن ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاهور ۾ هُن مارشل لا لڳايو. اتي فوج فيصلو ڪيو تہ ”ٻين جي اقتدار کي بچائڻ خاطر بندوقون کڻڻ بجاءِ بهتر آهي تہ اهي بندوقون پنهنجي اقتدار لاءِ استعمال ڪجن“. بلڪل ساڳيو حشر جيڪو ايوب خان اسڪندر مرزا سان ڪيو. تڏهن چيو ويو آهي تہ ”جيڪڏهن تاريخ مان سبق نہ وٺبو تہ تاريخ پاڻ کي دهرائيندي“. منهنجو اهو ذاتي تجزيو ۽ ويساهہ آهي تہ 14 فيبروري 73ع تي فوج ذريعي بلوچستان جي حڪومت جي خاتمي سان هڪ اهڙي تاريخي ۽ فطري عمل جي شروعات ٿي جنهن جي پڄاڻي 5 جولاءِ 1977 تي ٿي جڏهن فوج پاڪستان جي دارالحڪومت ۾ وزير اعظم هائوس تي قبضو ڪيو.

بلوچستان حڪومت جي خاتمي خلاف جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پهرئين درجي جي قيادت لڳ ڀڳ سموري رسٽيڪيٽ ٿيڻ سان گڏ يا تہ گرفتار ٿيل هئي يا زير زمين- سڀ کان سينيئر دوست مولا بخش لغاري موجود هو ٻيا اسان ٻئي درجي جا عهديدار ۽ ڪارڪن هئاسين جن انتظاميہ جي قدمن کي چئلينج ڪرڻ ۽ رسٽيڪيشن آرڊر واپس ڪرائڻ لاءِ تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ديدار بلوچ، عبدالمجيد جمالي، ضمير اڙڪ ۽ ٻيا. ايل. ايم. سي مان عثمان مهيسر، سرفراز شاهہ، خادم لاکير، خان محمد لغاري ۽ ٻيا انجنيئرنگ ڪاليج مان مون سان گڏ غلام سرور ڪنڌر جيڪو منهنجي صحبت ۾ جساف ۾ شامل ٿي چڪو هو.

ان تحريڪ دوران ڪڏهن ڪلاسن هلندي ادارن ۾ تہ ڪڏهن رات جو هاسٽلن ۾ جنرل باڊي جا اجلاس ٿيندا هئا، ڪلاسن جا بائيڪاٽ ٿيندا هئا ۽ جلوس نڪرندا هئا. اهي جلوس ڪڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي مختلف ڊپارٽمنٽس جو چڪر ڏيئي آرٽس فئڪلٽي تي ختم ٿيندا هئا. ڪڏهن يونيورسٽيءَ کان ايل ايم سي تائين ۽ ڪڏهن تہ انجنيئرنگ ڪاليج کان شروع ٿي ڊگهو فاصلو طئي ڪري جلوس لياقت ميڊيڪل تائين ويندو هو جتي شاگردن جي جنرل باڊي جو اجلاس ٿيندو هو. هاڻي خبر ناهي پر ان وقت يونيورسٽي ۽ ايل ايم سي وچ ۾ روڊ ڪونہ هوندو هو سو جلوس پٽرن تان لنگهندو هو. احتجاج جون حڪمت عمليون ناهڻ ۽ فيصلا ڪرڻ لاءِ باقاعده ڪنهن اداري جو اجلاس ورلي ٿيندو هو باقي سڀئي متحرڪ دوست شام جو چانهہ تي ڪڏهن سينٽرل ڪئنٽين تہ ڪڏهن بلاڪن واري "يعقوب جي ڪئنٽين" تي گڏ ٿيندا هئاسين ۽ گڏيل احتجاج تي تبصرو ڪري ايندڙ جي باري ۾ طئي ڪيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مولا بخش لغاريءَ جي ڪمري تي بي بلاڪ ۾ بہ ڪچهري ٿيندي هئي. اهو سلسلو ذري گهٽ ٻہ مهينا هليو. سرڪار آهستي آهستي تسلط ۾ ڪجهہ دوستن جا خارجيءَ وارا آرڊر واپس ورتا جڏهن تہ ڪجهہ خارج ئي رهجي ويا. چوندا آهن تہ "مهل" ماڻهن کان گهڻو ڪجهہ ڪرائيندي آهي. سو هتي بہ اسان جونيئر ۽ اڻ تجربيڪار هئاسين ۽ چئلينج تمام وڏو هو. پنو حڪومت جو ڏهڪاءُ ۽ يونيورسٽي انتظاميہ منشي ٻٽيل ۽ وي سي غلام مصطفيٰ شاهہ پنهنجون مارڪون وڌائڻ ۾ پورو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڌمڪاءِ پيدا ڪرڻ لاءِ هو فيڪلٽي جو چڪر هٽندو هو ته حڪومت جا حمايتي شاگرد ساٿس گڏ هوندا هئا جن جي هٿن ۾ ننگا پستول هوندا هئا. انهن ۾ اسٽوڊنٽس ويلفيئر آفيسر (بعد ۾ وزير) پير مظهر جا پائر پير منور ۽ پير مڪرم نمايان هوندا هئا جيڪي يونيورسٽيءَ ۾ "ڊاڍا مڙس" سمجهيا ويندا هئا. اهڙي ماحول ۾ ڪيترن هفتن تائين تحريڪ کي زنده ۽ جاري رکڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ ڪاميابي ۽ هڪ ڪارنامو هو جنهن ايندڙ وقت لاءِ اسان ۾ اتساهه ۽ اعتماد پيدا ڪيو. باقي هڪ ڳالهه منهنجي لاءِ افسوس ۽ ڪي قدر مايوسيءَ جو سبب بڻي. احمد خان جمالي جيڪو ڪنووڪيشن کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ مون کي احتجاج لاءِ متحرڪ ڪرڻ آيو هو اهو به خارج ٿيندڙ شاگردن ۾ شامل هو. هڪ ڏينهن اخبار ۾ سندس ڪليل خط ڇپيو جنهن ۾ چيل هو ته "مان ته ڪنووڪيشن واري ڏينهن ڄامشوري ۾ ئي موجود ڪو نه هئس پوءِ مون کي ڇو رسٽيڪيٽ ڪيو ويو آهي".

انهن ئي ڏينهن ۾ منهن جي سائين جي ايم سيد سان پهرين آمهون سامهون ۽ اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ٿي. ڪنووڪيشن کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي طرفان رسٽيڪيٽ ٿيڻ ۽ وارنٽ نڪرڻ کان پوءِ فيڊريشن جو صدر شاهه محمد شاهه پڳل (Underground) هئڻ واري صورت ۾ سن ۾ سائين جي ايم سيد جي گهر ۾ ترسيل هو (ياد رهي ته شاهه سيد جو ويجهو مائٽ به هو). هڪ ڏينهن فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽري مدد علي سنڌيءَ مون کي ۽ محمد صديق دائود پوٽي کي چٺي ڏيئي شاهه محمد شاهه سان ملڻ لاءِ سن موڪليو. سن پهچي اسان (هدايتن مطابق) شاهه محمد شاهه بجاءِ سائين جي ايم سيد سان ملاقات لاءِ اطلاع موڪليو. جلد ئي سائين گهر جي ڊيڊيءَ تائين آيو ۽ گرميءَ جي مند ۾ ڊيڊيءَ واري پٽ جي پاڇي ۾ ڪرسيون رکرائي اسان سان حال احوال ڪيائين. پوءِ ڪنهن ملازم/ ملازمه کي سڏڻ بجاءِ سائين پاڻ اندر وڃي شاهه محمد شاهه کي اسان بابت ٻڌايو جنهن پڻ ڊيڊيءَ وٽ اچي ملاقات ڪئي. شاهه محمد شاهه ٻڌايو ته سائينءَ جي نياپي تي ٿورو مان پريشان ٿيس ڇاڪاڻ ته سائينءَ چيو ته غلام قادر جوٽيجو ملڻ آيو آ جڏهن ته ان نالي سان پنهنجو ڪو دوست هوئي ڪو نه. خبر ناهي سائينءَ کي اهو نالو ذهن ۾ ڪيئن آيو. هونءَ غلام قادر منهنجي ناني جو نالو هو. عجيب اتفاق ته ڪجهه سالن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪان پوءِ ڪراچيءَ ۾ گهر جي صفائيءَ لاءِ هڪڙي نئين سان تعلق رکندڙ پوڙهي مقرر ڪئي اها به مون کي عبدالخالق بجاءِ غلام قادر سڏيندي هئي.

حڪومتي "چڙهائي ۽ داداگيريءَ" جي نتيجي ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ مجموعي طرح قومي تحريڪ جو گراف مٿي چڙهيو. پر ان جو ڪريڊٽ سائين جي ايم سيد ڏانهن به وڃي ٿو جنهن "متفق" آئين جي سڄي ملڪ ۾ واه واه ٿيڻ ۽ ڀٽو حڪومت جي ظلم جبر جي باوجود ۽ ٿوري قوت هوندي به اصولن جي بنياد تي ان آئين کي قومن جو قاتل قرار ڏيئي ان کي چئلينج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڪريڊٽ شاهه محمد شاهه، مدد علي سنڌي ۽ ٻي جساف جي قيادت کي به وڃي ٿو جن احتجاج کي منظم ڪيو ۽ ڪريڊٽ اسماعيل وساڻ کي به وڃي ٿو جيڪو پنهنجي ذهني ۽ جسماني قوت جي ٻل تي رياستي ادارن ۽ پيپلزپارٽيءَ جي لشڪر سامهون سينه سپر ٿي بيٺو. ڪجهه ٽڪو پئسو شاباس اسان ڪارڪنن به لهڻي جيڪي آخري گهڙيءَ تائين سنگت سان گڏ بيٺا رهياسين ۽ جن جو آخر ۾ تعداد 15_16 کان مٿي ڪو نه هو.

انهن ڏينهن ۾ صورتحال اها هئي ته سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگرد يونين جي چونڊن جا فارم ڀرايا ويا ته انهن ۾ لڳ ڀڳ سمورن عهدن تي قومپرست اميدوار بنا مقابلي اچي ويا. حڪومتي سرپرستيءَ باوجود سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي اميدوار ئي ڪو نه مليا. يونيورسٽي ۽ ڪاليج انتظاميه تي دٻاءُ وجهي حڪومت اها اليڪشن ئي (مختلف بهانن سان) رد ڪرائي ڇڏي، پوءِ ان سال لاءِ يونين جي چونڊ ئي ڪا نه ٿي. پنهنجي سمورين ڪوششن ۽ ڏاڍ ڏهڪاءَ جي باوجود پ پ سرڪار جساف کي ڪمزور ۽ سپاف کي طاقتور نه ڪري سگهي ته پوءِ انهن ٻي حڪمت عملي اختيار ڪئي، "لٽ سان گڏ چٽ" کي به ميدان ۾ آندو ويو. ذوالفقار علي ڀٽو ميڪاولي جي سبقن تي سٺي نموني عمل ڪندي نظر آيو "جيڪي ڏنڊي سان نه مڃين، انهن کي لالچ سان ڦاسايو". متحرڪ شاگردن مان ڪن کي نوڪري يا نوڪريءَ جو آسرو ڪن کي پلاٽ ته ڪن کي ڪار جي پرمٽ. ان وقت ڪنهن شاگرد وٽ ڪار تمام ورلي هوندي هئي. موٽر سائيڪل جو هجڻ ئي عياشي سمجهي ويندي هئي. شاگردن جي تمام وڏي اڪثريت پيدل يا پوائنٽ بسن ۾ سفر ڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

انجنيئرنگ ڪاليج جي نمائندگي ڪئي. مون سان گڏ غلام سرور ڪنڌر ۽ ٻيا دوست هئا. اتي جيڪا باڊي چونڊبي ويئي اها هن ريت هئي، صدر شاهه محمد شاهه، سينيئر نائب صدر اسماعيل وساڻ، نائب صدر 1 مولا بخش لغاري، نائب صدر 2 يوسف جکراڻي، جنرل سيڪريٽري مدد علي سنڌي، جوائنٽ سيڪريٽري 1 سيد علي حسن شاهه، جوائنٽ سيڪريٽري 2 شعبان علي پٺي ۽ خزانچي آغا ظفرالله- سينيئر دوستن ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ به هو پر اهو ڪنهن عهدي لاءِ ڪونه بيٺو.

وهاب شاهه جي ڪامياب ڪنوينشن جساف لاءِ وڏا مثبت ۽ سپاف لاءِ منفي اثر ڇڏيا. سنڌ جي تعليمي ادارن خاص ڪري ڄامشوري جي ادارن مٿان قومپرستيءَ جو رنگ وڌيڪ گهرو ٿي ويو. ڪنوينشن کان پورا ڏينهن پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽرنيشنل هاسٽل ۾ هڪ انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو ٿيو جنهن سان ڄامشوري جي روشن ۽ چمڪندڙ ماحول تي ڏک، افسوس ۽ مايوسيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا. هاسٽل ۾ ويٺل شاگردن جي هڪڙي ٽولي مٿان اوچتو هٿيارن جا منهن کوليا ويا. انڌاڌنڌ فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻه شاگرد سيد علي مردان شاهه رقصم ۽ جان محمد ڪيڙو قتل ٿي ويا جڏهن ته ٻيا ٻه غلام حسين ملهڻ ۽ عبدالمجيد جمالي شديد زخمي ٿيا. پهريان ٽي ڄڻا انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد جڏهن ته عبدالمجيد يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو. عام خيال اهو هو ته وهاب شاهه ڪنوينشن جي اثرن کي زائل ڪرڻ خاطر سرڪار اها ڪارروائي ڪرائي هئي پر حيرت انگيز طور ان واقعي جي مکيه ذميوارن ۾ جساف سان واسطو رکندڙ يوسف جکراڻيءَ جو نالو ورتو پئي ويو. بهرحال اهو سنڌ يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ انوکو واقعو هو جنهن تعليمي ادارن ۾ کليل هٿيارن جي ڇڙواڳ استعمال جا دروازا کوليا ۽ اها ايندڙ وقت ۾ رت جي رستن ڏانهن سفر جي سمت ۾ وڏي وِڪ هئي.

پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت پنهنجي ذيلي شاگرد تنظيم سپاف کي وڌائڻ لاءِ جيڪي حربا استعمال ۽ طريقا اختيار ڪيا انهن ۾ امتحانن ۾ وڏي پئماني تي ڪاپيءَ جو رجحان ۽ کلي عام هٿيارن جي نمائش ۽ استعمال شامل هئا. اها هڪڙي پراڻي روايت هئي ته ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد وقت تي امتحانن جي تياري مڪمل نه ڪندا هئا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوءِ امتحان ويجهو اچڻ تي اڪثر انهن کي پوئتي ڪرڻ جا مطالبا ڪندا هئا. ڪڏهن انتظاميہ طرفان سندن مطالبا مڃيا هئا ۽ ڪڏهن نہ. سنڌ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ بہ اهڙي ئي صورتحال هئي. اوچتو هڪ ڏينهن سنڌ جي وڏي وزير جو ايڊيشنل پوليٽيڪل سيڪريٽري مسٽر مسعود نوراني ڄامشوري آيو ۽ پنهنجي همدرد شاگردن جي ميڙ کي خطاب ڪندي چيائين تہ "توهان سڀاڻ جو ساٽ ڏيو باقي امتحان توهان جيئن چاهيندئو تيئن ٿيندو". اهو ڪاپيءَ جي چوٽ ڏانهن واضح اشارو هو.

۽ پوءِ ائين ئي ٿيو. امتحان ۾ کلئي عام ڪاپي ٿيڻ لڳي. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ منهنجو هم ڪلاسي هو روشن شيخ جنهن کي سڀاڻ جي يونٽ جو صدر مقرر ڪيو ويو هو. ان کي ڪاپي ڪندي استاد پڪڙيو. منع ڪرڻ تي هُن وَرمان پستول ڪڍي فائر ڪيو. معاملو يونيورسٽي انتظاميہ وٽ ويو جنهن تي وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ روشن شيخ کي رسٽيڪيٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان فيصلي تي سرڪار سگهوري ڪاوڙجي پيئي ۽ مسٽر نوراني وري سنڌ يونيورسٽيءَ آيو ۽ سچل هاسٽل ۾ شاگردن جي اجلاس کي خطاب ڪندي اعلان ڪيائين تہ "اج کان روشن شيخ بحال ۽ غلام مصطفيٰ شاهہ رسٽيڪيٽ آهي".

سيد غلام مصطفيٰ شاهہ پاران ٻٽي پاليسي اختيار ڪرڻ سبب سندس مقبوليت ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي هئي. هڪ طرف هو صاحب قومپرست، سنڌ جو خير خواهہ ۽ شاگردن جو هڏڏوکي هئڻ جي دعوا ڪندو هو تہ ٻئي پاسي پيپلزپارٽيءَ سان بہ وفاداري نڀائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ٻن ٻيڙين ۾ سوار ٿيڻ جو جيڪو نتيجو ٿيندو آهي اهڙي ئي صورتحال شاهہ صاحب سان بہ ٿي. ڪنهن وقت صورتحال اها هئي تہ هڪ دفعي رات جو اٽڪل 2 وڳي، جڏهن سڀ شاگرد ستل هوندا آهن، اوچتو گوڙ ٿي ويو. افواهہ هليو تہ غلام مصطفيٰ شاهہ کي وائيس چانسلري تان هٽايو ويو آهي. اسان بہ ننڊ مان اٿياسين ۽ شاگردن جو هڪ چڱو خاصو تعداد ان وقت وائيس چانسلر جي گهر ٻاهران روڊ تي وڃي ويهي رهياسين ۽ شاهہ صاحب جي حق ۾ نعريبازي ٿيندي رهي جيستائين شاهہ صاحب پاڻ ٻاهر اچي افواهہ کي رد ڪيو. پوءِ وري جڏهن مسعود نورانيءَ يونيورسٽي معاملن ۾ مداخلت شروع ڪئي ۽ وائيس چانسلر کي رسٽيڪيٽ ڪرڻ جهڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري انهن جي تريل مڇي زبردست هوندي هئي. اهڙي ئي تريل تازي مڇي هڪڙي دفعي اسان جي ڳوٺ ۾ عبدالواحد آريسر نيرن تي کاڌي ته ڏاڍي پسند آيس. پوءِ سڄي سنڌ ۾ چوندو وتندو هو ته "جوٽيجن جون عورتون مڇي زبردست ٿيون پچائين".

ٻوڏ سان لاڳاپيل انهن سمورن معاملن ۾ پنهنجي خاندان منجهان فيض الله سندس ڀاءُ عبدالڪريم، محمد لائق (جيڪو 1971 ۾ وفات ڪري ويو) ۽ مان هوندا هئاسين. باقي ڳوٺ ۽ پاڙي مان ڪڏهن ڪير ڪڏهن ڪير هوندا هئا. گهر ۾ ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ڪرڻ، مند ۾ ٻير لاهڻ ۽ ٻين اهڙن ڪمن ۾ به گهڻو ڪري اهي ئي گڏ هوندا هئاسين. فيض الله وارن جو سڀ کان ننڍو ڀاءُ عبالغني منهنجو هم عمر ۽ هم ڪلاسي هو پر اهو والد جو لاڏلو هجڻ ڪري ڪنهن به ڪم ۾ ڪو نه هلندو هو.

سو ڳالهه پئي ڪئيسين 73 واري ٻوڏ جي. جولاءِ جي شروع ۾ سنڌو درياهه اُٿل کاڌي ۽ پاڻي اسان جي ڳوٺ تائين پهچي ويو. ٻوڏ جو روايتي مزو وٺڻ خاطر مون ڳوٺ جو رخ ڪيو. مون کان 12 سال وڏو سئوٽ غلام ياسين، جيڪو بعد ۾ جيئي سنڌ محاذ جو ميمبر ۽ اڳواڻ ٿيو خيرپور ۾ رهندو هو سو هميشه پوڳن ۾ چوندو هو ته "يار حيدرآباد/ ڄامشوري کان راڻ وڃين ته رستي ۾ خيرپور کان ٿيندو وڃ". سو مان به وڃي خيرپور نڪتس. اتي ئي ٻيو سئوٽ، مون کان 4 سال ننڍو عبدالاحد به موجود هو جيڪو اڄڪلهه اڳتي هلي آزاد قاضي جي نالي سان مشهور ٿيو. اسان ٽئي گڏجي ڳوٺ وياسين. سخت گرميءَ ۾ سکر کان لاڙڪاڻي ويگن ۾ ويندي سخت اڃ لڳي. هڪ اسٽاپ تي ويگن بيٺي ته پاڻيءَ جا مٽ ڏسي عبدالاحد ۽ مان لهي پاڻي پيئڻ وياسين پر پاڻي پيئڻ کان سواءِ ئي موٽي آياسين. غلام ياسين طرفان پاڻي نه پيئڻ جو سبب پڇڻ تي مون چيس ته مٽن مٿان پيپلزپارٽيءَ واري جهنڊي جو ڪپڙو پيل هو.

جڏهن پڪي کي ڪچي کان ڌار ڪندڙ لاڙڪاڻو- سيوهڻ (L-S) بند تي پهتاسين ته سڄ لهڻ وارو هو ۽ آخري ٻيڙي رواني ٿيڻ واري هئي جنهن ۾ اسان جي ڳوٺ قاضي ڏڙي کان 3-4 ڪلوميٽر ڏکڻ تي ناڙي لاشاري ڳوٺ جا ماڻهون چڙهيل هئا. ملاح جو چوڻ هو ته مينهن وسڻ جو امڪان آهي تنهن ڪري ناڙيءَ ۾ ٻيڙي بند ڪندو. بهرحال اسان جي زور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حڪومت شاگرد يونين جون چونڊون ئي نہ ڪرايون. 1974 ۾ چونڊون ٿيون تہ صدر جساف جو اميدوار ۽ منھنجو ويجھو دوست غلام سرور ڪندر چونڊيو جڏھن تہ جنرل سيڪريٽريءَ تي سپاف جو حمايت يافتہ اصغر ميمڻ ڪامياب ٿيو. اھڙي طرح سڄو سال ھنن جي وچ ۾ سردي گرمي ھلندي رھندي ھئي.

سائين جي ايم سيد جي حيدر منزل تي نظربند ھئڻ سبب 17 جنوري 1974 تي سائينءَ جي سالگرھہ جو پروگرام گٽرڪ ھال، ايمپريس مارڪيٽ، ڪراچيءَ ۾ رکيو ويو. اسان ڄامشوري کان بس ڀري سالگرھہ ۾ شريڪ ٿياسين. پروگرام ختم ڪري رات جو اٽڪل ڏھين وڳي ڌاري سائينءَ سان ملڻ لاءِ حيدر منزل پھتاسين. سائينءَ خوش خير عافيت ڪرڻ کان پوءِ مانيءَ جو پڇيو. سائينءَ جي مھمان نوازيءَ جي معيارن مان اڃا چڱي طرح واقفيت نہ ھجڻ ڪري اسان روايتي طريقي سان چيو تہ ماني کاڌي آ. سائينءَ ھڪدم ملازم کي چيو تہ "ابا، ھي ماني کائي آيا آھن، باقي ڪيڪ ڪٽي آ تہ کارايونِ". اسان ڪيڪ تہ کاڌو پر پيٽ تہ ڪونہ ڀريو. خير، بڪ تي بس ۾ چڙھي اٽڪل ھڪ ڏيڍ وڳي ڄامشوري پھتاسين. تيستائين بک ۾ وڃي وياسين. ان مھل ڪئنٽين واري کي ننڊ مان اٿاري يونيورسٽيءَ جي ڪلاسيڪل خوراڪ پٽاٽا فراءِ ڪرائي ماني کاڌيسين. ان ڏينھن کان سبق سکيوسين ۽ زندگيءَ ۾ وري نہ ڪڏھن سائين جي ايم سيد سان مانيءَ جي معاملي ۾ تڪلف ڪيوسين. ھونءَ تڪلف تہ وقت گذرڻ سان گڏ سائينءَ سان، گھٽ ۾ گھٽ منھنجو ھين معاملن ۾ بہ ختم ٿي ويو ھو. سالگرھہ جي ان پروگرام جي نتيجي ۾ پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت ڪافي گرفتاريون ڪيون جن ۾ سائينءَ جو فرزند سيد امداد محمد شاھہ، سائينءَ جو پراڻو ساٿي ڪاڪو تيرٿداس، شاعر سائل آزاد ۽ ٻيا شامل ھئا.

ھاسٽل ۾ ڪمرا عام طور ٻن شاگردن جي رھڻ جا ھوندا ھئا. شاھہ لطيف ھاسٽل جنھن ۾ مان رھندو ھئس ان ۾ ھڪڙو ڪمرو نمبر 111، بلڪل مختلف ھو. شايد اھو ڪنھن آفيس لاءِ ٺاھيو ويو ھو جنھن کي ڪنھن طرح رھائش گاھہ ۾ تبديل ڪيو ويو ھو. ڪمرو ھڪ ھال ھو جنھن سان گڏ ھڪ اسٽور روم ۽ باٿ روم بہ ھو جڏھن تہ ھونءَ ھر بلاڪ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪامن (گڏيل) باٿ رومز هوندا هئا. ان ڪمري تي ڪافي سالن کان پنجابي شاگردن جو قبضو هئو. هڪڙا ويندا هئا ته اهي وري ٻين پنجابين جي حوالي ڪري ويندا هئا. اسان ٽئين سال ۾ هئاسين ته ان ڪمري ۾ آخري سال جا شاگرد ٽي پنجابي رهندا هئا. ٽيئي ڄڻا ڇهن فوٽن کان ڊگها، وڏين مڇن سان پهلوان لڳندا هئا. اهي امتحان ڏيئي ڪمري کي قلف لڳائي ڳوٺ هليا ويا. مون ۽ منهنجي پارٽنر (هم روم) عبدالحليم جوڻيجي صلاح ڪئي ته اهو ڪمرو پنجابين کان ڪسٽو آهي. سنڌ يونيورسٽي هاسٽل جو ڪمرو ڪا انهن جي ذاتي ملڪيت ڪانهي جو نسل در نسل انهن وٽ رهي. اسان قلف ڀڃي ڪمرو کوليو. اندر رکيل مختصر سامان ڪپڙي ۾ ٻڌي ڪنڊ ۾ رکيو ۽ پنهنجو سامان ڪمري ۾ رکي رهڻ لڳاسين. همراه واپس آيا، ڪجهه حيران ٿيا، ٿورو منهن خراب ڪيائون پر گهٽو گوڙ ڪين ڪيائون. اهو ڪمرو وڏو هئڻ ڪري جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سرگرمين ۾ پڻ ڪم اچڻ لڳو. انجنيئرنگ ڪاليج يونٽ جون گڏجاڻيون مان اتي ڪندو هئس ۽ ڪڏهن ڪڏهن سڄي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ميٽنگ به اتي ٿيندي هئي جنهن جي صدارت مرڪزي صدر شاهه محمد شاهه ڪندو هو. شاهه محمد شاهه يا ٻيا مرڪزي يا سنڌ يونيورسٽيءَ جا اڳواڻ اتي رات جو به ترسندا هئا. ايندڙ سال جڏهن اسان يونيورسٽي ڇڏي ته اهو ڪمرو نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج کان ڄامشوري آيل جساف اڳواڻ حبيب الله ڪابوري جي حوالي ڪيو جنهن کان وري اهو ٻئي اڳواڻ خير محمد سولنگيءَ ڏانهن منتقل ٿيو. اهڙي طرح اهو ڪمرو قومپرستن جي سڃاڻ بڻجي ويو.

روايت مطابق انجنيئرنگ ڪاليج جي آخري سال جي شاگردن کي پاڪستان جو اسٽڊي ٽوئر ڪرايو ويندو هو جيڪو عملي طور اسٽڊي گهٽ تفريح ٽوئر وڌيڪ هوندو هو. اپريل 1974 ۾ اسان جي ڪلاس جو ٽوئر شروع ٿيو. هميشه وانگر ريلوي کاتي جي تعاون سان هڪ بوگي بُڪ ڪرائي ويئي جنهن جي برٿن تي اسان بسترا پنهنجا وڇايا هئا. اسان جي رهنمائي ۽ نظرداري لاءِ سِول ڊپارٽمنٽ جا ٻه استاد مسٽر اقبال ترڪ ۽ مسٽر رامچند اوڏ گڏ هئا. ڪلاس جا سڀ شاگرد گهمڻ ڪو نه هليا. ڪجهه غربت جي سبب رهجي پيا. مان به غريب جو ٻار هئس ۽ خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سکر کان نکري اسان ملتان پهتاسين. اتي بہ ڏينهن رهياسين. ملتان جي مشهوريءَ لاءِ ٻڌو هو تہ "گرد، گدا، گورستان"، سو بس اهي ئي شيون ڏٺيونسين. اتان جو هڪڙوئي واقعو ياد آهي. چانهہ پيئڻ لاءِ هڪڙي ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿي رهيا هئاسين تہ هڪڙي دوست اوچتو رڙ ڪري چيو تہ "اڙي اتي نہ هلو هو ڏسو دروازي تي لکيو پيو آهي تہ" (Rights of admission are reserved) ان کان پوءِ لاهور ۾ چئن ڏينهن لاءِ ترسياسين. لاهور نہ رڳو پاڪستان جي حڪمرانن جو شهر هو پر تاريخي طور بہ پاڪستان جو شايد سڀ کان پراڻو شهر هو. اتي ڏسڻ ۽ گهمڻ لاءِ تمام گهڻو ڪجهہ هو. سڄي دوري ۾ سڀ کان وڌيڪ وقت لاهور ۾ ئي گذريو ۽ روزانو صبح جو اسان نيرن ڪري نڪري ويندا هئاسين. سڄو ڏينهن پيدل يا رڪشا يا بگيءَ تي گهمندي سومهڻيءَ جو واپس ويندا هئاسين. پر پوءِ بہ وچڻ وقت ائين لڳو تہ لاهور پوري طرح نہ گهميو. گهمڻ ۾ سولائي پيدا ڪرڻ خاطر اسان چئن يا پنجن ڄڻن جي گروپن ۾ ورهائجي وياسين. گروپ جي تشڪيل جو دارومدار دوستن جي ذهني هم آهنگي ۽ ويجهڙائپ تي هو. منهنجي گروپ ۾ غلام سرور ڪنڌر، عبدالحليم جوڻيجو ۽ دوست هدايت الله چانڊيو هو شامل هئا. لاهور ۾ ڪجهہ دلچسپ واقعا پيش آيا.

عام طور اسان منجهند جي ماني يا چانهہ لاءِ پنهنجي مالي حيثيت مطابق وچٿرن جهڙوڪ ايراني هوٽلن تي ويندا هئاسين. هڪ ڏينهن مزو وٺڻ لاءِ چانهہ پيئڻ انٽر ڪانٽيننٽل (پنهنجي وقت جي سڀ کان اعليٰ) هوٽل تي وياسين. ويٽر چئن صفحن تي مشتمل مينو ڪارڊ کڻي آيو. حقيقت اها آهي تہ ان ۾ لکيل ڪيترن شين جي اسان کي مڪمل سمجهہ ڪا نہ هئي. ڪن جو تہ اسان نالو ئي پهريون دفعو ٻڌو هو جهڙوڪ Iced Tea۔ اسان ٽن ڄڻن گهٽي ڏڇي کان بچڻ لاءِ ڪوڪا ڪولا جو آرڊر ڏنو جڏهن تہ هڪ دوست نواڻ خاطر "آئيسڊ ٽي" (برف واري چانهہ) لاءِ چيو. جڏهن گهرايل شيون ٽيبل تي آيون تہ انهن ۾ ڪو بہ "چانهہ جو ڪوپ" هئو ئي ڪو نہ سڀ شيون هڪ جيڏن گلاسن ۾ پيل هيون. هڪڙي گلاس سان گڏ نارنگي نما ليمي جا وڏا ٽڪرا پيل هئا. ٿوري دير پريشانيءَ وچان انهن تي نظر وجهڻ کان پوءِ ان دوست ڪوڪا ڪولا ڏانهن هٿ وڌايو. مون هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي بالادستي ٿي تہ جماعت اسلامي ۽ جمعيت جا ميمبر ايم ڪيو ايم ۽ اي پي ايم ايس او وارن هٿان مارون کائڻ لڳا. ان ڪانپوءِ جماعت اسلامي ڪراچيءَ ۾ امن جون ڳالهيون ڪندي ٿي رهي جڏهن تہ پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ اڄ ڏينهن تائين بہ جمعيت وارن جون "هٿياربند اسڪواڊون" ٺهيل آهن جيڪي نہ رڳو پنهنجي مخالف شاگردن پر روشن خيال استادن سان بہ جهيڙا ۽ بدتميزيون ڪندا ٿا رهن. ڪجهہ سال اڳ ۾ عمران خان شاگردن کي خطاب ڪرڻ پنجاب يونيورسٽيءَ ويو تہ جمعيت وارن ان کي پڪڙي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ بيعزتي ڪري ڌڪا ڏيئي ڪئمپس کان ٻاهر ڪيدي ڇڏيائونس. ان تي انگريزيءَ جي مشهور ڪالم نويس اياز امير جيڪو هونءَ ايم ڪيو ايم جي خلاف سخت لکندو رهندو آهي ان پنهنجي ڪالم ۾ لکيو تہ "ايم ڪيو ايم وارن پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو چڱو ڪم ڪيو آهي تہ اُهو اِهو آهي تہ انهن جمعيت وارن کي جوتا هنيا آهن".

اسان جي ڪچهري هلندي جمعيت وارن سائين جي ايم سيد تي تنقيد ڪئي ۽ سندس خلاف مذهبي ڌرين واريون روايتي ڳالهيون ورجايون. موٽ ۾ مون پنهنجي روايتي طريقي مطابق سائين جي ايم سيد جو دفاع ڪرڻ بجاءِ مولانا مودوديءَ جو تنقيدي جائزو پيش ڪرڻ شروع ڪيو. ايتري ۾ اوچتو بجلي هلي ويئي ۽ ان سان گڏ جمعيت وارا همراهہ بہ اٿي ويا. مون سان گڏ وارا ساٿي "ڏڪڻ" لڳا. عزيز ميمڻ ۽ ٻين چيو تہ "يار تون هروڀرو هر هنڌ بحث ڪندو آهين، هاڻي هي جمعيت وارا اسان سان وڙهندا". مون چيو ٺيڪ آهي، جيڪو ٿيو ڏٺو ويندو. ٿوري دير کان پوءِ بجلي آئي تہ ميزبان بہ چانهہ سان گڏ واپس آيا.

لاهور کانپوءِ قافلو راولپنڊيءَ پهتو جيڪو پاڪستان جو گاديءَ وارو شهر بہ آهي تہ "اصلي" حڪمرانن جو مرڪز بہ آهي. انگريزن جي وقت کان وٺي ان تي گئريزن سٽي چيو ويندو آهي. هڪ ڏينهن اهو گهميوسين، ٻئي ڏينهن پاڪستان جي نئين گادي ۽ محڪوم قومن جي رت پگهر سان ٺهندڙ (يا ائين چئجي تہ ٺاهيو ويندڙ) نئين شهر اسلام آباد جو چڪر هنيوسين. ان لاءِ چيو ويندو آهي تہ جڏهن ٺهي رهيو هو ۽ اتي بنگالي قومپرست رهنما شيخ مجيب الرحمان ويو تہ ان چيو تہ "هن شهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي رستن مان مون کي سٽيءَ جي خوشبو ٿي اچي.“ سٽي بنگال جي مکيه پيداوار ۽ ان وقت پاڪستان جي متاسنا واري ناٽي جو سڀ کان وڏو ذريعو هوندي هئي. اسلام آباد جي قائدِاعظم يونيورسٽي گهمڻ دوران مان قاضي عبدالخالق چاچڙ سان به مليس جيڪو خيرپور ۾ غلام ياسين سان گڏ خزاني آفيس ۾ نوڪريءَ دوران منهنجو واقف ٿيو هو ۽ هينئر انٽرنيشنل رليشنز ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو هو.

اڳلي ڏينهن بسن ذريعي مري گهمڻ وياسين. مري ان وقت ايترو ترقي يافته ڪو نه هو. اوڏانهن ويندڙ رستو به سوڙهو ٽنل ۽ نهايت خطرناڪ هوندو هو. هڪ پاسي جبل ٻئي پاسي ڪٽي سوين ته ڪٽي هزارين فٽن جي گهرائي. رستو ايترو سوڙهو جو ٻه گاڏيون وڏي مشڪل سان هڪ ٻئي کي ڪراس ڪري سگهن. ڊرائيور جي ٿوري به غلطي يا لاپرواهي يقيني موت هئي. ان ڪري صرف ماهر ڊرائيور اهو سفر ڪندا هئا. اسان جي واپس اچڻ کان ٻه هفتا ڪن پوءِ حيدرآباد جي اردو ڪاليج جا شاگرد ٽوئر تي ويا ته ان ئي رستي تان سندن بس هيٺ ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ الاهي سارا شاگرد مري ويا. بهرحال هن وقت ياد ۽ تصور ڪري جيترو خوف ٿئي ٿو ان وقت اهو بلڪل ڪو نه هو. ان کي ئي شايد جوانيءَ جو adventure جو جذبو چوندا آهن. مريءَ جي خوبصورت جڳهه ۾ خوبصورت ماڻهن جا ٽولا. مزو آيو Enjoy ڪيوسين. مکيه بازار ۾ گهمندي ٻن گهوڙين تي گهمندي سامهون هڪڙو خوبصورت نوجوان نظر آيو. الائي ڪهڙي چڪ تي جو مون اڳتي وڌي ان سان ڳالهايو. پتو پيو ته ڏيپلي جو ميمڻ آهي، فوج ۾ ميجر آهي ۽ ڊيوٽيءَ دوران زخمي ٿي پيو آهي. انور نالي اهو همراهه ڏاڍو پلو ماڻهون نڪتو مختصر حاصل احوال کان پوءِ اسان وري ملڻ جي وعدي تي موڪلايو. چوويهن ڪلاڪن جي مختصر مدت ۾ اسان وري ملياسين. ڪچهري ڪئي ۽ فوٽا ڪڍياسين. مون سان گڏ عبدالحليم جوٽيجو به هو. ايندڙ وقت ۾ سنڌ ۾ ملڻ جي خواهش تي خدا حافظ ڪيوسين پر افسوس ته اڄ ڏينهن تائين وري ملي نه سگهيا آهيون ۽ نه ئي مان ان کي وساري سگهيو آهيان. رات هوٽل ۾ ترسي صبح جو واپس پنڊي آياسين جتان ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ”آزاد ڪشمير“ سڏجندڙ خطي جي گاديءَ واري هنڌ مظفرآباد وياسين. اتي جنهن ڳالهه مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪي سڀ ڪان وڌيڪ ڏيان ڇڪايو سا پٽين تي لکيل اهي نعرا هئا تہ "ڪشمير بنے گا خود مختیار". اهو نعرو ڪشميري قومپرستن طرفان ان پروپئگنڊا جو جواب هو جيڪا پاڪستان جي سرڪار ۽ ميڊيا ڪندي رهندي آهي تہ "کشمیر بنے گا پاکستان." مون کي خوشي بہ ٿئي تي ۽ پاڻ تي اعتماد بہ وڌي ٿو تہ ڪشمير جي قومي خودمختياريءَ جو اهو نعرو چاليهہ سال اڳ ۾ بہ مون کي ايتري ڪشش ڪري پيو جيتري اڄ ڪشميرين طرفان قومي حق خود اراديت لاءِ هلندڙ جدوجهد ڪري ٿي. فرق رڳو ايترو آهي تہ چاليهہ سال اڳ ۾ ڪشميرين سان جذباتي ۽ احساساتي يڪجهتيءَ وارو پهلو غالب هو جڏهن تہ هاڻي قومي حقِ خود اراديت جي تاريخي ۽ نظرياتي ڄاڻ ۽ علائقائي ۽ عالمي صورتحال جو ادراڪ ٻنهي قومن (سنڌي ۽ ڪشميري) کي ويجهو ڪري ٿو. مطلب تہ ٻنهي جا سور ساڳيا آهن، ٻنهي جي منزل ساڳي آهي ۽ ٻنهي جو رستو ساڳيو آهي. شايد اهڙي صورتحال لاءِ لطيف چيو تہ "اڇوڙي سورن واريون ڪريون سور پچار".

اسان جو ايندڙ ٽڪاڻو پشاور ريلوي اسٽيشن هئي جتان صوبي سرحد (خيبرپختونخواه) ۽ قبائلي علائقن ڏانهن چرپر ڪرڻي هئي. هڪ ڏينهن خيبر ايجنسيءَ جي باڙا بازار ۾ گذاريوسين. خيبر ايجنسي اڄ (2014_15) جيئن بم بارود ۽ دهشتگرديءَ لاءِ ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي تيئن ان وقت بہ غير قانوني اسلحي جي پيداوار ۽ واپار لاءِ مشهور هئي البتہ ان وقت پيو بہ روزمره زندگيءَ جو سمگل ٿيل سامان اتي سئو ۽ سستو ملندو هو. گرم سرد ۽ مخملي ڪپڙن کان وٺي عطر عنبير ۽ عورتن جي ميڪ اپ جو سامان باڙا ۾ موجود هوندو هو. يعني ان وقت زندگي وڌڻ وارن اوزارن سان گڏ زندگيءَ کي خوبصورت بڻائڻ وارا وکر بہ وڪرو ٿيندا هئا. جڏهن تہ هينئر باڙا مان رڳو بم بارود ۽ خودڪش بمبار برآمد ٿين ٿا ۽ سرخي پائوڊر جهڙو سونهن جو سامان سڀ کان وڌيڪ "حرام" ۽ ممنوع آهي. اهو آهي پاڪستاني رياست ۽ خاص ڪري ان جي سيڪيورٽي ادارن جي "اسلام پسنديءَ" ۽ "حب الوطني" وارين پاليسين ۽ حڪمت عملين جو نتيجو. گهڻا شاگرد جيڪي ٽوئر تي ويندا هئا انهن جو وڏو شوق باڙا مان پستول وٺڻ هوندو هو جو ان وقت پستول هجڻ يا رکڻ وڏو اسلحو سمجهيو ويندو هو. واپسيءَ ۾ انهن مان ڪي پڪڙجي بہ پوندا هئا. پوءِ ڪي شاگرد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جو چئي ميڙمنٽ ڪري ۽ ڪي پئسا ڏيئي جان ڇڏائيندا هئا. مون صرف گهر واري ۽ پينرن لاءِ ڪپڙا ورتا.

ان ڪان پوءِ بس ذريعي بہ ڏينهن سوات جو دورو ڪيوسين جنهن دوران رات منگورا ۾ رهياسين. سوات وادي واقعي جهڙي ٻڌيسين تهڙي ڏٺي سين. سڄو سرسبز علائقو ننڍيون ننڍيون پهاڙيون، وِڪ وڪ تي ننڍيون وڏيون نديون (ڪي ايتريون بہ هيون جن ڪي اسان جيڪر سنڌ ۾ واهہ سڏيون) پاڻي ٽڊو پر ايڏو صاف جو ان مان ڪيترا فٽ هيٺ تائين نظر پئي وڃي. عورتون سهڻيون ۽ مرد. جن سان اسان ڳالهايو سنا ۽ شريف نظر آيا ني. سوات جي واليءَ جو محل ڏسڻ وياسين. تمام وڏو ۽ شاندار واقعي محل ني لڳو. ان جي چوڌاري سوين ايڪڙن ۾ ڦهليل باغ ۽ ان باغ جا وڻ ايترا گهاٽا، وڏا ۽ گهاٽا جو ٽيهري ڏاري گهمندي اسان کي ائين محسوس ٿيڻ ۽ نظر اچڻ لڳو تہ سچ لهي ويو آهي. ٻاهر اچي ڏٺوسين تہ سچ مڪمل شان بان سان چمڪي رهيو هو. ان وقت سوچيو تہ وري سوات (۽ پڻ مري) گهمڻ اچبو پر چاليهہ سال گذرڻ باوجود اڄ تائين نہ وڃي سگهيو آهيان جيتوڻيڪ هاڻي اتي جا دوست بہ آهن خاص ڪري خورشيد ڪاڪا جي جيڪو ڪافي عرصي تائين پختونخوا ملي عوامي پارٽي سنڌ جي صدر طور ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران منهنجو ويجهو دوست بڻجي ويو. هيئنر ڪجهہ سالن ڪان هو پنهنجي ڳوٺ ۾ رهي ٿو ۽ پارٽيءَ جو سوات جو صدر آهي. ڪڏهن ڪڏهن فون تي سلام دعا ڏيندي رهندي آهي. 9_2008 ۾ جڏهن سوات ۾ طالبان جي دهشتگردي زورن تي هئي تہ ڇڱا ڀلا ماڻهون، عوامي نيشنل پارٽيءَ جي ليڊرن سميت سوات ڇڏي ويا پر هي اتي موجود رهيو. ان عرصي دوران مان هر ٻن ٽئن ڏينهن ڪان پوءِ فون ڪري سندس خيريت پڇندو هئس. ڪاڪا جي اڪثر سوات گهمڻ جي دعوت ڏيندو رهندو آهي. ٻيو ماڻهون جنهن سوات ڇڏڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ طالبان جو مقابلو ڪيو سو سينيئر پختون قومپرست افضل خان هو. ان سان پهرين 90 واري ڏهاڪي ۾ سرائيڪي اڳواڻ عبدالمجيد ڪانجوءَ ذريعي واقفيت ٿي ۽ پوءِ پونم (اتحاد) دوران ويجهڙائي ٿي، اهو بہ سوات جي دعوت ڏيندو رهندو هو. هڪ دفعي هُن اجلاس بہ پاڻ وٽ رکرايو پر پوءِ اهو اجلاس "مهاجر مسئلي" تي ڳالهائڻ خاطر حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. ڪجهہ ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏينهن اڳ ۾ افضل خان وفات ڪري ويو آهي.

سوات گهمائڻ واري بس جو ڊرائيور وڏي عمر جو ۽ پراڻن گانن جو شوقين هو. سوات جي اڙانگن رستن تي هلڻ دوران هو لتا منگيشڪر ۽ شمشاد بيگم جا گانا وڄائيندي ڪنڌ لوڏي رهيو هو. اسان خوف وچان ڪيس چيو ته ائين نه ڪر ته ڏڪو ڏيندي چيائين ته خاموش تي ويهو نه ته بس ڪي ڪٽي هڻندس. پوءِ وري نه ڪجھ اسان چيس.

دوري تان واپسيءَ وقت منهنجي ڪيسي جي صورتحال اها هئي ته ريل جي سفر دوران 16_17 ڪلاڪن تائين مون ماني ڪو نه کاڌي صرف هڪ دفعو چانھ بسڪوٽ کائي سگهيس. رات جو هڪ وڳي ڌاري خيرپور اسٽيشن تي لهي رڪشا ذريعي سئوٽ غلام ياسين جي گهر ويس جو انهن ڏينهن ۾ منهنجي گهرواري (جيڪا سندس ڀيڻ هئي) ٻارن سميت اتي ترسيل هئي. رڪشا جو ڀاڙو به انهن کان ورتي ڏنم ۽ ماني به اتي رات جو ٻي وڳي کاڌم.

اسٽڊي ٽوئر جا اٽڪل ٽي هفتا گڏ گذارڻ سان منهنجي نگران استادن مسٽر اقبال ترڪ ۽ مسٽر رامچند اوڏ سان دوستي ٿي ويئي. استاد صاحب پنهنجي سرڪاري ذميواريءَ جي حوالي سان ته سمورن شاگردن سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪندا هئا ۽ سيني جو هڪ جيترو خيال رکندا هئا پر ظاهر آهي بطور انسان انهن کي به ذهني ونڊر لاءِ ڪچهريءَ جي ضرورت هئي. هو ڀاڻ ميچوئر، سنجيده ۽ پڙهيا لکيا هئا تنهن ڪري انهن کي اهڙين ڪچهرين جي ضرورت هئي، ان ڪري مون سان انهن جي ويجهڙائي ٿيندي ويئي. اسان جي وچ ۾ سياست تي، تاريخ تي ۽ مختلف شخصيتن بابت گفتگو ٿيندي هئي. مان پاڻ سان ڪجھ ڪتاب به پڙهڻ لاءِ ساڻ کڻي ويو هئس اهي به هو پڙهندا هئا. شيخ اياز جو ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" آخر ۾ انهن وٽ رهجي ويو. استاد ٻئي سٺا هئا پر رامچند سان منهنجي هم آهنگي وڌيڪ ٿي ويئي پر جلد ئي هو آمريڪا هليو ويو ۽ اتي ئي رهجي ويو جنهن سبب اسان جو تعلق گهري دوستيءَ ۾ تبديل ٿيڻ کان رهجي ويو. سڄي دوري دوران ڪاليج يونين جي صدر غلام سرور ڪنڌر ۽ ڪلاس نمائندي مير حسن رند جي وچ ۾ چڪتاڻ هلندي رهي جو ٻئي پنهنجي پنهنجي عهدي جي حساب سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

معاملن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هڪ دفعي معاملو وڌيڪ گرم ٿي ويو ته ڳالهه استادن تائين پهتي. اتي مير حسن چيو ته سائين هي (سرور ڪنڌر) مون کي دٻائڻ جي ڪوشش ته ڪري پر ڪيس خبر هجڻ کپي ته مان ڪو پاڙيو ناهيان. "هوائي فائرنگ" مان به ڪري ٿو سگهان." ان تي استادن سميت اسان سڀ ڏاڍو کلياسين.

ڪتابن پڙهڻ جو شوق مون کي ننڍپڻ کان گهٽ ته ڪو نه پر ڪجهه هو. بابو ڪو ڪتاب يا رسالو سنڌي يا اردو ۾ آڻيندو هو ته مان به پڙهندو هئس. پهريون ناول (اردوءَ ۾) "مارِ آستين" مون مئٽرڪ دوران ميهڙ ۾ پڙهيو جيڪو منهنجي دوست ارجن مون کي ڏنو هو. لاڙڪاڻي ۾ ڪاليج دوران مون ڪجهه سياسي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا. سائين جي ايم سيد جو ڪتاب "جيئن ڏٺو آهي مون" ۽ جواهر لال نهروءَ جا ڪتاب جواهر "جيوتي" ۽ "ڊسڪوري آف انڊيا" انهن ڏينهن ۾ پڙهيم. ڪتابن پڙهڻ جو وڌيڪ ماحول به مليو ۽ شوق به تيو جڏهن مان يونيورسٽيءَ پهتس. ان وقت سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ پاڪستان ۾ کاٻي ڌر جي تحريڪ عروج تي هيون ۽ ان وقت سياست علم ۽ شعور ذريعي ٿيندي هئي، ان ڪري هر سياسي ڪارڪن لاءِ مطالعو ضروري هوندو هو. نه رڳو اهو پر ڪتاب معاشري ۾ مرتبي جي علامت طور به سمجهيو ۽ تسليم ڪيو ويندو هو سو جيڪي همراهه ڪتاب ڪو نه پڙهندا هئا اهي به ڪتاب هٿ ۾ يا ٽيبل تي رکي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته اهي به ڪتاب پڙهندڙ آهن. جيئن اسٽوڊنٽس يونين جو صدر ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اڳواڻ يوسف جکراڻي هو ان لاءِ مشهور هو ته اهو ڪتاب پڙهندو ڪو نه هو پر هر وقت ڪتاب هٿ ۾ هوندو هئس. ڪجهه ڏينهن هڪڙو ڪتاب ساڻ رکڻ کان پوءِ اهو متائي وري ٻيو کڻندو هو. هن جو اصلي ڪم اهو هوندو هو ته هر جلسي ۾ سائينءَ جي ڪرسيءَ جي پويان اسٽين گن کڻي بيٺو هوندو هو. اهڙا فوٽا به موجود آهن (ڪيس ائين ڪرڻ لاءِ ڪنهن به چيو ڪو نه هو پنهنجو پاڻ ائين ڪندو هو).

مون يونيورسٽيءَ پهچي پهرين رسالا ۽ مخزنون وٺڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪيون جهڙوڪ سهڻي، ملير ۽ مهراڻ وغيره. انهن ڏينهن ۾ امر جليل جي ڪهاڻين جو مجموعو "جڏهن مان نه هوندس" نوجوانن ۾ گهڻو مقبول هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪهڙي غلط ڳالهه ڪئي. ان تي وڏي ياءُ چيو تہ "ائين چو نہ تو تعارف ڪرائين تہ مدد علي مشتاق جو ياءُ آهي".

ٻئي طرف، جيئن اڳ ۾ مان ٻڌائي چڪو آهيان. ان ئي عرصي دوران عبدالواحد آريسر سان منهنجي ويجهڙائي ٿيڻ لڳي هئي. ڪڏهن ساڻس قربان ميمڻ جي ڪمري تي ملاقات ٿيندي هئي ۽ ڪڏهن هو منهنجي ڪمري تي ايندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ رات بہ ترسندو هو. اهو ڪتابن پڙهڻ جو تمام گهڻو شوقين هو. طبيعت جو سادو ۽ گفتگوءَ جو دلچسپ، تنهن ڪري مان ڪائنس جلدي متاثر ٿيس. منهنجو پڙهڻ جو شوق بہ وڌيو ۽ ساڻس ڪچهرين جو بہ. عبدالواحد آريسر جي مطالعي جي حوالي سان وڏيڪ دلچسپيءَ جا ميدان سنڌ جي تاريخ کان علاوه ننڍي کنڊ جي آزاديءَ واري جدوجهد ۽ افريقہ جون قومي تحريڪون هيون. ان حوالي سان هو مون کي ڪي خاص ڪتاب پڙهڻ جي صلاح بہ ڏيندو هو. مطالعي جي حوالي سان وڌندڙ مشترڪ دلچسپيءَ جو هڪڙو سبب اهو بہ هو تہ "جديد سياست جا نَورتن"، "ڊسڪوري آف انڊيا" ۽ جواهر "جيوٽي" ڪتاب پڙهڻ سان آءُ جواهر لال جي شخصيت ۽ سياست کان تمام گهڻو متاثر ٿيو هئس ۽ مجموعي طور هندستان جي تحريڪ آزاديءَ کان پڻ.

ساڳئي وقت آءُ آهستي آهستي ڪميونسٽ لٽريچر بہ پڙهڻ لڳو هئس ۽ جيئن جيئن مان اهو پڙهندو ويس تيئن تيئن ان ۾ منهنجي دلچسپي وڌندي ويئي خاص ڪري لينن ۽ مائوزي تنگ جي لکڻين ۾. جيئوٽيڪ انهن ٻنهي ليڊرن جي تاريخي ۽ سماجي پس منظر ۽ لکڻين جي موضوعن ۽ مارڪسزم جي هڪجهڙائيءَ سان گڏ ڪيترا فرق بہ هئا (جن جو ذڪر اڳتي ايندو) پر ٻئي اسان جهڙن ملڪن ۽ ماڻهن لاءِ رهنمائي مهيا ڪندڙ هئا. فلسطين جي قومي تحريڪ تہ سڄي دنيا ۾ مشهور هئي ۽ سڀني آزادي پسندن کي متاثر ڪندڙ هئي. فلسطين جا ڪجهہ شاگرد سنڌ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهندا هئا جن مان ڪن جو تعلق جارج حباش جي قيادت ۾ ويڙهہ ڪندڙ پي ايل او جي هڪ ميمبر تنظيم پاپولر فرنٽ فار دي لبريشن آف پليسٽائين (PFLP) سان هو. اهي هڪ ئي وقت نيشنلسٽ بہ هئا ۽ مارڪسسٽ بہ. ان ڪري مون کي اهي وڌيڪ پسند هئا. ان ڪري فلسطين ۽ پي ايل او سان مجموعي طور ۽ پي ايف ايل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پي سان خاص طور دلچسپي وٺي ۽ انهن بابت لٽريچر به مان پڙهڻ لڳس. چي گويرا ۽ فيڊل ڪاسترو ته گذريل ڏهاڪي کان وٺي دنيا جي نوجوانن کي متاثر ڪري ۽ انهن ۾ اتساهه پيدا ڪري رهيا هئا. ظاهر آهي اسان به انهن کان متاثر ٿياسين. انهن جو يا انهن بابت گهڻو مواد ته موجود ڪو نه هو پر ٿورو گهڻو هتان هُتان ڪو مضمون، ڪو حوالو يا ڪا خبر پڙهي وٺبي هئي باقي چي گويرا جي ڊائري ڪافي مشهور ۽ مقبول ۽ مون به پڙهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو پهريون ليک ڇپيو. عبدالواحد آريسر تي ڪيس داخل ٿيڻ ۽ سنڌس رسالو پيغام بند ٿيڻ کان پوءِ آريسر جي ۽ اسان سڀني جي ساٿي، ايل ايم سي جي شاگرد خادم لاکير "نئون پيغام" جي نالي سان سلسلو جاري ڪيو. ان ۾ جواهر لال نهرو جي لکڻيءَ جو ڪيل منهنجو ترجمو ڇپيو. ان ئي ڪتابي سلسلي جي حوالي سان مون تي پهريون ڪيس داخل ٿيو. نئون پيغام جو ايڊيٽر خادم لاکير ۽ ان جا پانهن ٻيلي قربان ميمڻ ۽ خالق جوٽيجو هئا. ان تي ملڪ دشمن مواد شايع ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿيو. ڪيس جي خبر ۾ پنهنجو نالو پڙهڻ سان مون ۾ اهو احساس پيدا ٿيو ته مان به ڪجهه نه ڪجهه قومي تحريڪ لاءِ ڪري رهيو آهيان. ان ڪيس ۾ مون کي ۽ قربان ميمڻ کي ته ڪا خاص تڪليف ڪو نه آئي باقي اسان جي ايڊيٽر خادم لاکير کي هاسٽل تان گرفتار ڪري پوليس وٺي دادوءَ جي لاڪ اپ ۾ پهچايو جتان ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪورٽ طرفان ضمانت ملڻ تي واپس آيو.

اسان جو انجنيئرنگ جي آخري سال جو امتحان جيڪو 74 ۾ ٿيڻو هو سو 75 جي شروع ۾ ٿيو ۽ رزلٽ مئي مهيني ۾ اچي ويئي. ان وچ ۾ مون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ شام جو لا ڪاليج ۾ ايل ايل بي ۾ داخلا وٺي ڇڏي. جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو ته انجنيئرنگ پڙهڻ منهنجو شوق نه پر ضرورت هئي. سو شوق خاطر پوليٽيڪل سائنس ۾ داخلا ورتم جڏهن ته قانون پڙهڻ ورڻ به ضرورت تحت هو. ان وقت تائين مان سياست ۾ پوري طرح ملوث ٿي چڪو هئس ۽ قومي تحريڪ سان به منهنجي ڪمٽمنٽ شعوري طرح پختي ٿي چڪي هئي. ٻئي طرف رياستي ادارا سياسي ڪارڪنن جي پويان ٻاهه ٻاريو ويٺا هئا خاص ڪري نظرياتي سياست ڪندڙ قومي ڪارڪنن ۽ ڪميونسٽن کي اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجو ازلي دشمن سمجهندا هئا ۽ چوويهه ئي ڪلاڪ انهن جي پويان نوس نوس ڪندا وتندا هئا. وري پٽي جي حڪومت! "الله ڏئي پناهه" اڄڪلهه ته پيپلزپارٽيءَ جا حامي ۽ ميڊيا وارا ان دور کي وڏو جمهوري ۽ عوام دوست ڪري پيش ڪندا آهن پر خبر انهن کي آهي جن اهو دور ڀوڳيو آهي. پٽو حڪومت جي مخالف سياسي ليڊرن ۽ ڪارڪنن سان اُهي ويڌنون ڪيون ويون ۽ اُهي ويل وهايا ويا جيڪي ايوب ۽ يحيٰ جي فوجي حڪومتن ۾ به نه ڏنا ويا هئا. سياسي ليڊرن سان جيلن ۾ شرمناڪ حرڪتون ڪيون ويون. سياسي ڪارڪنن جي هٿ نه اچڻ جي صورت ۾ انهن جي مائرن ڀينرن ۽ پائرن ڀينرن کي ٿاڻن تي بي عزتو ڪيو ويو ماڻهن جون نوڪريون ۽ بيا روزگار جا ذريعا ختم ڪيا ويا، ۽ شايد ماڻهن کي گهٽو اعتبار نه اچي ته سياسي/ قومي ڪارڪنن جي اغوا ۽ گمشدگيءَ جو سلسلو به خير سان محترم پٽي جي حڪومت ۾ شروع ٿيو. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جو استاد اشوڪ ڪمار ڪنهن به سياسي سرگرميءَ ۾ ملوث ڪو نه هوندو هو باقي قومپرست سوچ ضرور رکندو هو. ان کي "را" جي ايجنٽ جو الزام هڻي اغوا ڪري گم ڪيو ويو جنهن جو اڄ ڏينهن تائين پتو نه پيو. بلوچ قومپرست اڳواڻ سردار عطاءُالله مينگل جي فرزند اسدالله مينگل کي ڪراچيءَ جي سنڌي مسلم سوسائٽيءَ واري علائقي مان خفيه ايجنسين جا اهلڪار کڻي ويا جيڪو اڄ تائين گم آهي.

ان پس منظر ۾ منهنجي سوچ اها هئي ته انجنيئرنگ پاس ڪري نوڪري ته ڪبي پر ڪهڙي به وقت اها ختم ٿي سگهي ٿي، ۽ جيڪڏهن ختم نه به ٿي ته مان پاڻ ڇڏيندس ڇاڪاڻ ته ڪُل وقتي ڪارڪن ٿي ڪم ڪرڻ جو فيصلو مان ذهن ۾ ڪري چڪو هئس. ان ڪري قانون جي ڪورس ۾ داخلا ورتم ته جيئن اهو وقت سِر ڪم اچي سگهي.

رزلٽ اچڻ شرط مون هڪ پرائيويٽ فرم ۾ نوڪري شروع ڪئي. ليفٽ بئنڪ آئوٽ فال ڊرين (LBOD) پروجيڪٽ تي واپڊا صلاحڪار (Consultant) ڪمپني پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ ڪمپني (PADC) ۾ مان ۽ منهنجو هم روم عبدالحليم جوڻيجو سپروائيزر طور پرتي ٿيا سين. اسان جي پگهار 15 سئو رپيا هئي جيڪا ان وقت جي لحاظ کان گهٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئي جو سترهين گريڊ جي سرڪاري آفيسر جي پگهار پنج سئو هئي. اها نوڪري چاچي پير بخش جي معرفت ملي. هو اسان جي تنظيمي دوست ضمير لاڙڪ جو چاچو هو تنهن ڪري اسان سڀ ڪيس چاچو چوندا هئاسين. چاچي چيو ته "نوڪري مان ونرائي تو ڏيان پر پگهار مان ڪجهه فنڊ توهان پنهنجي پارٽيءَ کي ڏجو". ڪجهه مهينو سوا اسان جي پوسٽنگ شڪارپور ۾ رهي ان کان پوءِ حيدرآباد هيڊ آفيس. اتي منهنجو انچارج مسٽر بچل ميمڻ هو جيڪو واپڊا مان ئي ڪرپشن جي الزامن هيٺ برطرف ڪيو ويو هو. هو هڪ مغرور ۽ بدمزاج شخص هو. اسان به نوجوان وري تازو سنڌ يونيورسٽيءَ مان نڪتل، تيون وري والد طرفان اصولن تحت زندگي گذارڻ جا سبق مليل. سو تورن ئي ڏينهن ۾ ٽڪراءُ شروع ٿيو. نتيجي طور مهينو ڏيڍ ڪم ڪرڻ کان پوءِ مان استعيفيٰ ڏيئي آيس.

جيئن جيئن مان وڏو ٿيندو ويس ۽ ٻاهرين دنيا کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو ته مون کي احساس ٿيو ته مون والده سميت گهرياتين کي گهٽ ٽائيم ۽ ڌيان ڏنو آهي. ان احساس تحت پهرين پگهار ملڻ تي پهريون ڪم مون اهو ڪيو ته زال لاءِ، ڀينرن لاءِ، والده لاءِ ۽ سس لاءِ ڪپڙن جا وڳا ورتا. ظاهر آهي ته زال ۽ ڀينرن لاءِ ڪجهه وقت جي فيشن مطابق ڪپڙا ورتا جڏهن ته والده ۽ سس لاءِ به سادا پر سٺا ۽ معياري ورتا. مون جڏهن اهو وڳو امان کي ڏنو ته چيائين ته "مان وري هيترو سٺو پائيندس ڇا". ۽ پوءِ اهو به منهنجي گهرواريءَ کي ڏيئي ڇڏيائين. جلد ئي مون نوڪري ڇڏي ڏني ۽ وري جيستائين ٻي ملي ان کان اڳ ۾ امان مون کي ڇڏي ويئي. ۽ ان سان گڏ منهنجي دل، دماغ ۽ روح ۾ اهو درد ڀريو احساس زندگي ڀر لاءِ ڇڏي ويئي ته جنهن هستيءَ منهنجي لاءِ هيترو ڪجهه ڪيو مان ان لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهيس.

امان کي رڳن جي ڪمزوريءَ جي بيماري Myasthenia granice هوندي هئي جنهن ڪري هلڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئس. سو هڪ ڏينهن هلندي ڪري پيئي ۽ چنگهه ڀڄي پيس. مقامي علاج ڪرايا ويا پر ڪو فائدو نه ٿيو. مان ڄامشوري کان ڳوٺ ويس ته سور کان ٿيندڙ سندس دانهون ٻڌڻ ۽ برداشت کان ٻاهر هيون. مان ان وقت انجنيئرنگ جي ٽئين سال ۾ پڙهندو هئس. نه مون وٽ وسيلا هئا ۽ نه ئي ڪا منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خاص واقفيت هئي. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٽئين سال جو ئي شاگرد نور احمد راڄپر قومپرست خيالن جي ڪري منهنجو دوست ٿي ويو هو ان سان ڳالهه ڪيم. ان جي صلاح سان مان امان کي ڄامشوري وٺي آيس. نور احمد ئي پڙرا ميڊيڪل جي لاءِ نهيل هاسٽل ۾ هڪ ڪمرو وٺرائي ڏنو ان ۾ منهنجي ماءُ سان گڏ منهنجي سس رهڻ لڳي جيڪا منهنجي ماءُ جي پڪي ٻه هئي. نور احمد جي ڪوشش ۽ مدد سان امان جو ايل ايم سي جي سنن ڊاڪٽرن آپريشن ڪيو جنهن کان پوءِ سندس درد پريون دانهون بند ٿيون. ان عمل لاءِ نور احمد راڄپر ۽ منهنجي سس جي ادا ڪيل ڪردار کي مان زندگي ڀر وساري نه سگهندس.

پهرين نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ ٻي نوڪريءَ جي تلاش ۽ ڪوشش ۾ مان ڳوٺ کان ٻاهر گهڻو وقت رهندو هئس. مان ڪراچيءَ ۾ هئس ته آگسٽ مهيني جي هڪ ڏينهن امان گذاري ويئي. تڏهن مواصلات جا ذريعا نه هجڻ جي برابر هئا. بابي راڌڻ مان ڪراچيءَ ۾ اسان جي خانداني پير (لنواري شريف واري) جي بنگلي تي فون ذريعي اطلاع موڪليو. اهي بنگلي وارا منهنجي "افعالن" جي ڪري مون کي ذاتي طرح سڃاڻندا ڪو نه هئا. سو وچ وارن ماڻهن ذريعي تلاش ڪندي انهن جو اطلاع جڏهن مون تائين پهتو ته ڪافي وقت گذري چڪو هو سو جڏهن مان ڳوٺ پهتس ته خاندان وارا اڳ ۾ ئي منهنجي ماءُ کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪري چڪا هئا. اهڙي طرح ماءُ جي حوالي سان هڪ وڏيڪ صدمو رسيو. شايد مان جيڪا سندس مناسب خدمت نه ڪري سگهيو هئس اهو ان جو صلو هو. ماڻهن جا اهي لفظ اندر جي گهاوَ کي اڃا گهرو ڪري رهيا هئا ته "وفات وقت سندس وات تي تنهنجو ئي نالو هو".

اسان امان جي ٽڏي تي ويٺا هئاسين ته هڪ ٻي اهڙي ئي دردناڪ خبر ريڊيي تي آئي. پاڪستان جي پاليل فوجي آفيسرن ڍاڪا ۾ رات جي اونداهيءَ ۾ ننڍي کنڊ جي عظيم قومپرست اڳواڻ ۽ بنگلاديش جي صدر "بنگ بندو" شيخ مجيب الرحمان جي گهر تي حملو ڪري ڪيس سڄي خاندان سميت قتل ڪري ڇڏيو. انهن بندوق ٻازن اقتدار تي قبضو ڪرڻ سان گڏ عوامي ليگ جي ڪيترن ليڊرن ۽ ڪارڪنن کي ٻه قتل ڪيو جڏهن ته مک مرڪزي اڳواڻن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. اها هڪ مجيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حقيقت آهي تہ بندوق تي پاڙيندڙ بزدل ٿيندو آهي. سو راولپنڊي جي ايچ
کيو جي تربيت يافتہ هنن بزدل بندوق بازن کي بہ خوف ٿيو تہ عوام ۾
مقبول عوامي ليگ جي قيادت زنده رهي تہ سندن اقتدار نہ بچندو سو
اٽڪل ٻن مهينن کان پوءِ جيل ۾ بند چئن چوٽيءَ جي اڳواڻن سيد
نذرالاسلام، تاج الدين احمد، اي ايچ ايم قمرالزمان ۽ ڪئپٽن منصور کي
بہ قتل ڪيو ويو. اهو واقعو بہ شيخ مجيب جي قتل کان گهٽ دردناڪ نہ هو.
بنگال جي قومي تحريڪ ۽ ان جي قيادت جيئن پاڪستان جي هين
محڪوم قومن خاص ڪري سنڌين لاءِ اتساهہ ۽ ڏڍ جو ڪارڻ هئي تئين
ئي وري ان قيادت جي قتل سنڌ ۾ خاص ڪري قومپرست حلقن ۾ سخت
تڪليف، رنج ۽ ڪاوڙ جو گڏيل احساس پيدا ڪيو.

ان سڄي سازش جو ماسٽر مائينڊ عوامي ليگ قيادت ۾ ساڄي ڌر
جو نمائندو خوندڪر مشتاق هو جنهن لاءِ بعد ۾ ڪيترن ڄاڻو ماڻهن لکيو
تہ ڪافي عرصو اڳ ۾ شيخ مجيب الرحمان کي ان جي منفي ڪردار ۽
خطرناڪ ارادن کان خبردار ڪيو ويو هو پر شيخ صاحب جهڙي "درويش
صفت" انسان ۽ قومپرستيءَ کي عقيدي جي حد تائين اهميت ڏيندڙ ليڊر
ان کي نظرانداز ڪندي ان سوچ جي پوئواري ڪئي تہ "هاڻي جڏهن تہ
بنگلاديش آزاد ٿي چڪو آهي تہ سڀئي بنگالي گڏجي ان جي تعمير
ڪنداسين." ڏاهن ماڻهن بہ چيو آهي ۽ وقت بہ ثابت ڪيو آهي تہ
اجتماعي مفادن جي حصول ۽ تحفظ لاءِ رڳو نيڪ ارادا ڪافي ناهن. ان لاءِ
درست حڪمت عمليون بہ ضروري هونديون آهن. ڪيترن ماڻهن جو خيال
آهي تہ شيخ مجيب الرحمان کي اقتدار ۾ اچڻ شرط پاڪستان جي پاليل
فوجين کي فوري طور رٽائر ڪري بلڪل نئين فوج تيار ڪرڻ کپندي
هئي. دنيا ۾ ڪير ان ڳالهہ سان اختلاف نہ ڪندو تہ سائين جي ايم سيد
نيڪ نيتيءَ ۾ سنڌ جي بهتريءَ خاطر پاڪستان ٺهڻ لاءِ ڪوششون
ورتيون پر پوءِ اهو بہ سڄي دنيا ڏسي چڪي آهي تہ ان حڪمت عمليءَ جا
سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ڪيڏا خطرناڪ ۽ هاڃيڪار نتيجا نڪتا آهن.

هينئر (2015) جڏهن شيخ حسينہ جي قيادت ۾ عوامي ليگ جي
حڪومت انهن جلادن کي ۽ 1971 واري جنگ دوران بنگالي محب وطنن
جو قتلام ڪندڙ وحشين کي سزائون ٿي ڏئي تہ پاڪستاني حڪمرانن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن جي ايجنٽن کي انساني حق ياد ٿا اچن. بي شرميءَ جي انتها تہ اها آهي تہ جماعت اسلامي بہ انساني حقن ۽ انصاف جي ڳالهہ ٿي ڪري جنهن جي ان وقت نهرايل دهشتگرد تنظيمن الشمس ۽ البدر جا ميمبر فوج جي دلالي ڪندي بنگالي عورتن جي انهن جي ٻارن جي آڏو عصمت دري ڪندا هئا ۽ معصوم ٻارن جي پيٽ ۾ سنگينون ڪوڙي الله اڪبر جا نعرا هڻندا هئا. وري شانِ بي حيائي ڏسو تہ پيپلزپارٽيءَ جا ليڊر بہ انساني حقن تي ڳوڙها ٿا ڳاڙين جن جو ليڊر بنگال جي قتلِ عام ۾ نہ رڳو شريڪ هو پر قاتل فوجين ۽ الشمس البدر جي غنڊن جو ڪيس وڙهڻ اقوامِ متحده بہ ويو هو ۽ هن بنگال تي فوجي چڙهائي شروع ڪرائي اهو چيو هو تہ "خدا کا شکر ہے کہ پاکستان بچ گیا." پاڪستاني رياست، مفاد پرست ۽ موقعي پرست ميڊيا ۽ خوشامدي سياسي پارٽيون ۽ مڪٽهار ليڪڪ، دانشور (جن ۾ سنڌي بہ شامل آهن) 16 ڊسمبر کي ان ڪري "هڪ سانحو" ڪري ٿا ملهائين تہ ان ڏينهن تي رياست جي ئي پاليل دهشتگردن پشاور جي آرمي پبلڪ اسڪول ۾ سئو ڪان مٿي ٻارن کي قتل ڪيو هو پر انهن سيني کي 25 مارچ (1971) سانحو نٿو لڳي جڏهن رياستي ٽئنڪن هن ئي ملڪ جي شهر ڍاڪا جي يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن تي چڙهائي ڪري ننڊ ۾ ستل سوين شاگردن کي مٽيءَ جي ڍير ۾ ملائي ڇڏيو هو. پاڪستان جي منافق ميڊيا 1965ع واري جنگ جو ذڪر ڪندي چوندي آهي تہ "دشمن نے رات کے اندھیرے میں حملہ کیا". هاٿي دشمن تہ اونداهي ۾ ئي حملو ڪندو پر ان ميڊيا ائين ڪڏهن نہ چيو يا لکيو آهي تہ هن ئي ملڪ جي فوج هن ئي ملڪ جي شهرين تي رات جي اونداهي ۾ حملو ڪيو.

17 جنوري 1975ع تي سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ جو جلسو سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽر نيشنل هاسٽل جي گرائونڊ تي منعقد ڪيو ويو. ميزبان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن هئي ۽ ان جا اڳواڻ شاهہ محمد شاهہ، مدد علي سنڌي ۽ ٻيا مک منتظم هئا. ان جلسي دوران هڪڙو اڻوڻندڙ واقعو پيش آيو. سنڌ جي قومي تحريڪ جو سينيئر رهنما ۽ يگانو ڪردار محمد حفيظ قريشي مهمان مقرر هو. قريشي صاحب کي مختلف سببن جي ڪري ڪميونسٽن تي گهڻي ڪاوڙ هوندي هئي ۽ ذري گهٽ هر جلسي يا ڪچهريءَ ۾ انهن تي تبصرا ضرور ڪندو هو جنهن تي منهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پر سمجهه ۾ به ڪجهه نه پيو اچي ته ڇا ڪجي. مولا بخش لغاريءَ جي حمايت ۾ واضح طور بيٺل دوستن ۾ مان، اختر ڪاڪيپوٽو خادم لاکير، رفيق قريشي، الله بخش سولنگي، قربان پرڳڙي، منظور پنهور ۽ ٻيا شامل هئاسين. نه ان وقت مواصلات جا ايترا تڪڙا ذريعا هئا ۽ نه ئي اسان مناسب سمجهيو ته سائينءَ کان پڇون ته توهان ائين چيو آهي يا نه. بس پوءِ سينيئر دوستن پنهنجي مرضيءَ جي باڊي آندي جنهن ۾ شاهه محمد شاهه صدر ٿيو ۽ جنرل سيڪريٽري مدد علي سنڌيءَ جي تيار ڪيل آغا ظفر الله کي بڻايو ويو جنهن جي فيڊريشن ۾ نه ته ايتري سينيارٽي هئي ۽ نه ئي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ گهربل صلاحيت. مولا بخش لغاريءَ کي وري به نائب صدر مقرر ڪيو ويو جڏهن ته جوائنٽ سيڪريٽري قاسم ٻگهيو ٿيو. اسان نتيجا ته قبول ڪيا پر مزو ڪو نه آيو ۽ واپسيءَ تي دوستن ۾ وهاب شاهه واري اتساهه جو نانءُ نشان به ڪو نه هو. دادو ڪنوينشن کان ئي دراصل جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ گروپ بنديءَ جي شروعات ٿي.

ان ڪنوينشن ۾ منهنجو سئوٽ ۽ ننڍپڻ جو دوست عبدالغني جوڻيجو به ڪراچيءَ کان شريڪ ٿيو. هو جيتوڻيڪ شاگرد ڪو نه هو ان وقت پر جيئڻ ته سياسي سوچ ۽ قومپرست فڪر رکندڙ هو ۽ ان وقت قومي تحريڪ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ئي متحرڪ تنظيم هئي تنهن ڪري ان ۾ ئي شامل ٿيو. دراصل ان وقت ٻيا به ڪجهه اهڙا دوست جيڪي نوڪريون ڪندا هئا پر شاگرديءَ جي عمر ۾ هئا اهي فيڊريشن جا ميمبر هئا جهڙوڪ ڪراچيءَ جو صدر نواز جسڪاڻي ۽ جنرل سيڪريٽري عطاءالله انڙ.

ٿوري عرصي کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين جون چونڊون ٿيڻيون هيون. انهن لاءِ ٽڪيٽون ڏيڻ خاطر جساف صدر سيد شاهه محمد شاهه هڪ پارلياماني بورڊ شاهه محمد لهراڻيءَ جي صدارت ۾ ناهيو جنهن ۾ مان به ميمبر هئس. ان بورڊ جي سفارش تي به قيادت صحيح طور عمل نه ڪيو ۽ مختلف هيلن بهانن سان ان ۾ تبديليون ڪيون. ان عمل سان فيڊريشن اندر موجود اختلافن ۾ وڌيڪ شدت آئي ۽ صف بندي به وڌيڪ چٽي ٿيندي ويئي. شاهه محمد شاهه جي پاسي "ڏاڍا مڙس" گهڻا هئا ته مولا بخش لغاريءَ سان اسان جهڙا "شريف" ماڻهون گڏ هئا. هڪ ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يونيورسٽيءَ جي سينٽرل ڪئنٽين جي ٻاهران ٻنهي گروپن جا دوست موجود هئاسين. ڪنهن ڳالهه تان بحث ۾ تلخي ايندي ويئي. اتي مُن گروپ جي هڪڙي همراهه مولا بخش لغاريءَ لاءِ توهين آميز جملا ڳالهايا جنهن تي اسان به ردِ عمل ظاهر ڪيو. اسان مان سڀ کان وڌيڪ ڪاوڙ ۽ غصي ڀريو ردِ عمل رفيق قريشيءَ ڏيکاريو.

اهڙي طرح اختلافن جي وڌي وڃڻ ۽ نتيجي طور جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي. بهرحال وقت گذرڻ سان اسان وارو حصو ئي مکيه جساف طور تسليم ٿيڻ لڳو جڏهن ته ٻئي حصي پاڻ کي جساف (آرگنائيزنگ ڪميٽي) سڏايو. وقت گذرڻ سان سيد شاهه محمد شاهه جي دلچسپي ۽ نظرداري گهٽجڻ سان اهو گروپ آهسته آهسته تحليل ٿي ويو. شاهه محمد شاهه ان کان پوءِ ملڪي سياست ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. هڪ مرحلي تي هُن جيئي سنڌ محاذ کي متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي پر پوءِ ان جا ڪي نتيجا سامهون ڪو نه آيا. هتي مان اهو ضرور چوندس ته شاهه محمد شاهه ۾ Initiative وٺڻ خطرا کڻڻ ۽ شين کي منظم ڪرڻ جي تمام سٺي صلاحيت هئي پر هڪ ته مون وانگر جذباتي هو ۽ ٻيو مستقل مزاجيءَ جي گهٽتائي هئس. هي سنڌ جي قومي تحريڪ لاءِ الاهي ڪارگر ثابت ٿي سگهيو پئي پر بهرحال هر انسان ۾ ڪمزوريون هجن ٿيون ۽ هر فرد غلطيون به ڪري ٿو. بعد ۾ ته هو قومپرست سياست کان ئي پري ٿي ويو ۽ مسلم ليگ ۽ پيپلزپارٽيءَ جهڙن اسٽيبلشمنٽ دوست ۽ سنڌ دشمن پارٽين ۾ وڃي شامل ٿيو اهي پارٽيون جن جي سياست ۽ جن جي ليڊرن خلاف سندس جذباتي تقريرون ڪنهن وقت اسان کي گرمائينديون هيون. بهرحال جدائي کان وٺي اڄ ڏينهن تائين منهنجو ساڻس ذاتي تعلق هر دور ۾ هر حال ۾ برقرار رهيو آهي ۽ سخت سياسي اختلاف هجڻ باوجود هڪ ٻئي لاءِ عزت احترام جو جذبو موجود هوندو آهي. مان ته ان چوڻيءَ ۾ يقين رکندڙ آهيان ته "جيڪو ماڻهون هڪڙو سبق پڙهائي اهو به استاد سڏبو" هي ته اٽڪل چار سال اسان جو ليڊر رهيو تنهن ڪري مان اڄ به ان حيثيت ۾ سندس عزت ڪندو آهيان باوجود ان جي ته ڪانفرنسن ۽ ٽي وي ٽاڪ شوز ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي جي موقفن جي سخت مخالفت ڪندا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي يا ايڊوانسڊ سنڌيءَ ان جي انچارج مشهور شاعره سحر امداد مقرر ٿي هئي. ان ۾ مان هڪڙو ئي شاگرد هئس ۽ ان جو صرف هڪ ئي پيرڊ ٿيو. معنيٰ هڪ استاد، هڪ شاگرد، هڪ پيرڊ- پر اڄ تائين جتي به سحر ملندي آهي ته مان امداد حسيني سميت ماڻهن کي ٻڌائيندو آهيان ته هيءَ منهنجي استاد آهي.

سال 1975 دوران صوبائي خودمختياريءَ جي بنياد تي هڪ هلچل شروع ٿي چڪي هئي. وزيراعظم ڀٽي سان اختلافن ڪانپوءِ سنڌس ۾ انتهائي قريبي ساٿي پنجاب جو سابق گورنر غلام مصطفيٰ کر ۽ سابق وزيراعليٰ حنيف رامي ڪائنس جدا ٿي پنجاب ۾ صوبائي خودمختياريءَ لاءِ مهم هلائي رهيا هئا. هتي سنڌ ۾ به پ پ جو باني ليڊر ۽ سنڌ جو سينيئر سياستدان مير رسول بخش ٽالپر پ پ حڪومت ۽ خاص ڪري ذوالفقار ڀٽي طرفان توهين آميز سلوڪ کان پوءِ حڪومت جي مخالفت ۾ سياست ڪري رهيو هو. ان حيدرآباد ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي موضوع تي هڪ ڪانفرنس گهرائي جنهن ۾ چيو ويو ته مصطفيٰ کر ۽ حنيف رامي به شريڪ ٿيندا. ڪانفرنس ۾ شرڪت جي جيئي سنڌ کي به دعوت هئي. جيئي سنڌ محاذ جي نمائندگيءَ لاءِ ان جي صدر سائين جي ايم سيد سيد امداد محمد شاهه کي مقرر ڪيو جڏهن ته جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن بابت فيصلو اسان کي ڪرڻو هو. شاهه محمد شاهه وارن جي الڳ ٿي وڃڻ کان پوءِ وري فيڊريشن اندر نظرياتي بنيادن تي گروپ بندي ٿيڻ لڳي هئي. هڪ طرف اسان هئاسين، مولا بخش لغاري (ليڊر) مان، اختر ڪاڪيپوٽو قاسم ٻگهيو سرور ڪنڊڙ خادم لاکير ۽ ٻيا. ٻئي پاسي وڏيڪ ڪاهي ڏر جا خيال رکندڙ همت علي پتافي، نواز جسڪاڻي ۽ ٻيا- ضمير لاڙڪ به انهن سان هوندو هو پر ان جا ڪي به خاص نظرياتي خيال ڪو نه هئا.

صوبائي خودمختياري ڪانفرنس ۾ شرڪت جي حوالي سان اجلاس ٿيو. ڪافي بحث مباحثي ۽ دليل دلائل ڪانپوءِ طئي ٿيو ته شريڪ ٿجي. پوءِ اسان چيو ته هاڻي سن هلون ۽ سائينءَ کي اعتماد ۾ به وٺون ۽ سندس رهنمائي به حاصل ڪريون. ان تي هُنن دوستن اعتراض وارينديءَ چيو ته جڏهن اجتماعي طور فيصلو ٿي چڪو آهي ته پوءِ جي ايم سيد وٽ وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ اهو ته ائين ڪرڻ شخصيت پرستي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(اهڙي صورتحال لاءِ لينن جو ڪتاب انقلابي لفاظي پڙهڻ گهرجي) ان تي مون ڏکو انهن دوستن جو هٿ ٺوڙڻ ۽ جي ايم سيد دشمنيءَ ڪي واڪو ڪرڻ لاءِ چيو ته "مارڪس جي خيالن ڪي مارڪسزم چئي پوڄڻ شخصيت پرستي ناهي باقي جي ايم سيد سان صلاح ڪرڻ شخصيت پرستي آهي." اسان جو سينيئر دوست مولا بخش لغاري ان موقعي تي ڀڪي اٿيو ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ هٿ مٺي ڪري چوڻ لڳو ته "واهه عبدالخالق واهه! تو مون کي لائين ڏيئي ڇڏيو هاڻي ان ڳالهه کي اڳتي وڌائڻ منهنجو ڪم آهي." بس ان مهل کان هن ماڪسزم جي طرز تي جي ايم ازم جو اصطلاح استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. مون مڙيئي موقعي مناسبت سان ۽ دليل خاطر ائين چيو مولا بخش ان کي پنهنجي نيڪ نيتي ۽ سادگيءَ ۾ اڳتي وڌايو ۽ پوءِ سياست کي ڪاروبار بڻائيندڙ ماڻهن جي ايم ازم جي اصلاح کي پنهنجي ڪاروبار لاءِ اشتهار جو ذريعو بڻائي ڇڏيو.

بهرحال اسان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿياسين. اتي امداد محمد شاهه سياسي ۽ آئيني و قانوني حوالن سان صوبائي خودمختياريءَ جو ڪيس اهڙي زبردست نموني پيش ڪيو جو واهه واهه ٿي ويئي. بعد ۾ ايندڙ مقررن کي ان ئي دائري اندر ڳالهائڻو پيو. ڪانفرنس ۾ "پنجاب جا شير" ته ڪو نه آيا البته هڪ نيئن تنظيم نيشنل ڊيموڪريٽڪ موومنٽ ضرور وجود ۾ آئي جنهن جو صدر مير رسول بخش ٽالپر هو.

انهن ڏينهن ۾ مان نوڪريءَ جي ڪوشش به ڪندو هئس ۽ نان ريگيولر بنيادن تي پوليٽيڪل سائنس جا ڪلاس به اٽينڊ ڪندو هئس. اتفاق سان ان ئي سال ڪامريڊ نذير عباسيءَ به ساڳئي شعبي ۾ داخلا ورتي ۽ هو به مون وانگر ڪلاس ۾ نان ريگيولر هوندو هو. اسان جي هڪ ٻئي سان دوستي ته نه چئبي پر چڱي واقفيت ٿي ويئي. بهرحال مان اها پنهنجي خوشقسمتي سمجهان ٿو ته اهڙي ڪميٽيڊ، سچار، ايماندار ۽ محنتي سياسي ڪارڪن سان گڏ وقت گذارڻ جو موقعو مليو. جيتوڻيڪ اسان جي نظرين ۾ فرق هو پر مان هميشه سندس ذڪر هڪ مثالي سياسي ڪارڪن طور ڪندو آهيان. هو سنجيده سياسي ڪارڪن سان گڏ پنهنجي شخصيت ۾ هڪ نهايت خوش مزاج ۽ وڏو يوڳائي انسان هو. ساڳئي وقت هو سنو ڳائي به سگهندو هو خاص ڪري محمد رفيع ۽ طلعت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ان ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيندڙ دوست هي هئا: عبدالواحد آريسر، عبدالخالق جوڻيجو تاج جويو عطاءالله انڙ قربان جتوئي، منظور قاضي افضل جامي ۽ نذير مگھڻار ڳالهه ٻولهه کان پوءِ تنظيم جو آئين ٺاهڻ لاءِ 4 رڪني ڪميٽي ٺاهي ويئي جنهن ۾ مان عطاءالله انڙ تاج جويو ۽ منظور قاضي شامل هئاسين.

ڪميٽيءَ جي دوستن وري ڊرافٽ تيار ڪرڻ جي ذميواري مون تي رکي. مون پنهنجي سمجھ ۽ چاڻ مطابق دوستن جي اجتمائي خيالن جي روشنيءَ ۾ ڊرافٽ تيار ڪيو. سڀ کان وڌيڪ مدد مون جارج حباش جي قيادت ۾ هلندڙ پي ايف ايل پي (Popular Front for the liberation of Palestine) جي آئين مان ورتي. ان جو مکيه سبب اهو هئو ته اها تنظيم فلسطين جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪري رهي هئي پر ساڳئي وقت مارڪسي سوچ رکندڙ هئي. اهڙي طرح اها اسانجي سوچن کي قريب هئي. اڳلي ميٽنگ ۾ دوستن معمولي ترميمن سان اهو ڊرافٽ منظور ڪيو ۽ بحث مباحثي کان پوءِ تنظيم جو نالو سنڌ قومي انقلابي محاذ رکيو ويو. جيستائين متحرڪ رهي ان تنظيم نظرياتي ڪم ڪيو. اها نظرياتي ۽ سياسي مسئلن تي مشتمل هڪ پمفليٽ ڪيندي هئي جيڪو ان وقت جي حالتن ۽ ضرورتن تحت خفيه طور سائيڪلو اسٽائيل ٿيندو هو ۽ خفيه طور تقسيم ٿيندو هو. ان پمفليٽ جو سڃاڻپ نشان هڪ ستاري اندر S جو اکر هوندو هو. سنڌ قومي انقلابي محاذ جي ڪم جي نتيجي ۾ ڪافي اهڙا ڪارڪن تيار ٿيا جن اڳتي هلي جيئي سنڌ محاذ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جڏهن ته ڪجھ دوست خود ان تنظيم جا ميمبر ٿيا. انهن ۾ امداد قاضي، غلام قادر مرزاڻي، خيرمحمد لغاري، آزاد قاضي وغيره. جڏهن عبدالواحد آريسر کي گرفتار ڪيو ويو ته ان تنظيم سندس آزاديءَ لاءِ خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ چاڪنگ ڪئي. مون پاڻ عزيز آباد جي بس اسٽاپن ۽ بين هنڌن تي ڪئي جيڪا ڪافي عرصي تائين نظر ايندي هئي (مان ڪي ڊي اي ۾ نوڪري ملڻ سبب ڪراچيءَ ۾ رهندو هئس) هيءَ تنظيم خود جيئن ته خفيه هئي ان ڪري چاڪنگ جيئيسنڌ محاذ جي نالي سان ڪئي ويئي.

1975 جي آخر ۾ مون کي ڪي ڊي اي (Karachi



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سپاف ۾ ڪجهه بدمعاش قسم جا ماڻهو پرتي ڪيا هئا جيڪي قومپرستن جي سرگرمين کي روڪڻ يا خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اهڙو ئي هڪڙو همراهه راجا رحيم يار کهاوڙ هو جنهن پستول هٿ ۾ ڪٺي جلسي گاهه ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. گيٽ تي بيٺل اختر ڪاڪيپوٽي کيس ٻانهن کان جهلي واپس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن بزدل گولي هلائي ڇڏي جيڪا اختر کي دل جي بلڪل ويجهو لڳي جنهن کي فوري طور ايل ايم سي پهچايو ويو.

هڪ ڏينهن کان پوءِ مان نوڪريءَ ڪارڻ هاليجي هليو ويس. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن اختر کي علاج کان پوءِ فارغ ڪيو ويو ته مان کيس ڪجهه وقت پاڻ وٽ هاليجي ڍنڍ تي ريسٽ هائوس ۾ رهايو. اتي ماحول به سٺو هو ۽ ڳوناٽا اصلي ڪاڏا به ملي ويندا هئا. نوڪريءَ ۾ منهنجو پهريون جهيڙو به اختر ڪاڪيپوٽي جي ڪري ٿيو. ڪجهه ڏينهن ترسڻ کان پوءِ هُن ڪراچيءَ وڃڻ جي خواهش ظاهر ڪئي جو اتي لانڍيءَ ۾ سنڌن خانداني جڳهه هئي جنهن ۾ سنڌس وڏو ڀاءُ نثار رهندو هو. مون روايت مطابق وائرليس ذريعي ڊويزن آفيس گهاري پيغام موڪليو ته مون کي ڊويزن جي جيپ کپي. ان وقت هڪڙو سينيئر ايس ڊي او نقوي نالي سان ڊويزن جو انچارج هو. تنهن جواب ئي نه ڏنو. نيٺ مون سڌو ڳالهايومانس پر پوءِ به هيلا بهانا ڪرڻ لڳو جنهن تي ڪافي گرما گرمي ٿي ۽ مون چيس ته "مون کي ته جيپ هر حال ۾ کپي ٿي ۽ توهان کي ڏيٽي پوندي نه ته پوءِ ڏسان ته توهان ڪيئن ٿا ان کي پنهنجي ذاتي استعمال ۾ آڻيو". پوءِ هن ڊرائيور سميت جيپ موڪلي. اهڙي طرح رات جو اٽڪل 12 وڳي مان ۽ ڊرائيور اختر کي قائدآباد ڇڏي آياسين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ مختلف ڳالهين تي ناراض ٿي بنگالي چيف انجنيئر امين الاسلام مون کي ڪراچي هيڊ آفيس ۾ بدلي ڪيو جنهن تي مان اندر ۾ خوش ٿيس. ڪراچيءَ ۾ مون کي رهائش جي تڪليف ڪا نه ٿي جو ننڍي هوندي کان گڏ پڙهندڙ به سئوٽ عبدالڪريم ۽ عبدالغني عزيز آباد ۾ هڪ مسواڙي جاءِ ۾ اڳواٽ ئي رهندا هئا (اهي سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪندا هئا). انهن مون کي پاڻ سان رهايو جنهن لاءِ مان هميشه سنڌن ٿورائتو رهندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اپريل 1976 ۾ عبدالواحد آريسر کي پ پ حڪومت ڊي پي آر (ڊفينس آف پاڪستان رولز) هيٺ گرفتار ڪيو. اهو سڄي پاڪستان ۾ پتو حڪومت لاءِ معمول بڻيل هو ته سياسي مخالفن کي پاڪستان لاءِ خطرو قرار ڏيئي ڊي پي آر تحت بند ڪري ڇڏيو. اها به دلچسپ ڳالهه آهي ته 1973 جي آئين ۾ جمهوريت جا دهل پيپلزپارٽيءَ وارا هر هنڌ ۾ هر وقت وڄائيندا ٿا رهن پر باخبر ماڻهون ڄاڻن ٿا ته اهو آئين پاس ٿيڻ جي اڻن ڪلاڪن اندر جناب ذوالفقار علي ڀٽي ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري آئين ۾ شهرين کي ڏنل بنيادي حق معطل ڪري ڇڏيا. ان ڏينهن کان وٺي پنهنجي حڪومت جي خاتمي تائين جناب ڀٽي ايمرجنسي، ڊي پي آر ۽ تلم 144 ذريعي حڪومت هلائي. ڊي پي آر جا ڪيس هلائڻ لاءِ قائم ڪيل ٽربيونل هوم ڊپارٽمنٽ جي ماتحت هوندو هو جنهن جي معنيٰ ته ملزم سرڪار جو محتاج ـ گرفتاريءَ کان پوءِ عبدالواحد آريسر کي ڪراچيءَ ۾ قائم ٽربيونل ۾ پيش ڪيو ويو جنهن ڪيس سينٽرل جيل ڪراچيءَ موڪليو.

ٽربيونل جو رجسٽرار ولي محمد روشن (پنيرو) هوندو هو جيڪو اڳتي هلي سگا جو ليڊر به ٿيو ۽ اڃا اڳتي هلي جيئي سنڌ محاذ جو ميمبر به ٿيو. ان وقت منهنجي ان سان ڪا خاص سڃاڻپ ڪا نه هئي. ساڳئي وقت ٽربيونل جو سپرينٽينڊنٽ وري ولي محمد سهتو هوندو هو. رنگ جو Dark هجڻ سبب مذاق ۾ ولي محمد روشن جي نسبت سان هن کي وري ولي محمد اونده چوندا هئاسين. سهتو صاحب اسان جي خانداني پير لنواريءَ واري جو مريد هئڻ ڪري منهنجو چڱي طرح واقف هئو ان ڪري ڪنهن ننڍي سنڍي ڳالهه لاءِ مان ساڻس رابطو ڪندو هئس.

اتان کان عبدالواحد آريسر سان منهنجي دوستي گهاٽي ۽ ويجهي ٿيندي ويئي ڇاڪاڻ ته ڊي پي آر ۾ حاضري هر هفتي، نه ته هر ٻئي هفتي ته لازمي ٿيندي هئي. حاضري واري ڏينهن صبح جو آفيس کي منهن ڏيکاري مان هاءِ ڪورٽ جي پاسي ۾ ٽربيونل جي آفيس (جيڪا انگريز دور جي بئرڪس ۾ هئي) پهچي ويندو هئس. هوريان هوريان ٻيا دوست به گڏ ٿيندا هئا. ڪيس ۾ وڪيل نورالدين سرڪي ۽ مبشر قيصراڻي هوندا هئا. اهي به ڪڏهن هڪ ڪڏهن ٻئي چڪر هڻندا هئا. ڪيس ته هلندو ڪو نه هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

باقي آريسر کي حاضريءَ تي اڪثر آڻيندا هئا. پوءِ ڪچهريون جام ٿينديون هيون. تمام سادي زندگي گذارڻ سبب عبدالواحد جون ڪي به وڏيون ضرورتون جيل ۾ ڪو نه هونديون هيون. بس سگريٽ ۽ ٻيون ڪي ننڍيون وڏيون شيون، سي ڪو نه ڪو دوست وٺيو ايندو هو. مون کان علاوه گهڻو اچڻ وارن ۾ عطاءالله انڙ، عبدالغني جوڻيجو جڏهن ته هيڪڙ ٻيڪڙ ٻيا ڪراچيءَ ۾ رهندڙ قومي ڪارڪن نواز جسڪاڻي، الطاف سومرو جمن ۽ ٻيا به ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سندس ياءُ حافظ هارون به چڪر هڻندو هو. گهڻي گهرج جنهن شيءِ جي عبدالواحد آريسر ظاهر ڪندو هو سي ڪتاب هئا. انهن مان جيڪي هٿ اچي سگهندا هئا سي اسان آڻيندا هئاسين. هڪڙا ڏيئي ويندو هو ٻيا ڪٺي ويندو هو. هڪ دفعي انهن ڏينهن جا ٻه مشهور ڪتاب مون ڏنا ٿانس، سيد سبطِ حسن جو موسيٰ سي مارڪس تڪ ۽ ڊاڪٽر مبشر حسن جو شاهراهہ انقلاب. ٻئي سوشلسٽ نظريي جي ارتقا ۽ دنيا جي سوشلسٽ انقلابن بابت هئا. موسيٰ سي مارڪس تڪ زبردست ڪتاب هو جنهن سان شاهراهِ انقلاب جو ڪو مقابلو ئي ڪو نه هو. آريسر صاحب ٻڌايو ته جڏهن جيل جي گيٽ (ماڙيءَ) تي ڪٺي ويس ته سبطِ حسن جو ڪتاب ڪڍڻ ڏنائون جڏهن ته ڊاڪٽر مبشر وارو روڪي ڇڏيائون. سبب اهو ته پهرئين ۾ پيغمبر (موسيٰ) جو نالو هو ۽ ٻئي ۾ انقلاب جو. اهو حال هو سرڪاري ڪامورن جو- بس رڳو قيدين سان ناروا سلوڪ ڪرڻ ۾ ماهر هوندا هئا.

ڪجهه عرصي کان پوءِ اسان جي هڪ ٻئي سينيئر دوست مولا بخش لغاريءَ کي به پوليس ٻڌي ڪراچيءَ ڪٺي آئي. پوليس جو مقصد قيديءَ کي ۽ ان جي دوستن ۽ مائٽن کي پريشان ڪرڻ هوندو هو تنهن ڪري ڪوشش ڪري معلومات نه ڏيندا هئا. بهرحال ڪنهن طرح دوستن معرفت اطلاع ملڻ تي اسان مولا بخش جي تلاش شروع ڪئي. هڪڙي ٿاڻي تي وڃون ته چون ته "اسان کي خبر ناهي" ٻئي تي وڃون ته اهي وري ٽئين ٿاڻي جو ٻڌائين. نيٺ فريئر ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ مولا بخش لغاريءَ سان ملاقات ٿي. يونيورسٽي دور کان دوست ڪيس مير مولا بخش سڏيندا هئا جيڪو ڪڏهن رڳو مير صاحب سڏبو هو. اها ئي سادي زندگي، ڪي فرمائشون ڪو نه بس سنڌي ٻهاڪي وانگر "نوريٽڙي جي مهماني ٻه ٻير" ڪجهه ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کان پوءِ مير مولا بخش کي بہ سينٽرل جيل ڪراچيءَ پهچايو ويو.

جڏهن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ گروپ بندي ٿي هئي تہ عبدالواحد آريسر اسان جي گروپ سان بيٺو هو جنهن جي اڳواڻي مولا بخش لغاري ڪري رهيو هو. جيتوڻيڪ شروع ۾ سندس واسطو ٻئي گروپ جي ليڊر سيد شاهہ محمد شاهہ سان وڌيڪ هو پر پوءِ پنهنجي سوچ ۽ ڪردار جي ڪري هو اسان کي ويجهو ٿيندو ويو. جيل ۾ آريسر صاحب ۽ مير صاحب پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا هئا ۽ حاضريءَ واري ڏينهن اسان سڀني جون گڏيل ڪچهريون ٿينديون هيون. اهو سلسلو تيستائين جاري رهيو جيستائين ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت هلي. 5 جولاءِ 1977 تي ڀٽو حڪومت جو خاتمو ڪيو ويو جنهن کان پوءِ جنرل ضيا جي فوجي حڪومت سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. اسان جا دوست سيپٽمبر جي مهيني ۾ آزاد ٿيا.

ڀٽو حڪومت دوران رڳو اسان جا دوست يا سنڌي قومپرست ئي جيلن ۾ بند ڪو نہ هئا پر سڄي ملڪ جا قومپرست، جمهوريت پسند ۽ کاٻي ڌر وارا سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن، صحافي، اديب، شاگرد، دانشور ۽ شاعر سڀ ڪال ڪوٺڙين ۾ڏينهن گذاري رهيا هئا. ڪن ٿورا ڪن گهڻا ڏينهن قيد ۾ ڪاٽيا پر شايد ئي ڪو روشن خيال يا باضمير ماڻهون هجي جيڪو ڀٽي جي قهر کان بچيو هجي. سنڌ مان سائين جي ايم سيد کان علاوه قاضي فيض محمد، غلام محمد لغاري، سوڀو گيانچنداڻي، حفيظ قريشي، جام ساقي، مير علي احمد ٽالپر، مير رسول بخش ٽالپر، عبدالحميد جتوئي، امداد محمد شاهہ، شاهہ محمد شاهہ، عبدالواحد آريسر، امان الله شيخ، مولا بخش لغاري، طارق اشرف، اسماعيل وساڻ ۽ ٻيا ڪيترائي سياسي ڪارڪن، شاگرد، اديب ۽ صحافي، بلوچستان مان مير غوث بخش بزنجو سردار عطاءالله مينگل، سردار خير بخش مري، مير گل خان نصير، ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ سميت نيشنل عوامي پارٽيءَ جي سموري قيادت کان سواءِ سوين قومپرست ڪارڪن، ساڳي طرح سرحد (پختونخواه) مان خان عبدالولي خان، ارباب سڪندر خان خليل، محمد افضل خان، افراسياب خٽڪ، ايئر مارشل اصغر خان سميت سوين قومپرست ۽ ترقي پسند، پنجاب مان مختار رانا، حبيب جالب، شورش ڪاشميري، مجيب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معراج محمد خان ايوب خان جي آمريت خلاف شاگردن ۾ تحريڪ جو وڏو نالو هو. پيپلزپارٽي ٺهڻ کان پوءِ پنهنجي نوجوانن جي ٽهي کي ان ذوالفقار علي ڀٽي ڪي شاگردن ۽ نوجوانن ۾ مقبول ڪرايو. اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ به هن پنهنجي عوامي سياست وارو انداز برقرار رکندي ڪراچيءَ ۾ ٽيڇرز استادن جي احتجاجي مظاهري ۾ شرڪت ڪئي. اتي پوليس جي لٺين سان سندس مٿو به ڦاٽو ۽ اکيون به خراب ٿي پيس، وري جيل مٿان جيل ڏنائونس. نتيجي ۾ سندس صحت جيڪا اتان خراب ٿي سا اڄ ڏينهن تائين بحال نه ٿي سگهي آهي. *
فيصل آباد جي مزدور اڳواڻ مختار رانا جي مارشل لا هيٺ سزا جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي.

مياں محمود علي قصوري ملڪ جو معتبر سياستدان ۽ ناليوارو وڪيل هو. 1973 واري آئين ٺاهڻ جو بنيادي ڪم ان ئي ڪيو. ان کي به اڌ ۾ بي عزتو ڪري پارٽي ۽ حڪومت مان خارج ڪيو ويو جنهن کان پوءِ آئيني ڪميٽيءَ جو سربراهه عبدالحفيظ پيرزادو مقرر ٿيو.

صوبي سرحد ۾ ڀٽي جو سڀ کان وفادار ساٿي حيات محمد خان شيرپائو هو. اهو پنهنجي ئي حڪومت ۾ پشاور يونيورسٽيءَ ۾ بم ڌماڪي ۾ مارجي ويو. ملڪ جي سياسي ۽ صحافي حلقن ۾ اها ڳالهه عام رهي ته شيرپائو کي نعپ تي بندش وجهڻ لاءِ جواز پيدا ڪرڻ خاطر قربانيءَ جو ٻڪر بڻايو ويو. ان ڳالهه کي وڌيڪ هٿي ملي جو واقعي وقت ڀٽو آمريڪا ۾ هو ان واپس اچڻ شرط نعپ تي بندش وجهي ان جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتارين جو اڻ ڪٽ سلسلو شروع ڪيو. ان ٿيوري ۾ ماڻهن جو شڪ اچا وڌيو جو مسٽر ڀٽي تقرير ڪندي چيو ته "ان رات مون کي آمريڪا جي هوٽل ۾ ننڊ نه پئي آئي، اڌ رات جو (بيگم) نصرت کي اٿاري چيومانس ته مون کي محسوس ٿئي ٿو ته منهنجي ملڪ ۾ ڪو وڏو واقعو ٿيڻ وارو آهي". ان تي مخالف ڌر جي ليڊر مفتي محمود چيو ته "ڀٽو ولي ته هو ڪو نه جو کيس اڳوات خبر پئجي ويئي".

نعپ تي بندش وجهي ان جي قيادت خلاف غداريءَ جو ڪيس داخل ڪيو ويو جنهن لاءِ خاص ٽريبونل ٺاهيو ويو. جيئن ته نعپ جي

---

* ڪتاب ڇپجڻ دوران معراج محمد خان وفات ڪري ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سموري قيادت حيدرآباد جيل ۾ رکي ويئي هئي ۽ ڪيس بہ جيل اندر هلندو هو تنهن ڪري ان کي حيدرآباد ٽربيونل سڏيو ويندو هو. پٽي جي ان عمل سان ماڻهن جي ذهنن ۾ سنڌس استاد ايوب خان جي ياد تازي ٿي ويئي جنهن پڻ پنهنجي دور ۾ بلوچ قومپرستن کي حيدرآباد جيل ۾ قيد ڪيو هو جتي نواب نوروز خان جي پٽن ۽ پائيٽن کي ڦاهي ڏني ويئي جنهن ڪانپوءِ نوي سالن جي نواب پاڻ بہ جيل ۾ ئي وفات ڪئي. نعپ اڳواڻن خلاف ڪيس پٽي جي قريبي ليفٽيننٽ حفيظ پيرزادي تيار ڪيو جيڪو سوين صفحن تي مشتمل هو. 240 جي لڳ ڀڳ شاهد هئا پر اڍائي سالن جي عرصي ۾ ڏهہ گواهہ بہ پيش ڪو نہ ٿيا. ان حساب سان جيڪڏهن ڀٽو حڪومت ختم نہ ٿئي ها تہ نعپ جا ليڊر جيل ۾ ئي وفات ڪن ها. "جوابدارن" کي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعوئي ڪو نہ ڏنو ويو. خان عبدالولي خان ۽ ٻين پارٽي ليڊرن جا عدالتي بيان، سائين جي ايم سيد وانگر، ڇپيل شڪل ۾ ماڻهن تائين پهتا. ولي خان پنهنجي چند صفحن جي بيان ذريعي (جيڪو جيل ۾ بغير ڪنهن مواد جي لکيو ويو) حفيظ پيرزادي طرفان سموري حڪومتي مشينري ۽ رڪارڊ استعمال ڪندي ڪاغذن جي هڪ ٿهي تي مشتمل ٺاهيل ڪيس جا ڌاڳا ڪيري ڇڏيا. "اور بیاں اپنا" جي نالي سان ڇپيل ان بيان کي دنيا جي بهترين عدالتي بيانن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

ايڏا سينيئر اڳواڻ ۽ عوامي ليڊر (ولي خان قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ هو. غوث بخش بزنجو بلوچستان جو گورنر ۽ عطاءالله مينگل وڏو وزير) انهن کي نہ رڳو عدالت ۾ پيش نہ ڪيو ويو پر ڪين علاج جي سهوليتن کان بہ محروم رکيو ويو. جڏهن ضيا حڪومت طرفان حيدرآباد ٽربيونل ختم ڪرڻ کان پوءِ سردار عطاءالله سان ڪراچيءَ جي جناح اسپتال جي دل وارڊ (N.I.C.V.D) ۾ اسان ملياسين تہ سنڌس حالت اهڙي هئي جو لڳي پيو تہ جيڪڏهن ڪجهہ مهينا وڌيڪ ڀٽو حڪومت رهي ها تہ مينگل صاحب هن دنيا ۾ نہ رهي ها.

سائين جي ايم سيد بہ ڀٽو حڪومت جو لڳ ڀڳ سڄو عرصو قيد ۾ رهيو پر سنڌس ڪيس نہ هليو. هڪ دفعو خاص ٽربيونل ۾ پيش ڪيائونس. جڏهن سائينءَ پاڪستاني رياست بابت سخت موقف بيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيو ته ججَ چيو ته ”سائين سرڪاري نمائندن (هوم سيڪريٽري وغيره) کي ٻاهر موڪليون؟“ ته سائينءَ وراڻيو ته ”انهن جو موجود هجڻ ته ضروري آهي ته جيئن اهي پنهنجي آقائن کي وڃي ٻڌائين ته مان ڇا ٿو چوان“. ان ڪان پوءِ وري ڪڏهن ڪيس پيش نه ڪيو ويو.

هاڻي جيڪي ماڻهون ذوالفقار علي ڀٽي کي جمهوريت جو چيمپيئن ڪري پيش ٿا ڪن انهن کان ڪير پڇي ته اهي سمورا ليڊر جن جي آزاديءَ ۽ جمهوريت لاءِ اڌ صديءَ کان وڌيڪ جي جدوجهد هئي ۽ جن انگريزن جي دور ۾ ۽ پوءِ پاڪستان ۾ جناح کان وٺي ايوب ۽ يحيٰ تائين سينيئر ڪٽيٽرن جي هٿان جيل ڪاٽيا اهي سڀ جمهوريت جا مخالف ۽ ڀٽو جيڪو ڊڪٽيٽرن جو ساٿاري رهيو سو جمهوريت جو چيمپيئن ڪيئن ٿيو؟ يا پيپلزپارٽي ناهيندڙ ٻيا سڀ اڳواڻ پارٽيءَ جا غدار ٿيا. صرف هڪ ڀٽو پارٽيءَ سان ۽ عوام سان وفادار هو يا وري سنڌس خاندان وارا جن جو پارٽيءَ جي بنيادي ڪم ۾ ڪو ڪردار ڪو نه هو؟

عزيزآباد ۾ رهائش جي ڪري هڪ اعليٰ انسان سان پهرين واقفيت ۽ پوءِ قربت جو موقعو مليو. مولانا محمد صالح عاجز هڪ پڪو ديش ڀڳت ۽ سامراجيت جي هر شڪل کان نفرت ڪندڙ سياسي اڳواڻ، عالم ۽ تاريخ دان هو. پنهنجي جوانيءَ ۾ هو وڏو پرجوش ۽ ڪميٽيڊ ڪانگريسي هو. ڪانگريس جي Quit India (انڊيا خالي ڪريو) تحريڪ دوران انگريزن جو جيل به ڪاٽيائين. ان وقت کان وٺي کاڌي سنڌس پسنديده لباس هو. هر اها ڳالهه ۽ هر اها شيءِ جنهن سان مسلم ليگ يا جناح جو ڪنهن به طرح سان واسطو هجي ان سان ڪنهن به صورت ۾ ۽ ڪنهن به قيمت تي مفاهمت نه ٿيندي۔ No Compromise پاڻ نهايت مسڪين ماڻهون هو هڪ هفتيوار اخبار صبح صادق ڪيندو هو. ان ۾ ڪڏهن ڪو اشتهار لڳي ويندو هو ته به چار رپيا ملي ويندا هئس. انفرميشن ڊپارٽمنٽ وارن شرط رکيس ته اخبار ۾ محمد علي جناح کي قائدِاعظم لکُ ته جام اشتهار ڏيون پر هِن نظرياتي شخص ڪاوڙ ۽ نفرت وچان اها آڇ رد ڪري ڇڏي ۽ سڄي عمر غربت ۾ گذاري ڇڏيائين.

مولانا عاجز جو اصلي ڳوٺ شڪارپور جي پرسان هو. شڪارپور جي شهر همايون سان تعلق رکندڙ سنڌ جو مشهور شاعر نياز همايوني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيپ رڪارڊر ڪٽي سنڌس مسجد پهچي وياسين پر چانهه پياري اهو چئي ٽاري ڇڏيائين تہ "سڀاڻي کان شروع ڪنداسين".

مسلم ليگ ۾ جناح جو مخالف هجڻ ڪري هو "جناح جي جانشين" ذوالفقار علي ڀٽي جو بہ سخت مخالف هو. ڀٽي کي ڦاهي ملڻ تي مون کي سنڌس مخالف هئڻ جي باوجود افسوس ٿيو پر مولانا عاجز کي بلڪل افسوس ڪونہ ٿيو ۽ سنڌس چوڻ هو تہ "اهو ڀٽي جي عملن جو منطقي نتيجو هو". ڀٽي جي ڦاهيءَ جي خبر بہ صبح جو هوٽل تي بي بي سي تان ٻڌڻ کان پوءِ اسان کي گهر تي اچي سڀ کان پهرين عاجز صاحب ئي ٻڌائي. مسلم ليگ سان تعلق جي حوالي سان محمد صالح عاجز کي سائين جي ايم سيد سان بہ اختلاف هئا. جيتوڻيڪ ٻين ڪيترن ڳالهين ۾ خوبين جي ڪري سائينءَ جو احترام بہ ڪندو هو پر مسلم ليگ سان سنڌس تعلق واري عمل کي مولانا ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو.

عاجز صاحب جي معرفت ئي مولانا خان محمد نوحاڻيءَ سان ملاقات ٿي جيڪو بہ انتهائي سادو ۽ شريف ماڻهون ۽ بهترين انسان هو. هو هڪ ئي وقت مسلمان بہ هو ۽ ڪميونسٽ بہ. هو جيترو جمعيت علماءِ هند جي قيادت کان متاثر هو اوترو ئي روس جي ڪميونسٽ پارٽي خاص ڪري لينن کي ڀائيندو هو. هو ڪڏهن واري مولوي محمد اسماعيل جي پارٽيءَ ۾ بہ شامل هو پر ساڳئي وقت سبطِ حسن سان بہ قربت هئس. جڏهن بہ ڪراچيءَ ايندو هو تہ ڪڏهن جي مدرسي بہ ويندو هو تہ ڪوشش ڪري سبطِ حسن سان بہ ملندو هو. ان سان گڏ عزيز آباد اچي مون سان ۽ سيٺ عبدالغنيءَ سان ڪچهري ڪرڻ جو قرب بہ ڪندو هو. مولوي خان محمد جو ڳوٺ سيوهڻ پرسان جهانگارا طرف هو. سنڌس هڪ عزيز نوجوان مولا بخش نوحاڻي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ جيئي سنڌ محاذ سان وابستہ رهيو پر بعد ۾ جيئي سنڌ متحده محاذ کي وينجهو ٿي ويو.

ذوالفقار ڀٽي قومپرستن ۽ ترقي پسندن سان جيڪي ڪلور ڪيا اهي تاريخ جو حصو آهن پر جڏهن ساڄي ڌر وارن پاڪستان قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان سنڌس حڪومت جي خلاف تحريڪ هلائي ۽ کيس پنهنجي ڪرسي ڪمزور ۽ رستا سوڙها ٿيندي محسوس ٿيا تہ ان وقت وري اهي ئي قومپرست ۽ ترقي پسند ياد پيس. ڪراچيءَ جي گورنر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کي دل جي تڪليف سبب جناح اسپتال جي دل واري وارڊ (ڪارڊيو وسڪيولر) ۾ داخل ڪيو ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ اتي جيل مان نڪرڻ کان پوءِ سردار عطاءالله مينگل به داخل هو. منهنجي ساڻس پهرين ملاقات اتي ٿي. سائينءَ سان ملڻ ته مان روزانو اتي ويندو هئس جڏهن ته سردار صاحب سان به هيڪڙ ٻيڪڙ ملاقات ڪندو هئس. ساڳئي عرصي دوران سنڌ ۾ ساڃي ڌر جو دانشور ۽ سينيئر صحافي سيد سردار علي شاهه به اسپتال ۾ داخل هو ۽ روزانو صبح جي پهر ۾ سائينءَ سان ملڻ ايندو هو. شام جو روزانو پهرئين فلور جي ٽيرس تي سائينءَ جا دوست، همدرد ۽ ڪارڪن ساڻس ڪچهري ڪندا هئا. هڪ ڏينهن سائينءَ ٻڌايو ته ”اڄ سردار علي شاهه آيو هو مون کي چوڻ لڳو ته تنهنجون به خاصيتون نمايان آهن. هڪ ته تون اسلام جو مخالف آهين ۽ ٻيو تنهنجو اخلاق نهايت بلند آهي تنهنجا پوئلڳ اسلام دشمنيءَ ۾ ته توکان به اڳتي آهن پر اخلاق ۾ جو ايڏو پست آهن. تفصيل ۾ ويندي چيائين ته ڪُوڙا هي ڳالهائين. نڳي اهي ڪن، غنڊا گردي اهي ڪن، نشو اهي ڪن، جنسي بداخلاقي اهي ڪن، بزدل اهي آهن“..... ان تي اسان جي هڪ دوست محمد راهمي چيو ته ”سائين گهٽ ۾ گهٽ اسان کي هو بزدل نٿو چئي سگهي“. ان تي ڪچهريءَ ۾ وڏو ٽهڪڙو لڳو.

سائينءَ جي اسپتال وارن ڏينهن دوران ئي هڪ ڏينهن خبر آئي ته جيئي سنڌ جا اڳواڻ ۽ سائين جي ايم سيد جا ويجها ساٿي سيد شاهه محمد شاهه، امان الله شيخ، اسماعيل وساڻ، قمر راڄپر ۽ ٻيا نعپ تي بندش پوڻ کان پوءِ ان جي جاءِ تي سردار شير باز خان مزاريءَ جي قيادت ۾ نهنڊڙ جماعت نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا. ان خبر تي سائين جي ايم سيد ڪافي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. سندس چوڻ هو ته ”وڃن ڀيا ته گهٽ ۾ گهٽ مون کي ٻڌائي ته وڃن ها جڏهن ته مون سان ملندا به روزانو آهن پر ڪڏهن ڳالهه نه ڪيائون“. هُنن دوستن جو چوڻ آهي ته اسان سائينءَ کي ٻڌايو هو.

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جيئي سنڌ محاذ

**حڪومت** جي تبديليءَ جي نتيجي ۾ جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ عبدالواحد آريسر سڌو ڳوٺ ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪراچيءَ آيو ۽ عطاءالله انڙ سان گڏجي منهنجي گهر عزيز آباد آيو. عطاءالله مون کان اڳ ۾ ڪراچيءَ ۾ طارق روڊ جي هڪڙي فليٽ ۾ رهندو هو. ڪافي قومپرست دوست اتي ويندا ۽ هڪ ٻئي سان ملندا هئا. گهر جي دروازي تي سينيئر ۽ محترم ساٿي ۽ پياري دوست عبدالواحد آريسر کي ڏسي مون کي بي انتها خوشي ٿي. کليل دل ۽ کليل دماغ سان کليل ماحول ۾ ڏاڍي ڪچهري ڪئيسين. اهو پهريون ۽ آخري دفعو هو جو عبدالواحد آريسر "منهنجي" گهر آيو. ان ڪري ته پوءِ اهو گهر هُن جو به "پنهنجو" بڻجي ويو. ۽ پنهنجي گهر جو مطلب رڳو اها بلڊنگ نه هئي پر ان ۾ رهندڙ ماڻهون به هن سان گهرياتين واري حيثيت اختيار ڪري ويا. ۽ ماڻهون رڳو عزيز آباد جي گهر وارا (مان ۽ سئوٽ عبدالغني). ئي نه پر قاضي دڙي جي گهروارا به. وقت گذرڻ سان اسان جي ويجهڙائي وڌندي ويئي. سياسي هڪجهڙائيءَ کان شروع ٿيندڙ تعلق سياسي دوستيءَ کان ٿيندو ذاتي دوستي، خانداني دوستي ۽ خانداني پنهنجائپ تائين پهتو. عزيز آباد واري گهر (جتي اسان بيچلر رهندا هئاسين) جا دروازا ته سڀني ساٿين لاءِ چوويهه ڪلاڪ کليل هوندا هئا پر منهنجي "فيملي" واري گهر ۾ به آريسر بلڪل پنهنجي گهر وانگر ايندو هو. اهو بلڪل به ضروري نه هو ته هو تڏهن اسان جي گهر اچي جڏهن مان گهر ۾ هجان. نه ئي اچڻ لاءِ ڪا وقت جي پابندي هئي. جڏهن به ۽ جهڙي وقت به ايندو هو منهنجي گهرواري ۽ ٻار (منيره، فدا حسين، هوش محمد، ڏاهر) هڪ گهرياتي وانگر ساڻس ورتاءُ ڪندا هئا. ايتري تائين ته اسان جي گهر ۾ ڪير سگريٽ کي به هٿ ڪو نه لائيندو هو پر آريسر جڏهن اچي رهندو هو ته سندس ڪئوڙي پاٽيءَ پيئڻ مهل منهنجا سمورا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

گھرياتي سندس خدمت ڪندا هئا. جيتوڻيڪ وقت گذرڻ سان آهستي آهستي اها هوش محمد جي ذميواري بڻجي ويئي تہ ان مهل سندس ضرورتن جو خيال رکي.

سائين جي ايم سيد جي ساٿين ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سينيئر دوستن ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ بہ هو. هو هڪ پڙهيل ڳڙهيل ترقي پسند قومپرست هو. لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان ڊاڪٽريءَ جي ڊگري وٺڻ کان پوءِ سرڪاري نوڪريءَ ۾ شامل ٿيو. پهريان تازو کليل چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڊمانسٽريٽر ٿيو ۽ ڪجھ عرصي کان پوءِ ٺٽي سول اسپتال ۾ مقرر ٿيو. اتان هڪ ڏينهن سائينءَ سان ملڻ سن ويو ۽ سندس آڏو تجويز رکيائين تہ "مان نوڪري ڇڏي جيئي سنڌ محاذ کي منظم ڪرڻ ٿو چاهيان". سائينءَ ٻڌايو تہ مون چيو مانس تہ "پهرين مرحلي ۾ تون ڪجھ عرصي لاءِ نوڪريءَ تان موڪل وٺ. ڪم ڪر، پوءِ جيڪڏهن ڳالھ اڳتي وڌي ۽ مناسب سمجهين تہ نوڪري ڇڏجانءِ". ان پس منظر ۾ ڊسمبر 1977ع ۾ سائين جي ايم سيد پنهنجي سياسي ساٿين جو اجلاس سن ۾ سڏايو جيڪي ان وقت ڪي تمام گهڻا ڪو نہ هئا ۽ انهن ۾ بہ ڪيترا شاگرد هئا. دراصل 18 جون 1972 تي جيئي سنڌ محاذ ٺهڻ کان پوءِ ان جو صدر (سائين جي ايم سيد) لڳاتار نظربند رهيو جڏهن تہ جنرل سيڪريٽري (رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي) بيمار رهڻ سبب محاذ منظم ۽ متحرڪ ٿي نہ سگهيو. اڳتي هلي ڪجھ عرصي لاءِ يوسف لغاري بہ جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو پر ڪو خاص فرق ڪو نہ پيو.

سن جي اجلاس ۾ جڏهن دوست گڏ ٿيا تہ ڪافي دير انتظار ڪرڻ جي باوجود ڊاڪٽر ارباب ڪو نہ پهتو. ان لاءِ ڊاڪٽر جو چوڻ آهي تہ کيس (هڪ سازش هيٺ) اطلاع ڪو نہ ڏنو ويو جڏهن تہ تاج جويو (جيڪو ان وقت سائينءَ جا ڪم ڪار ڪندو هو) ۽ ڪن ٻين دوستن مطابق ڊاڪٽر کي اطلاع ڏنو ويو هو. ان وقت مواصلات جا ذريعا نہ هئڻ جي برابر هئا. ان ڪري غلط فهمي بہ ٿي سگهي ٿي يا ٿي سگهي ٿو تہ ڳالھ ۾ ڪٿي ڪجھ حقيقت بہ هجي. اتفاق سان مون بہ ڪڏهن سائينءَ کان ڪو نہ پڇيو تہ توهان ڪنهن جي ذريعي ڊاڪٽر ارباب کي اطلاع ڪرايو هو. پڇان ها تہ ڳالھ چٽي ٿي وڃي ها ڇاڪاڻ تہ سائين تہ ڪا بہ ڳالھ رکڻ يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن جو رڪ رڪاءُ ڪرڻ وارو ڪو نہ هو.

بهرحال اتي گڏ ٿيل دوستن جي صلاح مشوري سان جيئي سنڌ محاذ کي متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان لاءِ هڪ آرگنائيزنگ ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي جنهن جو آرگنائيزر عبدالواحد آريسر کي بڻايو ويو. آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ پنهنجي دوري جي شروعات ڪراچيءَ کان ڪئي ۽ ان جو سڀ کان پهريون پروگرام مشين ٽول فيڪٽري/ جمعہ حمايتي ڳوٺ ۾ ٿيو جنهن ۾ ڪراچيءَ ۾ سائين جي ايم سيد جي فڪر سان واڳيل ۽ متحرڪ لڳ ڀڳ سينٽي دوستن شرڪت ڪئي سون. اتي ڪراچيءَ لاءِ محاذ جي پهرين پنج رڪني آرگنائيزنگ ڪميٽي ناهي ويئي جنهن ۾ آصف حمايتي، عبدالغني جوڻيجو ۽ ٻيا شامل هئا جڏهن تہ مرڪزي آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ منجهان ٽي ڊويزنل آرگنائيزر پڻ مقرر ڪيا ويا هئا. انهن مان ڪراچيءَ لاءِ عطاءُالله انڙ، حيدرآباد لاءِ سرور سهتو ۽ سکر لاءِ (شايد) آغا قمر هئا. مان بغير ڪنهن عهدي جي ڪم ڪرڻ لڳس جيتوڻيڪ انهن ڏينهن کان آهستي آهستي منهنجو گهر نہ رڳو ڪراچي پر سڄي سنڌ جي دوستن جي چرپر جو مرڪز ٿيڻ لڳو هو.

اهو دور جنرل ضيا جي مارشل لا جو ابتدائي دور هئڻ ڪري انتهائي خطرناڪ هو ۽ ملڪ ۾ ڪا بہ سياسي چرپر ڪا نہ هئي. ٻئي طرف دنيا ۾ اهو خفيہ انقلابي تحريڪن جو پڻ دور هو. سو ان ماحول ۾ جيئي سنڌ محاذ کي بہ نيم انقلابي ۽ نيم خفيہ نموني سان منظم ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو ويو. مرڪزي آرگنائيزنگ ڪميٽي ڊويزنل آرگنائيزرن جي مدد سان ضلعي ڪميٽيون ناهڻ بہ شروع ڪيون ۽ ان سان گڏ ڳوٺ ۽ پاڙي جي سطح تي ننڍين ننڍين ۽ ڳجهين ميٽنگن ذريعي قومي آزاديءَ جو پيغام سنڌي ماڻهن کي انهن جي گهر تائين پهچائڻ جو سلسلو بہ شروع ڪيو ويو. هر ضلعي ۾ پنج رڪني ڪميٽي ناهي پئي ويئي ۽ جتي اعتماد وارا وڌيڪ دوست ملن پيا اتي پنج رڪني تعلقي ڪميٽيون پڻ. سياسي جلسن جلوسن تي مارشل لا تحت پابندي هئڻ سبب عوام سان اجتماعي رابطي لاءِ لطيف ڏينهن ملهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي حوالي سان وطن سان محبت، مقصد جي حاصلات خاطر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مسلسل جدوجهد، قرباني، عالمي پائيچاري وغيره جهڙن آدرشن بابت گفتگو ڪئي ويندي هئي. سر مارئي وطن سان بي پناهه محبت، سسئيءَ جا پنج سر جهدِ مسلسل ۽ سهڻيءَ جي صورت ۾ محبت جي منزل خاطر زماني جي رسمن کي لتاڙڻ وانگر مختلف سُرن ذريعي شاهه لطيف زندگيءَ جي مختلف شعبن، انساني قدرن ۽ آدرشن، جذبن ۽ احساسن، خوبين ۽ خامين، همتن ۽ ڪمزورين کي پنهنجي اعليٰ شاعريءَ ذريعي جنهن خوبصورت ۽ موثر طريقي سان پيش ڪيو آهي اهو ائين لڳندو هو جڻ هن دور جي حالتن مطابق اسان جي ڪم کي آسان بڻائڻ لاءِ لکيو ويو هو. اهڙي عالمگيريت ئي حقيقت ۾ ڪنهن شاعر کي عظيم بڻائي ٿي. لطيف ڏينهن سجاڳي، جدوجهد ۽ مزاحمت جو اهڙو مقبول ۽ موثر هٿيار بڻجي ويو جو سياسي پارٽيون توڻي ادبي ۽ سماجي تنظيمون پنهنجي چرپر جو هڪ لازمي ۽ اهم جزو ان ڏينهن کي بڻائڻ لڳيون. نه رڳو ايترو پر قومي سوچ ۽ قومي جذبو ايترو وڌيو جو پرائمري اسڪول کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين تعليمي ادارا (جيڪي ان وقت سيئي سرڪاري هوندا هئا) مڪاني ادارا ۽ پيا نيم سرڪاري ادارا به لطيف ڏينهن ملهائڻ پنهنجي لاءِ ضروري ۽ فخر جو ڪارڻ سمجهڻ لڳا هئا. ان جو نتيجو اهو ٿيو ته ان وقت سنڌ ۾ روزانو ڪنهن نه ڪنهن شهر ڳوٺ ۾ ۽ ڪنهن نه ڪنهن اداري ۾ لطيف جو ڏينهن ملهائبو هو. اڪثر ته ائين به ٿيندو هو ته هڪ ڏينهن ۾ ڪيترن هنڌن تي پروگرام ٿيندا هئا. 1978ع کان 88ع تائين ڏهه سال اهو ڏينهن پرپور نموني ملهائبو رهيو. پوءِ پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت اچڻ سان سنڌي ماڻهن ۾ اهو تاثر پيدا ٿيو ته هاڻي جمهوريت به اچي ويئي، "سنڌين جي حڪومت" به قائم ٿي ويئي جيڪا سنڌين کي حق وٺرائي ڏيندي تنهن ڪري جدوجهد ۽ مزاحمت واري سوچ ۽ جذبو گهٽجڻ لڳو ته لطيف ڏينهن جا پروگرام به گهٽجڻ لڳا. سنڌي ماڻهن جي انهن آسن، اميدن ۽ خوابن سان پيپلزپارٽيءَ ڪهڙو حشر ڪيو ان جا نتيجا سچ جي ڪرڻن وانگر هر هنڌ پکڙيا پيا آهن.

1979ع جي شروع ۾ جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي قيادت لاءِ چونڊ ٿي. ان وقت مرڪزي سطح تي سپريم ڪائونسل هوندي هئي جنهن ۾ محاذ جي چونڊيل 9 ميمبرن سان گڏ پارٽيءَ جي ذيلي فرنٽن جا صدر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جنرل سيڪريٽري شامل هوندا هئا. ابتدا ۾ ذيلي فرنٽن مان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ سنڌي پورهيت سنگت جي نمائندگي هوندي هئي، اڳتي هلي سنڌي ناري تحريڪ بہ شامل ٿي. 9 منجهان بہ چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين هوندا هئا جڏهن تہ باقي 7 ميمبر هوندا هئا. نيم خفيہ تنظيم ائين هئي تہ چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جا نالا عام ۽ ڪليل هوندا هئا ۽ باقي 7 ميمبرن جا لڪل. چيئرمين عبدالواحد آريسر چونڊيو ويو ۽ وائيس چيئرمين مولابخش لغاري جڏهن تہ ميمبرن ۾ هڪ مان بہ هئس. اداري جي پهرئين اجلاس ۾ مون کي ڪراچي ڊويزن لاءِ ڊويزنل آرگنائيزر بہ مقرر ڪيو ويو. عطاءالله انڙ لاڙڪاڻي منتقل ٿيڻ ڪري سکر ڊويزن جو آرگنائيزر مقرر ٿيو. حيدرآباد لاءِ ساڳيو ئي سرور سهتو رهيو.

ڪراچي ڊويزن ۾ ڪراچيءَ جا ٽي ضلعا ۽ ٺٽو شامل هئا. مون پهرين ڪوشش اها ڪئي تہ ڪراچيءَ جي هڪ ضلعي ڪميٽيءَ جي جاءِ تي ٽي ڪميٽيون ڪراچي اولهہ، ڪراچي اوڀر ۽ ڪراچي ڏکڻ لاءِ منظم ڪيون. انهن ڏينهن ۾ سياسي ڪم لاءِ گهمندي ڦرندي يا ادبي/ ثقافتي پروگرامن ۾ ويندي علي نواز ٻٽ سان سلام دعا ٿيندي هئي. مون کي ان ۾ صلاحيتون ۽ جستجو جو جذبو نظر آيو سو مون ساڻس هڪ بہ ملاقاتون سيڙجي ڪرڻ کان پوءِ کيس محاذ ۾ آندو. ملير ۾ رهائش هئڻ ڪري هو ڪراچي اوڀر جو سيڪريٽري ٿيو. ضلعي ڪميٽيءَ ۾ هڪ سيڪريٽري ۽ چار ميمبر هوندا هئا. علي نواز هئو تہ هڪڙي ضلعي جو سيڪريٽري پر مون سان سڄي ڊويزن جي ڪم ۾ مددگار هوندو هو. ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن ۾ سپروائيزر هئڻ ڪري وٽس موٽر سائيڪل هوندي هئي جنهن تي چڙهي اسان سڄي ڊويزن گهمندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ٺٽي تائين بہ مان کيس وٺي ويندو هئس، ڪڏهن مان اڪيلو بس ۾ بہ ويندو هئس. اها هڪڙي ناقابلِ ترديد حقيقت آهي تہ سنڌ جي قومي تحريڪ کي ڪراچيءَ جي ٻهراڙين تائين مون ۽ علي نواز ٻٽ پهچايو. يا ائين چئجي تہ ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ کي جيئي سنڌ محاذ ذريعي قومي تحريڪ سان واڳيو.

اها هڪڙي افسوس جهڙي پر مڃڻ جهڙي حقيقت آهي تہ ڪراچيءَ جي ٻهراڙين جو ماڻهون نہ رڳو قومي تحريڪ کان پري هو پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مجموعي طرح سياست ۾ بہ تمام گھڻ دلچسپي هئس. ايتري تائين جو ڪجھ ماڻهون تہ پاڻ کي سنڌ جو حصو ئي نہ سمجهندا هئا. اهو ان جي باوجود تہ ويهين صديءَ دوران ڪراچيءَ جو سنڌ جي سياست ۾ اهم رول رهيو آهي ۽ ڪراچيءَ شهر جي ڪجھ رهائشين جو تہ اڳواڻيءَ وارو ڪردار رهيو آهي. ان جا سبب ڪهڙا آهن ان تي عوامي تاريخ تي ڪم ڪندڙن کي قلم کڻڻ گهرجي. بهرحال مون علي نواز ٻٽ سان گڏجي اها شعوري ڪوشش ڪئي تہ ان صورتحال کي تبديل ڪجي. شروع ۾ جيئي سنڌ محاذ جون جيڪي ڪميٽيون ٺهيون انهن ۾ ذري گھڻ سڀ دوست سنڌ جي ٻين ضلعن کان روزگار خاطر ڪراچيءَ آيل هئا. پوءِ اسان صلاح ڪئيسون تہ ڪوشش ڪري هر ضلعي ڪميٽيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ مقامي دوست ڪٺجن. پنهنجي ان سوچ کي عملي شڪل ڏيڻ خاطر اسان ڪراچيءَ جا اهي پراڻا ڳوٺ جيڪي هاڻي شهر جي وچ ۾ اچي ويا هئا توڙي ٻهراڙين ۾ سياسي ڪم کي ترجيح ڏينيسين. پهرين علي نواز جي موٽر سائيڪل تي ٻئي ڄڻا سفر ڪندا هئاسين. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مون بہ موٽر سائيڪل ورتي تہ پوءِ ٻئي ڪاهيندا هئاسين. اڪثر ٻئي ڄڻا گڏ ويندا هئاسين پر ڪڏهن ڪڏهن الڳ الڳ هڪڙي پاسي هو ويندو هو تہ ٻئي پاسي مان. اسان ٻنهي جي ويجهي رابطي جو هڪڙو سبب اهو بہ هو تہ اسان ٻنهي وٽ ٽيليفون جي سهوليت موجود هئي. ان وقت (1980 جي ڏهاڪي تائين) ٽيليفون تمام ٿورن ماڻهن وٽ هوندي هئي. ڪيتري ڏکيائي سان ۽ ڪيتري انتظار کان پوءِ فون جو ڪنيڪشن ملندو هو اها ڳالھ جيڪڏهن اڄوڪي موبائيل فون واري دور جي نوجوانن کي ٻڌائبي تہ اهي حيران بہ ٿيندا تہ کلندا بہ. پاڪستان سرڪار جي ٽيليفون کاتي وٽ ماڻهن جون درخواستون 8_8، 10_10 سال پيون هونديون هيون جيستائين نمبر اچي. ڊاڪٽر ۽ انجنيئر کي ترجيح (Priority) مليل هوندي هئي، تنهن ڪري مون کي انجنيئر جي بنياد تي ۽ مون سان گڏ رهندڙ ٽيليفون کاتي جي ملازم فيض محمد لاشاريءَ جي ڪوشش سان فون نمبر مليو هو جڏهن تہ علي نواز کي اي ايس سي آفيس جي فون استعمال ڪندو هو.

هڻ سالن کان پوءِ وري جڏهن چونڊون ٿيون تہ منهنجي تجويز (



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(Recommendation) تي دوستن علي نواز کي بہ مرڪز تي ڪنيو ۽ نئين جوڙجڪ ۾ مون کي ماليات جو شعبو ڏنو ويو جڏهن تہ ڪراچيءَ جو ڊويزنل آرگنائيزر علي نواز ٻٽ کي مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح اسان جي ذهني ۽ طبعي طور ويجهو اچڻ جا وڌيڪ سبب ۽ موقعا پيدا ٿيا. ان وقت ماهوار ميٽنگ سن ۾ سائين جي ايم سيد وٽ ٿينديون هيون. اڪثر ڪري اسان ٻئي گڏ ويندا ۽ موٽندا هئاسين. سفر دوران سياسي، تنظيمي ۽ ذاتي معاملن تي ڪڏهن سنجيده تہ ڪڏهن هلڪي ڦلڪي گفتگو ٿيندي رهندي هئي. اسان جي وڌندڙ هم آهنگي هڪ طرف مرڪزي گڏجاڻين ۾ مددگار ٿيندي هئي تہ ٻئي طرف ڪراچيءَ ۾ تنظيمي ڪم وڌڻ جو سبب بڻي. اسان گڏجي منصوبابندي ڪندا هئاسين ۽ گڏجي ان تي عمل ڪندا هئاسين. ايترو هو تہ ذهني ڪم مان وڌيڪ ڪندو هئس ۽ فيلڊ ورڪ هو وڌيڪ ڪندو هو.

پارٽيءَ جو ڪم بہ اسان ائين ئي ۽ اهڙي ئي پابنديءَ سان ڪندا هئاسين جيئن نوڪري، منجهند جو سرڪاري ڊيوٽيءَ تان واپس اچڻ شرط سياسي ڊيوٽي شروع ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ رات جو ڪڏهن 9، 10 تہ ڪڏهن 12، 1 بہ ٿي ويندا هئا. دوستن سان اڄ وانگر اڱوات رابطي جي سهوليت تہ هئي ڪا نہ، بس ائين نڪري پوندا هئاسين. هڪ دوست نہ مليو تہ ٻئي ڏانهن وڃبو ان وٽان واپسيءَ تي وري پهرئين ڏانهن اچبو. جي اجا تائين اهو گهر نہ پهتو تہ پرپاسي ۾ ڪنهن هوٽل تي يا پارڪ ۾ ويهي انتظار ڪبو. ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيو تہ گهر تي اطلاع ڪري اسان پاڙي واري مسجد ۾ وڃي انتظار ڪرڻ لڳاسين. سڄي ڏينهن جي ٿڪ سبب فرش تي ننڊ وٺي ويئي، جڏهن واسطيدار دوست اچي جاڳايو تہ رات جا ٻارهن ٿي چڪا هئا. علي نواز ٻٽ ۾ هڪ سٺي ۽ محنتي ڪارڪن ۽ هڪ ذميوار فرد واريون خاصيتون ڀرپور نموني هيون. اسان جي سنڌي سماج ۾ وقت تي گهربل ڪم نہ ڪرڻ ۽ پوءِ ان لاءِ سبب، بهانا ۽ عذر ڏيڻ جو رجحان گهڻو آهي. ڪيترا سياسي ڪارڪن بہ ان بيماريءَ جو شڪار ٿيندا آهن. پر ٻٽ ائين نہ هو. جيڪو بہ ڪم طئي ڪري سندس حوالي ڪبو تہ ممڪن حد تائين اهو ڪري ايندو. ننڍا وڏا مسئلا آڏو ايندا تہ اهي واپس اچي ٻڌائڻ بجاءِ حل ڪري ايندو. شروع ۾ لکڻ پڙهڻ ايترو ڪو نہ ڪندو هو پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوءِ آهستي آهستي ان ۾ به دلچسپي وٺڻ لڳو. ان ڏس ۾ صلاح مشوري ۽ مدد منهنجي هوندي هئس پر شوق ۽ محنت ۽ ڳالهين کي سمجهڻ جو جذبو منجهس جام هو. انهن خوبين جي ڪري مون کي به هُن سان ڪم ڪرڻ ۽ سندس مدد ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. ڪي شيون پڙهڻ يا لکڻ بابت پهرين اسان گفتگو ۽ صلاح مشوري هيٺ آڻيندا هئاسين. پوءِ هو لکي ايندو هو ۽ پوءِ وري گڏجي ان کي حتمي ڪندا هئاسين. اهڙي طرح آهستي آهستي لکڻ وارو هر ننڍو وڏو ڪم منهنجي ڪرڻ واري ماحول ۾ تبديلي آئي ۽ منهنجو بار ڪجهه هلڪو ٿي پيو.

اسان جي انهن ڪوششن ۽ محنتن جي موٽ به سٺي ملڻ لڳي.

سنڌ جي قومي تحريڪ ڪان پاسيري ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ ۾ هلچل ٿيڻ لڳي ۽ ڪيترا نوجوان اڳتي اچڻ لڳا ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪندي تنظيمي ذميوارين به کڻڻ لڳا. سڀ کان اول جيڪي مقامي دوست اڳتي آيا انهن مان ڪجهه هي آهن: ميمڻ ڳوٺ جو انور ميمڻ، احمد ميمڻ، غلام رسول بلوچ ۽ اسلم ميمڻ، گڏاپ جو حاجي محمد، داد ڪريم، زمان جوکيو ۽ سڪندر جوکيو سومار ڪنڊائي جو لال محمد خاصخيلي، ريڙهي جو يونس خاصخيلي ۽ علي محمد جت، دنبا ڳوٺ جو چاند مير پالاري، علاوالدين پالاري ۽ سهراب پالاري، ينگوريا ڳوٺ جو عثمان برفت ۽ فتح محمد برفت، ڊملوٽي جو لال محمد بروهي، حاجي ڏيسر ڳوٺ جو رشيد جوکيو لياري جو سلام شاهه ۽ عبدالرحمان خاصخيلي. ان کان علاوه ڪجهه دوست اهڙا هئا جيڪي جيئي سنڌ محاذ جا ميمبر ته ڪو نه ٿيا پر رابطن ڪرڻ ۽ سياسي ڪچهريون ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪندا هئا. انهن ۾ درساڻي جو غلام حسين بلوچ ۽ گڏاپ جو گاجاڻ بلوچ ۽ ٻيا شامل هئا جڏهن ته انور بلوچ اڳ ۾ ئي جيئي سنڌ سان لاڳاپيل هو ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه جو پروگرام ڪرائي چڪو هو جنهن ۾ مان، عبدالواحد آريسر ۽ ٻيا دوست شريڪ ٿيا هئا. يونيورسٽيءَ مان نڪرڻ کان پوءِ گهڻو متحرڪ نه هو پر اسان جڏهن ڪم شروع ڪيو ته اسان سان تعاون ۽ مدد ڪندو هو. پير سرهندي ڳوٺ جو پير حامد الله به سات ڏيندڙن ۾ شامل هو. منهنجي، علي نواز جي ۽ انهن آيل دوستن جي گڏيل محنت ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جدوجهد سان وقت گذارڻ سان ٻيا نوجوان بہ محاذ ۾ شامل ٿيا جن اڳتي ملي تمام متحرڪ رول ادا ڪيو. انهن ۾ حاجي مريد ڳوٺ مان اقبال چٽو ۽ الاهي بخش بڪڪ اڳرا هئا. اقبال چٽي جي هڪ وڏي اوطاق هئي جنهن کي اسان پارٽي اجلاسن ۽ ڪچهرين لاءِ اڪثر استعمال ڪندا هئاسين. ڪراچيءَ جي سنڌ جي قومي تحريڪ کان ڪٽيل هئڻ ڪري بلوچ نسل جا ڪجھ نوجوان بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ۾ ڪم ڪندا هئا. جيئي سنڌ محاذ جي متحرڪ ٿيڻ سان اهي بہ ان ۾ شامل ٿيا. انهن ۾ هڪڙو نمايان نالو اڄڪلھ ڪراچيءَ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ جي حوالي سان مشهور گل حسن ڪلمتي جو آهي. ان کان علاوه هن وقت اين جي اوز ۾ ڪم ڪندڙ مصطفيٰ بلوچ، رحيم بلوچ عرف ماما رحيم، اڪرم بلوچ، زاهد بلوچ ۽ ٻيا شامل هئا. بابو خاصخيلي، براد خاصخيلي، امير بخش خاصخيلي، ممتاز سيال، حسين لاڙو محمود جت، سرور جت، صديق ملڪائي، جمن حمائتي، يوسف شاھ، شيوو ميگهواڙ رامجي مهيشوري، خان محمد بنديجو عيسيٰ خاصخيلي، رفيع بڪڪ، شعيب بڪڪ ۽ ٻيا پڻ محاذ جا متحرڪ ميمبر هئا. ڪراچيءَ جا ڳوٺ جن سان اسان جو وڏيڪ رابطو رهندو هويا جن ۾ اسان پنهنجون وڌيڪ سرگرميون ڪندا هئاسين انهن ۾ ميمڻ ڳوٺ، حاجي شيدي ڳوٺ، سومار ڪنڌاڻي ڳوٺ، حاجي مريد ڳوٺ، ڀنگوريا ڳوٺ، جمعو حمايتي ڳوٺ، دنبا ڳوٺ، ريڙهي، ابراهيم حيدري، يوسف ڳوٺ، عارب پنهور ڳوٺ، گڏاپ ۾ بنديجا اسٽاپ، گبول اسٽاپ، ملا عرضي بلوچ ڳوٺ، درساڻي چني جو در محمد بلوچ ڳوٺ، لسٻيلي چوڪ پرسان ٻاپڙا ڳوٺ ۽ ايئرپورٽ سان لڳو لڳ ڪوسا ڳوٺ (جيڪو سڄو ڪچن گهرن تي ٻڌل هو ۽ ٻاهران لوڙهو ڏنل هئس. وچ شهر ۾ هجڻ ڪري اسان ڪافي گڏجاڻيون اتي ڪندا هئاسين ۽ ان جو هڪ ٻئي سان ذڪر ڪوسا ڳوٺ گهٽ ۽ لوڙهي طور وڌيڪ ڪندا هئاسين. ترقيءَ جي نالي تي ان ڳوٺ جو وجود ختم ڪري ايئرپورٽ ڏانهن ويندڙ موٽر گاڏين لاءِ ڪشادا روڊ ناهيا ويا) ۽ ٻيا شامل هئا. لياري تہ هوئي سياسي سرگرمين جو مرڪز پوءِ اها ڪاٻي ڌر جي سياست هجي، بلوچ قومي تحريڪ هجي يا سنڌ جي قومي تحريڪ توڙي علمي ۽ ادبي ڌريون سڀ لياريءَ ۾ موجود هوندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪراچيءَ ۾ قومي تحريڪ جي ڦهلاءَ ۾ سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن کان نوڪري، ڪاروبار، مزدوري ۽ ٻين روزگار جي ذريعن خاطر آيل دوستن جو بہ وڏو حصو رهيو آهي. انهن ۾ سيني کان اهم نالو هاشم ڪوسي جو آهي. پهريون دفعو هن سان ڪٿي ملاقات ٿي اهو تہ ياد ناهي پر جلدئي مون محسوس ڪيو تہ هن همراهہ ۾ سچائي، ايمانداري، وفاداري، محنت ۽ ڪم ڪرڻ جو جذبو جام هو ان ڪي چنڊ ڦوڪ جي ضرورت هئي ڪميونسٽ ڪلچر تحت ماڻهن جي نشاندهي ڪري انهن تي مسلسل ڪم ڪيو ويندو هو. مون جن دوستن جي لسٽ (ذهن ۾) ٺاهي انهن ۾ هاشم ڪوسي جو نالو مٿانهون هو. ان بابت مون علي نواز ٻٽ کي بہ اعتماد ۾ ورتو. اسان ٻنهي هن کي وڏيڪ وقت ۽ وڏيڪ ڏيان ڏيڻ شروع ڪيو. هو بہ پنهنجي صلاحيتن ۽ محنت جي ڪري جلدي اڳتي نڪري آيو ۽ پوءِ اسان جي ٽيم ۾ مان وڏي ٽن تي ٿي پئي. آهستي آهستي ماڻهون بہ اسان کي ٽہ ڪنڊي طور سڃاڻڻ لڳا. سائين جي ايم سيد جڏهن ڪراچيءَ ۾ هوندو هو تہ اسان ڪڏهن ڪڏهن جي ناغي کان سواءِ باقي لڳ ڀڳ روزانو حيدر منزل تي ويندا هئاسين. تنظيمي ڪم جي ڪري ڪڏهن دير ڪڏهن سوير پر ويندا ضرور هئاسين. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن اسان نہ هوندا هئاسين تہ سائين پڇندو هو تہ "ٽيون ڇو ڪونهي". فيصلن جي ۽ وقت جي پابندي هو ذميواريءَ سان ڪندو هو. پنهنجي گهڻين خوبين ۽ صلاحيتن جي ڪري هاشم ڪراچيءَ جي تنظيم ۾ جلد ئي اهم حيثيت حاصل ڪري ويو. پهرين ضلعي ڪراچي ڏکڻ جو سيڪريٽري ۽ پوءِ ڪراچيءَ جو ڊويزنل آرگنائيزر ٿيو. ان کان علاوه بہ جيڪا ذميواري ڏبي هئس اها نڀائيندو هو. هڪ دفعي ائين بہ ٿيو تہ ڪراچي اولهہ جي ضلعي ڪميٽي ختم ڪري ان کي نئين سر آرگنائيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو تہ هاشم کي ڊويزنل آرگنائيزر هجڻ سان گڏوگڏ اولهہ جو آرگنائيزر بہ مقرر ڪيو ويو. هاشم جي سلسلي ۾ سندس رهائش واري جڳهہ بہ اهميت واري هئي. هو تہ هتي جي هڪ سرڪاري ڪوارٽر ۾ رهندو هو (ملٽري اڪائونٽس ۾ نوڪري ڪرڻ جي ڪري). اها نہ رڳو شهر جي مرڪز ۾ واقع جاءِ هئي پر شهر جا اهم رستا بہ ان جي آسپاس مان لنگهندا هئا. ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيڻ جا ٻہ وڏا ۽ مکيہ روڊ، سپر هاءِ وي ۽ نيشنل هاءِ وي نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماڻهن جي دل ۽ دماغ کي متاثر ڪندي هئي.

ان وقت جيڪي به دوست محاذ ۾ متحرڪ هئا اهي لڳ ڀڳ سمورا نوان هئا جن کي اڳ ۾ سياسي ڪم جو ڪو تجربو ڪو نه هو. نه رڳو ايترو پر انهن نوجوان نسل سان واسطو رکندڙ ڪارڪنن کي پوئين جدوجهد سان ڳنڍيندڙ وچئين نسل جو به مڪمل خال هو. يا ته مٿي سائين جي ايم سيد هو جنهن جي عمر 80 جي لڳ ڀڳ هئي يا وري ڪارڪن هئا جن جي سراسري عمر 30 سالن کان مٿي نه هئي. عمر، ڄاڻ، تجربي ۽ جدوجهد جي ايڏي وڏي فرق جي ڪري ذهني رابطي (Communication) جا به مسئلا ٿيندا آهن پر سائين جي ايم سيد جي سيادي ۽ سماجي شخصيت اهڙي ڪنهن به مسئلي کي پيدا ٿيڻ نه ڏنو ۽ سمورن امڪاني فاصلن کي سميٽي ڇڏيو. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي ته سائين پاڻ کي ليڊر ۽ اسان کي ڪارڪن سمجهڻ بجاءِ پاڻ کي خاندان جو بزرگ تصور ڪندو هو ۽ اسان سان اولاد وانگر ورتاءُ ڪندو هو. اهڙو ورتاءُ نوجوان ڪارڪنن جي جوش، جذبي ۽ جنون ۾ اجا اضافو ڪندو هو.

جنرل ضيا جي سخت مارشل لا ۽ انتهائي رجعت پسند ۽ دقيانوسي خيالن واري حڪومت ۾ ڪليل سياسي سرگرمين جو ميدان مڪمل طور خالي هو. ان کان علاوه ميڊيا تمام محدود هئي. ٽيليويزن ۽ ريڊيو ته صرف سرڪار جي ملڪيت هئا ۽ سڄو ڏينهن انهن جي ئي ساراهه ڪندا هئا. جيڪي اخبارون ۽ رسالا هئا انهن تي به سخت پابنديون هيون. مخالف پارٽين ۽ ليڊرن جي مشڪل سان ڪا خبر ڇپبي هئي. وري قومپرستن ۽ ٻين ڪاٻي ڌر وارن لاءِ ته اوتري گنجائش به ڪا نه هئي. مطلب ته انهن بابت مڪمل بليڪ آئوٽ هئي. پر جيئن چيو ويندو آهي ته "هر ڳالهه کي ٻه پاسا هوندا آهن". سو مٿاڇري surface وارين سرگرمين تي پابندي وجهڻ ۽ مشهوريءَ واري سياست کي ممنوع قرار ڏيڻ جو نتيجو اهو ٿيو بلڪ ائين چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته ان سان موقعو پيدا ٿيو ته مٿاڇري جي هيٺان، خاموشيءَ سان ۽ سماج جي پاڙن (Grass Roots) تائين ڪم ڪجي. ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته جيئي سنڌ محاذ جي سيڪڙن ڪارڪنن ان موقعي جو جيڪڏهن زبردست نه ته به مناسب فائدو ورتو. رستي تي، ڪارخاني ۾، ٻنيءَ تي، جهنگ ۾، باغ ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عوامي تحريڪ ڪميونسٽ تحريڪ ۽ سنڌي نيشنلزم جو مرڪب چئي سگهبي يا ائين چئجي تہ ٻنهي جي وچ تي هئي. 80 وارو ڏهاڪو انهن ٻنهي پارٽين وچ ۾ نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي ڇتاڇيتيءَ جو دور هو، ان ڇتاڇيتيءَ جي نتيجي ۾ باشعور، محنتي، ڪميٽيڊ ۽ قرباني ڏيندڙ ڪارڪنن جو هڪ وڏو تعداد وجود ۾ آيو.

جيئي سنڌ محاذ طرفان ڊويزنل ليول تي ۽ ضلعي ۽ يونٽ سطح تي ڪارڪنن جا تربيتي ڪلاس هلندا هئا ۽ ڪارڪنن جي مطالعي لاءِ ڪتابن جون، پرائمري ۽ سيڪنڊري ٻہ لسٽون ٺهيل هيون. انهن ۾ سائين جي ايم سيد جي چونڊ ڪتابن کان علاوه سنڌ جي تاريخ، دنيا جون قومي آزاديءَ جون تحريڪون، عالمي ڪميونسٽ تحريڪ، غير معمولي ماڻهن جون سوانح عمريون، هندستان جي تحريڪ آزادي ۽ ٻين سياسي موضوعن تي لکيل ڪتاب شامل ڪيا ويا هئا. اڳتي هلي جيئن جيئن محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر جا ڪتاب ڇپبا ويا تہ اهي بہ ڪورس ۾ شامل ٿيندا ويا. عبدالواحد آريسر جو سنڌ جي جديد قومي تحريڪ ۾ هڪڙو اهڙو ڪارنامو آهي جنهن کان نہ ڪوئي هينئر انڪار ڪري تو سگهي ۽ نہ اڳتي ڪير وساري سگهندو. اُهو آهي تحريڪ کي تاريخ سان ملائڻ- هونءَ سنڌ جي جديد قومپرستيءَ کي سنڌ جي تاريخ مان بنياد فراهم ڪرڻ واري ڪم جي ابتدا سائين جي ايم سيد ڪري چڪو هو. سنڌ جي قومي تحريڪ جا تاريخي نظرياتي بنياد ان وقت پئجي ويا جڏهن سيد اعلان ڪيو تہ "راجا ڏاهر سنڌ جو هيرو ۽ محمد بن قاسم غاصب ۽ ڌاڙو هئو". "سنڌ جا سورما"، "سنڌي ڪلچر"، "پيغامِ لطيف" ۽ "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" جهڙا ڪتاب جديد قومي تحريڪ جا بنياد پختا ڪندڙ ۽ رستا روشن ڪندڙ هئا. پر آريسر هڪ تہ سيد واري ان سوچ کي سنڌ جي عام ماڻهون، پڙهيل، اڻ پڙهيل ۽ گهٽ پڙهيل تائين ڪٺي ويو ۽ ٻيو تہ تاريخ کي اڄ جي حالتن سان اهڙي سادي ۽ سولي ٻوليءَ ۾ ۽ اهڙي دلچسپ ۽ رومانٽڪ انداز ۾ ملائي پيش ڪيو جو هر پڙهندڙ ان ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو خاص ڪري نوجوانن ۾ پهريون دفعو سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي پيدا ٿي. اها عظيم چيني اڳواڻ ڪامريڊ مائوزي تنگ جي انقلابي فلسفي جي ٽن بنيادي نقطن مان هڪ ڪسوٽي هئي. ڪامريڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماڻهو چيو ته "جيڪڏهن توهان انقلاب آڻڻ چاهيو ٿا چاهيو ته ٽن ڳالهين جي ڄاڻ ضروري آهي، پهريون ان خطي جي تاريخ جتي انقلاب آڻڻ چاهيو ٿا، ٻيو مارڪسزم، ٽيون (پنهنجي وقت جي) عالمي صورتحال".

ان دور ۾ سنڌ ۾ سياسي ڪارڪنن لاءِ ڪتاب پڙهڻ ضرورت به هو شوق به ته فخر جو ڪارڻ پڻ. ڪتاب جي اهميت ۽ ڪتاب جو رواج ايترو ٿي ويو هو جو جيڪو همراهه ڪتاب پڙهڻ ۾ ڪا خاص دلچسپي نه رکندو هو اهو به ڪتاب گڏ رکڻ چاهيندو هو. ڪراچيءَ جي وڏي ۽ مشهور ڪتاب گهر ٿامس اينڊ ٿامس هڪ دفعي پنهنجي رپورٽ ۾ چيو ته سنڌن ڪتابن جا سڀ کان وڌيڪ خريدار سنڌي هوندا آهن، ٻئي نمبر تي ۽ بلوچ ۽ ٻاني پوءِ پيا. هڪڙي دوست پاران سوال/ سبب پڇڻ تي مون چيس ته سنڌين بلوچن تي سڀ کان وڌيڪ ظلم ۽ جبر ٿئي ٿو ان مان نجات جو رستو ڳولهڻ جي وڌيڪ ضرورت انهن کي آهي تنهن ڪري وڌيڪ ڪتاب ٿا پڙهن.

آزادي، انقلاب، حق، انصاف، برابري، سيڪيولرزم، سوشلزم ۽ ٻين اهڙن رياستي نظام کي چئلينج ڪندڙ موضوعن تي کلئي عام گفتگو ڪرڻ ئي مشڪل هوان تي لکڻ ته ذري گهٽ ناممڪن هو. نه ئي ان وقت ڪي اهڙا رسالا يا اخبارون موجود هئا جن ذريعي انهن آدرشن جو پرچار ڪري سگهجي. رياست مخالف ماڻهن لاءِ پنهنجو (ڪليل) پرچو جاري ڪرڻ ته ممڪن ئي ڪو نه هو. انهن کي ڊڪليئريشن به ڪو نه ملندو هو ۽ اسان جهڙن ماڻهن وٽ ته گهربل پئسا به ڪو نه هئا. ڳالهين کي ٿورو نرم ڪري ۽ پنهنجي خيالن کي ڪجهه اڻ سڌي طرح يا گهمائي ڦيرائي پيش ڪرڻ لاءِ ڪتابي سلسلا جاري ڪيا هئا تڏهن به ٻه چار پرچا نڪرڻ کان پوءِ انهن تي بندش پئجي ويندي هئي. ان ڪري اسان جهڙين تنظيمن لاءِ پنهنجي پروگرام جي پرچار ۽ خيالن جي ڦهلاءَ لاءِ خفيه/ غير قانوني پرچا ڪيڍڻا پوندا هئا. ڪميونسٽ پارٽي پاران "سرخ پرچم" نڪرندو هو. اسان جيئي سنڌ محاذ طرفان "سچ" ۽ "انقلاب" جهڙن نالن سان پنهنجي پارٽيءَ جو ترجمان جاري ڪندا هئاسين. پريس ۾ ان جو ڇپجڻ ممڪن ڪو نه هوندو هو تنهن ڪري اهو سائيڪلو اسٽائيل ٿيندو هو. سائيڪلو اسٽائيل مشين شهر کان پري ڪنهن ساٿيءَ جي ڳوٺ پرسان گهاٽي جهنگ ۾ رکي پوءِ هٿ سان ان کي هلائي هڪ هڪ پنو ڪري ڪيبو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪم جاري رکيو ايندا هئا.

جيئي سنڌ محاذ هڪ نيم خفيه تنظيم طور ڪم ڪندو هو. خفيه سرگرمين سان گڏ ڪليل عوامي پروگرام ڪندو هو. انهن ۾ لطيف جا ذينهن ملهائڻ کان علاوه سنڌ جي قومي هيرن ۽ ٻين تاريخي واقعن جي ياد ۾ يا ڪن عالمي شخصيتن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پروگرام ٿيندا هئا. انهن سيمينارن ۾ گفتگو جا موضوع اهي ئي جيئي سنڌ محاذ جي پروگرام وارا آزادي، انقلاب، برابري، سوشلزم، وغيره هوندا هئا. ان سان گڏوگڏ پاڪستان جي رياستي جوڙجڪ، مذهب جي نالي ۾ سنڌ جي ڦرلٽ، پيرن، ملن ۽ جاگيردارن جو ڪردار وغيره به گفتگو هيٺ ايندا هئا. اهڙو ئي هڪڙو پروگرام بنگلاديش جي آزاديءَ جي اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان جي ورسي ملهائڻ لاءِ 1978ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان منعقد ڪيو ويو. فيڊريشن جي اڳواڻي ان وقت منهنجو ويجهو دوست اختر ڪاڪيپوٽو بحيثيت چيف آرگنائيزر ڪري رهيو هو. مان ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ جي باوجود هيڪڙ ٻيڪڙ ڄامشوري ويندو رهندو هئس ۽ اختر سان قومي سياست بابت ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي هئي. شيخ مجيب جي ورسي به اسان جي گڏيل صلاح جو نتيجو هئي. پروگرام جو مکيه مهمان جيئي سنڌ محاذ جو اڳواڻ عبدالواحد آريسر هو جنهن حسبِ روايت تمام زبردست تقرير ڪئي. ان تقرير تي مٿس ڪيس داخل ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 1979ع ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ ملڪ دشمنيءَ جو ڪيس داخل ڪيو ويو.

ان ڪيس هيٺ آريسر صاحب اٽڪل به سال جيل ۾ رهيو. ان دوران مٿس ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي ڪوڙن جي سزا ڏني ويئي. هي پهريون موقعو هو ته ڪنهن سياسي پارٽيءَ جي ليڊر کي ڪوڙا هنيا ويا. پيپلزپارٽي ۽ ٻين ترقي پسند پارٽين جي ڪارڪنن کي به ڪوڙا لڳا پر انهن جي ليڊرن کي ڪو نه لڳا. ائين ته جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي به ڪوڙا لڳا جن ۾ ڊاڪٽر دودو مهيري ۽ ٻيا شامل هئا. اهي ڳالهيون پيپلزپارٽي ۽ ان جي وفادارن جي ان پروپيگنڊا کي غلط ثابت ٿيون ڪن ته "قومپرست جنرل ضيا سان ٺهيا وينا هئا" ۽ مارشل لا خلاف جدوجهد صرف انهن پئي ڪئي. جنرل ضيا جي مارشل لا جي سخت سينسر شپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سبب مخالفن جون خبرون پاڪستاني اخبارن ۾ ڪو نه ڇپبيون هيون ريڊيو ۽ ٽي وي ته هئا ئي سرڪاري. ان ڪري مخالف پنهنجي خبرن لاءِ بي بي سي ڏانهن نهاريندا هئا پر بي بي سي تان خبر نشر ٿيڻ ڪا آسان ڳالهه ڪو نه هئي. نشر ٿيڻ ته پوءِ جي ڳالهه انهن تائين خبر پهچڻ به خود وڏو مسئلو هوندي هئي. انهن ڏينهن ۾ بي بي سي جو پاڪستان ۾ مستقل نمائندو صرف هڪڙو هوندو هو جيڪو اسلام آباد ۾ رهندو هو. جن خبرن ۾ انهن جي پنهنجي دلچسپي هوندي هئي اهي ته هو پاڻ ڳولهي لهندا هئا پر اسان جهڙن ماڻهن کي ته پاڻ انهن تائين خبر پهچائڻي پوندي هئي پوءِ انهن جي مرضي ته هلائين يا نه.

جڏهن آريسر کي ڪوڙا لڳا ته اسان اها خبر بي بي سي تائين پهچائڻ چاهي پر سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڇا ڪجي، ڪيئن ڪجي؟ ڪٿان ڪان شروع ڪجي. ان وقت ٽيليفون جو سرشتو تمام محدود ۽ مشڪل هو. ٻئي طرف اسان جي ڄاڻ سڃاڻ به محدود ۽ وسيلا نه هئڻ جي برابر هئا. اها به وڏي غنيمت هئي ته منهنجي گهر ۾ قومي تحريڪ جي واحد ٽيليفون موجود هئي. فون نمبر هٿ ڪرڻ جو هڪڙو ذريعو فون ڪاتي جي ڇپايل ڊائريڪٽري هوندي هئي پر بي بي سي جو نمبر انهن نمبرن ۾ هو جيڪي ڊائريڪٽري کان ٻاهر (Non_ directory) هئا. پر مون تهيو ڪيو ته آريسر کي ڪوڙن لڳڻ جي خبر بي بي سي تائين ضرور پهچڻ کپي. بي بي سي مان ٻڌندو ته باقاعدگي سان هئس. تنهن وقت اسلام آباد ۾ انهن جو نمائندو اوون بينٽ جونز هوندو هو جيڪو بعد ۾ ايم ڪيو ايم ۽ ان جي ليڊر الطاف حسين بابت خبرن، دستاويزن ۽ دستاويزي فلمن سبب پاڪستان ۾ مشهور ٿيو. بهرحال ڪجهه صحافي دوستن ۽ ڪجهه ٽيليفون ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙ دوستن جي مدد سان ۽ ڪجهه پنهنجي "هنيانءَ جي سچائي" تي مون اها خبر اوون بينٽ جونز تائين فون ذريعي پڄائي ۽ اها نشر به ٿي. ٻين ڪمن وانگر ان عمل ۾ به علي نواز ٻٽ منهنجي مدد ڪئي.

آريسر جي جيل ۾ وڃڻ سان محاذ جي ڪم کي ڪافي ڌڪ لڳو ڇاڪاڻ ته هو اسان جو ڪليل آواز هو. سندس تقرير جو فن ڪنهن تعرف ۽ تعريف جو محتاج ڪو نه هو. پر اها به هڪڙي مڃيل حقيقت آهي ته هر ڳالهه کي ۽ هر صورتحال کي ٻه پاسا هوندا آهن، مثبت ۽ منفي. پوءِ اهو

اسان تي هوندو آهي تہ منفي پاسن تي افسوس ۽ ماتم ڪندي رهجي رهڻ يا مثبت عنصرن کي هٿيار بڻائي اڳتي وڌون. آريسر جي جيل وڃڻ سان نقصان تہ ٿيو ٿي ٿيو پر ان مان چڱائي اها نڪتي تہ پوئتي رهيل اسان سڀ ڪارڪن هڪاسين. ائين چئجي تہ جيسي هڪاسين تنهن ڪري گڏيل قيادت، گڏيل فيصلن ۽ گڏيل ذميوارين واري اصول تي عمل ڪرڻ ۾ آساني ٿي. مولابخش لغاري قائم مقام چيئرمين ٿيو اهو بہ بنيادي طور ڪارڪن هو ۽ باقي ساٿين سان برابريءَ ۾ هلندو هو. ان عرصي دوران ڪليل جلسن وارو ڪم تہ ضرور گهٽ ٿيو پر عوامي سطح تي ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ ڪچهرين جو سلسلو تمام گهڻو تسلسل سان، باقاعدگيءَ سان ۽ ذميواريءَ سان وڌڻ لڳو. ان جي نتيجي ۾ پارٽيءَ جي ميمبر شپ ۽ تنظيم سازيءَ ۾ بہ اضافو ٿيو. پارٽي يونٽن جون ميٽنگون بہ وڌيڪ باقاعدگيءَ سان ٿيڻ لڳيون ۽ هڪ ٻئي کان پڇاڳاڇا ۽ ليکي چوکي جو رواج بہ وڌڻ لڳو جنهن سان هڪ انقلابي پارٽيءَ جا بنياد پوڻ لڳا. ڪجهہ وقت کان پوءِ مولا بخش لغاري بہ گرفتار ٿي ويو تہ چيئرمين جي ذميواري عارضي طور دوستن مون کي ڏني. ان دوران ساڳئي طريقي سان ڪم جاري رهيو. آريسر صاحب جي آزاد ٿي اچڻ کان پوءِ نيشنل ڪائونسل جو جيڪو پهريون اجلاس ٿيو ان ۾ هُن پاڻ ان عرصي دوران ٿيل ڪم کي تمام گهڻو ساراهيو ۽ ساٿين کي جس ڏنو.

شروع ۾ جيئي سنڌ محاذ جي آرگنائيزيشن ائين هوندي هئي تہ يونٽ ڪميٽي، تعلقي ڪميٽي، ضلعي ڪميٽي ۽ مرڪزي سطح تي نيشنل ڪائونسل جنهن ۾ سيني ضلعن جون ضلعي ڪميٽيون ۽ مرڪزي باڊي جيڪا 9 ڄڻن تي مشتمل هئي، شامل هونديون هيون. نيشنل ڪائونسل جو اجلاس هر چوٿين مهيني ٿيندو هو جڏهن تہ مرڪزي باڊي هر مهيني ملندي هئي. سموريون مرڪزي ميٽنگون سن ۾ ٿينديون هيون جن جو سمورو انتظام ۽ خرچ سائين جي ايم سيد ڪندو هو. اسان مان ڪير بہ جڳهہ توڙي خرچ جي حساب سان، ان پوزيشن ۾ ڪو نہ هو تہ وڏا اجلاس ڪرائي ۽ نہ ئي جماعت وٽ ايترا وسيلا هئا. ٻئي طرف سائين جي ايم سيد بہ اسان سان رڳو ڪارڪنن وانگر نہ پر مهمانن وارو ورتاءُ ڪندو هو. رهائش توڙي ڪاڌي جي پاڻ نگراني ڪندو هو. پهرين انتظام ڪندڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي هدايتون ڏيندو هو جيستائين اسان ڪنهن معاملي ۾ مدد يا رهنمائيءَ لاءِ نہ چئون. اسان بہ تنظيم جي ڪم ڪار ۾ سائينءَ کي ملوث نہ ڪندا هئاسين. باقي جڏهن نيشنل ڪائونسل/ ڪانگريس جو اجلاس ٿيندو هو تہ آخر ۾ سياسي خطاب لاءِ سڀ ڪارڪن سائينءَ وٽ هلندا هئا. اهو تہ بعد ۾ ٿيو تہ ڪجهہ دوست، خاص ڪري لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ جڏهن جمهوري طريقي سان پارٽيءَ ۾ پنهنجا من پسند فيصلا نہ وٺي سگهيا تہ انهن ابتيون بستيون ڳالهيون ہڏائي زبردستي سائينءَ کي تنظيمي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

سائين جي ايم سيد جي سرپرستي، ساٿي ڪارڪنن جي جوش جذبي، محنت ۽ ڪميٽمنٽ ۽ گڏيل قيادت جي انقلابي اصول تي هلڻ جي نتيجي ۾ جيئي سنڌ محاذ ڪجهہ سالن ۾ هڪ چڱي خاصي تنظيم جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳو. يونٽن کان وٺي تعلقن، ضلعن ۽ مرڪز تائين سمورن آئيني ادارن جون ميٽنگون باقاعدگيءَ سان ٿينديون هيون. ٽيليفون ۽ سفر جون سهوليتون نہ هجڻ جي باوجود دوستن وچ ۾ ڀرپور رابطو ۽ مڪمل هم آهنگي هوندي هئي. هفتو يا مهينو اڳ ۾ طئي ٿيل ميٽنگ لاءِ مقرر ٿيل ٽائيم ۽ جڳهہ تي هر ساٿي، بغير ڪنهن يادگيري ڏيارڻ جي، پهچي ويندو هو. محاذ جا 90 سيڪڙو ميمبر استاد يا ڪلارڪ هوندا هئا جن جي پگهار بہ ادائي يا ٽي سئو هئي، ان جي باوجود 10 رپيا في (جيڪا اڄ جي حساب سان بہ ٽي سئو ٿيندي) هر ڪو باقاعدگيءَ سان ۽ خوشيءَ سان ڏيندو هو جيڪا ڪافي سالن تائين پارٽيءَ جي فنڊ جو واحد ذريعو هئي. ان کان علاوه سنڌي سماج جي روايتن مطابق اڪثر دوست ننڍي عمر ۾ شادي ٿيڻ سبب خاندان بہ پاليندا هئا پر پوءِ بہ مهيني ۾ 15-20 ڏينهن پارٽيءَ جي ڪم سان هلندا هئا.

يونٽ کان وٺي مرڪز تائين ادارن ۾ گڏيل قيادت، گڏيل ذميواري ۽ تنقيد خود تنقيد جهڙن انقلابي اصولن تي عمل ٿيندو هو. هر فرد ۽ ادارو پنهنجي ڪيل ڪم ۽ سرگرمين جي رپورٽ ڏيندو هو ۽ حاصل ڪيل ڪاميابين ۽ پيش ايندڙ مسئلن بابت ٻڌائيندو هو. پوءِ ان جو گڏيل طور تنقيدي جائزو وٺڻ کان پوءِ آئنده لاءِ تجويزون طئي ڪيون وينديون هيون ۽ فيصلا ڪيا ويندا هئا. اهڙي موقعي تي مان ۽ منهنجا هم خيال دوست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دنيا جي انقلابي تحريڪن خاص ڪري روس ۽ چين جي پارٽين جي جدوجهد جا حوالا ۽ مثال ڏيندا هئاسين خاص ڪري مائوزي تنگ جي لکڻين جو ذڪر ٿيندو هو چاڪاڻ ته منهنجي خيال ۾ جتي انقلاب جي فلسفي ۽ حڪمت عملين جي معاملي ۾ مائوزي تنگ جو لينن سان ڪو مقابلو ڪونهي اتي تنظيم جي معاملن ۽ حرفتن (Tactics) بابت جنهن معروضيت ۽ حقيقت پسندي سان ۽ آسان ٻولي ۽ عام فهم انداز سان مائوءَ لکيو آهي ان جو به جواب ناهي خصوصي طور اسان جهڙن پوئتي پيل سماج ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن لاءِ اهو ان ڪري به هو ته چين خود سنڌ وانگر هڪ ايشيائي ملڪ، زرعي خطو ۽ پٺتي پيل سماج هو. روزمره جي تنظيمي ڪمن بابت، ڪارڪنن جي روين ۽ رجحانن بابت ۽ ايتري تائين جو ميٽنگن جي ايجنڊا بابت مائوزي تنگ جي لکڻين کي پڙهندا هئاسين ته ائين لڳندو هو ڄڻ اسان جي وچ ۾ ويهي هُن لکيو هجي.

پڇاڳاڇا، ليکي چوکي ۽ سزا جزا جي سرشتي سبب پارٽي ميمبرن وچ ۾ هڪ صحتمند مقابلي جو ماحول پيدا ٿي چڪو هو. هر دوست ڪوشش ڪندو هو ته اداري ۾ سندس ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ بهتر ٿئي. ڪارڪنن کي هڪ ئي وقت تنظيم جي اندر ۽ ان کان ٻاهر مقابلي جي ميدان کي منهن ڏيڻو پوندو هو. تنظيم کان ٻاهر مقابلي جو ميدان سڄي سنڌ ۽ سڄو سنڌي سماج هوندو هو. اتي مدمقابل ڪميونسٽ پارٽي ۽ عوامي تحريڪ هوندي هئي ۽ انهن سان بحث مباحثا زباني يا لکت ۾ نظرياتي ۽ سياسي معاملن تي ٿيندا هئا. ڪو ڪارڪن ڪٿي بحث ۾ ڪٿي پوندو هو ته هو پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي پارٽيءَ لاءِ گهٽتائي محسوس ڪندو هو ۽ پوءِ ترجيحي بنيادن تي ان موضوع بابت ڪتابن ذريعي يا ٻين پارٽي ميمبرن سان گفتگو ذريعي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اهڙي طرح جيئي سنڌ محاذ ۾ ۽ مجموعي طرح سنڌ جي نظرياتي سياست ۾ باشعور، باڪردار ۽ محنتي ڪارڪنن جو چڱو خاص تعداد تيار ٿي ويو. گهڻو تڻو ان دور جا ئي تيار ٿيل سياسي ڪارڪن آهن جيڪي سنڌ جي قومي سياست ۾ يا زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ مثبت ۽ ڪارائتو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. 1990ع جي ڏهاڪي کان وٺي انفرادي ڪوششن سان هيڪڙ ٻيڪڙ ڪو ڪارڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيدا ٿيو آهي باقي نہ تہ اڪثريت مفاد پرستن جي آهي جيڪي سياست ۽ قومي تحريڪ کي پنھنجي ذاتي مفادن ۽ مقصدن لاءِ استعمال ڪن ٿا.

1980ع جي ڏهاڪي دوران، ڪجهہ اڳي ڪجهہ پوءِ، جيڪي دوست محاذ تي وڌيڪ متحرڪ رهيا (۽ جن جا نالا مان ياد رکي سگهيو آهيان) اهي ضلعي وار هن ريت آهن: ٺٽو: اشرف ميمڻ، مراد علي شاهہ، يوسف نوناري، الهڏنو بلوچ، اعظم گوپانگ، حافظ اقبال ميمڻ، محمد نواز کوسو، ايوب منڇري، عرس ڪنيار، ذڪريا ميمڻ. بدين: مشڪور ڦلڪارو، عثمان بجير، لال بخش چانڊيو، نثار جمالي، اشرف لغاري. حيدرآباد: سرور سهتو، نثار هڪڙو، محمد علي لغاري، قاسم سومرو، ناز سهتو، حاڪم سومرو، حاجي خان ڪيريو، احمد خان نانگراج، گل بيگ چلڳري. ٿرپارڪر (هن وقت ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿر): جمن دربدر، حيات جروار، علي حسن چانڊيو، علي حسن ڏل، شفيع سنيهڙو، تيج ڏاڻ، چارڻ، اقبال ڪيهر، جي ايم پڳت. دادو (هاڻوڪو ڄامشورو بہ شامل هو): خالد لطيفي، امر جوڻيجو، چٽل سومرو، ڊاڪٽر برڪت جتوئي، غلام مصطفيٰ لنڊ، فقير داد کوسو، منير ملڪاڻي، آدم ٻٽ، سرور شيخ، شفيع محمد سولنگي، حفيظ سميجو، شفيع گاڏهي، حبيب الله چنو، اسماعيل جانوري. نواب شاهہ (بشمول نوشهروفيروز): مير محمد لاکو، عبدالرسول سمون، احمد نواز سومرو، مير محمد پيرزادو، منل ملاح، راشد مورائي، مولا بخش ٻرڙو، لونگ خان چنو، روشن ڪلهوڙو، مجيدي مري. لاڙڪاڻو (قمبر سميت): منظور شاهہ، عطاءالله انڙ، خالد چانڊيو، قربان اعواڻ (سڄڻ سنڌي)، سارنگ ماڇي، الطاف قادري، اعظم جروار، روشن ڪلهوڙو. سکر (گهوٽڪي سوڌو): صابر قريشي، ولي محمد بليدي، يعقوب عرف مُبن مگريو، فدا سميجو، حاتم شر، رضا ميراڻي، گامڻ خان شر، الهڏنو قريشي. شڪارپور: عبدالقيوم منگي، آغا قمر مشواڻي، نبي بخش پيو، عبدالوهاب ڪانڌڙو، خان محمد پيو، عابد حيدري، غلام نبي. جيڪب آباد: عبدالوهاب پيو، انتظار چلڳري، ارڏو اترادي. خيرپور: صوفي عبدالقادر مهيسر، سرائي ممتاز (خاصخيلي)، مجتبيٰ شاهہ راشدي، راجا پيلاڻ، هادي بخش (فدا) ٽالپر، مورند شر، عبدالرحمان جامي، غلام حسين دايو، رشيد ميمڻ، ياسين جوڻيجو (سنڌي)، الهرکيو خاصخيلي. سانگهڙ: بادل ٿري، عاجز منگي، محمد خان پنهور، اسحاق مگريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عاشق سولنگي، فقير دين محمد ڪنڀار.

ان عرصي دوران جيتوڻيڪ گهڻو ڪم تبليغ، سجاڳي، نظرياتي تعليم ۽ تنظيم ڪاريءَ جو ٿيندو هو پر وقت اچڻ تي سنڌ جي اهم مسئلن تي احتجاج به ٿيندا هئا. سڀ کان وڏو واقعو توڙي ڦاٽڪ وارو ٿيو. جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ته سڄي پارٽيءَ ۾ ٽيليفون صرف مون وٽ هوندي هئي تنهن ڪري سڀ دوست، ساٿي ۽ همدرد اتي رابطو ڪندا هئا. 1984 ۾ 17 ۽ 18 آڪٽوبر جي وچ واري رات جو اٽڪل 2 وڳي فون جي گهنٽي وڳي. ٻئي طرف ناز سهتو ڳالهائي رهيو هو جيڪو صحافي هئڻ سان گڏ جيئي سنڌ محاذ جو همدرد ۽ اسان جو دوست به هو. پريشانيءَ واري لهجي ۾ چوڻ لڳو ته يار! ٿهر ٿي ويو جامشوري جي پرسان فوج شاگردن جي بس تي فائرنگ ڪئي آهي ۽ ابتدائي خبرن مطابق چاليهه شاگرد قتل ٿي ويا آهن. زندگيءَ (ان وقت تائين) جو سڀ کان وڏو شاڪ لڳو. اُن مهل ڪجهه ڪري سگهڻ کان قاصر بستري تي ليٽيس. عام طور منهنجي ننڊ اهڙي هوندي هئي جو جهڙي وقت، جتي به، جيتري وقت لاءِ چاهيان ننڊ ڪندو هئس. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ تائين مان سمهي نه سگهيس. بي چينيءَ ۾ گهر کان ٻاهر گهٽيءَ ۾ چڪر ڏيڻ لڳس. پاڙي جو پٺاڻ چوڪيدار به پريشان ٿي سائيڪل روڪي چوڻ لڳو "خير ته آهي مون ڪڏهن توکي پريشان ناهي ڏٺو." اخبارن تي ته سينسر شپ هئي البته صبح ٿيڻ تي مختلف ذريعن کان جيئن جيئن خبرون اينديون ويون ته صورتحال سامهون ايندي ويئي. جامشوري کان لاڙڪاڻي ويندڙ شاگردن جي بس تي فوج ڦاٽڪ بند ڪري، گهيرو ڪري سڌي فائرنگ ڪئي هئي جنهن جي نتيجي ۾ پنج سنڌ جا پٽ بي ڏوها مارجي ويا. بقول شاعر "بي موت مئا تو لاءِ ڳنا، انسان هزارين مان نه رڳو". هونءَ ته هڪڙي معصوم انسان جو قتل به وڏي وحشت آهي، هي ته هڪ وقت پنج ڄڻا ماريا ويا هئا پر پهرين سَٽ ۾ چاليهه ڄڻن جي مارجڻ واري خبر جيڪو ڪرب پيدا ڪيو هو اهو برداشت کان ٻاهر هو. پتو پيو ته سنڌ تي ڌارين حملي آورن جي تاريخي تسلسل جي هن تازي معرڪي ۾ عبدالمالڪ خشڪ، ذڪريا ميمڻ، مٺو بليدي، امان الله وسطڙو ۽ انور عباسي شهيد ٿي ويا هئا.

توڙي ڦاٽڪ وٽ جيڪي ڪجهه ويل وهايو ويو ان هڪ دفعو وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ثابت ڪيو تہ سنڌي هن ملڪ ۾ غلام آهن ڇاڪاڻ تہ ائين ئي هٿيار ٺهرين تي انڊاڌنڌ فائرنگ رڳو فاتح فوجون ئي ڪنديون آهن. توڙي واقعي، ميڊيا ۾ خاص ڪوريج نہ هئڻ باوجود، سنڌي ماڻهن ۾ جيڪو رنج ۽ غم پيدا ڪيو ان جو ٻيو ويجهي ماضيءَ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. هر محبِ وطن ماڻهون ائين پيو محسوس ڪري جڻ ان جي خاندان جو ڪو فرد قتل ٿي ويو هو. ايتري تائين تہ سائين جي ايم سيد جهڙو بهادر ۽ پهاڙ جهڙو سخت شخص بہ توڙيءَ جو ذڪر اچڻ تي اکيون آليون ٿيڻ کان روڪي نہ سگهيو. اهڙي المناڪ صورتحال ۾ مثبت عنصر اهو هو تہ سنڌي ماڻهن ۾ رڳو ڏک نہ هو پر ان سان گڏ ڪاوڙ بہ هئي جنهن جو اظهار ان مان ٿيو تہ سڄي سنڌ ۾ ماڻهن پنهنجو پاڻ احتجاج ڪيا، تعزيتي ميڙاڪا ڪيا ۽ ڪاروبار بند ڪيا.

جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي ميٽنگ ۾ ڪيل فيصلي تحت ان جارحاڻي عمل جي مذمت ڪرڻ ۽ ان خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ يوم احتجاج ملهايو ويو. ريليون ڪڍيون ويون ۽ ڪارن جهنڊن سان گڏ احتجاجي ميڙاڪا ڪيا ويا. ڪراچيءَ ۾ اسان فيصلو ڪيو تہ اسيمبلي بلڊنگ جي گيٽ تي مظاهرو ڪيو ويندو. ان ڏينهن سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس شروع ٿيڻو هو ۽ ان جو افتتاح سنڌ جي گورنر ۽ مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل جهانداد کي ڪرڻو هو. محاذ جي ڪارڪنن ۾ وڏي اڪثريت سرڪاري ملازمن جي هئڻ جي باوجود ڀرپور احتجاج ڪيو ويو. ڪنهن بہ ساٿيءَ کي نوڪري وڃڻ جو فڪر ڪو نہ هو. بلڪل گيٽ جي سامهون گورنر جي ڪار جي آڏو احتجاجي پلي ڪارڊ ڪڍي توڙي واقعي کي ننديڻ لاءِ زبردست نعري بازي ڪئي وئي. موجود دوستن ۾ مون سميت ڪيترائي اهڙا هئا جيڪي گهر جا واحد ڪفيل هئا ۽ نوڪري انهن جي پيٽ گذر جو واحد ذريعو هئي.

جڏهن حقيقتون سامهون آيون تہ معلوم ٿيو تہ سنڌ يونيورسٽي کان شاگرد هڪ سيمينار لاءِ لاڙڪاڻي وڃي رهيا هئا. بس ۾ ڪجهہ اهڙا "شاگرد" بہ هئا جن جو ڪرمنل رڪارڊ هو ۽ جيڪي رياستي ادارن کي گهربل هئا. بس ۾ انهن جي هجڻ جو اطلاع ملڻ تي فوج ڦاٽڪ بند ڪري انهن جو گهيرو ڪيو ۽ گهربل ماڻهن کي پيش پوڻ جو چيو. پاڻ کي وڏا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بهادر ۽ جوڌا چوائيندڙ انهن همراهن صورتحال کي همٿ سان منهن ڏيڻ بجاءِ بس ۾ موجود معصوم نوجوانن کي ڍال بڻائي انهن جي پويان پناهه ورتي. ۽ پوءِ جيڪي ڪجهه ٿيو ان لاءِ اهي همراهه ۽ فوج ٻئي ذميوار آهن. گهربل همراهن کي پهرين ته عام شاگردن سان پريل بس ۾ ويهڻ نه ڪپندو هو پر جي ويٺا هئا ته وقت اچڻ تي اڳتي وڌي منهن ڏين ها. جيڪڏهن انهن ائين نه ڪيو ته فوج کي رياست جي "ذميوار" اداري طور اهڙي حڪمت عمليءَ تي هلڻ ڪپندو هو جنهن سان اُهي (ان وقت يا بعد ۾) گهربل ماڻهن کي عام شاگردن کان الڳ ڪري انهن کي گرفتار ڪن ها. پنهنجي ناڪامي ۽ نااهليءَ کي لڪائڻ لاءِ ائين راهه ويندڙ ماڻهون مارڻ آئيني، قانوني توڙي اخلاقي لحاظ کان غلط هو. جمهوري معاشري ۾ ته اهو سڀ ناجائز ۽ ناقابلِ قبول هوندو آهي. باقي آمريت ۾ ته "سڀ ڪجهه جائز هوندو آهي". هونءَ به دنيا جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته قابض قوتون ڪڏهن به انصاف، آئين ۽ قانون کي ڪو نه ڏسنديون آهن ۽ هر انساني، اخلاقي توڙي جمهوري قدر کي بندوق جي زور تي ڪچلڻ پنهنجي لاءِ فخر لائق سمجهنديون آهن.

پر اها به حقيقت آهي ته توڙي واقعو جيترو سنگين ۽ جيترو اهم هو اسان بحيثيت قوم اوتري سنجيدگي ۽ ذمياريءَ سان ان جو ليکو چوکو نه ڪيو آهي. واقعي تي جيترو احتجاج ڪيو يا ڪجي، زندگيون ڏيندڙ ساٿين لاءِ جيترو ڏک ڪيو يا ڪجي ۽ زندگيون کسيندڙن جي خلاف جيتري ڪاوڙ ڪئي يا ڪجي اها برحق آهي پر ايڏي وڏي واقعي جي سنجيده، ذميوارانه ۽ غير جانبدارانه ڇنڊڇاڻ ته ٿيڻ کپي نه. گوليون هلائيندڙ ته يقيني طور سنڌي قوم جا ولين آهن پر اسان گوليون کائيندڙن کان وڌو هيرو انهن کي بڻائي ڇڏيو جن جي ڪري گوليون هلايون ۽ کاڌيون ويون. هڪڙي ڳالهه ته انهن ۾ ڪي اهڙا به هئا جن جي نالن سان ڪرائيم جو ليبل لڳل هو. ٻي وڏيڪ اهم ڳالهه ۽ بنيادي سوال اهو آهي ته انهن همراهن ان ڏينهن هيروازم جو ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو؟ اڄ ڏينهن تائين شاعري ته گهڻي ٿي آهي پر ڪنهن به ان سوال جو جواب ڏيڻ ته پري جي ڳالهه ڳولهڻ جي به ڪوشش نه ڪئي آهي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ڄاڻ ۾ ناهي. واقعي جي ڪجهه سالن کان پوءِ مون ان واقعي بابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شيءِ کي حرام سمجهندا ۽ سوشلزم جي ڳالهه کي سنڌ دشمني قرار ڏيندا هئا جيتوڻيڪ سائين جي ايم سيد قومي تحريڪ جي تعمير لاءِ جيڪي چار ٿنڀا مقرر ڪيا انهن ۾ هڪڙو سوشلزم آهي. ايتري تائين جو عطاءالله انڙ گروپ ۾ جساف وارن هڪ عجيب و غريب ۽ کِل جهڙو نعرو ڏنو ته "پنهنجي ڌرتي پنهنجو نظريو". انهن کي ڪير سمجهائي ته نظريو به پنهنجو ۽ پرائو ٿيندو آهي ڇا؟ يا نيشنلزم سنڌ جي پيداوار آهي ڇا؟.

ڪجهه وقت کان پوءِ لياقت ميڊيڪل ڪاليج اندر جساف ۾ قادر مگسي متحرڪ ٿيو. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر (DMLA) جي سرپرستيءَ ۾ پنجابي آبادڪارن (Settlers) تي مشتمل نيو سنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (NSSO) سرگرم هئي جيڪا سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مفادن جي خلاف ڪم ڪندي هئي. ان سان هڪ جهيڙي ڪانپوءِ جنهن ۾ انهن جو هڪڙو ميمبر مارجي ويو قادر مگسي وڌيڪ مشهور ۽ متحرڪ ٿيو. ان پاڻ کي جيئي سنڌ محاذ جي ذيلي تنظيم (جساف) جي ميمبر طور پيش ڪيو. محاذ به ان جي گروپ جي سياسي ۽ اخلاقي مدد ڪرڻ لڳو. اسٽوڊنٽس فيڊريشن اندر قادر مگسي گروپ ۽ جکراڻي- قريشي گروپ وچ ۾ ٽڪراءُ به شروع ٿي ويو جنهن جا ٻه سبب هئا. هڪ سبب هڪجهڙائيءَ وارو هو ۽ ٻيو اختلاف وارو. ٻئي گروپ "ڏاڏ مڙسي" جا پيروڪار هئا تنهن ڪري چڱ مڙسيءَ تي جهڳڙو هو ۽ ٻيو هُنن جي پيٺ ۾ مگسي گروپ ترقي پسند خيالن ۽ علم ذريعي سياست جي حمايت ڪري رهيو هو. اهو ٻيون سبب ئي جيئي سنڌ محاذ طرفان ان گروپ جي حمايت جو ڪارڻ هو. دودو مهيري، حيدرشاهاڻي، آصف بالادي، مير عالم مري، شفيع برفت وغيره ان گروپ ۾ هئا. ٻنهي گروپن ۾ ٽڪراءَ سبب فيڊريشن ۾ تعطل واري صورتحال به پيدا ٿيندي رهي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا معاملو سائين جي ايم سيد وٽ ويو ۽ عبوري/ آرگنائيزنگ باڊيون ٺاهيون ويون. جساف جي اندر بالادستي جکراڻي- قريشي گروپ جي هئي پر محاذ جي حمايت ۽ ڪوشش سان سائينءَ طرفان ٺاهيل عبوري باڊين ۾ مگسي گروپ کي هڪ جيتري نمائندگي ملي. اها ئي ڳالهه آهي ته ادارن اندر اهو گروپ ٻئي گروپ جو مقابلو نه ڪري سگهيو. ۽ پوءِ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عملي طور ٻن متوازي (Parallel) تنظيمن طور ڪم ڪندي رهي جيتوڻيڪ آئيني طور ان جو اعلان نہ ٿيو هو. قادر مگسي ۽ دودي مهيري وارا هڪ پريشر گروپ طور ڪم ڪندا رهيا ۽ محاذ سان بہ واسطي ۽ رابطي ۾ رهيا.

قادر مگسي وابستگي تہ محاذ سان رکندو هو پر ڪندو گهڻو ڪري پنهنجي مرضي هئو ۽ محاذ طرفان سندس حمايت ۽ مدد ڪرڻ جي باوجود پارٽي قيادت ان کي ڊسيپلين ۾ نہ هلايو يا نہ هلائي سگهي. هو فيصلا پاڻ ڪندو هو ۽ محاذ کان حمايت حاصل ڪندو هو. ان جو هڪڙو مثال الطاف حسين کي ايل ايم سي ۾ گهرائڻ آهي. ايم ڪيو ايم 1984ع ۾ ٺهي ۽ ابتدا ۾ سندن رخ مرڪز مخالف ۽ پرو- سنڌ هئڻ ڪري سنڌ دوست قوتن سان سندن رويو ويجهڙائپ وارو هو. ڪجهہ سنڌ دوست اردو دانشورن جي معرفت جيئي سنڌ محاذ سان انهن جي وڌيڪ انڊر اسٽينڊنگ هئي. پر ان جي باوجود محاذ ڪراچيءَ جي اردو آبادين ۾ پنهنجا سياسي پروگرام الڳ پنهنجي پليٽ فارم تان ڪندو هو. 1985 جي آخر ۾ جنگهہ ڀڄي پوڻ سبب سائين جي ايم سيد اسپتال ۾ داخل هو تنهن ڪري سندس سالگرهہ جو جلسو ٻن مهينن لاءِ مهمل ڪيو ويو. ان جو فائدو وٺندي قادر مگسيءَ ايل ايم سي ۾ سالگرهہ جو جلسو رکيو جنهن جي صدارت تہ محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر ڪئي پر جلسي ۾ شرڪت جي ايم ڪيو ايم سربراهہ الطاف حسين کي دعوت قادر مگسي پنهنجي طور تي ڏيئي آيو. ۽ پوءِ جلسي ۾ الطاف حسين وڏي لئي سان شريڪ ٿيو ۽ تقرير ڪيائين جڏهن تہ محاذ طرفان ان ئي جلسي ۾ علامہ علي مختار رضويءَ شرڪت ڪئي هئي (جيتوڻيڪ ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ جيئي سنڌ محاذ ڪراچيءَ جي فيڊرل بي ايريا جي علائقي عائشہ منزل وٽ اسلامڪ سينٽر ۾ علي مختار ۽ رشيد حيدر وارن جي تعاون سان سالگرهہ جو پروگرام ڪيو هو پر الطاف حسين کي باقاعده دعوت ڪا نہ ڏني ويئي هئي البتہ پروگرام هلندي هو پنهنجي طور تي 15_20 ساٿين سان گڏ اچي شريڪ ٿيو ۽ تقرير ڪري هليو ويو).

پوءِ اڳتي هلي قادر مگسيءَ ايم ڪيو ايم ۽ خاص ڪري الطاف حسين جي حوالي سان ڪهڙو رويو اختيار ڪيو ۽ ڪهڙي سياست ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها هڪ الڳ پر ڪليل ڪهاڻي آهي. پر اڄ ڏينهن تائين ايم ڪيو ايم جي حوالي سان سائين جي ايم سيد ۽ جيئي سنڌ محاذ تي تنقيد ڪرڻ وارا ان جلسي جو حوالو ڏيئي چوندا ۽ لکندا رهندا آهن ته الطاف حسين جي ايم سيد جي سالگرهه جي جلسي ۾ شرڪت ڪئي. پوءِ شعوري طور يا اڻڄاڻائيءَ ۾ اهو نه ٻڌائيندا آهن ته اهو جلسو ڪٿي ٿيو ۽ ڪنهن ڪرايو.

ڪا به پارٽي يا تنظيم موثر نموني هلائڻ لاءِ يا ڪو به اجتماعي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ مرڪز جو هئڻ ضروري هوندو آهي. جيئي سنڌ جو (۽ مجموعي طرح قومي تحريڪ جو) سڀ کان وڏو ۽ اهم مرڪز ته ظاهر آهي سائين جي ايم سيد ۽ ان جو ڳوٺ سن هو. پر هڪ ته سائينءَ جي حيثيت هڪ رهبر واري هئي، روزمره جي تنظيمي معاملن ۾ هو ملوث ڪو نه هو ۽ ٻيو ته سائينءَ جي نظربندي ۽ مواصلات جي خراب نظام سبب سائينءَ سان عام جام رابطو نه ٿيندو هو. ٻيو مرڪز منهنجو ڪراچيءَ ۾ عزيزآباد وارو گهر هو. 70 ۽ 80 وارن ڏهاڪن دوران جيڪي قومي ورڪر هئا سي سڀ مسڪين هئا. مون سميت انهن ۾ ڪو به اهڙو ڪو نه هو جو پنهنجي ڳوٺ/ شهر کان ٻاهر ڪو گهر رکي سگهي. منهنجي جيئڻ ته نوڪري ئي ڪراچيءَ ۾ هئي تنهن ڪري ڪٿي نه ڪٿي ته رهڻو هو. سئوٽ عبدالڪريم ۽ عبدالغنيءَ جي مهرباني ۽ تعاون سان سستي مسواڙ ۾ مناسب گهر ملي ويو هو. مون ايترو ڪيو ته سياسي دوستن لاءِ ان جا دروازا 24 ڪلاڪ ۽ 30 ئي ڏينهن کولي ڇڏيا. دروازا رڳو اصطلاحي معنيٰ ۾ نه کوليا پر عملي طور گهر جو ٻاهريون دروازو کليل رهندو هو ۽ اڳر تي ڪٽون پيون هونديون هيون. جهڙي مهل به جيڪو دوست اچي (ڀلي مان گهر ۾ نه هجان) اهو اچي انهن کٽن تي ويهي يا سمهي رهندو هو. ان دور جو ڪميونيڪيشن جو سڀ کان معتبر پر اڻلڀ (Rare) ذريعو زميني (Land line) ٽيليفون به مون وٽ هئي جنهن ذريعي سڄي سنڌ جا دوست رابطو ڪندا هئا. انهيءَ فون جي سهوليت ۽ اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ دفعي سکر ۾ ڪو واقعو ٿيو ته پاڙيسري شهر شڪارپور مان ساٿين مون کي ڪراچيءَ ۾ فون ڪري ان بابت حقيقت معلوم ڪرڻ چاهي. 24 ڪلاڪ گهر جو دروازو کولي ڇڏڻ شايد ان ڪري ممڪن هو جو ان وقت تائين ايم ڪيو ايم ڪلچر شهر تي غالب نه آيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيئن چوٽي آهي تہ "موت ۽ مهمان جو ڪو وقت ناهي هوندو".

سو هتي بہ اهائي صورتحال هئي. صبح جي پهر ۾ منهنجي آفيس هئڻ دوران بہ دوست ايندا هئا تہ رات جو اڍائي وڳي بہ ۽ ڪي آسُر ويل ننڊ مان اچي اٿاريندا هئا. ڪڏهن ائين بہ ٿيو تہ آفيس کان موٽي اچي ڏٺم تہ آڳر تي ٿيلها پيا هئا. سمجهيم تہ ڪي همراهہ آيا آهن. 1985ع وارين سينيٽ جي چونڊن ۾ "ماما" يوسف لغاري ٽيڪنوڪريٽ جي سيٽ تي فارم ڀرايو. اسيمبلي ميمبرن ۾ ورڪ ڪرڻ لاءِ هُن مرڪز منهنجي ئي گهر کي بڻايو ۽ پوءِ رات جو ڪڏهن هڪ وڳي موٽندو هو تہ ڪڏهن ٽين وڳي گهڻا دوست اچي وڃڻ جي صورت ۾ ڪي اندر سمهندا هئا تہ ڪي ٻاهر. ڪي کٽ تي تہ ڪي پَٽ تي. گذاري لائق رهائش سان گڏ مان پنهنجي غريبي حال آهر آيلن جي چانهہ پاڻيءَ سان خدمت بہ ڪندو هئس. ايندڙ دوستن مان وڏي اڪثريت ان ماحول مان مطمئن ۽ خوش هوندي هئي البتہ ڪجهہ اهڙا بہ هوندا هئا جيڪي بهتر طعام ۽ قيام جي توقع رکندا هئا. اهي واپس وڃڻ کان پوءِ انگريزي لفظ استعمال ڪجي تہ پروپئگنڊا، سنڌيءَ ۾ تہ گِلا ڪندا هئا تہ "خالق وٽ وڃون ٿا تہ دال ٿو کارائي" يا "خالي چانهہ ٿو پياري" وغيره. مون کي خبر پوندي رهندي هئي پر ان جو ڪو بہ اثر نہ وٺندو هئس. ساڳيا دوست جي وري ايندا هئا تہ ساڳئي قسم جي ميزباني ڪندو هئس ۽ جي نہ ايندا هئا تہ مڙيئي خير. ڪجهہ اها ڳالهہ منهنجي فطرت ۾ هئي/ آهي تہ تعريف ۽ گلا کان متاثر گهٽ ٿيندو آهيان ۽ ڪجهہ سياڻن جي چوڻين مان سبق ورتو هئم تہ "سوڙ آهر پير ڊگهيرجن" يا اهو تہ "توهان جيڪي ڪجهہ آهيو اهو ئي ظاهر ڪريو". ڪنهن ڏاهي جو اهو قول بہ مون پنهنجي لاءِ رهنما اصول بڻائي ڇڏيو هو تہ "توهان پاڻ ئي پنهنجي زندگيءَ لاءِ ڪي اصول طئي ڪريو ۽ پوءِ انهن تي سختيءَ سان عمل ڪريو". مون اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، ملڻ جلڻ، ڪم ڪرڻ ۽ آرام، دوستي ۽ دشمني، حمايت ۽ مخالفت، پنهنجي ذات ۽ خاندان ۽ ٻين ڳالهين بابت هڪڙا معيار ۽ دائرا مقرر ڪيا هئا. پوءِ سئو فيصد تہ ممڪن ناهي باقي وڌ کان وڌ (جيترو ممڪن ٿي سگهي) انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. منهنجي تمام ويجهن دوستن مان هڪڙو اختر ڪاڪيپوٽو چوندو آهي تہ "ان وقت اسان هڪ ٻئي کي چوندا هئاسين تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻارا خالق هر ڳالهہ ۾ اصول ۽ پابنديون ته لاڳو ڪري جيڪا ڳالهہ اسان کي ڪانه وڻندي هئي پر هاڻي زندگيءَ جو وڏو حصو گذارڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته خالق جو طريقو صحيح هو ڇاڪاڻ ته اسان جهڙا هيٺئين وچولي ڪلاس جا ماڻهون اهڙي طريقي سان ئي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا".

مان بہ سمجهان ٿو تہ ڪجهہ اصول، ڪجهہ پابنديون ۽ حساب ڪتاب سان هلڻ جي ڪري ئي ههڙي پاڪستاني رياستي نظام، ڪنزرويٽو سنڌي سماج ۾ اڙانگي سياسي سفر ۾ اڄا هلان پيو.

رياستي ادارا، جاگيردار وڏيرا، پير مير، ملا پنڊت، بہ نمبري ٽوٽپرست، انهن جي مخالفت ڪندي هن وقت تائين Survive ڪرڻ ايترو اسان نہ هو. ٽوٽپرست لڏي ۾ ئي جن دوستن ڇڙواڳ زندگي گذاري يا پنهنجي وِت وَس کان وڌيڪ ٽپا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي انهن جي اڪثريت مقابلي جي ميدان مان ٻاهر ٿي ويئي. ڪي خاموش ٿي وڃي گهر ويٺا تہ ڪن انهن ئي نگن جو پاسو وڃي ورتو جن خلاف جنگ جوٽڻ جو اعلان ڪري چڪا هئا.

شڪايت ڪندڙن منجهان ٻن ڄڻن جي طريقي منجهان مان خوش آهيان جو انهن سامهون ڳالهہ ڪئي. هڪڙو ستار موريو جنهن چيو تہ "هي ڪوارٽر نما گهر توکي نٿو سونهين، بنگلو هڪڙو بہ نہ بہ نهراءِ، هڪڙو پنهنجي لاءِ ٻيو دوستن لاءِ". ان تي مون چيس تہ "مان جيڪا نوڪري ڪريان ٿو تہ جيڪڏهن چاهيان ۽ اهي گهربل طريقا اختيار ڪريان تہ ٻہ بنگلا نهرائي ٿو سگهان پر پوءِ جيڪڏهن بنگلي جو چوڪيدار توهان کي اندر اچڻ نہ ڏئي تہ گاريون نہ ڏجو". حيران ٿيندي پڇيائين تہ "ائين ڇو ٿيندو؟" مون جواب ڏنس تہ "اهوان ڪري تہ پوءِ مان ساڳيو خالق جو ٽيجو نہ رهندس".
ٻيو شخص سيد غلام شاهہ آهي جيڪو ان وقت منهنجو تمام ويجهو دوست ۽ هم خيال هوءِ هينئر بہ هم خيال نہ هئڻ جي باوجود دوست آهي سو منهنجي موجودگيءَ ۾ ماڻهن جي سامهون چوندو آهي تہ "اسان هن وٽ رهندا هئاسين ورِي ٻاهر وڃي ڳلا بہ ڪندا هئاسين".

عزيز آباد جي گهر نمبر 842 بلاڪ 2 تي ڪراچيءَ کان وٺي سکر تائين جا محاذ جا لڳ ڀڳ سڀ متحرڪ ميمبر ايندا هئا. جيئي سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا بہ لڳ ڀڳ سمورا ليڊر ايندا هئا. جن تي وارنٽ نڪرندا هئا. يونيورسٽي ڪاليج بند ٿيندا هئا يا همراهہ انڊر گرائونڊ ٿيندا هئا تہ مون وٽ ايندا هئا. ڪي راتيون بہ ترسندا هئا تہ ڪي ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ ايندا هئا. اختر ڪاڪيپوٽو رسول بخش ٿيبو گل محمد جکراڻي، ستار موريو فقير داد ڪوسو شفيع ڪرناڻي، فيض الله پيرزادو ۽ دودو مهيري انهن مان مکيہ هئا. پوءِ وري جڏهن قادر مگسيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ گروپ ٺهيو تہ اهي جيئن تہ محاذ کي وڌيڪ ويجها هئا تنهن ڪري انهن جو وڌيڪ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. ايل ايم سي ۾ خوني جهيڙن جي ڪري قادر مگسيءَ تي قتل جو ڪيس بہ داخل ٿيو تہ سندس پنهنجي ڄنگهہ بہ زخمي ٿي پيئي. علاج کان پوءِ آرام خاطر هو سندس هڪ دوست جيڪو پي آءِ اي ۾ ملازم هو ان وٽ نئين ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو. ڪجهہ عرصي کانپوءِ ڪيس سلامتي جي لحاظ کان جڳهہ تبديل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي تہ پوءِ اٽڪل بہ اڍائي مهينا مون وٽ اچي ترسيو. سندس گروپ جا ميمبر ساٿس ملڻ لاءِ بہ ايندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گروپ جي ميٽنگ بہ هو منهنجي گهر ڪندا هئا. انهن ۾ حيدر شاهاڻي، آصف بالادي، منور لغاري، انور لغاري، مظهر ميمڻ، سومار مگريو اسلم انصاري، نثار جمالي ۽ ٻيا شامل هوندا هئا. منور لغاري پڙهڻ لکڻ سان دلچسپي هئڻ سبب منهنجو سٺو دوست بڻجي ويو ايتري تائين جو حيدرآباد کان سيڙجي بہ هڪ ٻہ دفعو مون سان ڪچهري ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ آيو. آصف بالادي محاذ جي سياست کي وڌيڪ ويجهو هئڻ سبب ان سان بہ سٺو تعلق استوار ٿي ويو.

گهر ايندڙن جي شخصيت ۽ ڪردار بابت ڳالهائڻ سماجي ۽ اخلاقي قدرن مطابق سٺو نہ لڳندو آهي پر ساڳئي وقت عوامي حيثيت (Public Figure) بڻجندڙن بابت عوام کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌائڻ بہ شايد گناهہ جي کاتي ۾ لکجي. ان لحاظ کان ڏاڍو ڏکيو آهي تہ ڇا ٻڌايان ڇا لڪايان. قادر مگسي هڪ ٿي وقت ماڊرن زندگيءَ لاءِ ڪشش بہ رکندو هو تہ مذهبي رجحان بہ رکندڙ هو غريب هو پر اميراڻي زندگيءَ جو متلاشي بہ هو. ترقي پسنديءَ جي تمنا بہ رکندو هو تہ روايتي سماجي قدرن جي بہ پوئواري ڪندو هو. انفرادي بالادستي ۽ ڊڪٽيٽر جا رجحان شخصيت ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شروع کان هيس ۽ ليڊر شپ جو شوق بہ ڀرپور هئس. هڪ دفعي شام جي وقت آيو. مون چانهہ جو پڇيس تہ چيائين تہ روزو آ. وڌيڪ پڇڻ تي چيائين تہ صحت لاءِ بهتر آ، ان ڪري رکيو اٿم. مون چيس تہ صحت جي لحاظ کان تہ ڪلاڪ اڌ سان فرق نٿو پوي تنهن ڪري چانهہ ڪٿي پيئجي تنهن تي چوڻ لڳو تہ "ماڻي نيهريءَ تي ڪيئن پيان". ان تي وڏو ٽهڪ لڳوءِ ساڻس گڏ جيڪو دوست هو ان بہ چيو تہ "خالق صاحب جي ڳالهہ وزندار آ".

گل محمد جکراڻي وڏو چالاڪ ماڻهون هو. پنهنجو اونت ڪنهن کي ڏکيو ڏيندو. هڪ اڌ ملاقات ۾ تہ ماڻهون هن کي مشڪل سان سمجهي سگهندو تہ هي ڪهڙي پاسي لاڙو تو رکي. باقي ملڻ جلڻ جو مکڻ. ڪِل پوڳ ۾ پڙ. ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان سڌو ٽڪراءُ کان ممڪنہ حد تائين پاسو ڪندو. سياسي بحث بہ گهٽ ڪندو. ذاتي حيثيت ۾ مون کي بہ ڪافي سالن جي سنگت دوران ڪو شڪايت جو موقعو نہ ڏنائين. اها ڳالهہ ڪافي ماڻهون چوندا آهن تہ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ "ڏنڊي بازي" واري ڪلچر جي شروعات گل محمد جي صدارت واري دور کان ٿي. ان ۾ هن جو پنهنجو ڪيترو ۽ ڪهڙو ڪردار رهيو اهو پڪ سان چوڻ مشڪل آهي. ستار موريو گل محمد جو صفا ويجهو دوست هئڻ جي باوجود ڪن ڳالهين ۾ ان کان صفا مختلف هو. مثال طور ان کي جيڪا ڳالهہ ذهن ۾ ايندس سڌي چئي ڏيندو. ڪنهن ماڻهوءَ جي خلاف ڪجهہ هوندس تہ بہ ان جي منهن تي چئي ڏيندو. پنهنجي باري ۾ بہ ڪڏهن ڪي اهڙيون ڳاهيون چئي ڇڏيندو جيڪي شايد ٻڌندڙن کي نہ وڻن.

جيئي سنڌ هلچل جي سينيئر ڪردارن ۽ مکيہ نالن مان لڳ ڀڳ سيئي ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ۽ ٿوري يا گهڻي وقت لاءِ مون وٽ عزيز آباد آيا. صرف بشير قريشي آهي جيڪو ڪڏهن ڪو نہ آيو بلڪ حقيقت اها آهي تہ منهنجي ڪڏهن ان سان ڪچهري بہ ڪا نہ ٿي جيتوڻيڪ واقفيت هوندي هئي. اهو محض اتفاق هو يا طبيعتن ۾ فرق ۽ سياسي سوچ ۽ عمل جو مختلف رستو ان جو سبب بڻيو اهو پنهنجي جاءِ تي سوال آهي.

جيئي سنڌ سان واسطو رکندڙ ليڊرن ۽ ڪارڪنن کان علاوه ٻيا قومپرست ۽ ڪاٻي ڌر جا سياستدان، ليکڪ، دانشور ۽ صحافي بہ منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاءِ تي ايندا هئا. اڳتي هلي ايم ڪيو ايم وارا به اچڻ لڳا. سڀ کان وڏيڪ ته عبدالواحد آريسر ايندو ۽ اچي رهندو هو ۽ اها حقيقت آهي ته ان ڪري به ڪافي ماڻهون ايندا هئا. اخبارن، رسالن لاءِ سنڌس انٽرويو به اتي ئي ٿيندا هئا. ڪراچي بار ۾ سنڌس خطاب لاءِ ويندڙ جلوس جي شروعات به منهنجي گهر کان ٿي جنهن ۾ کهاڙيءَ جي جهنڊي واريون گاڏيون به هيون. اهو سڀ ڪجهه ظاهر آهي ته سرڪاري ادارن ۽ ايجنسين کان ڳجهو ڪونه پيو رهي سگهي. سو سنڌ پوليس جي اسپيشل برانچ طرفان هڪڙو خفيه ليٽر منهنجي اداري ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ کي موڪليو ويو جنهن ۾ منهنجو گهر جو نمبر ۽ ٽيليفون نمبر 681082 ڄاڻائيندي چيو ويو ته "توهان جو اهو آفيسر رياست مخالف سياسي سرگرمين ۾ ملوث رهي ٿو ان تي نظر رکو ۽ رپورٽ اسان کي موڪليو." ڪي ڊي اي جي انتظامي شعبي وارن اهو ليٽر مون کي پڙهايو. ان سان اهو امڪان حقيقت کي ويجهو ٿيندي نظر آيو ته سرڪار منهنجي روزگار جو واحد ذريعو منهنجي نوڪري ختم ڪري سگهي ٿي. ڪجهه پريشاني ته ٿي پر مون پنهنجي سرگرمين ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي يا تبديلي ڪا نه ڪئي. ايتري تائين جو ٻن ٽن ويجهن دوستن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ان بابت ٻڌايم به ڪونه ۽ نه ئي ايندڙ ويندڙ دوستن کي ڪجهه محسوس ٿيڻ ڏنم. هر ڳالهه جيئن جو تيئن هلندي رهي.

جيستائين مون کي اها پڪ هئي ته هي دوست سڀ ڪجهه سنڌ لاءِ ڪري ۽ برداشت ڪري رهيا آهن تيستائين انهن جي ميزباني مان پنهنجي لاءِ قومي فرض ۽ قومي جدوجهد جو حصو سمجهندي خوشيءَ سان ڪندو رهيس ۽ نوڪري وڃڻ سميت سڀ خطرا کڻڻ لاءِ تيار هئس پر جڏهن به ۽ جنهن لاءِ به مون کي معلوم يا محسوس ٿيو ته اهي پنهنجي ذات خاطر يا قومي مفاد کي ڇيهو رسائيندڙ ڪي عمل ڪري رهيا آهن ته بغير هڪ لمحو به ضايع ڪرڻ جي مون انهن همراهن کان پاسو ڪيو. ان ڏس ۾ سڀ کان پهريون وڏو واقعو جيڪو مشهور ٿيو سو شڪارپور جي پرسان پڳهارون ڪٽي ويندڙ نيشنل بئنڪ جي وين کان 28 لک رپين جي ڦُر هئي. ان سلسلي ۾ ان وقت جي جساف جي قيادت جي ڪيترن سينيئر اڳواڻن جا نالا ورتا پئي ويا. ان ۾ ڪيتري حد تائين حقيقت هئي سو پڪ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جاءِ تي ايندا هئا. اڳتي هلي ايم ڪيو ايم وارا بہ اچڻ لڳا. سڀ کان وڌيڪ تہ عبدالواحد آريسر ايندو ۽ اچي رهندو هو ۽ اها حقيقت آهي تہ ان گري بہ ڪافي ماڻهون ايندا هئا. اخبارن، رسالن لاءِ سندس انٽرويو بہ اتي ئي ٿيندا هئا. ڪراچي بار ۾ سندس خطاب لاءِ ويندڙ جلوس جي شروعات منهنجي گهر کان ٿي جنهن ۾ ڪهاڙيءَ جي جهنڊي وارين گاڏين بہ هيون. اهو سڀ ڪجهہ ظاهر آهي تہ سرڪاري ادارن ۽ ايجنسين کان ڳجهو ڪونہ پيو رهي سگهي. سو سنڌ پوليس جي اسپيشل برانچ طرفان هڪڙو خفيہ ليٽر منهنجي اداري ڪراچي ڊيولپمنٽ اٿارٽيءَ کي موڪليو ويو جنهن ۾ منهنجو گهر جو نمبر ۽ ٽيليفون نمبر 681082 ڄاڻائيندي چيو ويو تہ "توهان جو اهو آفيسر رياست مخالف سياسي سرگرمين ۾ ملوث رهي ٿو ان تي نظر رکو ۽ رپورٽ اسان کي موڪليو." ڪي ڊي اي جي انتظامي شعبي وارن اهو ليٽر مون کي پڙهايو. ان سان اهو امڪان حقيقت کي ويجهو ٿيندي نظر آيو تہ سرڪار منهنجي روزگار جو واحد ذريعو منهنجي نوڪري ختم ڪري سگهي ٿي. ڪجهہ پريشاني تہ ٿي پر مون پنهنجي سرگرمين ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي يا تبديلي ڪا نہ ڪئي. ايتري تائين جو ٻن ٽن ويجهن دوستن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ان بابت ٻڌايم بہ ڪونہ ۽ نہ ئي ايندڙ ويندڙ دوستن کي ڪجهہ محسوس ٿيڻ ڏنم. هر ڳالهہ جيئن جو تيئن هلندي رهي.

جيستائين مون کي اها پڪ هئي تہ هي دوست سڀ ڪجهہ سنڌ لاءِ ڪري ۽ برداشت ڪري رهيا آهن تيستائين انهن جي ميزباني مان پنهنجي لاءِ قومي فرض ۽ قومي جدوجهد جو حصو سمجهندي خوشيءَ سان ڪندو رهيس ۽ نوڪري وڃڻ سميت سڀ خطرا کڻڻ لاءِ تيار هئس پر جڏهن بہ ۽ جنهن لاءِ بہ مون کي معلوم يا محسوس ٿيو تہ اهي پنهنجي ذات خاطر يا قومي مفاد کي ڇيهو رسائيندڙ ڪي عمل ڪري رهيا آهن تہ بغير هڪ لمحو بہ ضايع ڪرڻ جي مون انهن همراهن کان پاسو ڪيو. ان ڏس ۾ سڀ کان پهريون وڏو واقعو جيڪو مشهور ٿيو سو شڪارپور جي پرسان پڳهارون ڪٽي ويندڙ نيشنل بئنڪ جي وين کان 28 لک رپين جي ڦُرهئي. ان سلسلي ۾ ان وقت جي جساف جي قيادت جي ڪيترن سينيئر اڳواڻن جا نالا ورتا پئي ويا. ان ۾ ڪيتري حد تائين حقيقت هئي سو پڪ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جاڻڻ تہ ناممڪن هو پر مان اٽوٽندڙ سرگرمين جي حوالي سان ڪا بہ Risk کڻڻ لاءِ تيار نہ هئس. ان ڪري بہ ان واقعي جي اهميت ٻڌجي پئي تہ ڳالهيون اڳ ۾ ئي هلندڙ هيون تہ ”قومي آزاديءَ جو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ طريقا جائز آهن“. مون ڪنهن بہ دوست کي گهر اچڻ کان منع تہ ڪو نہ ڪئي پر سرد مهريءَ جو رويو ضرور اختيار ڪيو ۽ پوءِ سمجهڻ وارا سمجهي ويا. اڳتي هلي قومي تحريڪ اندر جيڪي ۽ جهڙا ڪم ٿيا انهن شڪاربور جهڙن واقعن کي ماڻهن جي ذهن ۾ زنده رکيو. اٽوٽندڙ سرگرمين جي حوالي سان ڪن همراهن تہ سائين جي ايم سيد کي چٺي ڏنو تہ ”اسان قومي ڪم لاءِ گهر گهاٽ ڇڏي آيا آهيون، اهي ڪم نہ ڪنداسين تہ ڪائينداسين ڪٿان“.

ان رجحان جي وڌڻ سان اهو ئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو ۽ اڳتي هلي قومي تحريڪ جي جيڪا سچاٽپ ٻٽي اها سڀ ڪنهن جي سامهون آهي. ٿي سگهي ٿو شروع ۾ انهن دوستن جي ذهن ۾ واقعي اهو ئي هجي تہ اهي پئسو گڏ ڪري پوءِ وڌيڪ قومي ڪم ڪندا پر پئسي جي پنهنجي فطرت ۽ طاقت آهي. اهو انسان جي خواهشن کان وڌيڪ طاقتور آهي. پئسو پنهنجي لاءِ پاڻ رستا ٺاهيندو آهي ۽ انهن تي ان کي گڏ ڪندڙن کي پنهنجي پويان هلائيندو آهي. پهرين ڳالهہ تہ پئسو گڏ ٿيندو ئي ناجائز طريقن سان آهي تنهن ڪري پئسو گڏ ڪندي انسان کي نہ ڪي ناجائز يا غلط ڪم ڪندو آهي ۽ پوءِ انهن جو غلام بڻجي ويندو آهي. سو پئسي گڏ ڪرڻ جا جائز يا ناجائز طريقا ڪو نہ هوندا آهن، بس هڪڙا ٿورا نرم هوندا آهن جن کي ”وائيٽ ڪالر ڪرائيم“ سڏبو آهي. پر جيڪو پئسو سماجي ڏوهہ ذريعي يا سماج ۾ مڃيل ”ناجائز“ طريقن سان گڏ ڪجي ٿو اهو تہ ماڻهوءَ جو ڪردار ئي بدلائي ڇڏي ٿو ۽ پوءِ اهو ماڻهون ڏوهن جي سرپرست رياستي ادارن جو ”ماڻهون“ ٿي وڃي ٿو. ان ڪري ئي سائين جي ايم سيد سميت ڪيترن مدبر ماڻهن جو چوڻ آهي تہ نيڪ مقصد رڳو نيڪ طريقن سان حاصل ڪري سگهجي ٿو. يا انقلابي اڳواڻ مائوزي تنگ مطابق تہ ”توهان اوترو پئسو ڪٺو ڪيو جيڪو خرچ ٿئي، جڏهن پئسو جمع ٿيندو ويندو تہ خرابيون پيدا ٿينديون.“

❋❋❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# مان ۽ عبدالواحد آريسر

## ۽ الله بخش سومرو

***اِن*** ۾ ڪو شڪ ناهي تہ 1980 ۽ 90 جي ڏهاڪن دوران سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ سائين جي ايم سيد کانپوءِ عبدالواحد آريسر وڏو نالو هو ۽ منهنجي لاءِ اها فخر ۽ خوشيءَ جي ڳالهہ هئي تہ هو منهنجو دوست بڻجي ويو هو. هو تمام گهڻين نطري صلاحيتن جو مالڪ هو. ذهانت اهڙي هئس تہ ڪا بہ ڳالهہ هڪ دفعو پڙهيائين تہ اها هميشہ لاءِ ياد تي ويندس. سياسي گفتگو اهڙي انداز ۾ ڪندو تہ جيڪو ماڻهون هڪ دفعو سندس ڪچهريءَ ۾ ويٺو سو ساڻس ٻيهر ملڻ جي خواهش ضرور ڪندو. انهن ۾ زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهون شامل هوندا هئا. ذهني پورهيي سان گڏ قومي تحريڪ ۾ هن جسماني محنت بہ تمام گهڻي ڪئي. ان ڪري شهرن، ڳوٺن ۽ جهر جهنگ ۾ سندس بہ سڃاڻپ ٿي ۽ هن جي معرفت قومي تحريڪ جي بہ سڃاڻپ ٿي. آريسر جي ۽ سندس ڪم جي اهميت ان ڪري بہ اجا وڌيڪ ٿئي ٿي تہ هو سماج جي بلڪل هيٺانهين ۽ غريب ترين حصي مان اڀريو ۽ جيڪي ڪجهہ حاصل ڪيائين سو بغير ڪنهن سهاري جي پنهنجي محنت ذريعي ڪيائين.

ائين ضرور آهي تہ اهو دور بہ سنڌ ۾ انقلابي سياست جي اڀار جو دور هو. سنڌ ۾ هڪڙو نئون نسل اڳتي اچي رهيو هو جيڪو ماضيءَ جي ڪن بہ منفي عملن کان آجو هو ۽ جنهن جي ڪردار تي ڪو بہ داغ نہ هو ۽ جنهن ۾ سنڌ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو ڇوليون هڻي رهيو هو. اهو چئي سگهجي ٿو تہ 1950 ۽ 60 وارن ڏهاڪن دوران ٿيل جدوجهد جيڪو فصل پوکيو هو اهو هاڻي ڦل ڏيئي رهيو هو. ان مرحلي تي عبدالواحد آريسر کي سچار ايماندار ۽ وفادار ساٿين جي هڪ زبردست ٽيم ملي. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساٿين آريسر کان گهڻو ڪجهه حاصل به ڪيو ته وري موٽ ۾ ڪيس ڪافي ڪجهه ڏنو به. ڪيترا اهڙا دوست هئا جيڪي آريسر کي پنهنجي گهرڀاتين جيتري عزت ۽ محبت ڏيندا هئا يا شايد ڪن حالتن ۾ ان کان به وڌيڪ. آريسر جي اوچتو اچي وڃڻ سان اهي پنهنجا ذاتي ۽ خانداني ڪم موخر ڪري ڇڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيو ته گهر جو ڪو ڀاتي بيمار هو ته جيئي سنڌ محاذ جي ميمبر ان کي ڇڏي آريسر جي "خدمت" کي اوليت ڏني.

سنڌ دوست انقلابي ماحول جي ڪري، آريسر جي پنهنجي صلاحيتن، محنت ۽ قربانيءَ جي ڪري ۽ ڪميٽيڊ ساٿين جي ساٿ ڪري آريسر سنڌ جي مقبول اڳواڻن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. منهنجو پنهنجو ذاتي تجزيو ۽ راءِ آهي ته هڪڙي مرحلي تي عوامي مقبوليت جي لحاظ کان سنڌ ۾ بينظير ڀٽو ۽ جي ايم سيد کانپوءِ عبدالواحد آريسر ٽيون نمبر مقبول اڳواڻ هو. ڪنهن جلسي يا ٻئي سياسي پروگرام ۾ اچي ته هزارين ماڻهون اٿي بيهي سندس آجيان ڪن ۽ جڏهن تقرير ڪري ته مڪمل خاموش ڇانئجي وڃي. ان جي باوجود جڏهن هڪ دفعي آريسر چيو ته "سنڌي ماڻهن قدر نه ڪيو." ته مون کي افسوس ٿيو. مون سوچيو ته دوست وٽ قدر جا معيار الائي ڪهڙا آهن. ڇا عزت احترام ۽ پيار محبت قدر جو اظهار ناهن؟ رڳو مادي شيون ئي ته اهميت نه ٿيون رکن. ٻيو ته جنهن وٽ جيڪي ڪجهه هوندو سو ئي توهان کي ڏيندو. سنڌي ماڻهن وٽ عزت احترام ۽ پيار محبت ئي ته آهي.

مون ذاتي طور به عبدالواحد آريسر جي صحبت ۽ قربت مان ڪافي ڪجهه حاصل ڪيو. مطالعي ۾ هن جي مشورن منهنجي مدد ڪئي، لکڻ جي شوق ۾ هن جي ڪري واڌارو ٿيو ان کان علاوه هن جي دوستيءَ جي ذريعي ٻيا به ڪيترائي محبِ وطن ۽ ترقي پسند ماڻهون منهنجا دوست ٿيا جن مان به مون ڪجهه نه ڪجهه پرايو. موٽ ۾ مون به ڪوشش ڪئي ته جيڪي ڪجهه ذرو پرزو ڄاڻ مون وٽ آهي يا ٿڪو پئسو صلاحيت آهي ته اها سندس حوالي ڪيان ته جيئن سندس شخصيت اڃا وڌيڪ موثر ۽ طاقتور ٿئي. مثال طور هو انگريزي پڙهيل ڪونه هو. مان انگريزيءَ جي اخبار ڊان ريگيولر پڙهندو هئس ۽ تورا گهڻا انگريزيءَ ۾ ڪتاب به پڙهندو هئس. اتان ڪا ننڍي وڏي معلومات ملندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئي ته پهرين فرصت ۾ سندس حوالي ڪندو هئس. پنهنجي غريبي حال آهر جيترو وس ۾ هوءِ ممڪن هو ڪيس سهوليتون مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هونءَ اها به حقيقت آهي ته آريسر ايتري سادي زندگي گذاريندو هو جو ان جي ميزباني ڪرڻ ۾ ڪو مسئلو ڪونه هو. هن جي لاءِ ضروري شيءِ بس هڪڙي هوندي هئي، سوم رس. سا به شروع وارن ڏينهن ۾ ضروري ڪانه هوندي هئي. پوءِ وقت گذرڻ سان گڏ ان جي ضرورت وڌندي ويئي.

آريسر جي ڪچهري به مڻاس واري هوندي هئي. شام جو ته اڪثر سندس مختلف ماڻهن سان ملاقاتون يا سياسي سرگرميون هونديون هيون. سو اسان جي ڪچهري گهڻو ڪري صبح جو ٿيندي هئي، منهنجي ڊيوٽي تي وڃڻ کان اڳ ۾. پر ڪڏهن ائين به ٿيو ته مان آفيس لاءِ تيار ٿي وڃڻ وارو ٿيس ته هلندي گهمندي واري رَف ڪچهري ڪنهن اهم يا سنجيده موڙ تي اچي ويئي ته مان ويهي رهيس ۽ پوءِ ڪچهري ڪندي آفيس کان واپسيءَ جو وقت اچي ويو. انهن ڪچهرين دوران خيالن جي ڏي وٺ، دليل دلائل ۽ بحث مباحثي جي نتيجي ۾ ڪڏهن نيون حقيقتون يا نوان خيال (ideas) ۽ نوان رستا آڏو ايندا هئا جيڪي بعد ۾ نظرياتي ۽ سياسي معاملن ۾ اسان لاءِ ڪارائتا ۽ مددگار ٿيندا هئا. اهڙي هڪڙي ڪچهريءَ دوران نقطو آڏو آيو ته هڪ طرف اسان چئون ٿا ته سنڌي فطري طور سيڪيولر ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ کان پاڪ آهن پر ٻئي طرف سنڌي ماڻهون مذهب پرستي يا اجا به چئجي ته توهم پرستيءَ ۾ ورتا پيا آهن. هر مسئلي جو حل ڌاڳي ڦيڻي ۽ دعا ۾ ٿا سمجهن. توري بحث کان پوءِ ڳالهه چٽي ٿي سامهون آئي ته سنڌي ملان واري مذهب کان پري آهن پر پير واري مذهب جا پيروڪار آهن.

فڪري ۽ سياسي لحاظ کان آريسر ۽ مون ۾ گهٽي هڪجهڙائي هئي. ائين ڪٿي چئجي ته ترقي پسند قومپرست. قومي سوال ۾ ليني نقطه نگاهه جي قريب. ايشيائي ۽ زرعي ملڪ هجڻ جي حوالي سان چين ۽ سنڌ جي هڪجهڙائيءَ ڪري مائوزي تنگ جي خيالن کان پڻ متاثر. جدوجهد جي طريقن جي لحاظ کان ڪانگريس کي ويجها ۽ ان سان گڏوگڏ عوامي ليگ ۽ شيخ مجيب الرحمان کان پڻ متاثر. انڊين نيشنل ڪانگريس مان وري هو مولانا آزاد کان وڌيڪ متاثر هوءِ مان جواهر لال نهرو کان. سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي قومي جدوجهد جي حوالي سان هئي شهيد الله بخش سومري کي تمام گهٽ ماڻهو مڃيندا هئاسين. حقيقت اها آهي ته سنڌ جي قومي ۽ سياسي بحث مباحثي (Discourse) ۾ الله بخش سومري کي مقبول عام Popularize ڪرڻ واري ڪم جي شروعات آريسر ۾ مون ڪئي، سائين جي ايم سيد جي رهنمائي ۾. 1970 واري ڏهاڪي تائين صرف سينيئر سياسي ماڻهون، تاريخدان يا ٻيا ڪجهه پڙهيا لکيا ماڻهون الله بخش مان واقف هئا. اهو ڏهاڪو قومي تحريڪ جي عروج وارو زمانو هو. ايترو مواد ايندو هو مضمون لکبا هئا، ڪتاب ڇپبا هئا، رسالا نڪرندا هئا، تقريرون ۽ بحث مباحثا ٿيندا هئا، مختلف شعبن ۾ تورو گهڻو ڪم ڪندڙ ماڻهن جو به ذڪر ٿيندو هو انهن کي خراج پيش ٿيندو هو پر سنڌ جي جديد قومي تحريڪ جو ٻج پوکيندڙن مان هڪ، الله بخش سومري جو ذڪر ئي نه ٿيندو هو. هو ايڏو وڏو ماڻهون هو ان جي ورلي ماڻهن کي خبر هئي. ايڏو وڏو ماڻهون جنهن جي قبر تي وڃي سائين جي ايم سيد جهڙو ماڻهون ڳوڙها ڳاڙهي ۽ معافي گهري. اهو وري به جي ايم سيد ئي هو جنهن الله بخش جي عظمت کي اڳيان آندو (جيتوڻيڪ سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهم مرحلي تي سائينءَ سندس مخالفت ڪئي هئي). جُنب گذاريم جن سين ۾ سائينءَ جو ليک مثالي شيءِ آهي. ان وقت تائين، منهنجي ڄاڻ مطابق، الله بخش تي لکيل هڪ ئي ڪتاب هو Nationalist No. 1 جنهن جون چند ڪاپيون ڪجهه مخصوص ماڻهن وٽ هيون. اسان کي اهو ڪتاب سائينءَ پنهنجي لائبريريءَ مان ڪڍي آڻي ڏيکاريو جيڪو هندستاني ليکڪ جڳت ايس برائيٽ جو لکيل ۽ هندستان ۾ ڇپيل هو.

مواد جي اٿاٽ جي صورت ۾ آريسر ۾ مون صلاح ڪئي ته الله بخش سومري جي شخصيت ۽ ڪردار کي اجاگر ڪرڻ جو صحيح طريقو اهو ٿيندو ته مٿس پي ايچ ڊي ڪئي وڃي. منصوبو اسان جو ۽ ان تي عمل ڪيو سين ته مون کي ٻيو ماڻهون ڳولهيون اهو مشڪل پئي لڳو تنهن ڪري طئي ڪيو سين ته مون کي ئي رجسٽريشن ڪرائڻ گهرجي. بي اي (B.E) ڪرڻ کان پوءِ مان ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۾ ڪري چڪو هئس تنهن ڪري Phd. ۾ داخلا وٺڻ آسان هو. سنڌ يونيورسٽي طرفان گائيڊ طور ڊاڪٽر حميده کهڙو کي مقرر ڪيو ويو. جڏهن مون ان سان پهرين ميٽنگ ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ته عجيب صورتحال سامهون آئي. منهنجي موضوع تي گفتگو ڪرڻ بجاءِ حميده کهڙو صاحبه تفصيلي ليڪچر ڏنو ته مون کي الله بخش سومري جي شخصيت تي نه پر سنڌ جي سياست جي هڪ مخصوص دور تي تحقيق ڪرڻ کپي. ان جي پويان محرڪ الله بخش سومري سان کهڙو خاندان جي 40 سال پراڻي دشمني هئي. حيرت سان گڏ افسوس ٿيو ته سنڌ ۾ جاگيرداراڻي سوچ ڪيتري گهري آهي ۽ وڏيون ڊگريون رکندڙ ماڻهون ڪيتري ننڍڙي سوچ تا رکن. وقتي طور نااميد ٿي مستقبل ۾ ڪوشش ڪرڻ جي اميد تي اسان مواد گڏ ڪرڻ جو ارادو زنده رکيو. آريسر ۾ مون صلاح ڪئي ته هندستان مان مواد هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڀارتي ڪونسل خاني کان مدد وٺجي. مان ڪوشش ڪري هڪ دفعو ڪراچيءَ واري ڪونسل خاني ويس ۽ انهن کي پنهنجو مقصد ٻڌايو. انهن ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري اچڻ جو چيو پر پوءِ مان وري ڪڏهن نه ويس. ٿيو ائين ته جيئن ئي مان ڪونسل خاني جي گيٽ کان ٻاهر نڪتس ته پاڪستان جي رياستي ادارن جا ماڻهون ڦري آيا ۽ اندر وڃڻ جي مقصد بابت مختلف سوال ڪرڻ لڳا. مون پنهنجو مقصد ٻڌايو. ان کان پوءِ پاڻ ۾ توري سُسُ پُسُ ڪرڻ کان پوءِ ڇڏي ڏنائون. اهڙي طرح هڪ ٻئي پنيان ٻه منفي واقعا ٿيڻ جي نتيجي ۾ وقتي طور منهنجو شوق ڪجهه جهڪو ٿيو. ان ئي سلسلي ۾ سومرو خاندان وٽان ڪجهه مواد حاصل ڪرڻ جي خيال سان سائين جي ايم سيد کان شهيد جي فرزند جناب رحيم بخش سومري جي نالي خط وٺي مان شڪارپور ويس. رات جو سفر ڪري صبح سوير مان شڪارپور پهتس. پڇا ڪري سومرا هائوس پهتس. نياپو ڪرايم. ڪجهه دير کان پوءِ رحيم بخش صاحب آيو سائينءَ جو خط به ڏنومانس ۽ زباني به پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايومانس. اهو چئي اندر گهر ويو ته "نيرن کان پوءِ ملون ٿا". نيرن گذري ويئي، مان انتظار ڪندو رهيس، سومرو صاحب ڪونه آيو. نيٺ جڏهن منجهند به گذرڻ لڳي ته مون ملازم کي چيو ته معلوم ڪري ٻڌاءِ ته ڇا صورتحال آهي. ملازم واپس اچي ٻڌايو ته "صاحب ڪراچيءَ هليو ويو". پوءِ نوڪري، سياست ۽ ٻيا زندگيءَ جا معاملا، سو وقت ۾ ذهن ٻئي والاربا ويا. اهڙي طرح الله بخش سومري تي پي ايچ ڊي جو پروجيڪٽ شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ئي ختم ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بهرحال اهڙي روشن ستاري جي روشني گهٽي عرصي تائين گهڻي رهي نه پئي سگهي. اسان پنهنجي گفتگو تقرير ۽ تحرير ۾ سندس ذڪر ڪندا رهياسين. اڳتي هلي پيا دوست به الله بخش بابت ڪم ڪرڻ لڳا خاص ڪري آزاد قاضي، ياسين سنڌي ۽ خادم سومرو. 2003 کان وٺي جيئي سنڌ محاذ سنڌ جي تاريخ جي ٻين اهم ڏينهن وانگر الله بخش جي شهادت واري ڏينهن کي ملهائڻ شروع ڪيو جنهن کان پوءِ ڪجهه ٻين تنظيمن ۽ فردن به الله بخش کي ياد ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هر قوم وانگر سنڌ جي قومي زندگيءَ جا به مثبت ۽ منفي پاسا آهن. سنڌ تمام گهڻا ۽ تمام وڏا محبِ وطن، انسان دوست، سچار ايماندار ۽ قربانيءَ جا پتلا انسان پيدا ڪيا آهن پر هوشيار سياستدان يا مدبر statemen ٿورا پيدا ڪيا آهن. جيڪي ٿيا آهن ته انهن مان ڪيترا وري مفاد پرست، موقعي پرست ۽ اقتدار پرست رهيا آهن. باقي اهي جيڪي هڪ ئي وقت ڏاها به هجن ۽ محبِ وطن به سي بلڪل ئي ٿورا ٿيا آهن. الله بخش سومرو انهن منجهان هڪ هو. مون کي اميد آهي ته وقت سان گڏ سنڌي پنهنجي هِن قومي هيري کي سڃاڻندا، سمجهندا ۽ قدر ڪندا ويندا جنهن سان يقيني طور قومي نجات واري جدوجهد ۾ مدد ملندي.

ذاتي طور به اسان ٻنهي جي تمام گهڻي ويجهڙائي ٿي ويئي هئي، بلڪل گهرياتي جهڙي، هڪ ٻئي جي بلڪل ذاتي نوعيت جي معاملن کان به واقف هوندا هئاسين. ڪائنات ۾ موجود هر مسئلي تي اسان گفتگو ڪندا هئاسين. ايترو ويجهو ۽ فري هئڻ جي باوجود مان آريسر جي مڪمل عزت ڪندو هئس، سياسي ليڊر وانگر به ۽ وڏي ڀاءُ وانگر به. سدائين ته نه پر ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو ته استعمال جي ڪا شيءِ مون پنهنجي لاءِ پسند ڪئي ته هُن لاءِ به وٺندو هئس. ائين ئي هو به مختلف موقعن تي مونکي ياد ڪندو هوندو هئو. مختلف شهرن ۾ لطيف ڏينهن يا ڪنهن ٻئي پروگرام تي گڏجي ويندا هئاسين ته مان سندس بئگ به کڻي هلندو هئس. عزيز آباد ۾ وڌيڪ ڏينهن رهندي ضرورت پوڻ تي مون ڪڏهن ڪڏهن سندس ذاتي ڪپڙا به ڌوتا. هر معاملي تي گفتگو ڪرڻ جي ڪري گهڻين ڳالهين ۾ اسان جي موقف ۾ هڪجهڙائي هوندي هئي جنهن کي ڪيترا ماڻهو منفي انداز ۾ پنهنجي محدود مقصدن لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهر واپس آياسين. بس ان ڏينهن کان پوءِ ڪڏهن به مون پنهنجي پياري دوست ۽ محترم ليبر سان ان موضوع تي ڳالهه نه ڪئي. ان ڏينهن تائين مان ڪنهن ڏاهي جي قول تي هلندي ان اصول تي عمل ڪري رهيو هئس ته "توهان جو سچو دوست اهو آهي جيڪو توهان کي اها ڳالهه نه چوي جيڪا توهان کي پلي لڳي. پر اها چوي جيڪا توهان لاءِ پلي هجي".
حيرت ۽ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته جيڪي همراهه اها پروپئگنڊا ڪندا هئا ته "خالق آريسر کي پيئڻ تي هيرايو" جڏهن احتياط سان پيئڻ جي مشورن ڪري هو مون سان ناراض ٿيو ته سندس خوشنودي حاصل ڪرڻ خاطر انهن مان ئي ڪجهه همراهه سندس "خدمت" ڪرڻ لڳا.

ڪراچي، آريسر ۽ شام جي محفل جو ذڪر ٿئي ۽ اتي شمشيرالحيدري ۽ هدايت بلوچ جو ذڪر نه ڪجي اهو ڪفر ٿيندو. شمشير سان آريسر جي پڪي سنگت هئي جڏهن ته منهنجي ان سان سلام دعا هئي جيڪا هدايت بلوچ سان به هئي. شمشير ۽ هدايت وري ٻئي پاڻ ۾ گهاٽا سنگتي هئا. اهي ٻئي گارڊن جي پر سان سرڪاري "پاڪستان ڪوارٽرز" ۾ رهندا هئا ۽ لڳ ڀڳ روزانو هدايت جي ڪوارٽر تي "محفل" مچائيندا هئا. آريسر ڪراچيءَ ۾ ترسيل هوندو هو ته هڪ به دفعو ضرور انهن جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيو هو. ڪافي عرصي تائين مون وٽ موٽر سائيڪل هوندي هئي ته ان تي ويندا هئاسين، پوءِ جڏهن ڪار آئي ته ان تي. مان ان ڪچهريءَ ۾ گهڻو ڪري صرف گفتگوءَ ۾ حصو وٺندو هئس سو به بلڪل ٿورو. ڪڏهن ورلي اڳتي وِڪ وڌائيندو هئس. سالن تائين هلندڙ انهن ڪچهرين جي ڪري شمشيرالحيدري سان منهنجي به چڱي خاصي محبت واري نياز مندي ٿي ويئي. هو شاعر ته پلو هوئي، سنڌ دوست ۽ ترقي پسند به هو پر ماڻهون هو عاليشان هو. مان سمجهان ٿو شايد ئي ڪو ماڻهون زندگيءَ ۾ هن کان ناراض ٿيو هوندو. هڪڙو لفظ ته هن جو اهڙو منهنجي دل ۽ دماغ ۾ ويهي ويو آهي جو اڄ به مان اڪثر سندس حوالي سان ورجائيندو رهندو آهيان. جڏهن به هن سان ملڻ يا ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ موڪلائبو هو ته موڪلائڻيءَ جا ٻيا روايتي لفظ اچڻ کان پوءِ هو اهو ضرور چوندو هو ته "في الحال." ان هڪ لفظ ۾ هڪ سڄي جملي جو مفهوم سمايل هوندو هو.
هونءَ ته شمشير جي ڪافي شاعري سٺي آهي پر سندس هڪ سٽ ته واهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اها دوستي انهن آخر تائين نڀائي. مان سوچيندو هئس ته اسان به ائين دوستي هلائيندا سين ۽ نڀائيندا سين- آخر تائين. پر شايد مڪمل طور ائين نه ٿي سگهيو.

نظرياتي هڪ جهڙائي، سياسي هم آهنگي ۽ ذاتي قربت جي هوندي به سياسي حڪمت عملين strategies جي معاملي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ۽ حرفتن (tactics) جي سلسلي ۾ اڪثر ڪري آريسر ۽ منهنجي وچ ۾ اختلاف ٿيندا هئا. مان مارڪسي سوچ ۽ ڪميونسٽ ڪلچر کان وڌيڪ متاثر هئس خاص ڪري تنظيمي معاملن ۾. ان ڪري پارٽي معاملن ۾ دليل دلائل، بحث مباحثي ۽ تنقيد خود تنقيد ذريعي معاملن کي اڳتي وڌائڻ جو حامي رهيو آهيان جڏهن ته آريسر کي اهي ڳالهيون گهٽ ڪو نه وڻنديون هيون. مان هر ننڍي وڏي ڳالهه پارٽيءَ جي اجلاسن ۾ رکندو هئس جڏهن ته هو مشڪل سان ئي ڪا ايجنڊا اجلاس ۾ رکرائيندو هو. تمام بنيادي ڳالهيون ۽ نهايت اهم پاليسي معاملا به هو سياسي تقريرن يا پريس بيانن ذريعي ظاهر ڪندو هو. مثال طور هڪڙي دفعي اسان (سپريم ڪائونسل جي ميمبرن) اخبار ۾ پڙهيو ته نواب شاهه کان ميرپورخاص ويندي سانگهڙ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي عبدالواحد آريسر چيو ته ”هندستان سان اسان هڙئي قسم جا تعلقات چاهيون ٿا“ جڏهن ته اهو مسئلو ڪڏهن به پارٽيءَ جي اجلاس ۾ ايجنڊا تي نه آيو هو. ٻيو مثال اهو ته جڏهن عراقي صدر صدام حسين ڪويت تي قبضو ڪيو ۽ جواب ۾ آمريڪا عراق تي حملي جون تياريون ڪري رهيو هو ۽ نئين ورلڊ آرڊر جون ڳالهيون ڪري رهيو هو ته بغير ڪنهن صلاح مشوري جي ۽ ميٽنگ ۾ مسئلو پيش ڪرڻ جي جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين ڄامشوري ۾ سنڌي پورهيت سنگت جي جلسي ۾ تقرير ڪندي چئي ڇڏيو ته ”هاڻي نئون ورلڊ آرڊر صدام جي ٽوپي، جواهر لال نهروءَ جي واسڪوٽي ۽ سنڌين جي پهراڻ تي مشتمل هوندو“.

اهڙين ڳالهين مان محترم عبدالواحد آريسر جي پارٽي ادارن ڏانهن لاڙي ۽ انهن جي وتس اهميت جو به اندازو ٿئي ٿو. ڪويت تي عراق جو قبضو عالمي سياست جو هڪڙو تمام وڏو واقعو هو. ان جي مختلف ملڪن ۽ ماڻهن لاءِ مختلف لحاظن کان اهميت هئي. اسان لاءِ بحيثيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪڙي محڪوم قوم جي ان جي اصولي ۽ نظرياتي اهميت هئي. محترم آريسر رستي ويندي اخبار وارن کي چئي ڇڏيو تہ "ڪويت عراق جو حصو آهي ۽ هميشہ رهندو". جڏهن پارٽيءَ جو اجلاس ٿيو تہ ان ۾ موقف اختيار ڪيو ويو تہ "ڪويت تي عراق جو قبضو غلط آهي". ان سلسلي ۾ سکر ۾ اخبار وارن اهو پارٽي موقف جڏهن محاذ جي چيئرمين جي آڏو رکيو تہ هن جواب ڏنو تہ "پارٽي جو اهو موقف آهي پر مان اجا بہ پنهنجي موقف تي قائم آهيان". پارٽي ادارن جي اهميت جي حوالي سان هڪ ٻيو آسان پر اهم مثال: جيئي سنڌ محاذ هڪ جمهوري پارٽي آهي، هر ٻئي سال ان جي اليڪشن ٿيندي آهي ۽ ان کان پوءِ پنهنجي پهرين ميٽنگ ۾ نئين چونڊيل قيادت (سپريم ڪائونسل/ سينٽرل ڪميٽي) ايندڙ ٻن سالن لاءِ پارٽيءَ جي مختلف شعبن جي تشڪيل بہ ڪندي آهي ۽ پاليسيون بہ ٺاهيندي آهي. 1991 جي اليڪشن معمول مطابق سن ۾ ٿي. ٻئي ڏينهن تي نئين باڊيءَ جو اجلاس ڄامشوري ۾ ڊاڪٽر مير عالم مريءَ جي هاسٽل واري ڪمري تي رکيل هو (ڊاڪٽر مير عالم جساف جي صدر جي حيثيت ۾ سپريم ڪائونسل جو ميمبر هو). ساڳئي ڏينهن تي ميٽنگ کان اڳ ۾ ڄامشوري ۾ سنڌي پورهيت سنگت جي ڪانفرنس رکيل هئي جنهن جو خاص مهمان چيئرمين آريسر هو. ڪانفرنس ختم ڪري جڏهن ميٽنگ لاءِ هاسٽل تي پهتاسين تہ چيئرمين صاحب ڪو نہ هو. معلوم ڪرڻ تي پتو پيو تہ ساڳئي وقت صحافي، محاذ جي ميمبر ۽ محترم آريسر جي دوست ناز سهتي جي پٽ جي طهر جي دعوت هئي، چيئرمين صاحب اوڏانهن هليو ويو هو.

اهڙين ڳالهين تي پارٽيءَ جي رسمي گڏجاڻين ۾ يا (سينيئر ساٿين جي) غير رسمي ڪچهريءَ ۾ عبدالواحد آريسر جي موجودگيءَ ۾ ۽ غير موجودگيءَ ۾ صرف مان ئي ڳالهائيندو هئس. ٻيا اڪثر دوست خاموش رهندا هئا جڏهن تہ ڪي اهڙا بہ هئا جيڪي انهن رواجي اختلافن کي منهنجي ۽ آريسر جي وچ ۾ وٿيون پيدا ڪرڻ جو موقعو سمجهندي هڪڙي منفي قسم جي مهم هلائيندا هئا ۽ آريسر جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سندس خوشامد جي حد تائين حمايت ڪندا هئا. اهڙي ريت "پيئڻ" جي معاملي تي "صلاح ڏيڻ" کان وٺي سياسي ۽ تنظيمي معاملن بابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اختلافي موقف رکڻ ۽ ڪجهه طبيعت جي فطري فرق سبب ۽ وري ڪن دوستن
قربدارن جي "گلا مهر" جي ڪري آريسر ۽ منهنجي وچ ۾ ڪجهه غلط فهميون ۽
ڪجهه حقيقي اختلاف پيدا ٿيندا ويا جن اڳتي هلي اسان جي تعلق کي، جيئي
سنڌ محاذ کي ۽ مجموعي طور قومي تحريڪ کي نقصان پهچايو.

افغانستان ۾ ڪميونسٽ انقلاب ذريعي اقتدار ۾ ايندڙ پيپلز
پارٽي ڊيمو ڪريٽڪ پارٽيءَ جي اندروني ردو بدل جي نتيجي ۾ 1987 ۾
ڊاڪٽر نجيب افغانستان جو صدر ٿيو. هو هڪ وسيع نظر ۽ وسيع قلب
شخصيت جو مالڪ شخص ۽ حالتن ۽ ماحول مطابق لچڪدار پاليسيون
اختيار ڪندڙ حڪمران هئو. ڪرسي سنڀالڻ شرط هن دشمنيون گهٽائڻ
۽ حڪومت جو مثبت پيغام ڦهلائڻ جي پاليسي اختيار ڪئي. پاڙيسري
ملڪ طور پاڪستان جي ترقي پسند، ڪابي ڌر ۽ قومپرست، اڳواڻن کي
دعوتون ڏيئي گهرائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. پاڪستان مان پختونخوا
ملي عوامي پارٽي ۽ ان جي سربراه محمود خان اڇڪزئي سان ڊاڪٽر
نجيب جي سيني کان وڌيڪ ويجهڙائي هئي. ٻئي طرف پختونخوا ميپ
جي جيئي سنڌ محاذ سان ڪافي ويجهڙائپ هئي، خاص ڪري ڪراچيءَ
۾ رهندڙ انهن جي سنڌ جي قيادت سان منهنجا سٺا ذاتي تعلقات ٿي ويا
هئا. بنارس چوڪ جي پرسان انهن جي آفيس هوندي هئي، اسان ٻه
تنظيمي ڪم سان ڪراچيءَ جي پاڙن ۽ علائقن ۾ هلندا وتندا هئاسين.
بس پوءِ ٻئي ٽئين مهيني Pk MAP جي آفيس ويجهو لنگهندي انهن وٽ
چانهه پيئڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ هليا ويندا هئاسين. ڪڏهن مون سان گڏ
علي نواز ٻٽ هوندو هئو ڪڏهن هاشم کوسو ته ڪڏهن ڪريم چانڊيو.
ڪڏهن ڪنهن سياسي ڪم سانگي سيڙجي به ويندا هئاسين. پارٽيءَ جو
سنڌ جو صدر خورشيد ڪاڪا جي قومپرست هجڻ سان گڏ ڪابي ڌر جا
خيال رکندڙ هئڻ ڪري منهنجو وڌيڪ دوست ٿي ويو. مزي جي ڳالهه ته
جنرل سيڪريٽري عبدالحڪيم مندوخيل وري مذهبي خيالن جو هئو پر
اهو به منهنجو دوست هئو. شايد ان جو هڪڙو سبب اهو به هئو ته مان
ڪراچي ڊيولپمنٽ اٿارٽي ۾ انجنيئر هوندو هئس ۽ هو ٺيڪيدار.
ڪڏهن ڪڏهن اهي به منهنجي عزيز آباد واري گهر تي ايندا هئا.

مئي 1989 جي هڪ رات اٽڪل 12 وڳي پختون خوا ميپ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ نوجوان ۽ نهايت متحرڪ ڪارڪن اقبال خان منهنجي عنبرين اپارٽمنٽ واري فليٽ تي اچي نڪتو. مون کي حيرت ان ڪري ٿي ته ڊسمبر 88 ۾ عزيز آباد کان گلشن اقبال منتقل ٿيڻ کان پوءِ مون وٽ اچا ٽيليفون به ڪانه لڳي هئي ۽ نه ئي ان وچ ۾ انهن دوستن سان ڪو رابطو ٿيو هئو. پر وري ڏسجي ته ان دور جا سياسي ڪارڪن ائين ئي هوندا هئا. پارٽيءَ جو ڪم ڏنو ته اهو مڪمل ڪري واپس موٽندا. جيترو ڏکيو ڪم انهن جي ذمي ڪيو ويندو هئو اوترو ئي پاڻ تي فخر ڪندا ۽ خوش ٿيندا هئا. اڄڪلهه خاص ڪري سنڌ ۾ صورتحال اها آهي ته ڪارڪن ڪوشش ڪري ٿو ته ڏکيو ڪم سندس ذمي نه ٿئي، جيڪڏهن ڪو ڪم مليس ٿو ته ان جي ڪرڻ ۾ آڏو ايندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ بجاءِ قيادت وٽ ڪم نه ٿيڻ جا سبب ۽ بهانا اچي پيش ٿو ڪري

بهرحال احوال وٺڻ تي ان نوجوان ٻڌايو ته پختونخوا ملي عوامي پارٽيءَ جي وفد سان گڏ جيئي سنڌ محاذ جي ليڊر کي به ڪابل وڃڻو آهي. ان لاءِ وقت صرف ٽي ڏينهن آهي. محاذ جو چيئرمين عبدالواحد آريسر ڳوٺ هئو سڌي فون به ڪانه هئي. ڪجهه اٽڪل سان ڪجهه عمر ڪوٽ جي دوستن واتان زباني نياپي ذريعي چيئرمين تائين مون پيغام پهچايو جيڪو ٻئي ڏينهن منهنجي فليٽ تي پهچي ويو. ڪوئٽا کان پيغام اهو هئو ته ليڊر سان گڏ هڪڙو ٻيو ساٿي به هجي، جيڪڏهن پارٽيءَ سان لاڳاپيل ڪو صحافي هجي ته وڌيڪ بهتر. اهڙو ته ڪو سينيئر صحافي ڪونه هئو البته محاذ جو همدرد ۽ اسان جو گڏيل دوست نصير اعجاز هئو جنهن ڪجهه وقت اڳ ٻهارين خلاف ڪيل ايئرپورٽ واري احتجاج دوران اسان جو سٺو ساٿ ڏنو هئو. سو اسان صلاح ڪئي ته چيئرمين صاحب سان گڏ اهو وڃي. پوءِ ان سان رابطو ڪيو ۽ تڙ تڪڙ جي تياري ڪري ٻئي ڄڻا پختونخوا جي دوستن سان ٻهرين ڪوئٽا ۽ پوءِ ڪابل ويا. ڪابل ۾ افغان حڪومت جا مهمان هئا جتي پاڪستان جا ٻيا به قومپرست ۽ ليفٽسٽ مهمان طور آيل هئا. ڪجهه ڏينهن اتي ترسڻ دوران افغان ۽ پاڪستاني اڳواڻن سان وسيع دائري ۾ خطي جي صورتحال بابت حال احوال ۽ خيالن جي ڏي وٺ کان پوءِ ٻئي دوست موٽي آيا.

واپسيءَ کان پوءِ ڪجهه عرصي تائين اسان انتظار ۽ اميد ڪندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رهياسين تہ چيئرمين صاحب پنهنجي دوري بابت ۽ اتي ٿيل ڳالهہ ٻولهہ بابت پارٽيءَ جي ادارن کي اعتماد ۾ وٺندو. پر افسوس تہ ائين ٿيو ڪونہ ۽ اسان انتظار ڪندا رهجي وياسين. حسبِ دستور محترم آريسر پارٽي ادارن کي ان لائق نہ سمجهيو تہ پاڻ کي انهن آڏو ذميوار ڪري ۽ نہ ئي تنظيمي ساٿين کي ان جي اهل سمجهيو تہ انهن سان صلاح مشورو ڪري پختونخوا ملي عوامي پارٽي ۽ جيئي سنڌ محاذ جي وچ ۾ پارٽي سطح تي هلندڙ ويجهڙائپ ۽ تعاون جي نتيجي ۾ ٿيندڙان اهم سياسي دوري کي اسان جو دوست ۽ ليڊر پنهنجي ذاتي اهميت جي اظهار لاءِ ۽ پنهنجي شخصي ڪاميابي طور پيش ڪندو رهيو. پنهنجي لکڻين ۾ بہ هن اهڙوئي تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ايتري تائين جو ڊاڪٽر نجيب کي بہ پنهنجو ذاتي دوست ڪري پيش ڪيو.

منهنجي عملي سياست ۾ اچڻ وارو دور هنگامہ خيز ۽ تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ حالتن ۽ انقلابن (بنيادي سياسي تبديلين) سان ڀرپور دور هو. 1970ع جي اليڪشن جيڪا پاڪستان جي پهرين ۽ اڄ تائين جي آخري آزاد، غيرجانبدار ۽ شفاف اليڪشن هئي ۽ اها هن ملڪ جي واحد اليڪشن هئي جيڪا کنهن واضح منشور، سياسي پروگرام ۽ آئيني معاملن جي بنياد تي وڙهي وئي؛ بنگلاديش جي ڏکهي، خطرناڪ ۽ وحشياڻي جنگ کان پوءِ آزادي؛ ان آزاديءَ جا سنڌ جي قومي تحريڪ تي اثر، ذوالفقار علي ڀٽي طرفان "نئين پاڪستان" جي دعوي ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ جو نئون مرحلو. سنڌ ۾ سياست جا ٻہ واضح ۽ متضاد وهڪرا آڏو اچڻ، سائين جي ايم سيد جو سنڌين کي سڏ تہ "اچو تہ سنڌ جي مالڪي حاصل ڪريون" ۽ ذوالفقار علي ڀٽي طرفان آڇ تہ "اچو تہ توهان کي نوڪري وٺي ڏيان." جنهن جو مطلب هو تہ (ملڪ جو) مالڪ ۽ (سنڌ جو) حاڪم پنجاب ئي رهندو. "نئين پاڪستان" جي شروعاتي ڏينهن ۾ جمهوريت پسند، ترقي پسند ۽ عوام دوست سياستدانن خاص ڪري سائين جي ايم سيد ۽ ٻعپ قيادت طرفان ڀٽي سان تعاون ان اميد تي تہ رياستي ادارن تان فوج جي بالادستي ختم ڪرائي سگهجي ۽ هڪ نئين شروعات ڪري سگهجي. پر ذوالفقار علي ڀٽي پير ڪوڙڻ شرط ان ئي فوج سان گڏجي انهن ئي سياسي قوتن خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيا. ڀٽي جو ذري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهڻ سچو دور سائين جي ايم سيد ۽ نعپ جا بلوچ ۽ پختون اڳواڻ قيد ۾ رهيا. نہ رڳو قومپرست پر ٻيا ترقي پسند، روشن خيال ۽ جمهوري ماڻهون بہ اڪثر ڪري ٻٽي جي عتاب ۾ رهيا سواءِ انهن جي جيڪي سندس پوئلڳ ٿيا. ٻئي طرف ملا ۽ ٻيا رجعت پسند جن مٿس ڪفر جا الزام هنيا هئاسي نہ رڳو آزاد رهيا پر ٻٽو سچو وقت انهن کي راضي ڪرڻ جا جتن ڪندو رهيو.

عالمي سطح تي پڻ اهو دور سچ ۽ ڪوڙ حق ۽ ناحق، آزادي ۽ غلامي، استحصال ۽ انصاف ۽ ترقي پسندي ۽ رجعت پرستي وچ ۾ ويڙهاند سان ڀرپور هو. ايشيا ۽ افريقہ ۾ نو آبادياتي نظام آخري ڇڙهيون هٽي رهيو هو لاطيني آمريڪا ۾ آمريڪي بالادستي ۽ ان جي پٺو ڊڪٽيٽرن خلاف هٿياربند جدوجهدون پنهنجي جوبن تي هيون ۽ سرمائيدار ۽ ڪميونسٽ بلاڪن وچ ۾ سرد جنگ پنهنجي عروج تي هئي. غير جانبدار تحريڪ (Non_Alligned Movement) عالمي معاملن ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪري رهي هئي. سنڌ ۾ بہ قومي ۽ طبقاتي جدوجهد نظرياتي طور طاقتور ۽ سياسي طور پيش قدمي ڪندڙ هئي. ترقي پسندن ۽ رجعت پرستن، محبِ وطنن ۽ رياستي دلالن، عوام دوست ۽ عوام دشمن ڌرين ۽ سيڪيولر ۽ بنياد پرست قوتن وچ ۾ ليڪ بلڪل چٽي نڪتل هئي. سنڌ جو اديب بہ ان وسيع ويڙهاند ۾ واضح طور ڌر بڻيل هو. ترقي پسند اديب ۽ شاعر وطن جي، عوام جي، انقلاب جي ۽ انسانيت جي عظمت جي ڳالهہ ڪندو هو. ٻئي پاسي رجعت پسند اديب مذهب، اسٽيبلشمنٽ ۽ سامراجيت سان وفاداريءَ جا گيت ڳائيندو هو. ڪن حالتن ۾ ذاتي طور دوست هجڻ جي باوجود ترقي پسند سنڌي اديب رجعت پسند سنڌي اديب سان قلم جي ميدان ۾ هميشہ حالتِ جنگ ۾ هوندو هو. علي بابا جيڏي معيار جا اديب پيدل هلندا هئا پر ڪنهن وطن فروش وڏيري يا ڪرپٽ ڪاموري جي ويجهو نہ ويندا هئا. ننڍيون ننڍيون نوڪريون ڪري وقت گذاريندا هئا پر ڪنهن پير، مير، وزير جي در تي درخواست کڻي ڪو نہ ويندا هئا. اهڙي ئي ماحول ۾ ان وقت جي انقلابي ڌر جي وڏي شاعر شيخ اياز چيو تہ:

"اڄ لال لهوءَ جي سرگرم تي، تي ڌرتي منهنجي رقص ڪري،
منهن هيڏ تيا غدارن جا، بي شرم وڏيرن پيرن جا."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجموعي طور قومي تحريڪ سان واسطو رکندڙ ماڻهون اقتداري ڌر وارن سان ملڻ پنهنجي لاءِ عيب سمجهندا هئا. پهرين تہ هِن ڌر جو ڪو فرد هُن ڌر واري سان ملڻ جو سوچيندو ئي ڪو نہ هو پر جيڪڏهن ڪنهن جي ميل ميلاپ جي خبر اچي ويندي هئي تہ ان تي جيڏانهن ڪيڏانهن ٺٺ ٺٺ وسڻ شروع ٿي ويندي هئي. پاڪستان جي تاريخ ۾ "ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ سنڌ جي واحد جدوجهد آهي جنهن پنهنجو متعين ڪيل مقصد حاصل ڪيو يعني ون يونٽ ٽٽي ويو" جيتوڻيڪ تعداد جي لحاظ کان اها ڪا وڏي تحريڪ نہ هئي. ان ڪاميابيءَ جو مکيہ سبب اهو هو تہ ليڪ نڪتل هئي. سنڌي ماڻهن اهو طئي ڪري ڇڏيو هو تہ جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي ۽ انهن جا ساٿي محب وطن ۽ ايوب کهڙو ۽ علي محمد راشدي غدار آهن. مطلب تہ عالمي ميدان کان وٺي پاڙي، گهٽي، گهر ۽ ڪچهريءَ تائين ڌر بندي دهل جي ڏونڪي تي ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. ان پس منظر ۾ منهنجي جيڪا ذهني تربيت ٿي ان مطابق منهنجي ذهن ضمير ۽ دل دماغ ۾ جيڪو نقشو ٺهيو سو اهو تہ آمريڪا جي اڳواڻيءَ ۾ عالمي سامراج، پنجاب جي غلبي واري پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ، ملا، پير، مير، جاگيردار، اقتدار پرست سياستدان ۽ سون تي سيڻ مٽائيندڙ ڪامورا منهنجا، سنڌ جا ۽ انسانذات جا ازلي دشمن هئا جڏهن تہ سوويت يونين جي قيادت ۾ ڪميونسٽ بلاڪ (اختلافن جي باوجود)، ٽيٽو نهرو ناصر ۽ سوئيڪارنو جي سربراهيءَ ۾ ٺهيل غير جانبدار تحريڪ، ايشيا ۽ افريقہ جون قومي آزاديءَ جون تحريڪون، لاطيني آمريڪا جا انقلابي، بلوچستان جا قومپرست ۽ سنڌ جا محبِ وطن، ترقي پسند سياسي اڳواڻ، قومي ڪارڪن، اديب، شاعر ۽ دانشور هڪ ٻئي جا فطري اتحادي هئاسين. ۽ پوءِ منهنجو ذهني ۽ عملي ڳانڍاپو پوئين ڌر سان ٿي ويو جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عالمي سياست ۾ مان ۽ ڏکي جنگ

**ڦرينداڙن** ۽ ڦرجنداڙن جي وچ ۾ يا ائين چئجي ته اسٽيٽس ڪو (Status quo) جي حامين ۽ مخالفن جي وچ ۾ جنگ سڄي دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ جاري هئي. پاڪستان ۽ سنڌ به ظاهر آهي ته ان کان آجا ڪو نه هئا. پر هتي صورتحال جو هڪڙو عنصر اهڙو هو جيڪو سڄي دنيا ۾ ٻئي هنڌ ڪٿي شايد ئي هجي. هتي "نئين پاڪستان" ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو اسٽيٽس ڪو جو مخالف، تبديليءَ جو علمبردار، جمهوريت جو چيمپيئن، غريبن جو همدرد، ترقي پسند، جاگيردار مخالف ۽ سامراج مخالف طور اڀريو يا اڀاريو ويو جڏهن ته حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ هئي. اهو ڪو منهنجو خيال ناهي. پر "ڏکن جا شاهد ڦٽ آهن". همراهه جي جمهوريت دوستيءَ جو حال اهو آهي ته هن پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات پاڪستان جي پهرين مارشل لا سان ڪئي جڏهن اسڪندر مرزا جي حڪومت ۾ وزير ٿيو. وري ويهن ڏينهن کان پوءِ جنرل ايوب خان بندوق سيني تي رکي اسڪندر مرزا کي گديءَ تان لاهي پاڻ ان تي ويٺو ته محترم ڀٽو وري ان جو وزير ٿي ويو. ان سلسلي ۾ پاڪستان جي سينيئر سياستدان رٽائرڊ ايئر مارشل اصغر خان (جيڪو ان وقت هوائي فوج جو سربراهه هو) پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ دلچسپ واقعو لکيو آهي. هو چوي ٿو "جنهن وقت خبر آئي ته جنرل ايوب اسڪندر مرزا کان اقتدار کسي ورتو آهي ته وزير هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا ته ڪير اسڪندر مرزا جو ماڻهون هو ۽ ڪير ايوب خان جو. ذوالفقار علي ڀٽي ڪلندي چيو ته "مان ٻنهي جو."

اتي هڪ ملندڙ ۽ دلچسپ واقعو: پيپلز پارٽيءَ جي 2008 واري حڪومت ۾ مسلم ليگ فنڪشنل جو چار مدد علي مخالف ڌر جو اڳواڻ هئو ۽ ساڳي جماعت جو امتياز شيخ وڏي وزير جو صلاحڪار. سنڌ ٽي وي جي هڪڙي پروگرام ۾ ڪائنس پڇيو: شيخ صاحب توهان حڪومت سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حيدرآباد مان مخدوم طالب المولىٰ وغيره.

ايوب خان ۽ يحيٰ خان فوجي ڊڪٽيٽر هئا پر انهن جي وقت ۾ رياست عمومي طور سيڪيولر هئي، ذوالفقار ڀٽي ان کي مذهبي بڻايو. اقتدار خاطر مُلن کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آئين ۾ مذهبي شقون وڌيون ۽ ٻي آئيني ترميم تحت رياست فيصلو ڪيو ته احمدي مسلمان ناهن. جديد دنيا ۾ اهو شايد پهريون ۽ منفرد واقعو هوندو ته رياست فيصلو ڪري ته ڪنهن جو مذهب ڪهڙو آهي. حقيقت ۾ لياقت علي خان طرفان رياست کي مذهبي بڻائڻ خاطر قراردادِ مقاصد جي صورت ۾ پهرين سِر رکڻ کان پوءِ وري ڀٽي ان جا بنياد پختا ڪيا جنهن تي ضياءالحق اچي هڪ وڏي عمارت ٺاهي جيڪا اڄ پنهنجي عروج جي شڪل ۾ دنيا جي سامهون آهي.

سنڌ جي حوالي سان به اڄ جيڪي وڏا وڏا ۽ بنيادي نوعيت جا مسئلا درپيش آهن انهن ۾ خير سان ذوالفقار علي ڀٽي جو هٿ آهي. نسلي تفريق کي قانوني شڪل ڏيڻ، ڌاري آبادڪاريءَ لاءِ آئيني طور رستا کولڻ، مالياتي ايوارڊ صرف آباديءَ جي بنياد تي ڪرڻ، چشما جهلم لنڪ ڪئنال شروع ڪرڻ، تعليمي ادارن ۾ تشدد ۽ ڪاپيءَ کي عام ڪرڻ، سياسي ڪارڪنن کي اغوا ڪري گم ڪرڻ ۽ انهن جي هٿ نه اچڻ جي صورت ۾ انهن جي مائرن ڀينرن کي ٿاڻن ۾ بند ڪرڻ وغيره. تمام ٿورن ماڻهن کي خبر آهي (ٻيا وري بي ايماني ڪندي ذڪر نٿا ڪن) ته سياسي عقيدن جي بنياد تي ماڻهن کي اغوا ڪرائي گم ڪرڻ جي شروعات فوجي ڊڪٽيٽر جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ نه پر پهرئين سويلين چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ۾ ٿي. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري مان پروفيسر اشوڪ ڪمار ۽ ڪراچيءَ مان بلوچ قومپرست رهنما سردار عطاءالله مينگل جو پٽ اسدالله مينگل نمايان نالا آهن جن کي اغوا ڪري اهڙي طرح گم ڪيو ويو جو اڄ ڏينهن تائين نه انهن جو پتو پيو نه لاش مليو. ان ئي دور ۾ انقلابي شاعر حبيب جالب پنهنجو مشهور شعر لکيو ته "لاڑکانے چلو ورنہ تھانے چلو".

ڀٽي انقلابي تحريڪن کي ڪمزور ڪرڻ خاطر "لَٺ ۽ چَٽ" ٻنهي جو استعمال ڪيو هڪ طرف جيل ۽ ٿاڻا، فوج ۽ پوليس جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چڙهايون هيون، هنگامي حالتون ۽ ڊي پي آر Defense of Pakistan (Rules) هٿا تہ ٻئي طرف نوڪرين، ترقين، رشوتن ۽ ٻين مالي فائدن جون لالچون هيون. ان ٻہ طرفي حڪمت عمليءَ بهرحال پنهنجو ڪم ڏيکاريو ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ ٽوٽي پاڪستان جي ترقي پسند ۽ جمهوري تحريڪ کي ڪافي ڌڪ لڳو. ائين چئي سگهجي ٿو تہ اسٽيٽس ڪو قوتن جي مفادن جي تحفظ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽي جيترو ڪم ڪيو اوترو اڳ ۾ شايد هن ملڪ ۾ ڪنهن نہ ڪيو هو. 1960 واري ڏهاڪي دوران مزدورن جون، شاگردن جون، هارين جون ۽ اديبن جون تنظيمون ايتريون مضبوط ٿي رهيون هيون ۽ قومي، طبقاتي ۽ جمهوري قوتون اهڙي پيش قدمي ڪري رهيون هيون جو ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ پاڪستان هڪ بنيادي تبديليءَ ڏانهن وڌي رهيو هو. 1970 جي ڏهاڪي (ڀٽو دور) دوران انهن جي ڪمزور ٿيڻ جو عمل شروع ٿيو جيڪو جنرل ضيا جي حڪومت ۾ وڌيڪ تيز ٿيو ۽ بعد ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ جي نتيجي ۾ مڪمل ڀڃ ڊاهہ ۽ مايوسيءَ تي منتج ٿيو.

سنڌ ۾ بہ ڪيترا شاگرد اڳواڻ، سياسي ڪارڪن، شاعر ۽ اديب نوڪرين، ترقين، انعامن ۽ ٻين مالي فائدن جي لالچ ۾ پاسو بدلائي لڪير جي هُن پاسي هليا ويا. انهن ۾ سڀ کان نمايان نالو شيخ اياز جو آهي. شيخ اياز 1975ع تائين سنڌ جي قومي مزاحمتي تحريڪ جي هڪڙي علامتي شخصيت هو سو سندس پاسي بدلائڻ جي بہ علامتي اهميت هئي ۽ ڀٽي جهڙو زيرڪ سياستدان ان کان چڱي طرح واقف هو. اهڙي طرح هُن شيخ اياز کي ڊاهي سنڌ جي مزاحمت تي هڪ زوردار وار ڪيو ۽ چاڪاڻ تہ ان کان پوءِ ائين لڳو ڄڻ تہ ڪو بند ڀڄي پيو. ان کانپوءِ حڪمرانن جي در تي وڃڻ ڪو مهڻو نہ رهيو ۽ ڪيترن ڏسڻ وائسڻ اديبن، ليکڪن ۽ استادن کي درخواستون هڻڻ ۾ جهلي قطارون هڻنديَ ڏٺو ويو. جيڪي ڀٽي جي حڪومت ۾ نہ ڦٻيا انهن ضيا جي دور ۾ زور لڳايا ۽ ڪيترا مڙس مهينن تائين ضيا جي ساليانيِ اهلِ قلم ڪانفرنس جي ٽڪيٽ جو انتظار ڪندا هئا. اِڳتي هلي تہ ڳالهہ ايستائين بہ پهتي، تہ ٽڪيٽن تي جهڙا ٿيڻ لڳا ۽ هڪڙن جي ٽڪيٽ تي ٻين اسلام آباد جي ياترا ڪئي.

عالمي سطح تي انساني تاريخ جي پهرين نظرياتي جنگ (جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

حالتن کي سمجهي انهن سان مهاڏو اٽڪائڻ بجاءِ حالتن جي پويان گهلبا رهندا آهن اهي عام رواجي ماڻهون هوندا آهن ۽ جيڪي نرگسيت جي مرض ۾ مبتلا ٿي پاڻ کي معروضي حالتن کان وڏيڪ طاقتور سمجهندي انهن جي آڏو ايندا آهن انهن کي حالتون پاسي تي اڇلائي اڳتي وڌي وينديون آهن.

سو وقت گذرڻ سان اها ڳالهه ذهن ۾ وڌيڪ چٽي ۽ پختي ٿيندي وئي ته اصلي جدوجهد پاڪستان جي رياستي نظام خلاف، ان جي ماسٽر عالمي سامراج خلاف، ان جي چاڙتي سنڌي وڏيري ۽ جاگيردار خلاف ۽ ان جي صلاحڪار ملا جي خلاف آهي جيڪا تمام ڏکي ۽ انتهائي مشڪل آهي. منهنجي ذهن ۾ سائين جي ايم سيد جي هيرو واري حيثيت ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي وِلين واري جاءِ به ان ڪري ٺهندي وئي جو سيد چوندو هو ته "اسان جي جدوجهد نظام جي تبديليءَ لاءِ آهي" جڏهن ته ڀٽي جي دعوا هوندي هئي ته "مان ماڻهن جا مسئلا حل ڪندس". اهي ڳالهيون سمجهڻ ۾ منهنجي مدد مارڪسي، ليننِي لٽريچر به ڪئي. اهو چوڻ ۾ مون کي ڪا هٻڪ نٿي ٿئي ته اهي ٻئي نالا انساني تاريخ جي عظيم ترين شخصيتن ۾ شمار ٿين ٿا. مارڪس جي ڪن سياسي تجزين سان اختلاف ٿي سگهي ٿو ۽ سندس ڪيترا سياسي رايا ۽ فيصلا غلط به ثابت ٿيا پر جنهن ڏاهپ سان هن انساني سماج جي ارتقا جي سائنس سمجهي ۽ سمجهائي آهي ان جو جواب ناهي ۽ نه ئي ان جو بهتر جواب يا متبادل سندس دشمن سرمائيدار ۽ انهن جا گماشتا دانشور اج تائين ڏيئي سگهيا آهن.

مارڪسي سوچ جي ڪري مان قومي سوال کي سماجي سائنس جي روشنيءَ ۾ ڏسندو هئس، ان ڪري مون کي جيئي سنڌ محاذ ۾ ڪا ٻي ڏر جو سمجهيو ويندو هو ۽ انتهائي ساڄي ڌر وارا ته منهنجي مخالفت ئي "ڪميونسٽ" چئي ڪندا هئا جڏهن ته موٽ ۾ مان ان "الزام" کي خوشيءَ سان قبول ڪندو هئس. اهي ساڄي ڌر وارا ڪڏهن سنڌ جي قومي آزاديءَ کي "عشق" جو معاملو ڪري پيش ڪندا هئا ۽ ڪڏهن چوندا هئا ته "سائين جي ايم سيد ائين چيو آهي" پر انهن ڪڏهن اهو پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي ته سائين ائين ڇو ٿو چوي، سائينءَ جو ان جي پويان استدلال ڇاهي. سائين ته هميشه (مذهبي نقط نگاهه ڇڏڻ کان پوءِ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي ڳالهه حقيقتن جي روشنيءَ ۾ عقل ۽ دليل سان ڪندو هو. هو منهنجي خلاف اها بہ پروپئگنڊا ڪندا هئا تہ "جيئن تہ هي مارڪس ۽ لينن جا حوالا ٿو ڏئي ان جي معنيٰ تہ جي ايم سيد جو مخالف آهي". خبر ناهي تہ ائين اُهي اڻڄاڻائيءَ ۾ پيا ڪن يا ڄڻي واڻي بدنيتيءَ سان چاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهي رڳو سائينءَ جي ان تاريخي جملي کي سمجهن ها تہ "منهنجي زندگيءَ جو مقصد سنڌ جي آزدي نہ پر انسانذات جي نجات ۽ پلائي آهي، سنڌ جي آزادي ان مقصد جي حاصلات جو ذريعو يا هڪ مرحلو آهي". تڏهن بہ اهڙيون هوائي خبرون نہ ڪن ها. مان تہ سائين جي ايم سيد جي ان جملي کي ڏسي چوندو آهيان تہ لينن ۽ سيد جي سوچ جو بنياد ساڳيو آهي. لينن بہ تہ اهوئي پئي چاهيو تہ انقلاب ذريعي سڄي دنيا جي انسانن جي نجات ٿئي پر ان انقلاب جي شروعات هن پنهنجي جنم ڀومي روس کان ڪئي. جيتوڻيڪ "هڪ ملڪ ۾ انقلاب" واري لينن جي ٿيوري تي سخت تنقيد بہ ڪئي ويئي پر هو ان تي قائم رهيو. اهي رائيٽسٽ همراهہ اسان جي مخالفت ۾ ايترو تہ تنگ نظر ۽ تنگ ذهن ٿي ويا جو چوڻ لڳا "نيشنلزم معنيٰ پنهنجي ڌرتي پنهنجو نظريو". هاڻي سائين ڏيو منهن، ڪڏهن نظريو بہ پنهنجو ۽ پرائو ٿيو آهي! نظريو تہ يا صحيح هوندو آهي يا غلط بهرحال ان وقت تائين سنڌ جي قومي تحريڪ ايتري پختي ۽ باشعور ٿي چڪي هئي جو اهڙيون هوائي خبرون هلي نہ سگهيون ٻي صورت ۾ ماڻهون کِلن ها.

جيئي سنڌ ۾ ساڄي ڌر وارن جو مُک ماڻهون عطاءالله انڙ هو ان سان گڏ خالد چانڊيو قربان اعواڻ، سارنگ ماڇي، باغي بجاراڻي، گل محمد جکراڻي، بشير قريشي، محمد راهمون ۽ ٻيا شامل هئا. اڳتي هلي ڪجهه عرصي لاءِ ڊاڪٽر حميده کهڙو جيئي سنڌ ۾ آئي (جنهن جي ٽيم ۾ حبيب الله ناريجو منصور قادر جوڻيجو ڊاڪٽر مظهر مغل ۽ ٻيا شامل هئا) تہ رائيٽسٽ ڪئمپ جي اڳواڻ اها ٻڌجي ويئي. مون سان گڏ کاٻي ڌر ۾ جيڪي دوست ڳڻيا ويندا هئا انهن ۾ علي نواز ٻٽ، هاشم کوسو عبدالمالک مهر، خان محمد پيو در محمد عالماڻي، امر جوڻيجو مٺل ملاح (جيڪو وري اڳتي هلي "صوفي" ٿي ويو)، جڳديش آهوجا، اصغر قريشي، اڳتي هلي امداد چانڊيو وغيره شامل هئا. عبدالواحد آريسر لاءِ چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سگهجي ٿو ته اهو سينٽرسٽ پر ڪابي پاسي جهڪيل هو. ۽ هڪڙو وڏو تعداد دوستن جوان وصف جي دائري ۾ آيو پئي. ڪافي تعداد ۾ دوست اهڙا به هئا جيڪي پارٽي معاملن ۾ منهنجو ساٿ نظرياتي هم آهنگيءَ جي ڪري گهٽ پر پارٽيءَ ۾ منهنجي ڪم، ڪردار ۽ ساٿين سان مستقل رابطي جي ڪري وڌيڪ ڏيندا هئا.

هڪڙو حلقو دوستن جو اهڙو به هئو جيڪي پاڻ کي وڌيڪ ليفٽسٽ ۽ وڌيڪ انقلابي سمجهندا ۽ ظاهر ڪندا هئا. پر سندن سوچ، عمل يا سياسي ڪردار مان ليفٽ جي يا انقلاب جي جهلڪ گهٽ ئي نظر ايندي هئي. اهو ان مان به ظاهر آهي ته جڏهن اسان کان اهي "ريڊيڪلزم" جي بنياد تي الڳ ٿيا ته پوءِ انهن جو سياسي ڪردار وقت سان ختم ٿي ويو. انهن ۾ سيد قائم الدين شاهه، قربان ابڙو، باغ علي ٻگهيو، منظور کهڙو وغيره اچي پئي ويا.

ساڳي ڏر وارن سان ٻيهريون ٽڪراءُ 1982ع ۾ جيئي سنڌ محاذ جو آئين ناهڻ وقت ٿيو. بهر حال بحث ته ٿيا پر اهي همراهه ڪو گهڻو تاثر ڇڏي ڪونه سگهيا ۽ گهڻو تڻو آئين اسان جي سوچ مطابق ٺهي ويو. باقاعده مقابلو 1984ـ85 ۾ ٿيو جڏهن ڊاڪٽر حميده کهڙو جيئي سنڌ جي قيادت سنڀالڻ لاءِ ميدان ۾ آئي. هن پنهنجي طبقاتي پس منظر ۽ سائين جي ايم سيد سان خانداني تعلق جي زور تي مٿان ئي مٿان قيادت تي قبضو ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو. اهو منصوبو ڊاڪٽر صاحبه جي حد تائين هئو يا ان ۾ ڪي ٻيون ڌريون به هيون ان لاءِ يقين سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي. ڊاڪٽر کهڙو کي ڪنهن حد تائين سائين جي ايم سيد جي خاموش آشيرواد به حاصل ڪئي. سائينءَ جو خيال هئو ته سياست ۾ پئسو کپي ٿو ۽ اسان سڀ آريسر سميت مسڪين هئاسين. جڏهن ته کهڙو صاحبه پئسو خرچ ڪري سگهڻ جي پوزيشن ۾ هئي. بهرحال هيٺئين طبقي جا ڪارڪن جن پنهنجو رت ست ڏيئي، ڏينهن رات هڪ ڪري ۽ پنهنجي گهر ٻاتين جي وات جو گرهه ڪڍي جيئي سنڌ محاذ کي متحرڪ ۽ منظم ڪيو هئو اهي ڪنهن به قيمت تي ائين قيادت مٿان لٽل ماڻهن جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿا.

سنڌ ۾ ٻيهريون دفعو هيٺين طبقي جي ماڻهن تي مشتمل هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪاڏي آ". ان تي فوري طور دوستن بک هڙتال ختم ڪئي ۽ سائينءَ سان گڏجي ماني کاڌي. ان ڪري ئي مان وري وري چوندو ۽ لکندو رهيو آهيان ته سائين جي ايم سيد ڪارڪنن سان ايتري ۽ اهڙي محبت ڪندو هئو جهڙي شايد والدين به نه ڪندا هجن. بهرحال اسان جي اهڙين ڪوشش جو به طرفو اثر ٿيو. هڪ طرف سائينءَ وٽ آريسر جي حوالي سان صورتحال بهتر ٿي ۽ ٻئي طرف مئٻم کهڙو غير متوقع مخالفت ڏسي پوئتي هٽي ويئي. اهڙي طرح عبدالواحد آريسر جي ساڳي پهرين واري پوزيشن بحال ٿي. اهڙي صورتحال ۾ مون ڪارڪن ساٿين سان رابطا وڌيڪ تيز ڪيا ۽ ٻئي طرف سن وڃي سائينءَ سان ڪچهريون ڪرڻ جو سلسلو به وڌايو. ڪراچيءَ کان شڪارپور تائين ۽ سکر کان ٿرپارڪر تائين ساٿين سان ملاقاتون ڪري پارٽيءَ کي درپيش خطرن ۽ چئلينجن بابت انهن کي اعتماد ۾ ورتو ۽ انهن سان صلاح مشورا ڪيا. هڪڙي ضلعي جي دوستن جا خيال ۽ جذبا ٻئي ضلعي جي دوستن تائين پهچايا. ان سان دوستن وچ ۾ هم آهنگي به وڌي ته خود اعتماديءَ ۾ به اضافو ٿيو. ٻئي طرف ساڄي ڌر وارن به اسان جي خلاف مهم ۾ تيزي آندي. عطاءُ الله انڙ جي قيادت ۾ گروپ اڳ ۾ موجود هئو اهو هاڻي ڊاڪٽر کهڙو جي ٽيم سان ملي ويو. ان کان علاوه ٻيا جيڪي دوست ان ڪئمپ ۾ شامل هئا تن ۾ الله بچايو مرٽاس، اشرف کهاوڙ برڪت پيٽي وغيره جا نالا شامل هئا. انهن اسان جي خلاف هڪڙو نئون تير هلايو ته "اهي سيد جا انڪاري آهن." اسان جيڪو ڪٿي سائينءَ سان اختلاف ڪندا هئاسين انکي انهن انڪار جو نالو ڏنو ۽ پاڻ کي سيد جو سچو "اقراري" يا "معتقد" سڏائڻ لڳا. صورتحال جو مثبت پاسو اهو هئو ته ٻئي ڌريون کلي هڪ ٻئي جي سامهون اچي ويون ۽ انهن جي وچ ۾ ليڪو چٽو ٿي ويو. ڳالهه ايستائين پهتي ته سائين جي ايم سيد جي سالگرهه جي جلسي ۾ هُنن نعرا هڻڻ شروع ڪيا ته "سيد جي انڪارين تي لعنت" جواب ۾ اسان جي ڪئمپ طرفان هاشم کوسي جي قيادت ۾ نعرا هنيا ويا ته "جيڪو آمريڪا جو يار آ سو غدار آ غدار آ."

جيئي سنڌ محاذ جي ڪارڪنن جي ڪمٽمنٽ ۽ اصولي مزاحمت جي پيشِ نظر اهو صاف نظر اچڻ لڳو ته مٿان کان مئٻم کي محاذ ۾ قبول نه ڪيو ويندو بغير ڪنهن Process جي. سائينءَ مئٻم کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Accommodate ڪرڻ لاءِ ڪيس عورت ونگ جي سربراهه مقرر ڪيو پر اهو عهدو هُن پنهنجي معيار کان گهٽ سمجهيو. پوءِ سائينءَ جيئي سنڌ ورڪنگ ڪميٽي ناهي ڪيس ان جو سربراهه مقرر ڪيو. ان ڪميٽيءَ کي توڙي ڪانڪ ڪيس ۽ ڪجهه ٻين معاملن جي ذميواري سونپي ويئي. جڏهن محترمه پريس ڪانفرنس ڪئي ته (ڄاڻي واڻي يا اڻڄاڻائيءَ ۾) اهڙو تاثر سامهون آيو ڄڻ ڪيس سڄي جيئي سنڌ تحريڪ جو سربراهه مقرر ڪيو ويو هجي. کهڙو صاحب جي حامين به ان تاثر کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. گل محمد جکراڻي ستار موريي ۽ بشير قريشيءَ وارا به آريسر ۽ جيئي سنڌ محاذ جي مخالفت ۾ محترمه جي حمايت ڪري رهيا هئا. بهرحال پنهنجي خانداني پس منظر ۽ سائين جي ايم سيد سان تعلق جي ڪري مئڊم حميده کهڙو جيئي سنڌ جي قيادت سنڀالڻ کي جيترو آسان سمجهندي اڳتي آئي هئي ان کان گهڻو مشڪل ڏسندي هوءَ پوئتي هلي ويئي.

ڊاڪٽر حميده کهڙو سان اسان جي گروپ جو خاص ڪري منهنجو ٻيو مقابلو خان عبدالغفار خان جي سائين جي ايم سيد جي سالگرهه لاءِ ڪراچيءَ اچڻ وقت ٿيو. ڊسمبر 1985ع ۾ گهر ۾ ٿابڙجي ڪري پوڻ سبب سائينءَ جي ڄنگهه جي ٻنڊڻ جي هڏي ڀڄي پئي، جنهن جي علاج خاطر سائين جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ داخل هئو. اتي صلاح ٻيٺي ته سالگرهه جو جلسو 17 جنوريءَ جي بجاءِ 17 مارچ تي ڪيو ويندو. هن دفعي سالگرهه جي جلسي ۾ سائينءَ پنهنجي پراڻي دوست ۽ سياسي اڳواڻ باچا خان کي مدعو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان لاءِ رابطي جي ذميواري سائينءَ مون تي رکي. منهنجو باچا خان جي خاندان يا پارٽيءَ وارن سان اڳ ۾ رابطو ته ڪونه هئو بهر حال فون نمبر هٿ ڪري پشاور ۾ غلام احمد بلور سان ڳالهايم جنهن ولي باغ رابطو ڪري ٻئي ڏينهن ڳالهائڻ لاءِ چيو. ٻئي ڏينهن رابطي دوران طئي ٿي ويو ته 17 مارچ 1986 تي ٿيندڙ سالگرهه جلسي ۾ غفار خان شريڪ ٿيندو. جڏهن ويجها ڏينهن ٿيا ته سن وڃڻ کان اڳ ڪراچيءَ ۾ خان غفار جي رهائش جو معاملو آيو. ڊاڪٽر حميده کهڙو پاڻ وٽ رهائڻ جي ڳالهه ڪئي. جيئن ته انهن ڏينهن ۾ جيئي سنڌ محاذ جي ساڻس محاذ آرائي هلندڙ هئي، تنهن ڪري مون کي اها ڳالهه پسند ڪانه هئي پر مسئلو اهو هئو ته اسان وٽ هيڏي وڏي ليڊر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

معيار ۽ گهرجن مطابق جڳهه ڪانه هئي. سيد امداد شاهه سان منهنجي سٺي نياز منديءَ احترام واري هجت هئي. مون پنهنجو مسئلو ۽ پنهنجي خواهش سندس آڏو رکندي چيو ته "جيئن ته رابطو ڪري دعوت سائينءَ پاران مون ڏني آهي، تنهن ڪري ڪراچيءَ ۾ ميزباني به اسان ڪريون ان ۾ توهان مدد ڪريو". منهنجي نقطه نگاهه منهنجي جذبن ۽ منهنجي حال کي ڏسندي سائين امداد اتي ڪڙو ٿيو. جيئن ته سندس ذاتي بنگلو ڪراچيءَ ۾ ڪونه هئو پر پنهنجي واسطيدارن وٽ مون کي وٺي هليو. سيد شبير احمد شاهه محرابپور وارو انڙ صاحب قاضي احمد وارو ۽ هڪ ٻئي دوست وٽ هليو پر مختلف سببن جي ڪري ڪٿي به معاملو ٿي نه سگهيو ۽ خان غفار خان جڏهن ڪراچيءَ آيو ته ڊاڪٽر کهڙو جي گهر ٿي ترسيو اها اسان جي گروپ جي خاص ڪري منهنجي هڪ ننڍڙي شڪست هئي. پر محترم امداد محمد شاهه جي ايڏي وڏي قرب کي ۽ ان جي اهميت کي بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ ناهن ۽ سندس ان احسان جو بار مان زندگي تائين پنهنجي ذهن ضمير تي کنيو پيو هلندس.

بهرحال اها ڳالهه منهنجي لاءِ اطمينان جوڳي هئي ته معرڪي ۾ مجموعي ڪاميابي ڪارڪنن جي ٿي. هڪ اهڙو معرڪو جنهن ۾ هڪ طرف ڊاڪٽر حميده کهڙو جهڙي ناليواري شخصيت جنهن پويان محمد ايوب کهڙي جو نالو هئو جنهن کي ولايت جي ڊگري ۽ يونيورسٽي پروفيسر جو مرتبو حاصل هئو جنهن وٽ پئسو جام هجڻ سان گڏ قومي تحريڪ جي سرواڻ جو آشيرواد به حاصل هو. ان ڪان علاوه محاذ جي مخالفت ۾ قومي تحريڪ اندر ننڍا ننڍا مختلف گروپ به ميڊيم جي حمايت ۾ متحرڪ ٿي ويا هئا. ٻئي طرف مسڪين، گهٽ پڙهيل ۽ اڻ تجربيڪار ڪارڪن جن جي ڪل وٽ انهن جي ڪمٽمنٽ، محنت ۽ قرباني هئي. ان واقعي سان مون کي هندستان جي تحريڪِ آزاديءَ جو هڪڙو موقعو ياد ٿو اچي. هندستان جي قومي جدوجهد ۾ مهاتما گانڌيءَ جي اها حيثيت هئي جيڪا سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ سائين جي ايم سيد جي. انڊين نيشنل ڪانگريس جي 1937 واري ساليانی اجلاس ۾ سڀاش چندر بوس صدارت جو اميدوار هئو. مهاتما گانڌيءَ ان جي مقابلي ۾ پنهنجو اميدوار بيهاريو جيڪو گهٽو ڪري راجندر پرساد هئو. پر ڪارڪنن جي مدد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان اليڪشن سڀاش چندر بوس کٽي ويو. البتہ ٻنهي واقعن ۾ هڪڙو فرق بہ آهي. سڀاش چندر بوس جي کٽڻ جي صورت ۾ گانڌي ۽ سندس ٽيم هُن سان عدم تعاون وارو ورتاءُ اختيار ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هو ڪانگريس ڪي ئي ڇڏي ويو. پر هتي جي ايم سيد اهڙي ڳالهہ ڪانہ ڪئي ۽ پنهنجي خواهش تي ڪارڪنن جي فيصلي کي ترجيح ڏني.

اهو هڪ وڏيڪ ثبوت هئو تہ جي ايم سيد ڪيڏو جمهوريت پسند هئو ابتڙ ان پروپيگنڊا جي جيڪا رياستي ادارا ۽ انهن جا گماشتا سياستدان، صحافي ۽ ليکڪ هر وقت ڪندا رهندا آهن. اهو رڳو هڪڙو ننڍڙو مثال آهي، هونءَ نہ تہ سيد جي سوچ توڙي عملي زندگي جمهوري روين سان عبارت هئي، جن تي هڪڙو سڄو باب لکي ٿو سگهجي.

سن جهڙي ننڍڙي ۽ ڏورانهين ڳوٺ ۾ جمندڙ پيرائي ماحول ۾ پلجندڙ ۽ بغير ڪنهن انگريزي اسڪول ۾ پڙهڻ وارو جي ايم سيد نہ رڳو سياسي ۽ تنظيمي پر سماجي روين ۾ بہ جمهوريت پسند هئو. ان جي ڀيٽ ۾ آمريڪا ۽ برطانيہ جي يونيورسٽين جا پڙهيل ليڊر پنهنجي شخصيت ۾ ڊڪٽيٽر شپ جي مثالي تصوير هئا. انهن جي زبان مان ڪڍيل لفظ ڪارڪنن جي قسمت جو فيصلو هوندو هئو. ذوالفقار علي ڀٽو هجي يا سندس جانشين ڌيءُ بينظير ڀٽو انهن جي پارٽيءَ ۾ ڪارڪنن جي فيصلي کي مڃڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، ڪڏهن ڪارڪنن کي فيصلي ڪرڻ جو موقعوئي نہ ڏنو ويو. موقعو ملڻ تہ ڇڏيو ڪڏهن ڪارڪنن کي خواب خيال ۾ بہ نہ آيو هوندو تہ انهن کي ڪو فيصلو ڪرڻو آهي يا انهن جي بہ ڪا راءِ ٿي سگهي ٿي يا انهن کي بہ ڪنهن ڳالهہ جي خبر ۽ ڄاڻ ٿي سگهي ٿي. انهن کي يقين ڏياريو ويندو هئو تہ سڀ ڪجهہ ليڊر ڄاڻي ٿو/ ٿي.

قومي تحريڪ ۾ ساڄي ڌر وارا پنهنجي عمل ۽ ڪردار کي ڍڪ ڏيڻ خاطر سائين جي ايم سيد جي نالي کي اهڙي طرح استعمال ڪندا هئا جو جيڪڏهن انهن جي ڳالهين تي ڪو اعتبار ڪري تہ ائين نظر ايندو تہ جي ايم سيد هڪ عقيدي پرست (dogmatist) قدامت پسند (Conservative) ۽ جامد (Static) شخص هئو جڏهن تہ حقيقت ان جي صفا ابتڙ هئي. هن خطي ۾ جي ايم سيد کان وڌيڪ متحرڪ، ترقي پسند ۽ تبديلي پسند شايد ئي ڪو ماڻهو ٿيو هجي. هن تہ سمورن عقيدن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پچي پورڪيو. هن نہ وڏين وڏين "مقدس هستين" ۽ "مقدس ڪتابن" کي چئليج ڪيو. هن نہ رڳو سياست پر ادب، تاريخ ۽ سماجي ڪم جي شعبن ۾ بہ نوان ۽ مختلف خيال پيش ڪيا ۽ هڪ حقيقي رهنما وارو ڪردار ادا ڪيو. ادب ۾ "پيغام لطيف" ڪتاب پنهنجو مثال پاڻ آ. تاريخ جي حوالي سان ننڍي کنڊ جي وڏي تاريخدان ڊاڪٽر مبارڪ جو چوڻ آهي تہ پاڪستان ۾ تاريخ حڪمرانن جي مرضيءَ مطابق لکي ويندي هئي، جي ايم سيد پهريون شخص هئو جنهن تاريخ عوام جي نقط نگاه کان لکي.

خود پنهنجي ذات، پنهنجي سوچ ۽ پنهنجي عمل ۾ ايڏيون وڏيون تبديليون آندائين ۽ قبول ڪيائين جو ماڻهو حيران ٿيو وڃي. وقت، حالتن ۽ ضرورتن مطابق پنهنجي حڪمت عملين ۾ تبديليون آڻڻ ۾ ڪڏهن نہ هٻڪيو. سنڌ سان تعلق جي حوالي سان بہ اهڙي ئي صورتحال رهي. سنڌ سان سندس محبت تہ مستقل ۽ بي لچڪ هئي پر سنڌ جي نجات ۽ خوشحاليءَ خاطر سندس جدوجهد جون حڪمت عمليون ۽ طور طريقا تبديل ٿيندا رهيا. ڪڏهن اها جدوجهد ممبئي کان سنڌ جي علحدگيءَ جي شڪل ۾ هئي، ڪڏهن 1940 ۽ 1943 وارين قراردادن ذريعي پاڪستان ٺاهڻ جي صورت ۾ تہ ڪڏهن ون يونٽ ٽوڙڻ واري تحريڪ جي صورت ۾. ڪڏهن سنڌو ديش جي نعري هيٺ سنڌ جي مڪمل آزاد رياست جي قيام لاءِ ڪوشش تہ ڪڏهن سنڌ قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان سنڌ ۽ سنڌي قوم جي بقا سان لاڳاپيل اهم مسئلن تي جدوجهد ذريعي پنهنجي ان محبت جو عملي اظهار ڪندو رهيو. جيڪڏهن قيد ۽ بند جي ڪري عملي طرح ڪجهہ نہ ڪري سگهندو هئو تڏهن بہ سندس سوچ ۽ فڪر جو محور ۽ مرڪز سنڌ جي آزادي، خود مختاري ۽ خوشحالي هوندو هئو.

ائين ئي 1980 واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري سائينءَ اسان جي آڏو اها راءِ رکي تہ "سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد سان گڏوگڏ اسان کي ٻين امڪاني منصوبن/ تجويزن تي بہ غور ڪرڻ کپي." ان ڏس ۾ سائينءَ پنهنجي طرفان چار آپشن (Options) رکيا: مڪمل آزادي، ڪنڊومينيم، پارٽ سان ڪنفيڊريشن ۽ پاڪستان سان ڪنفيڊريشن. سچ اهو آهي تہ اسان ڪنڊومينيم جو لفظ پهريون دفعو ٻڌو هئو سو سن کان واپس اچي ڊڪشنريون کوليون سين. معلوم ٿيو تہ ڪنڊو مينيم جو مطلب هئو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خطي تي ٻن رياستن جي گڏيل حڪمراني. ڪجهه وقت کان پوءِ سن ۾ جيئي سنڌ محاذ جي نيشنل ڪائونسل لاءِ گڏ ٿياسين ته سائينءَ پنهنجو نقطہ نگاھ بحث لاءِ رکيو. مون پارٽ سان ڪنهن بہ قسم جي تعلق جي مخالفت ڪئي. منهنجو دليل هئو تہ پاڪستاني رياست کان آزادي حاصل ڪرڻ جو وري بہ امڪان آهي پر پارٽ سان هڪ دفعو ڳنڍجڻ کان پوءِ جان ڇڏائڻ ناممڪن هوندو. ان ڏس ۾ مون سِڪم جي رياست سان ڀارتي حڪومت جي ڪيل ورتاءَ جو مثال ڏنو.منهنجي سامهون ويٺل الله بچائي مرٽاس جذباتي انداز ۾ مون کي چيو تہ "اڙي تون سائينءَ سان بحث ٿو ڪرين!".

ان تي سائينءَ ڪاوڙ ۾ اچي ڏند پڪوڙيندي الله بچائي کي چيو تہ "تون بس ڪري ويهہ. هي توسان نہ پر مون سان بحث ٿو ڪري مون پنهنجي ڳالهہ رکي آهي. هي (يعني مان) بہ پنهنجو خيال پيش ڪري ٿو. جنهن جو هن کي حق آهي". اهڙي طرح ڪجهہ بحث مباحثي کان پوءِ سائينءَ وڏيڪ ان نقطي/تجويز تي زور ڪونہ ڏنو. اها هئي جي ايم سيد جي جمهوريت عروج تي (Democrate G.M Syed, at his best) پاڪستان تہ ڇا پر هندستان سميت ٽين دنيا جي ملڪن جا سياسي ڪارڪن پنهنجي ليڊرن کان اهڙي ورتاءَ جو تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهن.

1970 ۽ 80 وارا ڏهاڪا سڄي دنيا وانگر سنڌ ۾ بہ نظرياتي سياست جي عروج وارا ڏينهن هئا. ان ۾ مختلف پارٽيون/ ڌريون ڪم ڪنديون هيون. ان ۾ مکيہ ڪميونسٽ پارٽي، جيئي سنڌ محاذ ۽ عوامي تحريڪ هيون. جن ۾ بعد ۾ (سنڌ) وطن دوست انقلابي پارٽيءَ جو واڌارو ٿيو. جيڪڏهن وسيع دائري ۾ رکي ڏسجي تہ ڪميونسٽ ۽ نيشنلسٽ قوتون هيون. جيڪي هڪ ئي وقت اتحادي بہ هيون تہ اختلافي بہ عالمي سامراج توڙي پاڪستان جي فاشسٽ عوام دشمن حڪمرانن ۽ انهن جي اتحادي مُلن ۽ جاگيردارن جي خلاف اهي هڪ ٻئي جا اتحادي هئا. رياستي نظام ۾ بنيادي تبديليءَ جي ضرورت تي بہ اهي ٺلهي ليڪي متفق هئا. پر تبديليءَ جي طريقن. انقلاب جي نظرياتي بنيادن ۽ انقلابي قوتن جي جوڙجڪ. ڪردار ۽ اهميت بابت انهن وچ ۾ اختلاف هئا. ان جو سڀ کان زوراڻو اظهار قومي سوال جي معاملي تي ٿيندو هئو. ان ۾ هڪ طرف ڪميونسٽ پارٽي ۽ ان جا هم خيال دانشور هوندا هئا ۽ ٻئي طرف جيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌ محاذ ۽ سنڌ جا محبِ وطن اديب، ليکڪ ۽ دانشور، عوامي تحريڪ ۽ وطن دوست انقلابي پارٽي وچ تي هوندا هئا. اهي بہ بنيادي طور ڪميونسٽ نظريي جا داعي هئا، پر ڪميونسٽ پارٽيءَ کان سوچ مختلف ۽ رستو ڌار هئن. ان کان علاوه انهن ٻنهي جو تنظيمي بنياد جيئن تہ سنڌ هئي ان ڪري ڪڏهن پنهنجي ڳالهين ۽ عمل ۾ اُهي سنڌي نيشنلسٽ وڌيڪ نظر ايندا هئا.

جيئي سنڌ محاذ جي اڪثريتي سامراج دشمن، ترقي پسند ۽ عوام دوست ڌاري جي نمائندگي عبدالواحد آريسر ۽ مان ڪندا هئاسين. ظاهر آهي تہ وڌيڪ رول آريسر جو هوندو هئو جو هو چيئرمين هئڻ سان گڏ ڪل وقتي سياست ڪندڙ ۽ بهترين مقرر ۽ لکندڙ بہ هئو. وڏن وڏن جلسن ۾ هو نيشنلسٽ نقطہ نگاه رکندو هئو جڏهن تہ مان پارٽيءَ اندر يا عام ڪچهرين ۾ يا نظرياتي ماڻهن جي محفلن ۾ محاذ جي نظرياتي لائين جي حوالي سان بحث مباحثا ڪندو هئس ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪو مضمون بہ لکندو هئس. اسان ٻنهي جون پاڻ ۾ ٿيندڙ ڪچهريون بہ پنهنجو نقطہ نگاه وڌيڪ چٽو ڪرڻ ۽ هم خيالي پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ٿينديون هيون. هُن وٽ سنڌ ۽ هند جي تاريخ ۽ افريقہ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن بابت وڌيڪ ڄاڻ هوندي هئي، مان وري بين الاقوامي سياست ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندو هئس، ٻئي هڪ ٻئي جي معلومات مان فائدو وٺندا هئاسين.

ڪميونسٽ دوستن ۽ اسان جي وچ ۾ قومي سوال جي حوالي سان اختلاف ڪي جي ٿورن ۽ ٿلهن اکرن ۾ پيش ڪجي تہ اهو هيءُ هئو تہ هو چوندا هئا تہ ڪميونسٽ انقلاب سمورن مسئلن جو حل آهي، سو جڏهن پاڪستان ۾ بہ ڪميونسٽ انقلاب ايندو تہ ٻين مسئلن سان گڏ قومي مسئلو بہ حل ٿي ويندو جڏهن تہ اسان جو موقف هئو / آهي تہ انساني سماج مرحليوار ترقي ڪري ٿو ۽ قومي خودمختاري ۽ قومي شناخت ان ۾ هڪ اهم ۽ اٽل مرحلو آهي، ان ڪري سماج جي ترقي لاءِ ان مسئلي جو حل لازمي آهي. اسان بين الاقواميت جا حامي هئاسين/ آهيون پر اسان جو نقطہ نظر آهي تہ جڏهن قومون آزاد حيثيت ۾ رضاڪارانہ نموني اتحاد ڪنديون تہ پوءِ حقيقي بين الاقواميت پيدا ٿيندي ان ڏس ۾ مان خاص ڪري لينن جي ڪتاب "قومي سوال جو تنقيدي جائزو ۽ قومن جو حق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خوداريت“ مان گهٽي مدد وٺندو هئس. طاقت ذريعي قومي حدبنديون ختم ڪرڻ کي اسان غلط سمجهندا هئاسين. ان ڪري ئي هنگري ۽ چيڪوسلواڪيا تي فوجي چڙهائيءَ جا مخالف هئاسين جڏهن ته ڪميونسٽ دوست سوويت يونين جي رياستي پاليسين ۽ فيصلن کي ئي حقيقي انقلابي رستو تسليم ڪندي اهڙين فوجي مهمن جي به حمايت ڪندا هئا.

منهنجي ته پڪي راءِ آهي ته جي ايم سيد جو فڪر لينن جي نظريي کان مختلف ناهي. جي ايم سيد واضح لفظن ۾ لکيو ۽ چيو ته سنڌ جي آزادي ذريعو ۽ وسيلو بڻبي عالمي امن، پائيداري ۽ انسانذات جي ترقيءَ جو. لينن به روسي انقلاب کي عالمگيريت جو ذريعو پئي سمجهيو ۽ هو به قومن جي رضاڪاراڻي اتحاد جو نه رڳو حامي پر وڪيل هئو. بعد ۾ وقت ۽ حالتن جيئي سنڌ محاذ جي موقف، جي ايم سيد جي سوچ ۽ لينن جي حڪمت عمليءَ کي صحيح ثابت ڪيو. جڏهن سوويت يونين ٽٽو ته ڪميونزم تحت قائم سوويت رياست جي جاءِ تي قومي بنيادن تي پندرهن رياستون وجود ۾ آيون. ان سان ڪميونسٽ دوستن جي اها سوچ غلط ثابت ٿي ته ڪميونسٽ انقلاب ايندو ته قومي مسئلو خود به خود حل ٿي ويندو. ان جي ابتڙ ٿيو ائين ته 70 سال ڪميونزم رهڻ جي باوجود قومي مسئلو موجود رهيو. لينن بالشويڪ انقلاب کان پوءِ قومن جو رضاڪاراڻو اتحاد قائم ڪرڻ جا بنياد وڌا پر ان کان پوءِ ايندڙ حڪمرانن بندوق جي زور تي ”يڪجهتي“ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، لينن جي ٻڌايل سماجي ارتقا جي اصولن کي اهميت نه ڏني. نتيجو سامهون آهي. پاڪستاني حڪمرانن وانگر ڪجهه ”مستند“ ڪميونسٽ دوست به پنهنجيون غلطيون تسليم ڪرڻ بجاءِ چوندا رهندا آهن ته ”دشمن سازش ڪئي.“ دلچسپ ڳالهه ته ڪميونزم جي خلاف ردِ انقلاب جي اڳواڻي ڪندڙ بورس يلسن جو پاليل پيوتن به اڄڪلهه ڪجهه اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. هن کي سوويت يونين جي ٽٽڻ جو ته ڏک آهي پر ڪيس ڪميونزم جي ڊهڻ جو افسوس ڪونهي. هن کي جيڪو افسوس آهي سو اهو ته ٻيون قومون روس کان ڌار ڇو ٿي ويون ۽ ان لاءِ هو بعد جي ڪميونسٽ حڪمرانن جي هٺ ڌرمي ۽ بالادستيءَ واري پاليسيءَ بجاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لينن طرفان قومن جو حقِ خودارادیت تسليم ڪرڻ ڪي ذميوار قرار ڏنو ٿي. مون پنهنجو انگريزي ڪتاب Politics of Change لينن جي نالي ڪيو هئو. منهنجو هڪڙو دوست آهي ڊاڪٽر عبدالمجيد لغاري ان به اهو ڪتاب پڙهيو هئو. جڏهن روسي صدر پيوٽن اهو بيان ڏنو ته "سوويت يونين ان ڪري ٽٽو جو لينن ان جو بنياد قومي حق خود ارادیت تي رکيو هئو." تڏهن ڊاڪٽر لغاريءَ مونکي چيو ته مونکي هاڻي سمجهه ۾ آيو ته تو پنهنجو ڪتاب لينن جي نالي ڇو ڪيو هئو.

انقلاب بابت پاڪستاني ڪميونسٽن ۽ اسان جي نقطہ نظر ۾ فرق ان وقت سامهون آيو جڏهن سوويت يونين جي مدد سان افغانستان ۾ ڪميونسٽ (پيپلز ڊيموڪريٽڪ) پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي. ڪميونسٽ دوستن اهو چوندي وڏي پئماني تي ان جي حمايت ۽ آجيان ڪئي ته "انقلاب پاڪستان جي در جو ڪڙو ڪڙڪائي رهيو آهي" يا اهو ته "انقلاب جي بوڏ بس ڪنهن به وقت پاڪستان ۾ داخل ٿي سگهي ٿي." افغانستان جي انقلاب ۾ جيئن ته اتان جي ايئرفورس جي سربراهه عبدالقادر ڏگروال جو به حصو هئو سو هتي به ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سينيئر اڳواڻ (خفيه رکڻ ڪري ڪميونسٽ ليڊرن جي حقيقي عهدن جي خبر تمام گهٽ ماڻهن کي هوندي هئي) ڄام ساقيءَ جي طرفان هڪ خط پاڪستان هوائي فوج جي سربراه ايئر مارشل ذوالفقار جي نالي ڇپرائي ورهايو ويو جنهن ۾ کيس اپيل ڪئي ويئي ته "جنرل ڏگروال وانگر تون به پاڪستان ۾ انقلاب آڻڻ ۾ ڪردار ادا ڪر". مون انهن ڏينهن ۾ مضمون لکيو ته صحيح انقلاب هميشه سماج مان ايندو آهي. افغان سماج انقلاب لاءِ تيار ٿي ناهي، تنهن ڪري سوويت فوجن جي مدد سان مٿان کان آندل اهو انقلاب ڪامياب ڪونه ٿيندو. باقي ايترو ضرور ٿيندو ته آمريڪا کي ويٽنام واري شڪست جو بدلو وٺڻ جو موقعو ملندو. پوءِ جيئن ڪجهه ٿيو ان ۾ دنيا ڏٺو ته ويٽنام جهڙي کهاڻي ورجائي ويئي، بس کهاڻيءَ ۾ آمريڪا جي جاءِ تي سوويت يونين جو نالو وڌو ويو. البته ويٽنام ۽ افغانستان ۾ فرق اهو هئو ته پهريون انقلاب زمين مان ڦٽل (Indigenous) هئو جڏهن ته پوئين ۾ انقلاب وانگر ردِ انقلاب به در آمد ڪيل هئو. افغان سماج ۾ انقلاب بابت منهنجي راءِ ان وقت صحيح ثابت ٿي جڏهن ببرڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪارمل جي جاءِ تي ڊاڪٽر نجيب اقتدار سنڀالڻ ڪانپوءِ گڏريل حڪومت جا مسجدن کي لڳل قلف کولرائيندي چيو تہ "اسان جو سماج اڃا پوئتي پيل آهي."

منهنجي ان موقف تي ڪميونسٽ دوست گھڻو ڪاوڙيا هئا. ڇاڪاڻ تہ هو افغان انقلاب بابت تمام گھڻو پر جوش هئا ۽ پاڪستان ۾ ڪميونسٽ انقلاب جو سندن پراڻو خواب ڪين حقيقت جي ويجهو نظر اچي رهيو هئو. حقيقت اها هئي تہ اسان سوويت يونين کي نظرياتي طور پنهنجو دوست، فطري اتحاد ۽ دنيا جي مظلوم ماڻهن ۽ محڪوم قومن لاءِ پرجهلو ۽ اتساه جو سبب سمجهندا هئاسين ۽ دوست جي حيثيت ۾ سندن پاليسين سان اختلاف بہ ڪندا هئاسين جڏهن تہ هتان جا ڪميونسٽ دوست پاڻ کي سوويت يونين جي رياستي پاليسين جو جزو تصور ڪندا هئا ۽ سوويت يونين جي حمايت کي ايمان جو جزو سمجهندا هئا.

اهڙي صورتحال ان وقت بہ سامهون آئي، جڏهن سوويت يونين ٽٽو. پهرين تہ جيڪي دوست سوويت رياست جي اندروني طور سخت گير پاليسين ۽ ٻين ملڪن ۾ فوجي مهمن جي اهو چوندي غير مشروط حمايت ڪندا هئا تہ "ڪميونسٽ انقلاب جي استحڪام لاءِ اهو سڀ ڪجھ ضروري هئو." تہ وري جڏهن ميخائيل گورباچوف سوويت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل ٿيڻ تي "گلاسنوسٽ ۽ پروسٽرائيڪا" تحت پاليسين ۾ بنيادي تبديليون آنديون تہ انهن اهو چوندي ان جو دفاع ڪيو تہ "انقلاب کي اڳتي وڌائڻ جو درست طريقو آهي ئي اهو." پوءِ وري جڏهن مختلف بيروني ۽ اندروني سببن جي ڪري سوويت يونين ٽٽو ۽ سڄي دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن وانگر اسان بہ ڏک ۽ افسوس جي ٻوڏ ۾ ٻڏل هئاسين تہ ڪيترا ناليوارا ڪميونسٽ سڄي صورتحال کان لاتعلق بڻجي ويا. اڃا بہ نئين پيدا ٿيندڙ صورتحال، جنهن ۾ ڪالھ تائين جي سامراج آمريڪا جي مڪمل بالادستي هئي، ان جي آجيان ڪرڻ لڳا. پنهنجي اهڙي قلابازي لاءِ عجيب توجيهون پيش ڪرڻ لڳا. مثال طور اهو تہ "دنيا جي جنگ واري صورتحال مان جان ڇٽي، هاڻي امن ٿيندو" يا "هاڻي ماڻهن کي پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذارڻ جي آزادي هوندي." ڪين اهو بہ ياد نہ رهيو تہ اهي ئي جواز ڪميونزم ۽ سوويت يونين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لکيو ويو "ڪميونسٽ ڏر" يا ڪو اهڙو لفظ لکيو ويو (مون کي چڱي طرح ياد ناهي). ان ۾ مان ڪميونسٽ پارٽيءَ جي دوستن جي تعاون ۽ مثبت رويي جو معترف آهيان.

❋❋❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ايم. آر. ڊي

1980 واري ڏهاڪي جي پاڪستاني سياست ۾ مجموعي طرح ۽ سنڌ جي سياست ۾ خصوصي طور ايم آر ڊي (Movement for Restoration of Democracy) هڪ اهم موضوع رهيو. ڪي ماڻهون ته ان کي صفا غير معمولي اهميت ڏيندا آهن ۽ ان جي ئي بنياد تي مختلف پارٽين ۽ ليڊرن جي جمهوري ساک (Credentials) کي پرکيندا آهن، جڏهن ته اها پاڪستان جي پهرين ۽ واحد جمهوري جدوجهد هئي جڏهن ته حقيقت ائين ناهي.

جڏهن بنگلا ديش ٺهي ويو ۽ باقي بچيل "نئين پاڪستان" جو اقتدار جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي ڏنو ويو ته سائين جي ايم سيد کيس هڪ خط لکيو جنهن ۾ چيو ويو ته "پاڪستان جي گهڻين خرابين جو سبب رياستي ادارن تي فوج جي بالادستي رهي آهي. وقت ۽ حالتن توهان کي موقعو ڏنو آهي ته فوج جي بالادستيءَ کي ختم ڪري سياسي ادارن کي مضبوط ڪريو" (ڪي لفظ گهٽ وڌ ٿي سگهن ٿا پر مضمون اهو هئو). ان ۾ سائينءَ پنهنجي تعاون جي پيشڪش ڪئي. ٻئي طرف سائين مخالف ڌر جي مکيه جماعت نيشنل عوامي پارٽي (NAP) کي به پنهنجي پراڻي تعلق جي حوالي سان ذوالفقار علي ڀٽي سان تعاون لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن ڀٽي کي مڪمل طور فوج جي جهوليءَ ۾ وڃڻ کان بچائي سگهجي. سيد جي انهن ڪوششن جي سڄي دنيا کي خبر آهي ۽ ان حوالي سان ڪي ماڻهو ته مٿس تنقيد به ڪندا آهن (.. کيس ڀٽي جي غير جمهوري ڪردار کي ذهن ۾ رکڻ کپندو هئو) ۽ ڪيترا وري سيد جي جمهوريت ۽ سويلين بالادستيءَ لاءِ عبوري آئين وقت ڪيل انهن ڪوششن کي 1973 واري آئين جي حمايت ڪري لکندا آهن، جيڪو بلڪل غلط آهي. ٻئي طرف سائينءَ ان خدشي جو به اظهار ڪيو ته "پنجابي ڀٽي مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بخش بزنجي جي قيادت واري پاڪستان نيشنل پارٽي شروع ۾ شامل ڪانه ٿي. انهن جو شرط هئو ته اتحاد جي نقطن ۾ صوبائي خودمختاريءَ جو معاملو شامل ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته صوبائي خودمختاريءَ کان بغير جمهوريت قومن لاءِ خاص ڪري بلوچستان لاءِ ڪا معنيٰ نه ٿي رکي. ان تي، بقول بزنجي صاحب جي قريبي ساٿي يوسف مستي خان جي، پيپلز پارٽيءَ جي سربراهه بيگم نصرت ڀٽو بزنجي صاحب کي چيو ته ”ان جي معنيٰ ته توهان اسان سان ناهيو جنرل ضياءَ سان آهيو.“ ان تي بزنجو صاحب ناراض ٿي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن تي پيپلز پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري جنرل ٽڪا خان ڪراچيءَ پهتو ملاقات کان پوءِ نصرت ڀٽو صاحبه طرفان بيان جاري ٿيو ته ”سنڌ بلوچستان جون ڪجهه روايتون آهن. منهنجو مڙس قتل ٿي ويو پر ڪنهن مون سان عذر خواهي نه ڪئي.“ جواب ۾ جناب غوث بخش بزنجي جو بيان ڇپيو ته ”بلوچستان ۾ جيڪي هزارين نوجوان ماريا ويا اهي منهنجا ٻچا هئا. انهن جي عذر خواهي مون سان ڪنهن ڪانه ڪئي.“ اهڙي طرح ويڇا وڌي ويا. پوءِ وري 1983 ۾ پي اين پي ايم آر ڊي ۾ شامل ٿي. اها حقيقت ۾ پيپلز پارٽيءَ سان شامل ٿيندڙ پارٽين جي جمهوريت پسندي ۽ انهن جي ليڊرن جي اعليٰ ظرفي ۽ وسيع قلبي هئي خاص ڪري اين ڊي پي ۽ پي اين پي جي ليڊر شپ جي ڇاڪاڻ ته اُهي سڀ جڏهن نعپ ۾ گڏ هئا ته ڀٽي انهن سان ڪيڏا ۽ ڪهڙا نه ڪلور ڪيا جن کان سڄي هوشمند دنيا واقف آهي. پي اين پي جي مطالبي تي ايم آر ڊيءَ ايندڙ جمهوري دور ۾ صوبائي خود مختاري جي تعين لاءِ پنهنجي سيڪريٽري ۽ مسلم ليگ جي هڪڙي ڌڙي جي ليڊر ملڪ قاسم جي اڳواڻيءَ ۾ ڪميٽي ناهي. ان جي رپورٽ جيڪا اتحاد جي ليڊر شپ قبول ڪئي، ان مطابق مرڪز وٽ صرف چار کاتا رهڻا هئا. طئي اهو ڪيو ويو ته ايم آر ڊي جي جيڪا به ميمبر پارٽي اقتدار ۾ ايندي ته انهن سفارشن تي عمل ڪندي پر پوءِ جڏهن پيپلز پارٽي اقتدار ۾ آئي ۽ بينظير وزير اعظم ٿي (هڪ نه پر ٻه دفعا) ته ملڪ قاسم ڪميٽيءَ جي سفارش تي عمل ته پري جي ڳالهه ڪڏهن ان جو ذڪر به ڪونه ٿيو. ان ڪي چوندا آهن ته ”ڪم لٿو ڏکڻ وسريو“. پيپلز پارٽيءَ جي ان فطرت جي بهترين نمائندگي بينظير کان پوءِ ايندڙ چيئرمين آصف علي زرداريءَ ڪئي جڏهن هن چيو ته ”معاهدا ڪو قرآن يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حديث ناهن جو انهن تي لازمي طور عمل ڪيو وڃي.“

ايم آر ڊي جي تحريڪ هلي به گهٽي سنڌ ۾ ته ان جا سياست ۽ سماج تي اثر به سنڌ ۾ گهٽا ٿيا. سنڌ ۾ اها تحريڪ گهٽي ڇو هلي ان جي باوجود ته ذوالفقار علي ڀٽي يا ان جي پارٽيءَ پنهنجو مرڪز به پنجاب کي بڻايو سيني معاملن ۾ اهميت به پنجاب کي ڏني ۽ 70 واري اليڪشن ۾ وڏيڪ ڪاميابي به پنجاب ۾ ملي هئن؟ ان جو جواب ”سنڌيت“ جو جذبو آهي. 1973 جي آئين سان يا ان جي بحاليءَ سان سنڌي ماڻهن کي ڪا خاص دلچسپي ڪانه هئي ۽ نه ئي پاڪستان ۾ جمهوريت سان ڪي انهن جون اميدون وابسته هيون. انهن کي ڏک، تڪليف ۽ ڪاوڙ اها هئي ته هڪ سنڌي وزير اعظم کي ماريو ويو ۽ انهن اهو به ليکو چوکو ڪونه ڪيو ته سنڌي هئڻ جي حيثيت ۾ ان وزير اعظم ڪين ڇا ڏنو ڇا نه ڏنو. بس هو ان کي ”پنهنجو“ پيا سمجهن ۽ سنڌي ماڻهن جي اها فطرت آهي ته پنهنجي پرائي جو تعين فائدي نقصان جي بنياد تي نه ڪندو آهي. (اهو طريقو صحيح آهي يا نه ان بابت مختلف رايا آهن ۽ ان تي بحث ٿيڻ کپي). ان ڪري ئي مشهور آهي ته ”يارن سان کهڙا ليکا“.

اها به سنڌي ماڻهن جي خصوصيت آهي ته اُهي يا ته ميدان ۾ لهڻ کان لهرائيندا آهن پر جي لهندا آهن ته پوءِ پوئتي جي پرواه نه ڪندا آهن. ان ڪري سنڌي ماڻهن ايم آر ڊي ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو سو عالم آشڪار آ. سنڌ ۾ ايم آر ڊي جو پيو پاسو سنڌي وڏيرا هئا. اهي جهڙي طرح ”ٻاهر آيا“ ۽ ”اندر ويا“ اهو انهن جي روايتي ڪردارن کان مختلف هئو. اصل ۾ ان وقت پيپلز پارٽيءَ جو ۽ ايم آر ڊي جو عملي ليڊر سنڌ جو سڀ کان وڏو جاگيردار غلام مصطفيٰ جتوئي هئو. اهو دنيا جي ”جاگيردار“ آمريڪا مان واپسيءَ تي اهو تاثر کڻي آيو ته تحريڪ هلائڻ جي صورت ۾ آمريڪا وڏيرن کي اقتدار وٺي ڏيندو. ان ڪري اقتدار ۾ وڏيڪ حصي جي آسري تي هر وڏيرو ٻئي کان وڌيڪ ڪارڪردگي ڏيکارڻ پيو چاهي. اهو ئي سبب آهي ته جلوس ڪيڻ، روڊ بلاڪ ڪرڻ ۽ ٿاڻن تي حملن جهڙيون ”مڙسيون“ ڏيکارڻ جي نتيجي ۾ جيل وڃڻ ۽ ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ جڏهن انهن وڏيرن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ته اقتدار في الحال ڪونه پيو اچي ته هڪ ٻئي پٺيان معافيون وٺي ويا مفاهمت (Understanding) ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واپس گهر ايندا ويا. باقي جيڪي ڪارڪن هئا ( پ پ جا يا ٻين پارٽين جا) يا عام مسڪين ماڻهون انهن سالن جا سال جيل ڪاٽيا. اسان جو دوست ۽ سنڌ جو ڄاتل سڃاتل جاکوڙي قومپرست ۽ هاري اڳواڻ قاسم پٽر به جيل ۾ ويو جيتوڻيڪ ايم آر ڊي سان سندس ڪو واسطو ڪونه هئو. ٿيو ائين ته هڪ ڏينهن ڪراچيءَ ۾ محترم نور الدين سرڪيءَ جي آفيس ۾ مون ۽ قاسم سرڪي صاحب سان جنرل قسم جي ڪچهري ڪئي. اتان قاسم واپس جيئن ئي ٻٺوري پهتو ته پوليس گهر تي پهچي ويس. هي به اهڙو مولائي جو پوليس وارن سان ڪو سوال جواب نه ڪيائين ته مون کي ڪهڙي ڪاتي ۾ ۽ ڪهڙي ڪيس ۾ گرفتار ٿا ڪريو. بس هلو ته هلو. چوڻي آهي ته "نالي چڙهيو واپاري ڪٽيو ڪائي، نالي چڙهيو چور مارڪائي". سو سنڌ ۾ خاص ڪري ٺٽي ضلعي ۾ قومي حقن جون ۽ هارين جي حقن جون جيڪي به تحريڪون هليون انهن ۾ قاسم پٽر اڳرو رهيو. هيءَ به تحريڪ هلي ته ٿاڻي وارن پنهنجي لسٽ ۾ نالو ڏسي اچي قاسم جو ڪڙو ڪڙڪايو. ائين ئي راڻ ۾ اسان جو دوست ۽ ساٿي آهي، امر جوڻيجو. ان پنهنجي زندگيءَ ۾ جيئي سنڌ محاذ کان سوا ڪنهن پارٽيءَ جو سوچيو به ناهي پر جنهن به پارٽيءَ جو هڙتال يا ڪنهن ٻئي احتجاج جو سڏ ٿيندو ته امر کي هڪ ڏينهن ضرور وٺي وڃي ٿاڻي تي ويهاريندا. مزي جي ڳالهه ته ٻي تعلق جيل ۾ وڃڻ وارو قاسم پٽر سڀني کان آخر ۾ آزاد ٿيڻ وارن ۾ شامل هئو. اهڙي طرح صوفي حضور بخش به مفت ۾ جيل ڪاٽي آيو. باقي جيڪي ڪجهه جيئن ۽ جهڙي نموني ٿيو اهو تاريخ جو حصو آهي، هتي تفصيل ۾ وڃڻ اجايو آهي.

سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ اڪثر پارٽيون ايم آر ڊي ۾ شامل هيون. وطن دوست انقلابي پارٽي اتحاد جو حصو نه هئي، پر اهي به تحريڪ ۾ حصيدار هئا. سائين جي ايم سيد (۽ سندس تحريڪ) غير جانبدار رهيو جيتوڻيڪ فوج طرفان سنڌي ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم ۽ جبر جي خلاف سائينءَ آواز اٿاريو. جڏهن لاڪاڻي تي بمباريءَ جون خبرون آيون ته سائينءَ اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل سميت دنيا جي ليڊرن کي اپيل ڪئي ته سنڌي ماڻهن تي ٿيندڙ جبر بند ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. جنهن کان پوءِ ڀارتي وزير اعظم اندرا گانڌيءَ جو بيان آيو ته "پاڙي ۾ ٿيندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واقعن تي اسان خاموش تماشائي نٿا رهي سگهون.“ ايم آر ڊي جو حصو نه بڻجڻ لاءِ سائين جي ايم سيد وٽ واضح سبب هئا. پهرين اصولي ڳالهه ته ايم آر ڊي ليڊرن سائين کي دعوت ئي ڪانه ڏني. باقي ان اتحاد وارا خاص ڪري پيپلز پارٽي وارا پنهنجي سياسي ڪردار ۽ پراڻي رڪارڊ مطابق ايترا معتبر به ڪونه هئا ته انهن جي غير مشروط حمايت ڪجي جيئن سنڌ جي ڪجهه پارٽين ڪيو. بعد ۾ توڙي ڦاٽڪ ڪيس جي سلسلي ۾ ملاقات دوران مشهور وڪيل ۽ پ پ ليڊر مجيب پيرزادي مون کان پڇيو ته سائين جي ايم سيد ايم آر ڊي تحريڪ ۾ حصو ڇو نه ورتو. جواب ۾ مون سوال ڪيس ته ايم آر ڊي ليڊرن سائينءَ کي دعوت ڏني؟ ان تي خاموش ٿي ويو. پر مکيه سبب اهو هئو ته سائينءَ جو چوڻ هئو ته ”اسان رياستي نظام جي تبديلي چاهيون ٿا جڏهن ته ايم آر ڊي، خاص طور تي پيپلز پارٽي وارا چهرن جي تبديلي چاهين ٿا“. ان جي آسان وضاحت ڪندي چوندو هئو ته پ پ وارا چاهين ٿا ته نظام پلي اهوئي ساڳيو رهي باقي ڪرسيءَ تي ضياءُ الحق جي جاءِ تي اهي پاڻ ويهن. ۽ پوءِ وقت جي ايم سيد جي ڳالهه کي سئو سيڪڙو درست ثابت ڪيو. 83ع ۽ 86ع جا به رائونڊ، سوين ماڻهن جون زندگيون، هزارين ماڻهن کي جيل، ڪوڙا ۽ ڦٽڪا، گهرن ۽ ڳوٺن جي تباهي، سوين ماڻهن جون جلاوطنيون، انهيءَ سڀ ڪجهه جي صلي ۾ 1988ع ۾ ضياءُ الحق جي موت کانپوءِ ٿيندڙ چونڊن ۾ کٽڻ کان پوءِ پ پ اڳواڻ بينظير ڀٽو ڇا ڪيو؟ ڇيو ويندو آهي ته اها اليڪشن فوجي راڄ ۽ جمهوريت وچ ۾ ريفرينڊم هئي. ماڻهن کان جمهوريت جي نالي تي ووٽ وٺڻ کان پوءِ پهريون ڪم بينظير ڀٽو اهو ڪيو ته فوج جي سربراه جنرل اسلم بيگ جي گهر وڃي سلام ڪيو. اهو سياسي اصطلاح ۾ فوج جي آڏو Surrender ڪرڻ هئو جنهن کانپوءِ فوج پنهنجا شرط سخت ڪندي ويئي ۽ بينظير صاحبه اقتدار جي ڪرسيءَ تائين پهچڻ خاطر اهي سڀ شرط مڃيندي ويئي. اهڙي طرح دنيا ڏٺو ته بينظير جي اقتدار ۾ اچڻ سان رڳو چهري جي تبديلي ٿي باقي ملڪ جون سموريون پاليسيون، سياسي توڙي سماجي، خارجي توڙي داخلي، دفاعي توڙي اقتصادي ساڳيون رهيون ۽ مارشل لا حڪومت جا لاڳو ڪيل سمورا عوام دشمن، عورت دشمن، ”اقليت“ دشمن ۽ ٻيا تفريق تي ٻڌل قانون جيئن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حڪومت جون سڀ ڳالهيون اسٽيبلشمنٽ کي ٻڌائيندو هئو. چوڻ وارا اهو به چون ٿا ته حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي کانئس جنرل ضياءَ جو سروس فائيل گهرايو ته هُن ڄاڻي واڻي اهو اٽڪل ۾ دير ڪئي ۽ ان وچ ۾ ضياءُ الحق کي باخبر ڪري ڇڏيو. ٻئي طرف نوابزادو نصر الله اميدوار هئو جنهن انگريز دور کان وٺي پنهنجي سڄي زندگي حڪومت مخالف تحريڪن ۾ حصو وٺندي ۽ جيل ڪاٽيندي گذاري پاڪستان ۾ آمريتن خلاف ٿيندڙ سمورن اتحادن ۾ سندس متحرڪ ڪردار ۽ ڀرپور حصو رهيو هئو. ايم آر ڊي ته نوابزادي جي ڪوشش ۽ ڪردارن کان سواءِ ٿي ئي نه سگهي ها. ڪيترا ليڊر ته نوابزادي تي اعتبار ڪندي ايم آر ڊي ۾ شامل ٿيا هئا نه ته پيپلز پارٽيءَ جي حڪومتي دور واري ڪردار ۽ ذوالفقار ڀٽي جي مجموعي پس منظر ۾ سياسي مخالفن سان کيل ورتاءَ جي روشنيءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي سڏ کي مشڪل ئي موچاري موٽ ملي ها.

جڏهن فيصلي جي گهڙي آئي ۽ اٽڪٽ جمهوري جدوجهد جي توپي مٿي تي رکندڙ نوابزادي نصر الله ۽ اسٽيبلشمنٽ جي وفادار ۽ مجل مهري غلام اسحاق مان هڪ جو انتخاب ڪرڻو پيو ته پيپلز پارٽيءَ جي ليڊر اسحاق خان جو انتخاب ڪيو ۽ پنهنجي پارٽيءَ جي ايم اين ايز ۽ سينيٽرن جي ووٽ سان کيس با اختيار صدر منتخب ڪيو. ۽ پوءِ سندن چونڊيل صدر پنهنجا اختيار استعمال ڪري جڏهن سندن حڪومت ڊسمس ڪئي ته رڙيون شروع ٿي ويون. "سازش ڪئي ويئي"؛ "جمهوريت تي وارو ڪيو ويو". مزي جي ڳالهه ته جڏهن جنرل ضيا ساڳيا غلام اسحاق خان وارا 58 (2) B جا اختيار استعمال ڪندي محمد خان جوڻيجي جي حڪومت ڊسمس ڪئي هئي ته محترمه بينظير ان کي جمهوري جدوجهد جي ڪاميابي قرار ڏيندي پاڪستاني عوام کي ولايت مان مبارڪباد ڏني هئي. غلام اسحاق خان جي ان عمل سان رڳو بينظير ڀٽو جي حڪومت ختم ڪانه ٿي پر اسٽيبلشمنٽ جي بالادستي ۽ پارليامانئي عدم استحڪام جي هڪڙي نئين دور جي شروعات ٿي جنهن دوران چار حڪومتون ختم ڪيون ويون. انهن ۾ بينظير صاحبه جي ٻي حڪومت به شامل هئي جنهن کي صدر فاروق لغاري ڊسمس ڪيو هئو جيڪو پيپلز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پارٽيءَ جو بينظير کان به پراڻو ليڊر هئو ۽ آمريت جي جيلن ۾ لڱين واري دور ۾ سندس قريب ترين ساٿي هو. ان جي صدر چونڊجڻ وقت محترمه اهي لفظ چيا هئا ته "اڄ منهنجي سياسي زندگيءَ جو بهترين ڏينهن آهي." کيس پڪ هئي ته هاڻي سندس حڪومت کي ڪوئي ختم نه ڪندو. پر کيس اها خبر نه هئي ته اصل اهميت شخصيتن جي نه پر ادارن جي هوندي آهي ۽ کيس اها به خبر هجڻ کپي ها ته ادارا جن مقصدن لاءِ ۽ جن گروهن جي مفادن لاءِ هوندا آهن اهي انهن ئي مقصدن لاءِ ۽ انهن ئي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندا آهن.

اقتدار جي ڪرسي ملڻ کان پوءِ محترمه بيو جيڪو اهم ۽ علامتي (Symbolic) ڪم ڪيو سو جمهوريت جي بحاليءَ جو ايوارڊ ڏيڻ هئو. جڏهن محترمه اهو ايوارڊ ڏنو ته دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ دنيا جا جمهوريت پسند ماڻهو قاتل اکين سان ڏسندا رهجي ويا. اهو ايوارڊ بينظير صاحبه سندس سڏ تي "جمهوريت جي بحالي" لاءِ قربانيون ڏيندڙ جيل ڀريندڙ ڪوڙا ڦٽڪا کائيندڙ پنهنجا گهر ٻار قربان ڪندڙ سنڌي ماڻهن کي ڪونه ڏنو. لاکاٽ وارن کي ڪونه ڏنو جن مٿان هيليڪاپٽر گن شپ ذريعي گولين جو مينهن وسايو ويو. ڳوٺ پنهل چانڊيو جي جيالن کي ڪونه ڏنو پر امن احتجاج ڪندي جن جي رت سان روڊ کي وهنجاريو ويو. خيرپور ناٿن شاهه واسين کي ڪونه ڏنو جن جي لاشن سان ڪئنال جو پاڻي ڳاڙهو ٿي ويو ۽ برهماڻي ڳوٺ وارن کي ڪونه ڏنو جن جي گهرن تي جنگي دشمن وانگر چڙهائي ڪئي ويئي. پر جمهوريت جي بحاليءَ جو ايوارڊ ان فوج کي ڏنو ويو جنهن اهو سڀ ڪجهه ڪيو. ان لاءِ خوشامدڙيا اهو جواز ڏيندا آهن ته "اقتدار ۾ رهڻ لاءِ اها حڪمت عملي ضروري هئي."

ان سڄي صورتحال ۾ سامهون آيل نتيجن مان جي ايم سيد جون چيل ٻئي ڳالهيون لفظ به لفظ صحيح ثابت ٿيون: هڪ ته اصل مسئلو چهرن جي نه پر نظام جي تبديلي آهي ۽ ٻيو ته پيپلز پارٽي وارن جو مقصد رڳو اقتدار جي ڪرسي حاصل ڪرڻ آهي.

جي ايم سيد اهو سڀ ڪجهه ان ڪري سمجهي سگهيو ته هُن تاريخ کي سمجهڻ ۽ تاريخ مان سکڻ سان گڏ پنهنجي غلطين مان به سکيو. هن پنهنجي غلطين کي وڏي واڪ تسليم ڪيو. جڏهن ته پٽن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪڏهن پنهنجي غلطي تسليم نہ ڪئي. هو پاڻ بہ ۽ انهن جا ساٿي توڙي همدرد ليڪڪ بہ سدائين اهو چوندا رهيا تہ "اسان جي خلاف سازش ٿي." اهو تاريخ جو فيصلو آهي تہ جيڪو پنهنجي غلطي تسليم نہ ڪندو اهو وري وري اها غلطي ڪندو رهندو. ايتري تائين جو تاريخ ڪي تہ ڇڏيو بينظير ڀٽو پنهنجي والد جي غلطي ۽ ان جي نتيجن مان بہ سبق نہ سکيو. ذوالفقار صاحب ڇهن جنرلن کي پوئتي ڪري ضياءُ الحق کي آرمي چيف منتخب ڪيو ۽ ان ئي سندس حڪومت ختم ڪئي. بينظير صاحبہ نوابزادي نصر الله کي رد ڪري غلام اسحاق کي منتخب ڪرايو ۽ ان ئي سندس حڪومت جو خاتمو آندو. چيو وڃي ٿو تہ Death Cell ۾ ذوالفقار علي ڀٽي اهڙو اظهار ڪيو تہ هُن پاڪستان ۽ ان جي فوج لاءِ جيترو ڪجھ ڪيو اوترو سنڌ لاءِ ڪري ها تہ سندس اهڙو حال نہ ٿئي ها. ان ڪان پوءِ غلطيءَ جو ازالو ڪرڻ جو ڀٽي صاحب کي تہ موقعو نہ مليو پر سندس جانشين ڏيءُ بہ ان حوالي سان ڪجھ نہ ڪيو ۽ اها بہ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي پيٽ ۾ پاڪستان، پنجاب، فوج ۽ ملن کي راضي ڪرڻ واري رستي تي هلندي رهي. ڏاهن جو چوڻ آهي تہ "توهان ساڳئي رستي تي هلندؤ تہ ساڳي منزل تي پهچندئو." تاريخ بہ ان کي وري وري ثابت ڪندي رهي آهي، پر ڪير تاريخ مان بہ سکي نہ دراصل ڀٽن جي چوڌاري ويٺل خوشامدڙين اهڙو ماحول ۽ تاثر پيدا ڪيو آهي تہ اهي غلطي ڪري ئي نٿا سگهن.

محمد ايوب کهڙي جي وفات تي پاڪستان سرڪار سائين جي ايم سيد کي پئرول (Parole) تي آزاد ڪرڻ تي راضي ٿي. سائين لاڙڪاڻي ۾ کهڙي صاحب جي عذر خواهي ڪرڻ کانپوءِ ڀٽي صاحب جي تعزيت خاطر المرتضيٰ ۾ بيگم نصرت ڀٽو سان بہ ملاقات ڪئي. واپسيءَ تي سائين اسان کي ٻڌايو تہ "مون بيگم صاحبہ کي چيو تہ ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهي اڪيلي ضياءُ الحق ڪانہ ڏني آهي، نہ ئي اهو ڏئي سگهيو پئي. هو هن رياستي نظام ۽ ان جي ادارن جو نشانو بڻيو آهي، سو جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ آئنده ڪنهن ٻئي ڀٽي کي اهڙي صورتحال ڏسڻي نہ پوي تہ پوءِ ان رياستي ڍانچي جي تبديليءَ لاءِ جدوجهد ڪريو. ان تي بيگم صاحبہ خاموش رهي." بعد ۾ سيد علي قطب شاهہ سائينءَ کي ٻڌايو تہ جڏهن بيگم نصرت ڀٽو سنڌس چيل ڳالھ بينظير ڀٽو جي آڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رکي ته ان ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ان کي رد ڪيو. پوءِ جڏهن شاهنواز ڀٽي (جونيئر) جو فرانس ۾ موت ٿيو ته ڇيو ويو ته ان کي ضياءُ الحق مارايو آهي. وري جڏهن مرتضيٰ ڀٽي کي ڪراچيءَ ۾ قتل ڪيو ويو ته ان وقت ته بينظير جي حڪومت هئي، پر اها ڪجهه نه ڪري سگهي. ان وقت به دعوي ڪئي وئي ته مرتضيٰ کي جنرل ضياءَ جي باقيات قتل ڪرايو. هاڻي اهو فيصلو وقت ڪندو ته ڀٽي خاندان جو حقيقي خيرخواهه جي ايم سيد هئو يا اهي خوشامدڙيا جيڪي پنهنجي مفادن خاطر انهن جي ثنا خواني ڪندا رهيا ۽ اڄا تائين ڪندا ٿا رهن.

ايم آر ڊي بابت سنڌ ۾ تمام گهڻو ڳالهايو ۽ لکيو ويو آهي ۽ اڄا تائين ڳالهائبو ۽ لکبو ٿو رهجي. سياستدان، دانشور، اديب، شاعر، صحافي، ڪالم نويس ۽ ٻيا ايم آر ڊي جي مختلف پاسن کان تعريف ڪندا رهندا آهن. جلسن ۾ تقريرون ڏينديون آهن، اخبارن ۾ ڪالم لکيا آهن، ٽيليويزن تي مذاڪرا ڏيندا آهن. ڪيترا نثر ۽ نظم ۾ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. اڄا مختلف موقعن تي اخبارون خاص اشاعتون ڪڍنديون ٿيون رهن ۽ ٽيليويزن تي 50،50 قسطن جون ڊاڪيومينٽريز هلايون ٿيون وڃن. انهن سڀني ۾ سنڌي ماڻهن جي قربانين جو تفصيل سان ذڪر هوندو آهي ۽ ڀٽو خاندان جي جمهوريت پسنديءَ جا قصيدا ڳايل هوندا آهن. ڪي ڪي همراهه ته ڀٽي خاندان جي تعريف ۾ ڪربلا جي ذڪر وانگر مجلسون ۽ مرثيا پڙهندا آهن. پر انهيءَ سڀ ڪجهه ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ئي نه هوندو آهي ته بينظير اقتدار لاءِ فوج سان سوديبازي ڪئي يا غلام اسحاق خان کي صدر چونڊرايو يا جمهوريت جي بحاليءَ جو ايوارڊ فوج کي ڏنو. نه ئي اهو ٻڌايو ويندو آهي ته ايم آر ڊي تحريڪ کي ڪچلڻ ۽ سنڌي ماڻهن جو رت وهائڻ ۾ ملوث جنرل ضيا جي ڪيترن (سياسي توڙي غير سياسي) ساٿارين کي بينظير ڀٽو پنهنجو ساٿي بڻايو جيڪي اڄا تائين پيپلز پارٽيءَ جا مکيه اڳواڻ بڻيا ويٺا آهن. ۽ نه ئي وري سنڌن قلم ڪي اهو لکڻ ۽ زبان کي اهو چوڻ جي سگهه ڏيندي آهي ته سنڌن ئي جوڙيل صوبائي خود مختاري ڪميٽيءَ جي سفارشن تي ايم آر ڊي ليڊرن عمل نه ڪيو. باقي اها ڳالهه وري وري ڪندا رهندا ته جي ايم سيد ضياءُ الحق سان ملاقات ڪئي، "ٿهر ٿي ويو" جيتوڻيڪ حقيقت اها آهي ته جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪڍهن پنهنجي غلطي تسليم نہ ڪئي. هو پاڻ بہ ۽ انهن جا ساٿي توڙي همدرد ليڪڪ بہ سدائين اهو چوندا رهيا تہ "اسان جي خلاف سازش ٿي." اهو تاريخ جو فيصلو آهي تہ جيڪو پنهنجي غلطي تسليم نہ ڪندو اهو وري وري اها غلطي ڪندو رهندو. ايتري تائين جو تاريخ کي تہ ڇڏيو بينظير پٽو پنهنجي والد جي غلطي ۽ ان جي نتيجن مان بہ سبق نہ سکيو. ذوالفقار صاحب ڇهن جنرلن کي پوئتي ڪري ضياءُ الحق کي آرمي چيف منتخب ڪيو ۽ ان ئي سندس حڪومت ختم ڪئي. بينظير صاحبہ نوابزادي نصر الله کي رد ڪري غلام اسحاق کي منتخب ڪرايو ۽ ان ئي سندس حڪومت جو خاتمو آندو. چيو وڃي ٿو تہ Death Cell ۾ ذوالفقار علي ڀٽي اهڙو اظهار ڪيو تہ هُن پاڪستان ۽ ان جي فوج لاءِ جيترو ڪجهہ ڪيو اوترو سنڌ لاءِ ڪري ها تہ سندس اهڙو حال نہ ٿئي ها. ان کان پوءِ غلطيءَ جو ازالو ڪرڻ جو ڀٽي صاحب کي تہ موقعو نہ مليو پر سندس جانشين ڏيءُ بہ ان حوالي سان ڪجهہ نہ ڪيو ۽ اها بہ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي پيٽ ۾ پاڪستان، پنجاب، فوج ۽ ملن کي راضي ڪرڻ واري رستي تي هلندي رهي. ڏاهن جو چوڻ آهي تہ "توهان ساڳئي رستي تي هلندؤ تہ ساڳي منزل تي پهچندئو." تاريخ بہ ان کي وري وري ثابت ڪندي رهي آهي، پر ڪير تاريخ مان بہ سکي نہ. در اصل ڀٽن جي چوڌاري ويٺل خوشامدڙين اهڙو ماحول ۽ تاثر پيدا ڪيو آهي تہ اهي غلطي ڪري ئي نٿا سگهن.

محمد ايوب کهڙي جي وفات تي پاڪستان سرڪار سائين جي ايم سيد کي پئرول (Parole) تي آزاد ڪرڻ تي راضي ٿي. سائين لاڙڪاڻي ۾ کهڙي صاحب جي عذر خواهي ڪرڻ کانپوءِ ڀٽي صاحب جي تعزيت خاطر المرتضيٰ ۾ بيگم نصرت ڀٽو سان بہ ملاقات ڪئي. واپسيءَ تي سائين اسان کي ٻڌايو تہ " مون بيگم صاحبہ کي چيو تہ ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهي اڪيلي ضياءُ الحق ڪانہ ڏني آهي، نہ ئي اهو ڏئي سگهيو پئي. هو هن رياستي نظام ۽ ان جي ادارن جو نشانو بڻيو آهي، سو جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ آئنده ڪنهن ٻئي ڀٽي کي اهڙي صورتحال ڏسڻي نہ پوي تہ پوءِ ان رياستي ڍانچي جي تبديليءَ لاءِ جدوجهد ڪريو. ان تي بيگم صاحبہ خاموش رهي." بعد ۾ سيد علي قطب شاهہ سائينءَ کي ٻڌايو تہ جڏهن بيگم نصرت ڀٽو سندس چيل ڳالهہ بينظير ڀٽو جي آڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رکي ته ان ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ان کي رد ڪيو. پوءِ جڏهن شاهنواز ڀٽي (جونيئر) جو فرانس ۾ موت ٿيو ته چيو ويو ته ان کي ضياءُ الحق مارايو آهي. وري جڏهن مرتضيٰ ڀٽي کي ڪراچيءَ ۾ قتل ڪيو ويو ته ان وقت ته بينظير حڪومت هئي، پر اها ڪجهه نه ڪري سگهي. ان وقت به دعوي ڪئي پئي وئي ته مرتضيٰ کي جنرل ضياءَ جي باقيات قتل ڪرايو. هاڻي اهو فيصلو وقت ڪندو ته ڀٽي خاندان جو حقيقي خيرخواه جي ايم سيد هئو يا اهي خوشامدڙيا جيڪي پنهنجي مفادن خاطر انهن جي ثنا خواني ڪندا رهيا ۽ اڃا تائين ڪندا ٿا رهن.

ايم آر ڊي بابت سنڌ ۾ تمام گهڻو ڳالهايو ۽ لکيو ويو آهي ۽ اڃا تائين ڳالهائبو ۽ لکبو ٿو رهجي. سياستدان، دانشور، اديب، شاعر، صحافي، ڪالم نويس ۽ ٻيا ايم آر ڊي جي مختلف پاسن کان تعريف ڪندا رهندا آهن. جلسن ۾ تقريرون ڏينديون آهن، اخبارن ۾ ڪالم لکبا آهن، ٽيليويزن تي مذاڪرا ٿيندا آهن. ڪيترا نثر ۽ نظم ۾ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. اڃا مختلف موقعن تي اخبارون خاص اشاعتون ڪڍنديون ٿيون رهن ۽ ٽيليويزن تي 50،50 قسطن جون ڊاڪيومينٽريز هلايون ٿيون رهن. انهن سڀني ۾ سنڌي ماڻهن جي قربانين جو تفصيل سان ذڪر هوندو آهي ۽ ڀٽو خاندان جي جمهوريت پسنديءَ جا قصيدا ڳايل هوندا آهن. ڪي ڪي همراه ته ڀٽي خاندان جي تعريف ۾ ڪربلا جي ذڪر وانگر مجلسون ۽ مرثيا پڙهندا آهن. پر انهيءَ سڀ ڪجهه ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ئي نه هوندو آهي ته بينظير اقتدار لاءِ فوج سان سوديبازي ڪئي يا غلام اسحاق خان کي صدر چونڊرايو يا جمهوريت جي بحاليءَ جو ايوارڊ فوج کي ڏنو. نه ئي اهو ٻڌايو ويندو آهي ته ايم آر ڊي تحريڪ کي ڪچلڻ ۽ سنڌي ماڻهن جو رت وهائڻ ۾ ملوث جنرل ضيا جي ڪيترن (سياسي توڙي غير سياسي) ساٿارين کي بينظير ڀٽو پنهنجو ساٿي بڻايو جيڪي اڃا تائين پيپلز پارٽيءَ جا مکيه اڳواڻ بڻيا ويٺا آهن. ۽ نه ئي وري سنڌ قلم کي اهو لکڻ ۽ زبان کي اهو چوڻ جي سکت ڏيندي آهي ته سنڌ ئي جوڙيل صوبائي خود مختاري ڪميٽيءَ جي سفارشن تي ايم آر ڊي ليڊرن عمل نه ڪيو. باقي اها ڳالهه وري وري ڪندا رهندا ته جي ايم سيد ضياءُ الحق سان ملاقات ڪئي، "ڦهر ٿي ويو" جيتوڻيڪ حقيقت اها آهي ته جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ايم سيد ضياء الحق سان ملاقات ڪانہ ڪئي هئي، ضياء الحق جي ايم سيد سان ملاقات ڪئي هئي.

اهو تہ صحيح آهي تہ سنڌي ماڻهن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون، انهن جو جيترو بہ ذڪر ڪجي اهو نہ رڳو صحيح پر ضروري آهي. پر اهو بہ ٻڌائڻ ضروري آهي تہ انهن قربانين جي موٽ ۾ ان تحريڪ جي ليڊرن ماڻهن کي ڇا ڏنو؟ يا جمهوريت جي نالي تي ٺاهيل ان اتحاد جو ۽ ان جي اصولن آدرشن جو ڇا ٿيو؟ اهي ليکڪ ۽ صحافي پنهنجو خاندان کي جمهوريت جو چيمپيئن ۽ جي ايم سيد کي جمهوريت دشمن ثابت ڪرڻ سان گڏوگڏ هڪ ٻئي کي بہ وڏا وڏا لقب ڏيندا رهندا آهن. تاريخ لکندڙ جمهوريت جا شيدائي، ايندڙ نسلن تائين سچ پهچائڻ جا علمبردار ۽ سنڌ جا سچا هڏ ڏوکي وغيره. اهڙي لڏي ۾ هڪڙو وڏو نالو صحافي فقير محمد لاشاريءَ جو بہ آهي. اهو پيپلز پارٽيءَ جي هڪ ليڊر سان گڏ ڪار حادثي ۾ فوت ٿي ويو. اهو صاحب جنرل ضيا جي حڪومت ۾ سرڪاري خرچ تي نيپال جو دورو ڪري آيو ۽ موٽي اچي ڏاڍي شان شوڪت سان ان دوري بابت ڪتاب لکيائين، "سگهارو هماليہ هيٺا ماڻهو".

دلچسپ ڳالھ تہ اِهو دور اُهو هئو جڏهن سنڌ سميت پاڪستان جي صحافين جو هڪ وڏو تعداد مارشل لاءِ قانونن جي خلاف ۽ صحافت جي آزاديءَ لاءِ تحريڪ هلائڻ جي "ڏوھ" ۾ جيل ڪاٽي رهيو هئو ۽ ڪوڙا کائي رهيو هئو جڏهن تہ جي ايم سيد پنهنجي طرفان ڏنل ۽ ضيا پاران جاري رکيل نظربنديءَ ۾ هئو. پوءِ بہ لکندا تہ جي ايم سيد ضياء جو دوست ۽ فقير محمد جمهوريت جو شيدائي. واه ڙي سنڌي قلمڪار تنهنجي قلم جا جوهر.

ايم آر ڊي تحريڪ جيئي سنڌ محاذ کي بہ اڻسڌي طرح متاثر ڪيو. اسانجو ليڊر سائين جي ايم سيد اڻ ڏريو رهڻ جو اعلان ڪري چڪو هئو ان جي سببن جو بہ ذڪر ٿي چڪو آهي. محاذ ۽ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ موجود ساڄي ڌر ۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو جا چند حمايتي (جيڪي تہ هئا ئي رائيٽسٽ) انهن گڏجي باقاعدگيءَ سان ايم آر ڊي جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجھ دوستن جو خيال هئو تہ اهي ائين ڪنهن جي اشاري تي ڪري رهيا هئا پر اسان وٽ ان جا ڪي ثبوت نہ هئا. هونءَ بہ ڪافي وقت کان انهن ۽ اسان جي وچ ۾ سوچ، عمل ۽ ڪردار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي حوالي سان اختلاف هلندڙ هئا. جيڪي وقت سان گڏ وڌندڙ هئا. ايم آر ڊي جي معاملي ان ۾ تيزي آندي ڪاهي ڊر ۾ به ايم آر ڊي جي حوالي سان صورتحال بحث هيٺ هئي. ساڄي ڌر جي رويي ان بحث کي اڃا وڌايو ۽ ڪجھ دوست ايم آر ڊي جي حمايت طرف جھڪيل نظر اچڻ لڳا. ان صورتحال تي غور ويچار ۽ صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ اسان (ڪاهي ڌر) پنهنجو اجلاس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ظاهر آهي اهو اجلاس سن ۾ ڪرڻ مناسب نه هئو. ساڳئي وقت اسان وٽ ڪا اهڙي مناسب جاءِ به ڪانه هئي جتي 30_35 ماڻهو گڏ ٿي سگهن. اهڙي صورتحال ۾ اسان جي نهايت محنتي، ڪميٽيڊ ۽ پر جوش ساٿي علي نواز ٻٽ پنهنجي ڳوٺ ٻٽ سرائي ۾ اجلاس ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي. جيڪا اسان خوشيءَ سان قبول ڪئي. علي نواز وٽ به ايتري وڏي اوطاق ته هئي ڪانه پر هن جي جذبي ۽ جوش کي شاباش هجي ته هُن اجلاس لاءِ پنهنجو گهر خالي ڪرايو ۽ پنهنجي گهر ڀاتين کي مائٽن ڏانهن موڪليو.

اها اسان جي ان گڏيل "ترقي پسند" گروپ جي آخري فيصلاتي گڏجاڻي هئي جيڪا 2 ڊسمبر 1983 تي ٿي. هونءَ ڳالهه ٻولهه صلاح مشوري ۽ بحث مباحثي جو سلسلو ڪجھ مهينن کان هلندڙ هئو. ان سلسلي ۾ هڪڙو اجلاس سڪرنڊ ۾ سان دليل ديري ۾ به ٿيو هئو (دليل ديري سان لاڳاپيل هڪڙي خاص پر مختلف واقعي جو ذڪر الڳ ٿيندو) ان کان علاوه ننڍيون وڏيون ڪچهريون منهنجي عزيز آباد واري گهر تي ۽ ٻين هنڌن تي ٿينديون رهنديون هيون. ان گروپ ۾ بيچيني جو سبب ۽ علحده صلاح مشورن جو بنياد هڪ ته ساڄي ڌر وارن جو رجعت پسندانو غير سياسي، غير تنظيمي ۽ سازشي ڪردار هئو ۽ ٻيو جيئن ته اهو گروپ آريسر کي پنهنجو ليڊر سمجھندو هئو تنهن ڪري سائين جي ايم سيد طرفان ان تي ناراضگيءَ جو اظهار ۽ ان جي پيٺ ۾ ڊاڪٽر حميده کهڙو سميت ساڄي ڌر وارن کي وڏيڪ اهميت ڏيڻ هئو. پر سڀ کان وڏو نقطو ايم آر ڊي هئي.

متوقع دوستن جي وڏي اڪثريت پهچي ويئي. ڪجھ غير حاضر به رهيا. عبدالواحد آريسر به اچڻو هئو پر خبر ناهي ڪهڙن سببن ڪري نه آيو. اجلاس ۾ سياسي ۽ تنظيمي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن دوران گرما گرم بحث بہ ٿيو. اجلاس ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ ايم آر ڊي ۾ ان ڏانهن اسان جو رويو خاص ڪري ساڄي ڌر وارن جي ڪردار جي حوالي سان ۽ مجموعي طرح ساڄي ۽ کاٻي ڌر ۾ هلندڙ نظرياتي سياسي ۽ تنظيمي ڇڪتاڻ بابت گفتگو ڪئي ويئي. شريڪ دوستن ۾ مون کان علاوه علي نواز ٻٽ، هاشم کوسو، جڳديش آهوجا، فيض الله پيرزادو، شاهنواز شيخ، منل ملاح، اصغر قريشي، قائم الدين شاهہ، قربان ابڙو، خالد چانڊيو، امر جوڻيجو، آزاد قاضي، لال سنڌي، نور الدين عباسي، باغ ٻگهيو ۽ ٻيا شامل هئا.

صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف تجويزن تي غور ڪيو ويو. انهن ۾ هڪڙي اها بہ هئي تہ الڳ پارٽي ٺاهجي. ان ۾ ورڇ بہ خيال هئا. هڪڙو خيال هئو تہ سائين جي ايم سيد جي رهبري ۾ ئي ساڄي ڌر وارن کان الڳ ڏانچو هجي ٻيا وري سائينءَ کي ئي ڇڏڻ جي ڳالهہ ڪري رهيا هئا. پاڻ کي وڏيڪ سوشلسٽ چوائيندڙ ان پوئينءَ راءِ جا هئا. جيتوڻيڪ جڳديش ۽ هڪ اڌ ٻئي کي ڇڏي باقي ٻين کي سوشلزم جي الف بي جي بہ خبر ڪانہ هئي مارڪسي فڪر تہ پري جي ڳالهہ آهي. بس چند ٻڌل اصطلاح ياد ڪريو ٻيا ورجائيندا هئا. ان جو هڪڙو نموني طور مثال ڏيان ٿو. انهن مان هڪڙو همراه استاد طور انقلابي لٽريچر پڙهائيندو هئو. هڪ ڏينهن اتفاق سان مان ان ڪلاس ۾ ويس. اهو همراه ٻين کي اردو لفظ "ميلانات" جو مفهوم ماڻهن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ ٻڌائي رهيو هئو. مون چيو تہ سائين! ميلانات معنيٰ لاڙا يا رجحانات. اجلاس ۾ منهنجو دليل هئو تہ پاڻ جن انقلابي استادن ۽ سوشلسٽ پارٽين کان متاثر آهيون انهن وٽان اهو سبق ٿو ملي تہ ڀرين اندروني ويڙهہ ڪجي. پارٽي ڇڏڻ آخري آپشن (Option) هجڻ کپي جيڪو ماڻهون ڪڏهن بہ استعمال ڪري ٿو سگهي. فيض الله پيرزادي جو چوڻ هئو تہ اسان جو ليبر آريسر آهي ههڙي اهم اجلاس ۾ اهو موجود ناهي تہ حتمي فيصلي کي في الحال مهمل ڪيو وڃي.

بهر حال اڪثريتي راءِ ٻيئي تہ جيئي سنڌ تان استعفائون ڏيڻ کپن. پر ان حقيقت جو بہ هڪ ٻن ماڻهن (جهڙوڪ باغ ٻگهيي ۽ خالد چانڊيو) کان سواءِ ٻين کي احساس هئو تہ آريسر کان سواءِ ڪو بہ فيصلو اڌورو آهي. سو اجلاس تان واپسيءَ کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن انتظار ڪرڻ بعد صلاح مشوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کان پوءِ علي نواز ہٽ ۽ جڳديش آهوجا تي ٻڌل ڪميٽي عبدالواحد آريسر سان ملاقات لاءِ سندس ڳوٺ رواني ڪئي سون. انهن دوستن موٽي اچي ٻڌايو ته آريسر صاحب چوي ٿو ته سائينءَ کي ڇڏڻ کان سواءِ باقي ٻين تجويزن تي غور ڪجي. پر ان وچ ۾ "انتها پسند" دوستن استعفائون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون. تنهن ڪري مفاهمت جا امڪان ختم ٿي ويا ۽ رستا جدا ٿي ويا. هو دوست (جڳديش، فيض الله، قائم الدين شاهه، قربان ابڙو، اصغر قريشي، باغ ٻگهيو، خالد چانڊيو، ادريس چانڊيو، ادريس جتوئي ۽ ٻيا) ڇڏي ويا ۽ اسان اتي ئي رهياسين. اهڙي طرح جيئي سنڌ اندر هلندڙ ويڙهه ۾ ترقي پسند ڌر کي ڇڱو خاصو ڌڪ لڳو پر رجعت پسند ڌڙي سان جنگ جاري رهي.

ڪجهه اڳ دليل ديري جو به ذڪر ٿيو ۽ مٺل ملاح جو به. جيڪو جيئي سنڌ محاذ ترقي پسند ڪئمپ جو حصو رهيو. دليل ديرو سڪرنڊ جي پرسان هڪ ڳوٺ آهي جتي هڪڙو پراڻو ڪچو قلعو به آهي. اتان جو وڏيرو ملاح هجڻ جي ناتي مٺل جو واقف ڪار هئو. مٺل اسانجي هڪڙي غير رسمي گڏجاڻي اُتي رکرائي. وڏيري جي اوطاق جي مٿئين فلور تي ميٽنگ هلي رهي هئي ته سومهڻيءَ مهل اوچتو هيٺان کان دانهون ٻڌڻ ۾ آيون. خاموش ٿي ڪن ڏيئي ٻڌوسين ته 10_12 سالن جي ڇوڪريءَ جو آواز هئو. اسان پريشان ٿي هيٺ وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ته مٺل اهو چئي روڪيو ته "مڙيئي خير آهي، انهن جو پنهنجو مسئلو آهي". اسان چپ ڪري ته ويٺاسين پر منهنجو اڌ خيال مٿي هلندڙ ميٽنگ ۾ هئو ته اڌ هيٺ ٿيندڙ دانهن ڏانهن. ٿوري دير کان پوءِ ڪجهه ماڻهن جي موجودگي محسوس ٿي ۽ وڏيري جا مڳيءَ ۾ چيل لفظ ٻڌڻ ۾ آيا ته "ڪٺو پنهنجي ڇوريءَ کي". کهاڻيءَ جون ڪڙيون ملي ويون. مٺل ملاح جي دوست وڏيري مسڪين هارين جي نياڻي زوريءَ ڪڍي اچي ان سان زيادتي ڪئي هئي. ان گهڙيءَ کان مٺل ملاح لاءِ مون وٽ عزت صفا گهٽجي ويئي جيڪا وري ڪڏهن وڌي نه سگهي ۽ وڏيرن جاگيردارن لاءِ منهنجي دل دماغ ۾ موجود نفرت ۾ ڪاوڙ اچا وڌي ويئي. ٽيهه سالن کان مٿي گذري وڃڻ جي باوجود هاڻي به رکي رکي ان نياڻيءَ جون دانهون منهنجي ڪنن کي ڦاڙيندي روح تائين پهچنديون آهن ۽ جڏهن به دليل ديري جي پرسان لنگهندو آهيان ته رت ٽهڪندو آ".

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# اتحادن جو دور

**اسان** جو سينيئر ساٿي ۽ دوست ۽ سنڌ جو هڪ جاڪوڙي ڪردار قاسم پٽر سوچ توڻي عمل جي لحاظ کان 24 ئي ڪلاڪ سياسي ڪارڪن هوندو هئو. مسڪين حال هئڻ باوجود هو ڪڏهن مشڪل سان ئي پنهنجي ذاتي مسئلن بابت سوچيندو يا ذڪر ڪندو هئو. هر وقت ۽ هر هنڌ سياست جي ۽ سياست ۾ ڪجهه ڪرڻ جي هورا ڪورا رهندي هئس. پهرين آريسر سان ۽ پوءِ مون سان ويجهڙائي ٿيڻ کان پوءِ هو عزيز آباد اڪثر ايندو هئو خاص ڪري جڏهن آريسر به مون وٽ ترسيل هوندو هئو. لڳ ڀڳ هر دفعي هو ڪونه ڪو نئون سوال ڪندو ۽ نئون نقطو اٿاريندو هئو پوءِ انهن مان ڪي ته اسان کي اجايا لڳندا هئا پر ڪي تمام وزندار ۽ ڪارائتا هوندا هئا.

ائين ئي 1986ع ۾ هڪڙي دفعي عزيز آباد ۾ اسان ٽنهي جي ڪچهريءَ ۾ قاسم جي اٿاريل نقطن تي گفتگو دوران اها راءِ آڏو آئي ته سنڌ جي قومي آزاديءَ ۾ يقين رکندڙ پارٽين جو اتحاد ٺهڻ گهرجي. متوقع اتحادي پارٽين جي نالن تي غور ٿيو ۽ پوءِ اسان انهن جي ليڊرن سان ملڻ ۽ کين قائل ڪرڻ جون ذميواريون کنيون. خاص ڪري قاسم ۽ مون چاڪاڻ ته آريسر گهٽي بحث مباحثي کان پاسو ڪندو هئو جنهن جي اهڙن معاملن ۾ ڪافي توقع هوندي آهي. رابطن ۽ صلاح مشوري کان پوءِ جن پارٽين جو اتفاق ٿيو اهي هي هيون. جيئي سنڌ محاذ (چيئرمين عبدالواحد آريسر)، سنڌ نيشنل ڪانگريس (سربراه قاسم پٽر)، سنڌ ساگر پارٽي (صدر مولانا عزيز الله ٻوهيو)، سنڌ دوست انقلابي پارٽي (سربراه ادريس چانڊيو)، سنڌ انقلابي تحريڪ (صدر حيدر جويو). شروع ۾ جميعت علماءِ سنڌ (صدر حافظ محمد اسماعيل) به اصولي اتفاق ڪيو هئو جنهن طرفان نمائندگي ان جو سيڪريٽري حافظ صديق ڪري رهيو هئو پر پوءِ ڪجهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عملي معاملن تي اختلاف سبب اها جماعت پاسيري ٿي ويئي پر حافظ صديق صاحب اتحاد سان واڳيل رهيو ۽ ميٽنگن جي لک پڙهه جو ڪم اهو سنڀاليندو هئو. تنظيم ڪاريءَ جي لحاظ کان هي بلڪل نرالو اتحاد هئو. ماضيءَ ۾ ڊسيپلين ۽ عهدن جي معاملن ۾ اتحادن ۾ ٿيندڙ اختلافن کي نظر ۾ رکندي اهو طئي ڪيو ويو ته هن اتحاد جو ڪوبه لکيل تنظيمي ڍانچو نه هوندو. اتحاد جا معاملا افهام تفهيم ۽ اتفاق راءِ سان هلايا ويندا. بنيادي ۽ لازمي ڳالهه سنڌ جي قومي آزادي هئي. ان کان علاوه چار نعرا طئي ڪيا ويا جيڪي ئي اتحاد جي سياسي پروگرام جي عڪاسي ڪن پيا: (1) سنڌ سنڌين جي آهي (2) سنڌي ٻولي قومي ٻولي (3) سنڌ جو نعرو آزادي (4) پنجابيو سنڌ خالي ڪريو. اتحاد جي ميٽنگن ۾ هر پارٽي جا ليڊر ڪان علاوه به ٻيا نمائندگي ڪندا هئا. جيئي سنڌ محاذ طرفان چيئرمين ڪڏهن نه به شريڪ ٿيندو هئو پر مان هر ميٽنگ ۾ پارٽي طرفان موجود هوندو هئس. هڪڙي ميٽنگ جي خاتمي تي ٻي ميٽنگ جي تاريخ ۽ وقت مقرر ڪندا هئاسين. ڪاروائي هلائڻ وارو حافظ صديق اڪثر اعلان ڪندو هئو ته ظهر جي نماز يا مغرب جي نماز کان پوءِ. مان ڪڏهن ڪڏهن اڌ پوڳ اڌ سچ ۾ چوندو هئو مانس ته سائين! مان ته نماز پڙهان ئي ڪونه. ڪيئن خبر پوندي، تنهن ڪري ٽائيم مقرر ڪريو.

مٿين چئن نعرن تي ٻڌل اسٽيڪر ڇپرايا ويا جيڪي بسن ۾ ۽ مختلف اهم جاين تي لڳايا ويا. ان کان علاوه سڄي سنڌ ۾ چاڪنگ به ڪئي ويئي. ان جو اثر اهو ٿيو ته ڪجهه هنڌن تي خاص ڪري حيدرآباد ۾ "پنجابيو سنڌ خالي ڪريو" جي هيٺان ڪي ماٿهون لکي ويا ته "کيوں سندھ تمہارے باپ کی" جنهن تي وري اسان جا ساٿي لکي آيا "ها. سنڌ اسان جي پيءُ جي آهي". ان کان علاوه گڏيل جلسن جو به پروگرام ٺاهيو ويو ۽ طئي ڪيو ويو ته وڏن شهرن جي بجاءِ ننڍين شهرن يا وڏن ڳوٺن ۾ جلسا ڪيا ويندا. پهريون جلسو ڪراچيءَ جي ميمڻ ڳوٺ ۾ ڪيو ويو. ان کانپوءِ ٺٽي ضلعي جو پروگرام ميرپور بٺوري ۾ ٿيو. اهڙي طرح حيدرآباد، دادو لاڙڪاڻو جيڪب آباد ۽ خيرپور ضلعن جي مختلف ڳوٺن ۾ جلسا ڪيا ويا. ڪجهه پروگرامن ۾ جيئي سنڌ محاذ جي مخالفت ۾ ساڃي ڏر جي حصي طور ڪم ڪندڙ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارن گڙٻڙ ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪوشش ڪئي. انهن وٽ هٿيار به هوندا هئا. پر اسان هٿئين خالي انهن کي منهن ڏنو ۽ سيئي جلسا ڪاميابيءَ سان ڪياسين. خاص ڪري دادو ضلعي جي ڳوٺ ٻورڙي ۾ انهن همراهن ڪافي گند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. بهرحال ڪجھ دير تي پر اسان جو پروگرام شيڊول موجب تي ويو. جڏهن اهو سوال اٿيو ته بغير ڪنهن باقاعده ڍانچي جي اتحاد ڪيئن هلندو ته اسان جو جواب هئو (خاص ڪري قاسم پٽر جو) ته سنڌي ڪلچر جي ڪجھ مثبت شين مان هڪڙي راڄوٽي طريقي سان معاملا نبيرڻ جي روايت به آهي. بس ان ڪان پوءِ اهو "راڄوٽو اتحاد" مشهور ٿي ويو. هن اتحاد بغير ڪنهن وڏي ٺٽ ٺانگر ۽ گوڙ گهمسان جي سنڌ ۾ سياسي تحرڪ ۽ قومي سجاڳيءَ جي حوالي سان سٺو ڪم ڪيو ۽ پڻ آئنده جي اتحاد لاءِ رستو ٺاهيو.

1987 ۾ جناب رسول بخش پليجي جي اڳواڻيءَ ۾ عوامي تحريڪ جي ڪوششن سان سنڌي عوام جو قومي اتحاد (SPNA) ٺاهيو ويو جنهن ۾ سنڌ سطح جون ۽ پاڪستان ليول جون ڪافي پارٽيون شامل هيون. ان اتحاد ڪراچيءَ ۾ ڪالا باغ ڊيم خلاف هڪ وڏي ريلي پراڻي نمائش ڪان صدر تائين ڪڍي هئي. پر ٿوري ئي عرصي ڪان پوءِ ان اتحاد ۾ اختلاف اڀرڻ شروع ٿيا خاص ڪري مٺي ۾ انهن جي جلسي ۾ ڪافي ڳڙ ٻڙ ٿي. ان ڪان سواءِ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ جي قيادت واري وطن دوست انقلابي پارٽي SPNA کي ڇڏي اسان سان راڄوٽي اتحاد ۾ شموليت لاءِ رابطو ڪيو. اصولي طور انهن کي شامل ڪرڻ جو فيصلو ٿي ويو البته ڊاڪٽر وارن جو ڇوڙ هئو ته اتحاد کي باقاعده شڪل ڏني وڃي. ان ۾ ڪجھ ٻين تفصيلن تي ڳالهه ٻولهه لاءِ گڏجاڻيون هلندڙ هيون ته وسيع اتحاد جي سلسلي ۾ ڪجھ ٻيون ڪوششون شروع ٿي ويون.

جناب رسول بخش پليجي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان مخالفت جڳ مشهور آهي. ان مخالفت کي فڪري ڇنڇي، فطري ڇنڇي، شخصي ڇنڇي يا انهن سڀني جو مرڪب ڇنڇي ته به ڇئي سگهجي ٿو. مختصر مطلب اهو ته هو انهن کي نه پر پاڻ کي حقيقي ڪميونسٽ سمجهندو هئو/ آهي. پر جيئن ته ماڻهن ۾ تسليم ٿيل ڪميونسٽ پارٽي اها آهي تنهن ڪري ان تي پليجي صاحب کي گهٽي ڪاوڙ هوندي آهي، ڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪڍهن لڳندو آهي تہ شايد سائين جي ايم سيد ۽ جيئي سنڌ ڪان بہ وڌيڪ. سو هُن سنڌي عوام جي قومي اتحاد ۾ ٻين ننڍين وڏين ڪافي پارٽين کي شامل ڪيو پر ڪميونسٽ پارٽيءَ کي دعوت ئي ڪانہ ڏني.

سنڌ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مکيہ اڳواڻ ڄام ساقي هئو اهو بہ پنهنجي طور تي ڪوشش ڪري رهيو هئو. هڪ ڏينهن جڏهن جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين عبدالواحد آريسر مون وٽ عزيز آباد (ڪراچي) ۾ ترسيل هئو تہ ڄام ساقي اتي آيو ۽ تجويز رکيائين تہ ڪميونسٽ پارٽي ۽ جيئي سنڌ محاذ ڪجھ ٻين پارٽين/ تنظيمن سان گڏجي نئون اتحاد ٺاهجي. جيتوڻيڪ اسان جو راڄوڻو اتحاد اڳ ۾ موجود هئو پر اهو جيئن تہ آزادي پسند پارٽين جو اتحاد هئو تنهن ڪري يقيني طور محدود هئو. وسيع اتحاد جي خيال سان ڪو اصولي اختلاف تہ نہ هئو پر آريسر صاحب ۽ مون ڄام ساقيءَ کي ان لاءِ سائين جي ايم سيد سان رابطو ڪرڻ جو چيو. پوءِ عبدالواحد آريسر، ڄام ساقي ۽ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ سن وڃي سائينءَ جي آڏو سڄي صورتحال رکي. سائينءَ بہ اصولي طور اختلاف نہ ڪندي وڌيڪ دوستن سان صلاح مشوري لاءِ چيو. ان ڪانپوءِ جيئي سنڌ جي اندر ۽ ان کان ٻاهر ٻين پارٽين، تنظيمن ۽ فردن سان ڳالھ ٻولھ ۽ صلاح مشوري جو نهايت مصروف ۽ ڀرپور سلسلو شروع ٿيو. جيتوڻيڪ راڄوڻي اتحاد ۾ ڪجھ دوستن کي اهو بہ خدشو هئو تہ اها ڪوشش ڪٿي راڄوڻي اتحاد کي نقصان پهچائڻ لاءِ تہ نہ ٿي ڪئي وڃي پر مجموعي طور اسان ان جو حصو بڻجڻ جو فيصلو ڪيو ان راءِ سان گڏ تہ راڄوڻي اتحاد جون پارٽيون نئين عمل ۾ گڏيل صلاح مشوري سان حصيدار ٿينديون.

ڪافي ڏينهن جي رابطن ۽ صلاح مشوري ڪانپوءِ 4 اپريل 1988ع تي ابتدائي اجلاس سن ۾ سائين جي ايم سيد جي صدارت ۾ ٿيو. اجلاس ۾ راڄوڻي اتحاد جي پارٽين کان علاوه سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ اهي سڀ پارٽيون شريڪ ٿيون جيڪي "سنڌي عوام جو قومي اتحاد" ۾ شامل نہ هيون. جيڪي مکيہ ماڻهو شريڪ ٿيا تن ۾ سنڌ نيشنل فرنٽ (ان وقت اڃا سنڌي، بلوچ، پختون فرنٽ هئو) طرفان ممتاز علي خان ڀٽو نبي بخش پرڳڙي ۽ پروفيسر عمر ميمڻ، ڪميونسٽ پارٽيءَ پاران ڄام ساقي، مير ٿيٻو ۽ امر لال، سنڌ ساگر پارٽي جو مولانا عزيز الله ٻوهيو جمعيت علماءِ سنڌ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مولانا عبيد الله پٽو سنڌ نيشنل ڪانگريس جو قاسم پٽر، وطن دوست انقلابي پارٽيءَ جو ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ سنڌ دوست انقلابي تنظيم جو ادريس چانڊيو ۽ امير چانڊيو سنڌ انقلابي تحريڪ جو صدر حيدر جويو جيئي سنڌ محاذ طرفان سيد غلام شاهه مان، تاج جويو ۽ علي نواز ڀٽ. جڏهن ته عبدالواحد آريسر اجلاس ڪافي هلي وڃڻ کان پوءِ آيو.

خبر ناهي ڪهڙي خيال سان سائينءَ ڪارروائي انگريزيءَ ۾ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ظاهر آهي ته ان لاءِ پنهنجي ئي پارٽيءَ جي ڪنهن فرد کي ويهارڻو هئس. سو سائينءَ ڪاروائي هلائڻ لاءِ مون کي پنهنجي پرسان ويهاريو. سائينءَ پاران آجيان ۽ بريفنگ کان پوءِ سيني واري واري سان مجموعي سياسي صورتحال ۽ خاص طور سنڌ جي قومي حقن واري جدوجهد ۽ ان ۾ اتحاد جي اهميت ۽ ضرورت بابت پنهنجا خيال پيش ڪيا. لڳ ڀڳ سيني اتحاد جي ضرورت جي حق ۾ ڳالهايو ۽ پوءِ اتحاد ناهڻ خاطر رمضان واري عيد کانپوءِ هڪ وسيع اجلاس ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سياسي پارٽين کان علاوه سنڌ دوست ادبي ۽ سماجي تنظيمن ۽ اهم شخصيتن کي پڻ دعوت ڏيڻ جو طئي ڪيو ويو.

4 اپريل جي اجلاس جي خبر ۽ ان ۾ شريڪ ٿيندڙن جا نالا ڇپجڻ سان سنڌ ۾ هلچل مچي ويئي. سنڌ جي ماڻهن ۾ هڪ قسم جو اتساهه نظر اچڻ لڳو ۽ متوقع اتحاد جي حوالي سان پرجوش گفتگو ٿيڻ لڳي. سنڌ جي ماڻهن ۽ ميڊيا جو سن ڏانهن ڏيان وڌندو ويو. نه رڳو ڏيان پرسن ۾ سرگرميون به وڌڻ لڳيون. عوامي تحريڪ جو سربراهه ۽ سنڌي عوام جي قومي اتحاد جو ليڊر جناب رسول بخش پليجو پنجاب جي ڏگهي دوري تي ويل هئو. (ياد رهي ته جنرل ضياءَ جي دور ۾ جناب پليجو ڪافي وقت پنجاب جي جيلن ۾ رهيو ان عرصي دوران پنجاب جي مختلف حلقن جي ماڻهن سان سندس واسطا ۽ لاڳاپا پيدا ٿي چڪا هئا). هڪ ڏينهن مان سن ۾ سائين جي ايم سيد وٽ ويٺو هئس ته سڄ لٿي ڏاري پليجو صاحب اوچتو اتي اچي نڪتو. سياسي مخالفت جي باوجود پليجي صاحب جي ملڻ سان سائينءَ جي چهري تي خوشيءَ جا آثار نمايان نظر آيا. سائينءَ پاران "آئي جو آدر ڀاءُ" ڪرڻ بابت ڪجهه لکڻ ئي اجايو آهي. پليجي صاحب پنهنجي سموري ذهانت کي ڪم آڻيندي هڃائتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انداز ۾ ويهارو سال اڳ ۾ بزمِ صوفياءِ سنڌ ۾ گڏ ڪيل ڪم جو حوالو ڏيندي سائينءَ کي چيو ته "ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته توهان جي قيادت ۾ سنڌ جو اتحاد ٿئي ۽ اسان ان ۾ نه هجون."

پنهنجو اتحاد (SPNA) هئڻ جي باوجود ائين پنجاب جو دورو اڌ ۾ ڇڏي رسول بخش پليجي جي سن پهچڻ جي پويان کهڙي سوچ محرڪ هئي سو ته وثوق سان نٿو چئي سگهجي باقي اهو ٿيو ته نئين وسيع اتحاد لاءِ ٿيندڙ سرگرمين ۾ تيزي اچي ويئي. اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته پليجو صاحب جيڪو ڪم ڪندو آ ته پوري منصوبه بنديءَ ۽ منظم طريقي سان. انهن ڏينهن ۾ سندس پارٽي به سٺي منظم هئي، سو هن ٿيندڙ اتحاد تي وڌ کان وڌ اثرانداز ٿيڻ ۽ سائين جي ايم سيد کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش طور وقفي وقفي سان پنهنجي پارٽيءَ جا مختلف وفد سن موڪلڻ شروع ڪيا. ڪڏهن عوامي تحريڪ، (ان وقت عوامي نيشنل پارٽي جو حصو هئي) ڪڏهن سنڌياڻي تحريڪ، ڪڏهن مزدور تحريڪ ته ڪڏهن شاگرد تحريڪ جا وفد سائينءَ وٽ ايندا رهيا. انهن وفدن جي اڳواڻي ڪندڙن ۾ مسعود نوراني، سيد عالم شاهه، سليمان ڏاهري ۽ ٻيا شامل هئا. پر سڀني کان اهم شخصيت پليجي صاحب جي طرفان محمد ابراهيم جويو ايندو هئو.

ظاهر آهي اهڙي صورتحال ۾ اسان سميت ٻين پارٽين جي دوستن به سن اچ وڃ جو سلسلو وڌايو. پر افسوس ته اٽڪل ڏيڍ مهينو جاري رهندڙ اهم ۽ ڀرپور سياسي سرگرمي دوران اسان جي پارٽيءَ جو ليڊر عبدالواحد آريسر ورلي ئي ڪو سن آيو هوندو. اسان جڏهن به سن وڃي سائينءَ سان ملندا هئاسين ۽ اتحاد سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ته واضح طور محسوس ٿيندو هئو ته سائين ضرورت محسوس ڪري ٿو ۽ چاهي ٿو ته سندس پارٽيءَ جا ماڻهو به وٽس اچن ۽ صلاح مشوري ۾ حصيدار ٿين. سائينءَ جي حيثيت ان وقت هڪ رهبر يا سپريم ليڊر واري هئي. ساڳئي وقت هو هڪ جمهوري سوچ جو مالڪ شخص هئو. سو هو ته پارٽي وفاداري کان مٿاهون ٿي سڀني پارٽين (۽ فردن) سان هڪ جهڙو برابريءَ وارو ورتاءُ ڪري رهيو هئو پر بهرحال سائينءَ جو پنهنجو به هڪڙو نقطه نگاهه ۽ سياسي پروگرام هئو ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هڪ پارٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(جيئي سنڌ محاذ) هئي ته يقيني طور هن چاهيو پئي ته اهو پروگرام ۽ اهو نقطہ نگاه به اڳتي اچي.

صلاح مشوري واري ان عمل جي آخري ڏينهن ۾ عيد الفطر کان ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ (مئي جي وچ ڌاري) هڪ ڏينهن مان سن ويس ته جويي صاحب جي قيادت ۾ عورتن ۽ مردن تي مشتمل عوامي تحريڪ جو هڪ وڏو وفد اڳ ۾ ئي موجود هئو ۽ اجلاس جي دعوت نامي جي متن ۽ اجلاس جي تاريخ سميت لاڳاپيل معاملا سائينءَ سان ذري گهٽ طئي ڪيو ويٺا هئا. عوامي تحريڪ عيد جي ٻئي ڏينهن تي اجلاس گهرائڻ تي چاهيو. ان جي پويان مقصد اهو هئو ته انهن سمجهيو پئي ته سنڌن جماعت وڏي منظر آهي، جنهن ماڻهونءَ ڪي جڏهن جتي چئبو پهچي ويندو يا پهچايو ويندو جڏهن ته ٻين پارٽين جي حاضري عيد جي ڪري متاثر ٿيندي ۽ اهڙي طرح انهن ڪي پنهنجي ايجنڊا اڳتي وڌائڻ ۾ آساني ٿيندي مان جيئن ئي پهتس ته سائينءَ چيو ته "اهو ڪاغذ هن کي ڏيکاريو." دوستن کي ڳالهه وڻي ته ڪانہ پر بهرحال پوءِ گڏيل صلاح سان دعوت نامي ۾ ڪجھ تبديلي ٿي ۽ اجلاس جي تاريخ عيد جي ٽئين ڏينهن تي مقرر ٿي يعني 18 مئي تي عيد هئي ۽ 20 مي 1988 تي اجلاس طئي ٿيو.

طئي اهو ٿيو ته هر پارٽيءَ جا 3 عيوضي (Delegates) هوندا جڏهن ته وڌيڪ جيڪي ايندا اهي مبصر طور شريڪ ٿيندا. پليجي صاحب ۽ سندس ٽيم زور پريو ته سنڌياڻي تحريڪ، سنڌي مزدور تحريڪ ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ کي الڳ جماعت طور نمائندگي ڏني وڃي. سنڌن استدلال هئو ته اهي تنظيمون ٻين ڪن سياسي پارٽين کان تعداد ۾ وڌيڪ هيون. ان تي ٻين سيني پارٽين سخت موقف ڏنو ته "پارٽيون ننڍيون وڏيون ناهن هونديون، مرتبي ۽ نمائندگيءَ جي لحاظ کان اهي برابر ٿينديون آهن. باقي عورتن، شاگردن، مزدورن يا هارين جا ذيلي فرنٽ ته لڳ ڀڳ سيني پارٽين وٽ آهن". پوءِ اها ڳالهه اتي ئي رهجي ويئي.

اجلاس بابت صلاح مشورا ۽ تياريون هلندي اوچتو ڊاڪٽر حميده کهڙو به پنهنجي ڪجھ ساٿين سان ميدان ۾ اچي ويئي ۽ سائينءَ کان "جيئي سنڌ ورڪنگ ڪميٽي" جي بنياد تي نمائندگي گهري جيتوڻيڪ عملي طور ورڪنگ ڪميٽي ڪافي وقت اڳ ۾ غير فعال ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چڪي هئي. بهر حال سائين مردن جي ڀيٽ ۾ "زالن" (عورتن) کي ڪجهه رعايت ۽ فوقيت ڏيندو هو ته جيئن اهي اڳتي اچي سماج ۾ مرد جي برابري ڪري سگهن. سو ڊاڪٽر صاحبه جي نمائندگي به تسليم ڪئي ويئي. پوءِ ڊسڻ ۾ آيو ته رسول بخش پليجو صاحب ۽ حميده کهڙو صاحبه ٻئي ٽي ڪم ڪري رهيا هئا. ٻنهي جي مشترڪ ڳالهه "مهاجر دشمني" هئي. سائينءَ ۽ اسان ٻين سڀني جي راءِ هئي ته جيڪي اردو ڳالهائيندڙ مهاجرن کي نه پر سنڌين کي قوم ٿا تسليم ڪن انهن کي دعوت ڏني وڃي جڏهن ته هنن ٻنهي جو چوڻ هئو ته ڪنهن به "غير سنڌي" کي نه سڏيو وڃي.

نيٺ 20 مئي آئي ۽ سنڌ جو اهو اهم اجلاس سائين جي ايم سيد جي صدارت ۾ شروع ٿيو. سن جهڙي ننڍڙي شهر جي حساب سان سائين جي ايم سيد بهترين انتظام ڪيا هئا. ٽائون ڪميٽيءَ جي هال ۾ ايئر ڪنڊيشنر وغيره لڳايا ويا هئا باقي سيد جي مهمان نوازيءَ بابت ته ڪجهه لکڻ ئي اجايو آهي.

جيئي سنڌ محاذ جي وفد ۾ عبدالواحد آريسر، سيد غلام شاهه ۽ عبدالخالق جوڻيجو جڏهن ته تاج جويو ڪاروائي هلائيندڙ جي حيثيت ۾ شريڪ هئو باقي ٻيا دوست مبصر طور موجود هئا. سنڌ نيشنل فرنٽ جو وفد ممتاز علي خان ڀٽي جي قيادت ۾، سنڌ ساگر پارٽي مولانا عزير الله ٻوهيو سنڌ نيشنل ڪانگريس قاسم پٽر. جمعيت علماءِ سنڌ مولانا عبيد الله ڀٽو سنڌ دوست انقلابي تنظيم جو وفد ادريس چانڊيي ۽ سنڌ انقلابي تحريڪ جا دوست حيدر جويو جي قيادت ۾ شريڪ ٿيا. عوامي تحريڪ جي وفد جي اڳواڻي جناب رسول بخش پليجو ڪميونسٽ پارٽي جام ساقي، وطن دوست انقلابي پارٽي ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ پاڪستان نيشنل پارٽي سيد شاهه محمد شاهه ۽ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي وفد جي اڳواڻي محمد يوسف جکراڻي ڪري رهيو هئو. جيئي سنڌ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي وفد جي اڳواڻ ڊاڪٽر حميده کهڙو هئي. سنڌي ادبي سنگت جو وفد غلام حسين رنگريز ۽ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو وفد برڪت علي چوهاڻ جي قيادت ۾ شريڪ ٿيو. قومي محاذ آزادي جي وفد جي اڳواڻي معراج محمد خان ڪري رهيو هئو. انفرادي حيثيت ۾ جيڪي شخصيتون شريڪ ٿيون تن ۾ عبدالحميد خان جتوئي، سينيئر اعجاز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جتوئي، محمود هارون، الاهي بخش سومرو شاهنواز جوڻيجو مخدوم خليق الزمان، قاضي محمد بخش ڏامراه، محمد ابراهيم جويو جمال ابڙو سيد انتظار حسين زيدي عباس نقوي ۽ ٻيا شامل هئا. علامه مختار رضوي جيتوڻيڪ جيئي سنڌ محاذ سان لاڳاپيل هئو پر هن اجلاس لاءِ کيس انفرادي حيثيت ۾ بحيثيت دانشور جي دعوت ڏني وئي هئي.

اجلاس شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ جناب رسول بخش پليجي ۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو طرفان گڏيل طور تيار ڪيل "سنڌي قومي اتحاد" جو ڊرافٽ هال ۾ ورهايو ويو. اهو ڊرافٽ سائينءَ جي اجازت سان "رِٽ" طور ايوان جي بحث ۾ شامل ڪيو ويو. ان جي ڪجهه نقطن خاص ڪري نالي تي گهڻو بحث ٿيو. اهو نالو در اصل ان ارادي سان ڏنو ويو هئو ته جيئن سنڌي نه ڳالهائيندڙن کي اتحاد کان ٻاهر رکيو وڃي جڏهن ته گهڻن عيوضين جو چوڻ هئو ته ان سان اتحاد کي لساني رنگ ايندو جيڪو سنڌ جي موجود حالتن جي لحاظ کان توڙي اصولي طور درست نه هئو. ٻئي طرف "سنڌ قومي اتحاد" جو نالو تجويز ٿيو. ان مان مراد هئي ته جيڪي ماڻهو پاڻ کي سنڌي تسليم ڪن ٿا ۽ سنڌ جي قومي حقن جي حمايت ڪن ٿا انهن کي شامل ڪيو وڃي پوءِ ڀلي انهن جي مادري زبان ڪهڙي به هجي. گرما گرم بحث مباحثي کان پوءِ ووٽنگ ذريعي (هٿ کڻي) سنڌ قومي اتحاد جي حق ۾ فيصلو ٿيو.

4 اپريل واري ابتدائي اجلاس ۾ اتحاد ناهڻ لاءِ چئن نقطن کي بنياد قرار ڏنو ويو هئو.

1. ڪالا باغ ڊيم يا سنڌو نديءَ تي ٻئي ڪنهن به ڊيم جي مخالفت
2. سنڌ ۾ سمورين فوجي ڇانوڻين جو خاتمو
3. سنڌ ۾ ٻاهرين ماڻهن جي آبادڪاريءَ تي پابندي
4. سياسي قيدين جي آزادي

20 مئي جي اجلاس انهن نقطن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري زبان بڻائڻ جو اضافو ڪيو. ان کان علاوه وضاحت طور چيو ويو ته 1954ع تائين سنڌ ۾ آيل ماڻهن کي سنڌ قومي اتحاد سنڌي تسليم ڪري پيو جڏهن ته ان کان پوءِ آيل ڌاريا هئا.

اپريل واري اجلاس جي فيصلي تحت حڪمران مسلم ليگ کا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سواءِ انهن سڀني پارٽين کي دعوت ڏني ويئي جن جي ڪم جو دائرو سنڌ هئي يا جن جي قيادت سنڌي هئي. انهن منجهان پيپلز پارٽي ۽ نيشنل پيپلز پارٽي اهو چئي شرڪت کان انڪار ڪيو ته اهي "وفاق جي علامت" آهن تنهن ڪري سنڌ سطح جي اتحاد ۾ شريڪ نه ٿيندين پارٽين کي نمائندگي ڏيڻ واري اصول جي ڪري جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي جدا نمائندگي نه ملي سگهي (۽ ان جا ليڊر مصبر طور شريڪ ٿيا) جڏهن ته اهي پاڻ کي جدا ڌر سمجهندا هئا. سو پاڻ کي نمايان ڪرڻ خاطر انهن سنڌ قومي اتحاد جي قيادت کي آجياڻو ڏيڻ جو اعلان ڪيو جنهن لاءِ 27 مئي جي تاريخ مقرر ڪئي ويئي. حرفت (Tact) جي حساب سان اهو ڪامياب فيصلو هئو ڇاڪاڻ ته سنڌ جي حقن لاءِ ٺهندڙ هي شايد تاريخ جو سڀ کان وڏو ۽ وسيع اتحاد هئو جنهن لاءِ سنڌ جي ماڻهن ۾ زبردست جوش ۽ خروش پيدا ٿي چڪو هئو تنهن ڪري صاف ظاهر هئو ته ان جي نالي تي ٿيندڙ پهرئين اجتماع کي زبردست موٽ ملندي ۽ ائين ئي ٿيو.

حيدرآباد شهر ۾ لطيف آباد جي وچ تي وڏي ميدان تي ٿيندڙ جلسي ۾ تمام وڏي تعداد ۾ ماڻهو شريڪ ٿيا. شام جو رڪيل پروگرام لاءِ منجهند کان ئي سنڌ جي مختلف حصن کان ماڻهو وڏين ننڍين گاڏين ذريعي پهچڻ لڳا. جلسي جو ميدان چوڌاري کليل ۽ واريءَ سان ڀريل هئو ۽ وري ان ڏينهن هوا به تمام تيز هلي رهي هئي. ماڻهن لاءِ ويهڻ مشڪل ٿي رهيو هئو پر پوءِ به ويٺا رهيا. مختلف پارٽين جا اڳواڻ به اهڙي حالت ۾ ايندا ۽ ويهندا ويا پر حيرت ۽ افسوس جي ڳالهه ته ميزبان تنظيم جساف جو صدر مسٽر بشير قريشي سڀني ليڊرن کان آخر ۾ مقرر وقت کان 3 ڪلاڪ دير سان پهتو. ان کان اڳ منهنجو بشير قريشيءَ سان گڏ ڪم ڪرڻ جو ڪو تجربو ڪونه هئو ۽ نه ئي ڪا ذاتي ويجهڙائپ رهي هئي. ان پهرئين مثال مان ئي مون اندازو ڪيو ته هن همراه تي جاگيرداڻا قدر نه رڳو مڪمل طور ڇانيل هئا پر انهن جي حوالي سان هڪ قسم جو احساسِ ڪمتري به هئس. آئنده جي هن جي سياسي زندگي منهنجي ان اندازي کي بلڪل صحيح ثابت ڪيو.

بهرحال ڀرپور بنيادي اجلاس ۽ هن ڪامياب جلسي سان سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

قومي اتحاد پنهنجي سفر جي شروعات شاندار طريقي سان ڪئي. ٿوري عرصي ۾ هي اتحاد سنڌ جي قومي جدوجهد جي هڪ نمائنده قوت ۽ پيپلز پارٽيءَ جو متبادل ٿي اڀريو. ائين نظر اچي رهيو هئو تہ گهڻي عرصي کان محسوس ٿيندڙ کوٽ پرجي رهي هئي.

جلسي جي ٻئي ڏينهن يعني 28 مئي تي پاڪستان جي صدر جنرل ضياءُ الحق، وزير اعظم محمد خان جوڻيجي جي حڪومت کي ڊسمس ڪري ڇڏيو. ڪجھ دوستن چوڻ شروع ڪيو تہ اهو SNA (سنڌ قومي اتحاد) ٺهڻ جو رد عمل هئو. منهنجي راءِ هئي تہ هرو ڀرو ڳالھ کي وڌائي پيش نہ ڪجي. هڪ تہ ٻنهي واقعن جو ڪو سڌو تعلق هڪ ٻئي سان ڪونہ هئو نہ ئي ايس اين اي اجا ڪا ايڏي تحريڪ هلائي هئي. ٻيو اهو تہ حڪومت ۽ اسيمبلي ڊسمس ڪرڻ جو فيصلو ٻن چئن ڏينهن ۾ ڪرڻ جونہ هوندو آهي.

سنڌ قومي اتحاد جي اساسي اجلاس ۾ طئي ڪيو ويو تہ اهو اجلاس اتحاد جي جنرل ڪائونسل تصور ڪئي ويندي جيڪي بہ عيوضي ان ڏينهن شريڪ هئا اهي خود بخود جنرل ڪائونسل جا ميمبر ٿي ويا باقي آئنده ڪنهن کي ميمبر شپ ڏيڻ جو فيصلو جنرل ڪائونسل ۾ ڪيو ويندو. ان مطابق سيپٽمبر 1988 ۾ جنرل ڪائونسل جو اجلاس ڪوٺائڻ لاءِ سائينءَ جي طرفان دعوتون ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. ظاهر هئو تہ بنيادي اجلاس جي فيصلي مطابق سيني شريڪ دوستن کي دعوت ڏيڻي هئي. "سيئي" معنيٰ سيئي، ان ۾ ڪو ٻولي يا نسل جو فرق ڪونہ هئو پر جناب رسول بخش پليجي پاران ان تي اعتراض واريو ويو. سندس چوڻ هئو تہ اهو ايندڙ اجلاس تمام اهم هئو جنهن ۾ سنڌي قوم جا اهم ۽ حساس معاملا بحث هيٺ اچڻا هئا تنهن ڪري ان ۾ صرف انهن کي دعوت ڏني وڃي جيڪي پڪا سنڌي، اصل سنڌي ۽ نج سنڌي هجن. مقصد اهو هئو تہ اردو ڳالهائيندڙن کي نہ گهرايو وڃي. ٻئي طرف سائين جي ايم سيد، جيئي سنڌ محاذ، راجوڻي اتحاد واريون پارٽيون، سنڌ نيشنل فرنٽ ۽ رئيس عبدالحميد جتوئيءَ سميت مختلف شخصيتن جو موقف هئو تہ جيئن تہ اهو تمام اهم اجلاس هوندو تنهن ڪري لازمي طور ان ۾ سيئي ميمبر موجود هجن. ان کان علاوه گذريل ڪافي عرصي کان سنڌ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

موجود سنڌي- اردو جي تفريق کي متائڻ جو بہ اهو مناسب موقعو هئو. پر پليجو صاحب پنهنجي ڳالهہ تي (جيڪا طئي ٿيل اصول جي ابتڙ هئي) ضد بڌي بيٺو. ان مسئلي تي ڊاڪٽر حميده کهڙو تہ اڳ ۾ ئي ساڻس هم خيال هئي پر صورتحال ان وقت نئون رخ اختيار ڪيو جڏهن گل محمد جکراڻي ۽ بشير قريشيءَ جي قيادت ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارا پليجي صاحب جا ساٿاري ٿي بيٺا.

اهو ميٺو پوندو تہ جناب رسول بخش پليجي نهايت هوشياريءَ سان پنهنجا پتا ڪيڏندي سائين جي ايم سيد جي پنهنجي ٽيم اندر اختلاف پيدا ڪري ڇڏيو هئو. سائينءَ صورتحال جي نزاڪت کي پروڙيندي پنهنجي ساٿين ۾ صلاح مشورا شروع ڪيا. حيدر منزل تي بہ دفعا اجلاس ٿيو. ٻئي دفعا سائين ۽ اسان جيئي سنڌ محاذ وارا اڳ موجود هوندا هئاسين جڏهن تہ بشير قريشي وارا اڳ ۾ پليجي صاحب سان ميٽنگ ڪري پوءِ حيدر منزل تي ايندا هئا. اتي اجلاس ۾ اهو ئي موقف رکندا هئا جيڪو عوامي تحريڪ جو هئو. سائينءَ پنهنجي ساٿين ۾ اتفاق راءِ پيدا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر خبر ناهي تہ رسول بخش پليجي صاحب جو سحر هئو يا ڪو ٻيو معاملو همراه ٽِڪ ٻڌي بيهي رهيا تہ "غير سنڌي" نہ اچن.

سائين جي ايم سيد کي 23 سالن جي ساٿ ۾ مون ورلي ئي پريشان ٿيندي ڏٺو هن معاملي تي ان ڪري پريشان هئو تہ معراج محمد خان سميت ڪيترن دوستن کي دعوت ناما وڃي چڪا هئا. بهرحال پنهنجي تحريڪ کي نفاق کان بچائڻ خاطر سائينءَ کي ڏنل دعوتون ڪينسل ڪرڻيون پيون. نتيجي ۾ هڪ تہ سنڌ قومي اتحاد جي جنرل ڪائونسل جو "اهم" اجلاس ملتوي ٿي ويو ٻيو تہ جي ايم سيد جهڙي ماڻهوءَ کي ڪيل ڪمٽمنٽ کان پوئتي هٽڻو پيو جيڪو مان سمجهان ٿو تہ سائينءَ جي ڏکي ۽ متحرڪ زندگيءَ ۾ پهريون مثال هوندو. ان جي تڪليف شايد ان ڪري اجا وڌيڪ هجي تہ اهو سڀ ڪجهہ سنڌس ئي ڪئمپ جي ماڻهن جي ڪري ٿي رهيو هئو.

خير سائين تہ زندگيءَ ۾ الائي ڪهڙن چئلينجن کي منهن ڏيو وينو هئو ۽ الائي ڪيڏا صدما سهيو وينو هئو تنهن ڪري هي معاملو ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي لاءِ ڪو صفا اوچتو يا هرو ڀرو ايڏو وڏو مسئلو به نه هئو پر مُنهن همراهن جي ادا ڪيل رول بابت لازمي طور سوچڻو پوي ٿو ۽ سوچڻ گهرجي. اڄ نه ته سڀاڻي جو مورخ انهن بابت ضرور قلم کڻندو. اهي ماڻهون جيڪي صبح شام سيد کي پيرين پون، پاڻ کي سيد جو سچو سپاهي سڏرائين، پاڻ کي اقراري ۽ ٻين کي انڪار قرار ڏيڻ واريون فتوائون جاري ڪن. اهي وقت اچڻ تي سيد جي نظرياتي مخالفن سان وڃي ويهن ۽ انهن سان گڏجي اهڙا عمل ڪن جيڪي ان عظيم انسان لاءِ پريشاني ۽ پيشمانيءَ جو سبب بڻجن. ماڻهوءَ جي سچائي، ايمانداري ۽ وفاداريءَ جي پرک دعوا ڪرڻ سان نه پر فيصلي جي گهڙيءَ ۾ ادا ڪيل ڪردار سان ٿيندي آهي. ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته توهانجو سچو دوست اهو آهي جيڪو فيصلي جي وقت توهان سان بيهي يا جيئن سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ چيو آهي ته

دوست سڏائي سڀڪو جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي تي ڪل پوي

هيو اهم نقطو اهو به آڏو اچي ٿو وڃي ته اهي ماڻهون جيڪي معراج محمد خان، علي مختار رضوي ۽ انتظار حسين زيديءَ کي ته مهاجر چئي انهن سان جي ايم سيد جي تڏي تي گڏجي ويهڻ لاءِ تيار نه ٿيا اهي پوءِ بدنام زمانه نائين زيرو وڃي سلاميون پرڻ ۽ (فون تي) الطاف حسين جو آواز ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا هئا ۽ سنڌ کي ٻه اڌ ڪرڻ جا نعرا هڻندڙن سان گڏ ويهڻ پنهنجي لاءِ فخر جي ڳالهه سمجهندا رهيا. اهو سڀ ڪجهه اڻڄاڻائي معصوميت، بي سمجهي ۽ بي خبريءَ ۾ ٿيو يا مفادن جو ميلاپ هئو؟ ان سوال جو جواب اهي همراه پاڻ تاريخ کي ڏين ته بهتر نه ته پوءِ تاريخ پاڻ جواب ٻڌائيندي.

اتان کان ئي سنڌ قومي اتحاد ۾ اختلافن جي شروعات ٿي. اها ڳالهه سجهڻ ڏاڍي ڏکي (يا وري صفا سولي) آهي ته جناب رسول بخش پليجي کي مهاجر مسئلي بابت پنهنجي ۽ سائين جي ايم سيد سميت ٻين پارٽين جي موقف ۾ فرق جي چڱي طرح خبر هئي پر پوءِ به هو پاڻ هلي اچي اتحاد ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ وري ان ئي مسئلي کي بنياد بڻائي اختلاف ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌ قومي اتحاد کي وڏو چئلينج 30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر وارن لساني جهيڙن جي صورت ۾ آڏو آيو ۽ پنهنجي ننڍڙي عمر ۾ تنظيم ڪاري نه هئڻ باوجود ايس اين اي سٺي نموني پنهنجي ذميواري نڀائيندي صورتحال کي منهن ڏنو. هڪ طرف سياسي محاذ تي اتحاد نهايت همٿ وارو ۽ متوازن موقف اختيار ڪندي هر قسم جي نسل پرستي ۽ دهشتگرديءَ کي ننديو ته ٻئي طرف پاڙن ۽ گهٽين ۾ وچي متاثر ماڻهن سان نه صرف ملاقاتون ڪيون ۽ آٿت ڏنو پر پنهنجي وت وس آهر انهن جي مدد ٻه ڪئي. ڪيترا ڏينهن مرڪزي قيادت جنهن ۾ سينيٽر اعجاز جتوئي، عبدالواحد آريسر، شاهه محمد شاهه، مولانا عزيز الله ڀوهيو مولانا عبيد الله ڀٽو، تاج جويو ۽ ٻيا شامل هئا حيدرآباد ۾ ڪئمپ ڪري ويٺا جڏهن ته ڪراچيءَ ۾ گهڻو تڻو ڪم اسان جيئي سنڌ محاذ جي دوستن (مان، علي نواز ٻٽ، هاشم ڪوسو، عبدالمالڪ مهر، در محمد عالماڻي، انور ميمڻ، عبدالڪريم چانڊيو، علي محمد مستوئي، اسماعيل ميمڻ ۽ ٻيا) ۽ حافظ محمد صديق ميمڻ ڪيو. اين ڊي پي سان تعلق رکندڙ مرزا شهريار به ڪافي متحرڪ رهيو. جهيڙن ۾ قاتل ماڻهن جي مدد لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اسان اهڙين جڳهن ۽ گهٽين ۾ به وياسين جتي پوليس ۽ رينجرز به وڃڻ لاءِ تيار نه هئي. ان حوالي سان ڪجهه احوال ٻئي هنڌ به آيو آهي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اعجاز جتوئي ڪراچيءَ آيو ۽ پوءِ بحيثيت سينيٽر سندس قصرِناز جو ڪمرو اسان جي سرگرمين جو مرڪز بڻجي ويو. روزانو منجهند کان پوءِ اتي گڏ ٿيندا هئاسين ۽ جهيڙن کان متاثر ڪنهن نه ڪنهن علائقي ۾ ويندا هئاسين. سومهڻيءَ جو واپس اچي ٻئي ڏينهن جو پروگرام طئي ڪري پوءِ گهرن ڏانهن روانا ٿيندا هئاسين. ان مرحلي ۾ ٻين دوستن سان گڏ سيد غلام شاهه به سرگرم رهيو.

مئي 1990 ۾ هڪ دفعو وري نسلي جهيڙن جي دکندڙ باهه ڀڙڪي پئي. شروعات ته حيدرآباد کان ٿي پر ان وڏيڪ ڪراچيءَ کي ساڙيو. قاسم پورٽ ۾ ڪم ڪندڙ ۽ پاڪستان ڪوارٽرز ۾ رهندڙ سنڌي صبح جو ڊيوٽي تي وڃڻ لاءِ گارڊن وٽ بس جي انتظار ۾ بيٺا هئا. انهن جي هٿن ۾ سنڌي اخبار ڏسي دهشتگردن گوليون وسايون جنهن جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا منظور سولنگي، رستم رند ۽ قربان سولنگي قتل ٿي ويا. ان کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ سلسلو هلي پيو جنهن دوران شهر جي مختلف علائقن ۾ رستي ويندي يا ڪنهن جاءِ تي ويٺل ماڻهن تي حملا ٿيڻ لڳا. اهو سلسلو اٽڪل هڪ هفتو هليو ۽ روزانو اخبارن جي سرخين ۾ 10_15 ماڻهن جي مارجڻ جي خبر ڇپجي هئي. قتل ٿيندڙن ۾ اڪثريت سنڌي ڳالهائيندڙ جي هوندي هئي.

انهن ڏينهن ۾ به سنڌ قومي اتحاد متحرڪ رهيو خاص ڪري جيئي سنڌ محاذ ۽ پاڪستان نيشنل پارٽي جي دوستن (يوسف مستي خان، عثمان بلوچ، امين سربازي ۽ ٻيا) گڏجي لياريءَ جي اٺ چوڪ وٽ امدادي ڪئمپ به لڳائي ۽ اطلاعاتي مرڪز به قائم ڪيو. امدادي سامان گڏ ڪرڻ ۽ ورهائڻ کان علاوه جتي نسلي جهيڙن يا ڇڪتاڻ جي خبر پوندي هئي ته پنهنجي وس آهر ان کي ٽارڻ يا ٺارڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين يا انتظاميه کي ملوث ڪندا هئاسين. سڄي شهر ۾ خوف ۽ هراس وارو ماحول هئو خاص ڪري رات جو سفر ڪرڻ انتهائي خطرناڪ هئو. اهڙين ئي رات جو هلندي مونسان عنبرين اپارٽمينٽ ۾ رهندڙ ايس ڊي ايم شاهنواز خشڪ سرڪاري گاڏي ۾ قتل ٿي ويو. مان ڪي ڊي اي جي جيپ ۾ سڄو ڏينهن هلڻ کان پوءِ رات جو ڪڏهن ڏهين ڪڏهن يارهين وڳي ڪئمپ کان گهر گلشن اقبال اڪيلو ايندو هئس. خوف به ٿيندو هئو پر قومي فرض ۾ هلبو به هئو. نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ پر منهنجو ذاتي طور به دوست ۽ جيئي سنڌ محاذ جو همدرد مرزا شهريار خان پڻ ان عرصي دوران گهڻو مصروف رهيو.

جهيڙن دوران ايم ڪيو ايم جي ڳڙه اورنگيءَ جي پرسان بلوچ ڳوٺ ۾ رهندڙ ڪريم چانديي سان رابطو ڪٽجي ويو. سخت پريشانيءَ جي حالت ۾ مان، هاشم ۽ شهريار ان جي ڪار ۾ اوڏانهن وياسين. ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستي تي پوليس / رينجرز بيٺي هئي تن اسان جي مدد ڪرڻ کان ته انڪار ڪيو پر اسان کي به اندر وڃڻ کان منع ڪيائون. پر اسان ڪيئن به ڪري ڪريم جي گهر تائين پهتاسين. خبر پئي ته نڪري چڪو هئو. ٻئي دفعي مون واري ڪي ڊي اي جي جيپ ۾ اسان ساڳيا ٽيئي ڄڻا ريڙهي ڳوٺ ۽ ابراهيم حيدري وياسين. شهر جي ڪجهه حصن ۾ ڪرفيو لڳل هئو. وقفي ۾ اسان ڪورنگيءَ کان واپس ٿيڻ لڳاسين ته رستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ پيٽرول ختم ٿي ويو. ملتان ڪرفيو جو وقفو ختم ٿيڻ ۾ 15_20 منٽ باقي هئا. اهڙي صورت ۾ اسان هٿن سان جيپ کي ڪورنگي واري پل تي چاڙهيو. جهيڙن جي سڄي عرصي دوران حافظ صديق صاحب بہ تمام گهڻو ڪم ڪيو خاص ڪري قاتل ماڻهن کي ڪيڏڻ ۽ زخمين جي علاج جي سلسلي ۾. ٻئي طرف پاڻ کي نسلي جهيڙن جي حوالي سان مزاحمتي جنگ جا سرواڻ سڏرائيندڙ قادر مگسي گروپ (جيئي سنڌ تحريڪ، ترقي پسند ونگ) جا همراه شهر مان ڀڄي گهر ٿي سپر هاءِ وي پرسان معمار ڪمپليڪس ۾ ڪئمپ ۾ رهندڙ سنڌين وٽ تقريرون ڪري واپس حيدرآباد ويا ۽ وڃي اخبارن ۾ "مزاحمتي جنگ" جون خبرون لڳرايا ئون.

سيپٽمبر 1989ع ۾ سنڌ قومي اتحاد جي قيادت جي چونڊ لاءِ جنرل ڪائونسل جو اجلاس رئيس عبدالحميد جتوئيءَ جي ڳوٺ ٻيٽي جتوئي ۾ گهرايو ويو. ان کان اڳ ۾ عبدالواحد آريسر، سيد غلام شاهہ ۽ مان شاهہ سچل سامي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ دهليءَ وياسين. ڪانفرنس کان پوءِ ممبئي وياسين. اتي دادا ڪيرت، گوبند مالهي، اي جي اُتم، سندري اتم چنداڻي، نند جويري ۽ ٻين دوستن سان ملياسين، ڪچهريون ٿيون، ڏاڍو مزو پئي آيو. اجا ڪجهہ دوستن سان ملڻ ۽ ڪي فنڪشن ڏسڻ جا پروگرام رهيل هئا پر اسان سنگت صلاح ڪئي هئي تہ عبدالواحد آريسر کي سنڌ قومي اتحاد جو جنرل سيڪريٽري چونڊرائجي. سو پوءِ اسان جو اميدوار پاڻ تہ ممبئي ۾ ترسيو باقي مان ۽ غلام شاهہ دورو مختصر ڪري سنڌ واپس اچي وياسين.

ان وچ ۾ گل محمد جکراڻي، بشير قريشي، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻيا جيڪي ڪافي سالن کان اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان سياست ڪري رهيا هئا، انهن پنهنجي الڳ نئين پارٽي جيئي سنڌ تحريڪ جي نالي سان قائم ڪئي. اهڙي طرح اهي ايس اين اي ۾ نمائندگي جا اهل ٿي ويا. مون ۽ غلام شاهہ جمهوري دائري ۾ آريسر جي حق ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي پر اميدوار موجود هجڻ نہ هجڻ سان وڏو فرق ٿو پوي. اهڙي طرح عبدالحميد خان جتوئي صدر ۽ گل محمد جکراڻي جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا. ان کان پوءِ قاسم آباد، حيدرآباد ۾ اتحاد جو زبردست ڪامياب جلسو ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جنرل ڪائونسل جي اجلاس ۾ سنڌ دوست انقلابي پارٽيءَ جي دوستن خاص ڪري ادريس چانڊيي "ساڃي ۽ ڪاهي ڏر" جي روايتي لفاظي ڪئي ۽ ايم آر ڊي تحريڪ جي حوالي سان سائين جي ايم سيد بابت نامناسب لفظ ڳالهايا جنهن تي اسان سيني اعتراض واريو نتيجي ۾ همراه واڪ آئوٽ ڪري ويا.

جنرل ڪائونسل اجلاس ۾ سنڌ نيشنل الائنس جو آئين ٺاهڻ جو به فيصلو ڪيو ويو. آئين پاس ڪرڻ لاءِ فيبروري 1990 ۾ حيدرآباد ۾ اجلاس ٿيو. آئين پاس ٿيڻ کان پوءِ ان جي مطابق نئين سر عهديدارن جي چونڊ ڪئي ويئي. جنهن مطابق عبدالحميد خان جتوئي صدر شاهه محمد شاهه سينيئر نائب صدر مولانا عزيزالله ٻوهيو نائب صدر عبدالواحد آريسر جنرل سيڪريٽري مرزا شهريار خان ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مولانا عبيدالله ڀٽو جوائنٽ سيڪريٽري قاسم پٿر خزانچي ۽ حافظ صديق ميمڻ اطلاعات سيڪريٽري ٿيا.

ان وقت سنڌ قومي اتحاد پنهنجي زندگيءَ جي اهم موڙ تي بيٺو هئو. هڪ طرف سنڌي ماڻهن جي ان کي ملير موٽ ۽ ان سان وابسته اميدون هيون ته ٻئي طرف اتحاد جا تنظيمي مسئلا جن موجب عوامي تحريڪ اتحاد ڇڏي چڪي هئي، سنڌ نيشنل فرنٽ گهٽ متحرڪ رول ادا نه پيو ڪري ۽ جيئي سنڌ اندر محاذ ۽ تحريڪ جي ڇڪتاڻ. ان مرحلي تي اتحاد کي متحد، متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ لاءِ جنرل سيڪريٽريءَ جو رول نهايت اهم هئو. عبدالواحد آريسر کي سواءِ جيئي سنڌ تحريڪ جي سڄي سنڌ قومي اتحاد جي حمايت ۽ اعتماد حاصل هئو. خاص ڪري اسان جيڪي ڪارڪنن جون جماعتون هئاسين (راڄوٽي اتحاد وارا) انهن جون منجهس وڏيون اميدون هيون. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي ليڊر اهو گهربل متحرڪ ڪردار ادا نه ڪيو. نتيجي طور بغير ڪنهن وڏي واقعي يا وڏي نفاق جي آهستي آهستي سنڌ قومي اتحاد پنهنجي اهميت ۽ افاديت وڃائيندو ويو. ۽ آخري ريت غلام شاهه ۽ منهنجو هندستان جو دورو واڻ ۾ ڇڏڻ کانپوءِ آريسر کي جنرل سيڪريٽري چونڊرائڻ لاءِ ڪيل ڪوششون به اجايون ويون.

مجموعي طور سنڌ قومي اتحاد پنهنجي ننڍي زندگيءَ ۾ وڏا اثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڙيا. سنڌي ماڻهن ۾ ان کي مناسب موٽ ڏني، سياسي، جذباتي ۽ مالي لحاظ کان. اها پروپئگنڊا تہ غلط آهي تہ اصلي دولت جا انبار ايس اين اي وٽ گڏ ٿيا هئا. بس پنهنجي حال سارو مسڪين ماڻهن چڱو چندو ڏنو. اهو چندو مختلف ماڻهن وٽ گڏ ٿيو ۽ ڪجهہ خرچ بہ ٿيو. اهو ضرور آهي تہ ان جو باقاعدي حساب ڪتاب ڪونہ رکيو ويو سواءِ ان فنڊ جي جيڪو حيدر منزل تي ڊاڪٽر ضياءَ شاهہ وٽ گڏ ٿيو. ٿورو خرچ پکو ٿيڻ کان پوءِ چار لک ۽ ڪجهہ هزار بچت هئا جن مان گلشن اقبال جي ليمو گبول ڳوٺ ۾ 80 گز تي ٺهيل جڳهہ آفيس لاءِ خريد ڪئي ويئي جنهن جو سنڌ قومي اتحاد جي نسبت سان سنڌ هائوس نالو رکيو ويو. جڳهہ جا ڪاغذ سيد غلام شاهہ جي نالي تي ٺهرايا ويا.

سنڌ هائوس سنڌ قومي اتحاد جي ملڪيت هئو/ آهي ۽ هجڻ کپي. هڪ تہ سيد غلام شاهہ جيئي سنڌ محاذ جو وائيس چيئرمين هئو ۽ ٻيو سنڌ قومي اتحاد جي تنظيم ڪاريءَ مطابق ڪراچي لاءِ پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جو عثمان بلوچ صدر ۽ جيئي سنڌ محاذ جو هاشم کوسو سيڪريٽري هئا. ٻنهي لحاظن کان سنڌ هائوس جو محاذ سان ويجهو تعلق رهيو. سيڪريٽري طور هاشم کوسو رهندو ئي سنڌ هائوس ۾ هئو. جيئي سنڌ تحريڪ جي ستار موريي ۽ ٻين جي شڪايت تي معاملو سائين جي ايم سيد آڏو پيش ٿيو تہ ان بہ هاشم جي رهڻ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. اڳتي هلي جيئي سنڌ محاذ ۾ ڦوٽ پئي تہ سنڌ هائوس بہ ان جي اثر ۾ آيو تڏهن هڪ ڌڙي جي اڳواڻ سيد زين شاهہ (جنهن جو ايس اين اي، ان جي فنڊ توڙي سنڌ هائوس جي سنڀال سان ڪو واسطو نہ رهيو هئو) ٺڳي ۽ ڏاڍ مڙسي ٻنهي جي گڏيل استعمال سان ان تي قبضو ڪيو. سيد غلام شاهہ بہ ان وقت ان ئي گروپ ۾ هئو.

هاڻي سنڌ هائوس نہ رڳو سنڌ قومي اتحاد جي ملڪيت آهي پر سنڌي قوم جي گڏيل جذبن ۽ احساسن جو ورثو ۽ قربانين جي علامت آهي. ان لاءِ قانوني، سياسي ۽ اخلاقي طور سيد زين شاهہ ۽ سيد غلام شاهہ ذميوار آهن. هاڻي اهو انهن تي آهي تہ پنهنجي اها ذميواري نڀائيندي سنڌي قوم کي اعتماد ۾ وٺن ٿا يا فيصلو تاريخ تي ڇڏين ٿا.

ايس اين ئي ٺهڻ کان وٺي فنڊ ڪٺو ڪرڻ، سنڌ هائوس خريد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪرڻ. ان جي ايس اين اي آفيس طور ۽ جيئي سنڌ محاذ جي آفيس طور سنڀال جي حوالي سان هڪ ڊگهي عرصي تائين سنڌ هائوس سان واڳيل رهڻ جي حيثيت ۾ اسان به پاڻ کي سنڌي قوم ڏانهن ۽ تاريخ ڏانهن ذميوار سمجهون ٿا. اهائي ذميواري محسوس ڪندي جڏهن سنڌ هائوس تي ٻڌو ٿيو ته سموري صورتحال واضح ڪرڻ خاطر اسان جيئي سنڌ محاذ پاران هڪ خط لکيو جيڪو پارٽيءَ جي وائيس چيئرمين (هاشم کوسو) ۽ جنرل سيڪريٽري (خان محمد پيي) جي اڳواڻي ۾ هڪ اعليٰ سطحي وفد ڪٺي سنڌ جي شعور ۽ سنڌ جي ضمير جي نمائندگي ڪندڙ سياستدانن، چڱن مڙسن، اديبن، دانشورن ۽ صحافين تائين پهچايو. انهن ماڻهن مان ڪجهه مکيه نالا تاريخ جي ريڪارڊ لاءِ هتي پيش ڪجن ٿا. جناب ممتاز علي ڀٽو جناب عبدالحميد جتوئي، جناب شاهنواز جوڻيجو سيد امداد محمد شاهه جناب محمد ابراهيم جويو جناب سوڀو گيانچنداڻي، سيد شاهه محمد شاهه جناب امداد اوڊو (عوامي آواز)، جناب جامي چانڊيو (عبرت).

ان ڏس ۾ آخري پر اهم ڳالهه ته اهو خط جناب خان محمد پيي جيئي سنڌ محاذ جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ لکيو هئو. هينئر خان محمد صاحب انهن ماڻهن سان گڏ آهي، جن بابت چيو ويجي ٿو ته سنڌ هائوس انهن جي قبضي ۾ آهي. ان ڪري سندس گواهي تاريخي رڪارڊ جي لحاظ کان اهم هوندي اهو مٿس آهي ته هو تاريخ سان نياءُ ڪي ترجيح ٿو ڏئي يا دوستن سان.

سياسي جلسن، سيمينارن ۽ ڪانفرنسن کان علاوه سنڌ قومي اتحاد احتجاج به ڪيا. اهڙوئي هڪڙو احتجاج سنڌ ۾ ڌاري آباد ڪاريءَ جي خلاف ڪراچيءَ ۾ ڪرڻ جو طئي ڪيو ويو. احتجاج کي منظم ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي ناهي ويئي ان جو صدر اعجاز جتوئي ۽ سيڪريٽري علي نواز ٻٽ مقرر ٿيا. عملي طور علي نواز سان گڏ اسان جي سڄي ٽيم هئي جنهن ۾ مان، هاشم کوسو در محمد عالماڻي، عبدالمالڪ مهر، انور ميمڻ ۽ ٻيا دوست شامل هئاسين. گرائونڊ ورڪ سڄو ان ٽيم ڪيو. طئي ٿيو ته احتجاجي ريلي ڪراچي پريس ڪلب کان شروع ٿي اسيمبلي بلڊنگ تائين ويندي

يارهين وڳي جي مقرر ٽائيم تي ماڻهون پريس ڪلب جي ٻاهران



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گڏ ٿيڻ شروع ٿيا. ڪجهه دوست ھين ضلعن کان بہ آيا پر اڪثريت ڪراچيءَ جي هئي. انتظام علي نوازءِ ان جي ٽيم سنڀاليو هئا. ايس اين اي قيادت لاءِ ٽرڪ تيار هئي جنهن تي لائوڊ اسپيڪر لڳل هئا. سرڪار طرفان لٺ بازي ۽ ڳوڙها گئس جي استعمال جي امڪاني صورت لاءِ پڻ پاڻي ۽ ڪپڙن جو بندوبست ڪيل هئو.

ماڻهون گڏ ٿي رهيا هئا تہ عرفان مهدي ۽ صفدر ابڙي جي اڳواڻيءَ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ميمبرن جو هڪ گروپ ٽرڪ جي ويجهو آيو ۽ اهي چوڻ لڳا تہ "اسان جا ليڊر بہ ٽرڪ تي چڙهندا." اسان چيو تہ ٽرڪ صرف قومي اتحاد جي قيادت لاءِ آهي. ان تي ڌمڪي ڏيندي چيائون تہ "جيڪڏهن اسان جي ليڊرن کي چڙهڻ نہ ڏنو ويو تہ اسان ٽرڪ کي اونڌو ڪري ڇڏينداسين". اسان اهو جواب ڏنو تہ جيڪڏهن توهان پوليس وارو ڪردار ادا ڪندي ريلي ڦٽايو ٿا تہ ڀلي ڦٽايو باقي ٽرڪ تي مقرر اڳواڻ کان سواءِ ڪوئي نہ چڙهندو." ٻئي طرف ٽرڪ جي چوڌاري بيٺل ڪارڪنن کي اسان وڏيڪ الرٽ ڪري ڇڏيو. جساف جا دوست پريس ڪلب جي سامهون ملٽري اڪائونٽس جي آفيس جي پٺ سان ڪجهه دير بيهڻ کان پوءِ ٽڙي پکڙجي ويا.

لڳ ڀڳ پنج هزار ماڻهون گڏ ٿيا تہ اسان اسيمبلي طرف هلڻ شروع ڪيو. ٽرڪ تي سينيٽر اعجاز جتوئي، عبدالواحد آريسر ۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو چڙهيل هئا. وڏي تعداد ۾ پوليس وارا روڊ تي پٺ ٻڌجي بيهي رهيا. اسان پوءِ بہ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڊوڙيا ٿي ويا. هوائي فائرنگ ۽ ڳوڙها آٽيندڙ گئس جا گولا تہ ايترا هلايا ويا جو سڄو صدر انهن جي اثر ۾ اچي ويو. هڪڙن ماڻهن هيڏي هوڏي ڀڄڻ شروع ڪيو ھين پرسان وارين بلڊنگن تي پٿر هڻڻ شروع ڪيا. ڪن تہ ڪنارن تي پيل ٻوٽن جون ڪونڊيون ڪٽي پٽين ۽ شيشن تي هڻڻ شروع ڪيون جڏهن تہ مان، علي نواز ۽ ڪجهه ٻيا دوست انهن کي جهليندا رهياسين. رڙيون بہ ڪندا رهياسين ۽ جسماني طور بہ ٻانهن کان جهلي روڪيندا رهياسين. هڪڙي کي جهليو تہ ٻيو ڀيو هٽي. انهن مان ڪيترا جذبي تحت ائين پيا ڪن، ڪيترا روئنشي خاطر ۽ ڪيترا ڪنهن جي اشاري تي اهو چوڻ ڏکيو آهي. اٽڪل اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پريس ڪلب وارن گيٽ کوليو تہ ٽرڪ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٽڪل 4 کان 5 سئو ڄڻا اندر وياسين جتي ڪلب جي پوئين ميدان تي ليڊرن مختصر خطاب ڪيو. بعد ۾ معلوم ٿيو ته اسانجي ڪيترن دوستن کي گرفتار ڪيو ويو هئو جن جون ضمانتون ڪرايون سين. انهن ۾ جيئي سنڌ محاذ سان لاڳاپيل دوست روشن ڪلهوڙو سراج ڪلهوڙو محمد خان ٻرڙو ۽ ٻيا شامل هئا.

جنهن وقت اسان ڳوڙها گئس ڪائيندي احتجاج ڪري رهيا هئا سين ته ٻئي طرف جساف جا اهي همراهه جن کي اسان ٽرڪ تي چڙهڻ نه ڏنو انهن واپس ويندي گاڏين کي نقصان پهچايو ۽ دڪانن جي ڀڃ ڊاهه ڪئي. پوليس جي بي انتها شيلنگ ۽ هنن جي ڀڃ ڊاهه جي ردعمل ۾ صدر جا دڪاندار فرسٽيشن ۾ اچي ويا ۽ لٺيون، شيخون، پٿر، ڪاٺ ۽ ٻيون شيون کڻي روڊن تي نڪري آيا. ڀڃ ڊاهه ڪرڻ وارا همراهه ته ڀڄي ويا. احتجاج ڪان موٽندڙ اسان جا دوست جهيڙي جي زد ۾ اچي ويا. هڪڙن دوستن تي عبدالله هارون روڊ تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ جيئي سنڌ محاذ جو ساٿي اياز هڪڙو سندس هڪ سئوٽ ۽ ڪجهه ٻيا دوست زخمي ٿيا. اياز هڪڙي کي مٿي ۾ ۽ چپن تي ٽاڪا لڳائڻا پيا. ٻين دوستن تي وري ريگل بس اسٽاپ وٽ حملو ڪيو ويو. اتي هڪڙي پٺي ذات جي نوجوان تي ڪمند جي جوس واري ڪمند وڍڻ واري ڪاٺ سان پٺيان وار ڪيو. ڌڪ ايترو زوراٺو هئو جو سڄي ڪل چيرجي ويئي ۽ همراهه جو پٺيءَ جو هڏو نظر پئي آيو. شڪر جو ڪرنگهي جو بچاءُ ٿي ويس. روڊ تي ڪريل ان دوست کي محاذ جي سينئر ساٿي ڪريم چانڊيي سوزوڪي پڪ اپ ۾ کڻي اسپتال پهچايو جيڪو هفتي تائين اسپتال ۾ داخل رهيو.

سنڌ قومي اتحاد ڏانهن سنڌ جي صحافين، ليکڪن ۽ دانشورن جو رويو گڏيل سڏيل رهيو آهي. ڪافي حد تائين، خاص ڪري شروع جي ڏينهن ۾ انهن اتحاد جي آواز کي اڳتي وڌائڻ ۾ مثبت ڪردار ادا ڪيو. پر جڏهن معاملو پيپلز پارٽيءَ سان مقابلي جو آيو تڏهن انهن مان گهڻا غير جانبدار نه رهيا. هڪڙي وڏي تنقيد اهي صحافي ۽ ليکڪ اها ڪندا آهن ته جنرل ضياءَ جي وزير محمود هارون ۽ الاهي بخش سومري کي پهرئين اجلاس ۾ سڏايو ويو. پر پوءِ جڏهن بينظير ڀٽو اقتدار ۾ اچڻ تي ساڳئي محمود هارون کي سنڌ جو گورنر رکيو غلام اسحاق کي صدر چونڊرايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاحبزاده يعقوب علي کي وزير خارجہ مقرر ڪيو ظفر الله جماليءَ جي حڪومت کي بچائڻ لاءِ بلوچستان اسيمبليءَ کي معطل ڪيو وي اي جعفري کي اقتصادي صلاحڪار بڻايو ۽ بين الاقوامي ضياءَ جي ساٿارين کي پارٽيءَ ۾ حڪومت ۾ شامل ڪيو تہ اسان جا اهي قلم ڏٺي يا تہ خاموش رهيا يا وري اهو چيائون تہ "ڇا ڪري ويچاري مجبور هئي". ڪيرانهن کان پڇي تہ مجبوري ڇا جي هئس. اقتدار جي نہ؟ ان جو مطلب تہ اقتدار جي ڪرسيءَ لاءِ سڀ ڪجھ جائز آهي، پر جڏهن سوال سنڌ جي حقن جو اچي تہ پوءِ سڀ اصول ۽ آدرش ياد اچيو وڃن.

❋❋❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مهاجر مسئلو

**مهاجر** هڪ خاص ذهنيت ٺئي ٿي جنهن جون ڪجهه خاصيتون عالمگير ٿين ٿيون. جتان جو مهاجر جتي به ويندو ان ۾ اهي هونديون/ پيدا ٿينديون. اهو تفريق پسند هوندو انتها پسند هوندو ممڪن حد تائين پنهنجي ڌار سڃاڻپ برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ اختيار ڪيل ملڪ ۽ ڌرتيءَ جا سمورا فائدا (مادي ذهني يا قانوني) ماڻيندو پر ان سان غير مشروط وفاداري مشڪل ٿي ڪندو.

سنڌ ۾ 1947ع کان پوءِ جيڪي مهاجر آيا انهن ۾ انهن سان گڏ اجا وڌيڪ به خاصيتون هيون. انهن مان ڪيترا اهڙا هئا جن جي اها ٻي يا ٽين هجرت هئي. انهن مان گهڻا وچ ايشيا يا اولهه ايشيا کان ايندڙ حملي آورن سان گڏ (سپاهي طور يا ملازم طور) هندستان آيا هئا. ٻيو اهو ته جيئن ته اهي پاڻ کي ٻاهرين حملي آورن جو اولاد پيا سمجهن ۽ "فاتحن" وانگر پاڻ کي مقامي ماڻهن کان "معتبر" پيا سمجهن. تنهن ڪري پهرين ته انهن پاڻ کي "اسلام جو علمبردار" ۽ "ملڪ جو حاڪم" سمجهڻ ۽ اهڙي طرح پيش اچڻ شروع ڪيو. پر پوءِ جڏهن زميني حقيقتن کين ڏيکاريو ته هن ملڪ جا حقيقي حڪمران ۽ هندستان جي آخري فاتح انگريزن جا جانشين پنجابي آهن ته هنن انهن جو ساٿاري يا جونيئر پارٽنر بڻجڻ پسند ڪيو پر جنهن ڌرتيءَ تي اهي رهيا اچي، ان جي رهواسين سان پاڻ کي نه ڳنڍيائون (ان جو مطلب اهو ناهي ته هندستان کان آيل سڀ ماڻهو اهڙا هئا پر ڳالهه هميشه اڪثريت جي ٿيندي آهي.) نتيجي طور ٽڪراءَ جو هڪڙو سلسلو شروع ٿيو.

ان وقت کان وٺي اڄ تائين اهو ٽڪراءُ هلندو اچي پوءِ ڪٽي وقت سان ان جون شڪليون تبديل ٿينديون رهيون آهن ۽ پارٽيون ۽ پليٽ فارم ۽ انهن جا نعرا مختلف رهيا آهن. شروع ۾ سنڌين جي (خاص ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شهرن ۾) ملڪيتن، زمينن، ڪاروبارن ۽ تعليمي ادارن تي قبضي ڪرڻ لاءِ انهن مسلم ليگ جو پليٽ فارم استعمال ڪيو. ليگ ناڪاره ٿيڻ لڳي ته انهن جماعت اسلامي جو پاسو ورتو. هونءَ جماعت وارا دعوا ڪندا آهن ته سڄي دنيا جا مسلمان ڀائر آهن ۽ ٻولي ۽ ڌرتي جي بنياد تي فرق "حرام" آ پر هتي اهي مهاجرن جا ۽ اردوءَ جا طرفدار بڻجي ويا. 1972 وارن ٻولي هنگامن دوران، خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ اڳواٽيءَ وارو ڪردار جماعت اسلاميءَ ادا ڪيو.

1960ع واري ڏهاڪي دوران سنڌين جي ون يونٽ مخالف تحريڪ وقت ڪجھ فردن کي ڇڏي مهاجرن جي وڏي اڪثريت ان تحريڪ جي مخالف ۽ مرڪزي حڪومت جي حامي هئي. ون يونٽ مخالف تحريڪ جو مرڪز حيدرآباد هئو. اتي ان ڏهاڪي جي پوين سالن ۾ مهاجريت جو جهنڊو ڪنڌڙ مکيه ماڻهو نواب مظفر هئو. مهاجر ڪان وڏيڪ جيڪڏهن سنڌي مخالف چئجي ته صحيح ٿيندو ڇاڪاڻ ته هن جيڪا تنظيم ٺاهي ان جو نالو ڪراچي سنڌ، مهاجر، پنجابي پٺاڻ متحده محاذ رکيو ويو. ان تنظيم جو ٻيو مک اڳواڻ حافظ مبارڪ هئو جڏهن ته نوجوانن ۾ عثمان ڪينيڊي ۽ ممتاز جنيدي لساني سياست جا اهم نالا هئا. 1969_70 دوران سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ عروج تي هئي. سنڌ ٻوليءَ جي حق ۾ (ووٽر لسٽون ۽ سائن بورڊ سنڌيءَ ۾، سنڌي ٻولي قومي ٻولي) سنڌين جي جدوجهد کي مهاجر پنهنجي خلاف سمجهندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس حيدرآباد ۾ قائم سنڌ الاجي جي آفيس کي باھ ڏني ويئي.

ان پس منظر ۾ 1971 ۾ مان سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري آيس ته مهاجر سنڌي مسئلي جا پاڇا ماحول ۾ صاف نظر اچي رهيا هئا. جيتوڻيڪ 1970 جي چونڊن کان پوءِ بنگله ديش جي آزاديءَ واري جدوجهد جي اثر هيٺ قومي سوچ ۽ قومپرست سياست جو مکيه هدف رياستي نظام هئو پر مهاجر سنڌي ڇڪتاڻ به پنهنجا اثر ڏيکاري رهي هئي. ون يونٽ مخالف تحريڪ جو هڪڙو اهم نقطو سنڌي ٻولي هئي. تنهن ڪري ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ بحال ٿيل ۽ نئين چونڊيل سنڌ اسيمبليءَ جيڪي پهريان ڪم ڪيا انهن ۾ سنڌيءَ کي سنڌ جي سرڪاري زبان بڻائڻ جو بل پاس ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بہ شامل هئو. ان عمل کي بہ مهاجرن جي خلاف ۽ اردو دشمني طور ورتو ويو. ان جي نتيجي ۾ تيل وگوڙن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. بس صورتحال جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اسيمبليءَ ۾ موجود مختلف ۽ مخالف پارٽين جهڙوڪ جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ پاڪستان، مهاجر، پنجابي، پٺاڻ محاذ ۽ (حڪمران) پيپلز پارٽيءَ سان واسطو رکندڙ اردو ڳالهائيندڙ ميمبرن بل جي خلاف ووٽ ڏنو ۽ احتجاج ڪيو ويو.

عمل ۽ ردِ عمل جي سلسلي ڪشيدگيءَ کي وڌايو. 1970 جو ڏهاڪو گهٽي ياڳي ڇڪتاڻ جي چانو ۾ گذريو. حڪمران پيپلز پارٽيءَ جي حيدرآباد سان واسطو رکندڙ مهاجر وزير بديع الحسن زيدي کي سپر هاءِ وي تان اغوا ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ آندو ويو. 1977 جي چونڊن کان پوءِ هلندڙ پاڪستان قومي اتحاد (PNA) جي تحريڪ جي مرڪز ٽن شهرن (ڪراچي، لاهور، حيدرآباد) مان بہ سنڌ جا هئا ۽ ان جي پويان هڪڙو سبب اهو بہ هئو تہ انهن شهرن ۾ رهندڙ مهاجرن جي اڪثريت ذوالفقار علي ڀٽي کي سنڌي سمجهندي ان جي مخالف هئي. ان کان اڳ ۾ مرزا جواد بيگ نالي هڪ شخص ڪراچي صوبہ محاذ جي نالي تي تنظيم ٺاهي چڪو هئو جيڪا وقفي وقفي سان زنده ٿيندي رهندي آهي.

1978 ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ جماعت اسلامي جي شاگرد ونگ اسلامي جمعيت طلبہ کان ڌار ٿيندڙ مهاجر شاگردن آل پاڪستان مهاجرن اسٽوڊنٽس آرگنائزيشن ٺاهي. ان سان سنڌ ۾ مهاجر سياست جو هڪڙو نئون مرحلو شروع ٿيو. بهر حال تيستائين ان ايتري اهميت ڪانہ ورتي جيستائين APMSO جي باني تعليم پوري ڪري عملي زندگيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ 1984 ۾ مهاجر قومي موومينٽ (MQM) ٺاهي. اهو سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد ڪرڻ وارن لاءِ هڪ مشڪل مرحلو هئو. ڇاڪاڻ تہ ايم ڪيو ايم جي وجود ۾ مثبت ۽ منفي ٻئي پاسا موجود هئا هڪ طرف اهي مرڪز جي بالادستيءَ کي چئلينج ڪري رهيا هئا. جيڪا ڳالهہ اسان بہ چاهيون پيا. ٻئي پاسي اهي مهاجر قوم جو نعرو پيا هڻن جيڪو وري سنڌي قوم کي چئلينج ڪرڻ جي برابر هئو. جيئي سنڌ محاذ لاءِ اها صورتحال وڌيڪ مشڪل هئي ڇاڪاڻ تہ ايم ڪيو ايم جو مرڪز ڪراچي هئو ۽ اسان جي سياسي ۽ تنظيمي ڪم جو گهڻو زور بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪراچيءَ تي هئو. حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ پارٽين، تنظيمن ۽ گروهن مان جيئي سنڌ محاذ پهرين پارٽي هئي جنهن پنهنجو مرڪز ڪراچيءَ کي بڻايو ۽ عوامي سطح تائين شهر جي گهٽين، محلن ۽ ڳوٺن تائين قومپرست سياست کي پهچايو.

ايم ڪيو ايم جي حوالي سان پٽي صورتحال هئڻ ڪري شروع ۾ ان ڏانهن اسان جو رويو بہ ڪجھ غير واضح هئو. ڪنهن معاملي ۾ حمايت تہ ڪنهن پاسي ڏانهن مخالفت مون کي ياد آهي تہ مان انهن ڏينهن ۾ جيڪي ليڪچر ڏيندو هئس. انهن ۾ مجموعي طور ايم ڪيو ايم جي نهڻ کي سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ لاءِ نقصانڪار چوندو هئس پر بحيثيت پارٽي ڪا واضح پاليسي اجا نہ ٺهي هئي. ايم ڪيو ايم جو ابتدائي ۽ مکيہ نظريي دان اختر رضوي هئو جنهن جو سنڌ جي حقن جي حوالي سان مثبت ڪردار رهيو هئو ۽ جهن جا سنڌ جي روشن خيال، قومپرست ۽ ترقي پسند اڳواڻن سان ويجها ۽ دوستاڻا تعلقات هئا. هو سائين جي ايم سيد جي نئين سنڌ پريس سان بہ واڳيل رهي چڪو هئو. ان کان علاوه رشيد حيدر رضوي جا بہ ايم ڪيو ايم وارن سان ويجها لاڳاپا هئا ۽ ساڳئي وقت اهو علامہ علي مختار رضويءَ جو بہ دوست هئو جڏهن تہ علامہ اسان جو قريبي ساٿي ۽ اڳواڻ هئو. اهڙيءَ ريت پهرين اڻ سڌي طرح ۽ پوءِ سڌي طرح ايم ڪيو ايم جي پروگرام ۽ مقصدن بابت خيالن جي ڏي وٺ ٿي جنهن دوران اختر رضوي، رشيد حيدر ۽ ٻين جو چوڻ هئو تہ مُهاجر مذهب جي نالي تي جماعت اسلامي ۽ جمعيت علماءِ پاڪستان جهڙين قدامت پسند ۽ سنڌ مخالف پارٽين کي چنبڙيل آهن. انهن کي اتان ڪيرڻ لاءِ پهرئين مرحلي طور مهاجر قوميت جو نعرو ڏنو ويو آهي باقي اصل مقصد سنڌ سان ڳنڍجڻ آهي. ايم ڪيو ايم جا ليڊر، خاص ڪري الطاف حسين، بہ پنهنجي تقريرن ۾ پرو سنڌ ڳالهيون ڪندا هئا. ان کان پوءِ جيئي سنڌ محاذ ۽ سائين جي ايم سيد جو ايم ڪيو ايم طرف لاڙو ڪجھ وڌيڪ ٿيو ۽ انهن دانشورن ذريعي ايم ڪيو ايم ليڊرن جو اچڻ وڃڻ ۽ ملاقاتن جو بہ سلسلو وڌيو. رابطا ۽ ڪچهريون گهڻو ڪري منهنجي عزيز آباد واري گهر تي ٿينديون هيون يا وري هاشم کوسي جي نہ هٽي واري ڪوارٽر تي جڏهن تہ مهاجر دانشور ۽ ليڊر ڪڏهن ڪڏهن سائينءَ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ملڻ بہ ويندا هئا. منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ اسان ائين غلط ڪيو. مهاجر لفظ تي ڪمپرومائيز نہ ڪرڻ کپي ها پوءِ ويجهڙائي ٿئي ها يا نہ ٿئي ها.

بهر حال ايم ڪيو ايم سان جيڪو بہ تعلق هئو ان کي صرف "ويجهڙائي" چئي سگهجي ٿو ٻيو ڪجهہ نہ. ٻيون جيڪي بہ ڳالهيون آهن اهي مفروضا، ڊُڪا، سازشون، پروپيگنڊا، اٽڪلون، مخالفت يا دشمني چئي سگهجن ٿيون. "ايم ڪيو ايم سان جيئي سنڌ وارن جو خفيہ معاهدو هئو" يا "جي. ايم سيد ۽ جيئي سنڌ وارن ايم ڪيو ايم جي تربيت ۾ مدد ڪئي" اهي سڀ هوائي ڳالهيون آهن. مان وثوق سان، ذميواريءَ سان ۽ اعتماد سان انهن سڀني کي رد ڪريان ٿو ڇاڪاڻ تہ مان اها دعوا ڪري ٿو سگهان تہ مهاجر مسئلي کي جيترو ويجهڙائيءَ سان، گهرائيءَ سان ۽ سنجيدگيءَ سان مون ڊِٺو ۽ ڊيل (Deal) ڪيو آهي اوترو ٻئي ڪنهن نہ ڪيو آهي. جيڪڏهن جي ايم سيد يا جيئي سنڌ وارا ايم ڪيو ايم جي تربيت ۾ مدد ڪري ان کي ايتري وڏي ۽ منظم جماعت بڻائين ها تہ اهو ئي ڪم پهرين پنهنجي لاءِ نہ ڪن ها. ڪجهہ ماڻهون خاص ڪري جناب رسول بخش پليجو ۽ ان جي پارٽيءَ وارا تہ مون کي ۽ آريسر کي "مهاجرن جو ايجنٽ" چوندا هئا. ائين تہ پليجي صاحب لاءِ بہ ڪوڙ ڳالهيون ٿينديون آهن. لاهور ۾ قيد دوران محترم پليجي جي پنجاب جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل غلام جيلاني سان ويجهن تعلقات بابت دنيا ڳالهيون ڪندي هئي جڏهن تہ اهو جنرل آءِ ايس آءِ جو سربراہ بہ ٿيو هئو.

ويجهڙائيءَ جي باوجود اسان ڪراچيءَ ۾ هميشہ پنهنجو ڌار ڪم ڪيو. ايم ڪيو ايم سان گڏجي ڪم ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر اسان ڪڏهن بہ نہ هُنن کي پنهنجي پروگرام ۾ گهرايو نہ ڪڏهن انهن جي پروگرام ۾ وياسين. مزي جي ڳالهہ تہ عزيز آباد ۾ منهنجو گهر ۽ الطاف حسين جو گهر، جيڪو بعد ۾ ايم ڪيو ايم جو مرڪز ٿيو ايتري فاصلي تي هئا جو پيدل 7_8 منٽن ۾ پهچي سگهجي. پر مان ڪڏهن بہ اتي نہ ويس جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم جا ٻئي درجي جا اڳواڻ منهنجي گهر تي ايندا رهندا هئا. اسان ڪراچيءَ جي مهاجر اڪثريت وارن علائقن جهڙوڪ لالوکيت ۽ لائينز ايريا وغيره ۾ بہ سياسي جلسا ڪيا پر پنهنجي طور تي جيئي سنڌ محاذ جي پليٽ فارم تان. انهن ۾ مکيہ ڪردار علامہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

علي مختار جو هوندو هئو جنهن جي لالوکيت واري گهر تي جيئي سنڌ جو جهنڊو چڙهيل هوندو هئو جنهن جي پاداش ۾ ايم ڪيو ايم وارن سندس گهر تي حملو به ڪيو. ان کان پوءِ علامه گهر ڇڏي ته هٽي تي پيٽ جي سرڪاري ڪوارٽر ۾ منتقل ٿيو جتي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين رهيو.

ايم ڪيو ايم سان ويجهڙائيءَ سان ايترو ٿيو ته جڏهن مهاجرن جا پنجابين ۽ پناڻن سان خوني جهيڙا ٿيا. ڪرفيو جهڙي صورتحال ۽ بليڪ آئوٽ ۾ به اسان مهاجر علائقن ۾ هليا ويندا هئاسين پر جيئڻ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ توازن (Balance) ضروري هوندو آهي، سياست ۾ اهو اجا وڌيڪ ضروري هوندو آهي. پر افسوس ته اسان وٽ توازن جي سخت کوٽ آهي ۽ سياسي ڇاڻ جي پڙ. بس پوءِ يا ته ڪنهن کي پنهنجو يار غار سمجهندا آهيون يا وري جاني دشمن. ايم ڪيو ايم جي باري ۾ به ڪجهه اهڙي ئي صورتحال تي. جڏهن ان پارٽيءَ جو ليڊر الطاف حسين لاڙڪاڻي جي دوري تي ويو ته اتي گل محمد جکراڻي، بشير قريشي ۽ نياز ڪالاڻي جي قيادت ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارن سندس استقبال ڪيو ۽ بندوقون ساڻ ڪري سندس محافظ وارو ڪردار ادا ڪيو (شايد جيئي سنڌ محاذ جي ضد ۾). وري ڪجهه اڳتي هلي سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ وڌي (خاص ڪري حيدرآباد ۾) ته نسلي سياست ذريعي سستي شهرت وٺڻ خاطر ٻنهي طرفن کان اشتعال انگيزيون ٿيڻ لڳيون. بالغ سياست جي تقاضا هوندي آهي ته اهڙين حالتن ۾ مختلف دٻائن ۽ لالچن جو مقابلو ڪندي دور انديشيءَ جو مظاهرو ڪجي پر هتي اهو وکر تمام ورلي موجود هئو. حيدرآباد ۾ ايم ڪيو ايم جي ميئر آفتاب شيخ جي حوالي سان سنڌين کي شڪايتون وڌيون ته ماحول ڇڪتاڻ وارو ٿيڻ لڳو. اوچتو ميئر تي قاتلاڻو حملو ٿيو. عام طور ان ۾ بشير قريشي ۽ نياز ڪالاڻي وارن جو نالو ورتو پئي ويو پر انهن ڪڏهن ان جي ترديد ڪانه ڪئي. اڃا به جناب نياز ڪالاڻي ان حوالي سان ماڻهن جي تعريفن جا مزا وٺندو رهيو. وري جڏهن ڪجهه حالتون بدليون ته دنيا ڏٺو ته جناب بشير قريشي ۽ سندس ساٿي ڪيئن ايم ڪيو ايم جي دفتر نائين زيرو جون سلاميون ڀريندا رهيا.

ساڳي طرح جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو گروپ جنهن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪجھ وقت جيئي سنڌ محاذ جي بہ حمايت رهي ان جو ليڊر قادر مگسي ڪنهن جي صلاح مشوري ڪان سواءِ ايم ايل ايم سي ۾ ملهايل سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ جي جلسي ۾ الطاف حسين ڪي مهمان طور وٺي آيو. (اهو 1986 جو سال هئو.) وري 1988 ۾ اهو ئي قادر مگسي مهاجر دشمنيءَ جو چيمپئن بڻجي ويو. حقيقت ۾ اهي ئي بہ واقعا آهن، هڪڙو لاڙڪاڻي ۾ الطاف حسين جو استقبال ۽ ٻيو ايل ايم سي جي جلسي ۾ الطاف حسين جي شرڪت، جن ڪي بنياد بڻائي جي ايم سيد جي ۽ مجموعي طور قومي تحريڪ جي خلاف پروپئگنڊا ڪئي ويندي آهي تہ انهن ايم ڪيو ايم ڪي هٿي ڏني.

ابتدائي طور ۽ بنيادي طور ايم ڪيو ايم سان ويجهڙائي جيئي سنڌ محاذ جي ٿي پر مجموعي طور محاذ جو انهن ڏانهن رويو متوازن رهيو. جنوري 1986 ۾ سائين جي ايم سيد جي اسپتال ۾ هئڻ سبب اسان محاذ طرفان سالگرهہ جو پروگرام ڪراچيءَ ۾ ڪيو. اهو پروگرام علامہ علي مختار ۽ رشيد حيدر وارن جي مدد ۽ تعاون سان عائشہ منزل وٽ اسلامڪ سينٽر ۾ ٿيو. اسان ايم ڪيو ايم کي دعوت ڪانہ ڏني. جناب الطاف حسين پاڻ ئي پروگرام هلندي پنهنجي 15_20 ساٿين سان گڏ هال ۾ پهتو. اسان هڪ مهمان واري مناسب پروٽوڪول سان کيس تقرير ڪرائي، ڪوبہ هل هنگامو ڪونہ ٿيو ۽ نہ ئي هلندڙ پروگرام کي هڪ منٽ لاءِ بہ روڪيو. 1987 ۾ محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر جو ڪراچي بار ۾ خطاب ٿيو تہ ان ۾ بہ ايم ڪيو ايم جي وڪيلن پاڻ ئي اسان جي مدد ڪئي، اسان انهن کان مدد گهري ڪانہ. ٿيو ائين تہ اڳ ۾ ايم ڪيو ايم جو اڳواڻ جناب الطاف حسين بار کي خطاب ڪري ويو. ان جي مٿان وري پنجابي پختون اتحاد جي اڳواڻ ملڪ سرور اعوان بار ۾ تقرير ڪئي جيڪا لازمي طور سڄي ايم ڪيو ايم ۽ مهاجرن جي خلاف هئي چاڪاڻ تہ پي پي آءِ ٺهي ئي بنيادي طرح انهن جي خلاف هئي جيتوڻيڪ اها سنڌي نيشنلزم جي بہ خلاف هئي. ان کان پوءِ آريسر صاحب جي تقرير ٿيڻي هئي تہ ان ۾ ايم ڪيو ايم وارن کي پنهنجو مفاد نظر پئي آيو. بهرحال انهن جي مدد سان اسان جي بار ۾ پروگرام کي فائدو ضرور ٿيو.

جيئي سنڌ محاذ جي متوازن ۽ معقول موقف کي پارٽي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چيئرمين عبدالواحد آريسر عمومي طور بهتر نموني پيش ڪندو هئو. مثال طور 30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر 1988 جي لساني قتلِ عام ڪان پوءِ پيدا ٿيل انتهائي ڪشيده ماحول جڏهن هر ڪو مهاجرن کي گاريون ڏيئي ليبر ٿيڻ پيو چاهي ان وقت عبدالواحد آريسر سياسي بلوغت ۽ دور انديشيءَ جو مظاهرو ڪندي تاريخي جملو چيو ته "جيڪڏهن ڪو وحي به مون کي اچي چوي ته سنڌي مهاجر جهيڙو سنڌ جي مفادن ۾ آ ته مان ان وحي کي به ٺڪرائي ڇڏيندس." پر ڪڏهن وري جوشِ خطابت ۾ اهڙا جملا به چئي ويو جيڪي ان معيار جا نه هئا ۽ اسان جي متوازن موقف کي ڪمزور ڪندڙ هئا. مثال طور هڪ دفعي چيائين ته "رت ٽوڙي ڦاٽڪ تي وهي يا عليگڙه ڪالوني (مهاجر پٺاڻ جهيڙي جو نشانو بڻجندڙ مهاجر اڪثريتي علائقو) ۾ وهي، رت ساڳيو آ". بعد ۾ جڏهن ايم ڪيو ايم سنڌين جا قتل ڪيا ۽ سنڌ مخالفن موقف اختيار ڪيو ته اهي لفظ اسانجي لاءِ خفگيءَ جو باعث بڻجي ويا. عوامي نيشنل پارٽي ڪراچيءَ جو اڳواڻ ۽ سينيئر سياسي ڪارڪن امين خٽڪ جيڪو منهنجو ۽ هاشم ڪوسي جو دوست به هئو موقعي مناسبت سان اسان کي ٽوڪيندي چوندو هئو ته "ہم وہ جملہ بھول نہیں سکتے کہ ٹوڑھی اور علی گڑھ کا خون ایک ہے."

هتي مهاجر مسئلي سان لاڳاپيل هڪڙي ٻئي واقعي جو به ذڪر ڪندا هلون. 60 واري ڏهاڪي جي آخر ۽ 70 واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ مهاجر ازم جي حمايت يا سنڌي نيشنلزم جي مخالفت ۾ مکيه ماڻهون نواب مظفر هئو جيڪو پاڻ کي جي ايم سيد جو مدِ مقابل سمجهندو هئو. 1984 يا 85 ۾ هڪ ڏينهن اهو سن اچي نڪتو. سائينءَ ته ائين اي آڌرڀاءُ ڪيس جيئن ڪنهن دوست جو ڪجي. نواب صاحب پنهنجي ماضيءَ واري ڪردار تي پڇتاءُ جو اظهار ڪندي سائينءَ کي چيو ته "پاڻ گڏجي ٿيل نقصان جو ازالو ڪريون". سائينءَ چيس ته" نواب صاحب! توهان ۽ اسان جي وچ ۾ رت جا درياه وهيل آهن، اهو ڪم ايترو سولو ناهي، پهرين توهان پنهنجي ماڻهن جا ذهن صاف ڪريو ۽ اسان پنهنجي طرف ماحول ٺڏو ڪريون پوءِ گڏجي ڪجهه ڪري سگهبو". نواب صاحب واپس ويو ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ سائينءَ کي خط لکي چيائين ته " مان ماڻهن سان مليو آهيان، واقعي معاملو آسان ناهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايم ڪيو ايم جي ليڊر الطاف حسين سان منهنجي آمهون سامهون صرف هڪڙي ملاقات ٿي. 1987 ۾ هو بيماريءَ سبب سول اسپتال جي هڪ وارڊ ۾ پرائيويٽ ڪمري ۾ داخل هئو. عبدالواحد آريسر ۽ مان طبعيت پڇڻ وياسين. ٻاهر ورانڊي ۾ ڦيرين ايم ڪيو ايم جي چيئرمين عظيم احمد طارق سان ملاقات ٿي. پوءِ ٽيئي گڏجي ڪمري ۾ وياسين. ٿوري دير ويهڻ کانپوءِ عظيم طارق اٿي ويو. جيستائين اهو ويٺو هئو تہ الطاف حسين بيڊ تي ويٺو رهيوءِ بلڪل محتاط نموني ۽ مختصر طور آريسر صاحب سان ڳالهائيندو رهيو. جيئن ئي عظيم طارق ٻاهر ويو الطاف صاحب ٽپ ڏيئي بيڊ تان هيٺ لهي مهمانن (Visitors) واري بئنچ تي اسان سان گڏ اچي ويٺو ۽ گهبرايل لهجي ۾ محاذ جي چيئرمين کي چوڻ لڳو تہ "آريسر ڀائي! ڪجهہ ڪرين، ڪجهہ ڪرين ورنہ يہ (اسٽيبلشمنٽ) همين مارديگي". ان هڪڙي مختصر ملاقات مان مون کي معلوم ٿي ويو تہ هي همراه ڪيڏو همٿ وارو يا سنڌيءَ ۾ "مڙس ماڻهون" آهي، اسٽيبلشمنٽ جي حوالي سان توڙي پنهنجي پارٽي وارن جي آڏو.

ايم ڪيو ايم جي جيئي سنڌ محاذ سان يا مجموعي طرح سنڌين سان ويجهڙائپ 1987 تائين رهي. ان سال جي آخر ڌاري ٿيندڙ مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ جيئن ئي ڪراچي ۽ حيدرآباد مان انهن کي اڪثريت ملي ۽ هو اقتدار جي ويجهو ٿيا تيئن ئي انهن جو رويو تبديل ٿيڻ لڳو. پر پوءِ بہ معاملا گهڻو خراب ڪونہ ٿيا ۽ اڃا بہ انهن جا ليڊر پرو سنڌ ڏيکاءُ جاري رکندا آيا. مئي 1988 ۾ سنڌ قومي اتحاد ٺهيو تہ ان جي ٻين مطالبن سان گڏ هڪڙو اهو بہ هئو تہ 1954 کان پوءِ سنڌ ۾ آيل ماڻهون ڌاريا آهن انهن کي واپس ڪيو وڃي. ان تي الطاف حسين بيان ڏنو تہ" اسان SNA جي ٻين سيني مطالبن جي حمايت ڪريون ٿا. جڏهن تہ 1954 واري نقطي تي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون". سنڌ قومي اتحاد واقعي بہ سنڌ جو قومي اتحاد ٿي اڀريو هئو جنهن ۾ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙن جي سياسي سماجي ۽ ادبي تنظيمن سان گڏ ناليوارا دانشور بہ شامل هئا. پنهنجي قومي اداري واري ان حيثيت ۾ ايس اين اي ايم ڪيو ايم سان بہ رابطي جو فيصلو ڪيو.

ٻئي طرف حيدرآباد جي ميئر آفتاب شيخ جي ڪجهہ نامناسب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روين ۽ ننڍين مسئلن کي ننڍي سوچ رکندڙ سنڌي حلقن وڏي ٽڪراءَ جي صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. جون 1988 جي (گهٽو ڪري) 18 تاريخ تي "قومپرست" شاگرد ليڊر مسٽر قمر ڀٽي سنڌ يونيورسٽيءَ کان بس ۾ ائي حيدرآباد ويو ۽ ميونسپل ڪارپوريشن آفيس جي ٻاهران بيهي نعري بازي ڪئي. جواب ۾ بلڊنگ جي اندران فائرنگ ڪئي ويئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪڙو واٿهڙو سنڌي ماڻهون قتل ٿي ويو. ان سان شهر ۾ وِڳوڙ شروع ٿي ويو. ان جو ڪاوڙ ڀريو ردعمل سنڌجي ٻين شهرن ۾ بہ ٿيو. اهڙي طرح ڪشيده ماحول وڌيڪ ڪشيده ٿي ويو.

ان ماحول ۾ سنڌ قومي اتحاد ۽ ايم ڪيو ايم جي وچ ۾ ڳالهيون شروع ٿيون. ڳالهيون ايس اين اي اڳواڻ سينيٽر اعجاز جتوئيءَ جي حيدرآباد (لطيف آباد) واري گهر تي ٿيون جن ۾ ايم ڪيو ايم پنهنجي سينيئر وائيس چيئرمين سليم شهزاد جي قيادت ۾ اعليٰ سطحي وفد موڪليو. پهرئين دور ۾ ايس اين اي جي پروگرام ۽ ميئر معاملي سميت سنڌي مهاجر لاڳاپن جي روشنيءَ ۾ مجموعي صورتحال تي عمومي (General) گفتگو ڪئي ويئي. اجلاس ان نوٽ تي ختم ٿيو تہ ٻئي دفعي ڌريون واسطيدار معاملن تي تياري ڪري اينديون. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ٻيو اهم اجلاس وري بہ اعجاز جتوئيءَ جي گهر تي شروع ٿيو. ڪوشش ڪئي ويئي هئي تہ ايس اين اي جي هر پارٽيءَ جو هڪڙو نمائندو موجود هجي. جيئي سنڌ ۾ جيئن تہ اسٽوڊنٽس فيڊريشن متوازي تنظيم طور ڪم ڪندي هئي تنهن ڪري ان جا ٻہ نمائندا اجلاس ۾ هئا. جيئي سنڌ محاذ طرفان عبدالواحد آريسر ۽ جساف پاران عرفان مهدي اسان ٻيا دوست ڪمري سان لاڳاپيل هال ۾ ويٺا هئا سين جتي زميني (Landline) ٽيليفون پيل هئي. اجلاس ۾ مکيہ ايجنڊا حيدرآباد جي ميئر جي مستقبل جو معاملو بحث هيٺ هئو. جيئن بعد ۾ اندرين دوستن ٻڌايو تہ ايم ڪيو ايم جي وفد رپورٽ ڏني تہ ميئر جي معاملي بابت انهن جي پارٽي قيادت ڪميٽي ويهاري آهي ۽ اميد تہ ٿن ڏينهن ۾ "مثبت" جواب ڏنو ويندو. اوچتو عرفان مهدي لاءِ فون آئي. ٻئي طرف کان سنڌس ليڊر بشير قريشي ڳالهائي رهيو هئو. فون تي ڳالهائڻ کان پوءِ واپس وڃڻ شرط عرفان مهديءَ موقف اختيار ڪيو تہ "اڄ هتي ئي ميئر کي هٽائڻ جو اعلان ڪيو وڃي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اسان ٿي ڏينهن انتظار نٿا ڪري سگهون." ان تي ايم ڪيو ايم وارن چيو ته "اسان جي پارٽي آهي، ان جو پنهنجو ڊسيپلين ۽ ڪم جو طريقيڪار آهي. اسان هتي ڪوبه فيصلو نٿا ڪري سگهون". عرفان جي موٽ اها هئي ته " توهان ڪو فيصلو نٿا ڪريو ته اسان ڪنداسين". اهڙي طرح اجلاس تعطل ۽ ڇڪتاڻ واري ماحول ۾ ختم ٿي ويو. صورتحال اهڙي ڪشيده ٿي ويئي جو ايس. اين. اي قيادت جي چوڻ تي سيد شاهه محمد شاهه ۽ مان احتياط طور ايم. ڪيو. ايم اڳواڻن سان انهن جي گاڏين تائين گڏجي وياسين. ۽ پوءِ 17 جولاءِ 1988 تي ميئر آفتاب شيخ تي قاتلاڻو حملو ٿيو. جنهن جو ڪجهه ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو.

ان سان سنڌ قومي اتحاد ۽ ايم ڪيو ايم وچ ۾ ڳالهين ذريعي سنڌي مهاجر ڇڪتاڻ گهٽائڻ واري عمل کي وڏو ڌڪو رسيو. بعد ۾ وري دنيا ڏٺو ته جسقم جي صورت ۾ اهو ئي بشير قريشي ۽ نياز ڪالاڻي وارن جو گروپ ڪيئن بدنام زمانه نائين زيرو تي سلاميون پريندو هئو ۽ ڪيئن جهنڊا ڪڻي ايم ڪيو ايم جي نمائندي ۽ پاڪستان سرڪار جي ايجنٽ گورنر جا استقبال ڪيا ويا ۽ ڪيئن انهن کان مالي فائدا حاصل ڪيا ويا (ان جو تفصيل ڪٿي ٻئي هنڌ ايندو). اهو سڀ ڪجهه ان وقت ڪيو ويو جڏهن ڪراچيءَ ۾ سنڌين کي ماريو ۽ ساڙيو پئي ويو انهن کي بي گهر ڪيو پئي ويو ۽ ايم ڪيو ايم طرفان سنڌ کي ورهائڻ جا مطالبا ٿي رهيا هئا. يعني جڏهن ايم ڪيو ايم سنڌين جي قيادت کي (ايس اين اي جي صورت ۾) تسليم پئي ڪيو ۽ ڇڪتاڻ ختم ڪرڻ خاطر اسان جي شرطن تي ڳالهائڻ لاءِ اسان وٽ هلي پئي آئي ان وقت جهيڙو ڪيو ويو ۽ وري جڏهن ايم ڪيو ايم جهيڙي، تشدد ۽ تفريق ۽ نفرت جي علامت بڻجي ويئي ان وقت وري اهي ساڳيا همراه انهن جي در تي هلي پيا وڃن. اهو سڀ ڪجهه ڇا هئو ڇو ٿيو ڪيئن ٿيو ان جو فيصلو وقت ضرور ڪندو ۽ تاريخ ان جي گواهي ڏيندي پر قومي بقا جي جنگ ۾ سنڌين وٽ وقت تمام ٿورو آهي ۽ تنهن ڪري سنڌ جي محب وطن ماڻهن کي پاڻ کي به اڳتي اچڻو پوندو وچ ميدان ۾ بيهڻو پوندو ۽ کي فيصلا ڪرڻا پوندا. ۽ فيصلا ڪرڻ کان پوءِ سچ ۽ ڪوڙ صحيح ۽ غلط مفاد ۽ قرباني، جدوجهد ۽ مهم جوئي ۾ فرق ڪرڻو پوندو ۽ فرق ڪرڻ کانپوءِ ڊر بڻجي قومي بقا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي جنگ کي سوڀارو ڪرڻ لاءِ پنهنجو قومي فرض نڀائڻو پوندو ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

شاگرد سياست ۾ پنهنجي ليڊري چمڪائڻ لاءِ بشير قريشي گروپ ۽ قادر مگسي گروپ وچ ۾ گذريل ڪجهه عرصي کان مقابلي بازي هلندڙ هئي. سنڌ جي قومي نجات ۽ يڪجهتي سان لاڳاپيل هن انتهائي حساس، مشڪل ۽ نازڪ مهاجر مسئلي کي به انهن پنهنجي ان بقابلي بازيءَ جو ميدان بڻايو. ميئر معاملي جي حوالي سان بشير قريشي ۽ نياز ڪالاڻي کي اڻڄاڻ ۽ ڪوتاه نظر ماڻهن طرفان جيڪا سستي شهرت ملي اها قادر مگسيءَ جي برداشت کان ٻاهر هئي. هو پاڻ کي مهر جوئي (جنهن کي هو انقلاب سمجهندو ۽ چوندو هئو) جو بادشاهه سمجهندو هئو سو انتهائي بيتابيءَ سان مخالفن کان وڌي مهر جوئي جي تيارين ۾ لڳي ويو. ۽ پوءِ 30 سيپٽمبر وارو واقعو ٿيو جنهن ۾ حيدرآباد شهر جي چونڪن تي ۽ شادي هالن ٻاهران ماڻهن جي هجومن تي انڌاڌنڌ گولين جو مينهن وسايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ اڍائي سئو جي لڳ ڀڳ ماڻهو مارجي ويا جن ۾ پنجاهه کن سنڌي به هئا.

پهرئين ڏينهن کان ان واقعي جي حوالي سان قادر مگسيءَ جو نالو ميڊيا ۾ توڙي ماڻهن جي محفلن ۾ ورتو ويندو رهيو آهي پر مگسي صاحب رڪارڊ تي ڪڏهن به نه ان جي تصديق ڪئي آهي نه ترديد جڏهن ته نجي محفلن ۾ پنهنجي پارٽي ڪارڪنن آڏو ۽ خوشامدڙين صحافين جي سامهون ان کي ”مزاحمتي جنگ“ قرار ڏيندي ان جو ڪريڊٽ کڻندو رهيو آهي ۽ ان جي حوالي سان ملندڙ سستي شهرت جا مزا به ماڻيندو رهيو آهي. مسٽر قادرمگسي ان واقعي ۾ ملوث آهي يا نه ان بابت ڪيس واضح موقف اختيار ڪرڻ گهرجي نه ته تاريخ ته ضرور پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي. مان ته پنهنجي طرفان ڪجهه نتو چئي سگهان پر واقعي جي ڪجهه عرصي کان پوءِ هڪ اردو رسالي منصوبابنديءَ کان وٺي آخري عمل تائين ان مهر جا ننڍا وڏا سمورا تفصيل ماڻهن ۽ جاين جي نالن سميت ڇاپيا هئا. ڪهڙن همراهن تي ڪهڙي ڊيوٽي رکيل هئي ۽ ڪير ڪنهن سان ڪهڙي وقت ڪٿي مليو اهو سڀ لکيل آهي.. گهرن، اوطاقن ۽ ٻيلن جي به نشاندهي ڪيل آهي. ايتري تائين جو اهو به لکيل آهي ته ڪهڙو همراهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کھڙي ساٿيءَ جي گھر تي ترسيو ۽ گھر جي کھڙي ناليءَ واري عورت ان کي ماني بچائي کارائي.

ان واقعي جا سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ دور رس نتيجا ڪجھ ته سامهون آيا آهن، ڪجھ ايندا رهن ٿا ۽ ڪجھ مستقبل ۾ ايندا پر ان جو فوري نتيجو اهو نڪتو ته سنڌي مهاجر ويڇڙائيءَ وارو عمل مڪمل طور ختم ٿي ويو ۽ ان ڪانپوءِ نسل پرستي اصول پرستيءَ تي غالب اچي ويئي ۽ نفرت، تشدد ۽ ڪرائيم سنڌ جي قومي جدوجهد کي اڏوهي جيان کائڻ لڳا.

30 سيپٽمبر تي سج لٿي مهل حيدرآباد ۾ قتل عام ٿيو. مان ان وقت ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي پروگرام ۾ شريڪ هئس. اطلاع اچڻ تي دوستن پروگرام کي مختصر ڪيو ۽ مان عام رواجي طرح واپس عزيز آباد پنهنجي گھر اچي سمهي پيس. ٻئي ڏينهن يعني ٻهرين آڪٽوبر تي سنڌ قومي اتحاد جي حوالي سان دوستن جي هڪ غير رسمي گڏجاڻي منهنجي جاءِ تي رکيل هئي. صبح جو نيرن ڪري مان دوستن جو انتظار ڪرڻ لڳس. موبائيل فون ته هئي ڪونه ڏٺن، ڪجھ وقت کان پوءِ دوستن جون فونون اچڻ شروع ٿيون ته شهر ۾ وڳوڙ آهي. مون ان تي ڪو گھڻو ڌيان ڪونه ڏنو ۽ آيل دوستن ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ ادريس چانڊيو ۽ ٻين سان ڪچهري ڪندو رهيس. ٿوري دير ۾ مختلف دوستن جي فون ڪالز ۾ ڄڻجهائي به ايندي ويئي ۽ انهن جي لهجي ۾ فڪرمندي به وڌندي ويئي، مرزا شهريار ته هجت ڀري ڪاوڙ ۾ چيو ته، ”تون اڃا اتي ويٺو آهين. نڪر ٻاهر، شهر ۾ باهه لڳي پيئي آهي“ علي نواز ڀٽ به فون ڪري ٻڌايو ته ملير طرف سنڌي ماڻهن تي حملا ٿي رهيا هئا. مان ڪچهري مختصر ڪري مهمان دوستن کي بس تي چڙهڻ ويس ته روڊن تي نوجوانن جا ٽولا گھمندي نظر آيا ۽ ڪاروبار آهستي آهستي بند ٿي رهيو هئو.

ٿوري دير ڪانپوءِ وڳوڙ ڦهلبو نظر آيو روڊن تي ٻاهيون ٻري رهيون هيون ۽ ڇوڪرن جا ٽولا گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ جيئي مهاجر جا نعرا هڻي رهيا هئا. مون ۽ سئوٽ عبدالغنيءَ صلاح ڪئي ته هاڻي اسان کي به نڪرڻ کپي. هو ته پرسان ئي ينگوريا ڳوٺ ۾ هڪ دوست وٽ هليو ويو. مون وٽ ٿورو وقت اڳ ۾ ئي ورتل ڪار هئي تنهن ڪري روڊن تان ئي لنگھڻو هئو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پر جنهن روڊ سان وڃان تہ اتي سڙندڙ ٽائرن سان رستو بند. آخر ڪار بيزار ٿي ڪار پنگوريا ڳوٺ ۾ عثمان برفت وٽ بيهاري پيدل ليارِي ندي ٽپي ڪي ڊي اي ۾ پنهنجي نائب انجنيئر ۽ دوست رحيم بخش شيخ وٽ فليٽ تي آيس جتي پنهنجو فليٽ وٺڻ تائين مان ٻہ اڍائي مهينا رهيس. شيخ صاحب جي مهرباني.

جيئن جيئن معلومات ملندي ويئي تہ خبر پيئي تہ ايم ڪيو ايم باقاعده فيصلو ڪري حيدرآباد واقعي جو "بدلو" وٺڻ لاءِ پهرين آڪٽوبر تي اسُر ويل کان وٺي نشاندهي ڪري ڳولهي ڳولهي سنڌين کي مارڻ شروع ڪيو هئو. قتل غارتگريءَ جو گهڻو زور ڪراچيءَ جي ضلعي اوڀر ۾ هئو (جنهن ۾ هاڻوڪا ضلعا ملير ۽ ڪورنگي شامل هئا). ڪٿي تہ سنڌي وسنديءَ کي گهيرو ڪري گهرن تي حملا ڪيا ويا جيئن غريب آباد ۾. اتي مان جيئي سنڌ محاذ جي ساٿين کي جس ڏيڻ کان رهي نٿو سگهان جن مورچا بند ٿي حملي آورن جو مقابلو ۽ سنڌي ماڻهن جو تحفظ ڪيو. اهي اُهي ڪارڪن هئا جن هميشہ محاذ جي عدم تشدد جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو هئو ۽ ڪڏهن هٿ ۾ بندوق نہ کنئي هئي. انهن ۾ خاص ڪري انور ميمڻ، علي محمد مستوئي، عزيزينگوار جمن ميمڻ، لال بخش رند، حنيف بلوچ، حڪيم جوکيو امير بخش خاصخيلي، رزاق بلوچ ۽ ٻيا شامل هئا جن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ پارٽيءَ جو ڊويزنل آرگنائيزر هاشم کوسو بہ پهچي ويو. ڇهہ ڏينهن تائين هلندڙ ان صورتحال ۾ علائقي جي چڱي مڙس حاجي الهڏني جوکيي بہ پنهجو قومي فرض نڀائيندي سنڌي ماڻهن جو ساٿ ڏنو ۽ اسان جي ساٿين جي مدد ڪئي.

30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر جي ڏينهن جوجائزو وٺجي تہ 30 سيپٽمبر تي بنا تفريق ۽ سڃاڻپ جي راه ويندي بيگناهہ ماڻهن کي قتل ڪيو ويو جڏهن تہ پهرين آڪٽوبر تي وري ماڻهن ۾ تفريق ڪري، انهن جي سڃاڻپ ڪري قتل ڪيو ويو. بنا تفريق (Indiscriminate) انسانن جو قتل عظيم گناهہ آهي تہ تفريق (Discriminate) ڪري ماڻهون مارڻ عظيم تر گناهہ آهي. يقيني طور تي انهن ٻنهي جو شمار سنڌ جي تاريخ جي سياه ترين ڏينهن ۾ ٿيندو. منهنجو سنڌي ۽ اردوءَ ۾ مضمون ڇپيل آهي "30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر: ٻہ منحوس ڏينهن." حقيقت اها آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ واقعن  ڪان پوءِ بہ ٽي سال اسان جيئي سنڌ محاذ طرفان ڪراچي اوڀر جي مختلف علائقن (غريب آباد سميت) ۾ پهرين آڪٽوبر جي ورسي ملهائي. پر پوءِ مون پنهنجي ساٿين علي نواز ٻٽ، هاشم ڪوسي، انور ميمڻ، علي محمد مستوئي، در محمد عالماڻي، عبدالمالڪ مهر ۽ ٻين جي آڏو اها ڳالهہ رکي تہ بيگناه ماڻهن جو قتلِ عام تہ ٿيو پوءِ اسان ورسي رڳو پهرين آڪٽوبر جي تا ملهايون. ڇا اسان جو اهو عمل اڻسڌي طرح نسلي تفريق جي بنياد تي سياست ڪندڙن جي مقصدن کي هٿي نہ ڏيندو؟ يا تہ ٻنهي ڏينهن کي ياد ڪجي. بحث مباحثي ۾ راءِ آڏو آئي تہ انهن ڏينهن کي هر سال ملهائڻ سان نسل پرستيءَ کي هٿي ملندي جيڪا ڳالهہ سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ جيئي سنڌ محاذ جي پاليسي ۽ پروگرام جي خلاف هئي. تنهن ڪري گڏيل راءِ سان پوءِ اسان اهو نسلي جهيڙي جي ڏينهن کي ملهائڻ جو سلسلو بند ڪري ڇڏيو.

30 سيپٽمبر جي حوالي سان شهرت حاصل ڪندڙ قادر مگسي سنڌ جو اهو سياستدان آهي جنهن جي سياست جو بنياد مهاجر دشمنيءَ تي رکيل آهي ۽ ان حوالي سان هو پاڻ کي مزاحمتي جنگ جو سرواڻ سڏرائيندو آهي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ هن ڪهڙي مزاحمتي جنگ ڪئي ۽ ڪنهن جي خلاف؟ مزاحمتي جنگ تڏهن ٿيندي آهي جڏهن ڪا وڏي ۽ طاقتور ظالم قوت ڪنهن ڪمزور تي حملو ڪري ۽ اهي ڪمزور ماڻهو ان حملي  کي روڪڻ ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو تحفظ ڪرڻ لاءِ ويڙهہ ڪن جيئن ٻي عالمي جنگ دوران جرمنيءَ جي قبضي خلاف فرانسيسي مزاحمت مشهور آهي يا اڄ ڪلهہ اسرائيلي والار خلاف فلسطين جي مزاحمتي تحريڪ هلندڙ آهي. قادر مگسي، پهرين ڳالهہ تہ پاڻ کي ان جنگ جو هيرو ٿو چوائي جنهن کي آن رڪارڊ تسليم ئي  ڪونہ ٿو ڪري پر مڃجي ڪٿي تہ اها "جنگ" ان ڪئي تہ اها مزاحمتي جنگ ڪيئن ٿي؟ هن  ڪنهن بہ رياستي طاقت سان مهاڏو ڪونہ  اٽڪايو هن ڪنهن بہ ايم ڪيو ايم جي بندوق باز جو مقابلو ڪونہ ڪيو. باقي رستي ويندڙ ٻي هٿيار ۽ بي خبر ماڻهن کي لڪي مارڻ جيڪڏهن مزاحمتي جنگ آهي تہ  پوءِ فرانسيسي ۽ فلسطيني محب وطنن جا تہ هڏا بہ قبرن ۾ تڙڪات ڪندا هوندا.  تنهن ڪري ان کي  مزاحمتي جنگ جي بجاءِ نسلي ويڙه ڇئجي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صحيح ٽينڊو جيئن افريقي ملڪ برونڊي ۾ ٽتسو ۽ هوتي قبيلا نسلي بنيادن تي ويڙهه وڙهندا رهيا آهن.

ان کان علاوه جڏهن مزاحمت ۽ جنگ جو ذڪر ٿئي ٿو ته اتي همت، بهادري ۽ اخلاقي ذميواريءَ جا عنصر به آڏو اچن ٿا. 30 سيپٽمبر تي حيدرآباد ۾ هاڃو ڪرڻ وارا همراه ته الائي ڪيڏانهن هليا ويا. پهرين آڪٽوبر تي ”بدلي“ خاطر ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن تي هلان ڪئي ويئي ته ان مهل انهن جو سات ڏيڻ لاءِ وري جيئي سنڌ محاذ جا ڪارڪن موجود هئا جيڪي عدم تشدد جا پيروڪار آهن ۽ نسل پرستي ۽ نسلي جنگ کي غلط سمجهن ٿا. سو لڪي ڇپي گولين هٽي ماڻهو مارڻ بهادري ناهي پر گولين هلائيندڙن ۽ گولين جو نشانو بڻجندڙن جي وچ ۾ سينو ساهي بيهڻ بهادري آهي.

30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر جي واقعن تي پيپلز پارٽيءَ جي ليڊر بينظير ڀٽو صاحبه جو بيان آيو ته ”اهو ان ڪري ٿيو آهي جو اسان جي حڪومت ڪانهي.“ پر پوءِ ٻن مهينن بعد جڏهن سندس پارٽيءَ جي (سنڌ ۾ توڙي مرڪز ۾) حڪومت ٺهي ته محترمه اهو ڪيو ته انهن واقعن جي ذميوار هڪ مکيه ڌر ايم ڪيو ايم جي مرڪز تي وڃي حاضري ڀري ۽ ان جي ليڊر کي پنهنجو ڀاءُ قرار ڏنو. ان کان علاوه ايم ڪيو ايم کي مرڪزي ۽ صوبائي حڪومت ۾ حصيدار بڻايو. نه رڳو ايترو پر ان کان پوءِ اڄ تائين وري بينظير پاڻ يا سندس پارٽيءَ جي ڪنهن ميمبر ڪڏهن به انهن واقعن يا ان بيان جو ذڪر نه ڪيو ۽ نه ئي وري انهن ليکڪن صحافين ۽ ڪالم نويسن ڪڏهن ان بابت ڪا ٻڙڪ ڪڍي آهي جن کي الطاف حسين جي، جي ايم سيد سان ملاقات سدائين اک ۾ ڪنڊي وانگر چڀندي ۽ پيٽ ۾ نانگ وارا وڪڙ وجهندي رهندي آهي. واهه ڙي قلم جي تقدس جا محافظو!

نسل پرستيءَ جي پڙڪايل انهيءَ باهه کي وسائڻ خاطر سنڌ قومي اتحاد طرفان پيش قدمي ڪئي ويئي. فوري طور تي ڪراچيءَ جي مختلف علائقن، پاڙن ۽ ڳوٺن ۾ عوامي رابطي جي مهم شروع ڪئي ويئي. لڳ ڀڳ روزانو اسان 15،10 يا 20 ماڻهن جي گروپ ۾ ماڻهن وٽ وڃي نسل پرستي ۽ دهشتگرديءَ جي خلاف ۽ امن، رواداري ۽ ڀائيچاري جي حق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ گفتگو ڪندا هئاسين. ان سان گڏوگڏ دهشتگرديءَ خلاف پاڻ کي منظم ڪرڻ لاءِ به ماڻهن کي چوندا هئاسين. اسان جي ان مهم جو مرڪز سينيئر اعجاز جتوئيءَ جو قصرِ ناز ۾ ڪمرو هوندو هئو جتي گڏ ٿي ڪڏهن رسمي ڪڏهن غير رسمي مختصر ميٽنگ ڪري صورتحال جو جائزو به وٺندا هئاسين. آئنده جي حڪمت عملي به ٺاهيندا هئاسين ۽ پوءِ ڪنهن نه ڪنهن ڳوٺ يا محلي ۾ ويندا هئاسين. گروپ جي اڳواڻي اعجاز جتوئي ڪندو هئو جڏهن ته باقي گروپ ۾ گهڻائي جيئي سنڌ محاذ جي دوستن جي هوندي هئي جن ۾ مان، علي نواز ٻٽ، هاشم کوسو غلام شاهه ۽ ٻيا شامل هوندا هئا.

وڏيڪ اهم ڪم اهو ٿيو ته ڪراچيءَ جي ميٽروپول هوٽل ۾ سنڌ دوست ماڻهن جي هڪ يڪجهتي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي جنهن ۾ اعجاز جتوئي، ممتاز علي ڀٽي، عبدالواحد آريسر، علامه علي مختار رضوي، معراج محمد خان سميت ايس اين اي جي قيادت کان علاوه مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ دانشور، اديب ۽ سياسي سماجي ڪارڪن شريڪ ٿيا. اشتعال، نفرت ۽ ٽڪراءَ واري ماحول ۾ اهڙي ڪانفرنس ڪرائڻ وڏو ڪارنامو ۽ وقت جي ضرورت هئي. وقت جي سڏ تي پورو لهي حقيقت ۾ سنڌ قومي اتحاد قيادت جو حق ادا ڪيو ڇاڪاڻ ته قيادت اها هوندي آهي جيڪا مشڪل ۽ ناموافق حالتن ۾ به سچ جو علم کڻي ميدان ۾ بيهي.

ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ٻن وڏن دانشورن ڊاڪٽر جي. ايم. مهڪري ۽ پروفيسر ڪرار حسين کي دعوت ڏيڻ جي ذميواري مون تي رکي ويئي. پروفيسر صاحب شريڪ ٿيو جڏهن ته ڊاڪٽر صاحب بيماريءَ سبب نه اچي سگهيو. ڪانفرنس جو پڌرنامو جيڪو ڇپيل شڪل ۾ موجود آهي سو به نهايت ڪارائتو هئو پر مهاجر مسئلي کي سمجهڻ لاءِ انهن ٻنهي دانشورن جا خيال ۽ تجربا انتهائي اهم حيثيت رکن ٿا. ڪرار صاحب پنهنجي تقرير ۾ چيو: "تقسيم وقت سنڌ جو پڙهيل لکيل ۽ ڪاروباري طبقو هليو ويو. هتي باقي زميندار ۽ هاري رهيو. هندستان مان جيڪي ماڻهو آيا اهي شهرن سان واسطو رکندڙ پڙهيل ۽ هنر مند هئا تنهن ڪري سنڌ جي شهرن سان گڏ نوڪرين ۽ ڪاروبار تي انهن جو قبضو ٿي ويو. هاڻي جڏهن سنڌ جا نوجوان پڙهي لکي شهرن ڏانهن اچن ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ نوڪرين ۾ ڪاروبار ۾ پنهنجو حصو گهرن ٿا. مهاجرن کي وڏيڪ حصو ڪسبو نظر ٿو اچي، ان تي هي سڄو جهڳڙو آهي.“

ڪانفرنس کان پوءِ طئي ٿيو تہ ان جي پڌرنامي کي وڏيڪ وزنائتو بڻائڻ لاءِ ڪن اهڙن ناليوارن شخصيتن کان ان تي صحيحون ونجن جيڪي مختلف سببن ڪري حاضر ٿي نہ سگهيا. مان جناب فخر الدين جي ابراهيم ۽ ڊاڪٽر جي ايم مهڪري وٽ ڊرافٽ کڻي ويس. فخر الدين صاحب ايم ڪيو ايم ۽ ان جي ليڊر جي فاشسٽ رجحانن تي ڪجھ دير ڳالهائڻ کانپوءِ صحي ڪري ڏني. ڪانفرس جي ڊرافٽ جو جيڪو تت يا نچوڙ هئو سو ڪجھ لفظن جي فرق سان هن ريت هئو: ”سنڌ جا مستقل باشندا ( مطلب سنڌي ۽ مهاجر) پاڻ ۾ امن، دوستي ۽ ڀائيچاري سان رهڻ ٿا چاهين پر ٽين توت (مطلب رياستي ادارا) اهو نٿي چاهي تنهن ڪري جهيڙا ڪرايا ٿا وڃن“. ان تي مهڪري صاحب جو رد عمل ۽ اسان جي وچ ۾ ٿيل گفتگو نهايت دلچسپ هئڻ سان گڏ انتهائي اهم بہ آهي ۽ مهاجر مسئلي جي هڪ نئين ۽ بلڪل مختلف رخ جي نشاندهي ڪندڙ آهي. مختصر تفصيل هن ريت آهي: ڊرافٽ پڙهي مهڪري صاحب هيٺ اچليو:

ڊاڪٽر جي ايم : مان هن تي صحيح نہ ڪندس

خ-ج-: ڇو سائين

ڊاڪٽر جي ايم-: انجنيئر! توکي خبر آهي تہ مان ڪوڙ کي پسند ناهيان ڪندو.

خ-ج-: پر سائين هن ۾ ڪهڙو ڪوڙ آهي؟

ڊاڪٽر جي ايم-: هي سڀ ڪوڙ آهي.

خ-ج-: اهو ڪيئن؟

ڊاڪٽر جي ايم-: مهاجر ڪڏهن بہ توهانجا دوست ڪونہ ٿيندا.

خ-ج-: پر سائين! ڪنهن سڄي ڪميونٽي کي غلط يا خراب ڪيئن ٿو چئي سگهجي؟

ڊاڪٽر جي ايم-: اها مون کي خبر آهي پر هتي صورتحال مختلف آهي.

خ-ج -: اهو ڪيئن؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر جي ايم: سمجهڻ چاهين ٿو؟

خ-ج -: جي ها

ڊاڪٽر جي ايم:- اهو ته تون سمجهين ۽ مڃين ٿو ته هر ڪميونٽي ۾ ۽ هر خطي ۾ سٺا به ماڻهون هوندا آهن ۽ خراب به. ائين ئي هندستان جي مختلف صوبن ۽ شهرن ۾ رهندڙ مسلمانن سان به ٿيو. جڏهن هندستان جي تقسيم ٿي ته جيڪي پلا ماڻهو هئا، جن جا پنهنجي پاڙيسيرين سان سٺا لاڳاپا هئا انهن پنهنجو گهر، پنهنجو پاڙو ڪونه ڇڏيو. لڏ پلاڻ ڪندڙن ۾ وڏي اڪثريت انهن جي هئي جيڪي جهيڙيڪار هئا ۽ جن پنهنجي پاڙيسيرين سان ڦتائي هئي. هاڻي تون پاڻ سوچ ته جڏهن سڄي هندستان جي جهيڙيڪارن جي اڪثريت هتي اچي گڏ ٿي آهي ته اُهي توهان سان شڪ، امن ۽ دوستيءَ سان ڪيئن رهندا“.

ان تجزيي سان ڪنهن کي به اختلاف ته ٿي سگهي ٿو پر ان ۾ غور ويچار ڪرڻ لاءِ مواد ضرور آهي. اهو تجزيو ان ڪري به اهميت وارو آهي ته ڊاڪٽر جي ايم مهڪري هن خطي جي تورڙن چوٽيءَ جي دانشورن مان هڪ هئو ۽ سنڌي سماج جو جنهن گهرائيءَ سان، جنهن محبت سان ۽ جنهن بي رحميءَ سان تجزيو ڪيو اٿس ان وانگر هن کان اڳ ۾ صرف جي ايم سيد ڪيو هئو.

سنڌي مهاجر (سنڌي ڳالهائيندڙ اردو ڳالهائيندڙ) ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ ويجهڙائپ پيدا ڪرڻ لاءِ هڪڙي ڪوشش 1992-93 ۾ دانشوراڻي سطح تي به ٿي. هر مهيني ٻنهي ڌرين طرفان ماڻهون پي ايم اي (PMA) هائوس ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿي مسئلي جي مختلف پاسن تي خيالن جي ڏي وٺ ۽ بحث مباحثو ڪندا هئا. ڪجهه ميٽنگن کان پوءِ مان به ان سلسلي ۾ شامل ٿي ويس. ٻنهي طرفن کان ٻين کان علاوه هيٺيان مک ماڻهون شريڪ ٿيندا هئا. سنڌي: محمد ابراهيم جويو (ليڊر)، پروفيسر محمد عمر ميمڻ، يوسف لغاري، ابرار قاضي، نور الهدا شاهه، لياقت عزيز قادر بخش طالباڻي، ڊاڪٽر نسيم عالماڻي ۽ عزيز ٻرڙو.

اردو: ايم بي نقوي (ليڊر)، ڊاڪٽر رحمان هاشمي، ايم ايچ عسڪري، منهاج برنا، بصير نويد، ڊاڪٽر هارون احمد، علي امام رضوي، قيصر بنگالي، ڪرامت علي ۽ راحت سعيد.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪافي گڏجاڻين ڪان پوءِ (CAPS) 'Committee for Amity & Peace in Sindh' يا "سنڌ ۾ امن ۽ ڀائيچاري جي ڪميٽي" جي نالي سان هڪ ڊڪليئريشن جاري ڪيو ويو. ان ۾ ڪافي ڪارائتيون ڳالهيون هيون پر هڪڙي اهم نقطي سان مون کي اختلاف هئو جنهن ڪري مون ان تي صحيح ڪانه ڪئي. ڊڪليئريشن انگريزي جي ڊان اخبار ۾ ڇپيو جڏهن ته منهنجو اختلافي نوٽ انگريزي اخبار فرنٽيئر پوسٽ ۾ شايع ٿيو. اهو اختلافي نقطو اهو هئو ته ڊڪليئريشن ۾ سنڌ جي مستقل باشندن کي سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ اردو ڳالهائيندڙ وارن ۾ حصن طور پيش ڪيو ويو. منهنجا مکيه ٻه اعتراض هئا. هڪ ته "جڏهن ماڻهن کي ٻن ڌرين ۾ ورهائي انهن ۾ دوستي ڪرايو ٿا ته اها ڪنهن به وقت ڪنهن حادثي يا ٽين ڌر جي ڪوشش سان دشمنيءَ ۾ بدلجي سگهي ٿي." ان ڏس ۾ مون مسلمانن ۽ هندن جو مثال ڏنو جيڪي 1916 ۾ لکنئو معاهدي تحت ويجها دوست ٿي ويا پر اڳتي هلي هڪ ٻئي جا جاني دشمن. منهنجو ٻيو اعتراض اهو هئو ته " جڏهن ٻن ٻولين وارن کي گڏ ڪيو ٿو وڃي ته ان عمل کي سنڌ ۾ رهندڙ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ پنهنجي خلاف اتحاد سمجهندا ۽ اهي به لساني بنيادن تي اتحاد ڪري سگهن ٿا."

اتفاق سان امن ۽ ڀائيچاري جو ڊڪليئريشن جاري ٿيڻ ڪان ٿورو ئي عرصو پوءِ ڪنهن اِشو تي ٻنهي ڌرين جي ليڊرن محمد ابراهيم جويي ۽ ايم اي نقوي وچ ۾ اختلاف ٿي پيا ۽ ٻنهي هڪ ٻئي جي خلاف "وٺ جواب ڏي جواب" وارا خط ساڳي اخبار ڊان ۾ لکيا ۽ پوءِ وري ان ڪميٽيءَ اڳتي ڪا به سرگرمي يا پيش رفت ڪانه ڪئي البته ڪافي وقت تائين جويو صاحب منهنجي اختلافي نوٽ تي ناراض رهيو.

❋❋❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌي ناري تحريڪ

**دنيا** ۾ عورتن جي پنهنجي حقن لاءِ توڙي سماج جي مجموعي بهتري ۽ انسان ذات جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد پراڻي آهي. ان لاءِ مردن سان گڏيل طور يا پنهنجون الڳ تنظيمون به اُهي ٺاهينديون رهيون آهن. سنڌ به اهڙي عمل کان وانجهيل ڪانه رهي آهي پر اڪثر ڪري متحرڪ رهندڙ عورتن جو تعلق پڙهيل لکيل شهري طبقي سان هئو جيڪو اتفاق سان هندو هئو ۽ جنهن کي اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ بي وطن ڪيو ويو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهرين منظم سنڌ سطح جي تنظيم جناب رسول بخش پليجي جي سرپرستي ۽ رهنمائيءَ ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي نالي سان ٺاهي ويئي.

عوامي سجاڳي ۽ قومي نجات جي جدوجهد ۾ عورت جي ڪردار جي اهميت کي سمجهندي جيئي سنڌ محاذ 1985 ۾ سنڌي ناري تحريڪ جي نالي سان عورت فرنٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اسان جهڙي زرعي سماج ۾ عورتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي حساسيت کي محسوس ڪندي اسان ان فرنٽ جي نگراني چيئرمين عبدالواحد آريسر جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان ٿرپارڪر سان تعلق رکندڙ سنڌ جي قومي جدوجهد توڙي هاري تحريڪ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪندڙ مشهور لغاري خاندان جي ٽن ڇوڪرين گلشن لغاري، سلميٰ لغاري (امر سنڌ) ۽ طاهره لغاري (پرهه سنڌي) تي مشتمل ابتدائي ڪميٽي قائم ڪئي. پر ناري تحريڪ کي وڏيڪ ڦهلائڻ ۽ منظم ڪرڻ لاءِ ڪي به ڪوششون ڪونه ٿيون. بس هڪڙو اخباري بيان جاري ٿيو ته "سنڌي ناري تحريڪ قائم ڪئي ويئي آهي. جنهن کي ميمبر ٿيڻو هجي ته اهو ميرپور خاص ۾ ايڊووڪيٽ يوسف لغاريءَ سان فلاڻي فون نمبر تي رابطو ڪري" اسان جي پٺتي پيل قدامت پسند زرعي سماج ۾ سياسي ۽ سماجي جدوجهد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ميدان ۾ عورت کي اڳتي آڻڻ واري ڪوشش ۾ اهو نوڪريءَ جي اشتهار وانگر اخباري بيان ماڻهن کي ڪجهه عجيب محسوس ٿيو. ان طريقي جو نتيجو اهو ٿيو ته ٽن سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود ناري تحريڪ جي ميمبرن جو تعداد ٽن کان نه وڌيو بلڪ ٻه ڄڻيون امر سنڌو ۽ پره سنڌي قادر مگسيءَ جي پارٽي مخالف مهم کان متاثر ٿي عملي طور ان کي ويجهو ۽ محاذ ۽ تحريڪ کان پري ٿينديون ويون. عملي طرح صرف گلشن لغاري سنڌي ناري تحريڪ ۾ رهجي ويئي.

1989 جي شروع ۾ تنظيمي دوستن سنڌي ناري تحريڪ جو نگران مون کي مقرر ڪيو. پهرين مون ان حڪمت عمليءَ تي ڪوشش ڪئي ته ٻه ٽي اهڙيون عورتون ڳولهجن جيڪي سياسي طور ٻه باشعور هجن. ايترين باشعور ۽ باختيار هجن جو پنهنجو پاڻ نه رڳو گهر کان پر شهر کان ٻاهر نڪري سگهن ۽ پوءِ انهن جي معرفت عورتن تائين پهچجي. انهن کي گڏ ڪجي ۽ ناري تحريڪ کي منظم ڪجي. پر ان ۾ ڪاميابي نه ٿي. پوءِ مون متبادل طريقو اهو سوچيو ته دوستن ساٿين جي گهرن جون اهي عورتون جيڪي پلي گهٽ سياسي ڄاڻ يا تجربو رکنديون هجن پر انهن ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ سان لڳاءُ ۽ ڪجهه ڪرڻ جو جذبو هجي انهن سان تنظيم جو آغاز ڪجي پوءِ عمل ۾ هلندي اهي پاڻ ئي سکنديون ۽ ٿي سگهي ته انهن مان ڪي گهڻو اڳتي نڪري اچن.

سو محاذ جي مختلف دوستن جي صلاح مشوري ۽ تعاون سان مون ڪراچيءَ ۾ عنبرين اپارٽمنٽ واري پنهنجي فليٽ تي عورتن جو هڪ ميڙ ڪوٺايو. سندن صلاح مشوري سان سيپٽمبر 1989 ۾ سنڌي ناري تحريڪ جي پهرين باڊي ٺاهي ويئي جنهن مطابق سلطانه هاليپوٽو صدر، سبحان ابڙو نائب صدر، گلشن لغاري جنرل سيڪريٽري، منيره جوڻيجو (منهنجي ڌيءُ) جوائنٽ سيڪريٽري، روزينا سيال خزانچي ۽ غزاله قريشي اطلاعات سيڪريٽري مقرر ٿيون. مون پنهنجي ڌيءُ، جيڪا ان وقت ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، کي ان ڪري اڳتي آندو جو اسان جي جاگيرداڻي سوچ واري سماج ۾ پنهنجي گهر جي عورت جي موجودگيءَ کان سواءِ اعتماد سان ڪم ڪرڻ ذري گهٽ نا ممڪن آهي. وري اهڙي حالت ۾ ته اجا ڏکيو آهي جڏهن لڳ ڀڳ سموريون عورتون گهريلو هجن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جن ڪڏهن به ڪنهن تنظيم ۾ ڪم نه ڪيو هجي.

ڪي ڊي اي جي نوڪري سبب ڪراچيءَ کان گهڻو ٻاهر رهڻ ۾ ڏکيائين جي باوجود مون تنظيم جي مختلف عهديدارن سان گڏجي جيئي سنڌ محاذ جي ميمبرن ۽ همدردن جي مدد سان سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جا دورا ڪيا. ڪراچيءَ جي مختلف علائقن کان علاوه ٺٽو، ٻٺورو، ٽنڊو محمد خان، ميرپور خاص، عمر ڪوٽ، سکر، شڪارپور، رُڪ، ميهڙ، راڌڻ، قائم جتوئي ۽ ٻين هنڌن تي وياسين. پنهنجي سواري نه هجڻ جي صورت ۾ بسن، ويگنن ۽ سوزوڪي پڪ اپ ذريعي سفر ڪيوسين. ائين به ٿيو ته هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ ۾ ٽي ٽي گاڏيون تبديل ڪرڻيون پيون. عورتن جا پنهنجا مزاج، پنهنجا مسئلا. انهن سان سچو ڏينهن سفر ڪرڻ، انهن جي خاندان جي مردن ۽ عورتن سان گڏ ويهڻ، انهن جا سماجي، خانداني ۽ علائقائي مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن کي قومي ۽ سياسي سوچ ڏانهن وٺي وڃڻ نهايت مشڪل ۽ صبر آزما ڪم هئو. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ مون کي خوشي گاڏڙ اطمينان ٿيڻ لڳو ته مان گهڻ طرفي اعتماد سان مشڪل ڪم کي اڳتي وڌائي سگهان پيو.

ٿوري عرصي ۾ نظر اچڻ لڳو ته سنڌي ناري تحريڪ هڪ تنظيم جي شڪل ۾ اڀرڻ لڳي هئي، خاص ڪري ميرپور خاص، شڪارپور ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ مونکي مستقبل جا سٺا مرڪز نظر اچي رهيا هئا. ميرپور خاص ۾ گلشن لغاري ۽ پاپي زبيده (گلشن جي پاپي هئڻ ڪري اسان سڀ کيس پاپي چوندا هئاسين) گهڻيون متحرڪ هيون. شڪارپور ۾ عبدالقيوم منگيءَ جي خاندان جون 5_7 ڇوڪريون جهڙوڪ رخسانه، محموده، عاليه ۽ ٻيون تمام هوشيار ۽ باشعور جڏهن ته ٽنڊي محمد خان ۾ منصور خاصخيلي جي گهر واريءَ سميت ٻيون ڪجهه اديون (افسوس انهن جا نالا مون کان وسري ويا آهن) نهايت سنجيده ۽ پر جوش هيون. ان کان علاوه قائم جتوئي (ميهڙ) ۾ ڊاڪٽر برڪت جتوئي جي نياڻي فهميده سان گڏ ڇوڪرين جو گروپ ۽ راڌڻ قاضي دڙي ۾ اسان جي خاندان جون عورتون به دلچسپي رکندڙ هيون.

هن ٽن سالن ۾ سنڌي ناري تحريڪ محسوس ٿيڻ ۽ نظر اچڻ لڳي. ڪجهه پروگرام/ چرپر اهڙي ٿي جنهن نه رڳو ناري تحريڪ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪارڪنن ۾ پر اسان ۾ بہ اعتماد وڌايو. 1991 ۾ ميرپور خاص ۾ مائي بختاور جي ورسيءَ جو ڀرپور ۽ نهايت شاندار پروگرام ٿيو جنهن کي ڏسي اسان جي دوست ۽ سينيئر صحافي ناز سهتي مزاحيہ انداز ۾ چيو تہ "هي تہ ناري تحريڪ نہ پر نارو تحريڪ ٿي لڳي" جڏهن تہ هڪڙي ٻئي دوست تبصرو ڪيو تہ "اڳ ۾ سنڌ ۾ رڳو هڪڙي عورتن جي تنظيم سنڌياڻي تحريڪ هئي، هاڻي ٻي (سنڌي ناري تحريڪ) بہ نظر اچي رهي آهي." ان پروگرام کي منظم ڪرڻ لاءِ مان هڪ هفتو ميرپور وڃي رهيو هئس. ان کان علاوه محاذ جي سينيئر ساٿين شفيع سينهڙي ۽ علي حسن چانڊيي بہ گهڻي مدد ڪئي. پر ان ۾ مکيہ رول ۽ ڪم گلشن لغاري ۽ ٻاپي زبيده جو هئو. ڪراچيءَ مان منيره جوڻيجو ۽ غزالہ قريشيءَ خاص ڪري فنڊ ۾ سنڌن مدد ڪئي. مون شعوري طور منيره ۽ غزالہ کي بندي ڪٽائي ڪي ڏي اي ۾ پنهنجي دوست آفيسرن ڏانهن فنڊ لاءِ موڪليو تہ جيئن انهن جو مونجهارو ٽٽي ۽ اهي ورڪر طور ڪم ڪري سگهن. ان تي ڪجهہ دوستن مون تي تنقيد ڪئي، ڪن چٽرون ڪيون پر ڪن تعريف ۽ همت افزائي بہ ڪئي. پروگرام ۾ مان ڪارڪنن سان گڏ پٽ تي ويٺو هئس (تقرير بہ ڪانہ ڪيم) جڏهن تہ اسٽيج تي سلطانہ هاليپوٽو ۽ گلشن لغاري سان گڏ سيد غلام شاهہ (چيئرمين) ۽ عبدالواحد آريسر ويٺا هئا.

ان ڪانپوءِ جڏهن پاڪستاني وزير اعظم نواز شريف اعلان ڪيو تہ هو بنگلا ديش مان بهارين کي آڻي پنجاب ۾ آباد ڪندو تہ جيئي سنڌ محاذ موقف اختيار ڪيو تہ اهي بهاري وري بہ سنڌ ۾ ايندا تنهن ڪري علامتي طور سنڌ پنجاب سرحد بند ڪرڻ لاءِ ڪمون شهيد وٽ ڌرڻو هنيو ويو. سنڌ پنجاب سرحد بند ڪرڻ جو تاريخ ۾ اهو پهريون عمل هئو. سخت گرمي ۽ ويرانيءَ ۾ جتي نہ ڇانو لاءِ وڻ هئو نہ پيئڻ لاءِ پاڻي اتي لڳل ان ڌرڻي ۾ سنڌي ناري تحريڪ جي ميمبرن وڏي تعداد ۾ نہ رڳو شرڪت ڪئي پر وڏي همٿ سان اڳواڻي ڪئي. انهن ۾ منهنجي گهر واري ۽ ڌيءُ بہ شامل هيون جيڪي ڪراچيءَ کان ريل ذريعي آيون هيون.

ان کان علاوه راڌڻ ۾ راڌڻ، قاضي ڊڙي ۽ ڦائم جتوئي جي ناري تحريڪ جي ڪارڪنن گڏجي 8 مارچ عورتن جي حقن واري ڏينهن تي ڀرپور پروگرام ڪيو. ٻيا ننڍا وڏا پروگرام ۽ جيئي سنڌ محاذ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پروگرامن ۾ عورتن جي شرڪت ته ٿيندي ئي رهندي هئي. اهو سڀ ڪجهه ٻن ڪان ٽن سالن دوران ٿيو. بعد ۾ جڏهن سائين جي ايم سيد کي علاج لاءِ ٻاهر وڃڻ جي بينظير سرڪار طرفان اجازت نه ملڻ خلاف جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ طرفان ڪراچيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ آڏو احتجاجي مظاهرو منعقد ڪيو ويو ته ان ۾ به سنڌي ناري تحريڪ جي عورتن جو حصو هو. جڏهن پوليس احتجاج ٽوڙڻ لاءِ آنسو گئس هنئي ۽ هوائي فائرنگ ڪئي ته ڪيترا مرد همراه خاص ڪري جيئي سنڌ تحريڪ جي پاڻ کي وڏا جوڌا چورائيندڙ همراهن ڀڄڻ کان وڌيڪ گهٽيون ڀرڻ تي زور رکيو تڏهن به ناري تحريڪ واريون محاذ جي قيادت سان ميدان ۾ موجود هيون جن ۾ منهنجي ڌيءُ (منيره)، گهر واري ۽ اسان جي خاندان جون ٻيون عورتون به شامل هيون.

پر پوءِ ڇا ٿيو؟ اها ڏاڍي افسوس ناڪ ڪهاڻي آهي. ڪنهن به انقلابي يا سياسي پارٽيءَ ۾ اختلاف راءِ ٿيڻ هڪ فطري ڳالهه هوندي آهي. جيئي سنڌ محاذ ۾ به منهنجا پارٽي قيادت خاص ڪري چيئرمين عبدالواحد آريسر سان ڪجهه سياسي، وڌيڪ تنظيمي، معاملن تي اختلاف هئا جيڪي مان ادارن ۾ رکندو هئس. پر موٽ ۾ مسئلن کي ادارن ۾ بحث مباحثي، دليل دلائل ۽ جمهوري راءِ ذريعي حل ڪرڻ بجاءِ ادارن کان ٻاهر انهن کي پروپيگنڊا ذريعي گروپ بنديءَ جي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اهو به دنيا جي سياسي تاريخ جو منفرد واقعو هئو ته پارٽيءَ جي قيادت پاڻ پارٽيءَ ۾ گروپ بندي ڪري

انهيءَ پروپيگنڊا مهم ۽ گروپ بنديءَ جو ميدان سنڌي ناري تحريڪ کي به بڻايو ويو. پارٽي چيئرمين عبدالواحد آريسر ۽ سينيئر وائيس چيئرمين سيد غلام شاهه سنڌ جي دوري تي نڪتا ۽ سنڌي ناري تحريڪ جي ميمبرن وٽ وڃي پارٽيءَ جي اداري طرفان مقرر ڪيل نگران يعني منهنجي خلاف پروپيگنڊا ڪئي. جيتوڻيڪ اهي منهنجي خلاف ڪي به ٺوس ثبوت ته پيش ڪونه ڪري سگهيا پر جيئن ته چيئرمين سينيئر وائيس چيئرمين ڳالهائي رهيا هئا ته ان سان ميمبرن جو اعتماد متزلزل ٿيڻ ۽ شڪ شبهه جو پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه هئي خاص ڪري ان لاءِ به ته عورت ميمبرن ۾ اجا ايتري نظرياتي پختگي ڪانه آئي هئي. نتيجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طور عورت فرنٽ جو ڪم جيڪو اڳتي وڌي رهيو هئو اهو نه رڳو تعطل ۾ مونجهاري جو شڪار ٿيو پر پوئتي وڃڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ سائين جي. ايم. سيد جي انتقال سان خود جيئي سنڌ محاذ ۾ ٽي پيچ ڏاهه ٿي جنهن جو منفي اثر لازمي طور سنڌي ناري تحريڪ تي پوڻو هئو. اهڙي طرح قومي تحريڪ جي باغ ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ هڪ ٻوٽو وڻ ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ڪومائجي ويو.

❊❊❊

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سيد جو خطبو ۽ رياست جو تشدد

**جيئي** سنڌ محاذ ۾ هر هڪ سال باقاعدگيءَ سان چونڊون ٿيونديون رهنديون آهن. ڊسمبر 1977 ۾ نئين سر تنظيم سازيءَ جي عمل شروع ٿيڻ کان وٺي ٿيندڙ سمورين چونڊن ۾ عبدالواحد آريسر ئي چيئرمين چونڊبو آيو هئو. 1991 ۾ آريسر صاحب سميت سيني سينيئر ساٿين جي صلاح بيٺي تہ قيادت ۾ ڪجھ تبديلي ڪجي. چيئرمين جي عهدي لاءِ سيد غلام شاھ جي نالي تي اتفاق ٿيو باقي وائيس چيئرمين تي مقابلو ٿيو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن کان تازوئي محاذ ۾ ايندڙ آصف بالاديءَ بہ فارم ڀرايو جڏهن تہ اسان جي سنگت طرفان سينيئر اڳواڻ سرور سهتي صاحب کي اميدوار بيهاريو ويو. اليڪشن ۾ سهتو صاحب واضح اڪثريت سان کٽي ويو. عبدالواحد آريسر ، مان، آصف بالاديءَ هاشم کوسو امر جوٽيجو مولا بخش ٻرڙو ۽ عبدالقيوم منگي سپريم ڪائونسل جي ميمبر طور چونڊياسين. جيتوڻيڪ ڪائونسل جي چونڊ ۾ اسان جي سڄي سنگت آصف بالاديءَ کي ووٽ ڏنا جنهن جي ڪري هن ووٽ مون کان بہ وڌيڪ کنيا پر پوءِ بہ ان ڏينهن کان هو مون کي پنهنجو ۽ پاڻ کي منهنجو مخالف سمجهڻ لڳو. بعد ۾ ڊاڪٽر مير عالم مريءَ مون کي ٻڌايو (محاذ اندر ڪجھ عرصي لاءِ ڊاڪٽر مير عالم ۽ آصف بالادي هڪ گروپ ۾ هوندا هئا) تہ آصف هڪ دفعي چيو تہ "خالق جوڻيجي ۽ ان جي دوستن مون کي محاذ ۾ ذهني طور قبول ئي ناهي ڪيو". ان تي ڊاڪٽر چيو تہ" مون چيومانس تہ جيڪڏهن اهي توکي قبول نہ ڪن ها تہ پوءِ وائيس چيئرمنيءَ تي هارائڻ جي باوجود ڪائونسل لاءِ تون ايترا ووٽ ڪيئن کڻين ها؟".

اليڪشن کان پوءِ سنڌي پورهيت سنگت طرفان پارٽيءَ جي نئين چونڊيل قيادت کي آجياڻو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن ۾ خاص مهمان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

طور سائين جي ايم سيد کي عرض ڪيوسين جيڪو ان قبول ڪيو.
آجياڻي جو پروگرام ڪراچيءَ جي هڪ وڏي هوٽل تاج محل ۾ 28 اپريل 1991 تي رکيو ويو جنهن ۾ جيئي سنڌ سان واسطو رکندڙ تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کان علاوه ٻين همدرد سياسي پارٽين جي اڳواڻن، ڪراچيءَ جي سينيئر صحافين، اديبن، دانشورن، وڪيلن، مزدور ليڊرن ۽ سماجي ڪارڪنن کي دعوت ڏني ويئي. ايتري اهم، وڏي ۽ مهانگي پروگرام منعقد ڪرڻ جي تجويز پارٽيءَ جي سينيئر، جاکوڙي، ڪميٽڊ ڪارڪن ۽ سنڌي پورهيت سنگت جي اڳواڻي جنرل سيڪريٽري عبدالمالڪ مهر ڏني هئي ۽ فنڊ سميت پروگرام منعقد ڪرڻ ۾ سڀ کان مکيه ڪردار به ان ئي ادا ڪيو.

پروگرام هر لحاظ کان شاندار ۽ شاناٽتو رهيو پر ان جو اعليٰ ترين مرحلو سائين جي ايم سيد جي تقرير هئي. تقرير نه هئي پر هڪ پيغام هئو. سياسي ليڊر جي تقرير نه پر سياسي رهبر جو پيغام. اچا به ائين چئجي ته سائينءَ جي سڄي زندگيءَ جي جدوجهد ۽ سڄي سوچ جو نچوڙ هئو. سائين پنهنجي وڏي ڄمار ۽ ڏکي جدوجهد دوران مختلف موقعن ۽ مرحلن تي ڪڏهن تحرير ته ڪڏهن تقرير ذريعي ۽ ڪڏهن ڪچهرين ۾ اخلاق ۽ ڪردار جي اهميت بيان ڪندو رهندو هئو. پر سڀ کان وڌيڪ سندس پنهنجي عملي زندگي بلند اخلاق ۽ مثالي ڪردار جو نمونو هئي. ٻئي طرف سنڌ جي قومي نجات سائينءَ جي زندگيءَ جو اعليٰ آدرش هئي. ان ڏينهن سائينءَ سنڌ جي قومي نجات جي خواهش رکندڙن لاءِ صالح عمل ۽ بلند ڪردار جي اهميت تي هڪ ڀرپور، پرجوش ۽ دل دماغ کي ڇهندڙ خطبو ڏنو. پنهنجي پوئلڳن، ساٿين ۽ همدردن کي مخاطب ٿيندي چيائين ته "سنڌ کي آزاد ڪرڻو اٿو ته، اخلاق سڌاريو. اوهان تڏهن ئي آزادي حاصل ڪري سگهندئو جڏهن اخلاق سڌاريندئو. اوهان تيستائين ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهندئو جيستائين اوهان ۾ اخلاق نه هوندو. سڀني پيغمبرن به اخلاق تي زور ڏنو آهي. اسان اڳ ۾ به چيوسين ته اسان وٽ گهڻا ماڻهون ته اچي ويا پر انهن ۾ اخلاق، عمل ۽ عقل نه هوندو ته اهي ماڻهو ڪنهن به ڪم جا نه هوندا. مهرباني ڪري پاڻ ۾ اخلاق ڏاريو. جيڪي چئو سو ڪريو ۽ پاڻ ۾ توڙي ماڻهن ۾ قومي شعور پيدا ڪريو. اسانجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مقصد آهي تہ قومي شعور وڌي جنهن ۾ ئي اسان سمجهو ٿا تہ سنڌ جي ڀلائي آهي.' ان کان پوءِ هن آدرشي انسان پنهنجو اندر ايوان جي آڏو کولي رکيو ۽ انتهائي ڏکويل لهجي ۾ چوڻ لڳو تہ "مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ منهنجي تحريڪ ۾ بہ ڏوهاري قسم جا ماڻهون آهن." انهن مان ڪجهہ جي نشاندهي ڪندي چيائين تہ "انهن مون سان وعدو ڪيو آهي تہ آئنده ڪوڪڏو ڪم نہ ڪندا, هاڻي ڏسجي تہ ان تي ڪيترو عمل ٿا ڪن."

سائين پاڻ تہ ان کان پوءِ گهڻو عرصو زنده نہ رهيو جو پنهنجي نصيحت تي عمل جي وعدي جو نتيجو ڏسي سگهي پر آجياڻي ۾ موجود تي سئو کان مٿي ماڻهون ۽ انهن سان گڏ باقي سڄي دنيا ضرور ڏٺو ۽ ڏسي رهي آهي. اهو آجياڻو ۽ ان ۾ سائينءَ جي تقرير انهن ماڻهن لاءِ بہ جواب هئي جيڪي چوندا رهندا آهن تہ "جي ايم سيد قومي تحريڪ ۾ ڏوهي ڪلچر کي روڪڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو". انهن کي خبر هوندي نہ تہ هجڻ کپي, تہ سيد پنهنجي زندگيءَ جي پوئين حصي ۾ ڪنهن بہ تنظيم جو عهديدار ڪونہ هئو ۽ نہ ئي ڪنهن اداري جو سربراه هئو جو سزا جزا ڏئي ها. هو رهبر يعني گائيڊ (guide) هئو ۽ سيئي رهبر يا گائيڊ ائين تي رهنمائي ڪندا آهن. صحيح ۽ غلط ۾ فرق سمجهائيندا آهن, سچ ۽ ڪوڙ ۾ تميز جو طريقو ڏسيندا آهن ۽ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وچ ۾ هلندڙ ويڙه ۾ صحيح واٽ ڏيکاريندا آهن. وڏي ڳالهہ تہ جيڪا تبليغ ڪندا آهن ان تي عمل ڪندي پنهنجي زندگيءَ کي نموني ۽ مثال طور پيش ڪندا آهن. ائين ئي مهاتما گانڌيءَ ڪيو ائين ئي آيت الله خمينيءَ ڪيو ۽ ائين ئي جي ايم سيد ڪيو. ۽ ائين بہ ڪڏهن بہ ڪٿي بہ ڪونہ ٿيو آهي تہ هڪ رهبر جي هدايت تي ان جا سمورا پوئلڳ هڪ جهڙو ۽ هڪ جيترو عمل ڪن يا هڪ بهترين استاد جا سيئي شاگرد سندس پڙهايل سبق جي پوئواري ۽ پاسداري ڪن. مهاتما گوتم ٻڌ جيڪو عدم تشدد جو باني ڪار رهيو ۽ جيڪو جيت جڻيي کي مارڻ کان بہ منع ڪندو هئو ان جا ڪجهہ پوئلڳ اڄ انسانن جو اجتماعي قتلام ڪري رهيا آهن ۽ عبادتگاهن کي باهہ لڳائي رهيا آهن. جي ايم سيد پنهنجي سيني شاگردن کي ساڳيو سبق ڏنو پوءِ انهن مان ڪي ان سبق تي سبتو عمل ٿا ڪن ۽ ڪي ابتو تہ ان ۾ استاد جو ڪهڙو قصور.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ان پروگرام سان لاڳاپيل هڪ ضمني ڳالهه به ڪندا هلون.
1988 وارن نسلي ۽ لساني فسادن وقت سنڌي ماڻهن جي سهائتا خاطر ڪراچيءَ جي پاڙن ۽ گهٽين ۾ هلندي منهنجي ملاقات هڪ اديءَ سان ٿي جيڪا پڻ ساڳئي مقصد سان نڪتل هئي. وقت سان گڏ ان سان واقفيت وڌندي ويئي ۽ هُن ڪراچيءَ ۾ رهندڙ مڊل ڪلاس جي ڪجهه سنڌي عورتن سان منهنجي هڪ ڪچهري به ڪرائي جيڪي جنوري 1989 واري ايئرپورٽ جي تاريخي ڌرڻي ۾ به شريڪ ٿيون هيون. تاج محل آجيائي جا ڪجهه ڪارڊ مون ان اديءَ کي به ڏنا هئا. پروگرام ۾ اها پنهنجي هڪ ساهيڙيءَ سان گڏ شريڪ ٿي. مون گيت ٿي ڪين پليڪار چوندي هڪ مناسب جاءِ تي وجي ويهاريو. ان دوران به چار هلڪيون ڦلڪيون ڳالهيون به ٿيون. پروگرام جي خاتمي تي موڪلائڻ وقت اديءَ چيو ته منهنجي هيءَ ساهيڙي توهان جي تنظيم ۾ ڪم ڪرڻ چاهي ٿي. مون چيو ته خوشيءَ جي ڳالهه آهي پر بهتر ٿيندو ته اسان جي ڪم ۽ تنظيم بابت ڪجهه مواد پڙهي ته پوءِ هڪ اڌ ڪچهري ٿئي، جيئن اها ادي سوچي سمجهي شامل ٿئي. پر پوءِ ان خاتون پڙهڻ پڙهائڻ ۾ به دلچسپي ڪانه ورتي ۽ هڪ اڌ اهڙا واقعا به ٿيا جن مان ظاهر ٿيو ته اها خاتون اصل ۾ مون ۾ دلچسپي پئي وٺي، ان ڪري سياسي ڪم ۾ به دلچسپي ڏيکاريائين. ڏسجي ته اها عورت پڪي عمر جي، پڙهيل لکيل، شهري سماج جي، مرد کان بغير گهر کان ٻاهر نڪرڻ واري ۽ سياسي ڪم ۾ پنهنجو ڀاڙو خرچ پري سگهڻ واري، عورت تحريڪ جي ڪم لاءِ بلڪل آئيڊيل هئي، اهڙي جنهن جي مون کي تلاش هئي. پر اسان بنيادي طرح ٻهراڙيءَ جي زرعي سماج سان واسطو رکندڙ آهيون ۽ زرعي سماج واري ماڻهوءَ جي پيش قدمي ڏاڍي مشڪل ٿيندي آهي. سو مان اها رِسڪ نه کڻي سگهيس ۽ ڳالهه آئي ويئي ٿي ويئي. اسان جي زرعي سماج سان واسطي ۽ قدامت پسند سوچ جي ڪري اڄ تائين عورت تحريڪ ۾ لڳ ڀڳ سڀ عورتون گهريلو آهن. سياسي پروگرامن ۽ جلسن جلوسن ۾ شريڪ ته ٿينديون آهن پر مرد ميمبرن جي زال، ڌيءُ، ماءُ يا ڀيڻ ڀاڄائيءَ جي حيثيت ۾. سائين جي ايم سيد پنهنجي شخصيت جون جيڪي ڪمزوريون ٻڌايون آهن، انهن ۾ هڪڙي ٻهراڙيءَ جي سماج سان واسطو هجڻ به آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آجياڻي جي ٻئي ڏينهن يعني 29 اپريل تي ليمو گبول ڳوٺ گلشن اقبال ڪراچيءَ ۾ سنڌ هائوس (سنڌ قومي اتحاد جي آفيس) تي جيئي سنڌ محاذ جي سپريم ڪائونسل جي ميٽنگ رکيل هئي. چيئرمين غلام شاهه جي صدارت ۾ ٿيندڙ اها ميٽنگ رات جو اٽڪل ٻارهين وڳي ختم ٿي. مان سنڌي ناري تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري ادي گلشن لغاريءَ سان گڏجي اٽڪل ٻه ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي عنبرين اپارٽمينٽ ۾ پنهنجي فليٽ تي آيس. ڪجهه دير گهر ڀاتين سان ڪچهري ڪري سمهي پياسين. ٿوري دير کان پوءِ فليٽ جي در تي زور سان کڙڪو ٿيو. اٽي ڏنم ته رات جا ٻه ٿيا هئا. در کوليم ته پوليس وارن جو اڌالو ڪي يونيفارم ۾ ڪي ان جي بغير، فليٽ ۾ ڌوڪيندا آيا. سمجهي ويس ته سرڪاري مهمان آهن ۽ مون کي "سرڪاري مهمان" بڻائڻ آيا آهن. انهن جو جيڪو ليڊر هئو بنا ڊريس جي تنهن گهڙندي ئي پڇيو ته "انڊيا ڪڏهن ويو هئين؟" ٻڌايو مانس ته 1989 ۾. پوءِ سڄي گهر جي تلاشي ورتائون. ڪپڙا، ڪتاب، ڪاغذ ۽ ڪپڙا اٿلايائون پٿلايائون. زندگيءَ جا (مختصر تعداد ۾) فوٽو ڪجهه ڪاغذ ۽ لائسنس واري بندوق کڻي مون کي ساڻ وٺي هيٺ آيا. اتي بيٺل جيپ ۾ ويهڻ وقت مون ڏٺو ته ڪجهه فاصلي تي اهو همراه (اڪبر بوزدار) بيٺو هئو جيڪو هاشم کوسي جي سنڌ هائوس سنڀالڻ کان اڳ ۾ اتي رسول بخش ٿيٻي جي دوستيءَ ۾ رهندو هئو.

پوليس جيپ جڏهن گلشن اقبال پوليس اسٽيشن جي ٻاهران پهتي ته اتي اڳ ۾ئي ٻه ٽي ٻيون گاڏيون بيٺل هيون. جن ۾ عبدالواحد آريسر، غلام شاهه ۽ هاشم کوسو ويٺل هئا. اڌ مني ڪلاڪ تائين اتي بيٺا رهياسين جنهن دوران پوليس وارن جي پاڻ ۾ سُس پُس، اچ وڃ ۽ وائرليس تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. آخرڪار انهن عبدالواحد آريسر کي واپس وڃڻ ڏنو باقي اسان ٽنهي کي هڪڙي پڪ اپ گاڏيءَ ۾ ويهاري روانا ٿيا. رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ اسان جي اکين تي پٽيون ٻڌيون ويون. اٽڪل ٻه اڍائي ڪلاڪ گاڏي روڊن تي هلندي رهي. ايتري ٽائيم ۾ مون پاڻ کي ذهني طور تيار ڪري ورتو. مان ذهني طور تيار ٿي ويس ته اها گرفتاري ڪيتري ٻه ڏکي ٿي سگهي ٿي، ڪٿي ٻه وٺي وڃي سگهن ٿا ۽ ڪجهه ٻه ٿي سگهي ٿو. شايد ٻين ساٿين ٻه ائين ڪيو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڏي صبح مهل گاڏي جتي هلي بيٺي اتي محسوس ٿيو پئي ته وڏو ميدان هئو ۽ ڪا گهٽي آبادي ڪانه هئي. گاڏيءَ مان لاهڻ کان پهريان اسان جا هٿ به پٺيان ٻڌا ويا. پنهنجي "چوڪيدارن" جي چرپر، انهن جي پاڻ ۾ گفتگوءَ ڪڏهن ڪڏهن اسان مان ڪنهن کان پڇيل يا ڪجهه چيل ڳالهه مان اندازو ٿيو پئي ته اسان ٽئي هڪ هال جي مختلف پاسن ۾ ويٺل هئاسين. شروع ۾ جنرل (عمومي) قسم جا داٻا ۽ دڙڪا دهمان ڏنا پئي ويا پر پوءِ آهسته آهسته پڇا ڳاڇا جو رخ مبينه "ڪرائيم" جي طرف ٿيندو ويو. ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ سيد غلام شاهه کي ڪيڏانهن وٺي ويا ۽ وري ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ واپس وٺي آيس. ان مهل اندازي طور سج لٿي/ سومهڻيءَ جي مهل هئي. آهستي پڙڪي ۾ غلام شاهه اسان کي ٻڌايو ته "مان وچان پيو". ٻئي ڏينهن پهرين مئي مزدورن جو عالمي ڏينهن هو. ان حوالي سان سنڌي پورهيت سنگت جي جلسي ۾ تقرير ڪندي سيد غلام شاهه "گرفتاريءَ" جو سرسري ذڪر ڪيو. جنهن کان پوءِ اخبارن ۾ به خبر آئي اهڙي طرح دوستن همدردن کي اسان جي گرفتاري (ان کي گرفتاري چئجي يا پيو ڪجهه اهو پنهنجي جاءِ تي سوال آهي) جي خبر پيئي. سنڌ جو هڪ وڏو شاعر هدايت بلوچ، جيڪو ذات جو ڪوسو آهي. تنهن جي ڪجهه قومي تحريڪ جي ڪري ڪجهه ذات جي ڪري هاشم ڪوسي سان ويجهي دوستي آهي. ان هاشم ڪوسي تي عوامي آواز اخبار ۾ چئو سٽو به لکيو.

باقي پوئتي رهيل هاشم ڪوسي ۽ مون کان سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ ڪرائيم بابت ۽ ان ۾ اسان جي ملوث هجڻ نه هجڻ بابت پڇا ڳاڇا جاري رهي. اها پڇا ڳاڇا ڪڏهن هال ۾ هڪ ٻئي جي موجودگيءَ ۾ ئي ڪندا هئا پر اڪثر ڪري الڳ وٺي وڃي ڪندا هئا. ان دوران جسماني، ذهني ۽ نفسياتي تشدد به ڪيو ويندو هئو. مون تي تشدد گهٽ هاشم تي وڌيڪ ڪندا هئا. ان جا انهن وٽ رواجي ۽ متاچرا سبب هئا. هاشم هڪ ته ذات جو ڪوسو هئو ۽ بيو شڪل شبيهه ۾ ڪجهه کهرو لڳندو هئو. منهنجي گهر ۾ جڏهن گهڙيا هئا ته انهن کي ڪاغذ، ڪتاب مليا هئا خاص ڪري امريڪا ۾ ڇپيل ڪتاب "هڪ سئو" (The Hundred) جنهن ۾ انساني تاريخ جي هڪ سؤ سڀ کان طاقتور ماڻهن جي فهرست ۾ حضرت محمد کي پهريون نمبر ڏنل هئو. ان جي موجودگيءَ انهن کي متاثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون جواب ڪونہ ڏنو مانس. پوءِ چيائين: اچھا یہ تو آپ مانیں گے نہ کہ ایک طرف آپ سرکاری نوکری کر رہے ہیں اور دوسری طرف سرکار مخالف سیاست کر رہے ہیں جو کہ غلط ہے؟" مون چيو مانس تہ "یہ آپ کی بات درست ہے، اگر اور جب آپ مجھے یہاں سے جانے دینگے تو میں پوری کوشش کرونگا کہ دونوں (نوکری اور سیاست) میں سے ایک چھوڑ دوں".

نوڪري وڃڻ يا ڇڏڻ جي ڳالھ اڳ ۾ئي منھنجي ذھن ۾ هوندي هئي، ان ڏينهن کان پوءِ مون ان بابت وڌيڪ سنجيدگيءَ سان سوچڻ شروع ڪيو. ۽ پوءِ ڇئن سالن بعد جڏهن مون نوڪري ڇڏي تہ اهو آفيسر جيڪڏهن سياست تي نظر رکندو ايندو هوندو تہ ايترو ضرور مڃيو هوندائين تہ جي ايم سيد جو پوئلڳ زبان جو پڪو نڪتو."

ڪي ڊي اي ۾ منھنجي نوڪريءَ وارو عرصو ڪو گھڻو ذڪر لائق ڪونھي جو مان ان ڪي وقت ۽ اهميت ٻئي ڪونہ ڏيندو هئس. سياست جي نشي جي اهڙي لتِ لڳي چڪي هئي جو ان جي آڏو ٻيون سڀ شيون پنھنجي ڪشش وڃائي چڪيون هيون. خاص ڪري اهو ئي سنڌ ۾ نظرياتي ۽ انقلابي سياست جو دور هئو (1975_95) سو تنظيمي فيصلو يا قومي ڪم آڏو ايندو هئو تہ پوءِ نوڪريءَ جون ضرورتون وسري وينديون هيون. جيتوڻيڪ نوڪري منھنجي لاءِ رڳو ضروري نہ پر "زندگيءَ جو ذريعو" (Life Line) هئي جو ان کان سواءِ گذر جو ٻيو ڪو بہ وسيلو ڪونہ هئو جڏهن تہ نوڪريءَ ۾ ايندي ايندي منھنجا چار ئي ٻار پيدا ٿي چڪا هئا. ٻئي طرف حڪومت پٽي جي هجي يا ضياءَ جي انهن ۾ ڪنهن بہ حڪومت مخالف يا "انٽونڊر" سرگرميءَ جي ڪري ڪنهن بہ وقت نوڪري ختم ٿيڻ جي تلوار هر وقت مٿان لڙڪندي رهندي هئي جڏهن تہ مٿيان آفيسر سڀ مهاجر اسان جا مخالف جيڪي هر وقت اسان (سنڌين) جي خلاف موقعي جي تلاش ۾ رهندا هئا. پوءِ بہ اهي سڀ خطرا ڪٿي قومي ڪم ترجيحي بنيادن تي ڪبو هئو. آخر عورت جي عشق ۾ بہ تہ ماٿهون وڏا وڏا خطرا ڪٽندو آهي نہ ۽ مان يقين سان چوان ٿو تہ ان وقت دنيا وانگر سنڌ ۾ بہ نوجوانن کي عورت کان وڌيڪ انقلاب جي ڪشش پنھنجي طرف ڇڪيندي هئي. ان صورتحال لاءِ ئي اياز چيو تہ:

"ڪو ڪيئن نہ ٻوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبو مينديءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ وڃي زندان ڏي، ٿا زلف ڇڪن زنجيرن جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شيخ اياز بہ چا شاعر آ. تخيل توڙي تشبيهن جي لحاظ کان. ٻيا سمورا شاعر (سنڌيءَ جا توڙي اردو جا) زلفن کي زنجيرن سان پيٽ ڏيندا آهن. هن زنجيرن کي زلف سان تشبيھ ڏني.

نوڪريءَ کي وقت ۾ اهميت گهٽ ڏيڻ ڪري مان ڪي ڊي اي ۾ دوست بہ گهٽ ٺاهي سگهيس. هجاڻتا دوست بس بہ ٽي ئي هئا. جيئن منظور سومرو اسحاق جوکيو ۽ غياث شيخ. انهن کان علاوه امان الله چاچڙ قاضي خليل الرحمان، ارشاد سومرو، شفيق صديقي ۽ مولا بخش سميجي کي بہ مان دوست چئي سگهان ٿو. باقي سنڌيت جي بنياد تي مون ڪي ڊي اي ۾ بہ سنڌين کي متحد ۽ منظم ڪيو جنهن سان اداري ۾ انهن جي عزت ۽ اهميت ۾ واڌارو ٿيو. آفيسرن جي الڳ تنظيم لطيف آفيسرس ويلفيئر ايسوسي ايشن ٺهرايم جنهن جو صدر اسحاق جوکيو ۽ جنرل سيڪريٽري مان ٿيس. ان ۾ مٿي ذڪر ڪيل دوستن کان علاوه عبدالقدر آخوند، رحيم بخش شيخ ۽ بلڊنگ ڪنٽرول جا وقار ميمڻ ۽ جميل ميمڻ پڻ متحرڪ رهيا. هيٺين ملازمن کي گڏ ڪري انهن لاءِ مون مهراڻ ويلفيئر ايسو سي ايشن ٺهرائي. ان جي ٺهڻ سان يونين جي حوالي سان سنڌي ملازمن کي وڏو فائدو ٿيو. اڳ انفرادي حيثيت ۾ ڪو ڪنهن يونين کي ڪو ڪنهن کي ووٽ ڏيندو هئو. مهراڻ جي پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ کان پوءِ ڪي ڊي اي جون سيئي مکيہ يونينون سنڌين جي ووٽن جي اهميت کي محسوس ڪندي انهن کي حاصل ڪرڻ جا جتن ڪرڻ لڳيون. هڪري يونين مهراڻ جي ڪجھ ميمبرن کي پنهنجي ڪابينا ۾ عهدا بہ ڏنا. شروع ۾ بشير جوڻيجي ۽ خاص ڪري نور محمد چانڊئي. ٻين دوستن سان گڏجي، اجتماعي ڀلي لاءِ سنو ڪم ڪيو. ڊائريڪٽر جنرل سميت اعليٰ آفيسرن تائين سنڌي ملازمن جا مسئلا کڻي ويندو هئو. جتي صلاح ۽ مدد جي ضرورت پوندي هئن تہ مون سان رابطو ڪندا هئا. بعد ۾ صالح پتو ۽ بشير مهيسر متحرڪ ٿيا. مهيسر کي يونين ۾ بہ عهدو مليو پر انهن يعني همراهن پنهنجي تنظيمي حيثيت کي ذاتي فائدن لاءِ استعمال ڪيو جنهن ڪري تنظيم وڏيڪ موثر نہ رهي.

جيترو بہ وقت اُتي رهياسين اسان جي اکين تي پٽيون ٻڌل هيون. ڪنگهڻ ڪڙڪڻ ذريعي يا پنهنجي ”چوڪيدارن“ سان ڳالهائڻ وقت هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئي جي موجودگيءَ جو احساس ٿيندو هئو. اهڙي ناڪاري (Negative) ۽ معاندانه (Hostile) ماحول ۾ ڪا مثبت ۽ دوستاڻي ڳالهه ۽ ويراني جهڙي سنسان فضا ۾ ڪو اتساهيندڙ آواز جيڪڏهن هئو ته اها ڪوئل جي ڪوڪ هئي. ڪوئل جي ڪوڪ ته ائين ئي انسان جي روح کي راحت ڏيندڙ هوندي آهي. ان جي خوبصورتي، مٺاس ۽ موسيقي دنيا جي الائي ڪيترين ٻولين ۾ شاعريءَ لاءِ اڻکٽ خزانو آهي. پر اسان جنهن صورتحال ۾ هئاسين ان ۾ ته اها ڪوڪ فطرت جي ڪنهن نعمت کان گهٽ نه هئي. محسوس ٿيندو هئو ته ميدان ۾ ڪنهن وڏي وڻ ۾ ويٺل ڪوئل وقفي وقفي سان اسان کي پنهنجي ساٿ جو يقين ڏياري رهي هئي. اتي جيترو به وقت هئاسين ان دوران اسان مانيءَ جو هڪ گره به ڪونه ڪاڌو ۽ پاڻي به ڪُل مشڪل سان ٻه گلاس پيتا هونداسين.

اوچتو ڪنهن وقت چيائون ته توهان کي وٺي ٿا هلون. اسان کي خبر نه هئي ته ڪيڏانهن وٺي ٿا وڃن ۽ نه ئي اها خبر هئي ته اهو وقت ڪهڙو هئو. بس گاڏيءَ ۾ ويهاري ڪلاڪ کان گهٽ جو سفر ڪري هڪ هنڌ اچي چڙهيائون. ماحول تبديل ٿيل محسوس ٿيو. ماڻهن جا رواجي (Normal) آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا. ڪجهه دير کان پوءِ آهستي اکين جي پٽي سرڪائي ته 10۔ 12 ماڻهن جي وچ ۾ پاڻ کي ويٺل ڏٺوسين. گڏوگڏ اِهو به ڏٺوسين ته اُهو ساٿيو همراهه (اڪبر بوزدار) اسان کان اڳ ۾ ئي اتي ويٺو هئو جيڪو گرفتاريءَ وقت گرفتار ڪندڙن سان گڏ هئو ۽ جيڪو رسول بخش ٿيٻي جي سنگت ۾ سنڌ هائوس تي هاشم کان اڳ ۾ رهندو هئو. ٿوري دير ۾ معلوم ٿيو ته اهو گلشن اقبال ٿاڻي جو لاڪپ هئو. اٽڪل 24 ڪلاڪن کان پوءِ سي آءِ اي صدر (ڪراچي) جا اهلڪار آيا جيڪي هاشم کي ساڻ وٺي ويا. ٻيا 24 ڪلاڪ گذرڻ کان بعد مون کي ٿاڻي وارن بيان وٺي ذاتي مچلڪي تي آزاد ڪيو جڏهن ته هاشم وڏيڪ ٽن ڏينهن تائين سي آءِ اي وارن جو تشدد سهندو رهيو.

هتي هڪ ننڍڙي پر دلچسپ ڳالهه ٻڌايان. ٿاڻي وارن کي ذاتي بيان لکرائيندي مون هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايو ته "جيئي سنڌ وارا منهنجي گهر تي ايندا آهن." جڏهن منشيءَ اهو بيان ايس ايڇ او کي پڙهي ٻڌايو ته چيائين ته "جيئي سنڌ وارا ڇوڪرا ايندا آهن". مون رڙ ڪري چيو مانس ته غلط ٿو پڙهين. چيائين ته ڇا غلط آهي. مون چيو جيئي سنڌ وارا ايندا آهن، جيئي سنڌ وارا ڇوڪرا نه. ان مان ظاهر ٿيو ته عام طور تاثر اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي تہ جيئي سنڌ وارا معنيٰ ڇوڪرا. ان سان ٺهڪندڙ هڪڙو ٻيو بہ واقعو ٻڌائيندو هلان. 2010 جي ٻوڏ آئي تہ ٻي گهر ٽيل ماڻهن سان ملڻ خاطر مان گهوٽڪي ويس. پنهنجي دوستن سارنگ، امداد، ياسين ۽ ٻين سان گڏ جيئڻ ٺي ڪچي واري بند تي چڙهياسين تہ ايريگيشن کاتي وارن جي ڪئمپ سامهون هئي. جيپ جهلي اسان هيٺ لٿاسين تہ ڪئمپ تي ويٺل سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (S.E) جيڪو مون کي سڃاڻي پيو اٿي وڌي اچي مليو. تورا ٻوڏ جا احوال ٽيڻ کان پوءِ چوڻ لڳو تہ "جوڻيجا صاحب! مان توکي هڪڙي مبارڪباد ڏيان". مون چيو ڇا جي؟ چيائين: "تون واحد قومپرست ليڊر آهين جنهن سان وڏي عمر وارا ماڻهون گڏ آهن. ٻيا ليڊر ڇوڪرا ساڻ ڪنيو پيا هلندا آهن. جڏهن اهي ڇوڪرا وڏا ٿي پنهنجي ڪم ڪار سان لڳندا آهن تہ اهي ليڊر وري ٻيا ڇوڪرا ساڻ ڪندا آهن."

گرفتار ڪندڙن جڏهن اسان مان هٿ ڪڍيا پئي تہ هڪڙو اهم پيغام ڏنائون. "هن دفعي توهان کي اسان ڪرائيم جي حوالي سان ڪٽي آيا هئاسين، اهو توهان تي ثابت ڪونہ ٿيو تنهن ڪري توهان کي ڇڏيون ٿا باقي سياسي لحاظ کان توهان وڏيڪ خطرناڪ آهيو سو اهو ليکو چوکو توهان سان بعد ۾ الڳ ٿيندو".

ڪجھ عقوبت خاني ۾ رهڻ دوران ۽ ڪجھ ٻاهر جي خبر چار وٺڻ سان معلوم ٿيو تہ رياستي ادارن وٽ رپورٽون هيون تہ ايس اين اي هائوس (جنهن کي بعد ۾ اسان سنڌ هائوس جو نالو ڏنو) تي ڏوهاري سرگرميون ٿينديون هيون. هاشم کوسي جي اتي رهڻ ۽ هائوس کي جيئي سنڌ محاذ جي سرگرمين لاءِ استعمال ڪرڻ کان پهرين اتي ڇا ٿيندو هئو سا اسان کي خبر ڪانهي پر ٿيو ائين جيئن سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي "گن هڪڙا پرن ٻيا." ان ڏينهن بہ ٿيو ائين هئو تہ رياستي اهلڪارن اڪبر بوزدار کي ڪنيو. جڏهن "مڙس" تي دباءُ پيو تہ صورتحال کي منهن ڏيڻ بجاءِ پاڻ تان بار لاهڻ لاءِ اسان جا نالا ڪٽي ڇڏيائين. ڪرائيم جي حوالي سان سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ ڇا ڇا ٿيو آهي، ڪيئن ٿيو آهي، ان ۾ ڪنهن جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي، ڪنهن ان مان ڪهڙا فائدا ورتا آهن ۽ ڪنهن ان جي ڪري ڪيترو ڀوڳيو آهي ۽ مجموعي طور قومي تحريڪ سان ڇا وهيو واپرايو آهي، ان ڏکي ۽ خطرناڪ ڪهاڻيءَ جي هيءَ رڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هڪڙي ننڍڙي جھلڪ هئي.

ٽاٽي تان آزاد ٿي عنبرين اپارٽمنٽ پنھنجي فليٽ تي آيس. گھر ڀاتين سان ملاقات ۽ مختصر حال احوال کان پوءِ حيدرمنزل وڃڻ جي تياري ڪيم. ايتري ۾ ٻاهران ڀيرين فون ڊاڪٽر مير عالم مريءَ جي آئي جنهن اچڻ جو چيو. مان به ان ڏينهن جي وڏيل ڏاڙهي ڪوڙي تڙ ڪري تيار ٿيس ته ڊاڪٽر مير عالم به اچي ويو. پوءِ هو مان، منھنجو پٽ هوش محمد ۽ ڪجھ ٻيا دوست گڏجي حيدر منزل وياسين. سائين معمول مطابق ٻاهرئين چڪور ڪمري ۾ مخصوص صندل تي ويٺو هئو. جيئن دروازي کان داخل ٿي ساڻس ملڻ لاءِ مان هيٺ جھڪيس ته سائينءَ منھنجي منھن کي پنھنجي ٻنهي هٿن سان وٺي نرڙ جي هڪڙي پاسي تي چمي ڏني. ان وقت مان پاڻ کي انتهائي خوش قسمت سمجهي رهيو هئس جو سائينءَ کي اهڙي چمي رڳو خاندان جي فردن کي ڏيندي مون ڏٺي هئي. ان هڪڙي لمحي هفتي جا ٿڪ لاهي ڇڏيا بلڪ جيڪڏهن هڪڙي هفتي جي ذهني ۽ جسماني ٽارچر سهڻ کان پوءِ سنڌ جي تاريخ جي عظيم انسان طرفان اهڙو آدر ڀاءُ ملي ته سئودو مهانگو ناهي. ماٺهو محبوب جي چميءَ خاطر ڪيترا خطرا کڻندا آهن جيتوڻيڪ محبوب هڪڙيءَ ٽائين نه پهچي سگھجي ته زندگيءَ ۾ ٻيءَ جي ملڻ جو امڪان موجود هوندو آهي. پر جي ايم سيد ته نه رڳو سنڌ جي تاريخ جو هڪ منفرد ڪردار آهي پر ڪن خوبين جي لحاظ کان ته مان چئي سگھان ٿو ته اهو انساني تاريخ جي عظيم شخصيتن ۾ شمار ٿيڻ لاءِ ڪواليفاءِ ڪري ٿو.

بعد ۾ سيد غلام شاهه، ماستر غلام قادر ۽ ٻين دوستن کان معلوم ٿيو ته سائين اسان جي گرفتار ٿيڻ يا چئجي ته ”گم ٿيڻ“ تي ڪافي پريشان هئو ۽ روزانو صبح شام جي بنياد تي پڇا ڪندو هئو. نه رڳو ايترو پر رياست جي مخالف سياستدان جي حيثيت ۾ ذاتي طور جيتري ڪري پئي سگھيو اسان جي واپسيءَ لاءِ اوتري ڪوشش به ڪيائين جنهن دوران وزير اعليٰ (ڄام صادق علي) طرفان به اهو پيغام آيو ته ”منھنجي پهچ کان ٻاهر آهي، پر مان ڪوشش ڪريان ٿو“.

❋❋❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سالگرهه ۽ پاڪستان جو ٽوڙڻ:
# ڪنهن چا چيو

**جيئن** دنيا ڄاڻي ٿي ۽ مڃي ٿي ته جي ايم سيد جو نالو سنڌ جي نجات واري جدوجهد جي هم معنيٰ بڻجي ويو آهي. جي ايم سيد جي شخصيت کي سنڌ جي قومي وجود کان ڌار ڪرڻ ائين ناممڪن آهي، جيئن گل کان خوشبو. هُن جي هر سوچ، هر عمل ۽ هر حڪمت عمليءَ جو حوالو سنڌ هئي. ايتري تائين جو عام طرح ماڻهن جا جيڪي ذاتي معاملا هوندا آهن، هي شخص انهن کي به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ سنڌ جي اجتماعي مسئلن سان ملائيندو هئو. اهڙو ئي هڪڙو معاملو سالگرهه هئي. سائين جي ايم سيد جي سالگرهه روشن خيال، ترقي پسند ۽ قومي سوچ رکندڙ ماڻهن جو ميڙاڪو هوندي هئي جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت، ادب، فن سياست ۽ قومي زندگيءَ جي ٻين موضوعن تي گفتگو ٿيندي هئي.

1960 واري ڏهاڪي دوران گهڻو ڪري سالگرهه سن ۾ ٿي ٿيندي هئي ۽ ان ۾ اديب، شاعر، دانشور، سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن ۽ سائينءَ جا پيا دوست شريڪ ٿيندا هئا. 1970 جي ڏهاڪي ۾ ان هڪ جلسي جي شڪل اختيار ڪئي جنهن ۾ عام ماڻهون شريڪ ٿيڻ لڳا جيڪي ذاتي طور سائينءَ سان مليا به ڪونه هئا ۽ نه ئي سائين انهن کي سڃاڻندو هئو. انهن جلسن جو انتظام گهڻو ڪري جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪندي هئي ۽ انهن ۾ وڏو تعداد نوجوانن، شاگردن ۽ سياسي ڪارڪنن جو هوندو هئو. 1973 واري سالگرهه حيدرآباد ۾ رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙيءَ جي بنگلي جي ميدان ۾ جلسو ڪري ملهائي وئي جتي هينئر پرڳڙي فليٽ ٺهيل آهن. 1974 جو پروگرام ڪٽرڪ هال ايمپريس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مارڪيٽ ڪراچيءَ ۾ ٿيو ۽ 1975 جو جلسو سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽرنيشنل هاسٽل جي ميدان ۾ ٿيو جڏهن ته 1976 واري سالگرهه سنڌ يونيورسٽي آرٽس فيڪلٽي جي آڊيٽوريم ۾ ملهائي وئي 1977 کان پوءِ سالگرهه جا پروگرام لڳاتار سن ۾ ٿي ٿيندا رهيا جن جو سمورو انتظام سائين پاڻ ڪندو هئو.

1992 جي سالگره کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ سائين ڪراچيءَ ۾ ترسيل هئو. اهو چوڻ جي ضرورت ڪانهي ته جڏهن سائين ڪراچيءَ ۾ هوندو هئو ته حيدر منزل تي ميلو متل هوندو هئو. قومي ڪارڪن، اديب، دانشور ۽ سائينءَ جا دوست احباب ايندا ويندا رهندا هئا. ذري گهٽ سڄو ڏينهن ڪچهرين جو سلسلو هلندو رهندو هئو. ائين ئي ڪچهريءَ دوران خيال آڏو آيو ته ”چو نه هن دفعي سالگرهه ڪراچيءَ ۾ ڪجي“. سائينءَ جي جمهوري رويي جو معيار جو اهو سوال به پاڻ طئي ڪرڻ بجاءِ اسان سڀني جي آڏو رکيائين ته سالگرهه جو پروگرام سن ۾ ٿيڻ گهرجي يا ڪراچيءَ ۾. به ٽي ڏينهن ان تي بحث هلندو رهيو ۽ ٻنهي جاين جي حق ۾ دليل دلائل ايندا رهيا. سن بابت اهو هئو ته اتي ٿيندڙ سيد جي سالگرهه قومي ڏينهن جو درجو حاصل ڪري وئي آهي، سن ۽ سالگرهه هم معنيٰ بڻجي ويا آهن. تنهن ڪري ان سيٽ اپ کي خراب نه ڪجي. ڪراچيءَ لاءِ اهو دليل هئو ته هي هڪ بين الاقوامي حيثيت جو شهر آهي، اتي قومي تحريڪ جو اهم پروگرام ڪرڻ سان دنيا تائين اسان جو آواز جلدي ۽ بهتر نموني پهچي سگهندو. خاص ڪري سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ وري صورتحال ۾ جڏهن هر ڪو پنهنجي ڳالهه کي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئو. آخر طئي ٿيو ته 17 جنوري 1992 جو جلسو ڪراچيءَ جي نشتر پارڪ ۾ ڪيو ويندو جيڪو حيدر منزل جي بلڪل سامهون هئو.

جمهوري انداز کي جاري رکندي سائين جي. ايم. سيد سالگرهه جي جلسي بابت صلاح مشوري خاطر پنهجي ويجهن ساٿين جو ٻه ڏينهن اڳ ۾ اجلاس گهرايو. ان اجلاس جي ان ڪري اهميت ۽ ضرورت هئي جو هڪ ته ڪراچيءَ ۾ جيئي سنڌ جو ايڏو وڏو ۽ ايترو اهم جلسو پهريون دفعو ٿي رهيو هئو ۽ ٻيو ته ان وقت سنڌ ۾ اهڙي حڪومت هئي جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رياستي پاليسين جي ماتحت حسب روايت ۽ حسب قانون اسان جي مخالف به هئي پر ساڳئي وقت ان جي سربراه جام صادق عليءَ جا سائين جي ايم سيد سان خانداني ۽ ذاتي تعلقات هئا ۽ دنيا ڄاڻندي هئي ته جام صادق ذاتي ۽ خانداني لاڳاپن کي گهڻي اهميت ڏيندو هئو. جڏهن ته واتو ڳالهه اها به هئي ته زميني حقيقتن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي فوري ۽ ذاتي سياسي مخالفن (پيپلز پارٽي وارن) کي منهن ڏيڻ لاءِ هو قومپرست قوت سان سڌي ٽڪراءَ کي به صحيح نه پيو سمجهي. سائين به هڪ سينيئر سياستدان ۽ جهانديده شخص طور انهن سيني عنصرن کي نظر ۾ رکي رهيو هئو. جلسي لاءِ سنڌ حڪومت جي نمائندن جي شرڪت به متوقع هئي.

ان گڏجاڻي ۾ جيئي سنڌ محاذ طرفان مون، سيد غلام شاهه علي نواز ٻٽ ۽ هاشم کوسي شرڪت ڪئي. جيئي سنڌ تحريڪ (ويجهڙائي ۾ ٺهيل جماعت) جو وفد گل محمد جکراڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ آيل هئو جڏهن ته ڊاڪٽر حميده کهڙو به پنهنجي ٽيم سان گڏ موجود هئي. سيد خاندان جا به ڪجهه فرد شريڪ هئا پر مون کي نالا يقين سان ياد ناهن. جلسي جي سياسي ۽ انتظامي معاملن تي کُلي پاسائين گفتگو کان پوءِ معاملن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ 16 تاريخ شام جو ميٽنگ رکي ويئي. ان ميٽنگ ۾ ٻيا ته سيئي دوست شريڪ ٿيا پر نمايان طور ڊاڪٽر حميده کهڙو ۽ گل محمد جکراڻي غير حاضر رهيا. ميٽنگ ۾ ٻين ڳالهين کان علاوه سائينءَ پنهنجي طرفان جيڪا واضح هدايت ڏني سا اها هئي ته "جلسي ۾ سنڌ جي آزاديءَ جا نعرا ڀلي لڳن باقي پاڪستان ٽوڙڻ جا نعرا نه لڳڻ کپن".

17 تاريخ جلسو شروع ٿيو ته ميڙ تمام زبردست هئو. نشتر پارڪ ڏري گهٽ پريل هئو. ڪراچيءَ کان وٺي ڪشمور تائين جا مرد، عورتون ۽ ٻار وڏي تعداد ۾ موجود هئا جيڪي سڀ تمام گهڻو پر جوش ۽ پر عزم نظر اچي رهيا هئا. اسٽيج تي سائينءَ سان گڏ جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي قيادت کان علاوه ڊاڪٽر حميده کهڙو علامه علي مختار رضوي، معراج محمد خان ۽ سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار غازي صلاح الدين موجود هئا. سائين جي ايم سيد ان ڏينهن جيڪا تقرير ڪئي تنهن ڪراچيءَ ۾ سالگرهه جي جلسي جي اهميت کي اجا پيٽو ڪري ڇڏيو. سائينءَ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ واري عالمي صورتحال تي تفصيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سان ڳالهائڻ سان گڏوگڏ آئنده جي امڪاني حالتن بابت به پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. سائينءَ چيو ته "هاڻي دنيا بدلجي چڪي آهي، نين طاقتن ۽ حقيقتن مطابق اقوام متحده جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي وڃي ۽ ان ڪي دنيا جي مختلف خطن ۽ قومن لاءِ وڌيڪ نمائنده بڻايو وڃي". ان ڏس ۾ سائينءَ پنهنجي طرفان ڪجهه تجويزون لکت ۾ پيش ڪيون. منهنجي ڄاڻ مطابق عالمي سطح تي جي ايم سيد پهريون سياسي اڳواڻ هئو جنهن سرد جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ عالمي اداري جي نئين سر جوڙجڪ جي نه صرف ڳالهه ڪئي پر ڪجهه تجويزون به ڏنيون.

جلسي ۾ علامه علي مختار ۽ معراج محمد خان به سٺيون تقريرون ڪيون. معراج محمد جو هڪڙو جملو سيني ڪي ياد رهڻ وارو هئو ته "جي ايم سيد مان اسان ڪي هميشه آزاديءَ جي خوشبو ايندي آ." پين دوستن به سٺو ڳالهايو. جڏهن گل محمد جکراڻي اسٽيج تي آيو ته ان حيرت انگيز طور تي اهائي ڳالهه ڪئي جنهن کان سائينءَ گذريل رات منع ڪئي هئي يعني "پاڪستان کي ٽوڙڻ". گل محمد نه رڳو پاڻ پاڪستان ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو پر ان لاءِ جلسي ۾ موجود ماڻهن کان هٿ کڙا ڪرايائين.

18 جنوري تي شام جو گلشن حديد (ڪراچي) ۾ جيئي سنڌ محاذ جي سپريم ڪائونسل اجلاس ۾ ويٺا هئاسين ته سيد غلام شاهه وٽ پيجر (Pager) تي (گهوٽڪي) سيد ضيا شاهه جو پيغام آيو ته سائين جي ايم سيد کي حيدر منزل تي نظر بند ڪيو ويو آهي. ٽيوائين هئو ته نشترپارڪ جلسي جي رپورٽنگ ۾ پاڪستان جي نام نهاد "قومي ميڊيا" خاص ڪري اردو اخبارن گل محمد جکراڻيءَ جي تقرير کي اياريندي هميشه وانگر سائين جي ايم سيد ۽ قومي تحريڪ خلاف پاڪستان دشمن ۽ پارٽي ايجنٽ هئڻ واري پروپيئنگنڊا سان صفحا ڀري ڇڏيا. ان تي پاڪستاني وزير اعظم (نواز شريف) جي خاص مددگار (Special Assistant) چوڌري نثار علي خان جي "قومي غيرت" ڀڙڪي پئي هئي ۽ هن معاملي کي سڌو پنهنجي هٿ ۾ کڻندي سائينءَ جي خلاف بيان به ڏنو ۽ سندس خلاف غداريءَ جو ڪيس داخل ڪرائيندي حيدر منزل کي سب جيل قرار ڏيئي ڪيس اتي نظر بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو هئو.

سالگره واري جلسي ۾ جناب گل محمد جکراڻيءَ جي ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تقرير سندس "سندوديش سان اڻ مِٽ محبت ۽ جذباتي لڳاءُ" جو نتيجو هئي، صرف خطاب جو جوش هئو يا "ڪجهه ٻيو" ان بابت حتمي فيصلو ته سنڌ جا ماڻهون ۽ سنڌ جي تاريخ ڪندي پر ان جو پهريون ۽ فوري اثر اهو ٿيو ته سرد جنگ ڪان پوءِ تبديل ٿيل عالمي صورتحال جي جائزي ۽ مستقبل جي دنيا جي نئين سر جوڙجڪ بابت تجويزن تي ٻڌل سائين جي ايم سيد جي مدبرانه تقرير پوئتي هلي ويئي ۽ سڄي علائقائي توڙي عالمي ميڊيا ۾ جي ايم سيد خلاف غداري ۽ ملڪ دشمني وارو پراپيگنڊو ريل زور شور سان هلايو ويو ۽ ڪافي ڏينهن تائين غداري ڪيس ۽ ان سان لاڳاپيل خبرون ئي ميڊيا تي ڇانيل رهيون. ضمني نتيجي طور وڏي وزير جي صلاحڪار غازي صلاح الدين ويچاري جي نوڪري هلي ويئي.

جيل، قيد، نظربنديون سائين جي ايم سيد جي زندگيءَ جو نه رڳو حصو بڻجي ويون هيون پر سندس نالي سان هم معنيٰ ۽ سندس شخصيت سان هم سڃاڻپ تي ويون هيون. سائين جي ايم سيد سان سندس ڏکي پر انتهائي ذڪي زندگيءَ ۾ تمام ٿورن ماڻهن ساٿ نڀايو باقي تمام گهڻا ڏسڻا وائسڻا مختلف موقعن ۽ اهم مرحلن تي مختلف سببن ۽ بهانن سان سندس ساٿ ڇڏيندا ويا پر جيل ۽ قيد ساڻس زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين گڏ رهيا. چوڌري نثار جي هٿان قائم ڪيل هن اڻ کٽئي غداري ڪيس ۾ سائينءَ جو قيد تيستائين هليو جيستائين هو زنده هئو ڇاڪاڻ ته نواز شريف حڪومت طرفان قائم ڪيل ڪيس ۽ ڊنل قيد کي بعد ۾ اينڊڙ بينظير حڪومت به پوري "وفاداري" سان جاري رکيو بلڪل ائين جيئن جناب ذوالفقار علي ڀٽي پاران سيد جي خلاف داخل ڪيل ڪيسن ۽ نظربنديءَ کي جنرل ضياءُ الحق پوري "ايمانداري" سان جاري رکيو هئو. ان مان چٽي طرح واضح ٿئي ٿو ته سويلين هجن يا فوجي حڪمران، مسلم ليگي هجن يا پ پ وارا اهي پلي پاڻ ۾ "چانڊيا مگسي" نظر ايندا هجن پر سيد جي دشمنيءَ ۾ اهي سڀ هڪ ٻئي جا دوست، اتحادي ۽ ساٿاري آهن. هڪڙو خيال اهو به آهي ته سيد جي معاملي ۾ اصل ڌر اسٽيبلشمنٽ آهي، ڪرسيءَ تي ويٺل حڪمران رڳو مهرا آهن، جيڪي اسٽيبلشمنٽ جي حڪمن جي تعميل ڪندا آهن. بهرحال انهن سڀني جي سيد دشمنيءَ ۾ هڪ هجڻ جا معروضي سبب ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ اچڻ وارا آهن. اهي سڀئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هنن قومن جي قاتل ۽ عوام دشمن رياستي نظام جا فائدا وٺندڙ (Beneficiaries) آهن. تنهن ڪري اهي سڀ ان کي بچائڻ ۽ قائم رکڻ يعني Status quo جا حامي آهن جڏهن تہ سيد سدائين ان نظام ۾ بنيادي تبديلين جو داعي رهيو. ٻين لفظن ۾ سيد ان استحصالي نظام جو مخالف هئو ان ڪري نظام جا حامي سنڌس مخالفت ۾ هڪ ٻئي جا فطري اتحادي هئا.

پيپلز پارٽيءَ وارا جنرل ضياءُ الحق کي دنيا جو بدترين ڊڪٽيٽر ۽ ڀٽي خاندان کي ضيا جو دشمن ۽ جمهوريت جو چيمپئن ڪري پيش ڪندا آهن. سيد جي زندگيءَ وانگر سنڌس موت بہ ان ڀچاپڙائيءَ کي وائکو ڪرڻ ۽ جمهوريت پسنديءَ جي دعويدارن جي اصليت ظاهر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ڊڪٽيٽر ضياءُ تہ پنهنجي "بدترين دشمن" بينظير کي علاج خاطر جيل مان آزاد ڪري يورپ وڃڻ جي اجازت ڏني پر بينظير جي "جمهوري" حڪومت جي ايم سيد کي اها ساڳي سهولت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. نہ رڳو ايترو پر سيد جي علاج واري حق جي حق ۾ جڏهن سنڌس ساٿين پر امن احتجاج ڪيو تہ بينظير کان اهو بہ برداشت نہ ٿيو. سنڌ جي مختلف ضلعن کان ڪراچيءَ ايندڙ ڪارڪنن جي قافلي کي ڄامشورو ٽول پلازه جي ناڪابندي ڪري بندوق جي زور تي واپس ڪيو ويو. (جنهن کان پوءِ ڪارڪنن جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻن عبدالقيوم منگي ۽ خان محمد پيپي جي قيادت ۾ ٽول پلازه کان حيدرآباد پريس ڪلب تائين احتجاجي لانگ مارچ ڪيو) جڏهن تہ ڪراچيءَ ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آڏو محاذ جي ليڊرن هاشم کوسي ۽ علي نواز ٻٽ جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندڙ مرد ۽ عورت ڪارڪنن مٿان لٺين ۽ ڳوڙها گئس جي برسات ڪئي ويئي. ڳالهہ اتي بہ دنگ ڪو نہ ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ بينظير حڪومت جي قانون ۽ انساني حقن واري وزير اقبال حيدر کان جڏهن اقوام متحده جي انساني حقن بابت اجلاس ۾ جي ايم سيد جي باري ۾ پڇيو ويو تہ هُن اعليٰ درجي جي منهن جي پڪائيءَ سان سيد جي قيد هجڻ کان ئي انڪار ڪيو ۽ "پير ڪوڙي هٽندي" چيائين تہ "پاڪستان ۾ ڪو سياسي قيدي آهي ئي ڪو نہ". مزي جي ڳالهہ تہ پاڪستان ٽوڙڻ جي نعري کان منع ڪندڙ جي. ايم سيد تي غداريءَ جو ڪيس داخل ٿيو ۽ آخري ساهہ تائين قيد ۾ رهيو پر ٽوڙڻ جو نعرو هڻندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گل محمد جکراڻي ترقي ڪري پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. اها آهي پاڪستان جي انفراديت. اهڙي طرح پاڪستان جي قوم دشمن ۽ عوام دشمن استحصالي رياستي نظام جي خلاف جهڙپيندي ۽ هن ملڪ جي نظام، جابر، آمر، منافق ۽ مفاد پرست حڪمرانن کي چئلينج ڪندي ۽ ان جي پاداش ۾ جيل ۽ قيد جي زندگي گذاريندي ۽ خود زندگيءَ سان جنگ ڪندي سنڌ جي عظيم ڌرتيءَ جي هن ارڏي اولاد ۽ تاريخ جي هڪ منفرد ڪردار جي ايم سيد پوليس جي پهري هيٺ ۽ سنگينن جي سائي ۾ وطن واسين کان موڪلائي ڪئي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پارٽيءَ جي جدوجهد

# ۽ پارٽيءَ ۾ جدوجهد

**جيئي** سنڌ محاذ کي جڏهن 1978 کان نئين سر متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو ته ان وقت ان ۾ سيئي نوجوان. نوان ۽ سيڪڙات هئا. پارٽيءَ جي سرپرست ۽ رهبر سائين جي ايم سيد ۽ اسان جي وچ ۾ عمر جي حساب سان لڳ ڀڳ ٻن نسلن جو ۽ علم ڏاهپ. جدوجهد ۽ تجربي جي حوالي سان زمين آسمان جو فرق هئو. سيني ۾ سينيئر عبدالواحد آريسر هئو جنهن وٽ قومي تحريڪن بابت مطالعو ته هئو پر ڪو به تنظيمي تجربو ڪونه هئس. خود محاذ جو به هو ميمبر ۽ آرگنائيزر گڏوگڏ تيو. ٻيو مولا بخش لغاري هئو جنهن کي به شاگرد سياست جو تجربو ته هئو پر عوام ۾ ڪم ڪرڻ ان لاءِ به نئين ڳالهه هئي. باقي ٻيا اسان به تازو ئي تعليمي ادارن مان نڪري عملي زندگيءَ ۾ آيا هئاسين، ڪي ته اڃا به شاگرد هئا. ان کان علاوه پنهنجي اڳواڻ آريسر سميت اسان سڀ غريب خاندان جو اولاد هئاسين ان ڪري سماجي طور به اسان جي ڪا خاص سڃاڻپ ڪانه هئي. پئسو ته بلڪل هئو ئي ڪونه. اهڙي صورتحال ۾ قومي آزاديءَ لاءِ ۽ طبقاتي استحصال ۽ مذهبي متڀيد جي خلاف جدوجهد جو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻڻ تمام وڏو ۽ ڏکيو ڪم هئو. پر انهن منفي ۽ مخالف عنصرن جي مقابلي ۾ ڪي مثبت ۽ اتساهيندڙ عنصر به هئا. جيڪي جبل جهاڳڻ ۽ درياه اُڪارڻ تي آماده ڪري رهيا هئا.

سڀ کان پهريون ته پنهنجي مقصد سان ڪمٽمنٽ ۽ پنهنجو پاڻ تي اعتماد ته اسان اهو سڀ ڪجهه ڪري ويندا سين بقول شاهه لطيف:

گهڙياسي چڙهيا، ائين اٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾، پئـه ٽپو ڏيئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيٽاهه سين،

اسان کي رهنمائي ۽ ڏاهپ جا ڏس هڪ تہ ظاهر آهي سائين جي ايم سيد کان ملندا هئا ۽ ٻيو اهو دور جيڪو دنيا ۾ قومي آزادي ۽ طبقاتي انقلابن سان عبارت هئو تہ انهن جي اڳواڻي ڪندڙ انسانن، پارٽين ۽ جدوجهدن مان رهنمائي ۽ اتساهہ ملندو هئو. ان کان علاوه ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل بنگلہ ديش جي جدوجهد پڻ اسان کي متاثر ڪندي هئي. باقي وڏيڪ اسان پنهنجي تجربن مان سکندا هئاسين. پنهنجي غلطين ۽ پنهنجي ڪاميابين مان پرائيندا هئاسين ۽ خود عوام وٽان ڪافي ڪجهہ حاصل ٿيندو هئو. پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ممڪن هئو جڏهن شيون ادارن ۾ آڻجن، انهن تي بحث مباحثو ۽ دليل دلائل ٿئي ۽ تجربن کي علم جي روشنيءَ ۾ ۽ علم کي تجربن جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي. اهو ئي انقلابي طريقو هئو ۽ اهو ئي لينن ۽ مائوزي تنگ جهڙن انقلابي استادن سيکاريو. ان لاءِ وري ڊسيپلين لازمي هئو. مان ڪجهہ پنهنجي فطري لاڙن ڪري ڪجهہ والد طرفان سيکاريل سبقن جي ڪري ۽ سڀ کان وڏيڪ انهن انقلابي استادن جي تعليم جي اثر هيٺ پارٽيءَ ۾ نظم ۽ ضبط، وقت جي پابندي، تنقيدي طريقي ۽ اجتماعي فيصلن جي اهميت کي هٿي وٺرائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. جيئن تہ اسان بنيادي طور ٻهراڙيءَ جي زرعي سماج جي پيدا وار آهيون جيڪو جاگيرداري ڪلچر ۾ وڪوڙيل آهي تنهن ڪري اڪثر سينيئر دوستن کي منهنجون اهي ڳالهيون ۽ اهي رويا پسند نہ ايندا هئا. اهي تنظيم کي بہ ياري دوستيءَ واري انداز ۾ هلائڻ چاهيندا هئا. پنهنجي اهڙن خيالن جو اظهار اهي اڌ پوڻ اڌ سچ واري انداز ۾ ڪندا رهندا هئا.

مثال طور پارٽيءَ جي سپريم ڪائونسل جي ماهوار ميٽنگ اڪثر ڪري سن ۾ ٿي ٿيندي هئي. اتي پهچڻ کان پوءِ پهرين حاضري سائين جي ايم سيد وٽ هوندي هئي. سائينءَ جي ڪچهري، سائينءَ جو قرب ۽ پيار محبت، وقت واريءَ جيان وهي ويندو هئو. مان دوستن کي ميٽنگ جو وقت ياد ڏياريندو هئس تہ ڪيترن کي اهو ڏکيو لڳندو هئو. يا ميٽنگ کي ايجنڊا مطابق ۽ قاعدي ضابطي تحت هلائڻ تي منهنجو زور ڏيڻ بہ ڪجهہ دوستن کي گهٽو ڪونہ وڻندو هئو. دوستن جي اهڙن خيالن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روين جو اظهار ڪل پوڳ ۾ ظاهر مير مولا بخش لغاريءَ جي هنن لفظن ۾ ٿيندو هئو ته: ”عبدالخالق مشيني شهر (ڪراچي) ۾ رهندي مشيني ٿي ويو آهي.“ ڪافي بعد ۾ ڊاڪٽر مير عالم مريءَ ان کي ”بيورو ڪريٽڪ طريقو“ لکيو.

جيئن جيئن پارٽيءَ جو ڪم وڌندو ويو ته ڪم جي طريقن ۾ فرق به وڌيڪ نمايان ٿيڻ لڳو. پين دوستن سان ته ڪجهه سنجيده گفتگو ذريعي ته ڪجهه پوڳ واري انداز ۾، ڪجهه ڏي وٺ جي بنياد تي ۽ ڪجهه ميائڻ ڪجهه هٽ ڪڻ واري طريقي سان معاملا هلندا هئا. پر پارٽي سربراهه عبدالواحد آريسر سان معاملا فهمي ڪافي مشڪل هوندي هئي. هڪ ته هو ليڊر هئو ۽ ٻيو ته هو ڊائلاگ جي پيٽ ۾ مونو لاگ کي وڌيڪ پسند ڪندو هئو. بحث مباحثي ۽ دليل دلائل کان هو پاسو ڪندو هئو. ڳالهه ايستائين پهتي ته هڪ مرحلي تي ڪم جي طريقي بابت هن جو ۽ منهنجو نقطه نگاه بلڪل متضاد بڻجي ويو. منهنجو چوڻ هئو ته تنظيمي ڪم صحيح طرح اڳتي ان ڪري نٿو وڌي ته اسان تنظيمي قاعدن قانونن ۽ ادارن جي فيصلن تي درست نموني عمل نٿا ڪريون جڏهن ته آريسر صاحب کي شڪايت هئي ته منهنجي غير ضروري سختيءَ جي ڪري ڪم نٿو وڌي. ان مرحلي تي مون سوچيو ته جيئن ته آريسر صاحب نه رڳو چيئرمين هئو پر عملي طرح به اسان سيني کان پارٽيءَ لاءِ وڌيڪ ڪم ڪري رهيو هئو ۽ سنڌ جي سياسي ميدان ۾ به ان جي ئي سڃاڻپ وڌيڪ هئي تنهن ڪري پارٽي اندران جي نقطه نگاه کي اوليت جي بنياد تي موقعو ملڻ گهرجي.

سينيئر ساٿين آڏو اها راءِ رکڻ کان پوءِ مون پارٽيءَ جي فيصلي ساز اداري سپريم ڪائونسل کان ٻاهر رهڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙي طرح 1984 کان وٺي 1991 تائين مان اٺ سال سياسي ۽ تنظيمي فيصلا ڪرڻ واري اداري کان الڳ رهيس ته جيئن محترم آريسر پنهنجي سوچ مطابق آزاداڻي طريقي سان فيصلا ڪري سگهي. مان اداري کان ته ٻاهر رهيس پر اها هڪڙي ناقابل ترديد حقيقت آهي ۽ ان وقت جي دوستن جي وڏي اڪثريت ان جي گواهي ڏيندي ته اداري جي فيصلن تي انهن جي اکرن توڙي روح (Letter and spirit) مطابق عمل به مان ئي ڪندو هئس. نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رڳو پاڻ عمل ڪندو هئس پر پارٽيءَ ۾ ٻيا جيڪي انهن فيصلن مطابق ڪم نه ڪندا هئا يا انهن جي مخالفت ڪندا هئا انهن جي اهڙي عمل جي به سپ ڪان وڏيڪ مخالفت مان ئي ڪندو هئس. انهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا دوست به هوندا هئا. جن کي چيئرمين صاحب پنهنجو ويجهو رکڻ پسند ڪندو هئو. نه رڳو ايترو پر مان پنهنجي حيثيت ۽ پهچ آهر پوري ڪوشش ڪندو هئس ته مرڪزي اداري جي فيصلن تي هيٺيان ادارا يا ميمبر باقاعدگيءَ سان عمل ڪن پوءِ پلي ڪٿي انهن مان ڪن فيصلن سان اصولي اختلاف ڪندو هجان ڇاڪاڻ ته مان ائين سمجهندو هئس (۽ اڃا تائين سمجهان ٿو) ۽ يقين هئو/ آهي ته هيڏي ڏکي جدوجهد صرف هڪ منظم پارٽي ذريعي ئي ڪري سگهجي ٿي جنهن لاءِ ضروري آهي ته ادارا مضبوط ٿين ۽ ادارن جي بالادستي قائم ٿئي پوءِ پلي ڪنهن وقت انهن ادارن ۾ مون سان اختلاف رکندڙ دوست ويٺا هجن.

حقيقت اها آهي ته جيئي سنڌ محاذ اندر ۽ مجموعي طور قومي تحريڪ اندر منهنجي جيڪا ۽ جيتري به مخالفت رهي آهي ان جو هڪڙو مکيه سبب اهو رهيو آهي ته مان نظرياتي ۽ سياسي اصولن ۽ تنظيمي فيصلن تي عملدرآمد تي زور ڏيندو رهيو آهيان جڏهن ته چيئرمين (آريسر) سميت ڪيترا سينيئر دوست پنهنجي ئي ڪيل فيصلن جي پوئواري لاءِ ڪو خاص پر جوش نه هوندا هئا بلڪ فيصلا ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن کان انهن بابت پڇندا ئي گهٽ هئا. ان ڳالهه جي اڻ ڳڻين مثالن مان هڪڙو نمايان ۽ تاريخي واقعو اهو آهي جڏهن عبدالواحد آريسر منهنجي موقف کي رد ڪرڻ خاطر چيو ته "آئين انسانن لاءِ ٺهندا آهن، انسان آئينن لاءِ نه ٺهندا آهن". يا جڏهن پارٽي فيصلن جي ابتڙ چيئرمين (آريسر) اليڪشن ۾ ورڪ ڪئي ته مون دليلن ۽ ثابتين سان اهو معاملو قومي ڪانگريس ۾ رکيو ته لاجواب ٿيڻ کان پوءِ چيائين ته "جيڪڏهن ڪو هوشيار وڪيل دليل ڏيئي ڪيس کٽي ته ضروري ناهي ته اهو صحيح هجي." مون صرف ايترو چيس ته اهو اوهان به ته دليل ٿا ڏيو نه.

ان ڏس ۾ ٻيو هڪڙو ننڍڙو مثال: هڪڙي دفعي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪراچي يونٽ جو هڪڙو نوجوان رسيد بُڪ کڻي مون وٽ آيو ۽ چيائين ته اهي ڪو فنڪشن ڪري رهيا هئا ۽ ان لاءِ محاذ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جا دوست چندو ڪرائي ڏين. مون چيو مانس تہ يا توهان اسان جي مشوري سان پروگرام رکو يا وري توهان جو صدر پارٽيءَ جي اعليٰ اداري جو ميمبر آهي، اهو اتي اها ڳالهہ رکي فيصلو ڪرائي تہ بہ اسان ضرور توهان جي مدد ڪنداسين. ان ڪان پوءِ جڏهن پارٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ سن ۾ گڏ ٿياسين تہ ميٽنگ کان اڳ ۾ جساف جي ان وقت جي صدر رسول بخش ٿيٻي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي طنزيہ انداز ۾ چيو تہ " خالق صاحب تہ اصولن تي هلندو آ". مون جواب ۾ رڳو ايترو چيس تہ "توهان اصولن تي نہ هلندا آهيو ڇا".

اهڙين ڳالهين جي بنياد تي منهنجي باري ۾ هڪ مهم هلائي ويئي تہ "خالق جوڻيجي جا رويا صحيح ناهن" ڇو تہ اصولن واري ڳالهہ جي تہ همراه مخالفت ڪري نہ پئي سگهيا. اهڙن ماڻهن ڪان جڏهن ڪو واقعاتي مثال پيش ڪرڻ بابت پڇيو ويندو هئو تہ چوندا هئا تہ "چانهہ نہ پيارياَئين" يا "ويٺي هٿ ڏناَئين". "رويا خراب" واري اها مهم ايتري هلائي ويئي جو ڪو بہ همراه پارٽي ڪم يا سياسي دليل دلائل ۾ مقابلو نہ ڪري سگهندو هئو تہ چوندو هئو تہ "سائين رويا خراب". هڪڙي دفعي سپريم ڪائونسل جو اجلاس شڪار پور ۾ قيوم منگي صاحب جي جڳهہ تي تي رهيو هئو. اجلاس ۾ عبدالواحد آريسر، سيد غلام شاهہ، سرور سهتو، قيوم منگي، هاشم کوسو، امر جوڻيجو، آصف بالادي، علي نواز ٻٽ، ڊاڪٽر مير عالم مري، ادي سلطانہ هاليپوٽو ۽ ٻيا شريڪ هئا. اتي وري روين جو سوال اٿاريو ويو. مون تجويز ڏيندي چيو تہ " روين جو معاملو وري آڏو ٿو اچي ۽ منهنجي جاءِ تي اهو اهم معاملو بہ آهي. تنهن ڪري سپريم ڪائونسل جو هڪڙو اجلاس مخصوص ان نقطي تي بحث لاءِ گهرايو وڃي جنهن ۾ اسان سڀني مان هر هڪ جي روين تي ڳالهايو وڃي تہ ڪنهن جي روين پارٽيءَ کي ۽ قومي جدوجهد کي ڪيترو نقصان پهچايو آهي. پلي ان اجلاس جي تاريخ اڄ ئي مقرر ڪئي وڃي." موٽ ۾ مڪمل خاموشي ملي. نہ اجلاس جي تاريخ مقرر ڪئي ويئي ۽ نہ وري آئنده ڪڏهن اجلاس ۾ روين جو ذڪر ٻڌڻ ۾ آيو.

ڏاهن جو چوڻ آهي تہ "جيڪو ماڻهو جيترو بااختيار هوندو آهي اهو اوترو نتيجن لاءِ ذميوار هوندو آهي". مان 8 سال بااختيار اداري ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رضڪارانا طور ان ڪري ٻاهر رهيس ته جيئن چيئرمين کي پنهنجي خيالن ۽ پنهنجي حڪمت عملين کي عمل ۾ آڻڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نه هجي ۽ پارٽي ڪير صحيح ڪير غلط جي بحث ۾ ڦاٿل نه رهي. ان ڪان پوءِ تيئن ائين ڪپندو هئو ته پارٽيءَ جي جيڪا به صورتحال ٿي، هاڪاري يا ناڪاري، ته ان جي ذميواري آريسر صاحب کي کڻڻ کپي ها پر افسوس ته ائين ٿيو ڪونه. پوءِ به جيڪڏهن ڪو تنقيد جو پهلو نڪرندو هئو ته چيو ويندو هئو "خالق جو ٽيجو ٻاهران ويهي اثر انداز ٿو ٿئي." اها ته عجيب ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ منطق هئي. ان جو مطلب ڇا اهو ونجي ته سپريم ڪائونسل ڇڏڻ ڪان پوءِ مان پارٽي به ڇڏي وڃان؟ ظاهر آ پارٽي ميمبر طور مون کي پنهنجي سوچن جي واڌاري لاءِ آئين، قانون ۽ فيصلن جي دائري ۾ رهندي، ڪوشش ڪرڻ جو پورو حق هئو. جيڪڏهن اداري ۾ ويٺل دوست قيادت جي مرضيءَ ڪان مختلف راءِ تا رکن ته ان کي جمهوري جذبي ۽ فراخدليءَ سان قبول ڪرڻ کپي. اهو ته حڪمرانن جو طريقو هوندو آهي ته جڏهن ماڻهو انهن جي مرضيءَ ڪان مختلف راءِ ڏين ته ان کي "سازش" جو نالو ڏنو ويندو آهي.

وڏيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته جيڪي دوست قيادت جي مرضيءَ ڪان مختلف راءِ رکندا هئا ته انهن لاءِ چيو ويندو هئو ته "اهي خالق جا ماڻهو آهن". اهي لفظ منهنجي لاءِ ذاتي طور، انتهائي تڪليف ڏيندڙ ۽ پارٽيءَ جي اتحاد لاءِ نهايت هاڃيڪار هئا. مون ته هميشه پارٽيءَ جي لکيل آئين جي بالادستيءَ ۽ ادارن جي فيصلن جي احترام لاءِ جاکوڙ ڪئي جنهن جي پاداش ۾ جاگيردار اثرن هيٺ ياري باشيءَ ۾ هلندڙ ڪيترا همراه منهنجا ذاتي مخالف ٿي پيا. ٻئي طرف پارٽين ۾ گروپ بنديون اهڙيون ڳالهين سان ٿينديون آهن ته ميمبر کي "منهنجي ۽ هن جي" خانن ۾ ورهائجي. گروپ بندي اهي ڪندا آهن جيڪي ادارن جي فيصلن بجاءِ پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش مطابق جماعت کي هلائڻ چاهيندا آهن ۽ افسوس ته جيئي سنڌ محاذ ۾ به اهڙا ماڻهو موجود هئا پر اهي، جيئن هميشه ٿيندو آهي، قيادت جي ها ۾ ها ملائي ان کي خوش ڪرڻ سان پنهنجا گناهه لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

مون ته پارٽيءَ کي نفاق ڪان بچائڻ خاطر ڪيترا اهڙا به فيصلا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چپ چاپ قبول ڪيا جيڪي پارٽيءَ جي آئين ۽ عام سياسي اصولن ڪي لتاڙيندي خاص ڪري مون کي پوئتي ڌڪڻ لاءِ ڪيا ويا. هتي صرف مثال خاطر هڪڙو واقعو پيش ڪجي ٿو. ڪراچيءَ ۾ جيئي سنڌ محاذ جي تنظيم روينيو جي حد بنديءَ مطابق اوير، اولهه ۽ ڏکڻ ضلعن تي مشتمل هئي. اڳتي هلي سرڪار سينٽرل ضلعو قائم ڪيو پر محاذ پنهنجي تنظيم ساڳي جاري رکي. پارٽيءَ ۾ عمومي طور ۽ ڪراچيءَ ۾ خصوصي طور زميني سطح تي ڪم ڪرڻ ۽ ڪارڪن ساٿين سان گهرو رابطو رکڻ ڪري منهنجي انهن سان سٺي انڊر اسٽينڊنگ (مفاهمت) هوندي هئي جنهن ڪري ڪنهن لاءِ بہ مرضيءَ جا فيصلا وٺڻ مشڪل هئا. اوچتو هڪ ڏينهن وائيس چيئرمين سيد غلام شاه نئون "سينٽرل ضلعو" قائم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو جيتوڻيڪ ڪيس اهو اختيار ڪونہ هئو. نوان ضلعا صرف مرڪزي ادارو قائم ڪري سگهندو هئو. ان ضلعي لاءِ هُن پنهنجي دوست رسول بخش ٿيٻي کي آرگنائيزر مقرر ڪيو جڏهن تہ آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ ۾ بين ڪان علاوه ڪوهستان جي وڏيري ملڪ علاؤالدين کي بہ رکيو ويو جيڪو ميمبر تہ پري جي ڳالهہ پر جيئي سنڌ محاذ ۾ ڪڏهن ان جو نالو بہ ٻڌو ڪونہ ويو هئو. مان ۽ ٻيا سينيئر دوست بہ ان نئين تاهيل ضلعي ۾ رهندڙ هئا پر انهن کي پري رکيو ويو.

تورن ڏينهن ڪان پوءِ پارٽيءَ جي ڪانگريس ٿيٽي هئي جيڪا منهنجي علي نواز ٻٽ، انور ميمڻ ۽ ٻين دوستن جي ڪوشش سان گڏاپ ۾ ساٿي گل حسن ڪلمتي جي ڳوٺ "ملا عرضي بلوچ ڳوٺ" ۾ رکي ويئي هئي. ڪانگريس ۾ هر ضلعي مان ڏهہ ڪائونسلر شريڪ ٿيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ پارت ڪان سنڌي اديبن جو وفد سنڌ ۾ آيل هئو. پارٽيءَ طرفان منهنجي ذميواري رکي ويئي هئي تہ ان وفد مان سينيئر ۽ ترقي پسند اديب گوبند مالهيءَ کي ڪانگريس ۾ وٺي اچان. جڏهن ان کي وٺي مان پنڊال ۾ پهتس تہ نئين (سينٽرل) ضلعي جي نون ليڊرن ٻڌايو تہ انهن ڏهہ ڪائونسلر ٻيا مقرر ڪري ڇڏيا هئا ان ڪري منهنجي جاءِ ڪانہ هئي. هڪ تہ انهن کي ائين ڪائونسلر مقرر ڪرڻ جو اختيار هئوئي ڪونہ جو اسان اڳ ۾ ڪائونسلر چونڊيل هئاسين ۽ ٻيو تہ عملي طور بہ اهي ڪل پنج همراهہ ڪانگريس ۾ موجود هئا. اهڙن غير جمهوري ۽ هڪ طرفن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قدمن کي مان چئلينج ڪري پئي سگهيس. پر مون نہ چاهيو تہ پارٽي ڪانگريس جهڙو اهم موقعو ننڍين اختلافي ڳالهين جي ور چڙهي وڃي خاص طور جڏهن وري غير ملڪي مهمان موجود هجي. ان ڪري مان ڪنهن کي ڪجهہ چوڻ يا ٻڌائڻ کان سواءِ واپس گهر هليو آيس. اجلاس ۾ مون کي غير موجود ڏسي ڪافي دوست پريشانيءَ ۾ هڪ ٻئي کان پڇندا رهيا. جڏهن تہ بعد ۾ دوستن مون سان شڪايت ڪندي چيو تہ "تون گهٽ ۾ گهٽ ٻڌائين تہ ها، اسان پاڻ مسئلي کي ڪٽون ها."

مطلب تہ جن ماڻهن جي محنت ۽ ڪوشش سان ڪانگريس منعقد ٿي اهي موجود ڪونہ هئا پر جن ڪانگريس جي ڪم ۾ هڪڙو ڪلاڪ بہ ڪونہ ڏنو اهي مالڪ بڻجي ويٺا. مزي جي ڳالهہ تہ ڪجهہ وقت کان پوءِ اهي نئين ضلعي کي پنهنجي جاگير سمجهندڙن نہ رڳو ضلعو ڇڏي ويا پر پارٽي ئي ڇڏي ويا. ان ئي سينٽرل ضلعي کي وري اسان منظم ڪيو. اتي مون کي اهو واقعو ياد ٿو اچي جڏهن هڪ ٻار جي ماءُ هجڻ جون ٻہ دعويدار عورتون حضرت عليءَ وٽ فيصلي لاءِ پهتيون. جڏهن فيصلو ٿيو تہ ٻار جا ٻہ حصا ڪري ٻنهي کي ڏنا وڃن تڏهن ڪوڙي دعويدار عورت تہ خاموش رهي پر حقيقي ماءُ چيو تہ "ٻار کي زنده رهڻ ڏيو ڀلي ٻيءَ وٽ ئي هجي".

سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ مهم جوئيءَ کي انقلاب جو نالو ڏيندڙ ۽ ڪرائيم کي هٿياربند جدوجهد چوندڙ جيئي سنڌ محاذ جي پر امن جدوجهد کي بزدليءَ سان تعبير ڪندا هئا. ڪرائيم جي ڪمائيءَ کي روزگار بڻائڻ جي بنياد تي پاڻ کي "ڪل وقتي" سياستدان سڏائيندڙ جيئي سنڌ محاذ جي مزدور، استاد ۽ ڪلارڪ ڪارڪنن تي چٿرون ڪندي چوندا هئا تہ "اهي نوڪري ٿا ڪن ان ڪري خطري (Risk) واري سياست نٿا ڪن". ڳالهہ اها آهي تہ محاذ جا دوست انهن وانگر نڪاءَ ۽ لپاڙون هڻڻ بجاءِ سنجيدگيءَ سان ڪم ڪندا هئا باقي جيستائين خطري (Risk) کڻڻ جي ڳالهہ آهي تہ ٿوڙي ڦاٽڪ واقعي خلاف احتجاج، بهارين جي آمد خلاف ڪراچي ايئرپورٽ کان ڪمو شهيد تائين مظاهرا ۽ تاريخي هڙتال ۽ سائين جي ايم سيد جي علاج لاءِ ڪيل احتجاج ان پروپيگنڊا کي واڪو ڪرڻ جا چند مثال آهن.

حقيقت ۾ جيئي سنڌ محاذ جا ڪارڪن پنهنجي غريبي حال ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۽ تجربيڪاريءَ جي باوجود جنهن عوامي انداز ۾ دنيا جي (قومي طبقاتي) انقلابي جدوجهدن مان اتساهه ورتو، انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ عوامي ليگ مان خصوصي رهنمائي حاصل ڪندي سنڌ جي قومي تحريڪ کي اڳتي وڌائي رهيا هئا ته اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿيندو ته ان کي وڌيڪ نقصان رياستي پابندين ۽ ڏاڍ ڏهڪاءُ پهچايو يا قومي تحريڪ جي اندر موجود ڪوتاهه نظر، مهم جو ۽ مفاد پرست عنصر؟

جڏهن گل محمد جکراڻي، ستار موريي، بشير قريشي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارن پاڻ کي جيئي سنڌ محاذ جي متبادل پارٽيءَ طور هلائڻ شروع ڪيو ته انهن مکيه اعتراض اهو ظاهر ڪيو ته " محاذ جي عدم تشدد واري طريقي سان سنڌ آزاد نه ٿيندي، اسان هٿيار بند جدوجهد سان آزادي وٺنداسين." پهرين ڳالهه ته پاڻ کي "سيد جو سچو سپاهي" چوائيندڙن طرفان سيد جي پيغام سان اها پهرين وڏي بغاوت هئي ڇاڪاڻ ته سيد جي ته سڃاڻپ ئي عدم تشدد جي علمبردار واري هئي/آهي. هو ته پاڻ کي مهاتما گانڌي ۽ باچا خان جو پيروڪار سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هئو. ٻي ڳالهه اها ته هٿيار بند جنگ جي نالي تي جيئي سنڌ محاذ جي مخالفت ڪندڙن سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به هٿيار بند جدوجهد ڪئي ڪانه. ايترو ضرور ٿيو ته انهن جي خلاف ڦرن، ڌاڙن، اغوا، ڀتي خوري ۽ ٻين ڏوهن جا ڪيس داخل ٿيا ۽ مجموعي طرح قومي تحريڪ بابت ڪرائيم جو تاثر پيدا ٿيو. انهن همراهن جو ڇوٽڻ هوندو آهي ته "ڇاڪاڻ ته اهي سنڌو ديش جي ڳالهه ٿا ڪن تنهن ڪري سنڌن خلاف ڪوڙا ڪيس ۽ غلط پروپئگنڊا ڪئي ٿي وڃي". موٽ ۾ دليل اچي ٿو ته سنڌو ديش جي نعري جو باني ۽ محرڪ ته سائين جي ايم سيد هئو پوءِ ان جي خلاف ته ڪو اهڙو الزام سامهون ڪونه آيو. سمورا اقتداري سياستدان ۽ جرنيل سنڌس دشمن رهيا ۽ سمورا رياستي وسيلا ۽ ذريعا استعمال ڪرڻ جي باوجود اهي سنڌس ڪردار تي ڪو داغ نه لڳائي سگهيا. انهن همراهن جي لڳاتار صورتحال اها رهي آهي ته جڏهن رياستي معاملا سامهون ايندا آهن ته اهي اعلان ڪندا آهن ته "اسان جي ايم سيد جا پوئلڳ هئڻ ڪري عدم تشدد جا حامي آهيون" پر عام ماڻهن جي سلسلي ۾ اهي "هٿياربند گوريلا" بڻجي ويندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پٽي ۾ ضياءَ جي دور ۾ ڏکي نظربنديءَ ڪاٽڻ کانپوءِ سائين جي ايم سيد 1987ع ۾ آزاد ٿيو ته هو عوام سان رابطي لاءِ اتر سنڌ جي دوري تي روانو ٿيو. دورو شروع ٿيو ته جساف وارن جون محاذ خلاف خسيس حرڪتون به شروع ٿيون. انهن جي ڪوشش رهي ته محاذ کي هر طرح پاسيرو رکجي ۽ سائينءَ سان گڏ اهي ئي نظر اچن پر خير ائين ٿي ته ڪونه سگهيو. سائينءَ کي چنگهه جي هڏي ۾ تڪليف سبب ٽڪ نه وٽندي هئي، ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن پکي جي هوا به تڪليف ڏيندي هئس. پر ڊسمبر مهيني جي ٿڌ ۾ به ڏکي دوري تي نڪري پيو. جيتري سائينءَ کي سنڌي ماڻهن سان محبت هئي ته ماڻهن به ستي موٽ ڏني. بغير ڪنهن وڏي پروپئگنڊا جي هزارين ماڻهون روڊن تي نڪري آيا. رستي ۾ چانهه پيئڻ ۽ تقرير ڪرڻ جا جيڪي مقرر هنڌ/شهر هئا انهن کان علاوه به انڊس هاءِ وي تي ايندڙ ننڍين وڏن شهرن/ڳوٺن وٽ ماڻهن جا ميڙ جمع ٿي پئي ويا جتي قافلي کي رڪجڻو پئي پيو. نتيجي ۾ جتي شام جو پهچڻو هئو اتي پهچندي رات ٿي پيئي وڃي.

پهرئين ڏينهن سن کان روانو ٿي شام جو پيٽي ۾ رئيس عبدالحميد جتوئي وٽ پهچڻو هئو جتي رات جو پروگرام هئو. رستي ۾ سيوهڻ، ڀان، دادو ۽ ٻين هنڌن تي تمام سٺي آجيان ٿي پر سڀ کان وڏو بلڪ زبردست استقبال خيرپور ناٿن شاهه ۾ ٿيو جتي قافلي کي اٽڪل به ڪلاڪ لڳي ويا. ميهڙ کان ٿيندي سائين سومهڻيءَ جو پيٽي پهتو جتي عبدالحميد خان انتظار ۾ ويٺو هئو ۽ ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو هئو. ٻئي ڏينهن جي پروگرام ۾ نصير آباد، باڊه، ڏوڪري کان پوءِ رات روشن ڀڳيي وٽ گڏ ۾ رکيل هئي، پر صبح جو سڀ کان پهرين منهنجي گذارش تي سائينءَ کي راڌڻ هلڻو هئو. مان انتظامن کي ڏسڻ لاءِ رات جو راڌڻ هليو ويس. پروگرام منهنجي سئوٽ ۽ جيئي سنڌ محاذ جي سينيئر اڳواڻ امر جوڻيجي جي اوطاق تي رکيل هئو. امر کان علاوه ٻيا سينيئر دوست ڊاڪٽر برڪت جتوئي، آزاد قاضي، اسماعيل جانوري، حفيظ سميجو عبدالرحمان جوڻيجو ۽ ٻيا پرجوش نموني تياريون ڪري رهيا هئا. انهن کان علاوه پيو اسان جو مائٽ ۽ ٿورو وقت اڳ ۾ محاذ ۾ شامل ٿيندڙ فيض الله جوڻيجو پڻ تمام گهڻو سرگرم هئو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صبح جو سوير جيئن مان ہيٺ پهتس تہ آريسر صاحب ٻڌايو تہ "سڄي رات هتي سازش جاري رهي آهي ۽ طئي ڪيو ويو آهي تہ سائين راڄڻ ڪونہ هلندو". مان يڪدم سائينءَ سان مليس. ڪيس راڄڻ ۾ دوستن جي تيارين بابت ٻڌايم تہ ڪيس پنهنجو واعدو بہ ياد ڏياريم. جنهن تي سائينءَ چيو تہ راڄڻ هلبو. جي ايم سيد جهڙي شخصيت جو اچڻ منهنجي لاءِ، آمر لاءِ ۽ ٻين سپني ساٿين لاءِ يقيني طور هڪ تاريخي ۽ يادگار موقعو ۽ اسان جي سياسي زندگيءَ ۾ هڪ اعزاز جي حيثيت رکندڙ مرحلو هئو. سائينءَ سان گڏ تقريرون ڪرڻ وارا مک ماڻهون حفيظ قريشي، عبدالواحد آريسر، علي نواز ٻٽ، گل محمد جکراڻي ۽ بشير قريشي هئا. وقت جي گهٽتائي ۾ سپني کي موقعو ڏيڻ خاطر سائينءَ طئي ڪيو تہ هر هنڌ کي بہ ٻہ ڄڻا واري سان تقرير ڪندا. راڄڻ ۾ سائينءَ کان علاوه حفيظ قريشي صاحب ۽ علي نواز ٻٽ تقرير ڪئي. سائينءَ پنهنجي تقرير ۾ پهاڪي جي صورت واري ان جملي پويان نصيحت ڪئي تہ "ٻن تلوارن جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾". ۽ پوءِ وضاحت ڪندي چيائين تہ بہ تلوارون آهن ذاتي مفاد ۽ اجتماعي حق. اهي ٻئي گڏ نہ هلندا. هڪڙي کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻئي کي قربان ڪرڻو پوندو. ان ڏينهن باقي جيڪي بہ پروگرام ٿيا (نصير آباد، باڊه ۽ ڏوڪريءَ ۾) انهن ۾ سائين راڄڻ جو حوالو ڏيئي ان نندي جملي ذريعي وڏي ڳالهہ کي دهرائيندو رهيو. ٻئي ڏينهن جي شيڊول ۾ شهداد ڪوٽ بہ شامل هئو جتي ماڻهن کي مخاطب ٿيندي سائينءَ چيو تہ "جيئي سنڌ محاذ منهنجي جماعت آهي، ان جو ساٿ ڏيو". ان کان سواءِ سائين ممتاز پٽي صاحب جي ڳوٺ ميرپور پٽو بہ ويو جتان ڪيس گرفتار ڪري پهرين ڪراچي جيل ۽ پوءِ گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو.

سائينءَ جي ڪراچي جيل ۾ هجڻ ڪري 1988 جي سالگره سن ۾ نہ ٿي سگهي. اسان جيئي سنڌ محاذ پاران ڪراچيءَ ۾ جلسو ڪرڻ جو پروگرام ناهيو. علامہ علي مختار ۽ رشيد حيدر رضوي وارن جي تعاون سان پروگرام فيڊرل بي ايريا ۾ اسلامڪ سينٽر جي ميدان تي 21 جنوريءَ لاءِ طئي ڪيو ويو. اسانجي ڪراچيءَ واري سڄي ٽيم ڏينهن رات ڪم ڪيو. ڳوٺن ۽ شهري علائقن ۾ موبيلائزيشن ڪئي. شهر ۾ علي مختار ۽ رشيد حيدر وارن بہ ڪافي ورڪ ڪيو ۽ توقع هئي تہ شهري ماڻهون (اُردو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳالهائيندڙ) بہ چڱي تعداد ۾ ايندا. ٻين ضلعن جا دوست بہ پرجوش هئا. 20 تاريخ شام کان ئي پنڊال جي تياري شروع ٿي ويئي. سخت سرديءَ جي باوجود ساٿي رات جو بہ ڪم ۾ جنبيل رهيا. 21 تاريخ جي صبح تي تياري مڪمل هئي. پري وارن ضلعن جا دوست اچڻ شروع بہ ٿي ويا. مان، علي نواز هاشم ۽ ٻيا ڪراچي ٽيم جا دوست سنڌن آجيان ڪري رهيا هئا سين. ايتري ۾ اوچتو خبر آئي تہ خان عبدالغفار خان گذاري ويو. غفار خان کي سائين جي ايم سيد پنهنجو ليڊر سمجهندو هئو. اهو ڪافي عرصي کان بيمار هئو. اسان افسوس سان گڏ سوچ ۾ بہ پئجي وياسين تہ ڇا ڪجي. صلاح مشورو ڪري رهيا هئا سين تہ سائينءَ جو پيغام اچي ويو ۽ سالگره جو پروگرام ختم ڪيو ويو. غفار خان جي وصيت مطابق کيس افغانستان جي شهر جلال آباد ۾ دفنائڻ جون تياريون شروع ٿي ويون. جيئي سنڌ محاذ پنهنجي ليڊر جي ليڊر جي آخري سفر ۾ همسفر ٿيڻ لاءِ ٻن سينئر ساٿين عبدالقيوم منگي ۽ عبدالمالڪ مهر کي نامزد ڪيو. ٻئي دوست پشاور کان جلوس سان گڏ جلال آباد ويا. تدفين ۾ شريڪ ٿيا ۽ خان عبدالولي خان سان تعزيت ڪرڻ کانپوءِ موٽي آيا.

ڪيتري نہ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ جي ايم سيد تہ عام سنڌي ماڻهن کي اپيل ڪري رهيو هئو تہ اهي سنڌس جماعت جيئي سنڌ محاذ جو ساٿ ڏين پر ساڻس گڏ هلندڙ پارٽ کي "سيد جو سچو سپاهي" سڏائيندڙ سنڌس پارٽيءَ جي خلاف سازشن ۾ مشغول هئا. بهرحال محاذ جي خلاف خفيہ سازشن ۽ اڻسڌي مخالفت جو جلد ئي خاتمو ٿيو جو ڳالهہ کلي سامهون آئي. ڏهہ ڏهہ ٻارنهن ٻارنهن سال شاگرد اڳواڻ رهڻ ۽ 30 سالن کان عمر وڌڻ کان پوءِ همراهن کي اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڇڏڻي پئي ۽ انهن 1989 ۾ "جيئي سنڌ تحريڪ" جي نالي سان جدا پارٽي ناهڻ جو اعلان ڪيو. منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ جيئي سنڌ محاذ جي مقابلي ۾ نهندڙ ان نئين پارٽيءَ جي پويان مکيہ محرڪ عنصر تہ ان جي ليڊرن جي اها سوچ هئي جنهن تحت اهي هڪ تہ هر صورت ۾ ليڊر ٿيڻ پيا چاهين ۽ ٻيو تہ انهن پابندين کان آجا رهي ڇڙواڳ طريقن سان پنهنجا ڪم ڪرڻ پيا چاهين جيڪي پابنديون بحيثيت هڪ جمهوري جماعت جي محاذ طرفان لاڳو ٿيون پئي. پر اهڙي سوچ کي هٿي ڏيڻ ۾ محاذ جي قيادت جي ان فيصلي جو بہ حصو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن تحت جساف کي محاذ جي برابر تنظيم تسليم ڪيو ويو.

ائين دنيا ۾ ڪٿي ڪونہ ٿيو آهي تہ شاگرد جماعت کي سياسي پارٽيءَ جي برابر حيثيت ڏني ويئي هجي. اهو سڀ ڪجهہ بحث مباحثي ۽ اختلاف کان بچڻ لاءِ ڪيو ويو جڏهن تہ سياسي پارٽين ۾ ۽ سياسي جدوجهد ۾ بحث مباحثو ۽ اختلاف ائين ئي معمول جي ڳالهہ هوندا آهن جيئن انسان لاءِ ماني کائڻ. اها هڪڙي سولي، سادي ۽ عالمي طور تسليم ٿيل حقيقت آهي تہ راضي ڪرڻ (Appeasement) واري پاليسي ڪڏهن بہ غلط ڳالهہ کي روڪيندي ناهي پر وڌائيندي آهي. ٻي عالمي جنگ کان اڳ ۾ برطانوي وزير اعظم چيمبر لين طرفان هٽلر سان Appeasement واري اختيار ڪيل پاليسي ۽ ان جي خطرناڪ نتيجن بابت دنيا جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سبق پڙهايا ويندا آهن.

جيستائين گل محمد جکراڻي ۽ بشير قريشي وارا ڏار نہ ٿيا هئا تہ فيڊريشن ۾ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ قادر مگسي گروپ کي محاذ جي ضرورت پوندي هئي ۽ محاذ انهن جي سياسي مدد ڪندو بہ هئو. پر جيئن ئي اهي الڳ ٿيا تہ مسٽر مگسيءَ انهن وارا ساڳيا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيا. ساڳيا رويا ساڳيون ڳالهيون. پاڻ کي محاذ جي متبادل قيادت سمجهڻ، تشدد عدم تشدد بابت بحث ۽ پاڻ کي هٿيار بند ويڙهہ جو ليڊر پيش ڪرڻ. حقيقت ۾ هِن همراه اڳين کان وڌيڪ محاذ کي نقصان ڏنو ڇاڪاڻ تہ ڪاغذي طور الڳ نہ ٿيندي بہ اهي اڳيان ڪليو ڪلايو محاذ جي مخالفت ڪندا ۽ ڏار ڪر ڪندا هئا جڏهن تہ هن محاذ سان واڳيل هوندي محاذ جي ميمبرن ۾ ئي محاذ جي پاليسين ۽ ان جي قيادت خلاف سازشي طريقن سان پروپيگنڊا مهم هلائي. اهو پارٽي اندر ڏقيڙ پيدا ڪرڻ جو ڪليو ڪلايو عمل هئو پر ان تي بہ پارٽي قيادت خاموش رهي، هُن کان ڪڏهن پڇاڻو ئي نہ ڪيو بلڪ اها ئي راضي رکڻ واري پاليسي جاري رکي ويئي. پارٽي چيئرمين پارٽيءَ جي مرڪزي اڳواڻن جي پيٽ ۾ قادر مگسي ۽ ٻين جساف ميمبرن کي وڌيڪ اهميت ڏيندو رهيو. جهنڊي ڪيس ۾ سائين جي ايم سيد سان گڏ علي نواز ٻٽ ۽ ٻين جي گرفتاريءَ تي سنڌي پورهيت سنگت نوري آباد ۾ اڳ ۾ رٿيل ڪانفرنس کي احتجاجي جلسي ۾ تبديل ڪيو جنهن جي صدارت چيئرمين عبدالواحد آريسر ڪئي. اتي جناب آريسر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبر امر جوڻيجي جي بجاءِ جساف ايل ايم سي يونٽ جي صدر مير عالم مريءَ کي اسٽيج تي ويهارڻ کي ترجيح ڏني.

بهرحال قادرمگسي گروپ جي اهڙين غير آئيني غير قانوني ۽ غير سياسي سرگرمين بابت قيادت جي خاموشي اختيار ڪرڻ باوجود اسان سينيئر ۽ نظرياتي ڪارڪن خاموش تي نہ ويٺاسين ۽ پارٽيءَ جي آئين جي بالادستي ۽ پارٽيءَ جي ادارن ۽ انهن جي فيصلن جي احترام خاطر انهن جو مقابلو ڪيو ۽ سڄي سنڌ جي نظرياتي ۽ باڪردار ڪارڪنن سان رابطا ڪري انهن کي متحرڪ ڪيو. ان مقابلي ۾ اسان جي سنگت ۾ مان، علي نواز ٻٽ، هاشم کوسو در محمد عالماڻي، عبدالمالڪ مهر، سيد غلام شاهہ ۽ امر جوڻيجو گهڻو متحرڪ هئاسين جڏهن تہ ٻيا بہ ڪيترا دوست جهڙوڪ سرور مهتو شفيع سينهڙو، علي حسن چانڊيو انور ميمڻ، علي محمد مستوئي، روشن ڪلهوڙو ياسين سنڌي، عبدالڪريم چانڊيو خان محمد پيو آزاد قاضي اختر ڪاڪيپوٽو ۽ ٻيا پڻ سرگرم رهيا. ڏڦيڙي گروپ جا مکيہ ليڊر قادر مگسي، حيدر شاهاڻي، حسين بخش ٿيٻو محمد علي لغاري ۽ دودو مهيري هئا. آصف بالاڊي، مير عالم مري، شفيع برنت ۽ ڪجهہ ٻيا بہ شروع ۾ انهن سان گڏ هئا پر پوءِ انهن کي ڇڏي ڏنائون.

اسان جي قادر مگسيءَ سان واضح مخالفت ان ڏينهن کان ۽ ان واقعي تي شروع ٿي جنهن ڏينهن ۽ جنهن واقعي جي بنياد تي هو پاڻ کي هيرو سمجهڻ لڳو هئو ۽ جنهن جي حوالي سان هو اڄ تائين سياست ڪري ٿو. 30 سيپٽمبر 1988 واري قتلام جي خبر تہ ٻئي ڏينهن جي سڀني اخبارن ۾ هئي پر اردو جي وڏي ۽ بااثر اخبار جنگ اهو بہ لکيو تہ" ان واقعي ۾ جيئي سنڌ محاذ جو مرڪزي اڳواڻ قادر مگسي ملوث آهي." چيئرمين آريسر تہ ڳوٺ هئڻ ڪري فوري رابطي کان ٻاهر هئو مون ڪراچيءَ ۾ موجود وائيس چيئرمين سيد غلام شاهہ علي نواز ٻٽ ۽ هاشم کوسي سان فوري رابطو ڪيو ۽ پوءِ گڏيل صلاح سان پارٽيءَ جي اطلاعات سيڪريٽري هاشم کوسي جي صحيح سان وضاحتي بيان جاري ڪيو تہ " قادر مگسي جيئي سنڌ محاذ جو مرڪزي اڳواڻ ناهي". ٻئي ڏينهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اخبارن ۾ ڇپجندڙان ننڍي بيان ۾ صرف هڪ حقيقت بيان ڪيل هئي پر ان جا اثر وڏا ٿيا. هڪ طرف ان بيان سنڌ ۾ جديد قومپرستيءَ جي بنياد تي پر امن، ترقي پسند ۽ عوامي سياست ڪندڙ جماعت کي نسل پرستي، انتها پسنديءَ ۽ مهم جوئي جي بيمارين کان بچايو تہ ٻئي پاسي جناب قادر مگسيءَ ۽ ان جي گروپ کي سخت چيڙائي وڌو. ڪجهہ وقت کان پوءِ سن ۾ پارٽيءَ جي نيشنل ڪائونسل جو اجلاس ٿيو. ان ۾ حسين بخش ٿيٻو محمد علي لغاري ۽ ڪجهہ ٻيا ميمبر طور شريڪ ٿيا تہ انهن کان 30 سيپٽمبر واقعي بابت جواب طلبي ڪئي ويئي. ان تي همراهہ اجا وڌيڪ ڪاوڙجي پيا. پنهي ڄڻن وڏي جذباتي تقرير ڪندي قادر مگسيءَ کي هر قسم جي جواب طلبي کان مٿانهون هيرو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان تي آريسر صاحب پهريون دفعو اداري جي دفاع ۾ سخت ۽ واضح موقف اختيار ڪيو. سنڌس اهو جملو گهڻن دوستن کي ياد هوندو تہ ”توهان هتي شامِ غريبان پڙهڻ ڪونہ آيا آهيو اداري کي مطمئن ڪريو“.

تجزيي سان گڏ منهنجي اها پختي راءِ آهي تہ 30 سيپٽمبر واقعي بابت فوري طور هاشم کوسي جو وضاحتي بيان نہ اچي ها تہ نڪو ترقي پسند پارٽي ٺهي ها ۽ نہ ئي جيئي سنڌ محاذ اجوڪي حالت ۾ هجي ها ڇاڪاڻ تہ جناب مگسيءَ جو منصوبو جيئي سنڌ محاذ تي قبضو ڪري ان کي اهڙي جماعت ۾ تبديل ڪرڻ هئو جهڙي بعد ۾ هن الڳ پارٽي ٺاهي. ان جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن دوست محاذ ۾ ميمبر شپ وٺڻ لاءِ جيڪا درخواست ڏني ان ۾ لکيائين تہ: ”مونکي ميمبر ڪيو وڃي تہ جيئن پارٽيءَ جي بهتر نموني قيادت ڪري سگهان“. وري 30 سيپٽمبر همراهہ کي واچوڙي جهڙي اوچتي ۽ تڪڙي شهرت ڏياري ڇڏي جنهن ڪري سنڌس مهم جوئي واري سوچ جنهن کي هو انقلاب پيو سمجهي، عروج تي هئي.

جون 1990 ۾ پارٽيءَ جي قومي ڪائونسل جو اجلاس شهداد پور ۾ ٿيو. اجا پارٽيءَ ۾ هجڻ ڪري اهو گروپ دودي مهيريءَ جي اڳوڻيءَ ۾ شريڪ ٿيو. محاذ تي قبضي ڪرڻ واري پنهنجي منصوبي کي ناڪام ٿيندو ڏسي همراهہ نراسائيءَ ۽ مايوسيءَ جي حالت ۾ گوڙ ڪرڻ لڳا. تنظيمي نظم و ضبط ۽ سياسي اخلاقيات جون حدون اورانگهيندي اهڙو هل بکيڙو ڪيائون جنهن کي سياسي پارٽي تہ پري، ڪابہ تنظيم برداشت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ ڪندي ۽ جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ دودي مهيريءَ مان اسان کي توقع ڪانہ هئي. اهڙي اهم ۽ فيصلائتي موقعي تي اجلاس جي صدارت ڪندڙ چيئرمين آريسر, افسوس تہ فيصلائتو ڪردار ادا ڪري نہ سگهيو. اجلاس ۾ ضابطو بحال ڪرائڻ يا اجلاس مهمل ڪرڻ يا ڪنهن بہ قسم جو ڪو فيصلو ڪا رُولنگ ڏيڻ کان سواءِ صدارتي ڪرسي ڇڏي اجلاس کان ٻاهر هليو ويو. ان سان هنن همراهن کي اجا هُشي مليو ۽ اهي سنجيدگي ۽ بردباري کي لتون هڻدي بئنچن تي چڙهي بيهي رڙيون ڪرڻ لڳا. اهڙي ريت ڪائونسل جو اجلاس شروع ٿيندي ئي ختم ٿي ويو. قومي ڪائونسل / ڪانگريس جو اهو واحد اجلاس هئو جيڪو مان بيماريءَ سبب اٽينڊ نہ ڪري سگهيس.

قيادت جي خوبين مان هڪڙيءَ لاءِ انگريزيءَ ۾ چيو ويو آهي "Leading from the front" يعني بحراني صورتحال کي اڳيان ٿي منهن ڏيڻ. جيئي سنڌ محاذ جي هن (معمولي) بحران وقت قيادت جي پاسيرو ٿي وڃڻ وڳوڙين جا حوصلا وڌايا جڏهن تہ سنجيده ۽ ڪميٽيڊ ڪارڪنن ۾ مايوسي محسوس ٿيڻ لڳي. ڪجهہ عرصي تائين اها گفتگو ٿيندي رهي تہ وري اجلاس ڪٿي ۽ ڪيئن ڪجي ۽ جيڪڏهن وري اهڙي صورتحال پيدا ٿئي تہ ان کي ڪيئن منهن ڏجي. مون پنهنجي طرفان راڄڻ ۾ اجلاس ڪرائڻ جي دوستن آڏو تجويز رکي جيڪا انهن قبول ڪئي. اهڙي طرح ڊسمبر جي مهيني ۾ امر جوٽيجي جي اوطاق تي سنڌس ئي مدد ۽ مهربانيءَ سان ڪائونسل اجلاس منعقد ٿيو. ڪجهہ همدردن صلاح ڏني تہ "هٿيار بند" همراهن جي امڪاني حملي کي منهن ڏيڻ لاءِ مان بہ ڪجهہ "بندوبست" ڪريان. مون چيو تہ اسان جا هٿيار اسان جو نظريو ۽ اسان جو جذبو آهي, جيڪڏهن ڪنهن ڪجهہ ڪيو تہ ڏٺو ويندو. مون کي پنهنجي دوستن جي (اڳ ۾ ذڪر ڪيل) ٽيم جي هِڏيءَ همٿ ۽ حوصلي تي مڪمل ڀروسو هئو. ٽيم جو هڪڙو مکيہ ميمبر علي نواز ہٽ جيڪو سائين جي ايم سيد واري جهنڊي ڪيس ۾ جيل ۾ هئو سو بہ ضامن تي وڃڻ کان پوءِ اجلاس ۾ متوقع هئو پر ڪاغذي ڪارروايءَ ۾ دير سبب وقت تي پهچي نہ سگهيو. بهر حال اجلاس پرسڪون ۽ پرجوش طريقي سان ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿيو. ان کان ٿوري عرصي کان پوءِ قادر مگسي گروپ وارن پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

الڳ پارٽي ناهڻ جو اعلان ڪيو.

قادر مگسيءَ جي جيل ۾ هئڻ جي صورت ۾ ڊوڊو مهيري نئين ٺهندڙ جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي اڳواڻي ڪري رهيو هئو. پهرين سالگرهه جي موقعي تي تقرير ڪندي هن فرمايو ته "عدم تشدد بزدليءَ جي علامت آهي، اڄ کان پوءِ اسان ڪوبه جلسو جلوس نه ڪنداسين" ان سان گڏ اهو به اعلان ڪيائين ته "پارٽيءَ جي ايندڙ سالگرهه آزاد سنڌ ۾ ملهائبي". اها هئي "مهر جوئي عروج تي".

عدم تشدد کي بزدلي چئي مهاتما ٻڌ، حضرت عيسيٰ، ٽالسٽاءِ، مهاتما گانڌي، مارٽن لوٿر ڪنگ ۽ جي ايم سيد جي توهين ڪندڙ قادرمگسي ۽ ڊوڊي مهيريءَ کان پڇيو وڃي ته 25 سالن ۾ انهن ڇا ڪيو آهي؟ هڪ ڏينهن به هٿيار بند ويڙهه نه ڪرڻ ۽ وري عدم تشدد جي وڪالت ڪرڻ تي ڇا انهن معافي ورتي؟

حقيقت اها آهي ته قادر مگسي هجي يا گل محمد جکراڻي- بشير ترڪي گروپ، اهي نه ته تشدد سان بيهي سگهيا نه وري عدم تشدد سان وفادار رهيا. انهن جو اصل مقصد جيئي سنڌ محاذ کي نقصان پهچائڻ هئو. عدم تشدد تي قائم رهڻ لاءِ مهاتما ٻڌ جهڙي قرباني، حضرت عيسيٰ جهڙو صبر ۽ جي ايم سيد جهڙو جگر گهرجي. ٻئي طرف سنڌ ۾ هٿيار بند ويڙهه جي نالي ۾ بندوق کي دولت ڪمائڻ جو ذريعو بڻائيندڙن انقلابي جنگ جي علامتن فيڊل ڪاسترو، ارنيسٽو چي گويرا، ياسر عرفات ۽ جارج حباش جهڙن ڪردارن کي پڻ شرمسار ڪيو آهي.

نومبر 1988 واري پاڪستان جي اليڪشن جي نتيجي ۾ بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي. بينظير جو چوڻ هوندو هئو ته هوءَ سندس والد ۽ پارٽيءَ جي باني ذوالفقار علي ڀٽي جو مشن اڳتي وڌائڻ لاءِ سياست ڪري رهي هئي. اُن مشن کي ڪيڏو اڳتي وڌايائين اهو پنهنجي جاءِ تي هڪڙو سوال آهي. مثال طور ذوالفقار علي ڀٽي جي هڪ اهم ۽ مشهور پاليسي نيشنلائيزيشن جي هئي. بينظير ان کي بلڪل ابتو ڪندي عالمي ۽ مقامي سرمائيدارن کي خوش ڪرڻ خاطر ڊي نيشنلائيزيشن جي پاليسي اختيار ڪئي ۽ ڪيترا اهي ادارا واپس خانگي ملڪيت ۾ ڏنائين جيڪي سندس والد قومي ملڪيت ۾ ورتا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بهرحال والد جي هڪڙي پاليسيءَ تي هوءَ پوري طرح عمل ڪري رهي هئي. اها هئي بهارين کي آئڻ جي پاليسي۔ اقتدار ۾ اچڻ جي ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ هُن اعلان ڪيو ته بهارين کي پاڪستان آندو ويندو ۽ انهن جا پهريان جهاز 25 جنوري 1989 تي پاڪستان جي سرزمين تي لهندا. سنڌي ماڻهو ڄاڻن ٿا ته بهاري پاڪستان جي کهڙي به حصي ۾ پهتوا هو ڦري گري سنڌ ۾ ايندو.

17 جنوري 1989 تي جيئي سنڌ محاذ ڪراچي طرفان ليبر اسڪوائر لانڍي ۾ ڪيل سائين جي ايم سيد جي سالگره جي جلسي ۾ محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر اعلان ڪيو ته بهارين کي آڻڻ خلاف احتجاج جو اظهار ڪرڻ لاءِ 25 جنوري تي ڪراچي ايئرپورٽ ٻاهران علامتي مظاهرو ڪيو ويندو. چيئرمين صاحب ته اعلان ڪري ڇڏيو. ڏينهن ڳوٺ هليو ويو هتي اسان جون ننڍون ڦٽي ويون. پاڪستان جي وزير اعظم ۽ سنڌ جي مقبول ترين پارٽيءَ جي اڳواڻ جو بهاري آڻڻ جو اعلان، ڪراچيءَ جهڙو عالمي سطح جو شهر جنهن تي بالادستي (جائز ۽ ناجائز) بهارين جي حمايتي ايم ڪيو ايم جي، احتجاج جي جڳهه بين الاقوامي هوائي اڏو ۽ احتجاجي مظاهرو منظم ڪرڻ لاءِ وقت ڳُل هڪ هفتو. تمام وڏو چئلينج هئو. ڪراچيءَ جي دوستن به ان کي چئلينج ڪري ئي ورتو. وسيلا محدود ته ڇا پر نه هئڻ جي برابر. ميڊيا ۾ نڪو نجي ٽي وي چئنل هئا ۽ نه ئي موبائيل فون. زميني فون به ڪا ورلي هوندي هئي. اخبارن مان اردو واريون ته سڀ اسان جي خلاف جڏهن ته سنڌيءَ ۾ صرف هڪڙي ڪارائتي اخبار هوندي هئي هلال پاڪستان سا به سرڪاري پر اهو ميجبو ته ان اخبار پاڻ ملهايو خاص ڪري ان جي نيوز ايڊيٽر نصير اعجاز ۽ ان کان علاوه اقبال دل، الله بخش کيڙو ۽ ٻين سٺو ساٿ ڏنو. سڄي سنڌ ۾ ماڻهن سان رابطي جو ذريعو اها اخبار ۽ منهنجي گهر جي ۽ علي نواز جي آفيس جي فون هئي. پر مسئلو اهو به هئو ته اسان جي فون وصول ڪرڻ واري فون به ڪا ورلي موجود هئي.

بهرحال اهي وچ وارا 7 ڏينهن اسان 24 ئي ڪلاڪ مظاهري جي تيارين ۾ رُڌل هوندا هئاسين. مجموعي نظر نظرداري مان، علي نواز ٻٽ، هاشم کوسو عبدالمالڪ مهر ۽ حافظ صديق ميمڻ (سنڌ قومي اتحاد جي حوالي سان) ڪندا هئاسين. غلام شاهه به ڪڏهن ڪڏهن صلاح مشوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ شامل ٿيندو هئو. ان کان علاوه در محمد عالماڻي، عبدالڪريم چانڊيو انور ميمڻ، علي محمد مستوئي، الاهي بخش بڪڪ، اقبال چنو عاشق ٻهيلم، امام علي انڙو فاروق، ڀنهور ۽ ٻين به ڀرپور ساٿ ڏنو. انهن ڏينهن ۾ اجا قومي تحريڪ ۾ ماڻهن کان بسون ۽ ڪارون زوريءَ کسي انهن ۾ ماڻهون ڀري جلسا ڪرڻ واري ويا ڪانه پئي هئي. ڪراچيءَ کان علاوه سڄي سنڌ مان محب وطن ماڻهو پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري يا چندا ڪري پنهنجي پيرن تي اسٽار گيٽ وٽ پهچڻ لڳا. بسون، ويگنون، ڪارون، موٽر سائيڪلون مطلب ته جنهن کي جيڪي هٿ اچي سگهيو ان ذريعي پهتو. ڏسندي ڏسندي ماڻهن جو سمنڊ گڏ ٿي ويو جنهن ۾ عورتن جو به وڏو تعداد هئو. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته ان کان اڳ ۾ تاريخ ۾ سنڌين جو ايڏو وڏو ميڙ ڪراچيءَ ۾ نه ٿيو هئو. اخبارن لکيو ته لکين ماڻهن احتجاج ڪيو. هلال پاڪستان لکيو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو سمنڊ اٿلي پيو. ڪنهن ڳالهه جي ڪاميابي لاءِ دوست سان گڏ دشمن جو رويو به هڪڙي پرک هوندو آهي. ايئرپورٽ مظاهري کي ڏسي الطاف حسين ڀيرين دفعو وڦلي پيو ۽ کلئي نموني سنڌين خلاف، خاص ڪري قومپرستن خلاف، زهر اوڳاڇڻ لڳو. ٻئي طرف سنڌي ماڻهن جي ايڏي زبردست ۽ غير متوقع احتجاج کي ڏسي مرڪزي حڪومت ٻهارين جا ايندڙ جهاز روڪي ڇڏيا ۽ ان سان گڏ عارضي طور ئي سهي، ٻهارين جي آمد به رڪجي ويئي. حقيقت اها آهي ته ايڏي وڏي ۽ ڪامياب احتجاج جي اميد اسان کي به ڪانه هئي. اهڙي طرح بنا تياريءَ جي اعلان ڪيل علامتي مظاهرو هڪ تاريخي ۽ ڪامياب احتجاج ۾ تبديل ٿي ويو. بس جيڪڏهن ان شاندار پروگرام ۾ ڪا ڪمي محسوس ڪئي ويئي ته اها احتجاج جو سڏ ڏيندڙ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر جي عدم موجودگي هئي.

پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ اقتدار جي معاملن ۾ هڪ ٻئي لاءِ "چانڊيا - مگسي" نظر ايندا آهن پر سنڌ جي ڦرلٽ ۽ ناانصافين جي معاملي ۾ ٻنهي جي ٻڌي به مثالي هوندي آهي ۽ پاليسيون به يڪسان هونديون اٿن. جي ايم سيد جي نظربندي هجي، سنڌ جي قدرتي وسيلن تي قبضا هجن يا ڏاري آباد ڪاري، هڪ ٻئي جي ناهيل پاليسين ۽ ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فيصلن تي پوري "ايمانداري" سان عمل ڪندا آهن. سو بينظير ڪي هٽائي نواز شريف اقتدار جي ڪرسي تي ويٺو ته ان به بهارين ڪي گهرائڻ جو اعلان ڪيو. ان فيصلي جي خلاف سنڌي ماڻهن جي مخالفت ۽ ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ لاءِ جيئي سنڌ محاذ پهرين سيپٽمبر 1991 لاءِ هڙتال جو سڏ ڏنو. مظاهرن ۽ جلسن وانگر هڙتال ڪرائڻ لاءِ به مصنوعي طريقن واري بيماري اڃا سنڌجي سياست کي ڪانه لڳي هئي. ان وقت (پوءِ وانگر) بندوقون هلائي، بم ڦاڙي ۽ موت جون ڌمڪيون ڏيئي دڪان بند ڪونه ڪرائبا هئا، نه ئي بسن کي باهيون ڏيئي ڦيٿو روڪرائبو هئو.

وڏي ڳالهه ته اها سڀ ويڏن انهن ئي سنڌي ماڻهن سان ڪئي ويئي آهي جن جي مفادن جي نالي تي سياست ڪئي وڃي ٿي ۽ جن جي همدردي ۽ تعاون ڪاميابيءَ لاءِ بنيادي عنصر آهي. پوءِ اهڙن ڪمن جو نتيجو به اهڙو ئي اچي ٿو. ڪنهن ڌر جي سڏ تي رضاڪاراڻي نموني ڪاروبار بند ڪرڻ جو مطلب حڪمرانن کي اهو پيغام ڏيڻ هوندو آهي ته هڙتال ڪندڙ ان ڌر جي موقف جي حمايت ڪن ٿا. پر جڏهن زوريءَ بندوق جي زور تي هڙتال ڪرائي وڃي ٿي ته ماڻهون حڪمرانن کان وڌيڪ هڙتال ڪرائيندڙن کان نفرت ڪرڻ لڳن ٿا ۽ ان صورتحال کان حڪمران چڱيءَ طرح واقف هوندا آهن. جنهن ڪري هڙتال جو ڪو به اثر ڪونه ٿيندو آهي. بس ان ڌر يا پارٽيءَ جو نالو اخبار ۾ ڇپبو آهي. اڪثر حالتن ۾ ته اهو به نالو ڏنڊي جي زور تي ڇپرايو ويندو آهي.

جيئي سنڌ محاذ هڙتال جو سڏ ڏيڻ شرط سنڌ جي ننين وڏن شهرن ۾ پنهنجي ليڊرن ۽ ڪارڪنن جون ڊيوٽيون لڳايون جن اتي هفتي هفتي لاءِ ڪئمپون وجي لڳايون. واپارين ۽ ٽرانسپورٽ تنظيمن جي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪرڻ کان علاوه اسان جا دوست هر هڪ دڪان ۽ مانڊيءَ تي ويا. پاڻ سان گڏ بهارين بابت پارٽي موقف تي ٻڌل پمفليٽ به کڻي ويا ۽ زباني طور به انهن کي هٿ ٻڌي ڪاروبار بند ڪرڻ جي اپيل ڪندا ويا. نتيجي طور اها سنڌ جي تاريخ جي ڪامياب ترين هڙتال هئي جنهن جون گواه ان وقت جون اخبارون آهن جن لکيو ته سڄي سنڌ ۾ ڪٿي به روڊ تي گاڏي نظر نه آئي. ايتري تائين ته پان ۽ بيڙيءَ جون مانڊيون به بند رهيون. مطلب ته ڪراچيءَ جي شهري علائقن کان سواءِ ملير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(ڪراچي) ڪان وٺي اوٻاوڙي تائين سنڌ بند هئي.

ڪجهه وقت خاموشيءَ کان پوءِ وري ميان نواز شريف بهارين کي آڻڻ جو اعلان ڪيو البته سنڌين جي مخالفت کي ٽڪرو ڪرڻ خاطر انهن کي ميان چنون ۾ آباد ڪرڻ جي ڳالهه ڪيائين. پر سيڪو چاٽي پيو ته بهاري پنجاب ۾ ڪونه رهندا. جيڪڏهن ٺهيل گهر ملين ته به ڪجهه عرصي کان پوءِ اهي وڪڻي وري به سنڌ ڏانهن ايندا. ان ڪري جيئي سنڌ محاذ علامتي طور سنڌ- پنجاب سرحد بند ڪرڻ خاطر ڪمون شهيد وٽ ڌرڻي جو اعلان ڪيو. 17 اپريل 1992 تي لڳندڙ اهو ڌرڻو به تاريخ رقم ڪندڙ هئو. سنڌ جي جديد قومي تحريڪ ۾ اهو پهريون دفعو هئو ته سياسي ويڙه ۾ حاڪم قوم جو رستو بند ڪيو ويو. سخت گرميءَ ۾ ڏورانهين ۽ ويران جڳهه جتي پيئڻ جو پاڻي به نه هجي، اتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مرد، عورتون ۽ ٻار گڏ ٿيڻ ۽ سيڪيورٽي ادارن جي سامهون سينو ساهي ويهڻ، نوڪرين کي داءَ تي لڳائڻ، اهو عدم تشدد واري ويڙه جو مثالي نمونو هئو. بينظير ۽ امداد محمد شاه جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي ۽ قومپرستن جو گڏيل تاريخي ڌرڻو هن کان ڇهه سال پوءِ لڳو. جنهن کان پوءِ بين لاءِ به رستو نه پيو. اتي مون کي هڪ ڏاهي جو قول ياد ٿو اچي ته "اتي نه وڃو جتي رستا ٺهيل هجن، اتي وڃو جتي رستا نه هجن ۽ توهان رستن جا نشان ڇڏي وڃو". ان ڌرڻي کي منظم ڪرڻ ۾ امداد چاچڙ ۽ علي نواز ٻٽ جو سيني کان وڏيڪ ڪردار هئو جڏهن ته مظاهري جي قيادت ان وقت جي چيئرمين سيد غلام شاه ڪئي.

سن 1992 ۾ سنڌ ۾ فوجي آپريشن شروع ڪيو ويو. چيو ويو ته ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي "دهشتگردن" ۽ باقي سنڌ ۾ "ڌاڙيلن" خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وئي. ان آپريشن دوران مشهور ٽنڊو بهاول واقعو به ٿيو ۽ سينيئر سياسي اڳواڻ يوسف جکراڻيءَ جو به قتل ٿيو. سال جي آخر ۾ عبدالواحد آريسر کي رياست جي خفيه ادارن وارا کڻي ويا. جيئين اڄ تائين ڏسون پيا ڪو پتو نه هئو ته ڪير ڪيڏانهن کڻي ويا. سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ پٽيشن داخل ڪئي وئي ۽ پنهنجي وت وس آهر پڇا ڳاڇا جي به ڪوشش ڪئي. ظاهر آ اسان جي رياستي ادارن تائين پهچ ٿوري هئي. آريسر صاحب جو پراڻو دوست ۽ اسان جو شاگرد دور جو ساٿي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ليبر سيد شاھ محمد شاھ تازو ئي حڪومتي ڌر ۾ شامل ٿيو ھئو ۽ ان وقت سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار طور ڪم ڪري رهيو ھئو. مان ان سان مليس. ان ڪوشش ڪرڻ جو ڇيو پر ڪو نتيجو نہ آيو.

1993 جي شروع ۾ جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي چونڊن لاءِ معمول مطابق ٻہ سالہ ڪانگريس ٿيڻي ھئي. سنڌ ۾ فوجي آپريشن ڪري سياسي سرگرمين تي عملي طرح پابندي ھئي. محاذ جي جمھوري روايت کي برقرار رکڻ لاءِ ڪانگريس جو ٿيڻ ضروري ھئو. ان ڪانگريس جي خاص ايجنڊا پارٽي آئين ۾ ترميمون ھيون. مون پنھنجي پراڻي دوست ۽ سينيئر ساٿي اسد الله ابڙي سان رابطو ڪيو جيڪو پاڪستان جي سول سروس ۾ سينيئر آفيسر ھئڻ ڪري تماچي جي نالي سان محاذ ۾ ڪم ڪندو ھئو. اسد الله جا وڏا بلوچستان ۾ پاڳ ناڙي جي پرسان ڳوٺ جا رهواسي ھئا جيڪي پوءِ لڏي اچي ھاٽوڪي ھنڌ تي ڳڙھي ياسين پرسان وينا پر اجا پراڻي ڳوٺ سان ۽ اتي رھندڙ مائٽن سان مڪمل نموني واسطو ۽ رابطو اٿن. ھڪ طرف اسد سان ٻئي طرف چيئرمين غلام شاھ ۽ ٻين مرڪزي ساٿين سان رابطا ڪرڻ بعد ڪانگريس جو اجلاس بلوچستان جي ضلعي ڪڇي جي ڳوٺ ابراھيم خان منگراڻي ۾ ڪيوسين جنھن جا سمورا انتظام اسد الله جي ذمي رھيا. ايترو ڏورانھون پنڌ، رستو اڌ پڪو اڌ ڪچو فيبروري مھيني ۾ بلوچستان جي ٿڌ. ان جي باوجو جوش جذبو ايترو جو ڪانگريس ۾ آئيني ترميمن لاءِ گهربل 3/2 جي اڪثريت آسانيءَ سان حاصل ٿي ويئي جن ۾ عورتون بہ (منھنجي ڌيءُ منيره سميت) پنھنجي تناسب جي حساب سان ڀرپور نموني شريڪ ٿيون.

ڪانگريس کان اڳ ۾ مون، سيد غلام شاھ، قاسم پٽر ۽ ٻين سينيئر دوستن صلاح ڪئي تہ آريسر جنھن تڪليف ڏيندڙ صورتحال ۾ آھي ان ڪري بھتر ٿيندو تہ ان کي چيئرمين چونڊيو وڃي جيئن ڪيس قيد ڪندڙن ڏانھن ھڪڙو وزنائتو پيغام وڃي. ٻہ ڏينھن ھلندڙ ڪانگريس ۾ آئين ۾ ترميمون ڪري مڪمل عھديدارن تي ٻڌل سينٽرل ايگزيڪيوٽو ٺاھي ويئي، اڳ ۾ صرف ٻہ عھدا چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ھوندا ھئا. ان کان پوءِ ٿيل چونڊن ۾ چيئرمين عبدالواحد آريسر، سينيئر وائيس چيئرمين سيد غلام شاھ، وائيس چيئرمين عبدالقيوم منگي، جنرل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سيڪريٽري سرور سهتو سينيئر ڊپٽي سيڪريٽري خان محمد پيو ڊپٽي سيڪريٽري علي حسن چانڊيو فنانس سيڪريٽري امر جوٽيجو اطلاعات سيڪريٽري هاشم کوسو چونڊيا. سينٽرل ڪميٽيءَ ۾ بين سان گڏ مان ۽ ميزبان اسد الله ابڙو به چونڊجي آياسين.

ڪانگريس کان ٻه ٽي هفتا پوءِ هڪ ڏينهن مان عنبرين اپارٽمينٽ واري پنهنجي فليٽ تي ويٺو هئس ته منجهند ڌاري در کڙڪيو. کوليم ته سامهون عبدالواحد آريسر بيٺو هئو. ڪيس ائين اوچتو ڏسي مون کي ۽ منهنجي گهر ڀاتين کي جيڪا خوشي ٿي ان جو ڪاٿو لڳائڻ مشڪل هئو. جسماني طور ڪافي ڪمزور پر ارادي ۾ مضبوط هئو. ٻڌايائين ته "سجو وقت (اٽڪل پنج مهينا) اکين تي پٽي ٻڌل رهي. ڇڏڻ وقت جڳهه جو پڇيائون، مون تنهنجي نوڪريءَ جو خيال ڪندي چين ته عنبرين اپارٽمنٽ ۾ آزاد قاضيءَ جي گهر، سو عنبرين جي سامهون روڊ تي ڇڏي ويا". (ياد رهي ته منهنجو سئوٽ ۽ محاذ جو ميمبر آزاد قاضي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري سانگي عارضي طور مون وٽ رهندو هئو). اهو ڏينهن ۽ رات آريسر اتي ئي رهيو.

مون ۽ علي نواز ٻٽ صلاح ڪئي ته "هن صورتحال ۾ آريسر صاحب جو اڪيلو بس ۾ ڳوٺ وڃڻ مناسب ناهي تنهن ڪري پاڻ گڏ هلي ڇڏي اچونس". پر مسئلو اهو هئو ته اسان مان ڪنهن وٽ به پنهنجي ڪار ڪانه هئي. اسان اسٽيل ملز ۾ ڪم ڪندڙ سنڌي پورهيت سنگت جي سينيئر ڪارڪن منظور ابڙي سان رابطو ڪيو جيڪو ان وقت نوڪريءَ سان گڏ نواز شريف اسڪيم واري پيلي ٽيڪسي به هلائيندو هئو. هُن بنا ڪنهن رک رکاءَ جي چيو ته "مان پاڙو فُل وٺندس". ٻئي ڏينهن علي نواز ۽ مان منظور جي ٽيڪسي ۾ چيئرمين صاحب کي سندس ڳوٺ انڙ آباد ڇڏي آياسين. رستي ۾ ٽيڪسي جو ٽائر برسٽ ٿي پيو. مارڪيٽ جي اصول مطابق جڏهن اسان پاڙو پورو پيا پريون ته ٽائر ڦاٽڻ (يا ڪو ٻيو مسئلو) ٽيڪسي مالڪ جو مسئلو هئو پر "پارٽيءَ جي ڪارڪن" منظور ابڙي چيو ته "نئين ٽائر جا پئسا به توهان ڀري ڏيو." منهنجي راءِ هئي ته جڏهن اسان سان مارڪيٽ وارو رويو رکيو ته پوءِ اسان کي به مارڪيٽ جي اصول مطابق ئي هلڻ کپي پر علي نواز ان سان اتفاق نه ڪيو ۽ پوءِ اوٽ موٽ جي پاڙي سان گڏ ٽائر جا پئسا به اسان ٻنهي ڦوڙي ڪري ڏنا. مزي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهہ تہ اڳتي هلي سائين جي ايم سيد جي وفات کان پوءِ جيئي سنڌ محاذ ۾ اختلاف ۽ ٻيج ڦاٽل تي تہ منظور ابڙو اسان ٻنهي کان وڌيڪ آريسر جو ”وفادار“ بڻجي ويو.

پاڪستان جي اسيمبلين جي چونڊن ۾ جيئي سنڌ محاذ کا خاص دلچسپي ڪونہ وٺندو هئو پر 1993 جي چونڊن ۾ هڪ اڌ محاذ جي دوستن ۽ ڪجهہ تحريڪ جي دوستن سائين جي ايم سيد تي زور ڀريو تہ مقامي مسئلن خاطر ڪنهن نہ ڪنهن اميدوار جي حمايت ڪجي. ان تي سيني سينيئر ساٿين کي سائينءَ سڏايو. صلاح وٺڻ کان پوءِ سائينءَ پنهنجي راءِ ڏني تہ ڪنهن کي بہ ووٽ نہ ڏيڻ کپي. هرو ڀرو جيڪڏهن ڪنهن کي شوق هجي تڏهن بہ پيپلز پارٽيءَ کي ووٽ نہ ڏئي. محاذ اڳ ۾ ئي غير جانبدار رهڻ جو فيصلو ڪري چڪو هئو. جڏهن اليڪشن ٿي تہ پارٽي چيئرمين عبدالواحد آريسر نہ رڳو ان ۾ حصو ورتو پر قومي اسيمبليءَ لاءِ پ پ جي اميدوار (آفتاب شاهہ جيلاني) ۽ صوبائي اسيمبلي لاءِ وري مسلم ليگ (ن) جي نمائندي (گهٽو ڪري نور محمد شاهہ) جي ورڪ ڪئي. اليڪشن کان پوءِ جيڪا پارٽي ڪانگريس ٿي مون ان ۾ اهو مسئلو اٿاريو ۽ چيو تہ جيڪڏهن سربراہ پارٽيءَ جي فيصلي ۽ سائينءَ جي هدايت جي ابتڙ اليڪشن ورڪ ڪري ۽ سو بہ وري ٻن مخالف پارٽين جي اميدوارن جي تہ ان سان پارٽيءَ بابت غلط پيغام ويندو. چيئرمين تي تنقيد ڪرڻي هئي، سا بہ قومي ڪانگريس ۾ تنهن ڪري مان ثبوت طور اخبارن جي ڪٽنگ کنيو ويو هئس جيڪا ايوان آڏو پيش ڪيم.

ان تي چيئرمين صاحب طيش ۾ اچي ويو ۽ پيش ڪيل ڳالهين ۽ مواد متعلق ايوان آڏو پنهنجو موقف يا وضاحت پيش ڪرڻ بجاءِ هڪ زبردست جذباتي تقرير ڪيائين ۽ ان کانپوءِ سنڌ ۾ جتي ويو تہ اتي پارٽي ميمبرن ۽ همدردن آڏو ”ڌان گروپ“ چئي منهنجي ذاتي ڪردار ڪشي ڪندو رهيو. پارٽيءَ جي آئين، قانون ۽ ادارن جي بالادستي جي حق ۾ تنظيم اندر پاچا ڳاچا ۽ تنقيد جو رواج وجهڻ وارين منهنجي ڪوشش بابت آريسر صاحب جو اڳ ۾ جيڪو نا پسندگيءَ وارو رويو هوندو هئو هن ڪانگريس کان پوءِ اهو مخالفت ۾ تبديل ٿي ويو ۽ منهنجي خلاف هڪ باقاعده مهم شروع ٿي وئي. ڪجهہ دوست جيڪي سياسي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنظيمي ڪم جي لحاظ کان منهنجو مقابلو نہ ڪري سگهندا هئا انهن هن صورتحال مان فائدو وٺندي باهہ تي تيل هارڻ وارو ڪم شروع ڪيو.

ان کان علاوه پير آفتاب شاهہ کي ايم ڪيو ايم جي حامين جا ووٽ وٺي ڏيارڻ جي ڪوشش ۾ جناب آريسر, سيد غلام شاهہ سان گڏجي جيئي سنڌ محاذ ۽ ايم ڪيو ايم جي مشترڪ دوستن جهڙوڪ رشيد حيدر رضوي سان رابطو ڪيو پر جيئن تہ ڪراچيءَ ۾ محاذ جو جيڪو بہ ڪم يا رابطہ هئا ان ۾ اسان جو حصو هئو خاص ڪري رشيد حيدر جي هاشم سان گهاٽي دوستي هئي تنهن ڪري ان سڄي ڳالهہ هاشم کي ڀڙڪائي ڇڏي جنهن وري مون کي ڀڙڪائي. جيتوڻيڪ اڳ ۾ ئي موجود ڪشيدگي واري صورتحال جي ڪري اسان ان ڳالهہ جو ڪٿي ذڪر نہ ڪيوسين پر آريسر صاحب کي ان تي بہ سخت ڪاوڙ لڳي تہ رشيد حيدر هاشم سان ڇو ذڪر ڪيو جيتوڻيڪ هاشم جو ان ۾ ڪو قصور نہ هئو.

اسان جهڙي زرعي سماج جون ڪجهہ اهڙيون خاصيتون هونديون آهن جن کان بچڻ ذري گهٽ نا ممڪن هوندو آهي. هڪ طرف انهن جي ضرورت بہ محسوس ڪئي ويندي آهي تہ وري ٻئي پاسي انهن جا نقصان بہ هوندا آهن. انهن منجهان هڪڙي هوندي آهي شخصيتن جو ابرڻ. جاگيرداري سماج جي اثرن هيٺ رهندڙ ماڻهن کي اصولن, آدرشن يا تنظيمن ۽ ان جي ادارن کان وڌيڪ "غير معمولي" فردن ۾ وڌيڪ ڪشش محسوس ٿيندي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪي شخص پنهنجي صلاحيتن جي زور تي ٻين کان مٿي ابرندا بہ آهن تہ وري ضرورت سمجهندي انهن کي اڀاريو بہ ويندو آهي. پر پوءِ ٿيندو ائين آهي تہ اهي شخص پاڻ کي ادارن کان, ايتري تائين جو پارٽين کان بہ مٿانهون سمجهڻ لڳندا آهن. جيئن (مغربي) پاڪستان ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ تي حڪمرانن طرفان وري وري جي مڙهيل پابندين ۽ وڌل رڪاوٽن جي ڪري پيدا ٿيل سياسي خال کي پرڻ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو ابريو. يقيني طور هو ڪيترين صلاحيتن جو مالڪ هئو پر ڪيس ايترو وڏو بڻائڻ ۾ جي اي رحيم, ڊاڪٽر مبشر حسن, معراج محمد خان, مير رسول بخش ٽالپر, مختار رانا, حنيف رامي ۽ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جهڙن ڪيترن عوام دوست, محنتي ۽ قربانيون ڏيندڙ ليڊرن جو بہ وڏو حصو هئو. انهن نہ صرف سياسي طور تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جناب ڀٽي کي کلهو ڏنو پر معراج جهڙن جوشيلن کيس عملي طور (Literally) به کلهن تي کنيو.

انهن وقت جي ضرورت ۽ حالتن جي تقاضا سمجهندي ۽ محسوس ڪندي ائين ڪيو. پر پوءِ جڏهن هو عروج تي پهتو ته پارٽيءَ کي پنهنجي جاگير ۽ ٻين ليڊرن کي پنهنجو "ماڻهون" سمجهڻ لڳو. جنهن سندس ڪنهن به سوچ يا عمل سان اختلاف ڪيو ان کي پنهنجو دشمن سمجهيائين جڏهن ته اها هڪڙي مڃيل حقيقت آهي ته جيڪو ماڻهو ايماندار، وفادار ۽ بااصول هوندو اهو لازمي اختلاف رکندو. صرف خوشامدڙيا ۽ مفاد پرست ئي هوندا آهن. جيڪي نه رڳو اختلاف ناهن ڪندا پر ها ۾ ها ملائيندي اهڙيون ڳالهيون ۽ اهڙا عمل ڪندا آهن جيڪي ڪين ليڊر جي ويجهو ڪن. ذوالفقار ڀٽي جي ڪيس ۾ به ائين ٿيو ته وقت گذرڻ سان گڏ خوشامدڙيا ۽ مفاد پرست کيس ويجها ٿيندا ويا ۽ هو پنهنجي ڪميٽيڊ ساٿين کان پري ٿيندو ويو ۽ پوءِ جڏهن مٿس ڏکيو وقت آيو ته دنيا به ڏٺو ۽ کيس به نظر آيو ته سچن ساٿين کي ڇڏي هُن ڪوڙن سڪن کي ساڻ ڪنيو هئو.

سنڌ ۾ ون يونٽ مخالف تحريڪ جي خاتمي ۽ ان جي ڪيترن ڪردارن جي پ پ ۾ وڃڻ، سائين جي ايم سيد جي 70 واري چونڊ هارائڻ ۽ پوءِ وري ڀٽي جي اقتدار ۾ سائينءَ جي لڳاتار قيد ۾ رهڻ سبب سنڌ جي قومپرست سياست ۾ هڪڙي قسم جو خال پيدا ٿي ويو هئو. ٻئي پاسي وري ان ئي شاندار ون يونٽ مخالف تحريڪ جي (ون يونٽ ٽٽڻ جي صورت ۾ حاصل ڪيل) ڪاميابي، سائين جي ايم سيد جي اڻٿڪ عملي جدوجهد سان گڏ نظرياتي ڪم ۽ اپرنڊ مڊل ڪلاس جي ڪري ۽ وري بنگله ديش جي آزاديءَ جي اثر هيٺ سنڌ ۾ زبردست عوامي اڀار موجود هئو. جيتوڻيڪ ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جي قومپرست تحريڪ جو سخت مخالف هئو پر جنرل ضياءَ جي قيادت واري فوجي حڪومت هٿان پهرين سندس حڪومت ۽ پوءِ زندگيءَ جي خاتمي به سنڌ ۾ پنجاب ۽ فوج جي بالادستيءَ واري پاڪستاني رياست جي خلاف جذبن کي اڀاريو ۽ سنڌ جا ڪيترا ماڻهون ان کي هڪ "سنڌي" جو قتل سمجهڻ لڳا.

ان پس منظر ۾ عبدالواحد آريسر قومپرست سياست جي آسمان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تي اڀريو. باصلاحيت هو پيدائشي طور هئو جڏهن تہ مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وقت هُن تقرير جو فن بہ سکي ورتو. پنهنجي فطري صلاحيتن کي ڪم آڻيندي هن ڪتابي علم بہ حاصل ڪيو تہ قومي تحريڪ کي شهرن ڳوٺن تائين پهچائڻ لاءِ عملي طور محنت بہ ڪئي. انهن سيني ڳالهين سان گڏ آريسر جي شخصيت کي ٺاهڻ ۾ جيئي سنڌ محاذ جي سوين ڪارڪنن جو بہ هٿ ۽ حصو هئو. اسان سوچيوسين ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪئيسين تہ هتي وڏن جاگيردارن جي بالادستيءَ واري سنڌ ۽ سنڌ جي سياست ۾ هي مسڪين گهر جو فرد اسان جو آواز ۽ اسان جي سڃاڻپ آهي. تنهن ڪري ان کي هر ممڪن طريقي سان مضبوط ڪيو وڃي. جنهن وٽ جيڪا صلاحيت جيڪا ڄاڻ (علمي يا عملي). جيڪو وسيلو هئو سو هو آريسر جي حوالي ڪرڻ پنهنجي فرض سان گڏ فخر سمجهندو هئو. اهڙا بيشمار مثال ڏسڻ ۾ آيا تہ ساٿين پنهنجي گهر جي فردن تي آريسر کي فوقيت ڏني. انهن کان وڌيڪ وقت ۽ اهميت هِن کي ڏنائون.

انهن سيني ڳالهين جو گڏيل نتيجو اهو ٿيو تہ آريسر سنڌ جو وڏو ليڊر ٿي ويو. پر جيترو وڏو هئو ان کان وڌيڪ وڏو پاڻ کي سمجهڻ لڳو. پارٽيءَ کان بہ وڌ جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿيو تہ 16 سالن جي چيئرمني دوران هن هڪ دفعو بہ ڪو نظرياتي، سياسي، تنظيمي يا پاليسي جو معاملو پارٽي ادارن ۾ بحث لاءِ نہ رکيو. ڪڏهن بہ تنظيمي دوستن ساٿين کي ويهاري ڪنهن بہ پارٽيءَ معاملي کي ايجنڊا ٺاهي ان تي گفتگو ۽ صلاح مشورو نہ ڪيائين. سمورن معاملن مسئلن بابت پنهنجا خيال هو (پارٽي اجلاس يا جلسن ۾) پنهنجي تقرير ذريعي ظاهر ڪندو هئو ۽ پنهنجي ظاهر ڪيل خيالن کي ئي هو پارٽي پاليسي تصور ڪندو هئو. سماجي طرح بہ هو پارٽي ساٿين جي پيٺ ۾ ذاتي دوستن کي وڌيڪ اهميت ڏيندو هئو. ادارن ڏانهن گهٽتائي واري سندس رويي جو اندازو ان مان آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪڙي مرحلي تي هن پارٽيءَ جي سينٽرل ڪميٽيءَ کي رڍن ۽ ٻڪرين جي ڌڻ سان تشبيهہ ڏني.

اهڙن روين بابت اهي دوست خاموش رهندا هئا جيڪي ويهي هٿ ڏيڻ، چانهہ نہ پيارڻ يا تکي لهجي ۾ ڳالهائڻ کي بنياد بڻائي مهم هلائيندا هئا تہ "خالق جوڻيجي جا رويا خراب آهن." کي همراهہ تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چيئرمين جي اهڙين ڳالهين تي واه واه ڪندا ۽ ها ۾ ها ملائيندا هئا پر دوستن جي اڪثريت خاموش رهندي هئي. ڪجهه ساٿي غير رسمي گڏجاڻين ۾ انهن تي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪندا هئا پر رسمي اجلاسن ۾ يا چيئرمين جي موجودگيءَ ۾ اهي به خاموش رهندا هئا. اتي صرف مان ئي ڪجهه ڳالهائيندو هئس. منهنجي به ڪوشش هوندي هئي ته آريسر سان سڌو ٽڪراءُ ۾ نه اچجي باقي اُٽسڌي طرح سياسي اصولن. انقلابي پارٽين جي مثالن ۽ پنهنجي جماعت جي قاعدن قانونن ۾ ڪيل فيصلن جا حوالا ڏيئي پنهنجو نقطه نظر رکندو هئس. جيڪو مختلف هئڻ جي صورت ۾ چيئرمين صاحب کي ناگوار لڳندو هئو.

ادارن کي (۽ اهڙي طرح پارٽيءَ کي) هيڻاتهون ڪرڻ جي انتها تڏهن تي جڏهن هڪ ڏينهن سن ۾ مرڪزي اجلاس لاءِ گڏ ٿياسين. اجلاس شروع ٿيو ته جناب آريسر ۽ آصف بالادي "گلاس" ٽيبل تي رکي ويهي رهيا. اسان جون ته جيئن چوٽي آهي، هيٺيون هيٺ مٿيون مٿي رهجي ويون. سيئي ساٿي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳاسين. اڪين اڪين ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ڪان پوءِ مون تجويز رکي ته اجلاس هينئر مهمل ڪري صبح جو ڪجي جيڪا آسانيءَ سان قبول ڪئي ويئي. اهڙي طرح ٽڪراءُ ڪان بچندي اسان اداري کي وڏيڪ گهٽائيءَ ڪان بچائي ورتو. ٻين لفظن ۾ اسان وچ جو رستو ورتو. پر ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته وچ جو رستو ٿيندو ئي ڪونهي. رستو يا صحيح يا غلط ٿيندو آ. جيڪڏهن ان ڳالهه کي ونجي ته پوءِ چئي سگهجي ٿو ته اسان Compromise ڪيو. پر ٻيو موقف وري اهو به موجود آهي ته عملي سياست Compromises جو نالو آهي.

ٻي عالمگير جنگ ڪان پوءِ عالمي نظام ٻن بلاڪن، سرمائيدار ۽ سوشلسٽ ۾ ورهايل رهيو جن جي قيادت امريڪا ۽ سوويت يونين ڪري رهيا هئا. دنيا جا باقي ٻيا ملڪ ۽ قومون سڌي يا اُٽسڌي نموني، ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٻنهي مان ڪنهن هڪ بلاڪ سان واڳيل هئا. اها به هڪڙي مڃيل حقيقت هئي ته امريڪا جي سربراهي وارا سرمائيدار ملڪ دنيا ۾ آمر حڪمرانن ۽ بالادست رياستن جا مددگار هئا جڏهن ته سوويت يونين جي قيادت وارو سوشلسٽ بلاڪ مجموعي طور سوشلسٽ ملڪن ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي حمايت ڪندڙ هئو. انهيءَ چوڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي ته ڪا ضرورت ڪانهي ته پاڪستان پنهنجي وجود جي پهرئين ڏينهن کان امريڪا جو اتحادي رهيو جڏهن ته اندروني طور پاڪستاني رياست تي پنجاب جو غلبو هئو ۽ سنڌين سميت ٻيون قومون محڪومي واري زندگي گذاري رهيون هيون. اهڙي طرح اسان سوويت يونين کي پنهنجو فطري اتحادي ۽ سرمائيدار بلاڪ کي پنهنجو دشمن سمجهندا هئاسين.

سوويت يونين جي ٽٽڻ سان صورتحال بلڪل تبديل ٿي ويئي. دنيا مقرر ۽ متعين دائري مان نڪري کليل ميدان تي پيئي. نئين سر صف بندي ٿيڻ لڳي، جنهن ۾ هر ملڪ ۽ هر قوم پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ نوان گَسَ ڳولهڻ ۽ نيون حڪمت عمليون سوچڻ لڳا. ان پس منظر ۾ جيئي سنڌ محاذ جي نيشنل ڪانگريس جو اجلاس سن ۾ ٿيو. سياسي صورتحال تي بحث دوران مون اها ڳالهه رکي ته" هڪ ته هاڻي سوويت يونين به ناهي رهيو ۽ ٻيو ته امريڪا به پهرين وانگر پاڪستاني رياست ۽ ان جي پاليسين جي غير مشروط حمايت ڪونه ٿو ڪري ڇاڪاڻ ته امريڪا جي پاڪستان دوستيءَ جو بنياد ڪميونزم دشمني هئو. سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ امريڪا جا پاڪستاني رياست ۽ خاص ڪري فوج سان خصوصي تعلقات نه رهيا هئا. ۽ ٽئين پر اهم ڳالهه ته هاڻي امريڪا ۽ يورپ وارن جو مکيه تارگيٽ ڪميونزم جي بجاءِ مذهبي انتها پسندي آهي. جڏهن ته سنڌي قوم تاريخي ۽ فطري طور سيڪيولر آهي ۽ عالمي وايو منڊل ۾ مستقل دوست يا دشمن نه پر مستقل مفاد هوندا آهن. تنهن ڪري نئين صورتحال ۾ اسان کي بحيثيت قوم ۽ بحيثيت پارٽي پنهنجي حڪمت عملين کي نئين سر تشڪيل ڏيڻ گهرجي ۽ ان معاملي کي باقاعدي ايجنڊا ڪري کڻڻ گهرجي".

پر جيئن ته اهو معاملو مون اٿاريو هئو ۽ ٻيو ته ان تي ڏکي، گهري ۽ گهڻ طرفي بحث جي ضرورت هئي جيڪي ٻئي ڳالهيون چيئرمين صاحب جي پسند وٽان نه هيون، تنهن ڪري اهو معاملو اتي ئي رهيو. اُن مهل هن معاملي کي سنجيدگيءَ سان کڻجي ها ته ممڪن هئو ته ڪا اهڙي حڪمت عملي ٺهي سگهي ها (۽ جيڪڏهن جيئي سنڌ محاذ متحد رهي ها) ته اسان عالمي سياست جي ميدان جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڪا عزت پري جڳهه حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ها. افسوس ته ڪا به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حڪمت عملي نہ هجڻ ۾ جيئي سنڌ محاذ کي ٽوڙڻ جو نتيجو اهو ٿيو تہ ڪجھ عرصي کان پوءِ هڪ "ويڙهاڪ" (Militant) گروپ ۾ آريسر صاحب جي جماعت دنيا جي سڀ کان وڏي سامراجي طاقت امريڪا کي مدد لاءِ هڪ طرفيون اپيلون ۾ منٿون ڪندا رهيا.

جيئي سنڌ محاذ جي ہہ ساله مدي لاءِ نئين قيادت چونڊڻ واسطي قومي ڪانگريس 1995 جي شروع ۾ ٿيڻي هئي. هميشہ وانگر ان جون تياريون ڊسمبر 94 کان شروع ٿي ويون. مون سوچيو تہ آريسر کي پنهنجي سوچن مطابق حڪمت عمليون ٺاهڻ ۾ پارٽي هلائڻ لاءِ مڪمل موقعو ۽ کليل ميدان ڏيڻ خاطر هڪ ڊگهو عرصو مان سمورن عهدن کان پري رهيس. تڏهن بہ ڪي واضح حڪمت عمليون نہ ٺاهي سگهڻ ۾ جماعت ۾ ڊسيپلين قائم نہ ٿي سگهڻ جو الزام مون تي ئي لڳايو پئي ويو تنهن ڪري چو نہ اڳتي اچي پنهنجي نقطہ نگاہ کي جمهوري طريقي سان پارٽيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪجي. بقول اردو وارن جي "ہم پہ الزام ویسے بھی ہیں، ایسے بھی صحیح"

ان پس منظر ۾ مون جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي بيهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. منهنجي ان بلڪل بنيادي حق ۽ عام رواجي عمل کي آريسر صاحب پنهنجي مڪمل اختيار ۾ پابندين کان مٿانهين قيادت لاءِ چئلينج سمجهيو ۽ اهو عبدالواحد آريسر جنهن 16 سالن ۾ ڪڏهن ووٽ وٺڻ لاءِ ڪنهن کي چوڻ تہ پري جي ڳالھ سوچيو بہ نہ هوندو اهو باقاعدي مهم ڪري سڄي سنڌ ۾ لهي پيو جيئن ٽيڪ منهنجو بيهڻ سندس قيادت لاءِ ڪو چئلينج ڪونہ هئو. مان تہ جنرل سيڪريٽري لاءِ بيٺو هئس. مون تہ چيئرمنيءَ لاءِ ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هئو ۽ منهنجي ايمانداراڻي راءِ هئي (۽ اڃا آهي) تہ سيني خوبين خامين سان گڏ عبدالواحد آريسر اسان سيني مان چيئرمين جي عهدي لاءِ وڌيڪ موزون هئو. بس ايترو هئو تہ منهنجي اچڻ سان ادارن ۾ مختلف نقطہ نگاہ بابت بحث مباحثا ٿيڻ جو امڪان هئو. ان امڪان جو رستو بند ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آريسر آصف بالاديءَ کي جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ اميدوار نامزد ڪيو ۽ ان کي ساڻ ڪري ورڪ تي نڪري پيو. جواب ۾ مون بہ دوستن سان ملڻ لاءِ دورا شروع ڪيا. اهڙي طرح جيئي سنڌ محاذ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پئنلن جي صورت پيدا ٿي. اسان بهرحال پنهنجي پئنل ۾ چيئرمين عبدالواحد آريسر کي ئي رکيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بهرحال مون ان سڄي صورتحال کي مثبت نظر سان هڪ جمهوري عمل طور ڏٺو ٿي. انقلابي پارٽين جي لفظن ۾ اها پارٽيءَ جي اندرين جدوجهد هئي ۽ حقيقت اها آهي ته بحيثيت پارٽي ليڊر ۽ بحيثيت دوست جي آريسر صاحب جي عزت، اهميت ۽ احترام ۾ مون وٽ ذرو به گهٽائي ڪانه ٿي. ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته مقابلي واري صورتحال مون کي مزو ڏئي رهي هئي. مون کي پڪ جهڙي اميد هئي ته ان سان جمهوري عمل وڌندو ۽ پارٽي وڌيڪ مضبوط ٿيندي پر افسوس ته آريسر ان کي ذاتي (Personal) ڪري ورتو. ڪجهه ضلعن ۾ آصف بالاديءَ جي حق ۾ ورڪ ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ڪيس پنهنجي پسنديده اميدوار جي ڪاميابي يقيني نظر نه آئي ته دوستن/ميمبرن کي دڙڪو (Threat) ڏنائين ته "جيڪڏهن توهان مون کي چيئرمين چونڊيو ۽ آصف جنرل سيڪريٽريءَ تي هارايو ته مان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي ويندس." ان تي مون کي ضرور ڏک ٿيو. ٻين ڪجهه سينيئر ساٿين کي پڻ آريسر جهڙي ماڻهوءَ جي اهڙي رويي تي افسوس ٿيو.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# تاريخ ساز دور جي پڄاڻي

**قومي** ڪانگريس جون تياريون هلندڙ هيون ته سائين جي ايم سيد جي طبيعت خراب ٿي پيئي ۽ کيس جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ داخل ڪيو ويو. ڪجھ ڏينهن ۾ طبيعت وڌيڪ خراب ٿي ته اليڪشن ڪميٽيءَ جي سربراهه در محمد عالماڻي (سنڌي پورهيت سنگت جو صدر) دوستن جي صلاح سان اليڪشن ۽ ڪانگريس ملتوي ڪئي. ان کان سواءِ اسان سڀني جو سڄو ڌيان سائينءَ جي صحت ڏانهن رهيو. وقتي طور تي سموريون تنظيمي توڙي سياسي سرگرميون معطل ٿي ويون. اسان جو اڪثر وقت جناح اسپتال ۾ گذرڻ لڳو. ڪجھ دوستن جي واري واري سان 24 ڪلاڪن جي ڊيوٽي لڳندي هئي. جڏهن ته اسان سينيئر دوستن مان ڪو به هڪ رات جو اتي ترسندو هئو. مان به وقفي وقفي سان ٽي يا چار راتيون اتي رهيس. باقي ڏينهن جو ته اڪثر وقت اڪثر دوستن جو اسپتال ۾ يا ان جي آسپاس ۾ گذرندو هئو. جنهن وارڊ ۾ سائين داخل هئو ان جي ٻاهران ورانڊو بينڪ ٻڌجي ويو هئو جتي فراسيون وڇايل هونديون هيون ۽ هڪڙا ايندا هئا ته ٻيا ويندا هئا. ايتري تائين ته شيون وڪڻندڙ گهوڙا به اسان کي پري کان سڃاڻڻ لڳا.

ماڻهن جي رش ٿي سائين امير حيدر شاهه منجهند جي مانيءَ جو بندوبست به ڪيو جيڪا ڪيترا ڏينهن موجود ماڻهن کي ملندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ٻيو سائينءَ جو دوست يا همدرد به سائين امير حيدر شاهه جي اجازت سان ويلو ڪارائيندو هئو. هڪ ڏينهن هال ۾ ويٺا هئاسين ته هڪڙو اردو ڳالهائيندڙ واپاري آيو ۽ امير حيدر شاهه صاحب کي چوڻ لڳو ته "مون وٽ ڪجھ نوجوان آيا جن چيو ته چندو ڏيو جو سائين جي ايم سيد لاءِ اسپتال ۾ ايندڙ ماڻهن کي ماني ڪارائڻي آهي، ان جي توهان کان تصديق ڪرڻ آيو آهيان." سائين امير حيدر اهو ٻڌندي تپي باهه ٿي ويو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪاوڙ ۾ وڏي آواز سان چوڻ لڳو تہ "اسان اهڙا بہ ڪونہ ٿيا آهيون جو پنهنجي والد کان پڇڻ ايندڙن کي ماني نہ کارائي سگهون. اهي ڪير آهن جيڪي اسان جي ناليءَ تي چندا ڏنا وٺن." جيڪي نالا همراهہ ورتا اهي جيئي سنڌ جي نالي وارين پارٽين ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ پاڻ کي جي ايم سيد جو اقراري ۽ ٻين کي انڪاري سڏيندا هئا.

وقت گذرڻ سان سائينءَ جي طبعيت خراب ٿيندي ويئي. جناح اسپتال جي سينيئر ڊاڪٽرن (سنڌي توڙي مهاجر) وسان ڪونہ گهٽايو. اهي بہ پنهنجي گهر جي بزرگ وانگر سائينءَ جو خيال ڪندا هئا. ڪجهہ ڏينهن وينٽيليٽر (Ventilator) تي بہ رکيو ويو پر بهتري ڪانہ ٿي. نيٺ ڊاڪٽرن جي منهن مان بہ مايوسي ليئا پائڻ لڳي. هڪ ڏينهن شام جو سيد جلال محمود شاهہ جي سڏ تي ڊاڪٽر ضيا شاهہ مان، سيد غلام شاهہ ۽ بہ ٽي ٻيا دوست اسپتال جي پارڪ ۾ گڏجي ويناسين ۽ صلاح ڪئي تہ هاڻي وينٽيليٽر لاهڻ کان سواءِ ٻيو چارو ناهي. روزاني وانگر ان ڏينهن بہ مان رات جو دير سان گهر آيس. لائونج ۾ داخل ٿيڻ شرط منيره پڇيو تہ "بابا! سائينءَ جي طبعيت ڪيئن آ." مان ڪيس جواب ڏيڻ جي بجاءِ پنهنجي جذبن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. پوري طاقت استعمال ڪرڻ جي باوجود ڪوشش ڪامياب نہ ٿي سگهي. آهستي آهستي منهنجي اکين مان ڳوڙها ۽ ڇپن مان سڏڪا نڪرڻ لڳا جن جي آواز تي پر واري ڪمري مان گهر واري نڪري آئي. ٻنهي جي اڳيان مان صرف ايترو چئي سگهيس تہ "موت سان وڏي ويڙهہ ڪيائين". ان کان پوءِ منهنجا سڏڪا اوڇنگارن ۾ تبديل ٿي ويا جنهن تي ڊرائينگ روم ۾ ستل هوش محمد جاڳي پيو. گهر واريءَ وانگر ان بہ ڪو سوال ڪونہ ڪيو ڇاڪاڻ تہ انهن کي اهو جواب ملي چڪو هئو جيڪو انهن ٻڌڻ نہ پئي چاهيو ۽ پوءِ اسان جي گهر ۾ اهو ئي ماحول ٿي ويو جيڪو گهر جي وڏي جي صورت ۾ ٿيندو آهي، ان ڪري تہ سائينءَ جي پيار، پاٻوهہ، قرب ۽ شفقت جو پيالو رڳو مون ئي نہ پيتو هئو پر ان جا ڪجهہ ڍڪ منهنجي گهر ڀاتين بہ پريا هئا. ڪجهہ دير کان پوءِ مون منيره کي چيو تہ " سائينءَ جي عمر 92 سال هئي، اها بہ خبر آهي تہ جيڪو ڄائو آ سو مرندو ۽ اسان جي اکين آڏو ڪيترا سائينءَ کان گهٽ عمر وارا ماڻهون دنيا ڇڏي ويا پر الائي ڇو ائين محسوس ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئو تہ هي شخص اسان سان سدائين گڏ هوندو“.

وچ ۾ هڪ ڏينهن خاموش خاموش گذريو. ٻئي ڏينهن اُسر ويل اٽڪل سوا چئين وڳي ڪٽ جي سيرانديءَ کان رکيل ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. فون کنيم تہ ٻئي پاسي پيارو دوست ۽ سينيئر ساٿي عبدالمالڪ، جنهنجي ان رات اسپتال ۾ ڊيوٽي هئي، سو ڳالهائي رهيوهئو. هن جو آواز ٻڌڻ سان ئي مان سندس ان مهل فون ڪرڻ جو مقصد سمجهي ويس پر هُن بہ پنهنجو فرض پورو ڪيو ۽ زهر جهڙا ڪوڙا لفظ اچاريائين تہ ”سائين گذاري ويو.“ گهر ياتين کي ٻڌائي گهران نڪري 5 وڳي ڏاري جناح اسپتال جي وراندي ۾ پهتس جيڪو جڻ اسان جو گهر بڻجي ويو هئو. جيڪي دوست موجود هئا سي سڏڪن ۾ هئا. اندر ڪمري ۾ ويس تہ ڊاڪٽر ضيا شاهہ در جي پرسان فرش تي مٽي کي هٿ ڏيو ڳوڙها ڳاڙي رهيو هئو ۽ سامهون بيڊ تي اهو شخص خاموش ستو پيو هئو جيڪو زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ خاموش ڪونہ ٿيو جيڪو ڪڏهن ”ستو“ ڪونہ. سدائين جاڳندو ۽ جاڳائيندو رهيو. سدائين سجاڳيءَ جا سبق ڏيندو رهيو. هن تي محمد خان مجيديءَ جو اهو شعر بہ فٽ ٿئي ٿو تہ ”هو جاڳڻ وارو جاڳي پيو ٻيا ننڊون ڪن هو جاڳي پيو“ تہ لطيف جا اهي لفظ بہ هن تي سئو سيڪڙو پورا اچن ٿا تہ.

”جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويٺي،

وڃي پونءِ پيٺي سڪندي کي سڄڻين“

تہ وري ڪنهن يورپي ڏاهي جا چيل اهي لفظ بہ هن کي ڏسندي سچو سون ٿا لڳن تہ ”جيڪو ماڻهو سوچڻ ڇڏي ٿو ڏئي اهو پوڙهو آهي پوءِ ڀلي ويهن سالن جو هجي پر جيڪو ماڻهو سوچيندو رهي ٿو اهو جوان آهي پوءِ ڪٽي اهو اسي سالن کان مٿي هجي.“

اهڙي طرح 25 اپريل 1995 تي صبح جو 4 وڄي 5 منٽن تي سقراط جي سنت تي هلندڙ هن شخص، مارٽن لوٿر جي قافلي جي ماڻهونءَ ۽ مخدوم بلاول جي مريد دنيا کي خدا حافظ چيو. اسان کي پنهنجي فڪر سان زندگيءَ جو مقصد سمجهائيندڙ ۽ پنهنجي عمل سان زندگي گذارڻ جو ڍنگ سيکاريندڙ زندگيءَ کي الوداع ڪيو. ان سان ئي گڏ سنڌ جي تاريخ جو هڪڙو تاريخ ساز دور پورو ٿيو. ڪراچيءَ کان سن جي سفر دوران جيئي سنڌ محاذ جي قافلي جي اڳواٽي ڪندڙ وين تي لڳل بينر لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون لکيو تہ 'O Syed! Your thought is the ray of hope' (او سيد! تنهنجو فڪر اميد جو ڪرڻو آهي).

جيڪڏهن زندگي ۽ قلم، ٻنهي ساٿ ڏنو تہ پنهنجي زندگيءَ جي باقي احوال کي اتان اڳتي وڌائبو.

❋❋❋

SHER ALI CHANDIO

SINDH

CHANDIA GOTH QASIMABAD



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# منهنجو خاندان

## والده (فاطمه)

ماءُ جي لاءِ مان جيترو به گهڻو لکان اهو تورو ٿيندو ۽ جيترو به تورو لکان اهو ڪافي ٿيندو ڇو ته ماءُ ماءُ هوندي آهي. هر ماڻهوءَ جي ماءُ عظيم هوندي آهي. هر ماڻهون چوندو آهي ته منهنجي ماءُ جهڙي ماءُ دنيا ۾ ڪانهي ۽ اهو سچ چوندو آهي. مان پنهنجي ماءُ لاءِ جيڪي ڪجهه چوندس شايد اهو ورجاءُ هجي. منهنجا لکيل لفظ ڪنهن نه ڪنهن فرد ڪٿي نه ڪٿي لکيا يا چيا هوندا. پر پوءِ عبادت ته هوندي ئي ورجاءُ آهي. اڻ ڳڻل هستين جي عبادت ۾ به ته سڀ ماڻهون ساڳيا ئي لفظ ورجائيندا رهندا آهن.

اها منهنجي بدقسمتي رهي ته مختلف سببن جي ڪري مان گهڻو وقت امان کي ويجهو نه رهيس جو ان جي پيار ۽ پاهوه جو ڀرپور حس حاصل ڪري سگهان پر پوءِ به جيترو وقت مان ساڻس گڏ رهيس يا سندس پاسي ۾ رهيس ته نه رڳو مون سان ڳالهائڻ وقت پر ٻين ماڻهن خاص ڪري عورتن سان گفتگو ڪندي به هن جي ڌيان جو مکيه مرڪز مان هوندو هئس. منهنجي صحت، منهنجي تعليم، منهنجي شادي، منهنجي ٻين ماڻهن وٽ عزت ۽ سماج ۾ حيثيت، اهي سندس سوچ ۽ گفتگو جا اهم نقطا هوندا هئا.

هڪ ته مان ننڍي عمر ۾ ئي يعني ڇهين درجي کان وٺي تعليم جي خاطر گهڻو وقت گهر کان پري رهيس ۽ ٻيو اهو ئي انساني عظمت جو دشمن جاگيرداراڻو سماج جنهن ۾ عورت کي گهٽ اهميت ڏني ويندي آهي. جيتوڻيڪ منهنجو والد پرائمري استاد ۽ اسان جو گهر ڪافي حد تائين جاگيرداري قدرن کان آجو هئو پر پوءِ به چوڌاري چرندڙ پرندڙ زندگي جا اثر ته ضرور پون پيا. تنهن ڪري مان امان جي گهڻي قربت کان محروم رهيس. جيترو وقت ڳوٺ ۾ هوندو هئس ان مان به ڪافي وقت راند ۾ يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اوطاق جي ڪچهرين ۾ گذرندو هئو جنهن ڪري تمام ٿورو وقت گهر ۾ امان جي پاسي ۾ گذرندو هئو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ۽ تعليم حاصل ٿيندي رهي، نصابي ۽ غير نصابي، ۽ اجا وري سياسي تعليم خاص ڪري انقلابي سياست جي ڄاڻ ۽ ان سان ويجهڙائپ وڌڻ سان خبر پوندي ويئي ۽ احساس وڌندو ويو ته عورت جي سماج ۾ ۽ زندگيءَ ۾ اهميت ڇا آهي ۽ خاص ڪري ماءُ جي عظمت ڪيتري آهي. مان يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هئس ته ٽائيفائيڊ ڪري پوڻ سبب امان جي ڄنگهه ڀڄي پيئي. مان ڳوٺ ويس ته ڏاڍو تڪليف ۾ هئي. ڳوٺاڻي علاج مان فائدو ڪونه هو. پنهنجي مالي حالتن ڪري ڪراچي، حيدرآباد ڪنهن وڏي اسپتال جا خرچ اسان پري نه پيا سگهون. نتيجي ۾ مان هر وقت دعائون ڏيندڙ ماءُ کي دانهون ڪندي ڇڏي واپس ڄامشوري آيس پر سوچيندو رهيس. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندڙ ۽ قومي سوچ جي ڪري دوست ٽيل نور احمد راڄپر سان مشورو ڪيم. پوءِ ان جي صلاح سان امان کي ڄامشوري وٺي آيس ۽ ايل ايم سي مان سندس آپريشن ٿيو. امان جي ڄنگهه کي ڪجهه آرام مليو ۽ منهنجي روح کي ڪجهه راحت. ان ۾ نور احمد راڄپر جي وڏي مدد حاصل رهي جنهن لاءِ مان سڄي عمر سندس ٿورائتو رهندس. اها چوڻي به عالمگير سچ آهي ته انسان سڄي عمر ماءُ جي خدمت ڪري تڏهن به ان جي هڪ رات جي اوجاڳي جو قرض نٿو لاهي سگهي. بس ڪجهه ڪرڻ سان انسان پاڻ کي سڪون ۽ اطمينان ڏيندو آهي. مان سوچيندو هئس ته ڪجهه حالتن، ڪجهه سماج ۽ ڪجهه پنهنجي نااهليءَ جي ڪري امان جي گهڻي قربت حاصل ڪري نه سگهڻ جي احساس کي گهٽائڻ لاءِ پڙهائي پوري ڪري نوڪري ملڻ کان پوءِ سندس خدمت ڪندس. پر افسوس ته ان ئي نوڪريءَ جي تلاش ۾ مان ڪراچيءَ ويل هئس ته پويان امان وفات ڪري ويئي ۽ منهنجا ارمان اندر ۾ ئي رهجي ويا. ان وقت مون پنهنجو پاڻ سان ڪميٽمنٽ ڪئي ته هاڻي باقي زندگيءَ ۾ اولين ترجيح هميشه زنده رهندڙ سنڌ ماتا کي ڏيندس.

## والد محمد مبارڪ

ها، هتي مان ضرور چوندس ته منهنجو والد ٻين کان مختلف هئو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ وثوق سان چوندس تہ گھٽن کان بھتر ھئو. مون پڙھيو آ، ٻڌو آ ۽ ڏٺو آ تہ ڪيئن پيئرن جا پٽن سان جهيڙا ٿيندا آھن. ملڪيتن تي، رون تي ۽ مرضيءَ جا فيصلا ڪرڻ تي. منھنجي پنھنجي دوستن يا واقف ڪارن ۾ اهڙا مثال رهيا آهن جن ۾ يا اولاد کي والد کان شڪايتون هونديون يا والد اولاد بابت شڪايتون ڪندو رهندو. ايتري تائين تہ جسماني (Physical جهيڙن تائين ڳالھ وڃي پهچندي آهي. مون سان بابي ڪڏهن ڏاڍي آواز ۾ بہ ڪونہ ڳالهايو. ڪڏهن مون کي ڪونہ چيائين تہ "هي ڪم نہ ڪر" يا "هيئن چو توڪرين"

. بس جيڪي ڳالهيون درست سمجهندو هئو اهي عمل سان ڪري ڏيکاريندو هئو جيئن انگريزيءَ ۾ چوندا آهن تہ 'Lead by the example' ڇهين ڪلاس کان وٺي، جڏهن مان لاڙڪاڻي پڙهڻ ويس، نوڪريءَ تائين مون تي مڪمل اعتماد ۽ فيصلا ڪرڻ جي مڪمل آزادي ائين هر ڪو والد ڪٿي تو ڪري بابو پاڻ نواڻ پسند هئو ۽ مون کي بہ نين ڳالهين، نون خيالن تي اتساهيندو هئو جهڙوڪ رانديون کيڏڻ، مختلف رسالا پڙهڻ، فلمون ڏسڻ وغيره. سياست تي بہ اسان اڪثر ڪري ڪلئي نموني گفتگو ڪندا هئاسين. نہ رڳو سنڌ ۽ پاڪستان جي پر عالمي سياست پڻ. بنيادي خيال ۽ نظريا هڪجهڙا، سوشلسٽ، ڊيموڪريٽڪ، نيشنلسٽ ان ڪري گهڻو ڪري اسان جي گفتگو ۾ اتفاق هوندو هئو. پر ڪڏهن ڪڏهن اختلاف بہ ٿيندو هئو ۽ ان جو اظهار يا ان تي بحث اسان دوستن وانگر برابريءَ جي بنياد تي ڪندا هئاسين.

ان ڳالھ جي شعوري طور تہ مون کي گهڻو پوءِ خبر پئي تہ ٻار جي ڪامياب انسان بڻجڻ لاءِ ان جي عزت نفس ۽ احترام جو ڪيترو دخل آهي پر عملي طرح مون کي اها گهر ۾ شروع کان ئي حاصل هئي. اهو مان پڪ سان نٿو چئي سگهان تہ بابي اها ڳالھ ڪتابن ۾ پڙهي هئي يا پيدائشي ۽ فطري طور سندس طبعيت ۾ هئي. اهڙي طرح اها ڳالھ بہ مون ڪتابن ۾ گهڻو دير سان پڙهي تہ زندگيءَ کي ڪامياب ۽ آسان بڻائڻ لاءِ ضروري آهي تہ انسان پاڻ ئي پنھنجي لاءِ ڪي اصول مقرر ڪري ۽ پوءِ انهن تي پابنديءَ سان عمل ڪري بابي جي زندگي ان ڳالھ جو بہ عملي نمونو هئي. ڪائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ، ڪم ڪار، ڊيوٽي، ڏيتي ليتي ۽ ماڻهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سان لڳ لاڳاپا. انهن سيني ۾ سندس ڪجھ اصول هئا ۽ انهن تي سختيءَ سان عمل ڪندو هئو. خاندان، اوڙي پاڙي، ڄاڻ سڃاڻ وارن ماڻهن ۾ اها ڳالھ مشهور هئي تہ "استاد محمد مبارڪ پنهنجي ڳالھ جو پڪو آ". ڪجھ منفي سوچ وارا ماڻهون ان ڪي ضد جو نالو بہ ڏيندا هئا. زندگيءَ ۾ اصول تاهي انهن تي عمل ڪرڻ واري ورثي ۾ مليل نسخي تي مون بہ ڪافي حد تائين عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آ. نتيجي ۾ منهنجي لاءِ بہ پنهنجن پراون، دوستن دشمنن ۾ مثبت ۽ منفي ٻنهي قسمن جا رايا موجود آهن. اتي هڪ ڏاهي جا لفظ منهنجي آڏو اچن ٿا تہ "جيڪڏهن توهان جي مخالفت نٿي ٿئي تہ سمجهو توهان ڪجھ ڪونہ ٿا ڪريو." اهي پهاڪا ۽ چوڻيون تہ ننڍي هوندي ڪان ٻڌندا ايندا هئاسين تہ "سَوَڙَ آهر پير ڊگهيرجن" يا "اهو ڪجھ ڪجي جيڪو مينهن وسندي ڪم اچي". بابو انهن تي 99 سيڪڙو عمل ڪندو هئو. ان ڪان سڪندي مون بہ زندگيءَ ۾ انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آ جنهن ڪري زندگي ڪافي آسان ٿي پئي آ.

## گهرواري (ارباب)

زال مڙس وارو تعلق بہ عجيب ۽ دلچسپ آهي. زندگيءَ جو سڀ ڪان وڏيڪ وقت گڏ گذرڻ، زندگيءَ جا سمورا لاها چاڙها، ڏک سک، مثبت منفي مرحلا، نوان ۽ مشڪل چئلينج ۽ انساني زندگيءَ جو سڀ ڪان وڏو سرمايو اولاد، مشترڪ هجڻ جي باوجود سدائين ان تي سواليہ نشان. شادي اهڙو واقعو هوندو آهي جنهن تي شايد انسان کي سڀ ڪان وڏيڪ خوشي ٿيندي آهي، پر شايد زندگيءَ ۾ سڀ ڪان وڏيڪ شڪايتون بہ ان ئي تعلق جي حوالي سان هونديون آهن. اهوئي سبب آهي تہ دنيا جي سيني ٻولين ۾ ان تعلق جي حوالي سان بيشمار ٽوٽڪا، لطيفا، پهاڪا ۽ چوڻيون موجود آهن.

اسان جهڙي زرعي سماج ۾ اهو اجا وڏيڪ مشڪل بڻجيو وڃي. منهنجي ٿلهي ليکي مطابق 0.1 سيڪڙو اهڙا مثال هوندا جن جو اهو تعلق بهترين هوندو. 49.9 اهڙا هوندا آهن جن جا تعلقات انتهائي خراب هوندا آهن، جن ۾ هر وقت شڪايتون ۽ جهيڙا جهڳڙا هوندا آهن ۽ صورتحال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جسماني مار ڏاڙ تائين ۽ ڪڏهن تہ قتل تائين پهچيو ويندي آهي. اهو بہ زرعي/ جاگيرداري سماج جو اثر آهي تہ اهڙين حالتن ۾ بہ اهو تعلق جاري رکيو ويندو آهي، خاص ڪري عورتون خاموش رهنديون آهن. انڪري ٻاهرين دنيا سمجهندي آهي تہ مڙيئي خير آهي. 50.0 سيڪڙو جوڙا اهڙا تين ٽا جن ۾ واڌو ڪاٽو مثبت منفي، محبت نفرت وارا لاڙا ۽ خيال موجود هوندا آهن. هڪ ٻئي جون ڪجهہ ڳالهيون وڻندڙ ڪجهہ نہ وڻندڙ سوچڻ ۾ ويجهڙائپ ۽ ڏوري، معاملن ۾ اتفاق ۽ اختلاف موجود هوندو آهي. ٻنهي مان هر هڪ فرد جي رويي ۽ ڪردار ۾ سٺا ۽ معمولي پاسا هوندا آهن. مان پاڻ کي ان گروپ ۾ سمجهان ٿو.

منهنجي پيدائش ۽ پرورش زرعي سماج ۽ ٻهراڙيءَ واري ماحول ۾ ٿي جڏهن تہ اڳتي هلي شهري زندگيءَ سان واسطو پيو (يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ ۽ ڪراچيءَ ۾ رهڻ) ۽ جاگيرداري قدرن کي چئلينج ڪندڙ فڪر کان گهڻو متاثر ٿيس. اها صورتحال هڪ لحاظ کان ڏکيائيون پيدا ڪري ٿي. نہ مڪمل طور زرعي سماج جي قدرن مان جان آجي ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ماٺهون پوري طرح شهري زندگيءَ جي معيارن تي پورو لهي سگهي ٿو. ٻهراڙيءَ جا معيار ۽ ماپا پنهنجا آهن ۽ شهري سماج جون گهرجون ۽ تقاضائون پنهنجون. هڪ وقت ٻن رخن ۾ ڇڪيندڙ زندگيءَ سان نڀائڻ آسان ڪم نہ هوندو آهي. مان بہ اهڙي صورتحال کي منهن ڏيندو رهيس. يقني طور زال جي معاملي ۾ ۽ عمومي طور عورت جي حوالي سان شهري زندگيءَ جا قدر بهتر آهن ۽ جيڪي ماڻهون جاگيرداري قدرن کي سنڌ جون روايتون چئي ساراهيندا آهن مان انهن کي غلط سمجهندو ۽ چوندو آهيان. پر جيڪي ماڻهون مڪمل طور انهن معيارن مطابق زندگي گذارين ٿا اهي پنهنجو پاڻ ۾ مطمئن هوندا آهن. شايد اهڙي صورتحال لاءِ شاهہ لطيف چيو آهي تہ

"الا ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن".

سو مجموعي طور مان جڏهن گهر واريءَ سان لاڳاپن جو جائزو وٺان ٿو تہ اهو نظر اچي ٿو تہ انهن ۾ سُٺايون بہ آهن تہ گسايون بہ. انهن ۾ مثبت پاسا بہ آهن تہ منفي بہ. سڀ کان ڀهرين چڱي ڳالهہ تہ مون روايتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جاگيرداري قدرن مطابق عورت ۽ زال (جنهن جي حيثيت ۽ اهميت گهٽ هوندي آهي خاص ڪري فيصلا ڪرڻ وقت) واري تصور کي تبديل ڪري هڪ انسان ۽ گهر جي هڪ فرد واري حيثيت ڪي هٿي وٺرائي. مرد ۽ عورت جي حيثيت ۽ عزت هڪ جهڙي ۽ هڪ جيتري هجڻ وارو ماحول پيدا ڪيو. ان سان نه رڳو منهنجي گهر پر سڄي خاندان ۾ عورتن جي نه رڳو قدر ۾ اضافو ٿيو پر انهن ۾ پاڻ ۾ به اعتماد وڌيو. اسان جي خاندان ۾ نه رڳو برقعو عزت جي علامت هئو پر ان کي به پنهنجي گهٽتائي سمجهي ويندي هئي ته اسان جي عورتن جو آواز ٻاهريان ماڻهو ٻڌن. روايتن کي مقدس سمجهڻ واري روشن جي خلاف منهنجي جدوجهد جي نتيجي ۾ هاڻي اسان جي خاندان لاءِ برقعا ڊاهيندڙن جو ڪاروبار ختم ٿي چڪو آهي جڏهن ته اڪثر عورتون جيئي سنڌ محاذ ۽ سنڌي ناري تحريڪ/ سنڌ عورت تحريڪ جي پروگرامن ۾ به شريڪ ٿينديون آهن. ايتري تائين جو ڳوٺن ۾ راڳ رنگ صرف مردن جي مخصوص ميراث هوندو آهي. مون پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ ۾ لطيف جو ڏينهن ملهايو جنهن ۾ اوڙي پاڙي جا ماڻهو به شريڪ ٿيا. ان ۾ به هڪ پاسي مرد ويٺا هئا ۽ ٻئي پاسي عورتون. ظاهر آهي اهي سڀ ڳالهيون/ سهولتون بين عورتن تائين گهر واري ڪان پوءِ پهتيون.

جيئي سنڌ محاذ ۾ گهر وارين کي هڪ ٻئي سان ملائڻ جو رواج مون وڌو ۽ سيني وٽ پهرين مان پنهنجي گهر واريءَ کي وٺي ويس. جيڪي به منهنجا ويجها دوست هئا جن سان گهڻو وقت گذرندو هئو انهن سان مون گهريلو (Family) لاڳاپا قائم ڪرايا. ان جو هڪڙو نتيجو اهو به ٿيو ته منهنجي چڱين مَئين، سيني سرگرمين جي خبر گهر واريءَ کي پوندي رهي جنهن کي مون شعوري طور جاري رهڻ ڏنو ڇاڪاڻ ته منهنجو يقين آهي ته هر ماڻهوءَ ۾ خوبيون ۽ خاميون آهن. ڪو به اهم رشتو ناتو تڏهن هلي سگهندو جڏهن واسطيدار ماڻهو هڪ ٻئي کي خامين ۽ خوبين سميت قبول ڪندو. ان ڪري مان پاڻ ڪوشش ڪندو آهيان ته گهر ڀاتي، مٽ مائٽ، دوست يا ساٿي منهنجي شخصيت جي مثبت ۽ منفي سيني پاسن کان واقف هجن. ٻيو اهو ته ذري گهٽ اڌ صديءَ جي زندگيءَ ۾ مون ڪڏهن به گٿو لفظ نه ڳالهايو نه روايتي جهيڙو ڪيو. اڻ وڻندڙ ڳالهه تي خاموشي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اختيار ڪندو آهيان. اها ڳالهه ترقي يافته سماج ۾ ته شايد معمول هجي پر پٺتي پيل زرعي سماج ۾ ائين عام طور نه ٿيندو آهي.

خامين يا منفي پاسا ماڻهوءَ کي پاڙ کي گهٽ نظر ايندا آهن پر هڪڙي ته ڳالهه آهي ته سماجي ۽ گهريلو معاملن ۾ مون هُن کي وقت ٿورو ڏنو آهي جنهن جا وري زندگيءَ جي ٻين معاملن تي منفي اثر ٿين ٿا خاص ڪري خيالي ويجهڙائپ (Understanding) متاثر ٿئي ٿي. ٻيون به ڪيتريون خاميون ۽ ڪوتاهيون هونديون جيڪي هُن کي نظر اينديون ۽ محسوس ٿينديون هونديون. جيتوڻيڪ ماڻهن جي اڪثريت جو خيال ۽ چوڻ آهي ته اسان جي گهر جو ماحول اڪثريت گهراڻن جي ڀيٽ ۾ بهتر رهيو آهي پر بهرحال اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي کان شڪايتون رهيون جن مان ڪجهه حقيقي ۽ ڪجهه خيالي هونديون.

اها حقيقت آهي ته اسان سماج ۾ عورت کي جيڪو مان ۽ مرتبو ڏيارڻ ۽ ڏسڻ چاهيون ٿا مان اهڙو گهر واريءَ کي ڏيئي نه سگهيو آهيان پر اها به حقيقت آهي ته اهو ائين هڪدم حاصل به ڪونه ٿيندو اها هڪ ڊگهي جدوجهد آهي. جنهن ۾ مون ڪردار ضرور ادا ڪيو آهي، ان ڪان ڪوئي به انڪار ڪري نه سگهندو. باقي منهنجي ڪاتي ۾ جيڪي ڪوتاهيون ۽ قصور آهن انهن جي مان اڪيلائيءَ ۾ به معافي وٺي چڪو آهيان ۽ هن دستاويز ذريعي به (Public Apology) وٺي رهيو آهيان. ان سان گڏوگڏ مان اهو به ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته منهنجي گهر کان گهڻو وقت پري رهڻ ۽ پڙهيل نه هجڻ جي باوجود هن ٻارن جي جيڪا سنڀال ۽ تربيت ڪئي اها اڪثريت گهراڻن کان بهتر آهي، جنهن لاءِ مان سدائين سندس ٿورائتو رهندس.

## منيره (ڌيءُ)

اسان جي خاندان، اسان جي ڳوٺ ۽ اسان جي چوگرد ويجهڙائيءَ ۾ ڪا ڇوڪري پنج درجا به پڙهي نه سگهي هئي. منيره يونيورسٽي تائين پڙهي ويئي اها مان پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي اهم ڪاميابي ۽ فخر لائق ڳالهه سمجهان ٿو. ان سان بنيادي فرض به پورو ٿيو ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وچ ۾ فرق بہ ختم ٿيو ۽ روايتن کي ٽوڙڻ واري منهنجي مقصد (Goal) طرف بہ هڪ اهم قدم هئو. نہ صرف تعليم پر سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ لاءِ بہ کيس همٿايو. يقيني طور ان ۾ هن جي پنهنجي ارادي، همٿ ۽ محنت جو وڏو حصو آهي.

ڪجهہ ماڻهون چوندا آهن تہ مون پٽن جي ڀيٽ ۾ ڌيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. شعوري طور تہ مون ائين بلڪل بہ ناهي ڪيو باقي لاشعوري طور ڪٿي ڪو فرق ٿي سگهي ٿو. ٽارچ جي روشنيءَ ۾ ماضيءَ تي نظر وجهڻ سان مون کي بہ ٿورو محسوس ٿيندو آهي تہ شايد ويهي اٿويهيءَ جيترو فرق ٿي ويو آهي. بابي سائينءَ کان جيڪي سبق مون کي مليا انهن ۾ اولاد تي اعتماد ڪرڻ بہ هئو. مون بہ ان سلسلي کي اڳتي وڌايو. اولاد کي پنهنجي زندگيءَ جا رستا متعين ڪرڻ جو موقعو ڏنو ۽ انهن رستن تي ايندڙ ورن وڪڙن ۽ ڪڏن کامن کي پنهنجي طور پار ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. زرعي سماج ۾ نياڻيءَ لاءِ ائين ڪرڻ ڪجهہ مشڪل هوندو آهي پر پوءِ مشڪل معاملي ۾ بہ اصول تي قائم رهڻ ئي در اصل اصول تي هلڻ هوندو آهي. جيتوڻيڪ ان جو هڪڙو منفي پاسو بہ نڪتو پئي. سو اهو تہ مان اولاد جي معاملن کي اهميت نٿو ڏيان پر مجموعي طور مان مطمئن آهيان تہ مون منيره تي جيڪو اعتماد ڪيو ان جي هُن بہ مڪمل موٽ ڏني. اسان ٻئي ان ڳالهہ تي ڪافي خوشي ۽ اطمينان محسوس ڪري سگهون ٿا تہ اسان جيڪو رستو ٺاهيو ان تي هلندي اسان جي خاندان ۾ هاڻي ڇوڪريءَ جو پڙهڻ بہ ايترو ئي اهم ۽ ضروري سمجهيو وڃي ٿو جيترو ڇوڪرن جو. منيره کان ننڍي عمر جون سڀ ڇوڪريون پڙهيل آهن ۽ الاهي سارين غير ضروري پابندين کان نجات حاصل ڪري چڪيون آهن. منيره جي معاملي ۾ بہ منهنجي ڪوتاهي رهي تہ کيس وقت گهٽ ڏيئي سگهيس. پر پوءِ بہ مون پنهنجي زندگيءَ جي تجربن، مطالعي ۽ مشاهدي مان جيڪي ڪجهہ حاصل ڪيو اهو اٿندي ويهندي، هلندي گهمندي مون سندس حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مان ائين سمجهندو رهيو آهيان تہ مون پنهنجي ۽ اردگرد جي حالتن مطابق سندس بهتر تربيت ڪئي آهي. پر ڪن مرحلن تي مون محسوس ڪيو تہ تربيت ۾ مون کان ڪوتاهيون رهجي ويون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## هوش محمد (پٽ)

ڪجھ ڳالهيون جهڙوڪ وقت گهٽ ڏيڻ، زندگيءَ جي معاملن ۾ خود مختار ڇڏڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ جي حاصلات منتقل ڪرڻ وغيره اهي ئي منيره واريون ساڳيون آهن. پنهنجي زندگي ٺاهڻ ۾ هوش محمد وڏيڪ محنت ڪئي ۽ ڏکيائون ڏٺيون جن ۾ منهنجي ڪجھ مختلف ڪرڻ واري خواهش جي ڪري بہ واڌارو ٿيو. منهنجي راءِ آهي تہ ڪنهن بہ قوم جي ترقيءَ ۾ ڪاروباري طبقو اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. اسان جي قوم جو ڪاروباري حصو 1947 جي هاڃي جي نتيجي ۾ هليو ويو. هينئر نئين سر اهو طبقو اُسرڻ جي جستجو ڪري رهيو آهي. مون سوچيو تہ اسان بہ ان عمل ۾ حصيدار ٿيون. سو مون انٽرميڊيٽ ڪان پوءِ هوش محمد کي پنهنجي هڪڙي دوست وٽ ڇڏيو جيڪو ننڍو وڏو ڪاروبار ڪندو هئو جنهن ۾ منهنجو بہ حصو هئو. منهنجي سوچ هئي تہ اسان جي گهر جو هڪڙو ڀاتي سرڪاري نوڪريءَ جي سلسلي کي ٽوڙي. پر افسوس تہ اهو دوست منهنجي توقعات جي ابتڙ ثابت ٿيو. ان هوش محمد سان ملازم وانگر ورتاءُ رکيو. ڪيس همٿائڻ ۽ سيکارڻ بجاءِ طنزيہ تنقيد ڪندو رهيو. حقيقت اها هئي تہ هو ڪاروبار تہ ڪري رهيو هئو پر سوچ ۽ ڪردار جي حوالي سان اڃا جاگيرداري قدرن مان جان ڇڏائي نہ سگهيو هئو.

نتيجي طور منهنجي خواهش عملي صورت وٺي نہ سگهي ۽ هوش محمد جي زندگيءَ جو سال ضايع ٿي ويو. جنهن جو نہ رڳو مون کي افسوس ٿيندو آهي پر پاڻ کي ڏوهي بہ محسوس ڪندو آهيان. پوءِ هن پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي پسند جي سبجيڪٽ ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان ايم اي ڪئي ۽ پنهنجي محنت سان ٻہ دفعا پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ڪاليج ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. ذهانت جي لحاظ کان (Intellectually) هو اڪثريت کان اڳتي آهي. جيڪڏهن مان وڏيڪ وقت ۽ وسيلا ڏئي سگهان ها تہ آرام سان ڊاڪٽر / انجنيئر ٿي وڃي ها. پر جيئن انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي 'Blessing in disguise' يعني زحمت جي پويان رحمت، سو مان سمجهان ٿو تہ ائين صحيح ٿيو. انساني سماج جي سڌاري ۽ ترقي ۽ بهتري ۾ آرٽس جي سائنس کان ڪنهن بہ طرح اهميت گهٽ ناهي. سائنس سائنسدان پيدا ڪندي آهي جڏهن تہ آرٽس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ذريعي مفڪر ۽ مدبر پيدا ٿيندا آهن. سائنس انسان جي مادي زندگيءَ کي سولو بڻايو آهي جڏهن تہ آرٽس جو علم ذهني ۽ روحاني خوشحاليءَ جا رستا کولي ٿو.

منهنجي خواهش آهي ۽ مان اميد ڪريان ٿو تہ هوش محمد حاصل ڪيل علم کي رڳو نوڪري حاصل ڪرڻ ۽ پئسا ڪمائڻ تائين محدود نہ رکندو پر حاصل ڪيل علم ۾ اضافو ۽ چاڙهڻ ۾ واڌارو ڪندو. مون کي توقع آهي تہ اڄ هو ڪاليج جي ڪلاس روم ۾ ليڪچر ڏئي ٿو پر سڀاڻي اعليٰ ادارن جي هالن ۽ کليل ميدانن ۾ ليڪچر ڏيندو. منجهس ايتري صلاحيت آهي. علم جي مسئلن ۽ معلومات جي معاملن ۾ مان پاڻ ڪڏهن ڪڏهن هن کان مدد وٺندو آهيان. مان اهو بہ سمجهندو آهيان تہ منهنجا ڪتاب ۽ قلم گهٽ ۾ گهٽ هڪ نسل تائين تہ محفوظ رهندا.

اهو سڀ ڪجهہ هو ڪري سگهي ٿو پر ان لاءِ ڪيس روايتي سوچن ۽ محدود دائرن کان موڪلائڻو پوندو ۽ جاگيرداري/زرعي سماج جي قدرن ۽ اثرن کان نڪرڻو پوندو.

## فدا حسين (پٽ)

هر ماڻهوءَ کي پنهنجي شيءِ سٺي نظر ايندي آهي ۽ پنهنجو اولاد پيارو لڳندو آهي ۽ هو انهن جي تعريف ڪندو آهي. پر مون کي ويجهو رهندڙ ۽ چڱي طرح ڄاڻندڙ دوستن کي خبر آهي تہ مان پنهنجي شين کي ٻين جي نظر سان بہ ڏسندو آهيان ۽ پنهنجي ڳالهين کي انهن معيارن تي پرکيندو آهيان جيڪي معيار ٻين لاءِ رکندو آهيان ۽ جتي راءِ ڏيڻي هوندي آهي اتي دوستي ياريءِ، مِٽي مائٽي ۽ پنهنجي پرائي جو فرق ڪرڻ بغير پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندو آهيان.

مان بلڪل اعتماد سان چئي سگهان ٿو تہ فدا حسين جهڙو اولاد قدرت سڀ ڪنهن کي ڏئي ۽ جنهن کي حاصل ٿئي اهو يقيني طور خوش قسمت چئبو. سڀ کان پهرين تہ هو هڪ بهترين انسان آهي. دوست يار پاڙيسري واقف ڪار مٿانهين ۽ ماتحت (ملازم)، ڄاڻو اڻڄاڻو سڀني سان سندس ورتاءُ معياري ۽ مانائتو هوندو آهي. تہ پوءِ اهڙو انسان گهر ڀاتين لاءِ ڪيئن هوندو. پيار محبت، عزت احترام ۽ شفقت جو نمونو. شريف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنجيدو بردبار ۽ خاموش. هتان جو تفريق، بالادستي، ڪوڙ منافقي، ٺڳيءَ تي ٻڌل رياستي نظام ۽ جاگيرداري قدرن ۾ وڪوڙيل اسان جو سماج. ان ۾ هي همراه ڪجهه ضرورت کان وڌيڪ شريف ۽ ايماندار آهي. ٻاٽرن ۾ وڏو هجڻ جي باوجود گهريلو ۽ زندگي جي معاملن ۾ ڀيڻ جي راءِ کي اهميت ۽ اوليت ڏيندو. مان چئي سگهان ٿو تہ هو هڪ سٺو پٽ آهي، سٺو پيءُ آهي، سٺو دوست آهي، سٺو مائٽ آهي ۽ منهنجي لاءِ تہ پيءُ جي ڪمي بہ پوري ڪندڙ آهي.

قومي جدوجهد جو تمام وڏو ۽ ڏکيو ڪم پنهنجي ذمي ڪڻڻ (جيڪو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي وت وس کان وڏو محسوس ٿيندو آهي) جي ڪري مان گهر جون گهربل تقاضائون پوريون نہ ڪري سگهيو آهيان. مون سميت سڀني گهر ڀاتين تمام سادي زندگي گذاري آهي. ان جو مون کي ڪو فڪر ناهي رهيو باقي ايترو ضرور سمجهيو اٿم تہ اولاد کي گهٽ ۾ گهٽ مناسب تعليم لازمي ملڻ گهرجي جيڪا سنڌ جي يونيورسٽين تائين هجي ۽ جيڪا ڏکئي سکئي طريقي سان مان ڀين ڀارن کي ڏياري ويس پر افسوس تہ فدا کي اها بہ حاصل نہ ٿي سگهي. ان لاءِ مان پاڻ کي پنهنجي ضمير آڏو گناهگار ٿو سمجهان. سوچيان ٿو ۽ غور ڪريان ٿو تہ ائين ڇو ٿيو ۽ ڪيئن ٿي ويو تہ ڪو خاص ڪارڻ ۽ واضح سبب نظر ڪونہ ٿو اچي. بس منهنجي ڪوتاهي چئبي، غلطي يا نااهلي. بهر حال اهو اهڙو گناه آهي جنهن جو ڪو ازالو ڪونهي ۽ اهو اهڙو ذهن ضمير تي بار آهي. جيڪو لهڻ محال آهي ۽ شايد قبر تائين گڏ هلي. وري حيرت جي ڳالهہ تہ هي واحد ماڻهون آهي. جنهن ڪڏهن ڪا شڪايت ڪانہ ڪئي. نہ شڪايت ڪيائين نہ مون کي شڪايت جو موقعو ڏنائين.

اولاد جي حوالي سان ننڍيون وڏيون غلطيون، نامناسبيون يا انصافيون ٿيون هونديون پر منهنجي سوچ مطابق ڪا وڏي زيادتي ناهي ٿي (وڌيڪ اهي سمجهندا هوندا). ڪو اهڙو عمل نہ ڪيو جنهن سان انهن جي عزتِ نفس تي حرف اچي، ڪو گٿو يا نامناسب لفظ نہ ڳالهايو. گفتگو برابريءَ جي بنياد تي ڪئي البتہ هڪڙو دفعو انهن معيارن کان مختلف رهيو. گهر جي پڙهائي ڇڏي راند ڪرڻ هليا ويا، ان تي مون کين اوچتو اچي هڪ هڪ ڇهبڪ هنيو جنهن تي انهن دانهون ڪيون. وقت گذرندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويو پر مان ان واقعي کي وساري نہ سگهيس ۽ رکي رکي اهي دانهون ڪنن ۾ گونجنديون رهيون. آخر ٽيهن سالن جي تڪليف ڪانپوءِ مون انهن کان معافي ورتي جنهن کي پنهنجي زندگيءَ جي هِن گٿا ۾ بہ شامل ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

منهنجي پاسي جو جيستائين تعلق آهي تہ مون کي اولاد کان ڪا وڏي شڪايت ڪانهي، اهڙي جيڪا مون کي ياد رهجي ويئي هجي. جيڪڏهن بلڪل سادي، سولي ۽ عام فهم ڪسوٽي آڏو رکجي تہ سچي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪو مائٽ، پاڙي وارو دوست، واقفڪار يا اڻڄاڻ ماڻهو اها شڪايت کڻي مون وٽ نہ آيو تہ "تنهنجي اولاد اسان سان هي زيادتي ڪئي آهي يا فلاڻو غلط ڪم ڪيو آهي". مان سمجهان ٿو تہ اهڙي خوشقسمتي تمام ٿورن ماڻهن جي حصي ۾ ايندي آهي.

مجموعي طرح خاندان جي حوالي سان ڏسجي تہ والدين هجن، گهر واري يا اولاد، مان انهن کي وقت ۽ وسيلا ٻئي گهٽ ڏيئي سگهيس جنهن لاءِ افسوس بہ ٿيندو آهي پر ٻئي طرف اها تسلي بہ هوندي آهي تہ اهو وقت ۽ وسيلا مون پنهنجي ذات تي استعمال ناهن ڪيا. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "ڏکن جا شاهد ڦٽ هوندا آهن". مون جيڪا ۽ جهڙي زندگي گذاري آهي سا هڪ کليل ڪتاب آهي. ان کان ڪوبہ دوست يا دشمن انڪار نہ ڪندو تہ مون هر شيءِ، هر ڳالهہ، هر خواهش، هر عمل، هر تعلق کان وڌيڪ اهميت ۽ اوليت قومي مفاد ۽ اجتماعي جدوجهد کي ڏني آهي. ان جو سنڌ کي ۽ خاص ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ کي ڪيترو فائدو ٿيو آهي يا نہ اهو فيصلو ٻيا ماڻهون ڪندا، غير جانبدار مبصر ۽ تجزيي ڪار ڪندا ۽ تاريخ ڪندي.

قومي تحريڪ ۾ ڪهڙين قوتن سان مهاڏو رهيو آهي. انهن تي جيڪڏهن سرسري نظر وجهجي تہ هڪ طرف اژدها جهڙي پاڪستاني رياست، ٻئي طرف سنڌ جا پير، مير، وڏيرا ۽ جاگيردار، ٽئين پاسي مُلا ۽ مذهبي انتها پسند ۽ چوٿين ڌُر نسل پرست فاشسٽ. انهن کان علاوه مختلف نالن ۽ نعرن هيٺ ڪم ڪندڙ "قومپرست". اهي هڪ ٻئي لاءِ "چانديا مگسي" هوندا، هڪ ٻئي جون پارٽيون ٽوڙيندا، هڪ ٻئي تي سنگين ڏوهن ۾ ملوث هجڻ ۽ "ايجنٽ" هجڻ جهڙا الزام لڳائيندا، ڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهن کي "بزدل" تہ ڪي ڪنهن کي "جاهل" چوندا پر منهنجي مقابلي ۾ اهي سڀ هڪ هوندا. هڪڙا صفا "اُڇٽ مار قومپرست" چوندا تہ اهي پاڪستان کي مجين ئي ڪونہ ٿا سي وري انهن سان گڏ وينا هوندا جيڪي 1973 واري بدبودار ۽ بقول سائين جي ايم سيد قومن جي قاتل آئين مطابق صوبائي خودمختياريءَ جو مطالبو ٿا ڪن. ٻنهي ڌرين کي ان ۾ ڪا خرابي نظر نٿي اچي جڏهن تہ منهنجي ۽ منهنجي جماعت جي مخالفت تي اهي متفق آهن. ان ڪري تہ مان 1940 واري قرارداد مطابق "آزاد ۽ خود مختار" وحدتن جي بنياد تي سنڌي قوم لاءِ عالمگير حيثيت رکندڙ قومي حقِ خود ارادیت جي ڳالھ ٿو ڪريان. انهن سڀني جي اها مشترڪ خواهش ۽ ڪوشش رهي آهي تہ "خالق جوڻيجي کي قومي تحريڪ مان ختم ڪيو وڃي."

انهن سڀني قوتن کي منهن ڏيندي مون پاڻ کي ۽ پنهنجي پارٽيءَ کي سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ هڪ جدا ۽ مخصوص (روشن خيال, ترقي پسند, باشعور ۽ باڪردار) سڃاڻپ واري ڌر طور مڃرايو آهي تہ اهو ڪيئن ٿيو آهي؟ مان هيٺين طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهون جنهن جا وسيلا تمام محدود ۽ مختلف سببن جي ڪري ميڊيا جي اڪثريت جو بہ غيردوستاڻو رويو. سو اهو ڪجهہ پنهنجي ذهني ۽ جسماني محنت سان ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي. جيڪو وقت ۽ وسيلا مون گھر ڀاتين کان بچايا اهي هتي خرچ ڪيم ان جو اهو مطلب قطعي ناهي تہ مون ڪو اڪيلي سر ڪم ڪيو آهي. ايماندار ڪميٽيڊ ۽ محنتي ساٿين جي ساٿ کان سواءِ مان تہ ڪجهہ بہ ناهيان پر وسيلن جي لحاظ کان اهي مون کان بہ مسڪين آهن. انهن جو حصو بہ انهن جي ذهني ۽ جسماني صحت محنت ۽ وقت جي ورهاست آهي.

❋❋❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book